
1983
جڏهن سنڌ ۾ باهه ٻري
ايم آر ڊي جي ڪهاڻي
بدر ابڙو

1983

جڏهن سنڌ ۾ باهه ٻري

ايم آر ڊي جي ڪهاڻي

بدر ابڙو

ڪاڇو پبليڪيشن
ڪراچي. سنڌ

ڪتاب نمبر
40

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو	: جڏهن سنڌ ۾ باهه ٻري
ليکڪ	: بدر ابڙو
موضوع	: سياسي تاريخ
ڇاپو پهريون	: جنوري 2014ع
لي آئوٽ	: پيار گرافڪس
ٽائيٽل	: ڪپتان ابڙو
ڇپيندڙ	: ذڪي سنز پرنٽرز ڪراچي.
ڇپائيندڙ	: ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي

قيمت: 053 رپيا

Facebook.com/ kachhopublication
E-mail: kachhopublication12@gmail.com
ISBN: 978-969-9544-26-2

Jadahin Sindh Mein Baah Baree
By Badar Abro
Edition (First) January 2014
Layout by Piar Graphics
Printed by Zaki Sons Printers, Karachi.
Published by Kachho Publication, Karachi
Room # 20, 3rd Floor, Abid Chambers,
New Challi, Shahrah-e-Liaquat, Karachi.
O300-2879794

Price Rs. 350/-

اسٽاڪسٽ

ڪاٺياواڙ اسٽور، اردو بازار ڪراچي. ٿامس اينڊ ٿامس، ريگل چوڪ، صدر ڪراچي. پٺاڻي بُڪ هائوس، نزد اورنگزيب مسجد گاڏي کاتو حيدرآباد. ڪنگ پن بُڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد. ڪامريڊ بُڪ اسٽال، ڄامشورو ڦاٽڪ. اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ نوابشاهه. رابيل ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ لاڙڪاڻو. عزيز ڪتاب گهر، ٻئراج روڊ سکر. الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر. تهذيب نيوز اينڊ بُڪ هائوس، پنج گلو چوڪ خيرپورميرس. ممتاز ڪتاب گهر، ريلوي لائين دادو. گل ڪتاب گهر، نزد انڊس هوٽل، لکي در شڪارپور. مهراڻ ڪتاب گهر، اسٽيشن چوڪ، ميرپورخاص. هلال ڪتاب گهر اسٽيشن چوڪ، ميرپورخاص، سوجهرو ڪتاب گهر، غريب آباد، بدين. ناولٽي بُڪ سيلر، ميرپور ماٿيلو.

پبلشر پاران

سنڌ جي ويجهي ماضيءَ ۾ آمريت جي خلاف ۽ جمهوريت جي بحاليءَ جي لاءِ ايم آر ڊي (موومينٽ فار ريسٽوريشن آف ڊيموڪريسي) جي نالي ۾ سنڌ جي ماڻهن جي جيڪا شاندار تحريڪ هلائي هئي، اُن تي اڄ تائين گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي، پر سچ اِهو آهي تہ اِن تحريڪ تي سڀ کان پهريان سنڌ جي ناليواري صحافي ۽ محقق بدر ابڙي صاحب جامع انداز ۾ لکيو هو جنهن جون قسطون هڪ سنڌي اخبار روزاني برسات ۾ "جڏهن سنڌ ۾ پري" جي عنوان سان شايع ٿيون هيون.

بدر ابڙي صاحب جي اِن تحقيقي تاريخي ڪم کي پڙهندڙن ڪافي ساراهيو هيو پر اِهو ڪم ڪتابي صورت ۾ شايع نہ ٿي سگهيو هو. هينئر ڪاڇو پبليڪيشن ايم آر ڊي تحريڪ جي اِن ڪهاڻيءَ جو پهريون جلد شايع ڪري رهي آهي.

بدر ابڙي صاحب هيءَ ڪتاب 1980ع جي ڏهاڪي ۾ مشهور "چام ساتي ڪيس" ۾ قيد ۾ هئڻ دوران لکيو هو. هيءَ ڪتاب جيئن تہ ايم آر ڊي تحريڪ جي تاريخ آهي، تنهن ڪري تحريڪ ۾ شامل ڪردارن جا نالا اُهي ئي لکيل آهن، جيڪي اُن وقت ماڻهن ۾ سڃاتا ويندا ۽ رپورٽ ٿيندا هئا. اهڙي طرح ماڳن مڪانن توڙي واقعن جو ذڪر بہ اُن دور واري انداز ۾ ئي ڪيل آهي، تنهن ڪري هيءَ ڪتاب اُن دور جي هڪ حقيقي تصوير آهي، جيڪا اڄ، ان تحريڪ جي 21هين سال شايع ڪئي پئي وڃي.

ڪاڇو پبليڪيشن جي ڪوشش رهي آهي تہ پنهنجن پڙهندڙن کي اهڙن اهم موضوعن تي ڪتاب ڏنا وڃن، جيڪي اسانجي اجتماعي شعور کي پختو ڪرڻ سان گڏ اسان جي رهنمائي پڻ ڪري سگهن.

محمد علي ماجد

مارشل لا دور جا سياسي قيدي
”سکر سيئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾:“ بدر ابڙو

بدر ابڙو صاحب ڄام ساقي يا ڪميونسٽ ڪيس جو هڪ اهم جوابدار ڄاڻايل هو ڪيس 4 نومبر 1980ع تي ڪراچيءَ شهر جي يوسف چيمبر ۾ قائم سندس آفيس مان گرفتار ڪيو ويو هو. يوسف چيمبر ۾ سندس ايڪسپورٽ جي ننڍڙي ڪاروبار جي آفيس هوندي هئي.

بدر ابڙو صاحب جي پيدائش 19 ڊسمبر 1953ع تي سنڌ جي ان شهر ۾ ٿي، جنهن بابت اها چوڻي مشهور آهي تہ ”هجئي ناڻو تہ گهم لاڙڪاڻو.“ لاڙڪاڻي کي ساهہ سيباڻو چيو ويندو آهي. بدر ابڙي صاحب جو ڏاڏو علامہ علي خان ابڙو ممتاز تعليمي ماهر ٿي گذريو آهي، جنهن جو قرآن شريف جو ڪيل تفسير ڏاڍو اهم ليکجي ٿو ۽ جنهن جا ڪيترائي ايڊيشن شايع ٿي چڪا آهن. هنن جو اصل ڳوٺ ميهڙ پرسان ديهہ منگواڻي ۾ ”سانگي“ جي نالي سان سڃاتو. مون جڏهن بدر ابڙي صاحب کان سندس ڳوٺ جو نالو پڇيو تہ جن ٺهہ پهہ جواب ڏنو تہ ”سنڌ.“

بدر ابڙي صاحب جو سنڌ سان والهانہ عشق ۽ عقيدت آهي ۽ ان ئي عشق ۽ عقيدت ۾ هو وتندو آهي سنڌ جا جهر جهنگ، ماڳ ۽ مڪان، جبل ۽ ”، جهاڳيندو ـ هو چوٽيءَ جو محقق آهي. سندس تحقيق جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. هو سنڌ جي ممتاز ڪهاڻيڪار ۽ قانوندان جناب جمال ابڙي جو پيارو فرزند آهي. جمال ابڙو صاحب قانون جو ماهر هو ۽ اهائي مهارت کيس عدليہ ڏانهن وٺي وئي، هو شهداد ڪوٽ ۾ وڪيل ٿي رهيو. بعد ۾ سب جج ۽ ان کان پوءِ ترقي ڪري سيشنس جج جي عهدي تي پهتو. جج جي حيثيت سان هن ڪپري، شڪارپور، سجاول، ٺٽي الهيار، حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ خدمتون انجام ڏنيون.

جمال ابڙي صاحب جي ايمانداريءَ جا قصا اڄ بہ سنڌ جي جهر جهنگ ۾ مشهور آهن. پنهنجي والد جي مختلف هنڌن تي مقرريءَ سبب جناب بدر ابڙي جي تعليم بہ مختلف هنڌ تي ٿي. هو پرائمري تعليم جا 3 درجا خيرپور ۾ پڙهيو. ستين درجي ۾ هن جي داخلا حيدر آباد ۾ ٿي سنڌ جي اِن ئي علمي ۽

ادبي شهر مان هن مئترڪ جو امتحان بہ پاس ڪيو. بدر ابڙي صاحب جي وڌيڪ تعليم ڪراچي ۾ ٿي. هو اڄ بہ ڪراچيءَ جي روڊن رستن تي گهمندي ڪنهن نہ ڪنهن علمي ۽ ادبي ڪم ۾ جنبيل نظر ايندو آهي.

منهنجي ساڻس گهڻي نيازمندي آهي. ڪيس ڪاوڙ ٻنهہ نہ ايندي آهي ۽ ٻنهہ گهٽ ڳالهائڻ ۽ جامع ڳالهائڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندو آهي. هن نہ رڳو سنڌ جي سير، سفر ۽ تحقيق تي ڪتاب سرجيا آهن. پر هن پنهنجي جيل جي ڪهاڻي ۽ خاص طور ايم آر ڊي جي ڪهاڻي کي ٻنهہ جامع انداز ۾ لکيو آهي. هن جي ايم آر ڊي بابت لکيل ڪهاڻي هڪ سنڌي اخبار "برسات" ۾ "ايم آر ڊي جي ڪهاڻي - جڏهن سنڌ ۾ باهہ ٻريءَ" جي موضوع سان شايع ٿي چڪي آهي.

بدر ابڙي صاحب اها لکت ۽ پورهيو ايم آر ڊي جي تاريخ بابت هڪ بنيادي ماخذ جي حيثيت رکي ٿو تاريخ جو ڪو بہ شاگرد ايم آر ڊي جي ڪهاڻيءَ کي تيستائين سمجهي ۽ لکي ئي نٿو سگهي، جيستائين هو بدر ابڙي صاحب جي اها لکت نہ ٿو پڙهي. مون سنڌس ان لکت کي بار بار پڙهيو آهي ۽ ان کي مواد جي آڌار تي نہ رڳو ڪاوش دنيا مئگزين جي پڙهندڙن کي ايمانداريءَ سان ايم آر ڊي جي ڪهاڻي کان واقف ڪري رهيو آهيان، پر ڪي ٽي اين نيوز لاءِ پڻ هڪ دستاويزي فلم تيار ڪئي آهي. آئون ٻنهہ سچ ۽ ايمانداريءَ سان ان ڳالهہ جو هتي اعتراف ڪريان ٿو تہ جيڪڏهن بدر ابڙي صاحب جي ايم آر ڊي بابت اها ڪهاڻي لکت ۾ موجود نہ هجي ها تہ شايد آئون ان روح سان ايم آر ڊي تي لکي نہ سگهان ها. جنهن انداز ۾ اها لکت اوهان جي نظرن مان گذري رهي آهي.

بدر ابڙي صاحب کي جڏهن ڪراچيءَ مان گرفتار ڪيو ويو هو تڏهن کيس ابتدائي طور آرمي ڪئمپ ۾ رکيو ويو هو جتان پوءِ کيس آٽي منگهي پير جي ٿاڻي تي رکيو ويو هيو. هو ساندهہ 17 ڏينهن ان ٿاڻي ۾ اڪيلو بند رهيو هيو. جتي کيس پوليس ۽ فورسز جي روايتي "تفتيش" مان گذرڻو پيو هيو. بدر صاحب انهن ڏينهن جون يادگيريون سارينديءَ ٻڌائي ٿو تہ "هو انهن 17 ڏينهن ۾ ايترو تہ بيزار ۽ مايوس ٿيو هيو جو هُن مرڻ کي وڌيڪ ترجيح پئي ڏني - ۽ اها خواهش هن فورسز جي اهلڪارن آڏو بہ ظاهر ڪئي هئي تہ 'کيس گولي هڻي زندگيءَ جي قيد مان آزاد ڪيو وڃي.' " 17 ڏينهن جي ٽارچر ڪانپوءِ بدر ابڙي صاحب کي ريمانڊ لاءِ ڪراچيءَ ۾ هڪ جج آڏو پيش ڪيو ويو جتان کيس ڪراچي جي سينٽرل جيل منتقل ڪيو ويو. هو جيل جي سي ۽ بي ڪلاس ۾ رهيو.

هو جيل جي بي ڪلاس جي وارڊ 18 ۾ رهيو. جتي ٻيا قيدي بہ واڙيل هئا. گوڙ ۽ هل ڪان پري پچندڙ بدر ابڙي صاحب کي سندس ئي مطالبي تي بعد ۾ جيل جي وارڊ نمبر 17 ۾ اڪيلو قيد ڪيو ويو. بدر ابڙي صاحب جو والد محترم جمال ابڙو سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽري بہ رهيو هيو. هڪ لحاظ سان هيءَ خاندان مڃي مانيءَ وارو خاندان تصور ٿئي ٿو. ظاهر آهي تہ ان خاندان ۾ بدر ابڙي جي تربيت بہ نهايت نفيس انداز ۾ ٿي هوندي. جيڪڏهن تصور ڪجي تہ هڪ نازڪ نفيس نوجوان جڏهن ٽارچر سيل ۽ ان کان پوءِ جيل ۾ قيد ٿيو هوندو تہ ان جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي؟ جيل ۾ گهاريل قيد جي ڏينهن جي حوالي سان پڇيل سوال تي بدر ابڙو صاحب رڳو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي بيت جي هيءَ سٽ ئي ورجائي ٿو تہ. "سکر سيئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾!"

بدر ابڙو صاحب چوي ٿو تہ "هن ملڪ ۾ الزام بہ سرڪار هڻندي آهي ۽ ڦاسي بہ سرڪار ئي ڏيندي آهي. اسان (ڄام ساقي ڪيس جي اسيرن) پنهنجي ڪيس معرفت ايم آر ڊي جو اڏاڻل فيوز ٻيهر ڳنڍيو ۽ ان ئي ڪيس ۾ گهرايل شاهدن معرفت پاڻ کي بہ بيگناهہ ثابت ڪرايو. هو ٻڌائي ٿو تہ "جيل جي ڏينهن ئي مونکي اعتماد ۽ لکڻ پڙهڻ جو ڏانءُ ڏنو ۽ انهن ئي ڏينهن مون کي اهو گر بہ ڏنو تہ اڪيلي سِر زندگي ڪي ڪيئن گذارجي" بدر ابڙو صاحب سونهاري سنڌ جي نانءُ تان سدائين صدقي پيو ٿيندو آهي، هو چوي ٿو تہ "سنڌ ايتري تہ سهڻي آهي جو آئون اڄ تائين ان سنڌ جي سونهن کي لفظن ۾ بيان ڪري ناهيان سگهيو."

بدر صاحب جي لکڻ جو پنهنجو هڪ ڏانءُ آهي. هو بنهہ نرالي انداز سان تحريري صلاحيت رکندڙ آهي. جن ماڻهن سندس لکڻيون ناهن پڙهيون، تن کي ضرور سندس ڪتاب ۽ خاص طور ايم آر ڊي جي ڪهاڻي پڙهڻ گهرجي، تہ جيئن هو دلربا شخصيت رکندڙ هن انسان جي ذات، ڏانءُ ۽ ڌرتيءَ سان عشق ۽ عقيدت واري عمل کان واقف ٿي سگهن. منهنجي دعا آهي تہ شال بدر صاحب سدائين جڙيو ۽ خوش رهي، تہ جيئن هو پنهنجي پورهيي وسيلي سنڌ ۽ سنڌين جي خدمت ڪندو رهي.

فيض کوسو

ڪاوش دنيا، 25 نومبر 2012 تان ورتل

ايم آر ڊي: عوام جي تحريڪ
هنڌ اهو سڙي جتي باهه ٻري

منهنجي ذاتي راءِ آهي، ڪو قبول ڪري يا نه ڪري ته "اڳواڻي هميشه عوام ڪندو آهي پر سياسي اڳواڻ هميشه ان تاڙ ۾ هوندو آهي ته ڪنهن ريت پاڻ کي عوام جو اصل اڳواڻ قبول ڪرائي وٺي. پوءِ اهو ماڻهو عوام جو رُخ ڏسي اڳين قطارن ۾ بيهي نعرا هڻندو آهي." بئي پاسي سياسي شطرنج جون چالون نه سمجهندڙ خلق ان ماڻهوءَ کي اڳواڻ سمجهي اُن جي پٺيان هلندي آهي. ۽ هُو نقلي اڳواڻ خلق کي ٺڳي، ان عظيم عوامي طاقت کي ان پاسي وٺي ويندو آهي جتي خود هن جو ذاتي مفاد لڪل هوندو آهي.

سياسي اڳواڻ جدا شئي آهي ۽ سياسي ڪارڪن الڳ آئون سياسي ڪارڪن ۾ عوام جو روح ڏسندو آهيان. جيڪو سچائي ۽ خلوص سان ٽمٽار هوندو آهي. پر چاڪاڻ ته هُو ڪنهن شاطر کي پنهنجو اڳواڻ سمجهي ويٺو هوندو آهي، انڪري ان جي حڪم کي "پارٽي لائين" سمجهندو آهي ۽ ان تي عمل کي انقلابي ڊسيپلين جي تقاضا! ان ريت هُو عوام جا خواب پورا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ جان جي بازي هڻي ويندو آهي.

جڏهن ڀُٽي صاحب جي عوامي حڪومت ختم ٿي ۽ کيس ڦاسي ڏني وئي، تڏهن عام ماڻهن هن کي شهيد جو درجو ڏنو ۽ ايئن جنرل ضياءُ الحق کي ان قتل جو ذميوار قرار ڏنو. ڀُٽي صاحب کي ڦاسي ڏيڻ ڪو رواجي سياسي واقعو ڪونه هو. ماڻهو هن کي پنهنجو اڳواڻ مڃيندا هئا. هن جي تقريرن مان عوام سان پنهنجائپ جي خوشبو ايندي هئي. سنڌ جي گهر گهر ۾ سندس تصوير ٽنگيل هئي (جيڪا ڪنهن جي جبر سبب ڪونه هئي). اهڙو ماڻهو جڏهن ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو تڏهن ماڻهن هن کي "هيرو" قرار ڏيئي ڇڏيو ۽ دل ئي دل ۾ ضياءَ الحق کي قاتل نامزد ڪيائون. ۽ گڏوگڏ ضياءَ الحق سان لاڳاپيل هر شئي کي رد ڪري ڇڏيائون.

توهان ڀُٽي صاحب جا پنهنجي پارٽي ٺاهڻ جا ڏينهن ياد ڪريو. تڏهن وَن

يونٽ جي خلاف تحريڪ عروج تي هئي. ديوارن تي "ون يونٽ ٽوڙيو!" جا نعرا لکيل هوندا هئا. اها تحريڪ ڀُٽي صاحب کونـ هلائي هئي پر ايوبي مارشل لا جي خلاف سنڌي ماڻهن جي ويڙهـ هئي. يقيناً ان ۾ قوم پرست ۽ ترقي پسند ڌريون اڳڀري اڳڀري هيون پر ون يونٽ کو سوٽي ڏاڍو کونـ هو جو سَٽ ڏيڻ سان ٽٽي پوي!

ذهين ڀُٽو عوام جي مزاج، وقت جي نزاڪت ۽ سنڌن خواهشن کان واقف هو. هن پيپلز پارٽيءَ ۾ ان وقت جا مختلف عوامي ۽ جوشيلا ماڻهو کنيا. مُلڪ ۾ عوامي رابطي جا عوامي انداز ۾ طوفاني دورا ڪيا. ۽ نعرو هنيو تـ "ون يونٽ ٽوڙيو ويجي!" سياست جو اهڙو انداز اڳ ڪنهن بـ کونـ ڏنو هو. ڀُٽو صاحب ايوب خان کان باغي ٿي ميدان ۾ لٿو هو جيڪا معمولي ڳالهـ کونـ هئي. سنڌ جا ماڻهو مڙسن جو ساٿ ڏيندا آهن ۽ ڀُٽي صاحب وڏي جرئت جو مظاهرو ڪيو هو. لوهـ گرم هو. وقت اچي ويو هو. قوم پرستن جي ڊگهي مزاحمت ايوبي مارشل لا کي نامقبول ڪري ڇڏيو هو. ايئن قوم پرستن ۽ ترقي پسندن جي پڪل ديگ پيپلز پارٽيءَ جي حوالي ٿي.

ڀُٽي صاحب جي حڪومت ۾ سنڌي ماڻهو ڪراچيءَ ۾ ۽ نوڪرين ۾ نظر اچڻ لڳا. ڀٽي صاحب "ڪامورا شاهي ٽا!"، "جاگيرداري ٽا!"، "سرمائيداري ٽا!" وغيره جا نعرا ڏنا. ان تي عمل ڪيترو ٿيو؟ اها جدا ڳالهـ آهي. اسان تـ ان دور ۾ بـ ڪامريڊن ۽ قوم پرستن کي روپوش ڏٺو! ان هوندي بـ ڀُٽو صاحب عوام کي پيارو هو ۽ اڄ تائين آهي.

ڀٽي صاحب سياسي قيادت جو خال پريو هو سندس ڦاسيءَ سان وري خال پيدا ٿيو. ماڻهو مارشل لا کان بيزار هئا ۽ هنن جي نظر ۾ ڀٽي جهڙي قيادت ڪٽي بـ کونـ هئي. اهو ئي سبب هو جو اڳوڻيون سڀ روحاني ۽ سياسي گاديون بي اثر ٿي ويون ۽ سنڌي ماڻهن جي اڪثريت پيپلز پارٽيءَ ڏانهن خاص ڪري ڀُٽو ڪٽنب ڏانهن ڏسندي رهي.

هي فقط پيپلز پارٽيءَ جو پَس منظر نـ آهي، ان ۾ سڄي سنڌ جي وچولي، پورهيت ۽ هاري طبقي جي ڇُرپُر نظر اچي ٿي. جيڪا خاموش اڪثريت ترقي پسند ۽ قوم پرست پارٽين جي جوکم ڀري هلچل ۾ شامل ٿي نـ ٿي سگهي. اها پيپلز پارٽيءَ جي پليٽ فارم تي جمع ٿي وئي (بيشڪ! ان موقعي تي بيشمار موقعي پرست بـ شامل ٿي ويا).

ڀٽي صاحب جي قاسيءَ کان پوءِ خلق ڀاڻ کي نڌڻڪو محسوس ڪيو. ضياءُ الحق جي مارشل لا هڪ ڏکي ڪاري رات وانگر ڇانئجي وئي هئي. سياسي سرگرمين تي پابندي، نوڪرين تي پابندي، ٽريڊ يونين سرگرميون تاريپيڊو، ڳالهائڻ تي پابندي، اخبارن ۽ ڪتابن تي روڪ ٽوڪ. آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بينڪ جو معاشي دٻاءُ، سنڌين لاءِ سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ اوپرائپ ۽ دشمنيءَ وارو ماحول! عام ماڻهو بنهه عاجز اچي ويو هو. هنن مارشل لا جي ڄنڙي مان جند ڇڏائڻ لاءِ پنهنجن اڳواڻن تي وڏو دٻاءُ وڌو.

پر، پيپلز پارٽيءَ جي زوال ۽ ڀٽي صاحب جي قاسيءَ ۾ ذميوار ٻيون سياسي ڌريون جن کي ”نَو ستارا“ ۽ ”آءِ جي آءِ“ تي ڇپائون. ڀاڻ ۾ ڪيئن ٺهن؟ تلخيون زهر جهڙيون هيون پر ضياءُ الحق پنهنجن دوستن کي به مايوس ڪري وڌو هو. اهي اقتدار لاءِ وڏيڪ اُتاولا هئا پر منجهن تحريڪ هلائڻ جي سگهه بنهه ڪونه هئي.

نيٺ 1980 جي نومبر يا ڊسمبر مهينن کان ايم آر ڊي ٺاهڻ جو ڳالهيون شروع ٿيون ۽ قربتون ٿيڻ لڳيون. مسلم ليگ خواجه گروپ جو ملڪ قاسم گرفتار ٿي ڪراچي جيل ۾ آيو ۽ ڇپائين، ”مرد (MRD) مارچ ۾ مارچ ڪندو!“ پر سرڪار پنهنجي انداز سان ”مرد“ کي مارچ ۾ مارچ ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو.

پي آءِ اي جو هوائي جهاز هاءِ جيڪ ٿي ويو. رات وچ ۾ الذوالفقار جو نالو ٻڌوسون! جهاز ته برابر هاءِ جيڪ ٿيو پر آئون سمجهان ٿو ته سرڪار کي خبر هئي ته اهو ڪم ٿيڻ وارو آهي. پر ان کي روڪڻ بدران اغوا ٿيڻ ڏنو ويو جو ان جي اغوا ٿيڻ ۾ ئي سرڪار جو فائدو هو. ۽ پوءِ ان هاءِ جيڪنگ ۽ الذوالفقار جي نالي ۾ سڄي ملڪ خاص ڪري سنڌ ۾ وڙ ٻري ويا. سرڪار اڱڻ اورانگهڻ شروع ڪيا. ايم آر ڊيءَ جا اتحادي پيپلز پارٽيءَ کي اڪيلو ڇڏي پچي ويا ۽ سياسي طور برفاٽو دور ڇانئجي ويو. ايم آر ڊي ڪجهه به نه ڪري سگهي. ان دوران چام ساڻي ڪيس اسپيشل ملٽري ڪورٽ نمبر 5 ۾ شروع ٿيو. ان ڪيس ۾ ايم آر ڊي جي سيني اڳواڻن بينظير ڀٽو، ولي خان، غوث بخش بزنجو، معراج محمد خان، فتحياب علي خان، علامه شاهه محمد امروٽي ۽ ٻين ويهارو کن سياسي دانشور صاحبن کي بچاءَ جي شاهد طور گهرايو ويو. عدالت ۾ هنن جمهوريت جي حق ۾ ڳالهايو ۽ مارشل لا کي ناجائز قرار ڏنو. اهو سلسلو به مهينا کن هليو. اها سڄي رپورٽ ان وقت بي بي سي تان باقاعدي نشر ٿيندي هئي. انهن بيانن سياسي برف رِجائي ۽ ماحول ٻيهر گرم ٿيو.

سياست ۾ عجيب راند آهي. چار ساٿي ڪيس وارا پنهنجو دفاع سياسي انداز سان ڪري رهيا هئا. ايم آر ڊي وارا ٻاڻ کي ٻيهر ميڙي رهيا هئا ۽ سرڪار سڱوري پنهنجن آقائن کي اهو باور ڪرائڻ ۾ رڌل هئي ته. "ڏسو! جمهوريت جي ڳالهه ڪندڙ سڀ جا سڀ ڪميونسٽن جا حامي آهن."

نيٺ 1983 جو سال آيو. ماڻهن ۾ صبر باقي ڪونه هو. تحريڪ! تحريڪ! جا مطالبا پئي ٿيا. ٻيهرين آئيني معاملن تي وڪيلن گرفتاريون ڏنيون، پوءِ سياسي پارٽيون تحريڪ جا داڻرا طئه ڪرڻ ويٺيون. هن مهل تائين ماحول ايترو گرم ٿي چڪو هو جو آڙيڪاپ سياستدانن کي اندازو ٿي ويو ته جيڪڏهن تحريڪ هلي ته اها سندن هٿن مان نڪري ويندي، انڪري هنن "اڳواڻن جي گرفتارين سان جيل ڀريو تحريڪ" جو اعلان ڪيو.

اڳواڻن سان جيل ڀريو تحريڪ جي معنيٰ هئي "قيادت اندر ۽ تحريڪ غيرمنظم!" ان وقت سُجاڻ ماڻهن جيل ڀرڻ بدران جلسا ڪري غائب ٿيڻ ۽ ٻيهر ظاهر ٿي جلسا ڪرڻ جي حڪمت عملي وٺڻ جي صلاح ڏني. پر وڏن اڳواڻن کي پنهنجي سر تان بار لاهڻو هو. پوءِ ٿيو ٻه ايئن، جلد ئي قيادت جي ٻيهرين ۽ ٻي قطار اندر هلي وئي. ڪارڪن جوش ۾ ٻي لغام ٿي ويا ۽ پُر امن تحريڪ تشدد ڏانهن لڙي وئي. پر آئون سمجهان ٿو ته اهو تشدد عوامي حلقي مان نه آيو. سرڪاري ايجنسيون اهڙي هلت هليون جو ٽينڪون، هيليڪاپٽر، بڪتر بند ۽ گوليون هليون. عام ماڻهن يا ڪارڪنن وٽ ڇا هو؟ موت ۾ نقصان سراسر تحريڪ وارن جو ٿيو. اها صورتحال ليڊرشپ جي غلط حڪمت عمليءَ سبب پيدا ٿي. تحريڪ کان اڳ، تحريڪ جي دوران ۽ تحريڪ کان پوءِ ڳالهيون ٻه ڪبيون آهن. تحريڪ کي ٻي رخو ٿيڻ کان بچائڻو آهي پر ايئن ڪرڻ وارو ڪوبه اڳواڻ ميدان ۾ ڪونه هو. جيل ۾ بند قائدين سان سرڪار ڇا ڳالهايو؟ اڄ تائين خبر نه آهي. گهارو ريسٽ هائوس ۾ جن اڳواڻن کي ڳالهائڻ لاءِ وٺي ويا هئا، اهو ته ناٽڪ هو. اصل ڳالهيون غالبا جتوئي صاحب سان ٿيون هيون. جنهن کي ڪراچي جيل کان ٻاهر ريسٽ هائوس ۾ رکيو هئائون.

محروميءَ جي احساس جي انتها سنڌ ۾ هئي، ڇو ته سنڌ جو هو. "هنڌ اهو سڙي، جتي ٻاهه ٻري!" سياسي دٻاءَ ۾ ٻه سنڌ جون ڏريون ئي هيون انڪري جوالا

مُکي بہ هتي ڦاٿو! پنجاب ۽ سرحد جو عوام سنڌي يا اڱسڌيءَ طرح حڪومت ۾ هوندو آهي، جو ٻئي قومون هميشہ پاڳي پائيوار رهيون آهن.

هن تحريڪ ۾ سنڌ جون سڀ مستقل ڌريون شامل هيون (سواءِ پير صاحب پاڳاري جي جماعت ۽ قوم پرستن جي. ايم ڪيو ايم تہ اڃا ڄائي بہ ڪونہ هئي) ان ۾ سڀ کان اهم ڪردار پيپلز پارٽي، پليجي صاحب جي عوامي تحريڪ ۽ جمعيت علماءِ اسلام جو هو. تحريڪ ۾ شامل نہ ٿيڻ جو جنهن وٽ جيڪو بہ دليل هجي. تاريخ جو ريڪارڊ پنهنجي جاءِ تي اٽل آهي. ميان نوراني تہ تبليغ تي هليو ويو، باقي جماعت اسلامي تہ ميان طفيل جي صورت ۾ ضياءَ الحق سان گڏ هئي. نتيجو اهو نڪتو تہ اها تحريڪ جيڪا جمهوريت جي نالي ۾ هلي ۽ قوم پرستن نہ هلائي، اها فقط سنڌ تائين محدود رهجي وئي ۽ سنڌين جي قومي حقن لاءِ تحريڪ نظر اچڻ لڳي.

ان ڳالهہ جو اندازو وڏي سرڪار کي اڳ ئي هو. ان ڪري ڪنهن موقعي تي ايئن بہ ٻڌڻ ۾ آيو تہ هندستان سنڌو ديش ٺاهڻ لاءِ فوج موڪليندو. اهو شوشو ڪنهن بہ سياسي ڌر ڪونہ ڇڏيو هو. ملڪ ۾ غيباتي ادارا پنهنجو ڪم ڪندا آهن. هن تحريڪ ۾ تہ سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالهہ ڪندڙ ڪابہ ڌر ڪونہ هئي.

ايم آر ڊيءَ جو مقصد هو جمهوريت جي بحالي! پر جڏهن سڀ اڳواڻ جيلن ۾ هئيڪا ٿي ويهي رهيا تہ تحريڪ ڇڙوڇڙ ٿي وئي (منطقي طرح ايئن ٿيڻو ئي هو). تحريڪ دوران جڏهن رياستي ادارا تشدد تي لٿا تہ مڇريل ماڻهن بہ (ڪنهن حدتائين) ڪي پُر تشدد واقعا ڪيا هوندا. آئون سمجهان ٿو تہ اهو بہ غيباتي ادارن جو ڪم هو. ان وقت ماڻهن وٽ ڪهڙو بارود ۽ آٽوميٽڪ هٿيار هو؟ ان مهل تائين سنڌي ماڻهن جي ڪلاشنڪوف تائين پهچ ڪونہ هئي. اهو هٿيار معاشري ۾ هئوئي ڪونہ. اها ڊائڻ ڪنهن آندي؟ ۽ ڪيئن آئي؟ ان سوال تي باقاعدي انگن اکرن سان ڳالهائڻ جي ضرورت آهي. آئون سمجهان ٿو تہ تحريڪ کي ناڪام ڪرائڻ لاءِ ڪي هٿرادو واقعا ڪرايا ويا هوندا ۽ پوءِ دنيا کي ٻڌايو ويو تہ سنڌي ماڻهو تشدد ذريعي اها جنگ وڙهي رهيا آهن، جيڪا ڪنهن بہ ۽ ڪڏهن بہ ڪونہ ڪئي آهي.

ان کان پوءِ اسان 12 ربيع الاول جي مبارڪ ڏينهن جي حوالي سان غلام مصطفيٰ جتوئي جي اپيل ٻڌي تہ تحريڪ ختم ڪئي وڃي. جيستائين مون

ڪي ياد آهي تہ ماڻهن کان قانوني هٿيار جمع ڪرائڻ ۽ کين ٽڏو ڪرڻ ۾ مخدوم صاحبن جو حڪم بہ شامل هو. ايئن هيءَ تحريڪ نہ رڳو اهو تہ منظم ٿي نہ هئي. پاٽمرادي هئي پر ان کي منظم ٽيڻ جي رستي تي آندو ئي نہ ويو.

تحريڪ بهرحال ڪامياب ٿي ۽ محمد خان جوڻيجي واري سويلين حڪومت ٿهي ۽ پوءِ تسلسل ۾ جمهوريت بحال ٿي. پر هاڻي نظر اچي ٿو تہ خلق جو اڳواڻن ۽ تحريڪن تان ويساهہ ڪڇي ويو آهي. ڇو تہ جمهوريت جي بحاليءَ کان پوءِ بہ خدا جي خلق انهن فائدن کان محروم رهي جيڪي کين ملڻ ڪپندا هئا. ڪابہ عوامي تحريڪ خدا جي خلق جي ڀلائيءَ لاءِ هلائي ويندي آهي، ڪنهن ٽولي کي اقتدار ڏيارڻ لاءِ نہ!

انفيئر مئگزين، 16 سيپٽمبر 2005 تان ورتل

ايم آر ڊيءَ جي ڪهاڻي فقط ۱۴ آگسٽ ۱۹۸۳ع کان وٺي ساڳئي سال جي ۱۲ ربيع الاول تائين جي ڪهاڻي نہ آهي، جيئن عام طور سمجهيو وڃي ٿو. ظاهري طور تي اها تحريڪ فقط چئن مهينن ۾ پنيٽ وانگر سنڌ جي وجود کي وڪوڙڻ کان پوءِ وسامي رک ٿي وئي، پر ائين ناهي. تانڊا اڳ بہ دکي رهيا هئا ۽ پوءِ بہ دکندا رهيا. اڄ بہ رک جي هيٺان اهي تانڊا موجود آهن. بلڪل ان صوفياڻي ڪلام وانگر جيئن پنڻاٽي خان ڳاتو آهي:

دکـان دي روٽـي، سُـولان دا سـالن، آهـان دا بـالن بـال
دونهـان ڏکـي ميـڏي مرشـدوا .... جـان قـولان تـان راڪـا
مـــاتڙي مـــين ڪينـــون آڪـــان درد وڇـــوڙي دا

سنڌي ماڻهن جي دلين ۽ دماغ ۾ ڏک تانڊن وانگر دکندا رهندا آهن. جڏهن هوا تکي لڳندي آهي تڏهن رک اڏامي ويندي آهي ۽ سياسي منظر پنهنجي پس منظر سبب اُلا ڪيڻ لڳندو آهي. سنڌ جي ماڻهن جي دلين تي ڪنهن، ڪڏهن بہ سک جو چنڊو وڌو ئي ناهي تہ پوءِ تانڊا ڪيئن اجهامندا؟ ڏکن جي آلي ڪاٺي اندر ئي اندر ۾ ٻرندي رهندي آهي. سنڌ، صدين کان اندر ئي اندر ۾ پچرندي پئي اچي، انڪري هتي بار بار سياسي جوالا مکي ڦاٽي ٿو.

سال ۱۹۸۱ع جي جنوري مهيني جي ڳالهہ آهي جڏهن جيل جي ديوارن جي هن پار کان، آزاد دنيا مان پڙاڏا اٿيا تہ ملڪ جي ساڄي ۽ کاٻي ڌر فوجي حڪومت جو طوق لاهي ڦٽو ڪرڻ لاءِ ڪنهن پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيون. ڇا پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ قومي اتحاد جون ڪجهہ پارٽيون پاڻ ۾ اتحاد ڪري سگهن ٿيون؟ ان وقت اهو سوال عام مخلص سياسي قيدين کي ڏاڍو بيچين ڪري رهيو هو.

ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت کان پوءِ جو منظر نامو

۱۲ جنوريءَ تي ڪراچي سينٽرل جيل جي دروازي هڪ پيرو پيهر واڳونءَ جهڙو وات پٽيو ۽ هڪ ماڻهو ديوارن ۾ اندر واڙجي ويو. سنهڙو

سُڪي ڪَد معمول ڪان ٿورو مٿي، پر اميد ۽ محتاط هيءُ ملڪ قاسم هو لاهور جو وڪيل. ساڪ وچايل مسلم ليگ جو هڪ گم ٿي ويل اڳواڻ. جنهن جي اڳواڻي بيهر چمڪي اٿي هئي، هو ڏاڍو خوش نظر اچي رهيو هو. ملڪ قاسم ڪهڙو احوال ڪيو؟ ان تي پوءِ ٿا اچون. پهرين سال ١٩٨٠ع جو نوحو پڙهي وٺون. جنرل ضياءُ سياست ڪندڙ هر ماڻهوءَ جو جيئڻ حرام ڪري چڪو هو. ماڻهن جون زبانون بند، قلم تي زنجير ۽ جمهوريت لاءِ سڏيندڙ ماڻهن لاءِ سُڏڪندڙ موت جو راڪاس گهٽين ۾ گهمي رهيو هو. ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاسيءَ کي ٻه سال ٻه ڪونه ٿيا هئا. ڪامريڊ نذير عباسي ٩ آگسٽ ١٩٨٠ع يا شايد ان ڪان ٻه هڪ رات اڳ ڪنهن گمنام فوجي اذيت گهر ۾ آخري هڏڪي ڏيئي چڪو هو. هيءُ اهو نذير عباسي هو جنهن ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت ڪان پوءِ مس بينظير ڀٽو ڏانهن ٧٠ ڪلفٽن ۾ تعزيتي پيغام سان گڏ نياپو موڪليو هو ته "اهي ماڻهو شهيد ڀٽي وانگر توکي، مون کي ۽ ٻيو ڪنهن کي ٻه ڪونه ڇڏيندا. ان ڪري بهتر آهي ته جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند ڌريون هڪٻئي کي ويجهيون اچن". نذير عباسيءَ پنهنجي تنظيم پاران غير مشروط ساٿ جو اعلان ڪيو هو. هن اهو نياپو چند دوستن هٿ ان ڪري موڪليو هو جو پاڻ روپوش هو ۽ ايجنسيون سندس ڳولا ۾ هنڌ هنڌ ڇاپا هڻي رهيون هيون.

انهن ڏينهن ۾ انساني آزادين يا ڪنهن انقلاب لاءِ نڪتل پمفليٽ، سياسي ڪارڪنن لاءِ موت جا وارنٽ بڻجي چڪا هئا. سنڌ جا قوم پرست ۽ ترقي پسند قيد جي سيخن ۾ هٿ وجهي وقت جي رفتار جو مطالعو ڪري رهيا هئا ۽ گهڻا انڊر گرائونڊ هئا.

ان وقت ڪراچي جيل ۾ "بس ڪيس" وارا سياسي قيدي اڪيلا ڪونه هئا. جن ڪجهه عرصو اڳ ڏاڍي بيدردي ۽ ابهرائيءَ سان هڪ بس جامع ڪلاٿ وٽ ساڙي هئي، ان واقعي ۾ ڪي ماڻهو ٻه سڙي مري ويا هئا. ڀلي ته بس ڪيس وارا ان واقعي کان انڪار ڪن، ته هنن اهو ڪڏو ڪم نه ڪيو هو. پر ضمير اڄ ٻه سندن اندر وڍيندو هوندو. هنن بس کي باهه ڏني هئي. اهو سچ آهي ته هنن مسافرن کي مارڻ ڪونه ٿي چاهيو پر مسافر باهه ۾

وڪوڙجي ويا هئا. مٿن اکين ڏٺا شاهد هئا. ڪيس، خاص فوجي عدالت ۾ هلي رهيو هو. انهن قيدين ۾ راشد رباني، رفيق ميمڻ، فريد انصاري، اشفاق بلوچ، سليم انصاري، شاهد رعنا، سليم مغل، احسان شيرپاؤ ۽ محسن رضا هئا. مسرور حسن "مفرور" هو. "بس ڪيس" جي هنن ملزمن مان اڄ ڪي زبردست "جيالا" آهن. هتي اها وضاحت ضروري آهي ته بس ڪيس واقعي ۾ هي سڀ "نوجوان" شامل ڪونه هئا. ڪي ڦاسايا به ويا هئا ڇاڪاڻ ته ڪابه گرفتاري موقعي تي ڪونه ٿي هئي.

جيل ۾ سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جا به ڪارڪن هئا. ڪين ڊرگ ڪالونيءَ جي ڪنهن گهر مان ڇاپو هڻي جهليو ويو هو. وٽانئن پمفليٽ نڪتا هئا ۽ هو سرسري فوجي عدالت مان هڪ هڪ سال قيد ۽ ١٠ — ١٠ ڦٽڪن جا تحفا وٺي آيا هئا. لانڍي ۾ سينٽرل جيل ۾ نذير عباسي يا ڄام ساقي ڪيس وارو گروپ به هو جن کي ان وقت جي تاريخ ۾ سڀ کان خوفناڪ سياسي قيدي تصور ڪيو ٿي ويو.

انساني حقن ۽ عدالتن جي آزادي پوريءَ طرح معطل هئي. مون کي ياد آهي ته سياسي قيدي جڏهن جمهوريت ۽ اظهار جي آزاديءَ جا نعرا هڻندا هئا. تڏهن سنڌن هڪ نعرو "هاءِ ڪورٽ کي آزاد ڪريو!" به هو. صرف سنڌ ئي هئي جتي هاءِ ڪورٽ جا هٿ وڍيل هئا. باقي ٽنهي صوبن ۾ قلم ١٩٩ هيٺ مارشل لا جي قيدين جون پٽيشنون ٿي رهيون هيون.

اهو واقعو پهريون ۽ شايد آخري ڀيرو ١٧ ڊسمبر ١٩٨٠ع تي ٿيو جڏهن سنڌ هاءِ ڪورٽ مرسي ڊيڪاري ۽ فوجي عدالت هٿان ڦاسيءَ جي سزا ٻڌي آيل هڪ شخص محمد آچر جي بليڪ وارنٽ تي عمل روڪائي ڇڏيو. محمد آچر جو ڪيس شروع ۾ سول ڪورٽ ۾ هليو هو پر پوءِ فوجي عدالت اهو ڪيس پاڻ ڏانهن ان ڪري ڇڪائي ورتو هو جو ان ڪيس ۾ مقتول هڪ رٽائرڊ فوجي هو. محمد آچر جو اڳتي هلي ڇا ٿيو؟ ان جا تفصيل رفيق صفي ٻڌائي سگهندو جيڪو انهن ڏينهن ۾ چوڏهن سالن جي سزا ڀوڳي رهيو هو ۽ محمد آچر جي بچاءَ لاءِ رحم جي درخواست جيل مان تيار ڪرائي هاءِ ڪورٽ اماڻي هئائين.

بلوچستان ۾ مارشل لا وارن جي ويڙهه ائين آهي جيئن گجهون ڪنهن زخمي ۽ ٿڪل چيتي تي حملا ڪنديون هجن. ١٩ يا ٢٠ ڊسمبر ١٩٨٠ع تي ڪراچي سينٽرل جيل ۾ پنج بلوچ نوجوان داخل ٿيا. سندن تعلق بلوچ اسٽوڊنٽس آرگنائزيشن سان هو. هو ڪراچيءَ ۾ هڪ مظاهري دوران گرفتار ٿيا هئا. مظاهرو حميد بلوچ کي مارشل لا ڪورٽ کان مليل سزا کان بچائڻ جي ڪوشش هئي پر حميد بلوچ کي موت جي سزا. انساني حقن جي پيچڪڙي سان سڌيءَ طرح ڳنڍيجي وئي آهي. آئين ۽ مارشل لا پاڻ ۾ ائين وڙهي رهيا هئا جيئن ٻي هٿيار عوام ۽ هٿيار بند جنرل دويدو هجن. هڪ هفتو اڳ بي بي سي تان ٻڌايو ويو هو ته بلوچستان هاءِ ڪورٽ حميد بلوچ جي ڦاسيءَ خلاف stay آرڊر جاري ڪري ڇڏيا هئا. بلوچ ماڻهو ان مزاحمت ۾ به مصروف هئا ته سندن قوم جي فردن کي ياڙيتو فوجي بنائڻ لاءِ سلطنت اومان لاءِ ڀرتي ٿيڻ کان روڪيو وڃي. حميد بلوچ احتجاج ۾ بندوق کڻي هئي پرّ جڏهن بندوق هلي ته هڪ انسان مري پيو جيڪو پڻ هڪ عام بلوچ هو اها ئي ڳالهه آهي ته حميد بلوچ اها گولي ڪنهن ڪرنل تي نشانو ٻڌيءِ ڇوڙي هئي.

اڄ به پاڪستان جون سڀ قومون ايئن محسوس ڪري رهيون آهن ڄڻ ان شجي وڻ کي رات وچ ۾ چارين سان وڪوڙي ڇڏيو ويو آهي، جنهن تي پوليندڙ پکين جا آکيرا آهن. هاڻي پکي اڏامي نٿا سگهن ۽ ان چار مان نڪرڻ لاءِ ڦٿڪي رهيا آهن. سندن لاتيون رڙين ۽ چيخن ۾ بدلجي ويون آهن پر اهو چار هڪ رات ۾ ڪونه اچلايو ويو آهي، اهو عمل جڳن کان جاري آهي. پر هاڻي سوڙهه جو احساس هڪ پيرو پيهر وڌي ويو هو.

ڊسمبر ١٩٨١ع تائين ماحول ۾ ڊنل مات هئي ۽ سوچيندڙ ذهن دڪيلءِ گهري سوچ ۾ ٻڏل هئا. ان ڀيانڪ خوف واري ماحول ۾ به ڪي ماڻهو هئا جن مارشل لا جي قوت کي چئلينج ڪيو ۽ پاڪستان جي اونداهي دور (dark ages) ۾ ڏيئن وانگر وڙهندا ۽ وسامندا رهيا. مارشل لا جي جواز کي سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪرڻ جي هڪ ڪوشش راؤ رشيد به ڪئي، جنهن جي ٻڌڻي ٢٠ ڊسمبر تي رکي وئي. ان نوعيت جون اڳ به ٽي چار

اپيلون داخل ٿيڻ کان پوءِ خارج ٿي چڪيون هيون. بي بي سيءَ هن تازي اپيل کي نيڪ ناڪ ڪوريج ڏني.

اپيل ۾ شايد گرائونڊ مضبوط هئا يا شايد حڪومت بار بار ان قسم جي اپيلن ۽ بي بي سيءَ جي "چڙواڳ" تبصرن کان ڪڪ ٿي چڪي هئي، تنهنڪري اڳتي هلي حڪومت هڪ دفاعي وار ڪيو. مارشل لا جو وار يا تہ هٿيار بند هوندو آهي يا وري ڪو آرڊيننس. نتيجي ۾ سپريم ڪورٽ جي چيف جج ۽ ٻين ١٢ ججن استعيفائون ڏيئي ڇڏيون.

ملڪ ۾ هڪ سياسي ماحول جڙي رهيو هو. هڪ اهڙو ماحول تيار ٿي رهيو هو. جيئن ڪنهن طوفاني مينهن کان اڳ ماڪوڙين جي پيچ ڊڪ نظر ايندي آهي. هر ڪنهن جي زبان تي صرف ايترو هو تہ "ڪو سياسي اتحاد جڙي رهيو آهي. هاڻي اها اٽتر ضرورت آهي، اهو هر قيمت تي ٺهڻ گهرجي!"

ترقي پسند ڌريون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي عوامي قوت کان واقف هيون ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي تنظيم ناهڻ جي قابل هئي. پاڪستان پيپلز پارٽي هر هڪ پارٽيءَ کان تهيل هئي. قومي اتحاد وارين پارٽين کان خوف تہ ماضيءَ جي تجربي سبب فطري ڳالهہ هئي پر پ.پ.پ ڪنهن بہ ترقي پسند ۽ قوم پرست پارٽيءَ سان گڏ ويهڻ کان بہ ڊنل هئي تہ متان وفاق ۾ ويٺل اصل حڪمران مٿس روس ۽ ڀارت جي ايجنٽ هئڻ ۽ وفاق دشمنيءَ جو ٺپو نہ هڻن! منهنجو ذاتي خيال اهي تہ بينظير پنهنجو ترقي پسندن کان خائف هوندي بہ انهن کي ويجهي هئي، پر هوءَ ايم. آر. ڊيءَ ۾ انهن سان فقط ان صورت ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جو سوچي سگهي جڏهن ماضي واري قومي اتحاد جي وڏي اڪثريت بہ ايم. آر. ڊي ۾ شامل ٿي.

ايم. آر. ڊي ۾ ملڪ جون سڀ اهم سياسي پارٽيون شامل ٿي رهيون هيون، ٻئي پاسي حڪومت وٽ فقط فوج ۽ ڪجهہ پگهاردار سياستدانن جي ٽيم هئي. ان ڪري جمهوريت ۽ فوج جو پاڪستان ۾ وڏو ٽڪراءُ ٿيڻ جو خوف اڀري رهيو هو. وقت کي فيصلو ڪرڻو هو تہ طاقت عوام وٽ آهي يا فوج وٽ!

اتحاد جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ هر ڏر حالتون توري تکي ڏسندي رهي. ترقي پسندن وانگر سڄي ساري ساڄي ڌر ۽ اعتدال پسندن جون نظرون بہ پ.پ.پ جي عوامي قوت ۾ هيون. انهن مان شايد ڪنهن کي بہ ڀٽي خاندان سان دلچسپي نہ هئي پر اها سڀني کي خبر هئي تہ عوام ذوالفقار علي ڀٽي جو پيوت ٻڌجي چڪو آهي جيڪو فقط بيگم نصرت ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو جي حڪم تي هلي ٿو.

قومي اتحاد واري تحريڪ کان وٺي ٥ جولاءِ ١٩٧٧ع تائين ۽ ٥ جولاءِ ١٩٧٧ع کان ٤ اپريل ١٩٧٩ع تائين ذوالفقار علي ڀٽو، پاڪستان پيپلز پارٽي، عوام ۽ عوام جون (قومي اتحاد کان سواءِ ٻيون) تنظيمون جنهن عذاب مان لنگهيون، سو سيڪجهہ پنهنجي جاءِ تي! پر اهي سال، مهينا ۽ هڪ هڪ ڏينهن GHQ، ضياءُ الحق ۽ قومي اتحادين لاءِ بہ وڏو عذاب ثابت ٿيو. اهي پيانڪ سازشن رستي عوام کي بيوقوف بڻائي رکڻ جا نت نوان ڍونگ اختيار ڪرڻ جا ڏينهن هئا.

ڀٽو جيستائين قيد خاني ۾ حيات هو سمورا ”قومي اتحادي“ ضياءُ الحق جي گرفت ۾ هئا. قومي اتحاد کي ڀٽي مان جند ڇڏائڻي هئي، تنهنڪري مارشل لا سندن حق ۾ هئي. ڪجهہ اتحادين وزارتون بہ ورتيون. جماعت اسلاميءَ جي اڳواڻ ميان محمد طفيل جي ضياءُ الحق سان ويجهي مائٽيءَ بہ ساڄي ڌر کي ڪافي حوصلا ۽ آسرا ڏنا پر جڏهن ڀٽي صاحب کي ڦاسي اچي وئي، تڏهن ضياءُ الحق کي قومي اتحاد جي ڄڻڪ ضرورت ئي نہ رهي. ڦاسيءَ کان پوءِ نيڪ ڇهن مهينن اندر ”قومي اتحاد“ جي سڀ کان وڏي پارٽيءَ (مارشل لا جنرل) باقي سڀني پارٽين کي وزارتن مان ڪڍي ڇڏيو ۽ سياسي پارٽين تي پابنديون وجهي ڇڏيون. هيءَ اها گهڙي هئي جڏهن قومي اتحاد وارن اکيون پٽيون، تہ سندن سڀ ڪجهہ لٽجي چڪو هو. ان موقعي لاءِ بہ بينظير ڀٽو بالڪل صحيح لکيو تہ ”ان وقت پاڪستان قومي اتحاد وارا سياسي ڌٻڻ ۾ ڦاسي پيا هئا.“

ڀٽي صاحب جي ڦاسي کان نيڪ ٦ مهينن بعد يعني آڪٽوبر ١٩٧٩ع ۾ قومي اتحاد سڀ بند گهٽيون گهمي ڦيهر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ڏانهن

نمارڻ شروع ڪيو. پر هن وقت سڄي قوم فوجي ڏبڙ ۾ قاتل هئي. ڪا وڏي ۽ زبردست تنظيم ئي قوم کي ان عظيم گپ مان ڪڍي پئي سگهي. پر هن وقت سيني آڏو اهو ئي اهم سوال هو ته ڪنهن تي اعتبار ڪجي ۽ ڪنهن تي نه ڪجي؟ ڪالهه تائين جن جا هٿ عوامي خواهشن کي گهٽا ڏيئي رهيا هئا، هاڻي انهن کي پيهر ڪهڙي طرح آزمائي پيو سگهجي!؟

ان وقت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ وٽ به ڪو بيو رستو ڪونه هو. جيتوڻيڪ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ M.R.D جي قيام وقت گهڙي سوا لاءِ ايئن سوچيو هو ته قومي اتحاد جي جن اڳواڻن پ.پ.پ قيادت سان رابطا ڪرڻ شروع ڪيا آهن سي ڪٿي ضياءَ کي بليڪ ميل ته ڪونه ڪري رهيا آهن ته جيڪڏهن تون وزارتون نه ڏيندين ته اسان پ پ سان اتحادي ٿي ويندا سين! "قومي اتحادين" لاءِ اها فقط خوش فهمي ٿي پئي سگهي. هو بي عزت ٿي نڪتا ضرور هئا پر سندن قبلو ڪعبو وري به ان طرف هو. ضياءُ الحق ڄاتو پئي ته عوام ۾ مقبول قيادت ذوالفقار علي ڀٽو دنيا ۾ باقي ڪونه آهي ۽ قومي اتحاد سندس ضرورت نه رهي آهي ۽ نه وري قومي اتحاد ڪا اهڙي عوامي قوت آهي جيڪا عوام کي فوج جي سامهون بيهاري سگهي. هونئن به ضياءُ الحق پنهنجي صاحب جي بليڪ وارنٽ تي ڪو ان ڪري صحيح ڪونه ڪئي هئي ته اقتدار قومي اتحاد جي حوالي ڪري پاڻ جتان آيو هو اوڏانهن واپس موٽي وڃي.

پاڪستان قومي اتحاد ۾ شامل ڌريون شروع کان وٺي وزارتن ۽ پرمٽن لاءِ پنهنجي سوديڪار پوزيشن مضبوط رکڻ جي ڪوشش ڪنديون آيون آهن ۽ ان کي ئي "اقتدار ۾ شرڪت" چونديون آهن. هنن ضياءُ الحق کان صدارت ۽ وزارت اعظمي ته ڪونه گهري هئي! هاڻي هنن کي وزارتن کان به ڪتو جواب ڏنو ويو هو ۽ ضياءُ الحق سياسي سرگرمين ۽ پارٽين کي "ڪالعدم" ڪر ي ڇڏيو هو. ان صورت ۾ به قومي اتحادين جا ضياءُ الحق سان لاڳاپا ۽ خفيه ڳالهيون برقرار رهيون. پير صاحب پاڳاري تي سندس ئي هڪ اتحادي پارٽيءَ جي اڳواڻ الزام هنيو ته هو جنرل ضياءَ سان رابطي ۾ آهي. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته پير صاحب ان رابطي کان صاف انڪار

ڪرڻ بدران دلچسپ پيرائي ۾ اقرار ڪيو تہ "اهي ڳالهيون ميز تي ٿينديون آهن (حالن احوالن ۾ نہ)!"

رٽائرڊ فوجي جنرلن جا لکيل ڪتاب پڙهي، محسوس ڪري سگهجي ٿو تہ ١٩٧٧ع ۾ فوج جا اعليٰ ترين عملدار ڇا سوچي رهيا هئا. هو قومي اتحاد واري هلچل تي ڪڏي رهيا هئا ۽ وزير اعظم کي منهن تي چئي رهيا هئا تہ "عام چونڊن ۾ توري گهٽي ڌانڌلي تہ ٿي ٿي آهي جنهنڪري عوام باغي ٿي رهيو آهي. فوج جو هيٺيون حصو جنرلن جو ساٿ نٿو ڏئي. سپاهي عوام تي گولي هلائڻ لاءِ تيار نہ آهن. اسان سڀ ننڍا وڏا جنرل حڪومت سان ٻڌل آهيون پر اهي ڇا ڪندا جڏهن سپاهي حڪمن تي عمل نہ ڪن؟"

جنرل چشتي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ "ڀٽي صاحب کي صاف صاف ٻڌايو ويو هو تہ جيڪڏهن ان وقت موجود سينئر جنرلن کي سبڪدوش ڪيو ويو تڏهن بہ مارشل لاءِ جو خطرو آهي، ڇو تہ جڏهن فوج بدنظميءَ جو شڪار ٿيندي تہ پوءِ جيڪو بہ سي. او. اي سي (COAC) هوندو اهو حڪومت تي قبضي لاءِ مجبور ٿيندو." جنرل سراسر نئين چونڊن جي حق ۾ هئا جيڪو قومي اتحاد جو مطالبو هو.

پر جڏهن ڀٽو صاحب واقعي چونڊن تي راضي ٿيو ۽ قومي اتحاد سان ڳالهيون ڪري سڀ سياستدان ڪنهن ناهہ تي پهتا تڏهن ٥ جولاءِ واري ڪاري رات جي ڪاري گهوڙي تي سوار جنرل ضياءُ الحق مارشل لاءِ هٽي ويهي رهيو. ٻين لفظن ۾ قومي اتحاد فوج لاءِ رستو تيار ڪيو. جنهن جي خواهش جنرل ضياءَ کي هئي.

قومي اتحاد واري تحريڪ ۾ جنرلن جو ڪردار ان حد تائين بنيادي هو جو "آپريشن فيئر پلي" (٥ جولاءِ ١٩٧٧ع) جي اهم ڪردار جنرل فيض علي چشتيءَ کي اها بہ ڳالهہ نہ وڻي هئي تہ ١٦ مئي ١٩٧٧ع تي قومي اسيمبليءَ هڪ بل منظور ڪري سيپٽمبر جي آخر تائين هڪ ريفرنڊم لاءِ چيو. جنهن جو مقصد عوام کان راءِ وٺي بقول چشتيءَ جي. پ.پ.پ حڪومت کي قانوني حيثيت ڏيارڻ هو. چشتي پاڻ لکي ٿو تہ "مون کان سواءِ ڪنهن بہ ٻئي کي اها خبر نہ هئي تہ جنرل ضياءَ ڀٽي صاحب کي

ريفرنڊم ڪرائڻ لاءِ چيو هو." پر جڏهن قومي اسيمبليءَ ريفرنڊم واري رٿ منظور ڪئي تہ ساڳئي ڏينهن تي COAS جي ڪانفرنس ۾ ڪور ڪمانڊر ۽ PSO شريڪ ٿيا ۽ اهو طئہ ڪيو ويو تہ ريفرنڊم نہ نئين سري کان عام چونڊون ڪرائڻ ضروري آهن.

تڏهوڪن جنرلن جا ارادا ظاهر هئا ۽ تڏهوڪي قومي اتحاد جي اڳواڻن ۾ بہ هڪ ڏر خاص طور تي جنرلن جي اشاري تي هلندي محسوس ٿئي ٿي. "جڏهن ڀٽو صاحب ٻيهر چونڊون ڪرائڻ واري مطالبي کي تسليم ڪري قومي اتحاد سان ان جي طريقہ ڪار تي ڳالهيون ڪرڻ لاءِ راضي ٿيو تڏهن قوم کي اها ڳالهہ سئي نہ لڳي!" (ڀٽو ضياء ۽ مان: جنرل چشتي). سوال اهو آهي تہ جيڪڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ قومي اتحاد جا حامي بہ "عوام" نہ هئا تہ پوءِ "عوام" ڪير هو جنهن کي نين چونڊن جي ڳالهہ بہ نہ وڻي؟ تڏهوڪا فوجي جنرل يا خفيہ ايجنسيون؟

ايم. آر. ڊي تي لکڻ لاءِ ٿورو ماضيءَ ۾ وڃڻو پوي ٿو. "آپريشن فيئر پلي" کان ٿي هفتا يا غالبا هڪ مهينو اڳ قومي اتحاد واري تحريڪ معطل ٿي چڪي هئي ۽ قومي اڳواڻ ڳالهين ۾ مصروف هئا. ڳالهيون هڪدم طئہ نہ ٿينديون آهن، انهن ۾ وقت لڳندو آهي. پر حيرت ان مهل لڳي ٿي جڏهن جنرل چشتي انڪشاف ڪري ٿو تہ ڳالهين واري ٽيم يعني مولانا مفتي محمود، نوابزادو نصرالله خان ۽ پروفيسر غفور جنهن ٺاهہ کي تسليم ڪري چڪا هئا، اهو پير پاڳاري، مزاري، نوراني ۽ اصغر خان کي منظور نہ هو. يعني خود قومي اتحاد ۾ بہ ٽڙا هئا ۽ هڪ ڌڙو غالبا جنرلن جي اشاري تي "ٺاهہ" جي حمايت کان انڪار ڪري رهيو هو. هونئن بہ اصغر خان جو تڪ فوج سمجهيو ويندو آهي. پير صاحب پاڻ کي G.H.Q جو ماڻهو سڏيندو رهيو آهي ۽ مولانا نورانيءَ جا برڪت پريا پير پاڪستان کان وڌيڪ آفريڪا ۾ هوندا آهن.

اصغر خان جي حوالي سان اها ڳالهہ ڪرڻ اجائي نہ ٿيندي تہ هن ۽ ڀٽي صاحب لڳ ڀڳ ساڳئي وقت کان سياست ۾ پير پاتا هئا. ڀٽي صاحب پاڪستان جي مقبول وزير خارجہ هئڻ ۽ ايوب خان سان اختلاف رکڻ جي

بنياد تي عوامي مقبوليت جا ڏاڪا تيزي سان طئہ ڪيا هئا جڏهن تہ ايئر مارشل (رٽائرڊ) اصغر خان پنهنجي فوجي تڪ مان نڪري عوامي حلقن ۾ بنياد ٺاهي نہ سگهيو.

مون کي ياد آهي تہ ٦٠ واري ڏهاڪي جي پڇاڙي ۾ مسٽر ڀٽي جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي ٺاهڻ جو اعلان ڪري سنڌ ۽ پنجاب ۾ هنڌ هنڌ عوامي جلسا ڀٽي ڪيا ۽ فوجي حڪومت ان جي مقبوليت جا پختا ثبوت ڏسي چرڪي پئي هئي ۽ کيس گرفتار ڪيو ويو هو. تڏهن ايئر مارشل رٽائرڊ اصغر خان اهو چئي سياسي ميدان ۾ لٿو هو تہ "آئون ذوالفقار علي ڀٽي جو مشن جاري رکڻ آيو آهيان!" اها تقرير هن ڪوٽڙيءَ ۾ ڪئي هئي جيڪا مون پاڻ ٻڌي، ان جلسي ۾ مارشل لا ۽ آمريڪا خلاف نعرا لڳا هئا ۽ انڪل سام جي خلاف هڪ مزاحيہ گيت بہ پرفارم ڪيو ويو هو.

اهو ئي ساڳيو اصغر خان ١٩٧٧ع تائين ايتري مقبوليت بہ حاصل ڪري نہ سگهيو هو جو قومي اتحاد جي مدد کانسواءِ چونڊن ۾ بيهي سگهي. ضياءَ دور جا سياسي قيدي اصغر خان جي شفاف تحريڪ ۽ تحريڪ استقلال کي "ٽانگا پارٽي" سڏيندا هئا جنهن جا ڪل ميمبر ايترا هئا جو هڪ ٽانگي ۾ اچي وڃن. باقي ڀوئٽي فوجي تڪ جي خبر فرشتن کي! ١٩٨٣ع تائين سياسي قيدين آڏو تحريڪ استقلال جا فقط چار پنج نالا ڦري ڦري سامهون ايندا هئا، اصغر خان، مشير پيش امام، نفيس صديقي (وڪيل) بئريسٽر جميل،ناهيد افضال (وڪيل) ۽ محفوظ يار خان (وڪيل). خبر ناهي تہ ڪيئن اصغر خان وڪيلن ۾ پنهنجي لاءِ ڪا گنجائش پيدا ڪري سگهيو هو. پوءِ چار ماڻهو ايم. آر.ڊي تحريڪ ۾ ڪراچي جيل جا قيدي ٿيا هئا. انهن کان سواءِ ڪو بيو قيدي تحريڪ استقلال جو ڪونہ هو. البت تہ مون اهو ضرور نوٽ ڪيو تہ نفيس صديقي ۽ محفوظ يار خان پروفيشنل وڪيلن کان وڌيڪ پروفيشنل سياستدان هئا. نفيس صديقي تہ اڄ تائين پارٽيون بدلائيندو پيو اچي. محفوظ يار خان جيترا پيرا بہ جيل مان آزاد ٿيو (بہ ٽي پيرا جو تہ مان پاڻ اکين ڏٺو شاهد آهيان)، آزاد ٿيڻ کان پوءِ هڪدم لنڊن يا آمريڪا ۾ ٽڪ پڄڻ ويو آهي.

بهرحال، اصغر خان جي ڪابہ عوامي قوت ڪڏهن بہ نہ رهي آهي، هن هميشہ ڪنهن نہ ڪنهن سياسي اتحاد ۾ گهڙي فوج ۾ پنهنجي P.R ڪي ڪيش ڪرائي اهميت وٺڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. گهٽ ۾ گهٽ مون تہ ائين ئي محسوس ڪيو آهي تہ اصغر خان ١٩٦٩ع کان وٺي ١٩٨٣ع تائين فوجي مفادن جو سياسي چهرو بلڪ سياسي سرگرمين ۾ فوجي مفادن جي نگهباني ڪندڙ رهيو آهي. هاڻي پوڙهو ٿي چڪو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن جاري ٿيل سندس بيان اڄ بہ اتي ئي بيٺا آهن جتي اوير پاڪستان جدا ٿي بنگلاديش ٿي ويو هو. جيئن مسلمانن جو قبلو ڪعبو هڪ آهي ۽ بہ ٿي نٿا سگهن تيئن ئي فوج جي جنرلن جي سوچ جو محور هڪ هوندو آهي، جيڪو بدلجي نٿو سگهي، توڻي جو انهن ۾ سوچ جا ڪيترا بہ فرقا هجن. اهو محور آهي فوج جو ڊسيپلين ۽ ان تي جي.ايچ. ڪيو جو مڪمل ضابطو! جڏهن ڪجهہ جنرلن کي اهو محور خطري ۾ نظر ايندو آهي، تڏهن آئين بہ لتاڙي ويندا آهن ۽ چيو ويندو آهي تہ "ڪمانڊر ڏکئي وقت ۾ پنهنجي ذميواريءَ تي ڪوبہ فيصلو ڪري سگهندو آهي (جيئن ضياءُ الحق ڪيو) شرط اهو آهي تہ اهو عمل ملڪ ۽ دفاع لاءِ اهم هجي."

وقت، ايم. آر.ڊي تحريڪ ڏانهن ڌڪجي رهيو هو پر في الحال، يعني ستر واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ ڪابہ سياسي ڌر ان عظيم حال کي محسوس ڪري نہ سگهي هئي. نہ فوج ۽ نہ وري قومي اتحاد يا پاڪستان پيپلز پارٽي. اسلام آباد تي قابض جنرل الب تہ اهو ضرور محسوس ڪري رهيا هئا تہ مارشل لا کي آخر ڪيترو وقت جواز ڏيئي سگهبو؟ هنن لڪ چپ ۾ سياستدانن سان رابطا ڪيا، نت نوان فارمولا ڏنا ۽ هر ڀيري ڦري ويا. قومي اتحاد جا چڱا مڙس پيٽو دشمنيءَ ۾ سانت هئا ۽ پ.پ.پ جا ٽڙ پکڙ اڳواڻ پنهنجي خوف ۾ هئا. خاص ڪري اهي خفيہ فائيل، جيڪي پيٽي صاحب سندن خلاف ٺهرايا هئا، هنن لاءِ وڏي تڪليف جو ڪارڻ بڻجي ويا هئا. هو سولائيءَ سان مارشل لا سرڪار هٿان بليڪ ميل ٿي پئي سگهيا. في الحال خاموشيءَ ۾ ئي سندن عافيت هئي.

پيٽي صاحب جي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ ٿوري ئي عرصي بعد

ضياءُ الحق کي ڪوبہ ڪو عبوري يا سياسي ڍانچو ڏيڻ کان سواءِ ڪو چارو ئي ڪونہ هو. هن کي سياستدانن جي ضرورت هئي ۽ سياستدانن کي وزارتن ۽ رعايتن جي. ڪجھہ سياسي اڳواڻن حڪومت کي صلاح ڏني تہ پيئي صاحب جي حڪومت جي زوال واري پهرين سالگرهہ جي موقعي تي يعني ۵ جولاءِ ۱۹۷۸ع تي ڪو نئون سياسي ڍانچو ضرور سامهون اچڻ گهرجي. جنرل ضياءُ اها تجويز قبول ڪئي ۽ صلاح مشورا اڳتي وڌيا. ڪنهن چيو "قومي حڪومت" نهي، ڪنهن چيو "مخلوط حڪومت" هجي. پر ، اهڙي ڪابہ حڪومت جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي شامل نہ هجي، نہ قومي ٿي پئي سگهي ۽ نہ مخلوط

۱۴ ۽ ۱٦ جون ۱۹۷۸ع تي فوجي حڪومت مولانا مفتي محمود، پروفيسر غفور، ميان طفيل محمد، چوڌري ظهور الاهي، مولا بخش سومرو، اي. ڪي بروهي، گل محمد جوکيزئي، نوابزادو نصرالله خان ۽ اشرف خان سان ڳالهيون ڪيون. جنرل ضياءُ انهن مان پوين ٻن کان سواءِ باقي سڀني کي جنهن مهل تعاون جي اپيل ڪئي، ان مهل جنرل عباسي، جنرل فرمان علي ۽ جنرل چشتي اتي موجود هئا. سياستدان ۽ جنرل مخلوط حڪومت تي راضي ٿيا پر جنرل ضياء ۲۵ جون تي وري ٽي وي ۽ قوم کي خطاب ڪندي چيائين تہ "مخلوط حڪومت جو ارادو ڇڏي ڏنو اٿم ڇو تہ پاڪستان ۾ سياستدان گهڻا ۽ سياسي شعور گهٽ آهي!"

جنرل ضياءُ بهرحال، اهو ارادو ظاهر ڪيو تہ مرڪزي ۽ صوبائي سطح تي وزارتن لاءِ ماڻهو چونڊيا ويندا. جنهن سان احتساب ۽ چونڊن لاءِ ماحول ٺهندو! ان کان پوءِ پهريون سياستدان پير پاڳارو هو جنهن ضياءُ الحق جي تقرير جي ٻئي ڏينهن تي چيو تہ جيڪڏهن جنرل ضياءُ پنهنجي ڪابينا ۾ ڪنهن مسلم ليگيءَ کي کنيو تہ مسلم ليگ ارهي نہ ٿيندي. مسلم ليگ ڪنهن بہ اتحادي پارٽيءَ کان صلاح وٺڻ بہ ضروري نہ سمجهي. نيٺ ۵ جولاءِ ۱۹۷۸ع تي نئين ڪابينا قسم کنيو. ان کان پوءِ قومي اتحاد جون باقي ڌريون بہ سري اڳتي ٿيون.

وزارتن ڏانهن قومي سياستدانن جي هن شوق کي جنرلن ڏاڍي طنزيہ

انداز سان ٻئي ڏنو. جنرل چشتي لکي ٿو تہ "فوجي طاقت سان اقتدار تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ انهن فوجي آفيسرن جو فرض هوندو آهي، جن پهرين حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ مدد ڪئي يا هن جي حمايت ڪئي تہ جيئن ملڪ جو انتظام هلائڻ ۾ نئين حاڪم يعني چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي مدد ڪن. اها تہ انهن جي مجبوري ٿئي ٿي ۽ هو ان کان انڪار ڪري نٿا سگهن. پر جمهوريت جي شيدائي سياستدانن کي نيٺ ڪهڙي مجبوري هئي جو هنن پنهنجو پاڻ کي وزيرن جي حيثيت ۾ رضاڪاراڻن بنيادن تي پيش ڪيو؟ اها محض خود غرضي هئي. اهي ئي اهي ماڻهو آهن جن جي ڪري مارشل لا کي ڊگهي زندگي ملي ٿي."

حوالي طور جنرل چشتي ٻڌائي ٿو تہ "فيبروري ١٩٨٠ع ۾ تجربيڪار سنڌي سياستدان غلام مصطفيٰ جتوئي عبوري حڪومت جو وزير اعظم ٿيڻ لاءِ راضي ٿي ويو هو ۽ مون فيبروريءَ ۾ ضياءَ صاحب سان هن جي خفيہ ملاقات ڪرائي هئي. معلوم ٿئي ٿيو تہ سڀ معاملا طئہ ٿي ويا آهن" پر پوءِ هڪ مهيني اندر اها ڳالهہ بہ اڌ ۾ رهجي وئي. ضياءُ الحق جا خيال وري ڦري ويا هئا.

عوامي ڏرين وٽ اڌورا سوال

اسلام آباد جي حڪمرانن جي ان روش ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ بي چيني ان ڪري بہ وڌائي ڇڏي هئي جو سنڌ جا ماڻهو هڪ طرف ڀٽي صاحب جا شيدائي هئا ۽ پيپلز پارٽيءَ لاءِ سنڌ ن همدرديون اڃا گهريون ٿي ويون هيون، ٻئي طرف اندر جو اوبر ڪيڍڻ جا سڀ رستا بند ٿي چڪا هئا ۽ اها سياست، جنهن کي ذوالفقار علي ڀٽو اوطاقن مان ڪيڏي چوراهن تي ڪٺي آيو هو ٻيهر اوطاقن ۾ بند ٿي وئي هئي. ٽئين طرف سنڌ جون ترقي پسند، قوم پرست ۽ کاٻي ڌر سان تعلق رکندڙ ڌريون هارين کي ذهني طور بي حد سجاڳ ڪري چڪيون هيون. وٽن تنظيم ضرور هئي پر ايترا ڪارڪن ڪونہ هئا جيترا ڪنهن وڏي تحريڪ شروع ڪرڻ لاءِ ضروري ٿي سگهن ٿا.

ان وقت عوام بيچينيءَ جا بيا سبب ڳوليندي بينظير ڀٽو لکيو تہ،

"منهنجي والد جي حڪومت ۾ سنڌ وڏي ترقي ڪئي هئي ۽ سنڌين کي ڪسٽمز پوليس ۽ پي. آءِ اي ۾ سرڪاري نوڪريون مليون هيون. هنن لاءِ يونيورسٽين ۾ جيڪو حصو مقرر ٿيل هو ان ڪان وڌيڪ کين ڏنو ويو هو. هنن کي زمينن جا ٽڪرا ڏنا ويا هئا ۽ نين نهيل اسپتالن، ڪنڊ ۽ سيمينٽ جي ڪارخانن ۾ هنن وڏو اجورو پئي ڪمايو. پر ضياءَ جي زماني ۾ اهو سمورو معاملو ابتو ٿي پيو هو. هڪ ڀيرو وري سنڌ سان ٻيائي ٿي رهي هئي. سنڌ جي ڪن پلين زمينن تي رياست جو قبضو هوندو هو. ضياءَ جي دؤر ۾ اهي زمينون ٻي زمين هارين جي بدران فوجي عملدارن کي ورهائي ڏنيون ويون هيون. اهي سنڌي جن صنعت جي انتظامي عهدن تائين ترقي ڪئي هئي، انهن جي جاءِ تي رٽائرڊ فوجي عملدارن کي مقرر ڪيو پئي ويو. ان حقيقت جي هوندي بہ تہ ملڪ جي محصولن جي ٦٥ سيڪڙو اپت سنڌ جي بندرگاهہ ڪراچي مان ٿيندي هئي پر ان جو ٿورو حصو واپس ان صوبي ۾ ايندو هو. سنڌ جي اقتصادي مصيبتن نفرت ۽ ڪروڌ جي اها باهہ پڙڪائي پنيٺ ڪري ڇڏي، جيڪا منهنجي والد کي قتل ڪرڻ سان شروع ٿي هئي. صوبي ۾ ڪيترن ئي ماڻهن جو خيال هو تہ جيڪڏهن هو سنڌي نہ هجي تہ هن کي ڦاسي نہ ملي ها."

سنڌ ۾، هر ڪو محسوس ڪري رهيو هو تہ حالتون ڪنهن "عوامي انقلاب" لاءِ تيار آهن پر اڳواڻي ڪير ڪري؟ ڪابہ تنظيم اڳواڻيءَ جي لائق ڪونہ هئي. پ.پ.پ وٽ طاقت ۽ قيادت هئي پر تنظيم ۽ اتحاد ڪونہ هو. باقي ڌرين وٽ تنظيم ۽ شعور هو پر عوامي ساٿ محدود هو.

ان سياسي عدم توازن سبب ئي ڪابي ڌر جي مختلف ڌڙن پنهنجا ڪارڪن ماٺ ميٺ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ قيادت جي سطح تائين گڏيل حڪمت عمليءَ لاءِ وات ناهڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. پر پ.پ.پ "قيادت" سڌي رابطي ۾ نہ هئي ۽ نہ وري ان ڪنهن اهڙي صورتحال ۾ ڦاسڻ چاهيو پئي، جنهن سان سندس پارٽي هاءِ جيڪ ٿي وڃي ۽ فوج بہ وڌيڪ ناراض ٿئي! بينظير ڀٽو ۽ بيگم نصرت ڀٽو تمام احتياط سان پارٽي هلائي رهيون هيون، هڪ هڪ اکر توري تڪي

استعمال ڪيو ٿي ويو. اها ڳالهہ ڪابہ ڊر ڇڳيءَ طرح محسوس ڪري رهي هئي تہ پاڪستان ۾ پ.پ.پ ۽ ڪابي ڊر پاڻ ۾ فطري اتحادي آهن ۽ پ.پ.پ وٽ ايتري قوت آهي جيڪا ڳڍيل لائحہ عمل سان ڪوبہ عوامي انقلاب آڻي سگهي ٿي.

پر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت پنهنجين مجبورين کي بهتر ٿي ڄاتو! وڏيرن جو طبقو بي پروسو ثابت ٿي چڪو هو. سرمائيدار ڇڙيل هئا. مولوي صاحبن جي ناراضگيءَ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي وزيراعظم هائوس مان ڪڍي ڦاسين، جيلن ۽ روپوشيءَ واري زندگيءَ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو. فوج وڏيڪ وجهہ ڳولي رهي هئي. ڪراچيءَ جي شهر ڪڏهن بہ ڪنهن جمهوري تحريڪ ۾ مثبت ڪردار ادا نہ ڪيو آهي. ڏيئي وٺي شاگرد، هاري ۽ ڪجهہ مزدور طبقو هو جيڪو حڪم ٽيڙ تي باهہ ۾ ٽپو ڏيئي سگهي ها. پر ڪيترو وقت؟ بس ان ئي سوال جو جواب ڪنهن وٽ بہ ڪونہ هو.

بينظير صاحبہ کي سياسي صدمو

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ ويٺل سکيو طبقو ڪيڏو بي پروسو هو؟ مس ڀٽو لکيو تہ "١٩٧٩ع ۾ مڪاني ادارن جي چونڊن کان پوءِ بدين ۽ حيدرآباد جي چونڊيل پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪائونسلرن رٿون منظور ڪيون جن ۾ منهنجي والد جي سزا جي مذمت ۽ هن جي تعريف ڪئي وئي هئي. ان جو بدلو وٺڻ لاءِ ضياءَ سڄي سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪائونسلرن کي نااهل قرار ڏيڻ جي ڪارروائي شروع ڪري ڏني. هاڻي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي باقي ٿورن ڪائونسلرن کان ضياءَ منظوري ورتي تہ صوبي جو گشت ڪرڻ وقت اهي هن جي آجيان ڪن. منهنجي حيرت ۽ ڪاوڙ جي ڪا حد ئي ڪين رهي جڏهن مون اخبارن ۾ پڙهيو تہ اهي ماڻ ميٺ ۾ هن جي خواهش جي اڳيان جهڪي ويا هئا ... 'مون کي اميد آهي تہ تنهنجو پٽ ضياءَ جي آجيان ڪونہ ڪندو!' مون پنهنجو اهو زباني پيغام سنڌ پيپلز پارٽي جي سربراهہ کي موڪليو جنهن جو پٽ ڪائونسلر هو. '... اوهان ڄاڻو ٿا تہ اها ڳالهہ پارٽي پاليسيءَ جي خلاف آهي.

مهرباني ڪري اهو پيغام بين تائين پهچايو.' مون هڪڙو پيغام لاڙڪاڻي ۾ پيپلز پارٽي جي ڪائونسلر کي پڻ موڪليو. 'تون ۽ بيا وڃي اسپتال داخل ٿيو يا اوهين لاڙڪاڻي مان هليا وڃو ۽ ڪنهن جي به هٿ نه چڙهو!' مون هن کي چيو '... پر اوهين ضياءَ سان ڪڏهن به ملاقات نه ڪريو.' پوءِ مون جڏهن ٽيليويزن ڏٺو ۽ هنن مان ڪن کي ضياءَ سان ملندي ڏٺو ته آئون ڪاوڙ ۾ بيوس ٿي ويس. لڳو ٿي ته هنن هڪ گڏجاڻيءَ ۾ فيصلو ڪيو هو ته پارٽي هنن سيني جي خلاف ڪارروائي ڪري ڪين سگهندي مون کي تمام گهڻو صدمو پهتو. هڪ پيرو وري سياستدان پنهنجي ذاتي لالچ جي پورائي لاءِ پارٽيءَ جي اتحاد کي نقصان رسائي رهيا هئا!"

ملڪ قاسم جي گرفتاري

٢١ جنوري ١٩٨١ع تي جڏهن ملڪ قاسم ڪراچي سينٽرل جيل ۾ داخل ٿيو. ان مهل تائين قومي اتحاد وارا وزارتن مان نيڪالي ملڻ ۽ حڪومت ۾ بيهر شرڪت ڪان بنهه نا اميد ٿيڻ کان پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ مڙي مٺ ٿيڻ خاطر منٿ ميڙ ڪري رهيا هئا. قيدين کي ان ٻوڙ ٻڪ بابت ڪا گهڻي ڄاڻ ڪونه هئي، جيتوڻيڪ سياسي خبرون قيدين وٽ ٻاهرين دنيا جي پيٽ ۾ گهڻيون هونديون آهن شايد ان ڪري ته جيل هميشه سرگرم ڪارڪنن ۽ اڳواڻن کي ساهه سان سانڍي رکندا آهن. قيدين کي في الحال ايتري ئي خبر هئي، جيتري بي بي سي تان نشر پئي ٿي. جيل ۾ گهڻي سختي نه سهي، تڏهن به ڪا نرمي ڪونه هئي. قيدين جي روپ ۾ موجود سرڪاري ايجنسين جي ڪو سبب جيل انتظاميه کان جيترو پڳو ٿئي سختي پئي ڪيائون.

ملڪ قاسم هڪ ڳالهه ورجائي ورجائي چئي رهيو هو. "مرد مارچ ۾ مارچ ڪري گا." هن MRD کي "مرد" پئي چيو ۽ اميد پئي ڏيکاري ته مارچ کان تحريڪ شروع ٿي ويندي.

"پر ڪيئن؟" هڪ قيديءَ ڪانئس پڇيو. "ڇا ڪا تياري به ٿي آهي؟"

"ڇا هيءَ تحريڪ فقط چهرن جي تبديليءَ تائين محدود هوندي يا ڪو

پيو پروگرام ۾ ضمانتون بہ ان ۾ شامل آهن؟" هڪ نوجوان ڪامريڊ مسلم ليگي ملڪ قاسم جو گهيراءُ ڪيو هو.

ملڪ قاسم جا سڀ جواب گول مول هئا. "ڏسو ڇا ٿو ٿئي! ٿورن ڏينهن ۾ صورتحال صاف ٿي ويندي... ٿورا ٿورا مامرا اڃا نبيري هيٺ آهن. ڪي ڳالهيون طئہ ٿيڻيون باقي آهن. انشاءَ الله سڀ نيڪ ۾ درست هوندو! ڪامريڊ اسان ۾ توهان هن وقت جيل ۾ گڏ آهيون... اڃا ڪهڙي ضمانت کپئي؟"

جيتوڻيڪ سياسي قيدين ڪنهن نہ ڪنهن ريت منٿ ميڙ ڪري جيل انتظاميہ کي ان ڳالهہ تي راضي ڪري ورتو هو تہ اها رات سڀ سياسي قيدي هڪ بيرڪ ۾ گڏ بند ٿين تہ جيئن ملڪ قاسم کان حال احوال پڇي سگهن پر مسلم ليگي اڳواڻ کلي نہ ڳالهايو. ڪامريڊن سان گڏ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي نوجوان ڪارڪنن جو سوال بلڪل ساڳيو ۽ واضح هو "ڇا هي نئون جڙندڙ اتحاد سامراج دشمن هوندو؟ ڇا ان اتحاد ۾ آمريڪي سامراج دشمن ڌريون شامل ڪيون پيون وڃن؟ ڇا اهو اتحاد عوامي هلچل هلائيندو يا محض 'سوديڪاري' ڪندو؟"

جنوري ١٩٨١ع جي پڇاڙيءَ ۾ ڪراچي جيل ۾ لڳ ڀڳ ٽيهہ سياسي قيدي هئا جن جو تعلق مسلم ليگ، سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (جيڪا پوءِ DSF بڻجي وئي)، نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن، پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان هو. اهو بہ امڪان هو تہ فيبروريءَ ۾ سياسي قيدين جو تعداد وڌي ويندو جو شهر ۾ سياسي بنيادن تي ڪافي گرفتاريون ٿي چڪيون هيون. اهي نوان قيدي في الحال پوليس رمانڊ پوري رهيا هئا.

١٥ جنوريءَ تي بہ شهر ۾ وڳوڙ هئا. ان جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳايو ويو تہ ان ڏينهن مارشل لا جي عدالتن ڏانهن پيشيءَ تي ويندڙ قيدي ٻاهر نہ موڪليا ويا. عام طور جيل انتظاميہ وڳوڙن سبب سول ڪورٽ ڏانهن قيدي موڪلڻ جو جوکم نہ کڻندي هئي. پر مارشل لا جي عدالتن ۾ هلندڙ ڪيس هر صورت ۾ هلندا هئا. ١٥ جنوريءَ تي انهن کي بہ نہ موڪليو ويو. شهر ۾

جلوس هئا پر قيدين نٿي چاتو تہ اهي ڪهڙي نوعيت جا جلوس هئا. اخبارن تي سينسر شپ سبب ڪوبہ پتو نٿي پيو.

سياسي قيدين ۵ جنوريءَ تي جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي جو جنم ڏينهن ملهائڻ جو فيصلو ڪيو. تڏهن اهو فقط پاڪستان پيپلز پارٽيءَ تائين محدود نہ رهيو هو. سڀني ڌرين هن موقعي کي گڏيل ڏينهن طور ملهائي اتحاد جو اولين مظاهرو ڪيو. توڙي جو MRD في الحال هڪ خيال هو. قيدين کي اها سڌ هئي تہ پاڪستان پيپلز پارٽي آزاد دنيا ۾ هن موقعي تي جلسا ڪري رهي آهي. ان سلسلي ۾ سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ڇپيل دعوت نامن جو ذڪر بي بي سي بہ ٻن ٽن ڏينهن کان ڪري رهي هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ مساوات "ابوظهبي" اخبار جي غير قانوني ڇپائي ۽ ڇاپي جي خبر بي بي سي ڏني. جنهن ۾ ارشاد راؤ واحد بشير ۽ سيد ضامن شاهہ (ڪاتب) کي گرفتار ڪيو ويو.

مختلف سياسي ڌرين ڏانهن مارشل لا جو رويو بہ مختلف ٿي سگهي ٿو توڙي جو ڏوهہ ساڳيو هجي! اها ڳالهہ مون جيل ۾ نوٽ ڪئي. چام ساڪي ڪيس، ارشاد راؤ مساوات ڪيس ۽ ملڪ قاسم تي هڪ ئي نوعيت جو الزام هو. حڪومت خلاف بغاوت يا بغاوت لاءِ راهہ هموار ڪرڻ. پر اڳتي هلي سرڪار جو رويو ٽنهي ڌرين ڏانهن بنهہ مختلف ثابت ٿيو. چام ساڪي ڪيس خاص فوجي عدالت ۾ هليو. جنهن ۾ ٻن ڄڻن شبير شر ۽ احمد ڪمال وارثيءَ کي (جنوري ۱۹۹۵ع ۾) ست ست سال سزا ڏني وئي. مساوات ڪيس سرسري فوجي عدالت ۾ هليو جنهن ۾ قيدين کي هڪ هڪ سال سزا ملي ۽ ملڪ قاسم کي ڪيس هلائڻ کان سواءِ ايئن ئي آزاد ڪيو ويو جڏهن ڪي اجايو اچي پيچري ۾ ڦاٿو هو (هو ۲۵ جنوري ۱۹۸۱ع کان اڳ آزاد ٿي ويو هو). ۵ جنوريءَ تي ۲۰ — ۲۵ سياسي ڪارڪنن جي گرفتاري باقي سياسي قيدين جي من ۾ مانڊاڻ مچائي ڇڏيو هو پر انهن مان ڪي ڪافي ڏينهن کان پوءِ جيل ۾ وارد ٿيا باقي پر ٻاهرو ڇٽي ويا.

اتحاد طرف پيش رفت

جنوري مهيني جي پڇاڙيءَ تائين MRD وارو مامرو ڪٿي پهچي

ڇڪو هو؟ اها صورتحال بينظير پٽو بعد ۾ پنهنجي ڪتاب "پورب ڌيءُ" ۾ ڪجهه هن ريت لکي آهي، جيڪا منهنجي خيال ۾ هن تمام ايمانداريءَ سان لکي آهي ۽ ان ۾ شڪ شبهي جي گنجائش نه آهي توڙي جو ان ڪتاب ۾ اڪثر هنڌن تي ڪيل سندس تجزين يا انومانن سان اختلاف جي ڪافي گنجائش آهي:

"جيتوڻيڪ ايم. آر. ڊي ناهڻ هڪ سياسي چڱائي هئي پر ان هوندي به پنهنجي والد جي اڳوڻن دشمنن سان اتحاد کي قبول ڪرڻ ۾ مون کي ڏکيائي ٿي هئي. ساڳيءَ ريت اڳوڻين مخالف جماعتن کي پڻ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان ڳالهيون ڪندي ڏکيائي پئي ٿي. مخالف ڌرين جا اڳواڻ تمام گهڻو شڪي هوندا آهن ۽ پارليامينٽري گڏجاڻين ۾ هڪ ٻئي سان سڌو ڳالهائڻ بدران فقط قاصدن ذريعا ڳالهائيندا آهن ... .. انهيءَ عمل ۾ وڏيڪ مونجهارو هڪ اڪري بحث جي ڪري به ٿيو جنهن نئين اتحاد کي في الحال لوڏي وڌو هو. اهو خاص ڪري ايم. آر. ڊي جي تجويز هيٺ چارٽر جي لفظن تي ٿيو ته ڇا ١٩٧٧ع جي چونڊن ۾ ڌانڌلي ٿي به هئي يا نه؟ ته ڇا منهنجي والد جي موت کي بيان ڪرڻ لاءِ "سزا" يا "قتل" جو لفظ استعمال ڪجي يا نه؟ ان تڪرار کي ختم ڪرڻ ۾ آڪٽوبر ١٩٨٠ع کان فيبروري ١٩٨١ع تائين جو عرصو لڳي ويو. انهن ڌهن جماعتن جي وچ ۾ ڏاڍي مشڪل سان ناهه جو هڪ مسودو تيار ٿيو. ان کان پوءِ به مسئلا حل نه ٿيا. پوءِ محمد خان جوڻيجي جي مسلم ليگ جنهن جو سياسي سرپرست پير پاڳارو هو. عين. وقت تي ڦري ويو ڇاڪاڻ ته جنرل ضياءَ هن کي وزير اعظم ڪرڻ جي آڇ ڏني هئي."

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي ايم. آر. ڊي ۾ آڻڻ به هڪ وڏو مرحلو هو. ڪلهه جي جاني دشمنن سان اڄ بااعتماد دوستي ڪيئن ممڪن هئي؟ بينظير بين پارٽين تي ڪهڙيءَ طرح ڀروسو ڪري پئي سگهي جڏهن خود پيپلز پارٽي جو اهم اڳواڻ غلام مصطفيٰ جتوئي جيڪو پ.پ.پ سنڌ جو صدر به هو پاڻ ضياءَ حڪومت جو وزير اعظم ٿيڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو. بينظير ڪنهن جاءِ تي لکيو آهي ته "اسان جنهن کي به دوست ڄاتو، اهو دوست نه نڪتو!"

ضياءالحق سان گڏ ڪم ڪرڻ جو تجربو حاصل ڪرڻ کان پوءِ جڏهن نامراد ٽيل سياستدانن کي ڪا به واٽ نه ملي ته ان مهل تائين وقت جو ڦيٿو آڪٽوبر ١٩٨٠ع تائين پهچي چڪو هو. سموريون پارٽيون "ڪالعدم" ٿي چڪيون هيون. سياسي پارٽين تي بندش کان پوءِ ڪنهن به پارٽيءَ جي نالي اڳيان "ڪالعدم" لکڻ ضروري ٿي چڪو هو. اهي (مارشل لا جي حڪمن موجب) پنهنجي آئيني حيثيت وڃائي چڪيون هيون. تڏهن هنن پ.پ.پ سان ڳالهائڻ تي سوچيو. جڏهن هنن پ.پ.پ سان رابطو ڪيو ته بقول بينظير ڀٽو جي، ان کي ضياءُ الحق لاءِ سياسي بليڪ ميلنگ سمجهيو ويو ته "جيڪڏهن تون وزارتون نه ڏيندين ته اسان پ پ سان تعاون ڪنداسين!"

اهي ڳالهيون سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر ١٩٨٠ع ڌاري اڳتي وڌيون ۽ قومي اتحاد صلح واريو. جتوئي صاحب صلاح ڏني ته "ان کان پهرين جو جنرل ضياءُ اسان کي نقصان پهچائي، اسان کي گهرجي ته اسان سندس رستا بند ڪري ڇڏيون!" اها حڪمت عملي پنهنجي جاءِ تي درست هئي ۽ خود پاڪستان پيپلز پارٽيءَ وٽ ڪا به واٽ ڪونه هئي. پ.پ.پ قيادت ۾ بيگم نصرت ڀٽو نرمي اختيار ڪئي. بيگم نصرت ڀٽو جوشيلي بينظير کي دليل ڏنو ته. "اڄ جتوئي آهي، سڀاڻي ٻيا هوندا. جڏهن حالتون مثالي نه هجن، تڏهن تون ڪنور حقيقتن کي منهن ڏيڻ لاءِ مجبور آهين!"

٧٠ ڪلفٽن تي بندش پيل پارٽين جي هڪ خفيه گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ سرحد ۽ بلوچستان صوبي جا اڳواڻ به آيا. پ پ وارا ڇڙي ڇڙي ٿي ويا. تڏهن پ.پ.پ جي اڪيلي سوشلسٽ ۽ پوڙهي اڳواڻ دليل ڏنو "جڏهن چين تي جاپان حملو ڪيو هو تڏهن چيانگ ڪائي شيڪ سان ماؤزي تونگ تعاون ڪيو هو. قومي اتحاد وارا جيڪڏهن قومي فائدي لاءِ سهڪار ڪرڻ لاءِ اڳتي آيا آهن ته انهن سان به اتحاد ڪرڻ گهرجي." اها گڏجاڻي ستن ڪلاڪن تائين جاري رهي هئي. اها في الحال قومي اتحاد وارن جي فتح هئي جو هنن پ.پ.پ کي پنهنجو سهڪاري بنائڻ لاءِ ان کي ذهني طور تيار ڪري ورتو هو. ويڇن جي نار گهٽجڻ شروع ٿي.

... ۽ نيٺ پ.پ.پ ۽ قومي اتحاد جي قيادت جي ڀرين مُنهان منهن گڏجاڻي ٥ فيبروري ١٩٨١ع تي ٿي، جنهن ۾ هڪٻئي خلاف دونهيدار ۽ محتاط نموني الزامن جو تقريري دور هليو ۽ نيٺ مسئلي تي آيا ۽ ٺاهه تي صحيحون ڪيائون.

ايم آر ڊي ڊڪليريشن

DECLARATION

Despite the divergence in our political complexion we the signatory parties to this declaration, feel it our moral duty and national obligation to apprise the nation of the gravity of the situation endangering the very existence of the Federation of Pakistan. Pakistan and martial law cannot coexist. An earlier martial law, under General Yahya Khan, resulted in secession of East Pakistan. The martial law of Zia-ul-Haq today threatens once again the existence of the Federation of Pakistan. This crisis of colossal magnitude can only be met with the united will and support of the entire country, mobilised by a popularly elected government.

We therefore demand that Zia-ul-Haq quit and martial law be lifted immediately failing which they will be removed by the irresistable will of the people; that free, fair and impartial elections to the National and Provincial Assemblies be held within 3 months, in accordance with the unanimously adopted Constitution of 1973, and power be transferred to the elected representatives of the people; and the interests of the four federating units be fully restored and protected.

Nusrat Bhutto
Pakistan Peoples Party

Pak. Tehrik-i-Istiqlal

Pakistan Muslim League

Fatehyab Ali Khan
Act. Pres. Pakistan Mazdoor Kissan Party

NDP

for Muslim Conference

ٽاهہ

"اسان جي مختلف سياسي جَھتن جي باوجود اسان هن اعلان تي صحيون ڪندڙ پارٽيون محسوس ڪريون ٿيون تہ اها اسان جي اخلاقي ۽ قومي ذميواري آهي تہ پاڪستان جي وفاق ڪي موجود هن خطري واري حالت جي گنڀيرتا کان قوم کي آگاهہ ڪجي. پاڪستان ۾ مارشل لا گهڻا نتا هلي سگهن. يحيٰ خان واري گذريل مارشل لا جو نتيجو اوير پاڪستان جي عليحدگيءَ جي صورت ۾ نڪتو. ضياءُ الحق جي مارشل لا اڄ پاڪستان جي وفاق جي وجود لاءِ هڪ ڀيرو ٻيهر ڌڙڪو ٻڻجي وئي آهي. هن شديد بحران کي فقط گڏيل جذبي ۽ سچي ملڪ جي مدد سان چونڊيل مقبول حڪومت قائم ڪرڻ سان ئي منهن ڏيئي سگهجي ٿو.

تنهنڪري، اسان ضياءُ الحق کان مطالبو ٿا ڪريون تہ هو هڪدم اقتدار ڇڏي ڏي ۽ مارشل لا کڻي ڇڏي، ٻي صورت ۾ کين عوام جي ناقابل مزاحمت طاقت سان هٽايو ويندو. ١٩٧٣ع واري متفقہ طور منظور ٿيل آئين موجب ٽن مهينن اندر قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جون غير جانبدار، آزاد ۽ صاف سٽريون چونڊون ڪرايون وڃن ۽ اقتدار عوام جي چونڊيل عيوضين کي منتقل ڪيو وڃي ۽ وفاق جي تشڪيل ڪندڙ چئني يونٽن جي مفادن کي هڪدم بحال ۽ محفوظ ڪيو وڃي."

هن ناهہ يا اعلان نامي جو آخري حصو ان ڪري دلچسپ آهي جو ان ۾ وفاق جي تشڪيل ڪندڙ "چئن يونٽن" جو ذڪر آهي. هتي صوبن بدران لفظ "يونٽ" استعمال ڪري يونٽن جي مفادن جو خاص طور ذڪر ڪيو ويو. اهو جملو وڌ ۾ وڌ صوبائي خودمختياريءَ جو مطالبو ڪندڙن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ شعوري طور داخل ڪيو ويو هو جنهن ڪري MRD ۾ قومپرست لهجن کي شريڪ ٿيڻ جو اتساهہ مليو.

هن اعلان نامي تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ طرفان بيگم نصرت ڀٽو

پاڪستان جمهوري پارٽيءَ پاران نوابزادي نصرالله خان، تحريڪ استقلال پاران محمود علي قصوري، پاڪستان مسلم ليگ پاران خواجہ خيرالدين، قومي محاذ آزادي پاران معراج محمد خان، مزدور ڪسان پارٽيءَ پاران فتحياب علي خان، نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ پاران شير باز مزاري، جمعيت علماءِ اسلام پاران مولانا فضل الرحمان ۽ جموں و ڪشمير مسلم ڪانفرنس پاران سردار محمد قيوم صحيحون ڪيون. پر آخري پارٽي جلد ايم. آر. ڊي ڇڏي وئي. هن اعلان نامي تي پير صاحب پاڳاري جي مسلم ليگ پاران محمد خان جوڻيجو بہ ڳالهين ۾ شامل هو پر عين وقت تي پير صاحب ان تي صحيح ڪرڻ کان لنوائي ويو. (تفصيل اينڊڙ صفحن ۾).

تاريخ ٦ فيبروري ١٩٨١ع تي ايم. آر. ڊي باقاعدي وجود ورتو. اها خبر جڏهن بي بي سي تان نشر ٿي تہ مايوس عوام جي رڳن ۾ ڄڻ زندگي ڊوڙي اٿي. هنن کي ڄڻ اشارو ملي ويو هو تہ ضياءُ الحق ۽ مارشل لا خلاف تحريڪ ۾ جيڪو جيئن ڪري سگهي، تيئن ڪري. ايم. آر. ڊي ٺهڻ جي اعلان کي عوام جنگ جو بگل ڪري ورتو ۽ هوريان هوريان سماج جي مختلف حلقن مان ننديون ننديون نافرمانيون ۽ ڇڪڙيون شروع ٿي ويون. هر تحريڪ وانگر هن ڀيري بہ شاگرد ۽ وڪيل اڳتي آيا. شاگرد جوشيلو طبقو هوندو آهي ۽ وڪيل آئين ۽ قانون کي چڱيءَ طرح سمجهي ٿو. پوءِ ان ۾ ڊاڪٽر ۽ استاد بہ شامل ٿي ويا ۽ چئني صوبن مان مزاحمتن ۽ احتجاجي تحريڪ جو سڌ پڙاڏو ٻڌجي ويو.

ضياءَ حڪومت ٢١ فيبروري کان صوبہ بدريون شروع ڪري ڇڏيون تہ جيئن MRD ٢٧ فيبروريءَ تي لاهور ۾ ڪوٺايل اها گڏجاڻي نہ ڪري سگهي، جيڪا خفيہ رکي وئي هئي. ڀهريون نيڪاليون پنجاب مان ٿيون. اها نيڪالي بينظير ڀٽو کي بہ ملي. ان هوندي بہ اها ڳجهي گڏجاڻي ٿي گذري، جنهن ۾ بيگم نصرت ڀٽو برقعو پائي ١٣ سالن جي هڪ ڪارڪن سان ريل گاڏيءَ ذريعي لاهور پهتي. جيتوڻيڪ لاهور جا گهٽ گهيڙ بند هئا، MRD جا اڳواڻ خفيہ گڏجاڻي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. حڪومت بہ ناڪام نہ وئي ۽ گڏجاڻيءَ واري هنڌ تي ڇاپو لڳو پر ان مهل تائين دير ٿي

چڪي هئي. MRD حڪومت کي آخري نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو هو تہ "مارشل لا ختم ڪري ٽن مهينن اندر عام چونڊون ڪرايون وڃن. ضياءُ الحق هڪدم اقتدار ڇڏي ڏي، ٻيءَ صورت ۾ عوام پنهنجي بي پناهہ قوت سان مارشل لا جو خاتمو آڻيندو." MRD سڄي ملڪ ۾ زبردست هڙتالن ۽ مظاهرن لاءِ ٢٩ مارچ جي تاريخ مقرر ڪئي.

جوشيلا ماڻهو ويتر سرگرم ٿي ويا ۽ سنجيدهہ ماڻهن جي دل جو ڌڙڪو ۽ سوچڻ جي رفتار وڌيڪ تيز ٿي وئي. عوام جي بي پناهہ قوت ۽ مارشل لا جي طاقت جو ٽڪراءُ ٿيڻ وارو هو. جيڪڏهن هي منظر خلا ۾ ٻن طاقتور سيارن جي ٽڪراءُ جو هجي ها تہ دنيا جا سائنسدان دوربينن تي ويهي ان واقعي جي هڪ هڪ لمحي جو مشاهدو ڪن ها! هڪ اهڙو ٽڪراءُ جيڪو ڪائنات ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو آهي. پاڪستان ۾ بہ سياسي، فوجي، صحافتي ۽ سماجي حلقا ايم. آر. ڊي جي مرڪزي قيادت جي اشارن ۽ عوامي توڙي فوجي طاقت جي ردعمل تي ڪرڙي اک وجهي ويهي رهيا.

ڪراچي سينٽرل جيل ۾ بند نہ رڳو سياسي قيدي پر عام قيدي بہ مايوسيءَ مان نڪري آيا هئا. سال ١٩٨٠ع واري مايوسي ختم ٿي چڪي هئي ۽ اميد جا ڪرڻا مايوسيءَ جي ڪوهيڙي کي گم ڪري رهيا هئا پر سياسي قيدي پنهنجي بي چيني لڪائي نٿي سگهيا. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو محمد حسين ڏنجي روز صبح جو پنهنجي وارڊ مان نڪري ٻين وارڊن يا بيرڪن جو چڪر هڻندو شام جو جڏهن پنهنجي ٽاڪ تي موٽندو هو ان مهل قيدي کانئس پڇندا هئا؟ "ڏنجي صاحب ملي؟"

ڏنجي جواب ڏيندو هو "نہ! اڃا رستي ۾ آهي." هن سوال ۽ جواب جي پويان اصل سوال هو "سياسي لائين!" اها صورتحال تڏهن جي آهي جڏهن فيبروري ١٩٨١ع ۾ ايم. آر. ڊيءَ وارو اتحاد پنهنجي شڪل وٺڻ جي آخري مرحلن ۾ هو پر سياسي قيدين کي بي بي سي "لائين" ڏيئي رهي هئي ۽ قيدين جي اکين ۾ چمڪ جو سبب بہ بي بي سي جون خبرون هيون. "اها ئي لائين آهي!" ڏنجي مرڪي چوندو هو.

رفيق صفي، سميع منير ۽ ٻيا سياسي قيدي انهن ڏينهن ۾ فرخنده

بخاري ڪيس ۾ بہ اکيون وجهيو ويٺا هئا. فرخنده بخاريءَ مارشل لا جي دفعہ ١٩٩ جي خلاف اپيل داخل ڪئي هئي. پاڪستان جو اعليٰ عدالتون ان تي ابتڙ فيصلا ڏيئي چڪيون هيون. هي آئيني حقن جو معاملو هو. جنهن تي سنڌ هاءِ ڪورٽ حڪومت جي حق ۾ ۽ بلوچستان ۽ پنجاب هاءِ ڪورٽن حڪومت جي خلاف فيصلو ڏنو هو. اڃا اهو ڏسڻو باقي هو تہ سپريم ڪورٽ ڪهڙو فيصلو ڏئي ٿي.

ايم. آر. ڊي نمرڻ جا تفصيل، ڪردار، دعوائون ۽ اعتراض

صحافي الياس شاڪر جو ڪتاب "ايم. آر. ڊي ڪاميابيان اور ناڪاميان" تجويز ڪري ٿو تہ مسٽر پيار علي الانہ جو ان ڏس ۾ ڪافي اهم ڪردار آهي. الياس شاڪر ڪافي سياستدانن جا انٽرويو ۽ دعوائون رڪارڊ ڪيون آهن. ايم. آر. ڊي کي سمجهڻ لاءِ پاڻ انهن دعوائن ۽ انٽروين تي بہ هڪ نظر وجهنداسين!

جيئن تہ ان وقت مارشل لا سبب اظهار راءِ تي پابندي هئي ۽ سياسي پارٽي آڏو ڪالعدم لکڻ وڏي مجبوري هئي، ان ڪري هتي اهو ٻڌائڻ ضروري ٿيندو تہ مارشل لا سرڪار عام رواجي قانون کان سواءِ MLR 4 بہ هٽي چڏيو هو. جنهن تحت حڪومت جي خلاف ڪوبہ پمفليٽ، ڪتاب آٽڻ، تحرير ۽ تقرير ڪرڻ ممڪن ڪونہ هئي. اهو آرڊيننس "الامان ۽ الحفيظ!" چوڻ جي برابر هو. ٿوري ٿوري ڳالهہ تي ڦاهي، جنم ٽيپ ۽ ڦٽڪن جون سزائون ملي ٿي سگهيون. اهوئي سبب هو جو اخبارون حڪومت جي خلاف ڪوبہ مضمون ڇاپي ڪونہ سگهنديون هيون. سمورا مضمون ۽ ڪالم، خبرون ۽ تبصرا ڏاڍي علامتي انداز ۾ ڏنا ويندا هئا. ان ڪري، ان زماني ۾ سخت مزاحمتي ۽ علامتي ادب تمام وڏي تعداد ۾ تخليق ٿيو پر تڏهن بہ ان جو تمام وڏو حصو ڇپجڻ کان رهجي ويو.

ان وقت (١٩٧٧ع) ۾ سينسر شپ لاڳو ٿيڻ بعد پريس ايڊوائسز جو سلسلو جاري هو ۽ اخبارن جون پيسٽ ٿيل ڪاپيون ڇپجڻ کان اڳ ۾ انفارميشن آفيس موڪليون وينديون هيون، جتي انفارميشن آفيسر،

ڊائريڪٽر ۽ سيڪريٽري ’قابل اعتراض‘ خبر جا بتر اکيڙي ڦٽا ڪندا هئا. ان کان پوءِ ساڳي ڪاپي ٻيهر اخبار جي آفيس ويندي هئي، جتي خالي ڪيل جايون اجاين خبرن سان پريون ويندين هيون. نيٺ، اهو وقت به آيو جو اخبارن عاجز ٿي (وقت بچائڻ لاءِ) خالي ٿيل جايون جيئن جو تيئن ڇڏي اخبارون ڇاپڻ شروع ڪيون. ان ’حرڪت‘ ۾ اخبارن جو احتجاج ۽ اهو تاثر ڏيڻ جو دخل به هو ته پريس مٿان ڪيتري وڏي پيماني تي سينسر شپ لاڳو ٿيل آهي.

اخبارن جا ڪيئي ڪالم ۽ ايڊيٽوريل جون خالي جايون ڏسي عوام ۾ حڪومت جي پت اجا به خراب ٿيڻ لڳي. ان کان پوءِ سرڪاري طرح لازمي ڪيو ويو ته اخبارون اکوڙيل بترن جي جاءِ تي لازمي طرح ڪي ٻيون خبرون هڻنديون. ان حڪم نامي جي موٽ ۾ پنجاب جي ڪجهه اخبارن سينسر ٿيل ايڊيٽوريلن جي جاءِ تي گڏهن گهوڙن ۽ ٻين جانورن جون تصويرون ڇاپڻ شروع ڪيون.

پريس ايڊوائسز جو سلسلو جيئن ته مارشل لا لڳڻ کان شروع ٿيو هو ان ڪري روزانه هلال پاڪستان ڪراچي جي ڪارڪنن ١٩٧٧ کان ١٩٨٦ع تائين جاري ٿيل انهن ايڊوائسز کي ”تاريڪ دور جا تاريخي اهميت وارا دستاويز“ سمجهي سانڍڻ ۽ رجسٽرن ۾ داخل ڪرڻ شروع ڪيو هو. انهن رجسٽرن ۾ اها سڄي معلومات هوندي هئي ته ڪهڙي ڏينهن ۽ وقت تي، انفارميشن آفيس يا ڪنهن ٻئي اداري پاران ڪهڙي آفيسر ڪهڙي هدايت ڏني، پر افسوس جو اهو سڄو تاريخي رڪارڊ هلال پاڪستان جو هڪ اڳوڻو ايڊيٽر مسٽر ناصر بروهي ١٩٨٦ع ڌاري ايڊيٽر شپ تان لهڻ وقت پاڻ سان گڏ کڻي ويو ۽ ڪنهن کي ڏيئي ڇڏيائين.

پاڪستان ۾ اخبارن تي سينسرشپ ١٦ آڪٽوبر ١٩٧٧ع تي ان وقت هڻئي وئي هئي، جڏهن جنرل ضياءُ الحق عام چونڊون ملتوي ڪري سياسي سرگرمين تي پابندي وجهي ڇڏي هئي. ١٨ ڊسمبر ١٩٨١ع تي سرڪار ٽن اخبارن جنگ، نواءِ وقت ۽ مشرق تان سينسر شپ مڪمل طور تي لاهي ڇڏي هئي، باقي اخبارن تي ڪي قدر نرمي ڪئي وئي پر ٽنهي اخبارن

پنهنجو پاڻ تي پاڻمرادي سينسرشپ لاڳو رکي ۽ انهن ڪڏهن بہ عوامي سياست جون خبرون ڪونہ هلايون. باقي اخبارون لڪ چپ ۾ ڪي ڪي خبرون ڏيئي ويندون هيون (اها صورتحال جوڻيجو حڪومت جي قيام تائين برقرار رهي). عام سويلين ۽ اعليٰ عدالتن جا اختيار تہ هٿا ئي ڪونہ. جنهن ڪري ڪنهن بہ سرسري فوجي عدالت جي رواجي ميجر جي فيصلي کي بہ سپريم ڪورٽ تائين ڪٿي بہ چئلينج ڪري نہ پيو سگهجي.

١٩٨٠ع ۾ ابتدائي ڊوڙ ڊڪ

ڀٽي صاحب جي ڦاسيءَ کان پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا ڪارڪن، ڀٽو خاندان ۽ خاموش اڪثريت عظيم صدمي ۾ هلي وئي هئي. قومي اتحاد کي جنرل ضياءُ الحق جيڪو قومي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ جو خواب ڏيکاريو هو، هو ان تان دستبردار ٿي چڪو هو. جنرل صاحب جا پنهنجا ڀٽي ڀائي جنرل صاحب. جنرل فيض علي چشتيءَ وانگر ناراض ناراض لڳي رهيا هئا. قوم ۽ قيادت کي ڏڪ پچائڻ ۾ بہ اڍائي سالن جو وقفو لڳي ويو. نيٺ ضرورت محسوس ٿي تہ ٩٠ ڏينهن جي واعدي تي آيل فوجي سرڪار مان جند ڇڏائجي پر اهو ڪو سولو ڪم ڪونہ هو.

ڀٽي صاحب جو پراڻو ساٿي ۽ اڳوڻو صوبائي وزير پيار علي الانہ چوي ٿو "١٩٨٠ع ۾ بيگم ڀٽو سياسي جماعتن سان سڌي رابطي ۾ ڪونہ هئي پر هن سان منهنجيون اڪثر ملاقاتون ٿينديون هيون. بيگم صاحبہ مون کي ٻڌائيندي هئي تہ فلاڻي فلاڻي پارٽيءَ جي اڳواڻ جو هاڻوڪي سياسي صورتحال بابت هيءُ خيال آهي ۽ فلاڻي جي خيال ۾ هن صورتحال مان نڪرڻ جي وات هيءَ آهي." الانہ موجب ان وقت بيگم صاحبہ خيال ڏيکاريو تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا بہ ٻين پارٽين سان رابطا ٿيڻ گهرجن!

ان تي الانہ صاحب راءِ ڏني تہ "جيڪڏهن توهان جي مرضي آهي تہ ملڪ مان مارشل لا ختم ٿئي، ملڪ سلامت رهي، چار ئي صوبا وفاقي ايڪائي ۾ رهن ۽ ١٩٧٣ع وارو آئين بحال ٿي وڃي جيڪو ڀٽي صاحب ڏاهيو هو تہ پوءِ توهان ملڪ ۾ ڏرينديءَ جي عمل کي وڌايو ۽ اهو فقط تڏهن

تي سگھندو جڏھن سڀ سياسي جماعتون گڏجن ۽ وسيع تر مفاد ۾ ھڪ نقطي تي متفق ٿين. الانہ صاحب جي ھن بيان مان ظاھر آھي تہ ايم. آر. ڊي ٺاھڻ يا مارشل لا مان جند ڇڏائڻ جو خيال فقط بيگم ڀٽو جي ذھن ۾ ئي ڪونہ اپريو ھو ۽ نہ وري فقط الانہ صاحب ئي ھو جنھن ڪا بنيادي حڪمت عملي ڏني پر ان وقت اڪثر سياسي پارٽيون مارشل لا مان جند ڇڏائڻ لاءِ پاڻ ۾ رابطا ڪري رھيون ھيون جن ۾ اڪثر اھي ئي "قومي اتحاد" واريون ھيون، جن ڀٽي صاحب کان اقتدار ڇڏايو ھو ۽ پوءِ ضياءُ الحق کين بہ استعمال ٽيل ڪاغذ وانگر اڇلائي ڇڏيو ھو.

ھن موقعي تي بيگم صاحبہ الانہ صاحب جي آڏو اھو ئي سوال رکيو ھو تہ انھن ۾ اڪثر جماعتون اھي ئي آھن جن مارشل لا ھٽائي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت ختم ڪرائڻ کان پوءِ بہ سک سان نہ ويٺا ھئا پر احتساب جو مطالبو بہ ڪيو ھو ۽ جڏھن اجا ڀٽي صاحب تي قصوري قتل ڪيس ھلي رھيو ھو تڏھن بہ اھي ئي ماڻھو مطالبا ڪري رھيا ھئا تہ ڀٽي صاحب کي سزا ملڻ گھرجي. ان پس منظر ۾ بيگم صاحبہ لاءِ اھو ڏاڍو ڏکيو ھو تہ ھوءَ پنھنجن سخت ترين بلڪ جاني مخالفن ڏانھن سياسي سنڌ جو ھٿ وڌائي. ھن چيو ھو "اسان اھڙن ماڻھن سان ڪيئن ڳالھايون ۽ ڪيئن رابطو ڪيون؟"

ھي ڏاڍو جذباتي ۽ حساس مسئلو ھو. ان ۾ ڪاوڙ بي وسي ۽ انا بہ شامل ھئي. ان وقت بقول مسٽر پيار علي الانہ "مون بيگم صاحبہ کي چيو تہ توھان ڀٽي صاحب جي بيواھہ ھئڻ سان گڏ ھڪ سياسي پارٽيءَ جي سربراھہ بہ آھيو. جيڪڏھن توھان کي ملڪ جي سلامتيءَ ڏانھن ڏسڻو آھي ۽ آئين بحال ڪرائڻو آھي تہ پوءِ سياسي فيصلو بہ توھان کي ڪرڻو پوندو. ان کان سواءِ ڪو ٻيو رستو آھي بہ ڪونہ!"

ان صلاح مشوري دوران بيگم ڀٽو فيصلو ڪيو تہ "جيڪڏھن ائين ضروري آھي تہ پوءِ ائين ئي سھي!" ھن ان ئي مھل الانہ صاحب تي ذميواري رکي تہ ھو ٻين جماعتن جي اڳواڻن سان رابطا ڪري، سندن ذھن جاچي. الانہ صاحب ھڪدم پنھنجي ڪم تي لڳي ويو ۽ بيگم صاحبہ کي اطلاع

ڏنو تہ "موٽ سنڌ ملي رهي آهي ۽ غير رسمي ملاقاتن ۾ ڳالهہ گڏجي ويهڻ طرف وڌي آهي." سيپٽمبر ١٩٨٠ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مرڪزي ڪاروباري ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي ٧٠ ڪلفٽن ۾ ٿي. جنهن ۾ پارٽيءَ جا چٽني صوبن مان عيوضي شامل ٿيا. جن ۾ الانہ بہ موجود هو. گڏجاڻيءَ ۾ خيالن جي ڏي وٺ جو سلسلو هليو ۽ بيگم صاحبہ پارٽيءَ جي مرڪزي باڊيءَ کان توريل تڪيل راءِ جي گهر ڪئي تہ "ڇا اسان کي مارشل لا جي خاتمي لاءِ ڪنهن گڏيل مؤقف تي بين ڌرين سان هم خيالي پيدا ڪرڻ گهرجي؟"

ان گڏجاڻي ۾ شيخ رشيد. فاروق لغاري، يحيٰ بختيار، ممتاز ڀٽو غلام مصطفيٰ جتوئي، آغا غلام نبي پٺاڻ، ميان احسان الحق، مخدوم خليق ۽ پيار علي الانہ سميت ڪل ٢٣ اڳواڻ هئا. سڀني جي راءِ ساڳئي بيٺي تہ سڀني سياسي پارٽين کي هڪ پليٽ فارم تي اچڻ گهرجي. ان کان پوءِ بيگم صاحبہ هڪ ڪميٽي قائم ڪئي جنهن جي ذمي مختلف سياستدانن سان رابطو قائم ڪرڻ هو.

ان ڪميٽيءَ رات جي ماني جي موقعي تي هڪ ابتدائي ڊرافٽ تيار ڪيو جنهن ۾ ڪوشش ڪئي وئي هئي تہ گهٽ کان گهٽ نقطن تي سڀني پارٽين کي جمع ڪري سگهجي. ان ابتدائي ڊرافٽ جي تياريءَ ۾ بينظير ڀٽو فاروق لغاري، يحيٰ بختيار، معراج خالد ۽ پيار علي الانہ شامل هئا. مرڪزي ڪميٽيءَ اهو مسودو هڪدم قبول ڪيو ۽ بيگم صاحبہ کي اختيار ڏنو تہ هوءَ سياستدانن سان رابطا ڪرڻ ۽ ضرورت پوڻ تي ڊرافٽ ۾ ترميم پڻ ڪري، ان ئي موقعي تي بيگم صاحبہ اعلان ڪيو تہ رهنمائن سان رابطي جي ذميواري پيار علي الانہ جي حوالي ڪجي ٿي.

رات جو سا ڏي يارهين لڳي اهو ڊرافٽ الانہ صاحب کي مليو. الانہ گهر پهچڻ کان اڳ نوابزادي نصرالله خان جي هڪ سياسي ساٿي انور عباس نقويءَ وٽ ويو ۽ کيس ڊرافٽ جي ڪاپي ڏيئي پارٽ ڪئي تہ جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي تہ هو صبح جو هوائي جهاز جملي ملتان پهچي ۽ ڪاپي نوابزادي کي پهچائي. ٻئي ڏينهن صبح جو اها ڪاپي ملتان رواني ٿي وئي.

اهوئي ڊرافٽ الانہ صاحب جي معرفت پير صاحب پاڳاري، خواجہ خيرالدين ۽ مولانا شاھہ احمد نوراني ۽ تائين بہ پهتو. پير صاحب ڊرافٽ ملڻ کان پوءِ چيو تہ سندس خيال ۾ اسان جي وچ ۾ سياسي همخياليءَ کان اڳ ۾ بيگم صاحبہ سان ڪا ذاتي همخيالي بہ تيڻ گهرجي ۽ ٻنهي جي پاڻ ۾ سڌي ملاقات ٿيڻ گهرجي. پير صاحب جي راءِ غلط تہ ڪونہ هئي پر الانہ صاحب جي چوڻ موجب اهو في الحال ممڪن نہ هو. شايد ان ڪري تہ جاسوس ادارن جون اکيون ۽ هٿ ڏاڍا چوڪس هئا. ممڪن آهي تہ پير صاحب پاڻ بہ انهن ڏکين حالتن کي نظر ۾ رکي اهڙو شرط رکيو هجي، جنهن تي عمل في الحال ممڪن ڪونہ هو.

D E C L A R A T I O N

We the signatories to this declaration are of the unanimous view that promulgation of Martial Law on 5th July, 1977 was a flagrant violation of the 1973 Constitution of Pakistan, which is Islamic Federal and democratic. The Coup d'Etat staged by General Zia-ul-Haq was a conspiracy against the people of Pakistan aimed at nullifying the political accord reached between the elected Government and the P.N.A. Leaders, through democratic process. This blatant usurpation of power by Gen. Zia culminated in the tragic execution of Prime Minister Zulfikar Ali Bhutto and brought untold tragedy and misery to the people of Pakistan.

Despite the divergence in our Political complexion we the parties comprising the entire political spectrum feel it our moral duty and national obligation to apprise the nation of the gravity of the situation endangering the very existance of the Federation of Pakistan. This crisis of collossal magnitude can only be met with the united will and support of the entire country mobolised by a popularity elected government.

Palostam and martial law cannot coexist. An earlier martial law, under General Yahya Khan, resulted in the secession of East Pakistan. The martial law of Zia-ul-Haq today threatens once again the existance of the Federation of Pakistan.

The continuation of military rule is seriously jeopardising the defence capability of our armed forces which is deterimental to the national interest. The efficiency and effectiveness of the armed forces must be restored so that they should whole-heartedly concentrate on the defence of Pakistan. The duty of the armed forces is to defend the frontiers and not to topple governments. The entire Pakistani nation pledges not to tolerate any military coup d'etat in the future and that any such attempt on the part of any military adventurer will be resolutely resisted and flouted by the nation as a whole.

We note the dangerous confrontation between the people and the armed forces which has been created by Gen. Zia with a view to perpetuating his own illegal dictatorship. The country is engulfed in a crisis of unprecendented magnitude. There is a dangerous political vacuum. People are denied their basis human rights, the press is muzzled, judiciary made subservient and ineffective, political parties are banned, political workers, journalists, students, trade union members and lawyers have been flagged, imprisoned and given harsh punishments by summary military courts without permitting legal aid, unbridled inflation has broken the back of the common man. The whole country is being run through martial law regulations and orders which is a total negation of the fundamental principles enshrined in the Constitution of the Islamic Republic of Pakistan. General Zia has persistently practised every deceit to prolong his stay in power. He has broken every pledge solemnly made to the nation for holding general elections and handing over power to the elected representatives of the people.

WE THEREFORE DEMAND

That General Zia-ul-Haq quit or be removed immediately and the Parliament which was in existance on 4th July, 1977 be revived which would meet only for the purpose of electing the President and Prime Minister and would be dissolved immediately thereafter. The Prime Minister shall constitute a Supreme Council in accordance with the spirit of the agreement of 2nd July, 1977 between the Government and P.N.A., which would supervise the holding of fair, free and impartial general elections to the Parliament and Provincial Assemblies, under the 1973 Constitution within three months, and to oversee the general administration of the country.

ان هوندي بہ الانہ صاحب پير صاحب کي چيو "هن وقت مون کي سياسي رابطن تي مقرر ڪيو ويو آهي، تي سگهي ٿو تہ اڳتي هلي ملاقات ٿي وڃي!" ايلچي، چاهي ڪنهن معزول ٿيل يا شڪست کاڌل بادشاهہ جو ٿي چو نہ هجي، هو پنهنجي مرضيءَ موجب ڪابہ ڪمٽمينٽ نہ ڪري سگهندو آهي. شايد الانہ بہ ائين ئي ڪيو. پير صاحب پاڳاري سان اها ملاقات پنهنجي جاءِ تي اهم هئي پر پير صاحب جو چوڻ آهي تہ هن سان ايم. آر. ڊيءَ جي حوالي سان ڪو سنجيده رابطو نہ رکيو ويو. بهرحال، ان ريت پير صاحب ايم. آر. ڊيءَ جي حامي ڪئمپ ۾ اچي نہ سگهيو يا نہ آيو.

انهيءَ ئي ڏينهن تي پيار علي الانہ جمعيت علماء اسلام جي اڳواڻ مولانا مفتي محمود سان بہ ملاقات ڪئي هئي (ان جي ٿورن ڏينهن کان پوءِ مفتي صاحب گذاري ويو). الانہ چوي ٿو تہ "مون پير صاحب پاڳاري کي اطلاع ڏنو هو تہ هن سلسلي ۾ سندس ملاقات مفتي صاحب، نوابزادي نصر الله ۽ مولانا نورانيءَ سان ٿي چڪي آهي." ان جي جواب ۾ پير صاحب چيو تہ "اهي سڀ ماڻهو رات جو مون وٽ ماني کائڻ ايندا. تون بہ اچجانءِ، ان ڊرافٽ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪنداسين."

الانہ صاحب پير صاحب جي ان دعوت ۾ شرڪت قبول ڪرڻ بدران چيو تہ "توهان پاڻ ۾ ويهي ان ڊرافٽ تي سوچجو ڇاڪاڻ تہ آئون هنن سان جدا جدا ڳالهائي چڪو آهيان ۽ مون کي سندن سوچ جي خبر آهي، جيڪڏهن تعاون ٿي ويو تہ پوءِ سٺا نتيجا نڪرندا." ان کان پوءِ پنهنجي صاحبن آئنده رابطن لاءِ هڪٻئي کي پنهنجا نوان ٽيليفون نمبر ڏيئي موڪلايو. پير صاحب جي گهر ۾ ٿيل رات جي ماني تي آيل مهمانن ڇا ڇا ڳالهايو؟ ان جا تفصيل معلوم نہ آهن. بهرحال، لڳي ٿو تہ ان ملاقات مان ڪو خاص ڪڙ تيل ڪونہ نڪتو.

هتي اهو ياد رکڻ ضروري آهي تہ قومي اتحاد (۾ شامل ڌرين) ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي وچ ۾ نفرتن، دشمنين ۽ بي اعتماديءَ جي فضا اڳ ئي تمام خراب هئي. ٻنهي ڌرين هڪٻئي کي ويجهو ڪرڻ لاءِ دلي ۽ ذهني طرح تيار ڪونہ هيون پر اهو بہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ قومي اتحاد

۾ شامل سڀ پارٽيون هڪ جيتريون سخت گير ۽ جمهوريت دشمن ڪونہ هيون. ان ڪري اهو قطعي ناممڪن هو تہ قومي اتحاد جون سڀ پارٽيون پيڇاڙيءَ تائين پاڻ ۾ همخيال رهي سگهن.

پيار علي الانہ قومي اتحاد جي سيني اڳواڻن سان ملڻ بعد محسوس ڪيو تہ هنن سيني ۾ فقط نوابزادو نصرالله خان ئي اهڙو ماڻهو آهي، جنهن جي معرفت قومي اتحاد سان رابطا، سوال جواب ۽ مفاهمت جا رستا جاري رهي سگهن ٿا. ان ڪري سندس گهڻي کان گهڻيون ملاقاتون نوابزادي ۽ سندس پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل ارشد چوڌريءَ سان رهيون. هو پنهنجا ڊرافٽ ۽ پارٽي مؤقف کڻي ايندا هئا ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پاران الانہ صاحب پنهنجي ڊرافٽ ۽ مؤقف جي وضاحت ڪندو هو.

الانہ صاحب چوي ٿو تہ سندس جاءِ تي اڪيلائي ۾ ٿيل ملاقاتون بهتر فضا ٺاهينديون رهيون. نوابزادي نصرالله جو رويو ڪافي مثبت رهيو ۽ هن جي ڪوشش هئي تہ ڪنهن ريت اهڙو فارمولو ٺهي پوي، جنهن تي سڀ ڌريون متفق ٿي وڃن. اهو ئي سبب هو جو ملاقاتن جي سلسلي ڪي نوابزادي بہ ٽنڊ نہ ڏنو ۽ خود الانہ صاحب کي بہ همٿائيندو رهيو تہ "مون ذوالفقار علي ڀٽي سميت ٻين سياستدانن ۽ اهم ماڻهن سان ملاقاتون ڪيون آهن پر تون ڏاڍي صبر ۽ جاکوڙ سان ڳالهيون ڪرڻ وارو آهين."

هنن سمورين ڳالهين دوران اها ڪوشش ڪئي پئي وئي تہ گهٽ ۾ گهٽ نقطن تي اتفاق راءِ قائم ٿئي. سڄي دنيا جي سياستدانن جو تجربو چوي ٿو تہ جڏهن بہ همخيالي ۽ اتحاد لاءِ وڌيڪ کان وڌيڪ نقطا رکيا ويندا آهن تڏهن ڪابہ همخيالي نہ ٿي سگهندي آهي، اتحاد نہ جڙندو آهي، ڳالهيون ٽٽي پونديون ۽ اڳتي ڳالهين جو سلسلو ڏاڍو ڏکيائي سان ڳنڍبو آهي ڇاڪاڻ تہ تڪرارن ۾ نيون تلخيون شامل ٿي چڪيون هونديون آهن. سو ايم. آر. ڊي لاءِ وڏ ۾ وڏ سياسي پارٽين کي هڪ پليٽ فارم تي آڻڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ نقطا رکڻ ضروري هو. سياسي پارٽين جي ڳالهين دوران اهو نقطو بہ سامهون آيو تہ "ڀٽي صاحب ۽ قومي اتحاد جي وچ ۾ تہ اڳي ئي (جولاءِ ١٩٧٧ع ۾) همخيالي ٿي چڪي هئي جڏهن جنرل ضياء الحق اڌ رات

جو مارشل لا هٽي ڇڏي. ان رات واري ڪارروائيءَ کي سياسي ۽ فوجي حلقن ۾ "آپريشن مڊ نائٽ" طور ياد ڪيو ويندو آهي.

هن موقعي تائين پهتل ڳالهين کان پوءِ مسٽر الانہ پارٽيءَ جي چيئر پرسن بيگم ڀٽو وٽ ويو ۽ پڇيو تہ ڇا توهان وٽ ڪو اهڙو ثبوت يا دستاويز آهي جنهن سان ظاهر ٿئي تہ ماضيءَ ۾ ان قسم جي ڪا مفاهمت ٿي چڪي هئي؟ بيگم ڀٽو وٽ اهڙو ڪوبہ ثبوت ڪونہ هو. اهو ئي سوال بينظير ڀٽو کان ڪيو ويو پر هوءَ بہ اڻڄاڻ هئي. الانہ صاحب اهو ئي سوال نوابزادي نصرالله خان کان ڪيو جيڪو ڪيس مشتاق مرزا جي گهر ۾ مليو هو. اتفاق سان ان وقت اتي وڏي چمار وارو سياستدان خواجہ خير الدين بہ ويٺو هو. نوابزادي صاحب ان وقت خواجہ خير الدين کي درخواست ڪئي تہ هو هاڻي جو هاڻي پروفيسر غفور احمد وٽ وڃي ۽ تڏهوڪين ڳالهين جو مسودو کڻي اچي.

ٻن ڪلاڪن کان پوءِ خواجہ خير الدين پنهنجن هٿن سان لکيل ڊرافٽ جو نقل کڻي آيو تہ ڪمڙن ڪمڙن نقطن تي اتفاق ٿي چڪو هو. هاڻي ڳالهيون ڪافي سوليون ٿي ويون ڇو تہ جولاءِ ١٩٧٧ع کان اڳ ٿيل ڳالهين ۾ سمورين پارٽين جو موقف ۽ همخيالي وارا ثبوت سيني اڳواڻن جي آڏو اچي چڪا هئا ۽ محسوس ڪيو ويو تہ تڏهوڪي تڪرار مان اصل فائدو ڪنهن ۽ ڇو ورتو!

نوابزادو صاحب پنهنجي سر پاڻ اهو مسودو کڻي سڌو ٧٠ ڪلفٽن ڏانهن روانو ٿيو ۽ وڃي بيگم ڀٽو سان مليو جنهن کي اڳواٽ ئي اطلاع هو تہ نئين اتحاد لاءِ قومي اتحاد مان فقط نوابزادو ئي سڀ کان بهتر ۽ خلوص نيت سان ڪم پيو ڪري. ڊرافٽ پڙهڻ کان پوءِ بيگم صاحبہ تي واضح ٿيو تہ تڏهوڪي مذاڪراتي ٽيم ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پاران بہ ٻيا ماڻهو بہ ڳالهين ۾ شامل هئا. هڪ مولانا ڪوثر نيازي جيڪو ان وقت (١٩٨٠ع ۾) پارٽي کي ڇڏي چڪو هو ۽ منجهانئس ڪنهن "سچائيءَ" جي اميد بہ ڪونہ هئي ۽ ٻيو عبدالحفيظ پيرزادو جيڪو پارٽي سان گڏ هو.

بيگم صاحبہ وقت وڃائڻ کانسواءِ الانہ صاحب کي هدايت ڪئي تہ هو هڪدم حفيظ پيرزادي سان ملي ۽ ان ڊرافٽ بابت ڪيس جيڪا وڏ ۾ وڏ ڄاڻ

آهي، اها وٺي اچي. چئن ڪان پنجن ڪلاڪن جي وچ ۾ مسٽر پيرزادي وٽان ان ڊرافٽ جي سچائي جي تصديق ٿي. ان جي سچائيءَ تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي شڪ هو. حالتون ۽ واقعن جو تسلسل تجويز ٿو ڪري ۽ ان وقت قومي اتحاد جو چوڻ هو تہ "پٽني صاحب ۱۹۷۷ع ۾ قومي اتحاد جون سڀ ڳالهيون (يا اڪثر ڳالهيون) قبول ڪري ورتيون هيون. پر پاڪستان پيپلز پارٽي کي شڪ هو تہ ائين نہ هوندو. پارٽي، ماضيءَ ۾ ٽيل ڪنهن "ٺاهہ" تيڻ جي ڳالهہ کان انڪاري ڪونہ هئي پر ان ۾ شامل ڪن نقطن تي شڪ هو تہ اهي شامل نہ هوندا. اهوئي سبب هو جو اهو دستاويز ڪوٺي ڪيڻ ۾ قومي اتحاد جي ڏرين وڏيڪ سرگرمي ڏيکاري هئي.

پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ قومي اتحاد ۾ سڏيون ڳالهيون

بينظير ڀٽو انهن ڏينهن ۾ (آڪٽوبر ۱۹۷۹ع کان) پنهنجي والده بيگم ڀٽو سان 'المرتضيٰ' لاڙڪاڻي ۾ نظربند هئي. ان عرصي دوران مارشل لا کان مايوس ٿيل 'قومي اتحادي' بہ ضياءُ الحق کان ڇوٽڪاري لاءِ هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيا هئا.

بينظير ڀٽو انهن ڏينهن ۾ ڇا سوچي ۽ ڪري رهي هئي؟ ان تي پاڻ اڳ ئي بحث ڪري چڪا آهيون، ان ڪري هتي وڌيڪ تفصيل ۾ وڃڻ بدران ڪي خاص ڳالهيون ورجائي سگهجن ٿيون. هوءَ پنهنجي آتم ڪٿا "پورب جائي" ۾ لکي ٿي، "جڏهن امان ۽ مون کي المرتضيٰ ۾ نظربند ڪيو ويو هو، تڏهن جلد ئي پاڪستان قومي اتحاد جي ڪن جماعتن ضياء جي خلاف پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان سهڪار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. هنن جي ان پيش قدميءَ کي پهرين اسان سياسي حرفت بازي ڪري سمجهيو هو تہ جيئن اهي فوجي حڪومت وٽ اثر رسوخ حاصل ڪري سگهن. (يعني، جيڪڏهن تون اسان کي وزارتون ڪونہ ڏيندين تہ اسين پاڪستان پيپلز پارٽي ڏانهن ويندا سين) ... هنن ضياء کي اثرائتي انداز ۾ چيو هو. هاڻي ۱۹۸۰ع جي سرءُ جي مند ۾ وري اسان جي پراڻي مخالف پاڪستان قومي اتحاد صلح جون ڳالهيون ڇورڻ شروع ڪيون هيون. هن ڀيري هنن جي ڳالهين کي سنجيدگيءَ سان ٻڌڻو پيو هو."

پاڪستان قومي اتحاد بہ مجبور ھو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي بہ. جنرل ضياء ان وچ ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي کي وزارت اعظميٰ آچي ڦري چڪو ھو. ان ريت ھو وڏين سياسي پارٽين ۽ اتحادن ۾ ڏار وجھڻ لڳو ھو. پاڪستان پيپلز پارٽي بہ ان قسم جي ورھاڱي کان ڊنل ھئي. (ان جو تفصيل اسان پھرين نظر مان ڪيڏي چڪا آھيون) سو ھاڻي جڏھن پنھي ڌرين ۾ پيھر ڳالھيون ھليون تڏھن بي اعتماديءَ جي فضا سبب گھڻي دير پئجي رھي ھئي. جڏھن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ ست ڪلاڪ بحث ڪرڻ کان پوءِ نئين اتحاد جو اصولي فيصلو ڏنو ھو ان کان پوءِ اتحاد جي حتمي اعلان تائين پھچڻ ۾ ييل دير جو سبب ڇا ھو؟ بينظير پنھو چوي ٿي، "دشمنن سان اتحاد ڪرڻ ۾ مون کي ڏکيائي محسوس ٿي ... مخالف ڌرين جا اڳواڻ تمام شڪي ٿيندا آھن ۽ پارليامينٽري گڏجاڻيءَ ۾ ھڪبئي سان سڌو ڳالھائڻ بدران فقط قاصدن جي معرفت ڳالھائيندا آھن."

ھوءَ لکي ٿي، "انھيءَ عمل ۾ وڏيڪ مونجھارو ھڪ اکري بحث جي ڪري بہ ٿيو ۽ جنھن ان نئين اتحاد کي في الحال لوڏي وڌو ھو. اھو خاص ڪري ايم. آر. ڊي جي تجويز ھيٺ چارٽر جي لفظن تي ٿيو تہ ڇا ١٩٧٧ع جي چونڊن ۾ ڌانڌلي ٿي بہ ھئي يا نہ، تہ ڇا منھنجي والد جي موت کي بيان ڪرڻ لاءِ "سزا" يا "قتل" جو لفظ استعمال ڪجي يا نہ؟ ان تڪرار کي ختم ڪرڻ ۾ آڪٽوبر ١٩٨٠ع کان فيبروري ١٩٨١ع تائين جو عرصو لڳي ويو ۽ نيٺ گھڻي بحث مباحثي کان پوءِ ڏاڍي مشڪل سان ٺاھہ جو ھڪ مسودو تيار ٿيو ... ٥ فيبروري ١٩٨١ع جي رات جو ٧٠ ڪلفٽن ۾ آخرڪار ٻين جماعتن جي اڳواڻن ۽ نائبن جي پھريون ڀيرو روبرو گڏجاڻي ٿي ... ٦ فيبروري ١٩٨١ع تي ايم. آر. ڊي وجود ۾ آئي."

٥ فيبروري واري گڏجاڻيءَ ۾ ڇا ٿيو؟ ان جو ذڪر "پورب جائي" ۾ درج آھي ۽ ھنن صفحن ۾ بہ ان جذباتي گڏجاڻيءَ جو تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آھي. محترمہ پنھو ڳالھين دوران جن نقطن تي اعتراض جو ذڪر ڪيو آھي ۽ جيڪي ايم. آر. ڊي جي ٺھڻ ۾ دير جو سبب ٿيا ھئا، انھن کي ان گم ٿي ويل دستاويز جي پس منظر ۾ ڏسڻ گھرجي، جنھن کي مسٽر الانہ ڳولي

رهيو هو ۽ جيڪو نيٺ خواجه خير الدين (١٩٧٧ع ۾ قومي اتحاد ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي وچ ۾ ناهه بابت) جي معرفت مولانا غفور وٽان مليو هو. ان دستاويز ۾ غالباً پٽي صاحب ١٩٧٧ع وارين چونڊن ۾ ٿيل (ڌانڌلين تي) ڌانڌلين جو اعتراف ڪيو هوندو. ان ڪري ئي قومي اتحاد وارا اهو دستاويز هٿ ڪرڻ ۾ ڪافي اڳرا ٿي نظر آيا.

هن وقت تائين ايم. آر. ڊي واري نالي سان ننڍڙا اتحاد جو ڪوبه نالو طئه ڪونه ٿيو هو. سڀ ڌريون "سياسي همخيالي" جون ڳالهيون ڪري رهيون هيون. ان دوران مسٽر الانه بيگم ڀٽو کي راضي ڪري ورتو هو ته هوءَ اتحاد لاءِ نوابزادي نصر الله سان هڪ ڀيرو ملاقات ضرور ڪري ڇاڪاڻ ته اهو ئي سڀ کان اهم تياڪڙ تي سگهي ٿو. ١٩٨٠ع جي پڇاڙي ۾ بينظير ڀٽو ٧٠ ڪلفٽن تان الانه صاحب کي اشاري ۾ هدايت ڪئي ته هو ٻئي ڏينهن تي ان ماڻهوءَ (نوابزادي صاحب) کي پنهنجي گهر تي چانهه جي دعوت ڏئي. آئون به ايندس!" الانه صاحب کي اها توقع ڪونه هئي ته پارٽي قيادت ايترو جلد فيصلو ڪري وٺندي.

ٻئي ڏينهن تي بينظير ڀٽو ۽ نوابزادي نصرالله خان جي ملاقات ٽن ڪلاڪن تائين جاري رهي. الانه صاحب راوي آهي، هو چوي ٿو ته ان گڏجاڻي ۾ تمام گهڻيون ڳالهيون ٿيون، لاهن چاڙهن جا ڪيئي مرحلا آيا. هڪ موقعي تي بينظير ڀٽو چيو "اسان لاءِ اهو ڏاڍو ڏکيو آهي ته قومي اتحاد ۾ شامل سياسي ڌرين سان همخياليءَ جي ڪا صورت نڪري پوي ... ١٩٧٧ع ۾ ان اتحاد جو ڪردار سٺو ڪونه هو پر اسان ملڪ جي اهم ترين مفاد، مارشل لا جي خاتمي ۽ ملڪ جي چئني صوبن جي وچ ۾ اتحاد لاءِ سياسي همخياليءَ لاءِ راضي ٿيا آهيون."

ان موقعي تي مس ڀٽو چار نقطا آڏو رکيا ۽ چيو ته سياسي ڌرين جي وچ ۾ ڪنهن به مفاهمت کان اڳ انهن نقطن تي متفق ٿيڻو پوندو.

بينظير ڀٽو جا چارئي نقطا گهڻو تڻو ڀٽي صاحب جي حوالي سان هئا جن تي قومي اتحاد وارن جي راءِ مختلف هئي. مس ڀٽو جا نقطا ۽ نوابزادي صاحب جا جواب ڪجهه هن ريت هئا:

- "منهنجو والد ذوالفقار علي ڀٽو مرحوم اوير پاڪستان جي جدا ٿيڻ جو ذميوار نہ هو ۽ جيئن تہ اجا بہ ڪي ماڻهو (قومي اتحاد وارا) ان قسم جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن تہ ڀٽو صاحب ان الميي جو ذميوار هو. ان ڪري اها ڳالهہ طئہ ٿي وڃڻ گهرجي." ان سوال جي جواب ۾ نصرالله خان چيو "آئون ميان ٿو تہ ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان کي ٽوڙڻ جو ذميوار نہ هو."
- "۵ جولاءِ ۱۹۷۷ع کان اڳ قومي اتحاد ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي وچ ۾ ناهہ ٿي چڪو هو ۽ مارشل لا هڻڻ جي ڪابہ ضرورت ڪونہ هئي." نوابزادي صاحب وراڻي ڏني تہ "ها! آئون اها ڳالهہ تسليم ڪريان ٿو اها ڳالهہ درست آهي ۽ آئون ان کان اختلاف نٿو ڪريان."
- "منهنجي والد کي جيڪا سزا ملي، اها نہ ملڻ کپندي هئي ڇو تہ هو گنهگار ڪونہ هو." جواب ۾ نوابزادي چيو "هائو! منهنجي ذاتي راءِ بہ اها ئي آهي!"
- "الزام هنيو ٿو وڃي تہ منهنجي والد ۱۹۷۷ع وارين چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪئي هئي. اها ڳالهہ بہ پڌري ٿيڻ گهرجي تہ اها منظم ڌانڌلي ڪونہ هئي!" هن نقطي تي نصرالله خان چيو "اها ڳالهہ تسليم ڪرڻ اسان لاءِ ان ڪري ڏکي ٿي پوندي جو اسان ان ئي مؤقف تحت تحريڪ هلائي هئي ۽ ان ئي بنياد تي هليل تحريڪ ۾ ماڻهو شهيد ٿيا هئا... آئون قبول ٿو ڪريان تہ اها منظم ڌانڌلي ڪونہ هئي."

اها گڏجاڻي ٽي ڪلاڪ هلي هئي. جڏهن گڏجاڻي ختم ٿي تہ پهرين مس ڀٽو رواني ٿي وئي ۽ پوءِ نوابزادو نصرالله خان بہ پيار علي الانہ جي گهر مان ٻاهر نڪتو. پيار علي الانہ محسوس ڪيو تہ آخري نقطي تي "ڳالهہ" اڌوري رهجي وئي آهي. هن نوابزادي کي در تائين ڇڏڻ وقت رستي ۾ چيو "هي آخري نقطو رهجي ويو آهي، اسان ان جو بہ ڪو حل ڪيندا سين تہ جيئن توهان جي بہ تسلي ٿئي."

هن گڏجاڻيءَ مان ايترو ظاهر هو تہ نوابزادو صاحب تمام هيٺاهين وڃي مس ڀٽو جي اعتراضن جا جواب ڏيندو رهيو پر مس ڀٽو جي ذهن تي ماضيءَ

جون تلخيون ۽ انا اڃا تائين غالب هئي. هوڏانهن، نوابزادو مس ڀٽو کي هر صورت ۾ مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. پر هو آخر ڪيستائين جهڪي سگهيو ٿي؟

٦ فيبروريءَ کان اڳ ٧٠ ڪلفٽن ۾ رهندڙ بيگمات سان مخالف ڌر جي ڪهڙي سياستدان سڀ کان پهرين ملاقات ڪئي هئي؟ هڪ دعوا هئي ته ملڪ قاسم اهو پهريون شخص هو جنهن کي ملاقات جو موقعو مليو هو پر پيار علي الانہ جي شاهديءَ کي "اعتبار جوڳي شاهدي" قرار ڏيئي سگهجي ٿو. سندس چوڻ آهي ته. "ملڪ قاسم بيگم صاحب سان ملاقات جي خواهش ظاهر ڪئي هئي، آئون ڪيس اوڏانهن وٺي به ويو هئس پر اها ڪا رسمي ملاقات ڪونہ هئي جنهن جو ڪو بہ سياسي مقصد ڪونہ هو!"

صوبن جي حقن جو سوال

ڪنهن سياسي اتحاد لاءِ وڏ ۾ وڏ ڌرين جي همخيالي جو سلسلو اڃا جاري هو ته مولانا مفتي محمود گذاري ويو. هن کان پوءِ سندس جماعت جي واڳ سندس پٽ مولانا فضل الرحمان جي هٿ ۾ آئي. ان وقت ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو رابطو ساڳيو ئي الانہ صاحب جي معرفت تحريڪ استقلال جي اڳواڻ بئريسٽر مشير پيش امام ۽ بيگم اصغر خان سان هو. بيگم اصغر خان سان ملاقات ان وقت تي ٿي جڏهن هوءَ ڪراچي آئي هئي، نہ تہ هن سان ملاقات لاءِ ڪوبہ ايبٽ آباد سيڙجي ڪونہ ويو هو. هن صاحب بہ گول ڳالهہ ڪئي، "آئون اصغر خان سان صلاح ڪريان، سندس راءِ بہ اها هوندي!"

شيرباز مزاريءَ بہ "اصولي طرح" ڳالهہ جي حمايت ڪئي پر هن صوبن کي ١٩٧٣ع جي آئين موجب وڌيڪ کان وڌيڪ خودمختياريءَ جي ڳالهہ ڪئي، باقي همخياليءَ تي هو بہ متفق هو. مزاري صاحب اڳوٽي نعپ (نيشنل عوامي پارٽي) جو ماڻهو هو. جنهن پارٽيءَ جي 'قومپرستي' پاڪستان پيپلز پارٽي لاءِ شروع کان مٿي جو سور هو. ١٩٧١ع کانپوءِ جڏهن سرحد صوبي ۽ بلوچستان ۾ بين مقامي قومپرست ۽ مذهبي پارٽين حڪومت ٺاهي هئي، تڏهن هنن وس آهر ڪوشش ڪئي هئي تہ مرڪز کي صوبن ۾ مداخلت کان پري رکي.

جيتوڻيڪ پتي صاحب ۱۹۷۳ع واري آئين ۾ صوبائي خودمختياريءَ تي سرحد ۽ بلوچستان جي سينئي ڌرين کي راضي ڪري ورتو هو پر ان تي عمل ڪونہ ٿيو نتيجي ۾ بلوچستان ۾ بغاوت ۽ وڏي فوجي آپريشن جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ آيا جنهن جو انت اتي ٿيو جو ولي خان ۽ مسٽر غوث بخش بزنجي سميت ڪيئي اهم سياستدان وچي حيدرآباد جيل ۾ بند ٿيا. جن تي "حيدرآباد سازش" ڪيس هلندو رهيو. ان ڪيس ۾ هڪ سؤ کان وڌيڪ ننڍا وڏا جوابدار هئا. ڪين ان مهل آزادي ملي هئي، جڏهن جنرل ضياء پتي صاحب جو تختو اونڌو ڪيو هو. اهو پاڪستان جي تاريخ جو هڪ ٻيو اهم باب آهي، جيڪو ايم. آر. ڊيءَ جيڏو ئي اهم آهي ۽ جنهن تي ڪافي مواد اڳ ئي ڇپجي چڪو آهي.

الانہ صاحب مير غوث بخش بزنجي سان يوسف مستي خان جي گهر ۾ ملاقات ڪئي ۽ ڪيس ڊرافٽ ڏنو. ٻئي ڏينهن تي ٻيهر ملڻ جو وقت مقرر ڪيو ويو. بحث مباحثي ۾ PNP (پاڪستان نيشنل پارٽي) جي سربراهہ ڊرافٽ جي هڪ حصي تي اعتراض ڪيو جنهن ۾ لکيل هو "هاڻوڪو فوجي جنرل وچي ۽ نيون چونڊون هڪدم ڪرايون وڃن!" مير صاحب جي خيال ۾ ان جملي جو تاثر هو تہ "هڪڙو جنرل روانو ٿئي ۽ ان جي جاءِ تي ٻيو جنرل اچي."

الانہ صاحب اتي جو اتي ڊرافٽ ۾ ترميم ڪئي، جنهن لاءِ هن چيو تہ هو ان ترميم بابت بيگم پتو کان منظوري وٺندو ۽ پوءِ مير صاحب کي اطلاع ڏيندو. بيگم صاحبہ بہ اها تبديلي منظور ڪري ڇڏي. بزنجي صاحب بہ مزاريءَ وانگر صوبائي خودمختياريءَ جو مطالبو ڪيو "جيستائين توهان صوبائي خودمختياريءَ جي مسئلي کي پنهنجي اعلان نامي ۾ شامل نہ ڪندا، منهنجي لاءِ ڏکيو ٿي پوندو تہ آئون پنهنجن پارٽي ميمبرن کي نئين اتحاد ڏانهن مائل ڪري سگهان!"

NDP (نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي) جو سربراهہ سردار شيرباز مزاري بہ ساڳي ڳالهہ ۽ مجبوري ظاهر ڪري چڪو هو ۽ سندس دباءُ هو تہ صوبائي خودمختياريءَ جو نقطو هر صورت ۾ شامل هئڻ گهرجي. ساڳئي ڏينهن تي

PNP ۽ NDP جي وچ ۾ مڪمل انضمام جون ڳالهيون ٿيٽيون هيون بلڪ ڪوشش اها هئي تہ ان ۾ ANP (عوامي نيشنل پارٽي) بہ شامل ٿي وڃي ۽ ان ريت پراڻي نعپ)نيشنل عوامي پارٽي ٻيهر وجود ۾ اچي. ان صورت ۾ اها ملڪ ۾ ٻئي نمبر تي هڪ وڏي فعال پارٽي بڻجي وڃي ها. ياد رهي تہ نعپ ٽنڊ ڪان پوءِ اها ٽن حصن ۾ ورهائجي وئي هئي، يعني، ANP،PNP ۽ NDP.

سو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان هلندڙ تازين ڳالهين ۾ PNP ۽ NDP جي ڪوشش هئي تہ جيڪڏهن "اعلان نامي" ۾ صوبائي خودمختياريءَ جو ذڪر ٿي وڃي تہ سڀ ڪان چڱي ڳالهہ ٿي ويندي، ان ريت گهٽ ۾ گهٽ اها ڳالهہ وقت جي ايجنڊا تي ايندي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سميت سمورين ڌرين لاءِ ڪمٽمينٽ طور هميشہ رڪارڊ تي موجود رهندي ۽ ممڪن آهي تہ جيڪڏهن سياڻي تحريڪ جي نتيجي ۾ نئون اتحاد حڪومت ناهي وجهي تہ ان ۾ صوبائي خودمختياريءَ جو سوال سولائيءَ سان اٿاري سگهبو.

صوبائي خودمختياريءَ جو سوال ڪجهہ سياسي ڌرين جي ذهنن ۾ هميشہ "خطري جي گهنٽيءَ" وانگر وڄندو رهيو آهي. ان ڪري هن وقت بہ خطرو هو تہ ڪجهہ سياسي جماعتون صوبائي خودمختياريءَ جي مطالبي ڪان پوءِ "اعلان نامي" تي صحيح ڪرڻ ڪان پڇڙ ڪي ترجيح ڏينديون. هنن جو چوڻ هو تہ "ان سوال کي في الحال نہ ڇيڙيو وڃي. ان سوال تي مختلف پارٽين جي "ها" ۽ "نہ" جا پڙاڏا اڳتي ايندا رهندا. پر في الحال تحريڪ استقلال، پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ڪي مذهبي جماعتون ان سوال تي منجهيل هيون.

سياسي پارٽين سان رابطن ۾ تيزي جيڪو ماحول جوڙي رهي هئي، ان پڻ ڏنل پارٽين کي ڪجهہ حوصلو ڏنو ۽ اتحاد نمڻ جي آخري ڏينهن تائين پهچندي سيني اهو نقطو قبول ڪري ورتو ۽ سيني هم خيال دوستن هڪٻئي کي راضي ڪيو تہ ڪنهن نہ ڪنهن ريت هنن ٻن پارٽين (ANP ۽ NDP) جي خواهش کي بہ "اعلان نامي" جو حصو ڪيو وڃي ڇاڪاڻ تہ اهو ١٩٧٣ع واري آئين خلاف ڪونہ هو.

جڏهن ان نقطي جي شموليت بابت شيرباز مزاريءَ کي ٻڌايو ويو تڏهن هن تبصرو ڪيو "هاڻي اسان لاءِ سولائي ٿي پوندي ۽ اسان بهتر طور پنهنجي پارٽيءَ جي دوستن کي هن اتحاد جي مقصدن ۽ ارادن بابت ٻڌائي سگهنداسين ته ان ۾ صوبن جي حقن جو ذڪر به آهي." هاڻي، هيءُ اعلان نامو مير غوث بخش بزنجي لاءِ به قبولڻ جوڳو ٿي پيو هو.

جيڪڏهن توهان ان اعلان نامي جو غور سان مطالعو ڪندا ته صاف نظر ايندو ته اعلان نامي جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ سٽ جو خاص طور اضافو ڪيو ويو آهي جيڪا باقي اعلان نامي کان الڳ هڪ مختصر ڳالهه آهي ۽ چٽڪ خانه پري ٿيل آهي، لکيل آهي، "... ۽ اهو ته وفاق جي چئن اڪائين جي مفادن کي مڪمل طور بحال ڪيو ويندو ۽ تحفظ ڏنو ويندو."

اتحاد لاءِ ڳالهين جو پيو مرحلو

جماعت اسلامي جي قيادت پنهنجي فڪر ۽ پروگرام تي تمام گهٽ سمجهوتي بازي ڪندي آهي. هو هر ان تحريڪ يا تسلسل جي حمايت ڪندا آهن، جنهن سان سندس بنيادي پروگرام اڳتي وڌي. پيار علي الانه جماعت اسلاميءَ جي اڳواڻ پروفيسر غفور احمد کي تمام اعتدال پسند ۽ دليل سمجهڻ وارو ماڻهو سمجهندو هو. تي سگهي ٿو ته مولانا بابت اها راءِ درست هجي پر مجموعي طرح جماعت اسلاميءَ جو رويو سخت گير رهيو آهي ۽ ان ۾ لچڪ نه هئڻ جي برابر آهي. جمهوريت ۽ مارشل لا هنن لاءِ به اهڙا رستا آهن، جيڪي ان مهل تائين بي معنيٰ آهن، جيستائين اهي "صراط مستقيم" ڏانهن نٿا وٺي وڃن. سندن خيال هو ته جنرل ضياءُ الحق "صراط مستقيم" ڏانهن وٺي ويندو ان ڪري هنن سندس حمايت ڪئي پر پوءِ... ان هوندي به جماعت اسلامي اها واحد پارٽي آهي، جنهن جنرل صاحب جي پروگرامن کي آخر تائين چڱو سمجهيو.

الانه صاحب جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي پاران پروفيسر غفور صاحب سان مليو، تڏهن هن به همخياليءَ جي اهميت تي زور ڏنو ۽ شايد پنهنجي شوري کي همخيال ڪرڻ ۽ حالتن جي نزاڪت کي واضح ڪرڻ

جي وڏي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نہ ٿيو. ان وقت جماعت اسلاميءَ ۾ ميان طفيل محمد، رحمت الاهي ۽ قاضي حسين احمد بہ تمام اهم ماڻهو هئا ۽ ڪنهن بہ نئين اتحاد جا مخالف هئا. شايد مولانا جان محمد عباسي بہ اتحاد جي حق ۾ ڪونہ هو.

جماعت اسلاميءَ سان همخيالي پيدا ڪرڻ لاءِ پنجاب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مقامي قيادت جن ۾ قاضي حسين صاحب جي هڪ وڪيل دوست، پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل فاروق لغاري ۽ ٻين بہ ڪوششون ورتيون ۽ قاضي صاحب سان ملاقات ڪئي پر ڪوبہ ڪڙ تيل ڪونہ نڪتو ماڳهي لاهور جي پريس قاضي صاحب سان فاروق لغاريءَ جي ملاقات کي ابتو رنگ ڏنو.

پيار علي الانہ جمعيت علماء پاڪستان جي سربراهہ مولانا شاهہ احمد نورانيءَ سان بہ ملاقاتون ڪيون، ڪيئي ڀيرا شاهہ فريدالحق بہ هن سان موجود هو جيڪو ڪنهن وقت ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر بہ هو. هنن اعلان نامي واري مسودي جو غور سان ۽ ڪيئي ڪيئي ڀيرا جائزو ورتو. سندن چوڻ هو تہ "ڊرافٽ مان پهريون ۽ آخري حصو ڪڍي ڇڏيو." مفاهمت جي سلسلي ۾ مولانا نوراني، سان الانہ صاحب جي هڪ اهم ملاقات آڪٽوبر ١٩٨٠ع ۾ ورلڊ اسلامڪ مشن جي آفيس ۾ ٿي. ان وقت شاهہ فريدالحق ۽ سيد احد يوسف بہ ويٺل هئا. ان موقعي تي مولانا صاحب اقرار ڪيو تہ نوابزدو نصرالله خان بہ سانس رابطي ۾ آهي پر توهان پهريون ۽ آخري پئراگراف متن مان ڪڍي ڇڏيو تہ اسان اتحاد لاءِ بالڪل تيار آهيون.

ان وقت مولانا صاحب ماريشش جي تبليغي دوري تي وڃي رهيو هو جنهن اتحاد جي سلسلي ۾ شاهہ فريدالحق ۽ سيد احد يوسف سان رابطو رکڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو تہ هو ضرورت مهل جمعيت جي سيڪريٽري جنرل عبدالستار نيازيءَ کي لاهور مان گهرائي وٺندا. الانہ صاحب جو خيال آهي تہ مولانا صاحب اتحاد لاءِ بنهہ تيار هو پر پوءِ ڪجهہ "اندروني حالتن" سبب هو اتحاد ۾ شامل ٿي نہ سگهيو شايد ان ڪري تہ ظهور الحسن ڀوپالي (جيڪو پوءِ قتل ٿي ويو) پارٽي ڇڏي چڪو هو احد يوسف ۽ دوست محمد

فيضي وزير ٿي ويا هئا ۽ ان مرحلي تي مولانا نيازي ڪو جوکم کڻڻ لاءِ تيار نہ هو. ان ريت جمعيت علماء پاڪستان هڪ ٿي وقت ايم. آر. ڊي سان همدرديون رکڻ جي باوجود اتحاد کان ٻاهر رهي. الانہ صاحب جي راءِ کي اهميت ڏيڻ جي باوجود منهنجي خيال ۾ جيئن تہ مولانا نوراني هڪ مذهبي جماعت جو اڳواڻ ۽ جماعت اسلاميءَ جو پراڻو اتحادي هو ان ڪري هن ايم. آر. ڊي ۾ موجود جمهوريت پسندن، قوم پرستن ۽ ترقي پسندن کان پري رهڻ ۾ ئي بهتري سمجهي هئي. هونئن بہ هو سياست تان پنهنجي گرفت وڃائي رهيو هو.

هوڏانهن پير صاحب پاڳاري سان ٿيل ڳالهين مان سمورين ڌرين محسوس ڪيو تہ پير صاحب اتحاد جي حوالي سان ڪو خاص جوش يا دلچسپي نٿو رکي. شايد هن کي ان ڳالهہ جو امڪان محسوس ٿي ٿيو تہ جيڪڏهن نئون اتحاد وجود ۾ آيو تہ ان سان ڏيئي وٺي فائدو وري بہ پيپلز پارٽي ۽ ڀٽو خاندان کي پوندو. پير صاحب ستارن جي چال جو ماهر هجي يا نہ هجي، سندس اندازا وڏي حد تائين درست هوندا آهن. هو وقت جي چال کي چڱيءَ ريت پروڙي سگهندو آهي. ممڪن آهي تہ هن جا "اطلاعاتي ذريعا" تمام سٺا هجن!

پير صاحب جا انديشا پنهنجي جاءِ تي، پر ڪي ڌريون محسوس ڪري رهيون هيون تہ جيڪڏهن هن اتحاد جي نتيجي ۾ ڪا هلچل شروع ٿي تہ اها ڪنهن جي بہ ضابطي ۾ نہ رهندي ۽ پراڻي سڄي قيادت ڪک پن ٿي ويندي. نئين قيادت فقط بينظير ڀٽو جي صورت ۾ ابري سگهي ٿي. ٻئي طرف ان اتحاد جو فائدو اهو هو تہ ملڪ ۾ سياسي جاڳرتا ۽ ويڙهاند جو نئون باب کلڻ وارو هو. پير صاحب اهو بہ چڱي طرح ڏسي رهيو هو.

ڳالهين گهٽي ڊيگهہ ڪئي تہ جنوري ١٩٨١ع ۾ نوابزادو نصرالله خان تڪڙي ٻيو ۽ نيٽ چٽي ڏنائين تہ "هيڏانهن سارا مهينا ٻچ ٻڪ ڪري هاڻي آئون تڪجي پيو آهيان، هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ معاملو هيڏانهن يا هوڏانهن ڪري ڇڏيو. سڀ سياستدان هڪ هنڌ گڏ ٿين ۽ آخري فيصلو ڪن!"

ان موقعي تي ٦ فيبروري ١٩٨١ع واري تاريخ عبوري طور طئہ ڪئي

وئي ۽ سوچيو ويو تہ فيصلو ڪرڻو آهي تہ ڪري وٺجي، نہ تہ اجايو وقت وڃائڻ مان ڇا حاصل؟ وقت هٿ مان نڪري ويو تہ پوءِ ڪا مفاهمت ٿيڻ مشڪل هوندي

نوابزادي نصرالله خان جي ٿڪاوٽ ڪنهن الٽيميٽم جهڙو ڪم ڪيو ۽ مسٽر پيار علي الانہ هڪدم مسٽر فاروق لغاريءَ کي فون ڪيو تہ گذريل ستن اٺن مهينن کان آئون اڪيلي سر ڳالهيون پيو هلايان مهرباني ڪري هاڻي تون بہ اڄ ۽ ٦ فيبروري تي ٿيندڙ آخري گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيءُ. فاروق لغاري ڪراچي پهتو ۽ الانہ صاحب وٽ اچي ترسيو. هو ٻئي ٦ فيبروريءَ تي ٧٠ ڪلفٽن ۾ بيگم پٽو وٽ پهتا ۽ بيگم صاحبہ کي اطلاع ڏنو ويو تہ "اڄ رات گڏجاڻي آهي، جنهن ۾ سڀني سياسي جماعتن جا اڳواڻ اچي رهيا آهن ۽ انهن سڀني اڳواڻن سان خود توهان جي هدايت تي ڳالهيون هلي رهيون آهن." بيگم صاحبہ تي اهو بہ واضح ڪيو ويو تہ "نوابزدو نصرالله خان چوي ٿو تہ جيڪڏهن اڄ فيصلو نہ ٿيو تہ آئون واپس موٽي ويندس."

بيگم صاحبہ پڇيو تہ هاڻي هو ڇا ڪرڻ چاهين؟ الانہ صاحب گذارش واري انداز ۾ چيو "اهو ئي جيڪو ڪجهہ پارٽين جو چوڻ آهي يعني پهرين ۽ آخري پئراگراف ۾ تبديلي آندي وڃي!" بيگم صاحبہ بہ ٿي منٽ سوچڻ ۾ ورتا ۽ پوءِ پارٽي جي سيڪريٽري جنرل فاروق لغاريءَ کان سندس راءِ ورتي. جڏهن هن بہ هائوڪار ڪئي، تڏهن بيگم صاحبہ بہ چيو "ٺيڪ آهي، مون کي منظور آهي."

اعلان نامو ڪنهن ٽائپسٽ هٿان ان خيال کان ٽائپ نہ ڪرايو ويو تہ متان اهو "آئوٽ" نہ ٿي وڃي. اهو ڪاغذ بہ پيار علي الانہ ٽائپ ڪيو. هي فائنل ڊرافٽ هو. بيگم صاحبہ فائنل ڊرافٽ هڪ ڀيرو ٻيهر پڙهيو ۽ پڇيو تہ ڇا ان تي سڀ ڌريون راضي ٿي وينديون؟ جڏهن الانہ صاحب مثبت اميد ڏيکاري تڏهن بيگم صاحبہ کيس "گڊلڪ!" چيو.

ان ڊڪليريشن تي ان ئي وقت پهرين صحي بيگم پٽو ڪئي. ان کان پوءِ مسٽر الانہ ۽ لغاري صاحب ڪار ۾ چڙهي مشتاق مرزا جي گهر روانا ٿي ويا جتي نوابزادي نصرالله خان رات جي مانيءَ جو بندوبست ڪيو هو. واٽ ۾

ٿي الائہ صاحب پنھنجي پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل کي بريفنگ ڏيندو هليو.“ هي ڊرافٽ توهان پاڻ وٽ رک ڇاڪاڻ تہ توهان پارٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل آهيو... ۽ ڏس هتي پھرين ٻين کي ڳالھائڻ ڏجانءِ... هو سڀ ڊرافٽ جي شروعاتي ۽ آخري حصي ۾ ترميم تي زور ڏيندا ۽ اسان فقط ٻڌندا رھنداسين ... اسان سڀ کان پڇاڙيءَ ۾ کين ٻڌائينداسين تہ اسان جي چيئرپرسن ڊرافٽ بابت ڪھڙو فيصلو ڪيو آهي.“ فاروق لغاري هائوڪار ڪندو ويو.

مشتاق مرزا جي جاءِ تي لڳ ڀڳ انھن سمورين پارٽين جا اڳواڻ ۽ عھديدار ويٺا هئا، جن کي هن اتحاد ۾ شامل ٿيڻ سان دلچسپي هئي. نوابزادو نصرالله خان، سردار عبدالقيوم، محمود علي قصوري، عابد زبيري، خواجہ خيرالدين، مولانا فضل الرحمان، محمد خان جوڻيجو ۽ دريا خان کوسو. نتحياب علي خان ۽ معراج محمد خان اجا تائين ڪونہ پھتا هئا. هتي رات جي مانيءَ جو بندوبست بہ ڪيو ويو هو پر ان کان اڳ سيني کي اتحاد لاءِ تجويز ٿيل ڊرافٽ تي ڳالھائڻو هو. هن اجلاس جي غير رسمي سيڪريٽري شپ نوابزادي نصرالله وٽ هئي ڇاڪاڻ تہ هڪ لحاظ کان هو ئي ٻنھي بلڪ سيني ڌرين جي وچ ۾ رابطہ سيڪريٽري هو.

ڳالھيون شروع ٿيون. سڀ کان پھرين تحريڪ استقلال جي قائم مقام سربراهہ محمود علي قصوريءَ اڌ ڪلاڪ کن جي تقرير ڪئي، ان کان پوءِ ٻين ڳالھايو. هنن تقريبا ڏيڍ ڪلاڪ تائين اتحاد جي ضرورت ۽ ڊرافٽ جي ڪجھہ حصن تي اعتراض ۽ ترميم جو سوال ورايو. جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو وارو آيو تڏهن فاروق لغاري ڊرافٽ ڪڍيو ۽ پڙهي ٻڌايو جنھن ۾ اڳواڻ ئي اعتراض ٿيل حصا نڪتل هئا. سيني صاحبن جا چھرا ٻھڪي اٿيا. هاڻي اعتراض جي ڪابہ گنجائش ڪونہ رهي هئي. جڏهن ڊرافٽ جي تائيد جو مرحلو آيو تہ پھرين هڪ شخص هٿ مٿي ڪنيو ۽ پوءِ سيني هٿ مٿي ڪنيو. ”هي ڊرافٽ اسان کي منظور آهي.“

هن گڏجاڻيءَ ۾ مسلم ليگ (پير پاڳارو گروپ) پاران محمد خان جوڻيجو بہ موجود هو. جڏهن ڊرافٽ تي صحيحن جو سلسلو شروع ٿيو تہ سڀ

کان پهرين (بيگم پٽي جي صحي اڳ ۾ ٽيل هئي) نوابزادي نصرالله خان صحي ڪئي، هن کان پوءِ سردار عبدالقيوم، پوءِ مولانا فضل الرحمان ۽ پوءِ خواجہ خيرالدين صحيون ڪيون. NDP پاران سردار رشيد باز مزاريءَ کي صحي ڪرڻي هئي جيتوڻيڪ سندس عيوضي عابد زبيري بہ ويٺو هو. مسلم ليگ (پاڳارو) پاران خود پير صاحب کي صحي ڪرڻي هئي توڻي جو سندس عيوضي محمد خان جوڻيجو ويٺل هو. عابد زبيري پنهنجي اڳواڻ کان صحي ڪرائڻ لاءِ فاروق لغاري ۽ الاہ سان گڏ روانو ٿي ويو. جيتوڻيڪ مزاريءَ صحي کان اڳ بزنجي صاحب سان صلاح ڪرڻ ضروري پئي سمجهي پر هو ڪنهن بہ فون نمبر تي ملي نہ سگهيو. ان هوندي بہ هن صحي ڪري ڇڏي. هوڏانهن محمد خان جوڻيجو بہ اٿيو تہ جيئن هو پير صاحب پاڳاري کي صحي ڪرڻ لاءِ وٺي اچي.

پير پاڳاري جو رويو

محمد خان جوڻيجي کي خاطري هئي تہ پير صاحب هن ڊرافٽ تي صحي ڪندو. هو سانجهيءَ جي نماز مهل جيئن ئي پير صاحب کي وٺي اچڻ لاءِ اٿيو تڏهن هن سان گڏ دريا خان کوسو بہ هو. پر، پير صاحب جي شخصيت کي نظر ۾ رکي سردار عبدالقيوم ۽ نوابزادي نصرالله خان بہ گڏ وڃڻ جي رٿ رٿي، "پير صاحب اسان جو وڏو آهي اسان بہ گڏجي هلنداسين!" پر ڪلاڪن کان پوءِ هو مايوس موٽي آيا جو پير صاحب ڊرافٽ تي صحي ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو هو. انڪار جو سبب ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ ڪونہ آيو.

اڌ ڪلاڪ ڪن جي وقفي کان پوءِ ايس. ايم ظفر لاهور کان سڌو مشتاق مرزا جي گهر پهتو سندس جهاز ليٽ ٿي ويو هو. ڪيس پير صاحب پاڳاري هن گڏجاڻي ۽ رات جي مانيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ گهرايو هو. ايس. ايم ظفر کي سڄي صورتحال کان آگاهہ ڪيو ويو ۽ اهو پڻ ٻڌايو ويو تہ پاڳاري صاحب جا ٻئي عيوضي يعني محمد خان جوڻيجو ۽ دريا خان بہ ڊرافٽ سان سهمت آهن. اها صورتحال ڏسي ايس. ايم ظفر پاڻ پير صاحب ڏانهن وڃڻ لاءِ سنپريو تہ جيئن صورتحال جو جائزو وٺي.

اڌ رات کان ٿورو اڳ هن ڪي. ڊي اي اسڪيم I ۾ واقع "ڪِنگري هائوس" مان فون ڪري صرف ايترو چيو. "هڪدم هليا اچو!" هن پيري فاروق لغاري ۽ پيار علي الانہ صحيون ٿيل ڊڪليئريشن سميت ڪنگري هائوس پهتا. جتي محمد خان جوڻيجو ۽ دريا خان بہ وينا هئا. هيءُ پير صاحب سان فاروق لغاريءَ جي پهرين ملاقات هئي. پر هن اعلان نامي تي ڳالهائڻ بدران ريس جي ڪورس جي گهوڙن تي ڳالهائڻ شروع ڪيو. لغاريءَ جي والد صاحب وٽ بہ غالبا ريس ۾ ڊوڙڻ جا گهوڙا هئا. پوءِ هن ستارن جي علم تي سوال پڇڻ شروع ڪيا. هو ڊرافٽ تي ڳالهائڻ يا صحي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿي ڏنو.

جڏهن پير صاحب کي ڊرافٽ تي ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو ۽ ڪيس ٻڌايو ويو تہ اوهان جا ٻئي ٽيئي عيوضي ڊرافٽ سان متفق آهن تڏهن پير صاحب پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڪليو "ڏس! الانہ تنهنجي پارٽيءَ ۾ تہ سڀ منصور آهن. منهنجي پارٽيءَ وارا تہ شيرواني پائي وينا آهن." هن، اتي ويٺل ماڻهن ڏانهن ٻنهي هٿن سان اشارو ڪندي چيو. وزارتن جي ڳالهہ ڪر، نہ تہ هي سڀ هليا ويندا."

الانہ سمجهيو تہ پير صاحب تحريڪ کان پوءِ حڪومت ۾ ونڊ ورڇ ڏانهن اشارو پيو ڏئي. هن ان جي بہ وضاحت ڪئي تہ پير صاحب اهي سڀ معاملا پوءِ گڏجي حل ڪندا. پر، ان مهل سڀ حيران ٿي ويا جڏهن پير صاحب چيو "نہ هي پڇي ويندا. آئون اعلان نامي تي صحيح نہ ڪندس."

پير صاحب پاران ڪتو جواب ٻڌڻ کان پوءِ وڌيڪ بحث جي گنجائش ئي ڪونہ بچي هئي. اتي، رات جو هڪ ٿي ويو. گهر واپس موٽڻ مهل الانہ صاحب کي اچي وسوسو ٿيو تہ متان هن ناهہ تي صحيون ٿي وڃڻ جي خبر سرڪار کي نہ پئجي وئي هجي ۽ ٻنهي (فاروق لغاري ۽ الانہ) کي گرفتار ڪري هنن کان ڊڪليريشن نہ ڦريو وڃي! زمانو ئي اهڙو هو. ڪنهن بہ فرد ٽوٽي اتحاديءَ تي اعتبار ڪرڻ ڏکيو هو. هو ٻئي رات جو ڏيڍ بجي ٧٠ ڪلفٽن ويا ۽ وڃي در کڙڪايائون. بيگم ڀٽو اطلاع ملڻ تي هيٺ لهي آئي. ڪيس صحين بابت خوشخبري ڏيئي باقي صورتحال کان بہ آگاهہ ڪيو ويو.

اعلان نامي کان پوءِ سيني ڏرين جي پهرين گڏجاڻي

سمورا تفصيل ٻڌائڻ کان پوءِ بيگم صاحب کي اهو به اطلاع ڏنو ويو ته ٻئي ڏينهن تي صبح جو ساڍي ڏهين لڳي ٧٠ ڪلفٽن تي نئين اتحاد جي پهرين گڏجاڻي ٿيندي. اها خبر ٻڌي بيگم صاحبه جذباتي ٿي وئي ۽ سندس اکين ۾ لڙڪ تري آيا. "هي ته قومي اتحاد جا ماڻهو هئا، آئون انهن سان ڪيئن ويهي سگهنديس! هي ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي!" بيگم صاحبه جو جذباتي ٿيڻ فطري هو پر سياست جي بيرحميءَ کان ڪير واقف ناهي؟ ڪيس سمجهايو ويو ته ان مرحلي مان لنگهڻو ئي پوندو. بيگم صاحبه الانه صاحب کي گڏجاڻيءَ کان هڪ ڪلاڪ اڳ پهچڻ جي هدايت ڪئي ۽ آرام ڪرڻ هلي وئي. يقينن هن کي سڄي رات ننڊ نه آئي هوندي.

ٻئي ڏينهن تي صبح جو ساڍي ڏهين بجي الانه ۽ فاروق لغاري وري ٧٠ ڪلفٽن تي موجود هئا. بيگم صاحبه پيهر جذباتي ٿي رهي هئي، "مون کي سنو نٿو لڳي ته هو سڀ منهنجي گهر پيا اچن پر مون اهو پاڪستان، جمهوريت ۽ عوام جا حق واپس ڏيارڻ لاءِ ڪيو آهي!" هوءَ ان کان سواءِ ٻيو ڇا چئي پئي سگهي؟ هن کي خدشو هوندو ته جذباتي ڪارڪن ۽ تاريخ جا نقاد هن تي الزام مڙهيندا ته هوءَ مڙس جي قاتلن سان گڏجي وئي ۽ کين خون بخش ڪري ڇڏيائين.

سوا ڏهين لڳي ڏاڙي محمود علي قصوري پهچي ويو. بيگم صاحبه سان سندس رسمي تعارف ڪرايو ويو. جڏهن ته ٻئي هڪٻئي کي چڱيءَ طرح سڃاڻيندا هئا. محمود قصوري، ڀٽي صاحب جي ڪابينا ۾ وزير رهي چڪو هو پر هن وقت هو تحريڪ استقلال جو عيوضي هو. بيگم صاحبه اڳتي وڌي ڪيس ڪيڪاريو. ماضيءَ جي دشمنن کي ڪيڪارڻ مهل بيگم صاحبه لاءِ پنهنجن جذبن تي قابو رکڻ ڏکيو ٿي پئي پيو. سندس اکين ۾ پاڻي پرجي ٿي آيو. اها حالت ڏسي ڪيس ڪيڪارڻ واري رسم کان آجو ڪري اهو ڪم به لغاري ۽ الانه تي رکيو ويو. الانه صاحب چوي ٿو ته گذريل ڏينهن جڏهن اجوڪي گڏجاڻي طئه ڪئي پئي وئي تڏهن اها تجويز به رکي وئي هئي ته گڏجاڻي شروع ٿيڻ کان اڳ ڀٽي صاحب جي روح لاءِ فاتحه ڪئي ويجي.

اها تجويز نوابزادي نصرالله تہ قبول ڪئي هئي پر مولانا فضل الرحمان، راضي نہ پيو ٿئي، "عورت جي آڏو فاتحہ ڪونہ پڙهبي آهي!" هنن ننڍين ننڍين ڳالهين جو بہ ڪونہ ڪو حل ضروري هو. نيٺ مولانا صاحب کي چيو ويو تہ پوءِ توهان تعزيت ڪجو! جڏهن سڀ اڳواڻ گڏ ٿي ويا تڏهن ٻئي ڪمري مان بيگم ڀٽو کي سڏايو ويو ۽ نوابزادي نصرالله خان کي سندس پر ۾ ڪرسي ڏني وئي. جڏهن بيگم صاحبہ اندر آئي تڏهن سڀ اڳواڻ احترام ۾ اٿي بيٺا ۽ پوءِ خاموشي سان ويهي رهيا.

اهي بہ چار منٽ ائين هٿا جڻ بہ ٿي ڪلاڪ! ماحول ۾ مڪمل خاموشي هئي. يقينن هر شخص ذهني طور ١٩٧٧ع کان ١٩٨١ع تائين جي ڏکهي سفر دوران پيش آيل واقعن ۾ رلي ويو هوندو. اها ذهني گمشدگي ان مهل ٽٽي جڏهن نوابزادي نصرالله خان جهيڻي ۽ نرم لهجي ۾ هوريان هوريان بيگم ڀٽو سان سندس مڙس ذوالفقار علي ڀٽي جي موت تي تعزيت ڪئي. نوبزادي چيو "ذوالفقار علي ڀٽو تمام وڏو اڳواڻ هو. هو ملڪ جي تمام ٿورن وڏن اڳواڻن مان هڪ هو. اسان کي سندس موت تي ڏاڍو ڏک ۽ صدمو هو ۽ اڄ بہ آهي. اهو نہ رڳو توهان لاءِ پر سڄي پاڪستاني قوم لاءِ وڏو نقصان آهي."

اهڙن ئي خيالن جو اظهار اتي ويٺل لڳ ڀڳ هر اڳواڻ ڪيو. ان سڄي عرصي ۾ بيگم صاحبہ چپ هئي ۽ لڙڪن جي قطار سندس اکين مان جاري هئي، جيڪا هوءَ اگهندي ٿي وئي. هيءَ هئي ايم. آر. ڊي جي جوڙيءَ وارن اڳواڻن جي پهرين گڏجاڻي، جنهن ۾ لڙڪ ماضيءَ جون تلخيون ڌوئڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

اتحاد کان پوءِ بہ اڳواڻن جون مصلحتون جاري رهڻ ٿيون

٦ فيبروريءَ ١٩٨١ع تي قومي محاذ آزاديءَ جي اڳواڻ معراج محمد خان غير حاضر هو ۽ هن اعلان نامي تي صحي نہ ڪئي هئي. ان ڏينهن تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ وارا ۽ نوابزادي سان رابطي ۾ موجود رهندڙ ٻيا سياستدان بہ وڏي پيچ ڊڪ ۾ هئا. معراج محمد خان چو نہ پهتو؟ اها خبر ڪيس! هن کي ٻئي ڏينهن تي يعني ٧ فيبروريءَ تي صبح جو سوير اطلاع ڏنو

ويو تہ اڄ اتحاد جي ابتدائي رسمي گڏجاڻي آهي. هو صاحب گڏجاڻي ۾ تہ آيو پر ڦڏو ڪري وڌائين. "اسان جيڪو ڊرافٽ تيار ڪيو هو، اهو ڪٿي آهي؟ ۽ هيءُ نئون ڊرافٽ ڪٿان آيو؟"

٧٠ ڪلفٽن جو ابتدائي اجلاس ايڏو سولائيءَ سان ڪونہ هليو هو. ان ۾ ننڍين ننڍين ۽ ڪجهہ وڏين ڳالهين تي بہ اعتراض اٿاريا ويا هئا. اسان وٽ جيئن تہ مڪمل معلومات ڪونہ آهي پر پوءِ جڏهن ايم. آر. ڊي ۾ سنها سنها تڪرار ۽ جدايون ٿيون، تڏهن ڪافي ڳالهيون کلي پيون.

هڪ صورتحال اها بہ هئي تہ ٦ فيبروريءَ کان اڳ هڪ طرف پاڳاري ۽ جماعت اسلاميءَ وارا قومي اتحاد کي ٻيهر جيئرو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هئا (جيڪو گهٽو پوءِ آءِ. جي. آءِ جي صورت ۾ سامهون آيو) ٻئي پاسي ضياءُ الحق جي سخت رويي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي مجبور ڪري ڇڏيو هو تہ اها نہ چاهيندي بہ ڪجهہ اهڙين انڊر گرائونڊ پارٽين سان اتحاد لاءِ ڳالهائي جيڪي رجعت پسنديءَ جي خلاف هجن. اها ڪاٻي ڌر هئي. ان ڪاٻي ڌر جي اتحاد جو نالو "ليفٽ يونٽي فرنٽ" تجويز ڪيو ويو هو ۽ ان جو بہ هڪ عدد اعلان نامو تيار ڪيو ويو هو. مختلف ترقي پسند پارٽين ان اعلان نامي تي سوچ ويچار ڪئي هئي پر جيئن تہ ان ۾ سخت نظرياتي ۽ گهٽ لچڪ رکندڙ ڌريون هيون، ان ڪري همخيالي ايتري سولي بہ ڪونہ هئي. انهن حالتن ۾ جڏهن ايم. آر. ڊي جهڙو اتحاد ٺاهڻ جون ڳالهيون هليون تہ ان ۾ نسبتا گهٽ رولا هئا.

معراج محمد خان ٧٠ ڪلفٽن واري گڏجاڻيءَ ۾ جڏهن ڪنهن ٻئي اعلان نامي بابت سوال ڪيو تہ ماحول ۾ تلخي پيدا ٿي پئي. بيگم صاحبہ چيو "اڄوڪي گڏجاڻيءَ ۾ فقط اهي ماڻهو ويهي سگهن ٿا جن هن اعلان نامي تي صحي ڪئي آهي." بس! ايتري ڳالهہ ٻڌي، معراج محمد خان اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ٻاهر نڪري ويو. معراج محمد خان ماضيءَ ۾ ان وقت ڀٽي صاحب جو نوجوان ساٿي هو جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي اڃا مس ٺهي هئي. تاريخ ايئن رستا جدا ڪري ويندي آهي.

معراج محمد خان سان گڏ عابد زبيري بہ اٿي ٻاهر ويو ۽ ويجي ڪيس

سمجهايائين تہ هو غلطي ڪري رهيو آهي. "جيڪڏهن تون ميٽنگ مان اٿي وئين تہ چؤطرف منفي خبرون پکڙجي وينديون... ماڻهو چوندا تہ معراج محمد خان اتحاد کي سبوتاز ڪيو... اسان بہ هن اتحاد جي توثيق پنهنجي پارٽيءَ کان ڪرائيندا سين. تون بہ صحي ڪر ۽ پوءِ پنهنجي پارٽيءَ کان توثيق ڪرائي ونجانءِ" اهي دليل معراج محمد خان جي سمجهہ ۾ اچي ويا. هو گڏجاڻي واري هال ۾ موٽي آيو ۽ اعلان نامي تي صحي ڪري اجلاس ۾ شريڪ ٿيو.

سردار عبدالقيوم ڏڪ هڻي ويو

معراج محمد خان تہ نالي ماتر موٽي آيو پر سردار عبدالقيوم خان (مسلم ڪانفرنس) جي من ۾ شايد گدڙ وينل هو. هن هڪدم نوابزادي نصرالله خان جي حوالي سان چيو. "اسان سان دوکو ٿيو آهي!" سردار صاحب اهڙو اظهار (٢٠ اپريل ١٩٨٤ع تي شايع ٿيل) تڪبير رسالي ۾ بيهر ڪيو پر نوابزادي جو نالو نہ ڪنيائين. سردار قيوم چيو. "مجموعي طور تي توهان ايئن سمجهيو تہ جن ڳالهين تي اختلاف هو انهن ۾ حڪمت عملي بہ شامل هئي. ان اختلاف سبب ئي آئون پهرين ڏينهن تي ايم. آر. ڊي مان ٻاهر نڪري آيو هئس البت خاموشي اختيار ڪئي هئم" هن ياد ڏياريو تہ ٧٠ ڪلفٽن تي گڏجاڻيءَ جي ٻي نشست ۾ هو اهو چئي واڪ آئوٽ ڪري ويو هو تہ. "مون کي توهان جي پروگرام سان اتفاق نہ آهي... پر جڏهن هاءِ جيڪنگ تي ان کان پوءِ خاموش رهڻ جو مطلب پنهنجي پوزيشن خراب ڪرڻ هو ان ڪري مون عليحدگيءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو!"

سردار صاحب هاڻي ڇا بہ چوي، سندس موجودگيءَ سان هونئن بہ ڪو فرق ڪونہ ٿي پيو ٻئي طرف هو خوفزده هو ۽ حڪومت سان ٽڪر کائڻ سندس مفاد ۾ ڪونہ هو. هن پنهنجي عليحدگيءَ جو جواز ڏيندي چيو "توهان کي خبر هجي تہ ان اجلاس ۾ محمود علي قصوريءَ بہ ڏاڍيون تلخ ڳالهيون ڪيون هيون. ان سڄي ٽِل جي باوجود سردار صاحب جو چوڻ هو تہ "مقصد تہ نيڪ هئا پر حڪمت عملي درست ڪونہ هئي!"

ان اجلاس دوران ڇا سچ پچ ڪي تمام تلخ ڳالهيون ٿيون هيون؟ جيڪڏهن ائين هجي ها تہ شايد سڀ ڪان پهرين بيگم صاحبہ ان اتحاد کان ڪنارا ڪشي اختيار ڪري ها پر رپورٽن موجب هوءَ تمام خاموشي ۽ تحمل سان سڀ ڪجھ ٻڌندي رهي ۽ پڇاڙيءَ ۾ چيائين، "اسان مختلف پارٽين سان اتحاد جون ڳالهيون ڪري چڪا آهيون، انهن مان ٻن مضبوط پارٽين کي هن اجلاس ۾ سڏايو آهي." چون ٿا تہ هڪ موقعي تي بيگم صاحبہ اهو بہ چيو تہ "ضرورت پوڻ تي چوڏهن عدد انڊر گرائونڊ پارٽين کي بہ هن اجلاس ۾ سڏائي سگهجي ٿو شايد انهن انڊر گرائونڊ پارٽين جو ٻڌي سردار قيوم پوپان پير ڪيا ۽ سندس جهڙپ مزدور ڪسان پارٽيءَ جي اڳواڻ فتحياب علي خان سان ٿي پئي هئي. اجلاس سندس اهي جملا بہ ٻڌا تہ "هي ڪير آهي؟ ... تون چپ رهہ!" وغيره. بهرحال، ان اجلاس ۾ اها ڳالھہ ڪافي وضاحت سان طئہ ٿي هئي تہ سياست ۾ ڪابہ تخريبڪاري نہ ڪئي ويندي، انڊرگرائونڊ تنظيمن سان رابطو نہ ڪيو ويندو ۽ ڪابہ خفيہ ڳالھہ نہ ڪئي ويندي

ايم. آر. ڊي کي اٽندي ئي بہ ڪاريون ضربون لڳيون. پهرين ان مهل جڏهن پي. اي جو هوائي جهاز الذوالفقار جي نالي ۾ اغوا ٿيو ۽ ٻي ان وقت جڏهن مسلم ڪانگريس جدا ٿيڻ جو اعلان ڪيو. سردار قيوم چڱا خاصا اخباري بيان ڏنا. ڪنهن موقعي تي هن ايم. آر. ڊي ۾ ٻيهر شموليت جي ڪوشش بہ ڪئي پر ان تي دروازا نہ کوليا ويا. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي وري جمعيت علماءِ اسلام ان وقت پريشان ڪيو جڏهن ڪنوينر شپ تي اعتراض ڪيو ويو تہ هڪ عورت جي اڳواڻي ڪيئن قبول ڪجي؟ جڏهن شريعت وچ ۾ اچي وڃي تڏهن مولوي صاحبن کي ڪير مطمئن ڪري؟ سو بہ اتحاد جي هن نازڪ موقعي تي!

سردار عبدالقيوم ايم. آر. ڊي کي سخت هاڃو رسائڻ جي ٻي ڪوشش بہ ڪئي. هو هن اتحاد ۾ ڪابي ڌر جي پارٽين کي شامل ڪرڻ جي خلاف هو. پاڪستان ۾ ڪابي ڌر هجڻ جون دعويدار پارٽيون ڪهڙيون هيون؟ هڪ تہ ڪميونسٽ پارٽي هئي، جيڪا پي. اين. پي ۾ هڪ حد ت تور شامل هئي. ٻي عوامي تحريڪ هئي، ٽين فتحياب علي خان جي مزدور ڪسان پارٽي،

چوٿين معراج محمد خان جي قومي محاذ آزادي، باقي هيون NDP ۽ ANP پر، سردار قيوم پنهنجي ڳالهه تي اڙيو رهيو. سردار صاحب کي ڪجهه ٻين پارٽين جو به اندروني ساٿ هيو. ظاهر آهي ته اهي مذهبي جماعتون هيون.

سردار صاحب اعتراض ڪيو "بيگم صاحبا ابتدا ۾ ستن جماعتن جي اتحاد جي ڳالهه ٿي هئي پر هاڻي نو (٩) جماعتون ٿي ويون آهن." معراج محمد خان به چٽڪ ٻي دليءَ سان صحي ڪئي هئي. پاڳاري صاحب جي پوزيشن ته ظاهر هئي. خير! جڏهن اتحاد باقاعدي جنم ورتو ته سيني ڏرين سوچڻ شروع ڪيو ته هاڻي ان ۾ ڪهڙي ڏر جي ڪهڙي حيثيت هوندي؟ ابتدائي ڍانچو ڇا بيهاريو ويندو ۽ اها ڪهڙيءَ طرح عمل ۾ ايندي؟ نوابزادي نصرالله خان هڪ پيرو ڳالهه ڇوري. "پاڳارو صاحب چوي ٿو ته آئون ايم. آر. ڊي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار آهيان پر توهان اهو طئه ڪيو ته عبوري انتظام ڪهڙا هوندا؟

جواب ۾ مس ڀٽو چيو "١٩٧٧ع واري اسيمبلي بحال ڪرائي ٽن مهينن ۾ چونڊون ڪرائي سگهجن ٿيون." ان تجويز جي سخت مخالفت ٿي، خود نوابزادو نصرالله به محمود علي قصوري سان سهمت ٿي ويو. "اهو نٿو ٿي سگهي!" ابتدائي انتظام جو مسئلو ڇڙيو ته وري پراڻن مسئلن جون قبرون کوٽجڻ شروع ٿي ويون. ڪنهن چيو "اها اسيمبلي غير قانوني هئي،" ڪنهن چيو "ان ۾ ڌانڌلي ٿي هئي." بينظير چيو "اسان قومي اتحاد جي ان موقف کي نٿا مڃون!" ان موقعي تي نصرالله خان ڳالهين کي ٻيهر سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي، "بي بي اهو درست ناهي! اهو ته ڀٽي صاحب پاڻ به قبول ڪيو هو ته ١٩٧٧ع واري اسيمبلي غير قانوني هئي ۽ اهوئي سبب هو جو ڳالهين دوران نين چونڊن لاءِ راضي ٿي ويو هو!"

ان موقعي تي فتحياب علي خان جيڪو پيشي جي لحاظ کان وڪيل به آهي. نوابزادي صاحب سان هلڪي جهڙپ کان پوءِ آئيني ۽ قانوني نقطا کڻي سمجهائڻ لڳو "چونڊن ۾ ڌانڌلي ٿي هئي يا قومي اسيمبلي جو وجود غلط هو اهو بحث ئي ختم ٿي ويو هو ڇو ته قومي اتحاد دستور موجب ٻئي مدي لاءِ چونڊن تي راضپو ڏيکاريو هو... توهان ڀٽي مرحوم کي وزيراعظم

سميت سپريم ڪائونسل جو چيئرمين بہ تسليم ڪيو هو ان حساب سان توهان جي ڳالهہ غلط آهي." فتحياب علي خان هميشہ تز ۽ تيز لهجي ۾ بنا ڪنهن رک رکاءُ جي ڳالهہ ڪندو آهي. سندس هي دليل بہ ڏڳها هئا (جيڪي هتي مختصر ڪري ڏنا ويا آهن) فتحياب تي قصوري صاحب چڙي پيو، "اڄ اهو ڏينهن اچي ويو آهي جو اسان کي دستور تي ليڪچر ٿو ڏنو وڃي! اسان پٽي صاحب جي وفات کان پوءِ پهريون پيرو ٧٠ ڪلفٽن آيا آهيون، ان ڪري آهستي ٿا ڳالهايون نہ تہ..."

معاملي جي نزاڪت ڏسي بيگم صاحبہ مس پٽو کي ٻئي ڪمري ۾ وڃڻ جو اشارو ڪيو. نوابزادو بہ سمجهي ويو تہ ڳالهہ خرابيءَ ڏانهن وڌي رهي آهي. هن پراڻي بحث کي وچ ۾ آندو، "وڏيڪ پارٽيون شامل ٿيون تہ اسان وڏيڪ ماڻهن کي متاثر ڪري سگهنداسين." فتحياب وري چوٽ ڪئي تہ "مارشل لا جي ڇهن سالن جي عرصي ۾ ڪجهہ وڏيون پارٽيون ۽ قد آور شخصيتون پنهنجو ڪردار وڃائي ويٺيون آهن، ان ڪري ڪيئي ننڍيون پارٽيون هاڻي وڏيون ٿي سامهون اچڻ لاءِ آتيون آهن." هي بحث ايجنڊا جي لحاظ کان فضول هو پر ان ۾ وڏيون سچايون لڪل هيون.

گڏجاڻيءَ ۾ اهڙا گهڻيون ڳالهيون طئہ ٿيڻيون هيون پر وقت چڱو ٿي ويو هو. ٿوري بحث مباحثي کان پوءِ ٻي گڏجاڻي ٻئي ڏينهن تي ساڳئي هنڌ مقرر ڪئي وئي، پر ڪو مونجهارو رهجي ويو هو جو ٻئي ڏينهن تي سڀ اڳواڻ ڪونہ پهتا.

ايم. آر. ڊيءَ جو پهريو ڏينهن ۽ تضاد

ٻئي ڏينهن تي گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ خواجہ خيرالدين، شير باز مزاري، فتحياب علي خان ۽ معراج محمد خان ٧٠ ڪلفٽن پهتا پر گڏجاڻيءَ جا آثار نہ ڏسي واپس موٽي ويا. ڪالهوڪي بحث دوران هڪ تجويز اها بہ هئي تہ ٻي گڏجاڻي شير باز مزاريءَ جي گهر ۾ ٿئي (جيڪو اڄ پاڻ بہ ٧٠ ڪلفٽن تي گڏجاڻي ۾ شرڪت لاءِ اچي موٽي ويو هو). اٽڪل سادي يارهين لڳي ڌاري هڪ ٽيليفون ذريعي سڀني کي اطلاع ڏنو ويو تہ "ڪجهہ ماڻهن

ڪي گڏجاڻيءَ جي جاءِ تي اعتراض آهي. سڀ ڄڻا مشتاق مرزا جي گهر ويٺا آهن ۽ هنن جو مطالبو آهي تہ ڪابہ ڏر جي ننڍين پارٽين کي ڪڍي ڇڏيو.“ اعتراض ڪنهن ٻئي تي نہ، فتحياب علي خان تي هو جنهن جي پارٽي هوندئن بہ نالي ماتر هئي. اعتراض ڪندڙن چيو ”ايم. آر. ڊي ۽ فتحياب گڏجي ڪيئن هلندا.“

اصل ۾ جيئن فقير فقير کي ڪونہ سهندو آهي تيئن ننڍين ننڍين پارٽين وارا بہ هڪٻئي کي ڪونہ پيا سهن. معراج محمد خان جا تہ ڪراچيءَ ۾ وري بہ ڪجهہ پاڪيٽ هئا. فتحياب جو ڪو خاص سياسي نيٽ ورڪ ڪونہ هو. ٧٠ ڪلفٽن ۾ ويٺل ماڻهن تجويز ڏني تہ پلا شير باز مزاريءَ جي گهر ۾ هلي گڏجاڻي ڪجي! ڪنهن چيو تہ ”فتحياب علي خان کي ايم. آر. ڊي مان ڪڍڻ جو معاملو بہ اتي ئي ايجنڊا ۾ رکي نبيرجي!“ پيهر ٽيليفونون کڙڪايون ويون ۽ طئہ ٿيو تہ گڏجاڻي ادائي لڳي شير باز مزاريءَ جي گهر ۾ ٿيندي. بيگم پٽو سياستدانن جي هنن بي سبب انگلن کان پريشان بہ ٿي پر هوءَ اڪيون اگهڻ کان سواءِ ڇا ٿي ڪري سگهي؟

معراج محمد خان چيو ”مون اڳ ئي چيو پئي تہ هنن سان اتحاد نہ ڪيو!“ ان ۾ فتحياب ڏانهن بہ اشارو هو جو فتحياب علي خان ”بيگم صاحبہ مون کي معاف ڪيو!“ چئي وجهڻ لڳو ”آئون هن کان وڌيڪ بي عزتي برداشت نٿو ڪري سگهان!“ هاڻي بيگم صاحبہ کيس آٿت ڏني، ”ايئن نہ پيچ، تون اڄ ۽ اڄي پنهنجو ڪيس وڙهہ قائل ڪر. گهبراءِ نہ! مون کي ڏس، مون هنن ماڻهن لاءِ ٧٠ ڪلفٽن جا دروازا کوليا آهن!“ فتحياب آفيس جا فون نمبر ڏيئي هليو ويو. کيس مزاري صاحب جي گهر مان فون ڪري پيهر گڏجاڻيءَ ۾ گهرايو ويو جتي، معراج محمد خان ۽ فتحياب علي خان پنهي کي ٿڌو ڪيو ويو.

ساڳئي ڏينهن تي صبح جو سردار عبدالقيوم کي بہ گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ نينڊ ڏني وئي هئي پر معراج، فتحياب، PNP,NDP ۽ ANP کي ڏسي سندس نپ نري ويا هئا. هن مشتاق مرزا کي چيو ”سمورا سوشلسٽ هن اتحاد ۾ شامل ٿي ويا آهن. بهتر آهي تہ ايم. آر. ڊي نہ نهي!“

ٽئين ڏينهن تي شام جو پڻ ٧٠ ڪلفٽن تي هڪ اجلاس ڪوٺايو ويو

هو جنهن ۾ شرڪت لاءِ سردار صاحب گهر مان نڪتو پر ايم. آر. ڊي مان جند ڇڏائڻ جي سندس تمنا ايئن پوري ٿي تہ مٿان پوليس اچي وئي ۽ ڪيس ڪراچي بدر ڪيو ويو. اهڙو ئي حڪم نامو پوليس جي هٿان محمود علي قصوريءَ جي گهر بہ پهتو پر هو پوئين در مان نڪري ويو ۽ وڃي اجلاس ۾ شريڪ ٿيو. اها ستين فيبروريءَ جي ڳالهہ هئي.

١٩ فيبروري پهرين پريس ڪانفرنس

هاڻي ضرورت محسوس ڪئي وئي تہ ايم. آر. ڊي پاران پريس ڪانفرنس ڪجي ۽ عوام کي آگاهہ ڪجي تہ سياسي پارٽين قوم کي مارشل لا کان نجات ڏيارڻ ۽ جمهوريت کي بحال ڪرڻ لاءِ ڇا رٿا بندي ڪئي آهي؟ هن مهل تائين ايم. آر. ڊي بابت "ٻڌ سڌ" ۽ افواهن تي پکڙيل خبرون غلط تاثر ۽ مايوسي پيدا ڪري رهيون هيون. سو سنڌ سطح تي ايم. آر. ڊي جي پهرين ڪانفرنس ١٩ فيبروريءَ ١٩٨١ع تي مشتاق مرزا جي جاءِ تي سڏائي وئي، جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پاران غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ مولانا احترام الحق ٿانوي، مسلم ليگ پاران محمود الحق عثماني، اين. ڊي. پي پاران عابد زبيري، پاڪستان قومي محاذ آزادي پاران اقبال حيدر ۽ جمعيت علماءِ اسلام پاران جناب مولانا محمد شاهہ امروٽي شامل هئا.

هن پريس ڪانفرنس ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي، عابد زبيري ۽ مولانا محمد شاهہ امروٽيءَ صحافين جي سوالن جا جواب ڏنا ۽ ٻڌايو تہ پي. اين. پي اڃا تائين اتحاد ۾ شامل تہ ڪونہ ٿي آهي پر ان لاءِ ايم. آر. ڊي جا دروازا کليل آهن. ايم. آر. ڊي جي اڳواڻن کي اميد هئي تہ مسٽر غوث بخش بزنجو اتحاد ۾ ضرور شامل ٿيندو. بزنجي صاحب کي تہ اتحاد ۾ شامل ٿيڻ تي ڪو عار ڪونہ هو بلڪ سندس خواهش بہ هئي پر جيئن تہ ايم. آر. ڊيءَ ۾ شامل ڪجهہ جماعتن کي ڪاپي ڏر جي اچڻ تي سخت اعتراض هئا، ان ڪري پي اين پي پوئتي رهجي وئي هئي.

عابد زبيريءَ چيو "اسان جي پارٽي کي ايم. آر. ڊي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ولي خان جي پاران پوري پٺڀرائي آهي." پير صاحب پاڳاري بابت پڇا ٿي تہ

اڳواڻن چيو "اهو سوال پير صاحب کان ئي پڇو!" صحافي اجا بہ نہ مڙيا ۽ پڇيائون تہ ڇا اهو سچ آهي تہ پير صاحب چوي ٿو تہ "جنهن کي جيل وڃڻو آهي سو اتحاد ۾ وڃي ۽ جنهن کي حڪومت ۾ وڃڻو آهي اهو مون ڏانهن (پير صاحب ڏانهن) اچي ۽ مولانا نوراني ۽ کي چيو ويو آهي تہ جيڪڏهن توهان اسان سان نٿا اچو تہ وچين واٽ اختيار ڪيو!" ڳالهيون تہ سڀ صحيح ڪيون ويون پر بين جي پاران ڪير جواب ڏئي؟

ان ئي پريس ڪانفرنس ۾ جتوئي صاحب پڌرو ڪيو تہ هو اڄ ئي اخبار جي مالڪن ڏانهن ويندا ۽ کين اپيل ڪندا تہ سينسر شپ واري حڪم جي خلاف ورزي ڪن. عابد زبيري ۽ وري انهن صحافين کي "سلام" پيش ڪيو جن سڀ کان پهرين مارشل لا جي مخالفت ڪئي هئي.

پريس ڪانفرنس ۾ پهريون ڀيرو اهو بہ اوچتو انڪشاف ٿيو تہ نوابزادو نصرالله خان ۽ مولانا فضل الرحمان نظر بند ٿي چڪا آهن پر في الحال اها خبر ڪونہ هئي تہ کين ڪٿي رکيو ويو آهي.

جمعيت علماء پاڪستان ۽ جماعت اسلامي

مولانا شاهہ احمد نوراني آخر تائين تاثر ڏيندو رهيو تہ هو ايم. آر. ڊي ۾ شامل ٿيڻ کان انڪاري نہ آهي پر جڏهن ايم. آر. ڊي ٺهي رهي هئي تڏهن هو آسٽريليا ۾ هو ۽ هن ٽيليفون تي هدايت ڪئي هئي تہ جيڪڏهن محدود پيماني تي ڪو اتحاد ٿي رهيو آهي تہ پوءِ ان ۾ شامل ٿيڻ گهرجي پر جيڪڏهن اتحاد وسيع ٿي ويو تہ پوءِ گهٽيون پارٽيون هونديون جن ۾ شامل ٿيڻ نہ گهرجي. (اصل ۾ هو ڪابي ڊر کان خائف هو ۽ بي ڪابہ ڳالهہ ڪونہ هئي).

مولانا نوراني ۽ جو چوڻ هو "اسان جو شروعاتي پروگرام هو تہ جيڪڏهن مارشل لا جي خاتمي لاءِ ڪو اتحاد. جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي، تحريڪ استقلال، نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۽ ڪا هڪ اڌ بي جماعت هجي تہ پوءِ مڙئي خير آهي." مولانا صاحب ان حوالي سان پارٽي ۽ کي هڪ خط بہ لکيو هو جنهن تي احمد ميان سومري جي گهر تي ٽيل هڪ گڏجاڻي ۾ ويچار بہ ڪيو ويو پر ان وقت ماڻهو تيار ڪونہ هئا. (اصل ۾ هو

ڪنهن حقيقي ۽ وڏي تحريڪ کان به تهي رهيا هئا) ان ڪري مولانا صاحب وچين واٽ ڪڍي. "اسان جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ پنهنجي طريقي سان ڪوششون پيا ڪيون. جيڪڏهن ڪو ٽڪڙو اتحاد نٿو جڙي تڏهن به خير جمڙي ڳالهه آهي." مولانا صاف لفظن ۾ چيو "اسان مارشل لا جي مخالفت ۽ ١٩٧٣ع واري دستور جي بحاليءَ لاءِ جيڪو به موقف اختيار ڪيو آهي، ان ۾ ۵ جولاءِ ١٩٧٧ع کان پوءِ هڪ تسلسل واضح طور نظر آيو آهي ۽ اسان ڪڏهن به لچڪ جو مظاهرو نه ڪيو آهي."

هوڏانهن جماعت اسلاميءَ جو مؤقف ڪجهه ٻيو رهيو هو. جماعت جي نائب امير پروفيسر غفور احمد ايم. آر. ڊي ۾ شامل نه ٿيڻ جا چار سبب ڏنا:

- جماعت اسلاميءَ کي ايم. آر. ڊي ۾ شامل ڪرڻ جي ڪڏهن به ڪا سنجيده ڪوشش ڪونه ٿي هئي.
- ايم. آر. ڊي ۾ جيڪي جماعتون شامل هيون، اهي پڻ وڏو سبب هيون.
- ايم. آر. ڊي جي مول متن ۾ ڪٿي به اسلام جو ذڪر ڪونه هو.
- اڳوڻي حڪمران جماعت (پاڪستان پيپلز پارٽيءَ) جو رويو سوچ ۽ خيال اجا ڪونه بدليا هئا! جنهن پنهنجين غلطين جو اعتراف نه ڪيو ۽ نه وري قوم کي يقين ڏياريو ته اها ٻيهر ساڳيون غلطيون نه ڪندي اها پنهنجي حڪومتي دور کي سونهري دور سمجهندي هئي ۽ ان جي خلاف ڪنهن به ڳالهه کي بهتان قرار ڏيندي هئي.

جماعت اسلاميءَ سان رابطي جي حوالي سان پروفيسر غفور صاحب وضاحت ڪئي ته "چڙو آئون ٿي ته جماعت اسلامي ڪونه هئس. جيڪڏهن ڪين ڪو تعميري ڪم ڪرڻو هو ته پوءِ جماعت جي مرڪز 'منصوره' سان رابطو ڪن ها!" مولانا صاحب جو اهو به چوڻ آهي ته ١٩٧٣ع واري آئين کي بنياد ته بنايو ويو جنهن ۾ اسلام بابت فقرن جي موجودگي برابر موجود هئي پر ان سان تسلي ڪونه پئي ٿئي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته ايم. آر. ڊي ڏاڍي تڪڙ ۾ نهي! مولانا صاحب جي ان ڳالهه ۾ ان ڪري به وزن ڪونه آهي ته ايم. آر. ڊي تي هلندڙ ڳالهين ايتري ڊيگهه ورتي هئي جو ان نوابزادي صاحب سميت گهڻن سياستدانن کي ٿڪائي وڌو هو.

لاهور ۾ ايم. آر. ڊيءَ جي خفيه اجلاس ۾ برقعي پوش عورت جي شرڪت

جيئن ئي ايم. آر. ڊيءَ جو باضابطه اعلان ٿيو. سرڪاري مشينريءَ پنهنجي سرگرمي تيز ڪري ڇڏي، سياستدان صوبه بدر، شهر بدر ۽ نظر بند ٿيڻ لڳا. اصل مقصد اهو هو ته سندن رابطا ٽوڙيا وڃن ۽ ڪين گڏجاڻيون ڪرڻ نه ڏنيون وڃن. ايم. آر. ڊيءَ جو ايندڙ اجلاس ٢٧ فيبروريءَ تي لاهور ۾ رکيل هو جيڪو حڪومت کي دوکي ۾ رکي هڪ ڏينهن اڳ ئي ڪيو ويو. ان گڏجاڻي ۾ سيني شرڪاءَ جي شرڪت ڊرامائي هئي پر بيگم صاحبه کي لاهور وڃڻ لاءِ هڪ تاريخي ناٽڪ ڪرڻو پيو.

٢۴ فيبروريءَ تي پيار علي الانه ٢۵ تاريخ واري شاليمار ايڪسپريس ۾ ٻه ٽڪيٽون بڪ ڪرايون. جيڪا بيگم صاحبه جي "خفيه سفر" جي تياري هئي. ٢۵ فيبروريءَ تي شام جو ٧٠ ڪلفٽن مان هڪ ڪار نڪتي جنهن جي اڳين سيٽ تي ١١ سالن جي ڄمار جو هڪ نوڪر ويٺو هو. سي. آءِ ڊي وارن ڪار ۾ جهاتي پائي ڏٺو ته ان ۾ پنهنجو ڪٽنب جو ڪو ڀاتي ته ڪونه آهي؟ بيگم صاحبه ڪار جي ڊگيءَ ۾ بند هئي. بيگم صاحبه پنهنجي هڪ مائٽياڻي جي گهر هلي وئي ۽ اتي ڪجهه ڪلاڪ ترسڻ کان پوءِ برقعو پائي ساڳئي نينگر سان ريلوي اسٽيشن ڏانهن رواني ٿي. ماڻهن هنن ڏانهن ڌيان ئي نه ڏنو هنن فقط ايترو ڏٺو ته هڪ رواجي برقعه پوش عورت پنهنجي پٽ، ڀاڻي يا ڪنهن ويجهي عزيز سان گڏ ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي الائي ڪيڏانهن هلي وئي! بيگم صاحبه سڄي سفر دوران برقعو مٿي نه ڪئيو.

ٻئي طرف پيار علي الانه هوائي جهاز رستي لاهور پهتو ۽ هڪ هوٽل ۾ ترسي پيو جتي نفيس صديقي به ٽڪيل هو. جهٽ نه گذري ته سي. آءِ اي وارا بوءِ سونگهيندا اچي مٿان بيٺا. "توهان مان پيار علي الانه ڪير آهي؟"

"آئون آهيان!" الانه چيو.

"اسان توهان کي گرفتار ڪرڻ آيا آهيون. اسان کي ڪجهه ٻين ماڻهن جي به تلاش آهي." سي. آءِ ڊي وارن چيو. گرفتار ڪندڙ صاحبن جو ٽولو

ٿوري دير صاحبزادي محموده بيگم جي گهر ۾ ويٺو. الاڻہ صاحب هن موقعي مان فائدو وٺي ايس. پي سول لائنز لاهور کي درخواست ڪئي تہ کيس "فقط ۾ منٽ خواجہ خيرالدين سان ڳالهائڻ جي اجازت ڏني وڃي." هن اجازت ڏيئي ڇڏي. الاڻہ صاحب، خواجہ خيرالدين کي سرگوشين ۾ سڄي صورتحال کان آگاهہ ڪيو. "آئون گرفتار ٿي چڪو آهيان. پوليس سيني جي ڪڍ آهي. برقعہ پوش بيگم صاحبہ يارهن سالن جي هڪ نينگر سان فلاڻي وقت شاليمار ايڪسپريس مان لهندي. تون کيس وٺي وڃجانءِ!"

بزرگ سياستدان خواجہ خيرالدين لاهور جي ڪجهہ اعتبار جوڳن ۽ معتبر ماڻهن سان گڏ بيگم ۽ٽي کي وٺڻ لاهور اسٽيشن هليو ويو. ساڳي رات (۲٦ فيبروري) تي رات جو اڍائي لڳي ميان محمود علي قصوري جي جاءِ تي اجلاس ٿي ويو. هنن ۲۷ فيبروريءَ جو انتظار ان ڪري نہ ڪيو جو توقع هئي تہ سياڻي تائين ڪافي گرفتاريون ٿي وينديون ۽ اجلاس ٿي نہ سگهندو. هوڏانهن پنجاب سرڪار الاڻہ صاحب کي ڪراچيءَ جي ٽڪيٽ وٺائي جهاز تي چاڙهي چڪي هئي ۽ هنن جي وهم ۽ گمان ۾ بہ ڪونہ هو تہ ڪو مقرر ڏينهن کان هڪ رات اڳ ئي گڏجاڻي ٿي ويندي ۽ ان ۾ بيگم ۽ٽو بہ موجود هوندي.

هڪدم، بيگم صاحبہ کي گرفتار ڪري پنجاب بدر ڪيو ويو ۽ ڪراچي جي جهاز ۾ چاڙهيو ويو. ڪراچيءَ جي هوائيءَ اڏي تي پيار علي الاڻہ سندس استقبال لاءِ اڳ ۾ ئي بيٺو هو جنهن تي طئہ ٿيل پروگرام موجب لاهور ۾ بيگم صاحبہ جو استقبال ڪرڻ جو بار رکيل هو.

لاهور ۾ هن ريت ايم. آر. ڊي جي هڪ گڏجاڻي ڏاڍي اتساهيندڙ ثابت ٿي جو تہ ان ۾ بيگم صاحبہ اڪيلي سر تقريبا "گوريلا سرگرمي" ڏيکاري. سرڪاري جاسوسن جو چار ٿوڙي، ڏيڍ هزار ڪن ڪلوميٽر پري هڪ اهم گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت ڪري موٽي آئي هئي. ڪارڪنن محسوس ڪيو تہ ايم. آر. ڊي سچ پچ هڪ اهم تحريڪ هلائڻ ۾ تمام سنجيده آهي. بي. بي. سيءَ جڏهن هن خفيہ گڏجاڻيءَ جي خبر نشر ڪئي، تڏهن دوست ۽ دشمن داد ڏيڻ کان نہ رهي سگهيا! اسان، ڪراچي جيل ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي

جي قيدي ڪارڪنن جون اکيون چمڪنديون ڏٺيون ۽ سندن ڇاتيون فخر وچان ڦوڪجي ويا هئا.

ايم آر ڊيءَ ۾ جان ڪنهن وڌي؟ اهو پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪري سگهندا! پر هتي اهو ياد ڏيارڻ ضروري آهي تہ ايم. آر. ڊي ٺهڻ وقت بہ مکيہ ڌريون هيون. هڪ طرف پاڪستان پيپلز پارٽي هئي ۽ ٻئي طرف پاڪستان قومي اتحاد. ٻنهي ڌرين کي هڪٻئي تي ويساهہ ڪونہ هو جيتوڻيڪ ٻنهي ڌرين ۾ شاندار ۽ منافق قسم جي ماڻهن جي کوٽ ڪونہ هئي. اتحاد جي ٺهڻ ۾ ٺي جڏهن اهي اعتراض ڪيا پئي ويا تہ ايم. آر. ڊي ۾ ڪير شامل هجي ۽ ڪير نہ هجي؟ ان وقت اصل ۾ ٻئي ڌريون هڪٻئي کان ڊنل هيون. بيگم ڀٽو گهٽين انڊر گرائونڊ پارٽين کي آٽڻ لاءِ صرف ان ڪري تيار هئي جو هن ڄاتو ٿئي تہ اهي مذهبي جماعتون نہ آهن ۽ نہ وري انهن جو پاڪستان قومي اتحاد سان ڪو تعلق هو. اهي ڀلي تہ ڪٽي ننڍڙيون پارٽيون هيون پر انهن جا قومي اتحاد سان ايترا سخت نظرياتي اختلاف هئا جو اهي ايم. آر. ڊيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي امڪاني ڏر بندي ممل قومي اتحاد بدران پيپلز پارٽي جو ساٿ ڏين ها. ان ڪري ئي بيگم صاحبہ جي سڀ کان وڏيڪ ڪوشش هئي تہ هوءَ فتحياب علي خان ۽ معراج محمد خان جهڙا ماڻهو ۽ پارٽيون اتحاد ۾ شامل رکي.

اهڙو ئي خوف پاڪستان قومي اتحاد وارن کي بہ هو. مسلم ليگ، جماعت اسلامي ۽ جمعيت علماء پاڪستان تہ عملي طرح اتحاد کان پري رهيون. مسلم ڪانفرنس بہ رسو ڇنائي وئي پر ان کان اڳ هنن پنهنجي پاران پوري ڪوشش ڪئي هئي تہ ايڏو وڏو اتحاد نہ ٺهي جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي مضبوط هجي. هيءَ تحريڪ اڳتي هلي "ٽانڊن تي هلڻ واري تحريڪ" ثابت ٿي، جيڪا خالص ان نعري تي بيٺل هئي تہ "فوجي راڄ ختم ٿئي ۽ جمهوريت بحال ٿئي." خود اعلان نامي ۾ بہ مذهب جي حوالي سان خاموشي اختيار ڪئي وئي هئي، جنهن کي جماعت اسلاميءَ سڀ کان گهڻو ايڪسپلائٽ ڪيو. هونئن بہ اقتدار ۾ ڦٽڪا، ڦاهيون ۽ ووٽ وٺڻ جو رستو چونڊڻ وارن جي سوچ ۽ حڪمت عملي انهن کان جدا هوندي آهي

جيڪي اقتدار ۾ پوئين در کان اچڻ چاهيندا آهن. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ ان جي همدرد گروپ سميت ايم. آر. ڊي ۾ شامل جماعتن کي چڱي طرح خبر هئي ته هو مارشل لا جي خلاف جيڪو محاذ جوڙي رهيا آهن، ان لاءِ کين پوڳنائن ۽ وڏين آزمائشن مان لنگهڻو پوندو. اها آزمائش ڪيتري وڏي هوندي؟ اها خبر کين به ڪونه هئي؟ اسان ڏٺو ته وقت اچڻ مهل گهٽئي مرد ميدان مان گهٽ هٽي ويا هئا.

فيبروري ١٩٨١ع تائين جون حالتون ۽ واقعا اسان نظر مان ڪڍي آيا آهيون. في الحال اسان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ نوابزادي صاحب جي حوالي سان ڪي ڳالهيون ۽ موقف آڏو آندا آهن. پر، هن ڊگهي ڪهاڻي ۾ پيا به ننڍا ننڍا واقعا ۽ ڪن ٻين سياستدانن جا ڪجهه مختلف موقف آهن، جيڪي هن مهل تائين پيش آيل واقعن جي وڏي حد تائين تصديق ڪن ٿا. باقي ڪي ٿوريون ڳالهيون آهن جن بابت هنن ڪي مختلف واقعا ۽ موقف رڪارڊ تي آندا آهن. هن موقعي تي جيڪڏهن اسان انهن ننڍن ننڍن اختلافن تي بحث ڪنداسين ته ڪافي ڊيگهه ٿي ويندي.

ڦهريون هنگامو

تاريخ ٢٥ فيبروري تي ڦهريون پيرو ٻي ٻي سيءَ ڪراچيءَ ۾ ايم. آر. ڊيءَ جي حوالي سان هڪ هنگامي جي خبر ڏني. ان واقعي ۾ ڪراچي يونيورسٽي وٽ هڪ جيپ کي باهه ڏني وئي هئي. هڪ ميجر هنگامي جي جاچ لاءِ اوڏانهن وڃي رهيو هو. ميجر جي رينڪ واري فوجيءَ جي گاڏيءَ کي باهه جو واقعو عوام جي موڊ کي ظاهر ڪري رهيو هو. قيدي سياستدانن ان خبر کي ڏاڍي اتساهه سان ٻڌو پر پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته مارشل لا انتظاميه گهڻو ڪجهه سوچڻ تي مجبور ٿي پئي هوندي. انتظاميا هٿيار ڦٽا ڪرڻ چاهي ته به سولائي سان نه ڪري سگهندي آهي، هتي ته اجا ويڙهه ۽ داءُ پيچ ٿيا ئي ڪونه هئا. ان ڪري ان ڳالهه جو خوف ضرور محسوس ڪيو ويو ته حڪومت ڪي ان ته ائي سخت قدم کڻندي ۽ انتظام سخت ڪندي پر ڪيئن؟ ان سوال جو جواب ويجهي مستقبل ۾ خود بخود ظاهر ٿيڻ جي اميد هئي.

ايم. آر. ڊي پاران ڇاپيل پمفليٽ پهرين مارچ تي جيل ۾ به ورهايا ويا جن موجب ٢ مارچ "يوم احتجاج" هو. ڊٽل پروگرام موجب وڪيلن کي ڪورٽن جو بائيڪاٽ ڪرڻو هو ۽ اخبارن تي لڳل سينسر شپ جي خلاف ڇڙواٽن تي اخبارون ساڙيون وڃڻيون هيون ۽ پوءِ پروگرام مطابق ايئن ٿيو به! ماحول ۾ ڇڪتاڻ محسوس ٿيڻ لڳي هئي پر ... سياڻي ڇا ٿيڻ وارو هو؟ ان جو اندازو شايد ڪنهن کي به ڪونه هو.

جهاز جو اغوا

اها ٣ مارچ ١٩٨١ع هئي، جڏهن ڪراچي سينٽرل جيل جي چوڏيواريءَ اندر هڪ سمري ملٽري ڪورٽ ڄام ساقي ڪيس ۾ ابتدائي شاهديون رڪارڊ ڪري رهي هئي. هيءَ عدالت ٢٦ فيبروريءَ کان سمري آف ايويڊنس رڪارڊ ڪري رهي هئي. ٣ مارچ تي عدالت اجا اڌ ڏينهن ڪم ڪري سگهي هئي، جو ان ڪيس جو انويسٽيگيشن آفيسر ممتاز برني اوچتو ڪنهن وائرليس پيغام تي هليو ويو ۽ عدالتي ڪارروائي معطل ٿي وئي.

ساڳي رات جو بي بي سي ۽ ريڊيو پاڪستان تان خبر نشر ٿي ته پي. آءِ. اي جو بوئنگ ٧٢٠ جيڪو ڪراچيءَ کان پشاور يا اسلام آباد وڃي رهيو هو اغوا ڪري ڪابل پهچايو ويو آهي. جهاز ۾ مسافرن ۽ اسٽاف سميت ڪل ١٤٢ ڄڻا هئا. هائيجيڪرن پاڪستان ۾ سياسي قيدين جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو هو.

جهاز جي اغوا جي خبر ٻڌي ڇرڪ نڪري ويو. هيءَ خبر جيئن ته رات جو نشر ٿي ۽ سڀ قيدي پنهنجي پنهنجي ڪولين ۽ بيرڪن ۾ بند ٿي چڪا هئا، ان ڪري قيدين جو تڪڙو رد عمل ان کان سواءِ ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو جو جيئن ئي خبرون پوريون ٿيون، ڪافي پري کان ڪن سياسي قيدين جي ڪولين مان "جيئي ڀٽو! سدا جيئي!" جا نعرا لڳا، اِهي "بس ڪيس" وارا ئي ٿي سگهيا ٿي.

خبرون پوريون ٿيڻ کان پوءِ رفيق صفي ١٧ نمبر وارڊ جي ٻيو نمبر ڪوليءَ جي شيخن واري در جي ويجهو اچي ٻين ڪولين ۾ بند قيدين کي سڏ ڪيا!

”هيلو! ڪنهن خبر ٻڌي؟“

”ڇا ٿيو؟“ سميع منير چوٿون نمبر ڪوليءَ مان پڇيو.

”پي آءِ اي جو جهاز ڪراچيءَ مان هائيجيڪ ٿيو آهي!“ رفيق صفيءَ خبر ٻڌايس.

”اڇا! تہ ٿي ويو ... “ سميع ڪي جڻ اڳ ئي توقع هئي تہ ايئن ٿيڻو آهي. ڇا سميع منير کي سچ پچ اڳوات ڪو اطلاع هو؟ سڄي وارڊ مان وري ڪو آواز نہ اڀريو ۽ نہ ئي سميع جي هہ ڙي ابهري ۽ غير ذميوارٽي جواب کان پوءِ ڪو ماڻهو تبصرو ڪرڻ چاهي ها!.

جهاز ڇا اغوا ٿيو جهٽڪ ايم. آر. ڊيءَ جي ان سڄي تحريڪ جو مئن سئچ آف ٿي ويو جيڪا هن وقت تائين پهرين گيئر ۾ اچي چڪي هئي.

”مارشل لا تمام سنڌائتو ڌڪ هنيو آهي!“ جهونن سياستدانن جي راءِ هئي. جهاز اغوا ڪرڻ جي ذميواري ”الذوالفقار“ نالي هڪ تنظيم جي سر تي آئي، جنهن جا اڳواڻ مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ شاهنواز ڀٽو چيا ويا. ذوالفقار علي ڀٽي جا پٽ ۽ الذوالفقار تنظيم هٿان جهاز جي هاءِ جيڪنگ! اهڙيون حقيقتون هيون جو پاڪستان پيپلز پارٽي هڪ ڏيڍ ۾ ڦاسي پئي. MRD جو سڀ کان اهم جز پاڪستان پيپلز پارٽي ئي هئي، ان ڪري ٻيون جماعتون بہ ڏڍيون ٿي ويون. سڄي ملڪ، خاص ڪري ڪراچيءَ ۾ وري گرفتارين ۽ ڇاپا شروع ٿي ويا. جتي جتي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو ڪو سرگرم ڪارڪن هو اهو مصيبت ۾ پئجي ويو. رڳو مارچ ١٩٨١ع ۾ ڇهہ هزارن کان وڌيڪ ماڻهو گرفتار ڪيا ويا.

تاريخ ٥ مارچ تي صبح جو ڪراچي جيل ۾ هڪ نئون قيدي پنهنجي جسم جي ٽاڪوڙ ڪندو نظر آيو. سندس اک ڦڙڪي رهي هئي، زبان اٽڪي رهي هئي. مٿس فالج جو حملو ٿيو هو. ٻہ ٽي ڏينهن اذيت گهرن ۾ اذيت سهي جيل ۾ داخل ٿيو هو تہ ڏاڍي آزادي محسوس پئي ڪيائين. هي شخص سلام الله عرف ٽيپو جو وڏو ڀاءُ باري خان هو. ’ٽيپو‘ تہ جهاز اغوا ڪري ملڪ جون سرحدون اڪري ويو پر سندس سڄو خاندان، ويجهو توڙي پري جا مائٽ ٻڌجي ويا. سڀ کان گهٽي اذيت باري خان ئي برداشت ڪئي. هو هڪ رات اڳ سڌو جيل جي اسپتال ۾ داخل ٿيو هو.

جهاز جي اغوا کان پوءِ سياسي قيدين کي آزاد ڪري جلاوطن ڪرڻ واري مطالبي گهٽن قيدين کي ان ڪري بہ حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو جو هو نہ جلاوطن ٿيڻ پيا گهرن ۽ نہ وري الذوالفقار سان پاڻ کي جوڙڻ پيا چاهين.

"مان ٻاهر ڪونہ ويندس!" هڪ قيديءَ احتجاج ڪيو "توهان مون کي الائي ڪهڙي ملڪ ڪيڏو ڪابل اماڻيو يا دمشق پر هڪ هفتي کان پوءِ منهنجي سزا هوڻئن ئي ختم ٿيندي. مون کي پنهنجي گهر وڃڻو آهي!" ان قيديءَ جو نالو غالبا جاويد هو. الياس صديقيءَ جي سزا بہ باقي ڪي هفتا وڃي بچي هئي (هو بعد ۾ ظهورالحسن ڀوپاليءَ جي قتل واري واقعي ۾ مارجي ويو). هائيجيڪرن شروع ۾ ٦٠ يا ٦٥ قيدين جي لسٽ ڏني هئي. اهي سڀ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا ڪونہ هئا. ايئن ٿي لڳو تہ اها لسٽ نومبر ١٩٨٠ع جي پهرين اڌ ۾ سياسي قيدين جي سروي ڪري ٺاهي وئي هئي ۽ پوءِ ان کي 'اپ ڊيٽ' نہ ڪيو ويو هو. جيڪڏهن ڪيو ويو هو تہ بہ لسٽ تيار ڪندڙ ان ۾ پ.پ.پ سان تعلق رکندڙ ڪنهن هڪ اڌ نئين قيدين کي شامل ڪري سگهيا هئا. هاءِ جيڪرن طرفان جاري ڪيل ان لسٽ ۾ شاهہ محمد شاهہ بہ هو. جنهن جو نہ رڳو اهو تہ پ.پ.پ سان تعلق ڪونہ هو پر هو پنهنجي حصي جو قيد ڀوڳي ڪجهہ وقت اڳ آزاد بہ ٿي چڪو هو. ان لسٽ ۾ چار ساڃي ڪيس جا قيدي بہ هئا. جن هاءِ جيڪرن جي مطالبي تي جلاوطن ٿيڻ جي خلاف سخت مزاحمت ڪئي هئي.

هاءِ جيڪرن جي مطالبن تي جلاوطن ٿيندڙ مزاحمت ڪندڙ ۽ وڃڻ لاءِ هڪدم تيار ٿي ويندڙ قيدين مان هر هڪ قيديءَ جي ڪهاڻي هڪ جدا موضوع آهي. ڪاش! ڪڏهن ڪو شخص هاءِ جيڪنگ جي ڪهاڻي لکي. منهنجي ڪيس گذارش هوندي تہ هو انهن سيني قيدين کان احوال ضرور وٺي جيڪي بي گناهہ ۽ زوريءَ هٿ پير ٻڌي جلاوطن ڪيا ويا ۽ پوءِ هن مٿان هميشہ لاءِ الذوالفقار جو ٺپو هڻي ڪين بليڪ لسٽ ڪيو ويو. مون انهن مان اڪثر قيدين کي ان وقت اوچنگارون ڏيئي روئيندي ڏٺو هو جڏهن کين ٻڌايو ويو تہ توهان جي انڪار جي باوجود توهان کي اماڻيو پيو وڃي! اها قيامت جي گهڙي هئي جنتي ڪوبہ هڪبئي جا ڳوڙها اگهڻ جي پوزيشن ۾ ڪونہ هو.

مزاحمت تہ ڇام ساقي ۽ سندن دوستن بہ ڪئي هئي پر انهن کي ٻاهر نہ موڪليو ويو. منهنجي خيال ۾ هائيجيڪرن بي بي سيءَ تان جڏهن اهي خبرون ٻڌيون هونديون تہ "ڪميونسٽ پارٽي وارا قيدي آزاد ٿيڻ خلاف پاڻ مزاحمت پيا ڪن" تڏهن هنن حڪومت سان سودي بازيءَ دوران لسٽ ننڍي ڪرڻ محل انهن مان هٿ ڪڍيا هوندا. نہ تہ قيدين جي ڪهڙي مجال هئي جو جيل ۾ مزاحمت ڪن ۽ حڪومت مڙي وڃي!

مون کي ياد آهي تہ هڪ مرحلي تي ڪراچي سينٽرل جيل ۾ سياسي قيدين جا ان محل ٻہ واضح گروهہ ٺهي ويا هئا. جڏهن حڪومت انهن مان هر هڪ کان لکت ۾ انفرادي راءِ پئي گهري تہ ڇا هو هاءِ جيڪرن جي مطالبي تي جلاوطن ٿيڻ چاهين ٿا؟ حڪومت شايد سندن انڪار کي هاءِ جيڪرن سان سودي بازيءَ محل استعمال ڪرڻ چاهيو ٿي. هڪ گروپ جي اڳواڻي سميع منير ڪري رهيو هو تہ سيني سياسي قيدين کي آزاديءَ جو موقعو مليو آهي، تنهنڪري جيلن مان نڪري ٻاهرين دنيا ۾ وڃي آباد ٿجي! ٻئي پاسي رفيق صفي ۽ ڇام ساقي ڪيس وارا هئا.

جلاوطن ٿيڻ کان انڪاري اهي هئا جن يا تہ سر جو سانگو لاهي ڇڏيو هو يا جن جون آزاديون ويجهيون هيون. وڃڻ لاءِ اقراري اهي هئا، جن کي موت جو خوف هو يا وري اهو سميع منير پاڻ هو جنهن جو ذري گهٽ سڄو خاندان اڳ ئي برطانيا ۾ آباد هو.

هاءِ جيڪرن پنهنجن مطالبن جي ميڃتا لاءِ زور پرڻ خاطر ميجر طارق رحيم کي گولي هڻي جهاز مان هيٺ اڇلائي ڇڏيو ۽ ۵۵ قيدي تہ آزاد ڪرائي ورتا پر سڄي قوم جو اهو سياسي زور ٽوڙي ڇڏيو جيڪو سڄي ملڪ کي آزاد ڪرائي سگهيو ٿي ۽ جيڪو وڏين ڪوشش کان پوءِ MRD جي صورت قائم ٿيو هو. انهن ۵۵ قيدين کي ۱۲ ۽ ۱۳ مارچ جي وچ واري رات هٿ پير ٻڌي ڪراچي سينٽرل جيل مان هوائي اڏي ڏانهن روانو ڪيو ويو.

اغوا ٿيل هي هوائي جهاز ڪابل ۾ ڪجهہ ڏينهن رن وي تي بيٺو هيو۽ حڪومت پاڪستان جون هائيجيڪرن سان ڳالهيون هلنديون رهيون. ان واقعي دوران محسوس ايئن پيو ٿئي تہ افغانستان سرڪار انهن هائجيڪرن

تي سختي نہ ڪئي، ماڳهي انهن کي پيا جديد هٿيار ٻہ ڏنائون. هائجيڪرن مطالبامڃائڻ خاطر هڪ مسافر ميجر طايق رحيم کي گولي هڻي جهاز تان هيٺ اڇلائي ڇڏيو ۽ جهاز اڏائي دمشق ايئرپورٽ تي وڃي لٿا. جتي اهو ڪافي ڏينهن رن وي تي بيٺو رهيو. هيءَ واقعو "تاريخ ۾ ڊگهي عرصي تائين هائجيڪنگ" (3 مارچ کان 15 مارچ) ثابت ٿيو. (هن واقعي جو مکيہ ڪردار سلام الله 'ٽيپو' ڪجهہ سالن کان پوءِ غالباً افغانستان ۾ قتل ٿي ويو ۽ هائجيڪنگ ڪيس ۾ ملوث ناصر بلوچ کي 86_1985 ڌاري ڪراچي سينٽرل جيل ۾ ڦاسي ڏني وئي).

MRD مارچ مهيني ۾ مارچ ڪري نہ سگهي. هاءِ جيڪنگ جي نتيجن ظاهر ڪيو تہ اها مارشل لا کي ڊيگهہ ڏيڻ جي ڪم آئي. پاڪستان پيپلز پارٽي وضاحتن ۽ مونجهارن ۾ وڪوڙجي وئي، ايم. آر. ڊيءَ جي باقي قيادت 'دهشتگرديءَ جا حمايتي' هجڻ جو ليبل لڳڻ کان پاڻ بچائڻ خاطر "انتظار ڪريو ۽ ڏسو!" جي حڪمت عملي ۾ لڳي وئي. دهشتگردي، ڀلي تہ ڪو دهشتگرد ڪري يا اها ڪنهن جمهوريت جي نالي ۾ ٿئي، ان جو فائدو فقط آمريت کي ملي ٿو. "پي. آءِ اي هاءِ جيڪنگ ١٩٨١ع" اهو ئي ثابت ڪيو آهي. مون وٽ اهڙو ڪوبہ دليل نہ آهي، جنهن جي بنياد تي ائين چئجي تہ هاءِ جيڪنگ مارشل لا جي جوڙ تي ٿي، پر ائين ٿي سگهي ٿو تہ خفيہ ايجنسين کي هاءِ جيڪنگ پلان جي ڪڙڪ پئجي چڪي هوندي پر هنن ان کي روڪيو نہ. ۽ ائين ٿيڻ ڏنو ڇاڪاڻ تہ ان سان پ.پ.پ ۽ MRD کي ڌڪي ۾ وجهڻ جو موقعو پيدا ٿي رهيو هو.

مارشل لا ريگيوليشنز

هيءَ. ضياءُ الحق جي دور ۾ خوف ۽ رياستي جبر جي حوالي سان سخت ترين وقت هو ڇاڪاڻ تہ هڪ طرف تحريڪ جي بحالي لاءِ هڪ اتحاد ٺهي چڪو هو ٻئي پاسي دهشت گردين جا واقعا پيش اچي رهيا هئا ۽ ٽئين طرف مارشل لا ريگيوليشن ۴۰ ۱۳۰ ۳۶۰ – ۱۲۴ ۽ ۱۴۹ لڳا پيا هئا. جنهن ڪري اخبارون پابند هيون پر انڊرگرائونڊ پبليڪيشنز جاري هيون.

انهن مان ڪي قلم بہ سڌا سنوان مارشل لا جي خلاف مواد شايع ڪرڻ جي خلاف هئا پر ڪي قلم ملڪ سان غداري، اسلام دشمني ۽ عوامي طبقن ۾ نفرت پکيڙڻ بابت هئا.

مارشل لا ريگيوليشن نمبر ۴ (MLR_4) ڇا هو؟ قانون جي اکرن کي ڇڏي ان جو آزاد شاعريءَ ۾ مطلب ڪجهہ هن ريت هو:

"نہ نہ، ڪي بہ نہ!
نہ لک، نہ پڙهہ، نہ رک ...
نہ قلم نہ ڪتاب،
نہ رنگ نہ خوشبو،
نہ ئي ڏس ڪو خواب تون ...
نہ ئي ڪر ڪي بيان!
نہ زمين، نہ آسمان!
هُج سدائين هيڪلو...
تو لاءِ رکان ٿو
اڪيلاين جي ٽڪنڪي.
نہ نہ، ڪي بہ نہ
نہ سڏڪو نہ هڏڪي
نہ دانهن، نہ آهہ!
وري وري پيو مرين، تہ خير آ ...
نہ سوچ پوءِ بہ ڇا ڪرين!
پاڙئون ڇڪي وٺان،ءِ
جي ڪڇي اها زبان!
سپ وسار! سپ وسار!
نہ آهين، نہ هئين، تون ڪڏهن انسان!
مان، مارشل لا ريگيوليشن چار...

”نہ زمين، نہ آسمان“

الامان!

الامان!

اهو قانون فقط سنڌ سان لاڳو ڪونہ هو سڄي سنڌو ماٿريءَ پنجاب جا پنج درياءَ، سرحد ۽ بلوچستان بہ ان جي وڪڙ ۾ هئا. هي آرڊيننس فقط تنگ نظر بنياد پرستن کي چڙي باقي، سيني مذهبي جماعتن کان وٺي کاٻي ڌر تائين ۽ وفاق پرستن کان قوم پرستن تائين سيني ڌرين جي نڙيءَ تي نهن هو ۽ سيني جي دانهن پٺي اپڙي تہ بنيادي انساني حق بحال ڪيو ۽ ماڻهوءَ کي ماڻهو سمجهي ان جو احترام ڪيو.

هاءِ جيڪنگ کان پوءِ بينظير جي گرفتاري ۽ هڪ ڏکي ماٺ

”الذوالفقار“ هڪ اهڙو نپو تي پيو. جيڪو جنهن تي لڳو تي چڙهي واجب القتل ٿي پئي ويو. ”الذوالفقار“ ڪيترو فعال هئي؟ ان تي مون کي هميشہ شڪ رهيو آهي. گهڻو ممڪن آهي تہ ڪيئي واقعا ڪن ٻين ڪيا هجن پر ”الذوالفقار“ اجايو پنهنجي ڇاتي نوڪي اها ذميواري پاڻ تي کنئي هجي.

ايم. آر. ڊيءَ جي ڏکي ماٺ جي پويان ”الذوالفقار“ جي نالي ۾ هڪ ويڙهاڪ تنظيم جو قيام هو. خود بينظير ڀٽو جي گرفتاريءَ لاءِ ٧ مارچ ١٩٨١ع تي ٧٠ ڪلفٽن تي ڇاپو لڳو. ڇاپي دوران ڪي ڪاغذ ۽ فائيل کنيا ويا جن بابت جيل ۾ هلايو ويو تہ ”انهن ۾ جهاز جي اغوا بابت سميع منير ۽ ٧٠ ڪلفٽن وچ ۾ ٿيل لکپڙهہ بہ موجود آهي. ڪي خط سميع منير جا آهن، هڪ خط ۾ جهاز جي اغوا جو اطلاع آهي جنهن تي بينظير ڀٽو پنهنجن هٿن سان لکيو ”ويل ڊن“ وغيره وغيره. اهي ڳالهيون وري ڪڏهن ڪن تي نہ پيون ۽ نہ وري ان نسبت سان مارشل لا اختياري وارن جو ڪو پڙاڏو آيو. جنهن مان سمجهجي ٿو تہ اهو سڀ هڪ وقتي ڊرامو رچايو ويو هو ۽ ان سان بينظير ڀٽو جي گرفتاريءَ لاءِ جواز ڏنو ويو. البتہ بينظير ڀٽو کي سکر جيل ۾ DMLA چيو هو تہ ”اسان کي تنهنجي ڪمري مان ’الذوالفقار‘ جو خاڪو مليو آهي“ جنهن تي بينظير ڀٽو جو مؤقف هو تہ هن

هوائي جهاز جي اغوا کان پوءِ ٿي ’الذوالفقار‘ جو نالو ٻڌو هو. جهاز جي اغوا جي ڳجهارت بہ ايڏي عجيب آهي جو خود مرتضيٰ ڀٽي هڪ موقعي تي چيو هو ”مون کي ان واقعي جي خبر جهاز جي اغوا کان پوءِ ملي!“

تہ ڇا پوءِ ائين چئجي تہ هيءُ واقعو مير مرتضيٰ ڀٽي جي ڳچيءَ ۾ وڌو ويو ۽ مير مرتضيٰ ڀٽي ابهرائي ڪري ان جي ذميواري قبول ڪري ورتي؟ بينظير ڀٽو کي ڪراچيءَ مان گرفتار ڪري سينٽرل جيل ڪراچي جي ريسٽ هائوس ۾ بند ڪيو ويو. جتان پنجن ڏينهن کان پوءِ کيس سکر جيل منتقل ڪيو ويو. بيگم ڀٽو بہ ٻهري هيٺ هئي. ان عرصي دوران پ.پ.پ ڪارڪنن خلاف ”الذوالفقار“ جي حوالي سان ڪيس ٺهڻ لڳا ۽ گرفتاريون ٿيون. هاءِ جيڪنگ ڪيس، لالا اسد ڪيس، پوپ پال بم ڪيس ۽ ڪي ٻيا ڪيس. پ پ لاءِ ان مهل وڏيڪ سوڙهہ پيدا ٿي پئي، جڏهن ٢١ يا ٢٢ اپريل ١٩٨١ع تي مرتضيٰ ڀٽي ڪنهن ريڊيو انٽرويوءَ ۾ ٻين ٥٠ – ٥٥ ڪاروائين جي ذميواري ”الذوالفقار“ پاران قبول ڪئي جن ۾ ڪراچي اسٽيڊيم ۾ پوپ پال تي حملي جي ڪوشش بہ شامل آهي. ٿورڙن لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ هاءِ جيڪنگ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڳچيءَ ۾ پئجي وئي ۽ مارشل لا وارن جي اها گرفت جيڪا ان مهل تائين فقط ترقي پسند ۽ قوم پرست ڌرين جي خلاف سخت هئي، انهن تان ٿوري گهٽجي وئي ۽ مارشل لا ۽ سندس خفيہ ادارن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي نابود ڪرڻ لاءِ ان جي قيادت، ڪيڊر ۽ سرگرم ڪارڪنن کي اذيت گهرن ۾ جمع ڪرڻ شروع ڪيو. ”الذوالفقار“ جو موقعو مرتضيٰ ڀٽي پاڻ ناهي ڏنو جنهن ڪري ضياءُ الحق جي اقتدار ڊيگهہ ورتي. شايد ان ڪري ئي ضياءُ الحق چوندو هو تہ ”يہ سب تمهارا ڪرم هي آقا ڪہ بات اب تڪ بني هوئي هي.“

مارچ ١٩٨١ع کان پوءِ آگسٽ ٨٣ تائين ڪنهن ڪيئن ڀوڳيو؟ اهو ايترو تہ ڏکو داستان آهي جو جيڪر هر ڀوڳيندڙ پاڻ لکي تہ بہ لکي نہ سگهي. اها پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي MRD ناهڻ جي سزا هئي، جيڪا مارشل لا ڏني. پر پاڪستان پيپلز پارٽي ڇا آهي؟ اها سنڌ ۽ پنجاب جي پورهيت ۽ مڊل ڪلاس جي گڏيل قوت آهي. ان ڪري ان عرصي دوران

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جيڪي ڪجهہ ڀوڳيو. اهو سنڌ ۽ پنجاب جي عام ڪتنب جي ڏکن جو داستان آهي. وڏن ماڻهن جا ڏک وڏا لڳندا آهن، هرڪو هو ٻڌڻ ۽ پڙهڻ چاهيندو آهي تہ ڀٽي صاحب، بيگم ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو قيد جا ڏينهن ڪيئن گذاريا. مٿن ڪهڙا ظلم ٿيا ۽ انهن کي هنن ڪيئن منهن ڏنو. پر اهو ڪيڏو نہ وڏو ظلم ٿيندو جيڪڏهن ننڍن ماڻهن جي ڏکن کي بہ ننڍو سمجهيو وڃي. دل ۽ دماغ، جسم، روح، رشتا ۽ پيار سيني لاءِ هڪجيتريون آزمائشون آهن. آزاد ماڻهو اذيت گهرن ۾ نہ، پنهنجن گهرن ۾ رهندا آهن ۽ گهر جو سک، پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ محل کان گهٽ ناهي هوندو.

جهاز جي اغوا کان هڪدم پوءِ سرڪار جي وٺ پڪڙ پنهنجي جاءِ تي! ايم. آر. ڊيءَ ۾ شامل سياستدانن هڪدم ڇا ڇا ڪيو؟ آل جمون ڪشمير پارٽيءَ جي صدر سردار عبدالقيوم خان هڪ طرفو فيصلو ڪري ايم. آر. ڊي ٽوڙڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. ايم آر ڊي، جيڪا جهاز جي اغوا کان پوءِ اڌ مئي ٿي پئي هئي، اجا بہ وڏي مشڪل ۾ اچي وڃي ها ۽ مٿس سخت تنقيد ٿئي ها تہ ان اتحاد جيڪا عدم تشدد واري حڪمت عملي ڏني هئي، ان تي عمل ڇو نہ ڪيو ويو؟

قومي ڪائونسل براءِ شهري آزاديءَ جو اڳواڻ اقبال احمد خان ٻڌائي ٿو تہ "آئون پنهنجي ڪار ۾ نفيس صديقيءَ کي هوائي اڏي تي ڇڏڻ لاءِ وڃي رهيو هوس، هن کي لاهور وڃڻو هو جهاز اغوا ٿي چڪو هو اسان سياسي نقصانن ۽ ايم. آر. ڊي تي ان جي اثرن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪري رهيا هئاسون تہ اوچتو ڪار ۾ ريڊيو تان ايندڙ خبر ۾ ٻڌايو ويو تہ سردار عبدالقيوم ايم. آر. ڊي ٽوڙڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي.

اهو ٻڌندي ئي نفيس صديقي چيو "گاڏي موڙ! آئون لاهور نہ ويندس." انهن ڏينهن ۾ هو روپوش هو ۽ هو جنهن خفيہ جاءِ تي لڪل هو اتان ئي بي بي سيءَ جي عيوضيءَ کي فون ڪري چيائين، "سردار عبدالقيوم ايم. آر. ڊيءَ جو ڪنوينر ڪونہ پر فقط هلندڙ مهيني جو نگران هو ۽ هن کي اهڙو ڪوبہ اختيار ڪونهي تہ ايم. آر. ڊي ٽوڙي سگهي." ان کان پوءِ هن ٻين

اتحادي پارٽين سان رابطو ڪيو. سپ ڏريون رات جي مهل محمود الحق عثمانيءَ جي گهر جمع ٿيون ۽ گڏيل طور بي بي سي بڌي بي بي سيءَ نفيس صديقيءَ جو موقف بہ نشر ڪيو. ان ريت نفيس صديقيءَ جيڪو پيشي جي لحاظ کان وڪيل آهي، سردار قيوم جي هڪ ڪاري ضرب کي ٽارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

تنظيم جي ضرورت ۽ تحريڪ جو فيصلو

سردار قيوم تہ جڻ ايم. آر.ڊي مان اڇي ڦاٽو هو. جنهن مان نڪرڻ جو موقعو هن کي هوائي جهاز جي اغوا ڏيئي ڇڏيو. هن نہ ڪي هم نہ تم جهٽ ڪٽي سمورا الزام پاڪستان پيپلز پارٽيءَ تي وجهي ڇڏيائين. ايم. آر. ڊي ٽٽندي ٽٽندي بچي وئي. ان هوندي بہ اهو سوال پنهنجي جاءِ تي اهم آهي تہ آخر ايم. آر. ڊيءَ ڪا باقاعدي تنظيمي صورت ڇو نہ ورتي ۽ جيڪڏهن ڪا ڍلي ڍلي صورت ورتائين تہ ان ۾ ايتري دير ڇو پئي؟"

انور عباس نقويءَ جو خيال آهي تہ جهاز جي اغوا ۽ سردار قيوم جي حرڪت ايم. آر. ڊي جي ساک کي وڏو نقصان پهچايو. پيو تہ پرڏيهہ ۾ ايم. آر. ڊي قيادت جنهن ۾ غلام مصطفيٰ کر بہ شامل هو تمام غير مقبول ۽ ناڪارو هو. ٽئين طرف ملڪ ۾ اندروني اهم قيادت مان نوابزادو نصرالله خان ۽ اصغر خان مستقل نظر بند رهيا. هوڏانهن، تحريڪ استقلال جو شروع کان ئي موقف اهو هو تہ ايم. آر. ڊيءَ جو ڪو مستقل ڍانچو نہ رهي. ڇاڪاڻ تہ سندن دليل موجب ايم. آر. ڊي ۾ اهو طئہ ڪيو ويو هو تہ هر فيصلو هر ممڪن حد تائين اتفاق راءِ سان ڪيو ويندو. ان ڪري ايم. آر. ڊي ائڪشن ڪميٽي جي اندروني تنظيم ۽ عهديدارن جي چونڊ ملتوي ٿيندي رهي. هنن کي فقط هڪ هڪ مهيني لاءِ واري واري سان ڪنوينر ڪيو ٿي ويو. ان صورتحال تمام بي عملي پيدا ڪري وڌي ڇو تہ ڪنهن کان بہ پڇاڻو ڪرڻ جو اختيار ڪنهن وٽ بہ ڪونہ هو. ايم آر ڊيءَ جي هر رڪن پارٽي پنهنجو مهينو جيئن تيئن پورو پئي ڪيو. هونئن بہ ڪا نالي ماتر پارٽي (جيڪا ايم. آر. ڊي ۾ ميمبر بہ هئي) ڪهڙو تير هٽي پئي سگهي؟

فوجي حڪومت عارضي آئيني حڪم

٢٣ مارچ ١٩٨١ع تي فوجي حڪومت عارضي آئيني حڪم جاري ڪيو جنهن مطابق "جنرل ضياءَ کي اهڙا اختيار حاصل هئا ۽ اڳتي به حاصل هوندا ته هو آئين ۾ ترميم ڪري سگهي." ان حڪم کي ڪتب آڻيندي جنرل ضياءَ هڪدم ديواني عدالتن جي اختيارن کي ختم ڪري ڇڏيو ته جيئن اتي مارشل لا ڪورٽن طرفان سزا ڪاڏل ماڻهن جي شنوائي تي نه سگهي. ان نئين عارضي آئيني حڪم عدالتن کي سوڙهو ڪري وڌو. هاڻي سڀني ججن لاءِ ضروري هو ته اهي مارشل لا ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي حيثيت ۾ ضياءَ الحق جي بالادستي قائم رکڻ لاءِ ان ترميم هيٺ ٻيهر قسم کڻن. جن ججن جي ضمير انڪار ڪيو انهن کي ڪڍيو ويو.

بيگم ڀٽو بيمار ٿي پئي

بينظير ڀٽو کي ١٥ آگسٽ ١٩٨١ع تي سکر مان ڪراچي سينٽرل جيل منتقل ڪيو ويو. جتان بيگم نصرت ڀٽو کي جولاءِ ۾ آزاد ڪيو ويو هو. ڪيس ڦڦڙن جي بيماري ٿي پئي هئي، سلهه يا ڪينسر! ايئن پئي لڳو ته ضياءَ حڪومت ڀٽو خاندان کي ڪنهن به بهاني پاڪستان جي سياست مان ڪڍڻ لاءِ ذهني طور تيار ڪندي رهي هئي. بينظير ڀٽو جو چوڻ آهي ته ڪيس سکر جيل ۾ بار بار اها ڳالهه چئي وئي ته هوءَ پنهنجي جواني جيل ۾ نه وڃائي ۽ فرانس يا لنڊن هلي وڃي. خود بيگم نصرت ڀٽو جي بيماريءَ کي به ڪن ماڻهن جلا وطنيءَ جو بهانو ٿي سمجهيو.

آگسٽ ١٩٨١ع ۾ ئي آمريڪا کي اهڙيون رپورٽون مليون هيون، جن ۾ پاڪستان کي امداد ڏيڻ جي صورت ۾ اهو خطري هو ته آمريڪا کي هڪ غير مقبول فوجي آمريت جي پشت پناهي ڪندڙ حڪومت سمجهيو ويندو. آمريڪا کي تازو اهڙو تجربو ايران واري انقلاب ذريعي ٿي چڪو هو. اهڙي رپورٽ فارين رليشنز ڪميٽي جي ذريعي آمريڪي سينيٽ ۾ پهتي.

چوڌري ظهور الاهي قتل

٢٥ سيپٽمبر ١٩٨١ع تي لاهور ۾ هڪ خوني حملي ۾ چوڌري ظهور الاهي مري ويو ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جو اڳوڻو چيف جسٽس مولوي مشتاق حسين زخمي ٿيو. مولوي مشتاق "ڀٽو ڪيس" ۾ مکيہ جج هو ۽ ظهور الاهي ڀٽي صاحب جو سخت دشمن هو. حڪومت وري "الذوالفقار" تي خوني حملي جو الزام هنيو ۽ مير مرتضيٰ ڀٽي اها ذميواري دل ۽ جان سان قبول ڪئي، جيڪا بي بي سي تان بہ نشر ٿي ... ۽ پاڪستان ۾ پ.پ.پ ڪارڪن وري گرفتار ٿيڻ لڳا.

اهو واقعو ان مهل ٿيو جڏهن برطانيا جي اهم سياستدان مارگريٽ ٿيچر پاڪستان اچڻي هئي. ٿيچر ڪي آڪٽوبر جي شروع ۾ اچڻو هو. آمريڪا ۾ سينيٽر پيل ۽ سينيٽر پريسلي ڀٽو خاندان جي حوالي سان انساني حقن جي معاملي ۾ ڪوشش ڪندا رهيا هئا ۽ نيٺ جڏهن آمريڪي ڪانگريس افغان مسئلي سبب ضياءَ لاءِ امداد منظور ڪئي تہ ان مهل "پاڪستان ۾ مڪمل شهري آزادين جي هڪدم بحالي ۽ نمائندہ حڪومت جي قيام جي خواهش ڏيکاري وئي."

لالا اسد قتل

٢١ نومبر ١٩٨١ع تي لالا اسد کي گولي هڻي ماريو ويو. لالا اسد کي فيڊرل بي ايريا جي ڪنهن فليٽ مان جهليو ويو هو يا هن گرفتاريءَ خلاف مزاحمت ڪئي هئي. هاڻي ملڪ ۾ بندوق جي سياست جو مظاهرو ٿيڻ لڳو هو. لالا اسد ان گرفتاريءَ کان اڳ هڪ سپاهيءَ کي گولي هڻي ماريو هو پر پاڪستان پيپلز پارٽي جو موقف آهي تہ لالا اسد ان مهل بي هٿيار هو ۽ سپاهي ٻئي سپاهيءَ جي بندوق سان مئو آهي.

٢٧ ڊسمبر ١٩٨١ع تي بينظير ڀٽو سان نرمي ظاهر ٿي ۽ کيس لاڙڪاڻي ۾ "المرتضيٰ" ۾ منتقل ڪيو ويو. انگلينڊ ۾ "ڀٽو عورتون بچايو!" مهم هلي رهي هئي ۽ بيگم ڀٽو جي ڦڦڙن واري بيماري وڌي وئي هئي.

مارشل لا ڪورٽن جو بائيڪاٽ

تاريخ ٢٠ مارچ ١٩٨٢ع تي ڪراچي بار جي وڪيلن ٻين جمهوري قوتن سان يڪجهتي ۽ مارشل لا حڪومت خلاف اتحاد طور فيصلو ڪيو تہ هو آئندي ڪنهن بہ قسم جي مارشل لا ڪورٽ جي ڪارروائين ۾ حصو نہ وٺندا. جيتوڻيڪ ان فيصلي سان قيدين جي پوڳنائن ۾ فقط اضافو ئي ٿي پئي سگهيو. سياسي قيدي وڪيلن جي ان فيصلي جي حق ۾ هئا.

سياسي قيدين تي ظلم

مارچ ١٩٨٢ع ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال ۾ وڏي پئماني تي چڪتاڻ محسوس ڪئي وئي پر اها ايڏي سگهاري بہ ڪونہ هئي جو جيل ۾ سياسي قيدي جيل انتظاميہ کي للڪاري وجهن. للڪار مان مراد هرويرو جيل ۾ بغاوت ڪونہ هئي. ٻاهرين سياست جي گرميءَ سبب ڪراچي جيل جا سياسي قيدي ڪجهہ سرگرم ٿي ويا ۽ جيل انتظاميہ تي دٻاءُ وجهي رهيا هئا تہ اها سياسي ۽ غير سياسي قيدين تي ظلم نہ ڪري. جيل انتظاميہ جي ڪمائيءَ جو بنيادي رستو هترادو ظلم مان ڦٽندو آهي، ظلم نہ ٿيندو تہ خرچي ڪير ڪرائيندو؟

جيل انتظاميہ سياسي قيدين کي، خاص ڪري "الذوالفقار" جي ڪاتي ۾ بند نوجوانن کي سيڪٽ ڏيڻ جو پروگرام ناهيو. اهي مارچ جا شروعاتي ڏينهن هئا جڏهن هڪ ڏينهن صبح جو ١٠ – ١١ لڳي ڌاري جيل جي پوليس "الذوالفقار" جي قيدين کي سوڙهو ڪيو ۽ اگهاڙو ظلم ڪيو. سيف الله خالد، ناصر بلوچ، عيسيٰ بلوچ، رسول بخش لاهوتي ۽ هر اهو نوجوان جيڪو سامهون نظر آين رهڙجي ويو. ڪين بي درديءَ سان ماريو ويو ۽ ٺونشا، لتيون ۽ ڏنڊا هنيا ويا. ڪين اگهاڙو ڪري جسم جا وار ۽ مڇون پٽڻ ۽ آخر بند وارڊ ۾ ٻڪون ڏيڻ وغيره جهڙا شرمناڪ عمل ڪيا ويا. جيل انتظاميہ ٻاهر اخبارن لاءِ خبر ناهي تہ جيل ۾ ٻن گروهن ۾ تصادم ٿيو آهي ۽ ڪين حفاظت طور بند ڪيو ويو آهي.

معراج محمد خان ۽ فتحياب علي خان گرفتار

۲۲ مارچ ۱۹۸۲ع تي ايم. آر. ڊي جا اڳواڻ معراج محمد خان ۽ فتحياب علي خان گرفتار ٿيا. جيل ۾ سختيءَ سبب قيدين مان ڪنهن کي بہ پتو نہ پيو تہ فتحياب علي خان گرفتار ٿيڻ کان پوءِ ڪراچي جيل ۾ داخل ٿي چڪو آهي. اها خبر بي بي سي ذريعي پئي. معراج محمد خان هفتو اڳ پنجاب مان ۽ فتحياب علي خان چار پنج مهينا اڳ ڪراچي جيل مان آزاد ٿيا هئا.

۲۲ تاريخ تي جهليل سياستدانن کي ۲۴ مارچ تي آزاد ڪيو ويو. بنيادي مقصد اهو هو تہ اهي ايم. آر. ڊي طرفان ۲۳ مارچ تي سياسي جلسو ڪري نہ سگهن. هي مهينو فتحياب علي خان پاڻ ايم. آر. ڊيءَ جو ڪنوينر هو. ڪيس سياسي قيدين تي ظلم جو داستان ۲۴ تاريخ تي ان مهل ٻڌايو ويو جڏهن آزاد ٿيڻ کان اڳ جيل سپرنٽنڊنٽ ڪيس ٻين قيدين سان ملڻ جي مهرباني ڪري موڪل ڏني. فتحياب کي بند وارڊ ۾ رکيو ويو هو.

ڀٽي کان پوءِ فوجي نقطہ نظر ۽ تسلسل

وقت، نئين معرڪي ڏانهن وڌڻ لڳو. اچو تہ هن موقعي تي هڪ ڀيرو ٻيهر ڪنڌ ورائي پوئتي ڏسون تہ فوجي حلقن ۱۹۷۷ع کان پوءِ ڪيئن پئي سوچيو.

ڀٽي صاحب کي ڦاسي ڏيڻ شرط پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي گرفتارين جو جيڪو سلسلو شروع ٿيو ان کي هسٽري شيٽرن ۽ مشڪوڪ ماڻهن جي گرفتاريءَ واري مهم جو نالو ڏنو ويو. اصل هسٽري شيٽر تہ ضياء حمايت تحريڪ ۾ گهڙي ويا هئا، باقي سياسي مخالف وڃي ويا. جنرل عارف ان کي ”محض اتفاق“ سڏي ٿو تہ هسٽري شيٽرن جي گرفتاري ڀٽي صاحب جي ڦاسيءَ سان گڏ شروع ٿي.

ڀٽي صاحب جي ڦاسيءَ حڪومت ۽ پ.پ.پ جي وچ ۾ ڳالهين جا سڀ رستا بند ڪري ڇڏيا هئا. نومبر ۱۹۷۹ع ۾ چوندن جو ڪيل اعلان وري ملتوي ٿيو. جنرلن وٽ دليل اهو هو تہ مسئلن جي بنياد تي اليڪشن ٿيڻ ممڪن نہ هئي ڇو تہ ڀٽي صاحب کان پوءِ ماحول ۾ جذباتيت پرجي وئي

هئي ۽ "انتقام" پارٽيءَ لاءِ جنگ جو سڏ بڻجي ويو هو. ان موقعي تي جنرل ضياء چيو "مون کي مثبت نتيجا گهرجن" جنهن جي معنيٰ هئي پاڪستان پيپلز پارٽي نہ گهرجي. هن فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ جڏهن بہ مارشل لا کڻئي وئي، حڪومت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي نہ ڏبي.

جنرل ضياء پيتي صاحب کان ڏاڍو نڪتو ۽ ڪيس ڦاسي ڏيئي ڇڏيائين جيتوڻيڪ مٿس گهڻو عالمي دٻاءُ پيو. ان هوندي بہ ضياء کي پيتي جي پوٽ نہ ڇڏيو. پ.پ.پ جي انتقام واري نعري ضياءُ الحق لاءِ سيڪيورٽي جو مسئلو پيدا ڪيو ۽ ان خوف ئي ضياء جو مدو وڌايو.

هوريان هوريان ضياءُ الحق جي ذهن ۾ اِن سوچ واسو ڪيو تہ هو ئي بهتر حاڪم آهي. ڪيس سندس ثنا خواهن بہ ائين ئي چيو. بہ پيرا چونڊون ملتوي ڪرڻ کان پوءِ هن تيهر تاريخ نہ ڏني. سياسي پارٽيون ڪمزور ۽ ورهايل هيون جيڪي مٿس دٻاءُ وجهي نہ سگهيون. ضياءُ الحق کي منجهائن ڪوبہ خطرو ڪونہ هو. ضياء کي تڪڙ ڪونہ هئي پر هن ڏٺو پئي تہ عوام جي شرڪت کان سواءِ انتظام هلائڻ ممڪن ڪونہ هو.

جتوئي ـ ضياء قربت

ان وقت جنرل ضياء کي چونڊن جي ڪابہ تڪڙ ڪونہ هئي پر هن کي عوامي شرڪت کان سواءِ حڪومت هلائڻ ۾ مشڪل ٿي رهي هئي. سڄيءَ دنيا ۾ ملڪ جي بدنامي ٿي رهي هئي تہ پاڪستان ۾ ڪا مقبول چونڊيل حڪومت موجود ڪونہ آهي. هن کي چونڊن لاءِ رستو ڪڍڻ جي ضرورت محسوس ٿي. مختلف صوبن جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽرن هڪ ڪانفرنس بعد ڪيس تجويز ڏني تہ "هڪ ڪشادي سياسي حڪومت ناهي وڃي، جنهن جو اڳواڻ ڪوشش ڪري سنڌ مان کڻجي، جيڪو پيتي صاحب جو اباڻو صوبو هو." ان وقت جنرلن جي نگاهہ غلام مصطفيٰ جتوئيءَ تي پئي، جنهن تي سڀ متفق هئا. جنرل ضياء ٿوري گهڻي هٻڪ کان پوءِ ان تي متفق ٿيو. فيبروري ١٩٨٠ع ۾ ساڻس رابطو ڪيو ويو تہ هن بہ رضامندي ڏيکاري. نيٺ ساڳئي مهيني ۾ آرمي هائوس راولپنڊيءَ ۾ هن جنرل ضياء سان ملاقات

ڪئي. ان وقت جنرل ڪي. ايم عارف ۽ سنڌ جو گورنر ليفٽيننٽ جنرل ايس. ايم عباسي بہ موجود هئا. جنرل ضياء جتوئيءَ صاحب کي حڪومت ٺاهڻ جو اشارو ڏنو جنهن تي جتوئي صاحب تجويز ڏني تہ ڪيس ان بابت بيگم نصرت ڀٽو کي باقاعدي اعتماد ۾ وٺڻ ڏنو وڃي ڇاڪاڻ تہ اها ڳالهہ اڳي پوءِ کلندي. جتوئيءَ کي ضياء اهڙي اجازت بہ ڏني، پر جڏهن جتوئي صاحب غلام مصطفيٰ کر سان رابطي جي اجازت گهري تہ ضياءَ ڪيس سختيءَ سان ائين ڪرڻ کان جهلي ڇڏيو. جتوئي صاحب تفصيلي ڳالهين لاءِ ٿورو وقت وٺي عمري جي بهاني ٻاهر هليو ويو. موٽندي هن غلام مصطفيٰ کر سان دبئيءَ ۾ خفيہ صلاح مشورا ڪيا. مسٽر کر کي لنڊن مان دبئي سڏايو ويو هو پر ان خفيہ گڏجاڻي جو اطلاع جنرل صاحب وٽ ان کان اڳ ۾ پهتو جڏهن جتوئي کي ڳالهين جي پٺي دؤر ۾ ضياء سان ملڻو هو. جنرل ضياء کي جتوئي جي ان حرڪت تي ڏاڍي چڙ آئي ۽ ڪيس ٻيهر ملاقات ڪرڻ نہ ڏنائين. اهڙي طرح (غلام مصطفيٰ کر سان دوستيءَ سبب) جتوئي صاحب جون "ٻہ ٻہ ويون تہ ڇهہ بہ ويون" ۽ ڪيس وزارت عظميٰ نہ ملي. ("ورڪنگ ود ضياء" جنرل ڪي. ايم عارف)

جنرل ضياء مارچ ١٩٨٠ع ۾ جنرل چشتي ۽ جنرل غلام حسين کي رٽائر ڪري ڇڏيو. ٻنهي کي وزارتون آڇيون پر چشتيءَ نہ قبوليو. هن جي خواهش هئي تہ ڪيس پروموشن ملي، جنهن جو هو حقدار آهي. چشتيءَ ضياء کي ياد ڏياريو تہ "تو اڳ چيو هو تہ پاڻ گڏ هلنداسين." پر ضياء پلٽو کائي چيو "پر مان تہ چوڻ جي سلسلي ۾ قائل آهيان." ضياء چيو "فوج جي ريل گاڏي هلندي رهڻ گهرجي تہ جيئن جونيئر آفيسرن لاءِ ترقيءَ جا موقعا پيدا ٿيندا رهن!"

فوج کي قومي تحريڪن کان ڏڙڪو

پاڪستان جي فوجي حلقن کي ملڪ جي اندروني سياسي صورتحال ۾ ڪو بيو ڏڙڪو رهي يا نہ رهي، ڪين هر وقت اهو سوال پريشان ڪندو رهندو آهي تہ ڪٿي صوبا بغاوت تي نہ لهي اچن. فوجي حڪومت جي وقت

۾ ته اها ڳڻتي هيڪاري وڌي ويندي اٿن ڇاڪاڻ ته ڪا به مقبول سياسي پارٽي صوبائيت جي اپار کي روڪڻ لاءِ ميدان ۾ موجود نه هوندي آهي. ضياءَ الحق جي مارشل لا اقتدار کي ڇڪي اسلام آباد ۽ راولپنڊيءَ جي فوجي هيڊ ڪوارٽر ۾ محدود ڪري ڇڏيو هو. صوبا مارشل لا ريگيوليشنز ۽ آرڊرن تحت هلي رهيا. جنهن ڪري عوام جي شرڪت جو ته سوال ئي پيدا نه ٿي ٿيو البت فوجي حاڪمن کي هر شخص تي شڪ ٿيڻ ٿي لڳو ته اهو غير ملڪي ايجنٽ آهي. ان صورت ۾ معمولي کان معمولي سياسي سرگرمي به فوج کان برداشت ڪونه ٿي رهي هئي.

جنرل چشتي ان ئي ڏڪي واري صورتحال ۾ ضياء الحق جي خلاف ڪنهن بغاوت جي امڪان تي تبصرو ڪندي لکي ٿو "فرض ڪريو ته سي ايم. ايل. اي جو منصب سنڀالڻ لاءِ انهن آفيسرن (جنرل ايم شرف. ايڊمرل شريف. ايئر چيف مارشل ذوالفقار يا ليفٽيننٽ جنرل اقبال ۽ ڪور ڪمانڊر سوار خان. ارباب. چشتي ۽ حسن) ۾ اتفاق راءِ ٿي به وڃي تڏهن به پيا مسئلا ڪڙا ٿي سگهن ٿا:

(الف) سرحد صوبي مان ڪو خان بابا اٿي چوي. "اسان کي جنرل فلاڻو سي ايم. ايل. اي جي حيثيت ۾ منظور نه آهي. برداشت جي به ڪا حد هوندي آهي. اسان وفاق ۾ رهڻ ئي نٿا چاهيون. اسان پاڻ ئي آزاديءَ جو هڪ طرفو اعلان ڪريون ٿا ۽ اڄ کان هي صوبو عظيم تر پٺاڻستان يا پشتونستان يا افغانستان جو هڪ حصو سڏبو ان جو نئون صدر فلاڻو خانصاحب آهي." روس هڪدم هن جي حمايت ڪري ونندو ۽ ان کان پوءِ هندستان ان جي پيروي ڪندو. اهڙي طرح متحده پاڪستان کي بچائڻ ڪنهن جي وس ۾ نه رهندو. يا (ب) ڪو بلوچ سردار مٿين نوعيت جو اعلان ڪري ٿو ته اسان عظيم تر بلوچستان آهيون (ايراني بلوچستان سميت) ان کي به روس ۽ هندستان تسليم ڪري ونندا. يا (ج) ڪو سنڌي وڏيرو اٿي چوي ته اسان سنڌو ديش آهيون يا (اهو ته ان ۾ پارٽي سنڌ به شامل هوندي) روس ۽ هندستان نئين سرڪار کي تسليم ڪري ونندا. (پنو ضياء ۽ آئون : جنرل فيض علي چشتي صفحو ٢١٦)

جاسوس ادارن ۽ مارشل لا جي پيگهي

سچي ڳالهه اها آهي تہ فوج ۽ فوج کان ٻاهر هر شعبو جنهن ۾ عدليہ ۽ سياستدان بہ شامل آهن. بيحد ڪرپٽ آهن. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ فرد هر شعبي ۾ مضبوطيءَ سان پنهنجي "ايمان" تي قائم رهيو آهي، نہ تہ هن سرشتي وسان ڪونہ گهٽايو آهي ۽ اصولن تي بيٺل فردن کي ويهارڻ ۾ يا پنهنجي درجي تان لاهڻ ۾ وڏا وس ڪيا اٿائون. بد اعتمادي ۽ جڙ تائين پکڙيل ڪرپشن جي هن ماحول ۾ طاقتور طبقن هڪ صديون پراڻو پر هميشہ ڪارگر رهندڙ هٿيار استعمال ڪيو. ان ريت اقتداري طبقا ١٩٧٠ع کان ١٩٧٧ع تائين ۽ ان کان پوءِ اڄ بہ هڪٻئي جي خلاف جاسوسيون ڪرڻ، هڪٻئي جون ڪمزوريون ڳولڻ ۽ لاڳاپيل ثبوت هٿ ڪرڻ ۾ مصروف رهيا آهن. پاڪستان ۾ اقتداري حلقن هڪٻئي پويان ٨ – ١٠ جاسوسي ادارا قائم ڪري پنهنجن مخالفن کي "حدن جي اندر" رهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. هاڻي جاسوسي ڄار ان حد تائين ڪم ڪري ٿو جو ڪنهن بہ سياستدان جي ذاتي زندگيءَ جو ڪوبہ پهلو ويندي راتين جون مصروفيتون بہ جاسوسي ادارن جي اک کان بچيل نہ آهن. ٻيو تہ ٺهيو صدر پاڪستان، وزيراعظم پاڪستان ۽ فوج جي اعليٰ ترين عملدارن جي جاسوسي ٿي رهي آهي، خود جاسوسي کاتا هڪٻئي جي خلاف جاسوسي ڪري رهيا آهن. سياسي مخالفن جي جاسوسيءَ جو هيءُ سلسلو ۽ جاسوس ايجنسين جو سياسي ڪردار هاڻي شايد ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو.

مسٽر ڀٽي بہ پنهنجي دؤر ۾ پنهنجن مخالفن ۽ ساٿين جي جاسوسي ڪرائي هئي پر اصل ڳالهه اها آهي، تہ جنرل ضياء جي دؤر ۾ جاسوسي کاتن جو ڪردار ان ڪري وڏيڪ پوائنٽو ٿي ويو جو جاسوسي کاتا ۽ مارشل لا جا قانون گڏجي پيا هئا. مارشل لا ۾ فوجي ڪاموري شاهيءَ ان جو پورو پورو فائدو ورتو. ضياءُ الحق، آءِ ايس. آءِ کي سياسي پارٽين کي چيپاڻ لاءِ ٥ جولا ٧٧ کان ١٧ آگسٽ 1988 تائين برابر استعمال ڪيو. هن نہ رڳو آءِ. ايس. آءِ کي پنهنجي خيالن موجب "عظيم مقصد" لاءِ استعمال ڪيو پر ملٽري انٽيليجنس بيورو ۽ اسپيشل برانچ کي بہ استعمال ڪيو ۽

سياستدانن سان اهڙي جٺ ڪئي هئائين جو هر ڪو پاسائتو ٿي لڪي ويو هو. ضياء الحق کي سيني سياستدانن جي اصليت معلوم هئي. هن کي خبر هئي تہ جنهن بہ سياستدان کي اشارو ڪندو اهو خاموشيءَ سان سندس حڪمن جي تعميل ڪندو. هن صرف ايترو ڪيو تہ هر هڪ کي ڪن ۾ ٻڌائي ڇڏيائين تہ "تنهنجون فلاڻيون فلاڻيون حرڪتون ۽ انهن جو رڪارڊ اجهو هيئنئن ۾ مون وٽ آهي." ڪوبہ سياستدان ان بليڪ ميلنگ واري چار مان نڪري نہ ٿي سگهيو. تڏهن جنرل ضياءَ وڏي آواز ۾ دعوي ڪئي تہ "مون جڏهن بہ خواهش ڏيکاري ۽ پچڪاريو تہ سياستدان پڇ لوڏيندا هليا ايندا."

جيتوڻيڪ قومي اتحاد مان ضياءُ الحق کي فقط فائدو ئي مليو هو تڏهن بہ هن کي سياستدانن کان نفرت هئي. هن لڳ ڀڳ سيني سياستدانن کي خود غرض، منافق ۽ ملڪ دشمن ٿي سمجهيو. اسان ڏٺو تہ جنرل صاحب قومي اتحاد وارن کي پاڻ سان فقط ان مهل تائين رکيو جيستائين ڀٽي صاحب کي ڦاسي نہ ڏنائين. جيئن ئي ڦاسي ڏني وئي، قومي اتحادين کي وزارتن جي مکڻ مان مٿل مکيون سمجهي ڪڍيو ويو. اهڙي طرح جنرل ضياءُ الحق ذوالفقار علي ڀٽي صاحب کان پوءِ هڪ ئي وقت ڀٽي جي بد روح (عوام) جي خوف ۽ قومي اتحادين جي مخالفتن ۾ وڪوڙجي ويو.

ايم. آر. ڊيءَ واري تحريڪ جا ڦٽ ايترا گهرا آهن جو اهي اڃا تائين ڪونہ ڇٽا آهن. اها تحريڪ جڏهن اها هلي پوري ٿي تڏهن بہ جنرلن ان تي ڪوبہ تبصرو ڪونہ ڪيو. پر جيڪڏهن مجبوري وچان ڪڏهن ان جو ذڪر ڪرڻو بہ پيو تہ ان کي هڪ علائقائي ۽ مختصر تحريڪ قرار ڏيئي ڳالهہ ٽاري ٿي ويا. فقط جنرل عارف ئي ايم. آر. ڊي تي صرف بہ صفحا راءِ ڏني آهي. هو ايم. آر. ڊي تحريڪ جي پڄاڻيءَ کان پوءِ ان جو تجزيو ڪندي لکي ٿو تہ:

"ايم. آر. ڊيءَ پاڪستان جي آزاديءَ واري ڏينهن ١٤ آگسٽ کان حڪومت پاڪستان جي خلاف احتجاجي جلوس ڪڍڻ جو ارادو ظاهر ڪيو. احتجاج کان اڳ ئي حڪومت ٽن مرحلن وارو اليڪشني پروگرام ١٢ آگسٽ تي جاري ڪري ڇڏيو. ان موجب بلدياتي، صوبائي ۽ قومي

اسيمبليءَ جون چونڊون اينديڙ ارڙهن مهينن ۾ ڪرڻيون هيون. ضياء الحق جي سياسي مخالفن ان شيڊول کي هڪ شخص جي حڪومت کي ڊيگهه ڏيڻ قرار ڏنو. ڪجهه پارٽين بائيڪاٽ جي ڌمڪي ڏني. پين چونڊن جي ان صورت ۾ مخالفت ڪئي ته اهي سنڌن مطالبن موجب ٿين. ان هوندي به ان اعلان رڌيل احتجاج تي اثر وڌو...

"سنڌ ۾ ايم. آر. ڊيءَ جي تحريڪ غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي رهنمائي ۾ هلي، جنهن جلد ئي ان وقت علائقائي رخ اختيار ڪيو جڏهن ان ڪشش رکندڙ "احساس محروميءَ" جو نعرو اختيار ڪيو. غريب ماڻهن جي حساس مامرن سان ڪيڏڻ واري خيال پين صوبن کي پاسيرو ڪري ڇڏيو. هوندئن به اهو الزام جاندار ڪونه هو. وفاقي حڪومت پاران ڪرايل هڪ ڪاٽي مان ظاهر ٿيو ته سنڌ کي وفاق، توڙي انهن ڪاتن ۾ جيڪي ان جي ڪنٽرول ۾ هئا، سندس مناسب حصي کان وڌيڪ نمائندگي هئي. ملڪي صنعت جو اٽڪل ٦٠ سيڪڙو به صوبي ۾ موجود هو. انگن اکرن مان خبر پئي ته صوبي کي پنهنجي ڪوٽا کان وڌيڪ تقرريون هيون. بهتر تعليم ياف ته شهري علائقن مان نوڪرين جو بهتر ڪاپو ٿي رهيو هو جنهن سان اندروني ڳوٺاڻن ۽ گهٽ تعليم ياف ته علائقن ۾ نظر انداز ٿيڻ جو احساس ۽ بيچيني پيدا ٿي رهي هئي...

"تحريڪ ڪجهه تيزيءَ سان شروع ٿي، ٿورو وقت هلي پر سنڌ جي ڪجهه اندروني علائقن کان سواءِ ٻئي طرف پکڙجڻ ۾ ناڪام ٿي وئي. متعصب ۽ محدود نعرو سنڌ جي شهري علائقن مان همدرداڻو رد عمل حاصل ڪري نه سگهيو. ٻيا صوبا وڏي پئماني تي غير متاثر رهيا. ڪمزور رڌيل تحريڪ مهارت سان نه هلائي وئي. مسٽر جتوئيءَ کي گرفتار ڪيو ويو. سندس پٽ لڪي سرحد ٽپي هندستان هليو ويو ۽ لنڊن ۾ ظاهر ٿيو. ايم. آر. ڊيءَ جي قيادت غير تجربيڪار ۽ هيٺين سطح جي ڪارڪنن جي هٿن ۾ هلي وئي، جن کي اڳواڻي ڪرڻ جي لياقت ڪونه هئي. جمهوريت جي بحاليءَ واري عظيم نعري کان هٽي هيءَ تحريڪ سماج دشمن رخ اختيار ڪري وئي. سرڪاري عمارتون ساڙيون ويون، ريلوي لائنون اکيڙيون ويون،

بينڪون لٽيون ويون، واهن جا بند ڀڳا ويا، روڊ سفر لاءِ محفوظ نہ رهيا. ڌاڙيلن ۽ بدمعاشن بگڙيل صورتحال جو فائدو ورتو. جيئن تہ امن امان جي صورتحال تمام خراب ٿي وئي، عوامي مخالفت سماج دشمن عنصرن جي خلاف ٿي وئي. هاڻي، امن جي بحاليءَ جو ڪم قانون نافذ ڪندڙن ادارن لاءِ رهجي ويو جيڪو هنن ڪيو...

"مسٽر جتوئي مشڪوڪ هو پيو تہ نهيو خود پنهنجي پارٽيءَ جي حلقن ۾ بہ. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو مٿس الزام هو تہ هن حڪومت سان جوڙ توڙ ڪيو ۽ حڪومت کي چئي پاڻ کي گرفتار ڪرايو تہ جيئن عوام ۾ سندس ڪرندڙ ساک وڌي سگهي. هندستان ڏانهن سندس پٽ جي فرار اهي سوال ۽ خدشا اياريا تہ تحريڪ جي پويان هندستان جو هٿ هو. حڪومت ان ڪمزوريءَ مان فائدو ورتو...

"پاڪستان پيپلز پارٽيءَ عوامي موڊ کي سمجهي ورتو هو. جڏهن ٻين صوبن ۾ خاص ڪري پنجاب ۾ عوام، سنڌ ۾ هلندڙ احتجاج کان پاڻ کي لاتعلق رکيو. تڏهن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ خاموشيءَ سان هوريان هوريان پاڻ کي ايم. آر. ڊيءَ کان پري رکڻ شروع ڪيو. چونڊن کي ڏسندي ۽ اهو ڄاڻندي تہ ننڍيون پارٽيون چونڊن جا نتيجا ڪٽي ويندڀون. ان فيصلو ڪيو تہ مناسب وقت تي ايم. آر. ڊيءَ کي دفن ڪجي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پنهنجي مقبوليت کي بلدياتي چونڊن دوران پرکيو. ان بظاهر چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو پر حقيقت ۾ پارٽيءَ جي اميدوارن وڏي طاقت سان ۽ "عوام دوست" جي نالي سان مقابلو ڪيو. پاڪستان بينظير ڀٽو شروع ۾ وڏا ميڙ ڪيا ۽ پر عوامي جذبات جي لهر جلد ماٺي ٿي وئي. ايم. آر. ڊي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو مقصد پورو ڪري ڇڏيو هو. جنهن کان پوءِ ٽنل ڏڙن سان اقتدار ۾ شرڪت جي خيال ۾ چس ڪونہ رهيو هو. ايم. آر. ڊي پنهنجي اندر مان ئي ڪاڇڻ شروع ٿي وئي." (ورڪنگ ود ضياء: جنرل ڪي. ايم عارف)

جنرل عارف جو چوڻ آهي تہ "جنرل ضياء جي موت سان ايم. آر. ڊي واري اتحاد جو آخري بنياد بہ ختم ٿي ويو جڏهن تہ ان جو عملي موت ان مهل ٿيو جڏهن نومبر ١٩٨٨ع ۾ پارٽين جي ٽڪيٽ ورهائڻ واري مرحلي تي

اتحاد ۾ شامل مختلف پارٽين جو اتفاق نہ ٿيو. اهڙي طرح جنرل جي خيال ۾ ايم. آر. ڊي پنهنجن اندروني اختلافن سبب پنهنجي موت مري وئي."

جنرل ڪي. ايم عارف جي تحرير مان صاف ظاهر آهي تہ هن ڪي ايم. آر. ڊيءَ جي پويان سڀ کان اهم ۽ اڪيلو ڪردار فقط غلام مصطفيٰ جتوئي نظر ٿي آيو ۽ اهو بہ تہ سنڌ جو "احساس محرومي" اصل ۾ فقط نوڪرين جو مسئلو هو. هن جڏهن سنڌ جي نوڪرين تي تبصرو ڪيو تہ ائين چيو تہ صوبي کي پنهنجي حصي کان وڌيڪ تقريبون حاصل هيون ۽ صوبي ۾ ملڪ جي ٦٠ سيڪڙو صنعت موجود هئي. ٦٠ سيڪڙو صنعت ۽ نوڪرين جا موقعا تہ برابر موجود هئا پر انهن لاءِ جيڪي ڪراچيءَ ۾ رهندڙ ۽ انهن ذريعن تي قابض هئا. اهي 'مهاجر' پنجابي ۽ پناڻ هئا. سنڌين جي ان ۾ شرح نہ هئڻ برابر هئي. اهوئي سبب هو جو ڪراچيءَ تي قابض طبقن ايم. آر. ڊي تحريڪ ۾ شرڪت جي ضرورت محسوس نہ ڪئي. البت پنجاب ۾ تحريڪ جي ناڪاميءَ جا بہ ڪارڻ هئا. پهريون اهو تہ پنجاب جي عوام مارشل لا ۾ اها سياسي ۽ معاشي سوڙهہ محسوس نٿي ڪئي، جيڪا سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ هئي ۽ ٻيو اهو تہ مارشل لا سرڪار سياسي ڪارڪنن جي گرفتارين سان اتي ايم. آر. ڊيءَ جي ايار کي سولائيءَ سان جهلڻ ۾ ڪامياب رهي، پر پويون دليل ڪجهہ ڪمزور آهي ڇو تہ مارشل لا جو ڏاڍ سنڌ ۾ پنجاب کان وڌيڪ هو.

١٩٨٢ع ۾ ايم. آر. ڊي ڇا ڪيو؟

هيءَ ڏاڍو ڇيندڙ سوال آهي. سخت مايوسيون، بددلي، ذري گهٽ ناڪام ٿيڻ جو احساس، جنرل ضياء جون ڪاميابيون ۽ ايم. آر. ڊيءَ جو بيحد دفاعي پوزيشن ۾ هليو وڃڻ. اهو آهي ١٩٨٢ع واري ڪارڪردگيءَ جي سوال بابت جواب! ١٩٨١ع کان شروع ٿيل "الذوالفقار" جون گرفتاريون، ٧٠ ڪلفٽن مان بينظير جي گرفتاري ۽ سياسي چرپر تي خاص طور تي سنڌ ۾ ڪڙي نظر سبب حالتون جمود کي ٽوڙي نہ پيون سگهن. ائين پيو لڳي ڄڻ سرد خاني ۾ برف وڌي وئي آهي. ڪنهن کي بہ اندازو ڪونہ هو تہ اها برف ڪڏهن ۽ ڪيئن پگهر جندي!

جيئن هر سياسي تحريڪ کان اڳ تاثر قائم ٿيندو آهي ته جيستائين آمريڪا يا ڪي ٻيون طاقتون ڪنهن ملڪ جي اندروني معاملن ۾ مداخلت جو فيصلو نه ڪنديون آهن، ان مهل تائين ڪابه تبديلي نه ايندي آهي، ساڳي طرح جڏهن ايم. آر. ڊي ٺهي رهي هئي ان وقت به ساڳيو تاثر ورتو ويو هو ته هاڻي جمهوريت پسند آمريڪا پاڪستان ۾ جمهوريت ڏسڻ چاهي ٿي ۽ ان لاءِ سياستدانن کي گرين سگنل ڏنو ويو آهي پر پاڪستاني سياستدانن کي ان مهل سخت مايوسي ٿي، جڏهن ملڪي قيادت متحد ٿيڻ کان پوءِ به بي اثر رهي ۽ جنرل ضياءالحق آمريڪا جي دوري تي ويو.

ان موقعي تي وري چيو ويو ته، "اڃا آمريڪا کي جنرل ضياء جي ضرورت آهي ۽ آمريڪا کي جمهوريت کان وڌيڪ افغانستان ۾ پنهنجا مفاد عزيز آهن، جيڪي ڪابه جمهوري حڪومت پورا ڪري نٿي سگهي." ان مونجهاري ۾ صحافين سوچڻ شروع ڪيو ته ايم. آر. ڊيءَ کي آمريڪا تي ڀاڙڻ بدران پنهنجي اندروني تنظيم تي ڌيان ڏيڻ کپندو هو. اقتدار پسند سياسي پارٽين وري اهو سوچڻ شروع ڪيو ته هنن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان اتحاد ڪري ڪٿي ڪا وڏي غلطي ته ڪانه ڪئي آهي؟ پر هنن جي مجبوري اها هئي ته مارشل لا سان ٽڪر کائڻ لاءِ هنن وٽ اتحاد لاءِ ٻي ڪابه وڏي، طاقتور ۽ مقبول پارٽي ڪانه هئي جو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي ڇڏي اوڏانهن هليا وڃن.

جيستائين ايم. آر. ڊيءَ جي تنظيم جو سوال هو خود تحريڪ استقلال ان جو ڪو مستقل ڍانچو رکڻ جي حامي ڪانه هئي. هڪ موقعي تي جڏهن جنرل ضياء الحق آمريڪا وڃڻ وارو هو ايم. آر. ڊي وارن رٿ رٿي ته ان موقعي تي ڪو وڏو احتجاج ڪجي ته جيئن آمريڪا وارن کي احساس ٿئي ته هو غير نمائنده ۽ فوجي سربراهه سان دوستي ڪري جمهوري حقن ۽ جمهوريت کي نقصان رسائي رهيا آهن. پر، جڏهن مظاهرن جو پروگرام تيار ٿيو ته مظاهرن کان اڳ ئي پوليس وارن اهم رهنمائن کي گهرن ۾ ئي وڃي سوگهو ڪيو. جنهن تي ايم. آر. ڊيءَ جي هڪ صاحب تبصرو ڪيو ته "پوليس اسان کان تيز آهي!" رياستي مشنري برابر تيز هوندي آهي پر جيئن 'ميرن کي گهر ۾ لڳي هئي' تيئن ايم. آر. ڊيءَ کي به گهر ۾ لڳل هئي.

ايم. آر. ڊيءَ ۾ ورڻ وڙ جي ڪاني هئي ۽ ڪنهن به نٿي ڄاتو ته ڪهڙا ڪهڙا رهنما سرڪار جي پيرول تي آهن. مولانا شاهه احمد نورانيءَ جيڪا گول ميز ڪانفرنس جي تجويز ڏني هئي يا جڏهن ١٩٨٢ع ۾ ٿي اهو بحث پيهر اٿاريو ويو هو ته پاڪستان ۾ فوج لاءِ ڪو مستقل ڪردار تجويز ڪرڻ گهرجي يا نه؟ تڏهن اهي ٻئي ڳالهيون جمهوريت لاءِ ڪنهن هلچل ڪي ڏڪ رسائي رهيون هيون.

تحريڪ هلائڻ جو حوصلو ڪونه هو : انور عباس نقوي

١٩٨٣ع جي مهڙ ۾ ايم. آر. ڊي ۾ تحريڪ هلائڻ جو حوصلو ۽ ورڪنگ رليشن شپ موجود ئي ڪونه هئي. سنڌ سيني ڪان اڳتي هئي، باقي صوبا منجهيل ۽ ڊنل هئا. انور عباس نقوي چوي ٿو "ايم. آر. ڊي لاءِ سڀ ڪان وڏو مسئلو اهو هو ته هو ثابت ڪن ته اهي 'ڪاغذي اتحاد' نه آهن ... تحريڪ هلائڻ جو فيصلو ته شروع ڪان ئي ملتوي ٿيندو رهيو ڇاڪاڻ ته سنڌ جي قيادت تحريڪ هلائڻ جو دٻاءُ وجهي رهي هئي، جڏهن ته پنجاب ۽ سرحد ۾ ايم. آر. ڊي جي قيادت 'تياريون مڪمل ڪري نه سگهڻ' جا بهانا ڏيندي پئي آئي. جنوري ١٩٨٣ع ۾ هڪ تاريخ به مقرر ڪئي وئي هئي. تحريڪ هلائڻ لاءِ ايم. آر. ڊيءَ جي مرڪزي ايڪشن ڪميٽيءَ مون کي (انور عباس نقوي) لاهور، راولپنڊي ۽ پشاور به موڪليو ته جيئن آئون ماڻهن کان راءِ وٺي سگهان پر پنجاب ۽ سرحد جون حالتون ڏسي اسان لاهور ۾ فيصلو ڪيو ته تحريڪ ملتوي ڪري ڇڏجي ... ماڻهو ذهني طور تي تحريڪ لاءِ راضي ڪونه هئا. ١۴ آگسٽ ١٩٨٣ع واري تحريڪ هلائڻ جي تاريخ به تيارين جي نتيجي ۾ مقرر ڪونه ٿي هئي پر اها عوام ۽ ڪارڪنن جي لاڳيتي دٻاءُ سبب طئه ٿي هئي...

... تاريخ مقرر ڪرڻ کان پوءِ به تيارين جي مرحلي ۾ ٻه وڏيون رنڊڪون آيون جن پوءِ تحريڪ جي نتيجي تي تمام خراب اثر وڌو. سڀ پارٽيون تحريڪ استقلال ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي کان سواءِ مڪاني چونڊن جو بائيڪاٽ ڪرڻ جي حق ۾ هيون. ايم. آر. ڊيءَ جي سينٽرل

ايڪشن ڪميٽيءَ اصغر خان ڏانهن هڪ خط لکيو جيڪو مون (انور عباس) ڊرافٽ ڪيو هو. ان جي جواب ۾ اصغر خان چونڊبن ۾ حصو نه وٺڻ جو فيصلو ڪيو پر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ مڪاني چونڊبن ۾ حصو وٺڻ جون تياريون جاري رکيون. پر جڏهن ۷ آگسٽ ۱۹۸۳ع تي جتوئي صاحب وطن واپس آيو. تڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي به پنهنجو فيصلو بدلايو. ان سڄي وايومنڊل ۾ هڪ وڏو مونجهارو موجود هو ته آخر تحريڪ ڪيئن هلندي؟ ...

... جتوئي صاحب به (شايد) پارٽيءَ جو فيصلو واپس نه وٺي ها پر ۷ آگسٽ تي آمريڪا کان واپس پهچڻ مهل جڏهن سندس جاءِ تي گڏجاڻي ٿي تڏهن خبر پئي ته فقط بلوچستان ۾ سندن ۱۳۰۰ مڪاني اميدوارن جا ڪاغذ رد ٿيا هئا. ان ريت پاڪستان پيپلز پارٽي جو مونجهارو ختم ٿيو پر ۱۲ آگسٽ تي ايم. آر. ڊيءَ ۾ شامل اين. ڊي. پيءَ ۾ هڪ اندروني ڌماڪو ٿيو ۽ صورتحال غير يقيني ٿي وئي ته غلام احمد بلور ۽ عبدالخالق خان جي استعيفائن کان پوءِ اين. ڊي. پي. ايم. آر. ڊي ۾ رهي ٿي يا نه؟“

هن حالت ۾ عابد زبيريءَ معاملا پنهنجي هٿ ۾ ڪنيا. انور عباس جو خيال آهي ته جيڪڏهن هن موقعي تي اين. ڊي. پي کان سواءِ ڪا ٻي پارٽي هجي ها ته ان جا نتيجا ايترا خراب نه نڪرن ها ڇاڪاڻ ته ان وقت ايم. آر. ڊي جي ڪنوينر شپ اين. ڊي. پي وٽ هئي ۽ هنن جنهن طرح ايم. آر. ڊي کان جدا ٿيڻ جو فيصلو ڪيو هو ان مان ايئن ٿي لڳو ڄڻ سڄو سرحد صوبو ۽ سپ پناڻ ايم. آر. ڊي کان جدا ٿي ويا آهن ۽ خان غفار خان جي به اهائي مرضي هئي.

ايم. آر. ڊي جي مرڪزي ڪميٽيءَ ڪجهه فيصلا ڪيا ۽ ڪجهه هدايتون ڏنيون. جنهن جا اڳتي هلي تمام چڱا نتيجا نڪتا. پهريون مرحلو سول نافرمانيءَ جي تحريڪ هلائڻ لاءِ فقط ٻن ٻن ماڻهن جي گرفتاري پيش ڪرڻ جو هو. جڏهن ته ان ڏس ۾ ٻيو به گهڻو ڪجهه ٿي پئي سگهيو. هن فيصلي جو نقصان فقط اهو ٿيو ته اها محض گرفتاريون ڏيڻ جي تحريڪ ٿي پئي. جڏهن بنيادي فيصلو ئي ’پر امن‘ رهڻ جو هو ته پوءِ ٻيءِ ڀاڃ جي گنجائش ته هونئن ئي ڪونه هئي.

وڏن ناميارن سياستدانن پاڻ گرفتاريون ڏيڻ جو فيصلو ڇو ڪيو؟ ۽ انڊرگرائونڊ رهي تحريڪ کي وڌيڪ فعال رکڻ جي ڪوشش ڇو نہ ڪئي وئي؟ ان جا ٻہ تي ڪارڻ هئا. هڪ تہ ڪيئي سال خاموش رهندڙ اڳواڻن کي پنهنجي ساک بحال ڪرائڻي هئي. هنن جو پنهنجو ڪردار مشڪوڪ ٿي چڪو هو ۽ هنن کي اهو جتائڻو هو تہ گرفتاريءَ لاءِ اسان عوام کان پهرين پاڻ کي پيش پيا ڪيون. ٻيو تہ ايڪشن ڪميٽيءَ جي راءِ هئي تہ جيڪڏهن اڳواڻن گرفتاري نہ ڏني تہ پوءِ ڪارڪن ٻہ اڳتي نہ ايندا. اها راءِ شايد مناسب نہ هئي. ان ريت ان ڳالهہ جو امڪان وڌيڪ هو تہ قيادت جيلن ۾ ۽ نا تجربيڪار ڪارڪن ٻاهر منتشر ٿي وڃن.

ايم. آر. ڊيءَ کي جيئارڻ جي ڪامياب ڪوشش 'جمود ڪيئن ٽوڙجي؟

هاءِ جيڪنگ کان پوءِ هڪ ڏکمي ماٺ جو دور آيو هو سبب ظاهر آهر تہ "الذوالفقار" جي نالي ۾ هلندڙ هڪ زبردست رياستي جبر هو. جنهن ۾ سرسري ۽ خاص فوجي عدالتون سياسي قيدين تي ڪيس هلائڻ لاءِ لڳيون هيون. ان وقت هڪ اهم سياسي ڪيس "ڄام ساقي ڪيس" هو جنهن کي ملڪي ۽ عالمي انگريزي ميڊيا ۾ "سيون ڪميونسٽ ٽرائل" ڇيو ٿي ويو. ڄام ساقي ڪيس هوندئن تہ ١٥ ڊسمبر ١٩٨١ع کان شروع ٿيو هو پر ٣ مارچ تي هاءِ جيڪنگ کان پوءِ اهو ٻہ ملتوي ٿي ويو هو. ان ڏکمي ماٺ بابت اسان گذريل صفحن ۾ تفصيل سان ذڪر ڪري چڪا آهيون.

ان عرصي دوران فوجي عدالتون. "الذوالفقار". قيدين سان جنيون ۽ هلڪا ڦلڪا مظاهرا سامهون ايندا رهيا. ايم. آر. ڊي جا ڪي اڳواڻ ٻہ جيلن ۾ هڪ ٻہ ڏينهن جون هوائون ڪائي موٽي ٿي ويا.

ڊسمبر ١٩٨٢ع کان پوءِ ڄام ساقي ڪيس ٻيهر اهميت وٺڻ شروع ڪئي. ڇاڪاڻ تہ اهو "سمري آف ايويڊنس" واري مرحلي مان نڪري خاص فوجي عدالت ۾ هلي. هاڻي ان مرحلي تي پهتو جو ڪين پنهنجي بچاءَ لاءِ شاهد ڏيڻا هئا. انهن ڏينهن ۾ بيگم صاحبہ ملڪ کان ٻاهر هئي ۽ مس پنو ٧٠ ڪلفٽن ۾ نظربند هئي. ڄام ساقي ڪيس ۾ ملوث جوابدارن هن

موقعي تي سوچڻ شروع ڪيو تہ نيٺ, اها ماٺ ڪيئن ٽوڙي سگهجي ٿي؟ هنن هڪ امڪان تي سوچيو. "ڇو نہ سمورن روشن خيال ۽ ايم. آر. ڊي جي اهم اڳواڻن ڪي بچاءَ جي شاهد طور گهرائڻ لاءِ عدالت کي درخواست ڏجي!" پوءِ هنن وڪيلن سان صلاح ڪري شاهن جي هڪ ڊگهي لسٽ عدالت ۾ داخل ڪئي.

عدالت ۾ سياستدانن جي شاهدين وارا ڏينهن مارشل لا دشمن قوتن لاءِ هڪ زبردست موقعو بڻجي ويا. ڄام ساقي ڪيس وارن بہ اهو ئي ٿي چاهيو. مارچ ۱۹۸۳ع تائين ملڪ جا لڳ ڀڳ سڀ اهم اڳواڻ جن ۾ مس ڀٽو، ولي خان، غوث بخش بزنجو، معراج محمد خان، فتحياب علي خان، مولانا محمد شاهہ امروٽي، منهاج برنا ۽ ٻيا شامل هئا، مارشل لا جي خلاف ڳالهائيندا ويا ۽ قومي ۽ عالمي پريس سندن موقف نشر ڪندي وئي. هنن ڇا ڇا ڳالهايو ۽ ماحول ۾ ڪيئن تبديلي آئي؟ اهي تفصيل پڻ گذريل صفحن ۾ اچي چڪا آهن، جن کي هتي ورجائڻ مناسب نہ آهي. هتي صرف ايترو چئي سگهجي ٿو تہ ڄام ساقي ڪيس وارن هن حڪمت عمليءَ سان اها سانت ٽوڙي وڌي هئي، جيڪا مارچ ۱۹۸۱ع ۾ هائجيڪنگ سبب پيدا ٿي پئي هئي. هاڻي ايم. آر.ڊي ۾ پيهر روح پئجي ويو هو ۽ سياستدانن هڪ ٻئي سان رابطا ڪرڻ شروع ڪيا. ۽ سياسي سانت ڪيئن ٽُٽي؟ اهي تفصيل بہ ڪافي اهم ۽ دلچسپ آهن.

ڄام ساقي ڪيس خاص فوجي عدالت ۾ شروع

۱۵ ڊسمبر ۱۹۸۱ع کان ڄام ساقي ڪيس خاص فوجي عدالت ۾ شروع ٿي چڪو هو. مارشل لا ريگيوليشن ۴، ۱۳، ۱۸، ۳۶، قلم A ۱۲۴ ۽ ۱۴۹ لڳايا ويا. يعني اعتراض جوڳو مواد ڇاپڻ، ورهائڻ، گهٽ آمدنيءَ وارن ماڻهن کي مٿين طبقن خلاف ڀڙڪائڻ، فوج خلاف نفرت پکيڙڻ، اسلام خلاف ڪم ڪرڻ، صوبن جي وچ ۾ نفرتون پکيڙڻ، قانوني حڪومت جي خلاف بغاوت ۽ ملڪ سان غداري ڪرڻ. انهن سمورن الزامن جي مجموعي سزا موت يا ۵ سال، تيهہ تيهہ ٽڪا ۽ ڏنڊ هئي.

هيءَ ڪيس محض هڪ پمفليٽ ڪيس هو جنهن کي اخبارن ۾ "ڌماڪيدار" ڪري پيش ڪيو ويو. جنرل ضياءَ جو بنيادي مقصد هن ڪيس کي "ڪميونسٽ خطرو" ڪري پيش ڪرڻ هو. ڪميونزم جيڪو افغانستان تائين پهچي چڪو هو. هو ان خطري جو احساس ڏيارڻ ۾ جيترو ڪامياب ٿي پئي سگهيو تہ پاڪستان ۾ ڪميونسٽ سرگرمي عروج تي آهي، هن کي آمريڪا مان اوتري ئي وڌيڪ ۽ سولائيءَ سان مدد ملي پئي سگهي. حڪومت شروع ۾ ڪوشش ڪئي هئي تہ ڄام ساقي ڪيس تي MLR 15 بہ مڙهي پر سندن بدقسمتي جو هن ڪيس ۾ هٿيار تہ پري جي ڳالهہ آهي ڪو ڦڪو بہ ڪونہ نڪتو هو. گهٽ ۾ گهٽ ممڪن آهي تہ ڪي ڪوڙا سچا هٿيار لڳايا بہ وڃن ها پر هن مهل تائين پاڪستان جي سياست ۾ "الذوالفقار" عنصر داخل ٿي چڪو هو جنهن ڪجهہ دهشتگرديءَ جون ڪاروايون بہ پاڻ تي کنيون هيون. جيڪڏهن "الذوالفقار" عنصر پيدا نہ ٿئي ها تہ پوءِ ڪميونسٽ پارٽي ڪيس وارن سان گهٽ نہ ٿئي ها! هاڻي حڪومت پنهنجو ڌيان ڪميونسٽن تان هٽائي "الذوالفقار" ڏانهن ڪري ڇڏيو هو. پر ڪميونسٽ خطري جي گهمنتي وڄائي رکڻ مارشل لا جي حق ۾ هو.

حڪومت جڏهن ڄام ساقي ڪيس هلائڻ جي اجازت ڏني هوندي، تڏهن پڪ سان ان جي ذهن ۾ اهو ئي هوندو تہ هو هن ڪيس جي ذريعي ملڪ مان کاٻي ڌر جي سياست جي پاڙ پٽي ڇڏيندا ۽ ٻئي طرف آمريڪا کي باور ڪرائي سگهبو تہ پاڪستان ۾ فوجي حڪومت ئي ڪميونسٽ اڳرائيءَ کي روڪي سگهي ٿي. پر جڏهن هي ڪيس هلڻ شروع ٿيو ۽ اخبارن تي بندش جي ماحول ۾ سياسي پليٽ فارم نہ هئڻ سبب هي ڪيس ملڪ جو هڪ ليڊنگ سياسي ڪيس ٿي ايريو تہ ان هڪ خاص راءِ عامہ ٺاهڻ شروع ڪئي. هڪ خاص سياسي ماحول سرجڻ لڳو. فقط ساڄي ڌر جون هڪ يا ٻہ جماعتون مارشل لا سان سهمت رهيون. باقي ٻيون جماعتون ۽ ساڄي ڌر جي جماعت جميعت علماءِ اسلام ٻئي طرف ٿي بيٺيون.

ڄام ساقي ڪيس جا وڪيل پنهنجي قانوني جنگ وڙهندا رهيا پر قيدي ان کي سياسي ۽ جمهوري حقن جي جنگ طور وڙهندا رهيا. اها بہ اتفاق جي ڳالهہ چئجي جو اخبارن تان سينسر شپ تہ نہ لٿي هئي پر ڪجهہ

نرمي ضرور ٿي هئي. فقط ٽن اخبارن جنگ، نواءِ وقت ۽ مشرق تان سينسرشپ جي تلوار لٿي هئي پر اهي ڊنل هيون ۽ سنڌن پاڻمرادي سينسرشپ سرڪاري سينسرشپ کان وڌيڪ سخت هئي.

جڏن ڪيس هلڻ شروع ٿيو تہ اخبارن خاص ڪري STAR، امن ۽ هلال پاڪستان ان جي محدود رپورٽنگ شروع ڪئي ۽ "سات ڪميونسٽ ليڊرون کي خلاف مقدمه"، "نذير عباسي ڪيس"، "جام ساقي ڪيس" وغيره جي نالن سان خبرون لڳڻ لڳيون.

هوريان هوريان سماج ۾ هي ڪيس "سياسي" تسليم ٿيڻ لڳو ۽ ان تي مارشل لا وارن جو لڳايل ليبل ڳرڻ لڳو. اپريل ١٩٨٢ع تائين مختلف سياسي ۽ صحافتي حلقن جو دٻاءُ وڌڻ لڳو تہ هي ڪيس ڪئمرا ٽرائل ڪرڻ بدران کليل عدالت ۾ هلايو وڃي. نيٺ، ١٠ مئي ١٩٨٢ع تائين هن خاص فوجي عدالت کي Open court قرار ڏنو ويو.

۴ جون ١٩٨٢ع تي ڪاهي ڊر جي نئين سر جوڙجڪ نظر آئي PNP ۽ NPP (پاڪستان نيشنل پارٽي ۽ نيشنل پروگريسو پارٽي) هڪ ٿيون. اها اصل ۾ پراڻي نيشنل عوامي پارٽي (نعپ) هئي، جنهن ۾ ولي خان عنصر نہ هو. اها ايم. آر. ڊيءَ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي فعال ڪرڻ جي ڪوشش هئي پر غالبا هي اهي ئي ڏينهن هئا، جڏهن ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ ۾ تضاد اپريا ۽ پوءِ ان ۾ ٨٧-١٩٨٦ع ۾ ڏار پئجي ويا.

٢٢ جون تي وڪيلن پاڪستان سرڪار کي بيچڙو ڪرڻ لاءِ ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي اپيل تي عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ ڪيو. انهن ڏينهن ۾ اسرائيل ۽ فلسطيني فوجن جي ٽڪراءَ ۾ فلسطينين جو وڏو قتل عام ٿيو هو ۽ عوامي مطالبو هو تہ پاڪستان، فلسطين جي حمايت ۾ فوجون موڪلي، جيڪو ڪمر قيامت تائين نہ ٿيڻو هو. جام ساقي ڪيس وارا بہ هن مطالبي ۾ شامل ٿي ويا.

هن مرحلي تي اهو ياد رکڻ ضروري آهي تہ اخبارن ۽ سياسي اجتماعن تي پابندي هئي. ڪنهن بہ سياسي سرگرميءَ جو ذڪر اخبارن ۾ ڇپجڻ وڏي ڳالهہ سمجهيو ٿي ويو. اهڙو ڪوبہ سياسي پليٽ فارم موجود ڪونہ هو

جنھن تان سياسي ذريعن سياسي ماحول کي بھتر ڪري يا پنھنجو مؤقف اثرائتي نموني پيش ڪري سگھن. پاڪستان جي سياست تي سنڌي طرح ڳالھائڻ ڏکيو ھو. ان ڪري جنھن کي جيڪو موقعو مليو ٿي، ان کي نٿي وڃايو. لبنان ۾ اسرائيل جي جارحيت ھڪ اھڙو موضوع ھو جنھن حڪومت لاءِ سوڙھ پيدا ڪرڻ جو موقعو فراھم ڪري وڌو جيتوڻيڪ ھر ڪنھن ڄاتو ٿئي ٿي تہ پاڪستان جي حڪومت پنھنجيون فوجون اسرائيل خلاف ويڙھ ۾ لاھي نٿي سگھي. وڪيلن جڏھن عدالت جو بائيڪاٽ ڪيو تہ اھو اصل ۾ فوجي حڪومت کي سياسي طور تي سوڙھو ڪرڻ جو عمل ھو. ٻيو تہ ٺھيو ٢١ جون تي "ڄام ساقي ڪيس" جي ڪجھہ اسيرن بہ فوجي عدالت کي درخواست ڏني تہ کين اسرائيل خلاف جھاد لاءِ لبنان موڪليو وڃي، جيڪڏھن اتي مري پياسين تہ حڪومت جي جند اسان مان پاڻھي ڇٽي ويندي پر جي بچي وياسين تہ موٽي اچي پاڻ کي سرڪار جي حوالي ڪري پنھنجو ڪيس وڙھنداسين. عدالت جي اھا درخواست ٢۴ جون تي اھو چئي رد ڪري ڇڏي تہ "درخواست گذارن کي نہ لبنان موڪلي سگھجي ٿو ۽ نہ سندن درخواست سي ايم ايل اي ڏانھن اماڻي سگھجي ٿي." بھرحال، ڄام ساقي، فلسطيني مجاھدن لاءِ رت ڏيڻ جي جيڪا درخواست عدالت ۾ جمع ڪرائي، اھا قبول ڪئي وئي.

جماعت اسلامي ۽ موتمر عالم اسلامي بہ روس جا ايجنٽ!

لبنان ۽ فلسطين جي حوالي سان اھي سڀ خبرون اخبارن ۾ ڇپجنديون رھيون ۽ حڪومت پاڪستان واقعي سوڙھ بہ محسوس ڪئي. مجبور ٿي وفاقي وزير داخلہ محمود ھارون چيو تہ "پاڪستاني فوج کي لبنان موڪلڻ جو مطالبو ڪرڻ وارا پنھنجن آقائن جي اشاري تي نچي رھيا آھن. ھن اھو مطالبو ڪندڙن کي روس جو ايجنٽ قرار ڏنو. ان صورتحال تي ١۵ جولاءِ تي روزنامہ امن ۾ افضل صديقي پنھنجي ڪالم "جمعہ خان کي قلم سي" ۾ لکيو تہ "... پر مشڪل اھا آھي تہ ڪالعدم جماعت اسلامي جو ھڪ مرڪزي اڳواڻ ۽ ھڪ اڳوڻو وزير چوڌري رحمت

الاهي بہ لبنان جي بحران تي جهاد جو نعرو هڻي چڪا آهن. هوڏانهن موتمر عالم اسلامي بہ اسلامي ملڪن کي اپيل ڪئي آهي تہ اهي لبنان ڏانهن پنهنجون فوجون اماڻين ... هاڻي جناب محمود هارون ٻڌائي تہ ڇا جماعت اسلامي ۽ موتمر عالم اسلامي بہ ... (روسي ايجنٽ آهن).“

ڄام ساقي ڪيس اسيرن جي حڪمت عملي

صورتحال اندر ئي اندر ۾ ڪڙهندي رهي. نيٺ ٣ آڪٽوبر ١٩٨٢ع تي خاص فوجي عدالت نمبر ٥ جڏهن ڄام ساقي ڪيس جي ”جوابدارن“ کي چيو تہ اهي پنهنجي بچاءَ لاءِ شاهدن جي لسٽ ڏين، تڏهن جوابدارن ۽ سندن وڪيلن پاڻ ۾ هڪ گڏجاڻي ڪئي. وڪيل هن ڪيس کي بنهہ قانوني نڪتن تي هلائڻ لاءِ زور پريندا رهيا پر جوابدار محسوس ڪري رهيا هئا تہ هي ڪيس ملڪي سياست ۾ ڪو اهم ڪردار ادا ڪرڻ جي پوزيشن ۾ اچي چڪو آهي ڇاڪاڻ تہ هن مهل تائين اخبارون هن ڪيس کي سياسي ڪيس ثابت ڪري چڪيون هيون.

جيڪي دفعات هن ڪيس ۾ چارج شيٽ طور لاڳو ڪيون ويون هيون. خالص سياسي هيون. انهن ۾ نہ ڪٿي ڪنهن بندوق ۽ بارود جو ذڪر هو ۽ نہ ڪيسو ڪترڻ جو هي سڌو سنئون مارشل لا ۽ ان سان نظرياتي اختلافن ۽ طبقاتي جدوجهد جو ڪيس هو. هن ڪيس جا جوابدار پاڪستان جي تاريخ ۾ شايد انهن ٿورڙن چند قيدين مان هئا جن کي ايمنسٽي انٽرنيشنل ”ضمير جا قيدي“ قرار ڏيئي چڪي هئي.

ايم. آر. ڊي سان لاڳاپيل وڪيل برادري ۽ وقت بہ وقت قيد ٿيل ايم. آر. ڊي جا پيا اڳواڻ بہ هن ڪيس لاءِ همدرديءَ جو جذبو رکندا پئي آيا. انهن سياسي قيدين جي نظرياتي مخالفت فقط حڪومت سان لاڳاپيل سياستدان ۽ جماعت اسلامي ڪري رهي هئي. غالبا ان ڪري تہ هي ”ڪميونسٽ پارٽي ڪيس“ هو ۽ حڪومت، پاڪستان ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ تي ڪيس هلائي جڻڪ سوويت يونين ۽ افغانستان تي ڪيس هلائي رهي هئي.

”ڪميونسٽ پارٽي ڪيس“ جي جوابدارن پاڻ ۾ صلاح ڪري ان

حڪمت عمليءَ تي اتفاق ڪيو تہ "مارشل لا مخالف، سامراج دشمن، جاگيردار دشمن ۽ ايم. آر. ڊي ۾ موجود هر پارٽيءَ جا اهڙا اهم اڳواڻ جيڪي اڳتي هلي تاريخي طور تي ڪاہي ڌر جا ساٿاري ٿيڻا آهن. تن کي بچاءَ جي شاهدن طور گهرائجي تہ جيئن هڪ طرف هي ڪيس ملڪي سياست جو مکيہ ڌارا ۾ شامل ٿي وڃي تہ ٻئي طرف هڪ اهڙي راءِ عامہ تيار ٿئي جنهن سان سياسي سانت ٽٽي پوي" قيدين کي احساس هو تہ اهو تمام مشڪل، ڏکيو اهم، صبر طلب، بيحد حساس پر ڪارگر موقعو آهي. ڪاميابيءَ جو امڪان فقط پريس جي تعاون مان ٿئي تو ٿي، جنهن حد تائين پريس تعاون ڪري سگهي ٿي ۽ جيترو ٽيم ورڪ ٿي سگهيو ٿي، اوتري ئي ڪاميابي ممڪن هئي. هي قيدي پنهنجي حڪمت عملي مان پر اميد هئا.

جيتوڻيڪ ايم. آر. ڊيءَ سان غير سرڪاري طور ڄام ساقي ڪيس جو رابطو موجود هو پر هاڻي نئين حڪمت عمليءَ تحت ايم. آر. ڊي جي مکيہ ڌارا ۾ پاڻ شامل ڪرڻ لاءِ ٢ نومبر ١٩٨٢ع تي ڄام ساقي ۽ سندس ساٿين بيگم نصرت ڀٽو کي علاج لاءِ ٻاهر موڪلڻ جو مطالبو ڪيو ۽ بک هڙتال شروع ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني. هي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان يڪجهتيءَ جو اظهار هو جنهن جي موٽ ۾ انهن قيدين تي وڌيڪ سختي بہ ٿي پئي سگهي.

وڪيلن جي تحريڪ جون ڀريون ڪٽيون

آڪٽوبر ١٩٨٢ع ۾ اٽڪل ٢٠٠٠ وڪيلن شهري آزادين جي بحاليءَ جو مطالبو ڪيو ۽ هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي. ڪانفرنس جا منتظم گرفتار ٿيا ۽ کين هڪ هڪ سال سزا ٻڌائي وئي. ان کان پوءِ هفتا پوءِ حفيظ لاکو ۽ عبدالمالڪ خان وڪيلن جي تحريڪ ۾ گرفتار ٿي جيل پهتا. سندن گرفتاري نومبر جي پهرين هفتي ۾ ٿي هئي. وڪيلن ماٺ جي سمنڊ ۾ اهم ابتدا ڪئي هئي. اها تحريڪ بظاهر الڳ نظر پئي آئي پر اهو ان وقت ئي محسوس ٿيڻ لڳو هو تہ وڪيلن جي تحريڪ هڪ وڏي عوامي هلچل واري طوفاني برسات جون ڀريون ڦڙيون آهن.

في الحال، وڪيلن جي هيءَ تحريڪ ١٩٧٣ع واري آئين ۾ ڪيل

ترميمن جي خلاف هئي. لاکو صاحب، جيڪو سنڌ جو هڪ سينئر وڪيل ۽ ڀٽي خاندان جو اعتماد وارو ساٿي آهي، گرفتاريءَ کان پوءِ جڏهن سينٽرل جيل ڪراچيءَ جي وارڊ نمبر ١٨ ۾ پهتو ته ڪلندي چيائين، "اسان هن تحريڪ ۾ ايم. آر. ڊي وارن کي شامل ٿيڻ جو موقعو ڏنو آهي. اسان ابتدا ڪئي آهي، اڳتي وڏا سياستدان پاڻ چاٽن!"

پر وڏا سياستدان خاص ڪري بينظير ڀٽو ۽ بيگم نصرت ڀٽو ڀٽي قيد هيون. بيگم صاحبه جي ته صحت به جواب ڏئي چڪي هئي.

نيٺ، نومبر ١٩٨٢ع جي وچ ڌاري بينظير ڀٽو کي جيل مان ڪڍي ٧٠ ڪلفٽن منتقل ڪيو ويو جتان ٢٠ نومبر تي بيگم نصرت ڀٽو علاج لاءِ يورپ رواني ٿي وئي. ڊاڪٽرن کي شڪ هو ته هوءَ T.B يا ڪينسر جي مرض ۾ ورتل آهي پر اهو اڃا ابتدائي مرحلو هوندو.

جنهن وقت بيگم نصرت ڀٽو علاج لاءِ رواني ٿي رهي هئي، ان مهل تائين "الذوالفقار" ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي به جدا جدا تنظيمون نظر اچڻ لڳيون هيون. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ "الذوالفقار" جي دهشتگرديءَ کي ڪڏهن به جواز ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪئي هئي پر اهو موقف ضرور اختيار ڪيو هو ته حڪومت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سرگرم ڪارڪنن کي الذوالفقار جي کاتي ۾ گرفتار ڪري رهي آهي. خود الذوالفقار جون ڪارروايون ايتريون غلط وقتن تي ٿي رهيون هيون جو پاڪستان پيپلز پارٽي سراسر نقصان ۾ وڃي رهي هئي. ان ڪري راءِ عامه ايئن به نهي هئي ته الذوالفقار جون ڪارروايون اصل ۾ ضياءَ حڪومت جي ڪارستاني ٿي سگهي ٿي.

ايم. آر. ڊي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي هن مهل تائين "الذوالفقار" جو ڏڪ پچائي چڪيون هيون پر ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته ايم آر ڊيءَ جون ٿاهه ڪاڏل ڌريون ٻيهر هڪٻئي جي ويجهو اچي سرگرم ٿين. بيگم نصرت ڀٽو جي آزاديءَ وارن ڏينهن ۾ اهڙي خواهش ٻيهر اڀري چڪي هئي پر پارٽيءَ جي مؤقف موجب سندس بيماريءَ سبب هوءَ سرگرمين ۾ شريڪ ٿي نه پئي سگهي. جڏهن بيگم نصرت صاحبه يورپ لاءِ رواني ٿي رهي هئي ۽ سندس

تياريون آخري مرحلي ۾ هيون تڏهن ايم. آر. ڊيءَ جون مختلف پارٽيون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت ۾ هڪٻئي سان رابطا ڪري اهو پڇي رهيون هيون تہ "هاڻي ايم. آر. ڊي ڇا ڪندي؟"

بينظير ڀٽو پنهنجي ڪتاب پورب ڌيءُ ۾ اقرار ڪيو آهي تہ ڪيس اڻسڌيءَ طرح ۾ سڌي طرح اهو ذهن ۾ وڌو پئي ويو تہ هوءَ جلاوطن ٿي وڃي ۽ ملڪي سياست مان نڪري وڃي. اهي افواهہ ڪراچي جيل ۾ بہ گردش ڪندا رهيا هئا تہ ٻنهي ماءُ ڌيءُ کي مجبور ڪيو پيو وڃي تہ جيڪڏهن اهي پاڪستان جي سياست مان نڪري وڃن تہ پوءِ ڪين سک جو ساهہ کڻڻ ڏنو ويندو. جيئن تہ ٻنهي ماءُ ڌيءُ جو ڪوبہ جواب يا ردعمل معلوم ڪونہ ٿي رهيو هو. سواءِ انهن اطلاعن جي تہ بيگم صاحبہ بيمار آهي ۽ حڪومت کيس علاج لاءِ ان شرط تي پرڏيهہ وڃڻ جي اجازت ڏني آهي تہ هوءَ واپس نہ موٽندي. سياسي قيدين ۾ مايوسي پکڙجڻ لڳي هئي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ وارا تہ ٻنهہ وسامي ويا هئا.

ان وقت حقيقت ڪجھ بہ هجي، سياسي ڌريون انهن اطلاعن ۾ هڪ حد تائين صداقت محسوس ڪري رهيون هيون. ضياءالحق ڪجھ بہ ڪري سگهيو ٿي. بيمار بيگم ڀٽو ڪيستائين مارشل لا سان ٽڪر کائي سگهي ٿي؟ هن موقعي تي بهتر فيصلو اهو ئي محسوس پئي ٿيو تہ هوءَ پرڏيهہ وڃي ۽ اتي لابنگ ڪري.

ٻہ سياسي ڪيس

جن ڏينهن ۾ بيگم صاحبہ يورپ وئي تڏهن ڪراچيءَ ۾ ٻہ سياسي ڪيس خاص فوجي عدالتن ۾ هلندڙ هئا. هڪ ڄام ساقي ڪيس ۽ ٻيو پي. آءِ. اي هاءِ جيڪنگ ڪيس. ڄام ساقي ڪيس اڳ کان متي هلي چڪو هو. جڏهن تہ هاءِ جيڪنگ ڪيس اڃا نئون شروع ٿيو هو. اهو ڪيس جنهن نموني سان هلايو پئي ويو ان مان اهو اندازو لڳائڻ ڏکيو نہ هو تہ خاص فوجي عدالت ان ڪيس جو فيصلو سخت ڏيندي. ڄام ساقي ڪيس ۾ فقط ٻہ وڪيل ٻن جوابدارن جي پاران پيروي ڪري رهيا هئا. هڪ يوسف لغاري ۽

پيو شفيع محمدي. شفيع محمديءَ کان اڳ ۾ حفيظ لاکي کي ڪيس جي پيروي ڪرڻ لاءِ نومبر ۱۹۸۱ع ۾ درخواست ڪئي وئي هئي. لاکي صاحب پاڻ ته اهو چئي پيروي ڪرڻ کان معذوري ڏيکاري هئي ته هو فوجي عدالت ۾ پيروي ڪرڻ پسند نه ڪندو البت ته هن شفيع محمدي ايڊوڪيٽ (جيڪو پوءِ هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيو) سان رابطو ڪرڻ جي صلاح ڏني. جيتوڻيڪ مسٽر شفيع محمدي ان زماني ۾ نالي چڙهيو وڪيل ڪونه هو پر هن سان رابطو ڪيو ويو. جنهن نه رڳو اهو ڪيس وڙهڻ لاءِ حامي ڀري بلڪ في وٺڻ کان به انڪار ڪيائين ۽ ٽن سالن دؤران ڪنهن به پيشيءَ واري ڏينهن تي غير حاضر نه رهيو. يوسف لغاري به شايد ئي ڪنهن حاضري تي نه پهتو هجي. هو روزانو ميرپور خاص کان آئوٽ بيڪ ڪندو هو.

افسوس! هاءِ جيڪنگ ڪيس ۾، باوجود ان جي ته بينظير ڀٽو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پاران پنهنجن ڪارڪنن جي قانوني مدد لاءِ وڪيلن جي هڪ ٽيم نامزد ڪئي هئي، جنهن ۾ مجيب پيرزادو به شامل هو ڪنهن به وڪيل پيروي نه ڪئي. وڪيل "الذوالفقار" جي نالي کان ڊنل هئا. اصل ڳڪٽي وٺي تي وين پر بهانو اهو ٿي ڪيائون ته فوجي عدالت ڪا عدالت نه هوندي آهي. جنهن به وڪيل صاحب ڏانهن ڪيس جي پيرويءَ لاءِ نياپو موڪليو ٿي ويو هن جا ڍڍر ڍرا ٿي پئي ويا. نيٺ چام ساٿي ڪيس جي اسيرن جي تجويز تي شفيع محمديءَ سان رابطو ڪيو ويو. جيڪو ان مهل پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو ميمبر به ڪونه هو پر سڏ تي تيار ٿي بيٺو. هاءِ جيڪنگ ڪيس وارن جي بدقسمتي اها هئي جو انهن سان وڪيلن ساٿ نه ڏنو نه پريس پذيرائي ڏيئي سگهي ۽ نه وري مختلف سياسي پارٽيون "الذوالفقار" جي نالي سان هلندڙ ڪيس لاءِ سڌيءَ طرح ڪا همدردي ظاهر ڪري ٿي سگهيون. چام ساٿي ڪيس واري ٽيم بغاوت ڪيس کي سياسي ڪيس ثابت ڪرائي بند ڪمري واري فوجي عدالت مان ڪڍي کليل فوجي عدالت ۾ هلائڻ وارو مطالبو مڃائي چڪي هئي پر هاءِ جيڪنگ ڪيس واري ٽيم ان ۾ به ناڪام ٿي ويئي.

ڊسمبر ۱۹۸۲ع ۾ جڏهن سرڪار بچاءَ جي شاهدن جي لسٽ گهري ته

جام ساقي ڪيس جي اسيرن اٽڪل ١٢٠ شاهدن جي لسٽ جمع ڪرائي جيڪا سڄي پاڪستان جي سيني روشن خيال ڏرين جي فردن تي مشتمل هئي. پر فوجي عدالت ١٢٠ واري لسٽ ۾ ڪٽوتي ڪري صرف ١٥ شاهد گهرائڻ جي اجازت ڏني. گهڻايل نالن ۾ بيگم نصرت ڀٽو، بينظير ڀٽو ممتاز ڀٽو رسول بخش پليجو، فاضل راهو ۽ ڪراچي بار جو صدر حفيظ لاکو به شامل هئا. بيگم صاحبه ملڪ کان ٻاهر هئي، حفيظ لاکو جيل ۾ هو ۽ بينظير "هاؤس اريسٽ" هئي. جڏهن ته رسول بخش پليجي سميت ٻيا اڪثر اڳواڻ جيل ۾ هئا. بعد ۾ شديد احتجاج کان پوءِ بينظير ڀٽو جو نالو لسٽ تي آندو ويو.

جام ساقي ڪيس جيڪو هن وقت سنڌ جي اخبارن ۾ واحد سياسي سرگرميءَ طور نظر اچي رهيو هو. مخالف ڌر جي اک ۾ ڪنڊو بڻجي ويو ۽ رجعت پسند حلقن ان جي خلاف اخبارن ۾ لکڻ شروع ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته اهي لکتون مخالفت ۾ هيون. ان ڪري اهي ڏاڍي نمايان حيثيت سان ڇاپيون ويون. جنگ، نواءِ وقت ۽ جسارت اخبارن جا صفحا هن جهاد في سبيل الله ۾ شامل ٿي ويا. سياسي قيدين ان مهم کي سماج ۾ نئين سر ڌر بنديءَ جو منطقي نتيجو ڪري محسوس ڪيو. مثال طور ١٢ – جنوري ١٩٨٣ع تي جسارت ۾ "جام ساقي اور ان ڪي سا ته يون پر مقدمه" جي عنوان سان هڪ مضمون پنجن ڪالمن ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ سنڌ هاري ڪميٽي جي تاريخ جاگرافيءَ جو ١٩٣١ع کان وٺي آخر تائين ڇيد ڪيو ويو ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، جي.ايم.سيد، ڇيتمل پرسرام ۽ جمشيد مهتا سميت سمورا حوالا ورجائي ان ۾ ڪاٻي ڌر جي سياست سموئي ان کي عوام دشمن قرار ڏنو ويو. هيءَ مضمون محمد موسيٰ ڀٽي صاحب جو لکيل هو جنهن جو خيال هو ته محمد بن قاسم سوسائٽيءَ جهڙيون ادبي تنظيمون ئي ان گهوٽالي مان سماج کي ڪڍي سگهن ٿيون. محمد موسيٰ ڀٽو صاحب اهو شخص آهي، جنهن جنرل ضياءَ کي قائل ڪري محمد بن قاسم ادبي سوسائٽي لاءِ اروڙ لڳ زمين پلاٽ حاصل ڪئي هئي.

سياست ۾ ڪنهن سياسدان جو ذڪر به اهم هوندو آهي، پر پوءِ ڪٿي حمايت ۾ هجي يا مخالفت ۾. جڏهن جام ساقي ڪيس جي مخالفت ۾

مضمون بازي ٿي رهي هئي تڏهن محمد موسيٰ ڀٽي صاحب ۽ اهڙن ٻين صاحبن کي گمان به ڪونه هوندو ته هو مخالفت ۾ لکي مخالفن جي سياست کي اڃا پڪيڙي رهيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن بدنام ٿيڻ سان به نالو ٿيندو آهي. ساڳي طرح جڏهن رياستي جبر ۽ مارشل لا دشمن سياست جي جيتري شديد مخالفت ڪئي پئي وئي، ان جو رد عمل اوترو ئي چڱو ٿي پيو. ڪنهن نه ڪنهن بهاني محفل ۾ ذڪر ته هو!

مارشل لا مخالف قوتون هڪ پليٽ فارم تي

فوجي عدالت نمبر ٥ جيڪا اسپورٽس ڪامپليڪس ڪشمير روڊ تي قائم ڪئي وئي هئي، جڏهن بچاءَ وارن شاهدن ڏانهن سمن جاري ڪيا ويا ته گهٽائي شاهد چرڪي ويا. انهن ۾ بينظير ڀٽو به هئي. لکي ٿي، ”حڪومت جي خواهش اها هئي ته آئون ڪنهن سان به رابطي ۾ نه اچان تنهنڪري مون کي ڏاڍو عجب لڳو جڏهن مارچ ١٩٨٣ع ۾ مون کي گذارش ڪئي وئي ته آئون عدالت ۾ حاضر ٿي چار ساٿي نالي هڪ ڪميونسٽ جي مقدمي ۾ شاهدي ڏيان. جنهن تي پاڪستان جي نظريي جي خلاف ڪم ڪرڻ ۽ هٿيار بند فوجن جي خلاف ناراضپو پکيڙڻ وغيره جهڙين ته متن هيٺ مقدمو هلي رهيو هو. آئون اڳ ڪڏهن به چار ساٿيءَ سان ڪونه ملي هيس. حقيقت ۾ هن منهنجي والد جي مخالفت ڪئي هئي. پر معلوم ٿيو ته چار ساٿي سيني مشهور سياستدانن کي چيو هو ته هو انهن معاملن جي وضاحت ڪن ته مٿس لڳل ته متون جائز آهن يا نه؟ منهنجي ته تمام گهٽي خواهش هئي ته مارشل لا جي غير قانوني حيثيت تي بحث ڪريان. جيتوڻيڪ مون کي حڪومت جي ارادن جي خبر ڪين هئي ته اهي مون کي ذاتي طرح حاضر ٿيڻ جي اجازت به ڏيندا يا نه. شايد هنن مون کي ڪميونسٽن جي همدرد ثابت ڪرڻ گهريو هو پر منهنجي لاءِ سڀ کان وڏيڪ اهميت وارو معاملو اهو هو ته هر جوابدار کي ڪليل ۽ آزاد مقدمي جو حق حاصل هجي. ان کان سواءِ عدالت مون کي هڪ اهڙو موقعو ڏيئي رهي هئي جو ٻن سالن جي عرصي ۾ پهريون ڀيرو مون کي پنهنجن سياسي خيالن کي ظاهر ڪرڻ جو وجهه ملندو.

چام ساقي ڪيس جي اسيرن بہ اهو ئي ٿي چاهيو تہ هر جمهوريت پسند اڳواڻ پنهنجا خيال ظاهر ڪري تہ جيئن سياسي ماحول ۾ خيالن جي هم آهنگي پيدا ٿئي ۽ وري ميڙو مچي! قيدين سوالن جي لسٽ ناهي. اهي سوال ڪهڙي نوعيت جا هئا؟ بينظير لکيو تہ "سوالن جا جواب ڪي سولا يا نندا ڪونہ هئا... اسان تي الزام آهي تہ اسان پاڪستان جي نظريي جي برخلاف ڪم ڪيو آهي. چا پاڪستان جو ڪو نظريو بہ آهي؟ ايراني انقلاب جي باري ۾ تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟ اسلام ۾ مارشل جو ڪو تصور آهي؟"

شاهدن جي لسٽ ۾ خان غفار خان ۽ فيض احمد فيض بہ شامل هئا. پنهي جي وڏي ڄمار هئي. ٦ فيبروريءَ ١٩٨٣ع تي غفار خان پشتو ۾ تحرير ڪيل هڪ خط ذريعي اطلاع ڏنو تہ جيڪڏهن ڊاڪٽر مشورو ڏنو تہ هو ضرور ايندو. پر، هو نہ اچي سگهيو. فيض احمد فيض، جنهن جي ان وقت ٧٢ سال عمر هئي، سخت بيمار هئڻ سبب نہ اچي سگهيو.

مجموعي طور تي بچاءَ جي ٢٦ شاهدن مان ٧ صحافي ٥ شاگرد اڳواڻ ۽ ٨ اهم سياستدان هئا. جن ۾ بينظير ڀٽو کان سواءِ، مير غوث بخش بزنجو، خان عبدالولي خان، معراج محمد خان، شيخ رفيق احمد، سيد محمد شاهہ امروٽي، فتحياب علي خان ۽ يوسف ٽالپر بہ شامل هئا. صحافين ۾ اقبال جعفري (بي بي سي)، محمود شام، شيخ عزيز منهاج برنا، شيخ علي محمد (آفتاب حيدرآباد) ۽ افضل صديقي (امن) شامل هئا.

سياسي راءِ عامہ ناهڻ جو هيءُ ڪم ١٢ جنوري ١٩٨٣ع کان شروع ٿي ٢٩ مارچ ١٩٨٣ع تائين لڳ ڀڳ اڍائي مهينا هليو. پهرين شاهدي اقبال جعفري (جيڪو پاڻ ٻي ٻي سي جو نمائندو هو) ڏني ۽ اهڙي طرح بي بي سي جو ڌيان هن ڪيس ڏانهن هڪدم ڇڪجي ويو. ان کان پوءِ اها مستقل رپورٽنگ ڪندي رهي. آخري شاهدي بينظير ڀٽو جي هئي، جنهن سان سڄو سياسي وايو منڊل رڇي راس ٿي ويو.

چام ساقي ڪيس جي حوالي سان جنوري ١٩٨١ع کان جنوري ١٩٨٢ع تائين اخبارن ۾ لڳ ڀڳ ٢٠٠ خبرون لڳي چڪيون هيون.

سرڪاري بندشن جي هوندي اهو تمام وڏو تعداد هو. اهي خبرون مارشل لا جي خلاف ۽ سياسي قيدين جي مؤقف جي حق ۾ وسيع راءِ عامہ تيار ڪري چڪيون هيون. خاص ڪري ڪيس ۾ سرڪاري شاهدن جون وائڙيون شاهديون حڪومت جي سڄي پٽ وائکي ڪري رهيون هيون.

هن ڪيس ايم. آر. ڊيءَ جي اڏامي ويل ان فيوز جون تارون ڪيئن جوڙيون جيڪي مارچ ١٩٨١ع ۾ جهاز جي اغوا سان سڙي ويون هيون؟ بهتر آهي تہ ان زماني جون اخبارون ڪٽي ڏسجن ۽ ڪن خاص شاهدن جي بيانن جي تسلسل تي نظر وجهجي.

١٢ جنوري ١٩٨٣ع واري ڏينهن تي 'امن' اخبار لکيو "... عدالت بيگم ڀٽو، بينظير ڀٽو، فلسطين جي پاڪستانِ ۾ نمائندي باسم عبدالرحمان، انٽرنيشنل يونين آف جرنلسٽس جي جنرل سيڪريٽري امداد چانڊيئي ۽ ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر حفيظ لاکي سميت ڪيئي سياستدانن، شاگردن، صحافين، دانشورن، مزدور رهنمائن، هاري اڳواڻن ۽ اقوام متحده جي نمائندي کي بچاءَ واري شاهد طور عدالت ۾ گهرائڻ کان انڪار ڪندي بچاءَ لاءِ بہ سؤ شاهدن مان فقط ١٥ شاهدن کي گهرائڻ جو حڪم جاري ڪيو آهي. ڪيس سياڻي پيهر هلندو."

سياسي جماعتن تي پابندي ١٦ آڪٽوبر ١٩٧٩ع

٢٠٠ شاهدن واري لسٽ گهٽائي ١٥ ڪرڻ واري خبر بہ ڏينهن اڳ انگريزي اخبار اسٽار بہ هنئي. ١۴ تاريخ تي اسٽار خبر هنئي تہ "ڊاڪٽر ايس اختر چام ساقي ڪيس ۾ شاهدي ڏني. ڊاڪٽر شميم اختر ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ انٽرنيشنل رليشنز واري شعبي جو ايسوسيئيٽ پروفيسر هو. هن چيو تہ "جيڪو ماڻهو حڪومت تي تنقيد ڪري ٿو سو ضروري ناهي تہ رياست دشمن بہ هجي ۽ ان جو فيصلو ڪنهن فرد بدران عدالت ئي ڪري سگهي ٿي تہ تنقيد ۽ رياست دشمني ۾ ڪيترو فرق آهي؟" هن عدالت کي ٻڌايو تہ "تعليمي ادارن ۾ بہ ڪميونزم پڙهايو وڃي ٿو پر ملڪ ڪميونسٽ سرگرمين تي پابندي آهي ۽ "سرخ پرچم" جو ايڊيٽوريل پڙهڻ کان پوءِ اهو

تاثر ايري ٿو تہ اهو حڪومت ۽ آمريت جي خلاف آهي“. پروفيسر شميم اختر مارشل لا کان ڊنل هو. ان ڪري هن کي اهو چوڻ جي همت ٿي نہ ٿي تہ تنقيد ڪرڻ ملڪ دشمني ناهي. هن ڳيتون ڏيئي پنهنجو بيان مڪمل ڪرايو هو ۽ عدالت مان نڪرڻ کان پوءِ مڙيئي بہ ڪونہ ڏٺو هٿائين.

پروفيسر شميم کان هڪ ڏينهن اڳ بچاءَ جي شاهد اقبال جعفريءَ (صحافي) عدالت ۾ بيان ڏيندي چيو هو تہ ”مخالفت ۽ غداريءَ ۾ وڏو فرق آهي ۽ سندس چاڻ موجب ڪميونزم هڪ سبجيڪٽ طور پاڪستان جي سيني يونيورسٽين ۾ پڙهايو وڃي ٿو. مارشل لا هڪ طرز حڪومت آهي، جڏهن تہ هٿيار بند فوج ملڪ جو هڪ ادارو آهي، تنهنڪري مارشل لا تي تنقيد کي هٿياربند فوجن تي تنقيد قرار ڏيئي نٿو سگهجي.“ هن عدالت کي ٻڌايو تہ ايمنسٽي انٽرنيشنل پنهنجين تازين رپورٽن ۾ هن ڪيس جي سيني جوابدارن کي ”ضمير جا قيدي“ قرار ڏيئي چڪي آهي ۽ هو پاڻ بہ ان رپورٽ سان متفق آهي. جڏهن هن کي ”سرخ پرچم“ ۽ ”هلچل“ جي پرچن ۾ ڇپيل مضمون ڏيکاريا ويا تہ هن ڏاڍي اطمينان سان چيو هو تہ سندس خيال ۾ اهو تخريبي مواد نہ آهي. پروفيسر شميم ۽ اقبال جعفريءَ جي جوابن مان اهو چٽيءَ طرح ظاهر ٿي رهيو هو تہ هڪ سرڪاري ملازم ۽ هڪ صحافيءَ جي سچ ڳالهائڻ جي ڏس ۾ ڪيتري جرئت ۽ فرق رهي ٿو.

تاريخ ٢٠ جنوريءَ تي ”ڊيلي نيوز“ ۾ مختيار عاقل جي هڪ رپورٽ ٽن ڪالمن ۾ ڇپي جنهن ۾ هن ڪيس جو مختصر اڪرن ۾ واقعاتي جائزو پيش ڪيو ويو.

تاريخ ٢١ جنوريءَ تي حيدرآباد يونين آف جرنلٽس جي صدر ۽ روزنامہ عبرت جي مئگزين ايڊيٽر غني درس کي فوجي عدالت حڪم جاري ڪيو تہ هو پهرين فيبروري تي اچي شاهدي ڏي.

تاريخ ٢٢ جنوريءَ تي ”امن“ ۾ خبر ڇپي: خصوصي فوجي عدالت نمبر ٥ ۾ خيرپور جي ٻن وڪيلن جي طلبي. ڪي ايم سي ڪامپليڪس ڪراچيءَ ۾ قائم خاص فوجي عدالت ڊسٽرڪٽ بارايسوسيئيشن خيرپور جي صدر شير محمد بلوچ ۽ رڪن ورڪنگ ڪميٽي سيد آل مقبول

رضويءَ کي ٢٥ جنوري تي چام ساقي ڪيس ۾ صفائي جي شاهد طور گهرائي ورتو.

٢٧ جنوري تي امن اخبار هن ريت خبر ڇاپي تہ: چام ساقي ڪيس ۾ فخرالدين ابراهيم، بزنجو فتحياب ۽ مولانا امروٽيءَ جي طلبي:

انقلابي رهنما چام ساقي، ڊي ايس ايف پاڪستان جي وائيس چيئرمين امر لعل، مزدور اڳواڻ ڪمال وارثي، ٽي وي فنڪار شبير شر، صحافي سهيل سانگي ۽ اديب بدر ابڙي کي فوجي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. هنن جي خلاف بغاوت، سازش جا الزام آهن ۽ مٿن گذريل ڇهن مهينن کان ڪيس هلي رهيو آهي. هن ڪيس ۾ شاگرد اڳواڻ نذير عباسي تحويل ۾ فوت ٿي ويو هو. اڄ عدالت ۾... پي ايس ايف جو مرڪزي صدر غازي صلاح الدين ۽ اين ايس ايف ڪراچي جو اڳوڻو صدر ۽ تحريڪ استقلال ڪراچي جو سيڪريٽري ناهيد افضال پيش ٿيا. خاص فوجي عدالت جناب غوث بخش بزنجي، فتحياب علي خان، سابق جسٽس فخرالدين جي ابراهيم، مولانا شاهہ محمد امروٽي کي بہ شاهد طور سڏايو آهي. خاص فوجي عدالت چام ساقي ۽ ساٿين طرفان پي ايل او جي پاڪستان ۾ نمائندي باسم عبدالرحمان کي شاهد طور گهرائڻ ملتوي ڪري ڇڏي. جوابدارن خاص فوجي عدالت ۾ هڪ درخواست وڌي آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ "آرمي ايڪٽ" جنهن تحت هيءَ ڪورٽ تشڪيل ڏني وئي آهي، وفاقي شريعت ڪورٽ ۾ مطالعي هيٺ آهي ۽ اجا اهو طئہ ٿيڻو باقي آهي تہ آرمي ايڪٽ اسلامي آهي يا نہ. تنهنڪري هن ڪيس جي ڪارروائي اهو فيصلو ٿيڻ تائين ملتوي ڪئي وڃي."

٢٧ جنوري اسٽار: چام ساقي ڪيس ۾ غوث بخش بزنجي جو پٽ حاصل بلوچ بہ شاهدي ڏيندو.

٢٩ جنوري اسٽار: سپريم ڪورٽ جو اڳوٽو جج چام ساقي ڪيس ۾ بچاءَ جي شاهد طور ايندو.

٢٩ جنوري امن: چام ساقي ۽ ٻين خلاف ڪيس هلائيندڙ خاص فوجي عدالت آل پاڪستان نيوز پيپرز ايمپلائمينٽ ڪنفيڊريشن جي مرڪزي

چيئرمين جناب منهاج برنا کي سپاٽي عدالت ۾ بچاءَ جي شاهد طور پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو آهي.

٣١ جنوري تي جنگ، نواءِ وقت، امن، ڊان ۽ پ پ ا پشاور مان خبر ڏني تہ خاص فوجي عدالت سرخ پوش اڳواڻ خان عبدالغفار خان ۽ سندس پٽ خان عبدالولي خان کي ڄام ساقي ڪيس ۾ ١٥ فيبروريءَ تي صبح جو ڏهين لڳي عدالت ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنو آهي. ڪالعدم NDP جي اڳواڻ حاجي محمد عديل بڏايو تہ ٻنهي پيءُ پٽن کي عدالت جو سمن چارسدهہ ۾ پهچايو ويو. اهو سمن فوجي عدالتؒ مملڪت بنام ڄام ساقيءَ جي ان ڪيس جي سلسلي ۾ جاري ڪيو آهي جيڪو نارٿ ناظم آباد پوليس اسٽيشن زير دفعہ ٣٦، ١٨، ١٣، ٤ مارشل لا ضابطو ٧٧ هيٺ درج ڪيو ۽ جنهن جو ايف. آءِ آر نمبر ٢٣٦/٨٠ آهي. خان عبدالولي خان ۽ خان عبدالغفار خان ٻنهي سمن وصول ڪري ورتو آهي ۽ عدالت آڏو حاضر ٿيڻ جي رضامندي ظاهر ڪئي آهي. خان ولي خان خدشو ڏيکاريو آهي تہ سنڌ صوبي ۾ سندس داخلہ تي پابندي شايد ڪراچي وڃڻ ۾ هن لاءِ رنڊڪ بڻجي، تنهنڪري فوجي عدالت کي پهرين حڪومت سنڌ جو اهو حڪم رد ڪرائڻ گهرجي تہ جيئن هو عدالت ۾ حاضر ٿي سگهي.

١ فيبروري امن: ڄام ساقي ڪيس جي ڪارروائي اڄ هتي خاص فوجي عدالت ۾ ٿي جنهن ۾ صوبي جا پنج ممتاز صحافي بچاءَ جي شاهدن طور پيش ٿيا. فوجي عدالت ايپنڪ جي چيئرمين منهاج برنا، روزانہ آفتاب (سنڌي) جي ايڊيٽر شيخ علي محمد، يونين آف جرنلسٽس جي صدر عبدالغني درس، محمود شام ۽ روزانہ حريت جي مئگزين ايڊيٽر شيخ عزيز کي گذريل تاريخن ۾ بچاءَ جي شاهدن طور گهرايو هو.

٢ فيبروري، امن: بزنجي کي ڪراچي اچڻ جي اجازت نہ ملي. ڪالعدم پاڪستان نيشنل پارٽي جي سربراهہ مير غوث بخش بزنجي کي ڄام ساقي ۽ سندس ساٿين جي خلاف ڪيس جي سماعت ڪندڙ خاص عدالت ۾ شاهدي ڏيڻ لاءِ ڪراچي اچڻ جي اجازت نہ ڏني وئي. مسٽر بزنجي کي فوجي عدالت پاران ٢٣ جنوريءَ تي سمن وصول ٿيو هو جنهن ۾ هن کي

چيو ويو هو تہ هو بچاءَ جي شاهد طور ١٤ فيبروري ١٩٨٣ع تي عدالت ۾ پيش ٿئي، ان سان گڏوگڏ ڪيس حڪومت بلوچستان جو هڪ حڪم مليو جنهن ۾ چيو ويو هو تہ ڪيس ڪراچي وڃڻ جي اجازت نہ هوندي. جناب بزنجي عدالت کي ان صورتحال کان آگاهہ ڪري ڇڏيو آهي.

٢ فيبروري ١٩٨٣ع تي امن اخبار لاهور مان خبر ڏني تہ ڄام ساقي ڪيس ۾ شيخ رفيق کي طلب ڪيو ويو آهي. تفصيل ٻڌائيندي چيو ويو تہ هڪ ڏينهن اڳ پاڪستان پيپلز پارٽي پنجاب جي صدر رفيق احمد شيخ ايڊووڪيٽ ڊپٽي سيڪريٽري داخلا حڪومت سنڌ کي هڪ خط موڪليو هو جنهن ۾ چيو ويو هو تہ ڪراچيءَ جي خاص فوجي عدالت ڪيس ڄام ساقي ڪيس ۾ بچاءَ جي شاهد طور سڏيو آهي ۽ پيشوراڻن فرضن جي ادائيگيءَ لاءِ بہ سندس ڪراچي وڃڻ ضروري آهي پر حڪومت سنڌ ١٦ ڊسمبر ١٩٨٢ع کان نوي ڏينهن لاءِ سنڌ ۾ سندس داخلي تي پابندي وجهي ڇڏي آهي. خط ۾ پابنديءَ جي انهن حڪمن کي واپس وٺڻ جي گذارش ڪئي وئي هئي.

٦ فيبروريءَ تي امن ۽ استار اخبارن خبرن ڏني تہ ڄام ساقي ڪيس ۾ فيض احمد فيض بہ بچاءَ جي شاهد طور پيش ٿيندو. جڏهن تہ ڄام ساقيءَ عدالت کي درخواست ڏني آهي تہ ولي خان، شيخ رشيد ۽ بزنجي کان بہ بيان ورتو وڃي. ساڳي طرح ٦ فيبروريءَ تي امن لکيو تہ "ڄام ساقي ڪيس جي سماعت ڪندڙ خاص فوجي عدالت ۾ ايم. آر. ڊي ڪنوينر جناب معراج محمد خان، ۽ روزنامہ امن جو ايڊيٽر افضل صديقي بہ صفائيءَ جي شاهد طور پيش ٿيا پر معراج محمد خان عدالت کي درخواست ڪئي تہ ڪيس ڪا بي تاريخ ڏني وڃي، هاڻي هن کي ٢١ فيبروري تي ٻيهر گهرايو ويو آهي. افضل صديقيءَ پنهنجو بيان قلمبند ڪرايو. ڪيس جي ايندڙ شنوائي ٧ فيبروريءَ تي ٿيندي ڪيس ۾ ڄام ساقي، امر لال، ڪمال وارثي، شبير شر، سهيل سانگي ۽ بدر ابڙي کي اڄ خاص فوجي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. پروفيسر جمال نقوي اسپتال ۾ علاج هيٺ هئڻ ڪري عدالت ۾ پيش ٿي نہ سگهيو. جڏهن تہ شاگرد اڳواڻ نذير عباسي سرڪاري تحويل ۾ فوت ٿي چڪو آهي."

ان خبر کان ٻہ ڏينهن اڳ يعني ۴ فيبروريءَ تي جمعي خان جي ڪالم (امن اخبار) ۾ لکيو ويو تہ "... پيا ٻہ گهٽيئي ڇاتل سچاتل ماڻهو بنا ڪنهن ڪيس جي، يا بنا ڪنهن سبب جي، جيل ۾ پيا آهن. جن ۾ ڄام ساقي، رسول بخش پليجو، پرويز علي شاهہ، شير علي باچا، امر لال، روزي خان، ناصر بلوچ، عيسيٰ بلوچ، احمد ڪمال وارثي، شبير شر، سهيل سانگي، بدر جمال ابڙو بہ شامل آهن. مون کي خبر ناهي تہ انهن مان ڪنهن اسلام جو ڪهڙو قانون ٽوڙيو آهي."

مان ڇئي نٿو سگهان پر هي شايد پهريون اخباري ڪالم هو جنهن کليءَ طرح ٻين مختلف ڪيسن، جن ۾ هاءِ جيڪنگ ڪيس بہ شامل آهي، کي سياسي منظر نامي ۾ پيش ڪيو ۽ ان ڪيس ۾ ملوث قيدين جو مؤقف اخبارن ۾ زوردار نموني پيش ڪيو. ان ڪالم جو عنوان هو "الله جي واسطي انصاف ڪريو ظلم نہ ڪريو!"

ولي خان جي آمد ۽ رنڊڪون

٦ فيبروريءَ جي اخبارن ولي خان جي ڪراچي آمد جون خبرون ڏنيون. ڄام ساقي ڪيس جي جوابدارن محسوس پئي ڪيو تہ هاڻي مختلف سياسي اڳواڻ هن ڪيس جي بنياد تي پنهنجي صوبي بدريءَ کي سياسي طور منهن ڏيئي ابتدائي ۽ ننڍيون بغاوتون ڪرڻ چاهين ٿا تہ جيئن مارشل لا. ڪورٽ ۽ صوبائي انتظاميہ لاءِ مسئلو پيدا ٿئي. قيدي ان عمل کي جمود واري "برف جو رجڻ" قرار ڏيئي رهيا هئا.

٦ فيبروريءَ تي پشاور جي حوالي سان نواءِ وقت، جنگ، امن، ڊان ۽ هلال پاڪستان خبر ڏني تہ ولي خان پابنديءَ جي باوجود ڪراچي ايندو. غفار خان عدالت کي خط موڪلي ڏنو. اخبارن پنهنجا ذريعا لڪائي لکيو تہ خان عبدالولي خان سنڌ ۾ داخلي تي پابنديءَ جي باوجود ١٢ فيبروريءَ تي رات جو خيبر ميل جي ذريعي ڪراچي روانو ٿي رهيو آهي تہ جيئن ١٥ فيبروريءَ تي فوجي عدالت ۾ ڄام ساقي ڪيس ۾ بچاءَ جي شاهد طور پيش ٿي سگهي. حڪومت سنڌ ٧ جنوريءَ کان ولي خان تي سنڌ ۾ داخل ٿيڻ تي

پابندي وجهي ڇڏي هئي. انهن خفيہ ذريعن جو چوڻ هو تہ ولي خان ڪراچي ان ڪري وڃڻ گهري ٿو تہ جيئن قوم تي اهو واضح ٿي سگهي تہ حڪومت پنهنجين ئي عدالتن جو ڪيترو احترام ڪري ٿي.

خدائي خدمتگار خان عبدالغفار خان حڪومت ڏانهن اماڻيل خط ۾ چيو هو تہ هو ٽنگن کان معذور آهي تنهنڪري جيڪڏهن ڊاڪٽرن هن کي صلاح ڏني تہ هُو ڪراچي اچڻ جي ڪوشش ڪندو. باچا خان اهو خط پشتو ۾ لکيو هو. فوجي عدالت جي پرزائيڊنگ آفيسر ڪرنل عتيق جي ڇهري تي ان مهل هڪ عجيب مرڪ پکڙجي وئي هئي جڏهن هن اهو پشتو ۾ لکيل خط پئي پڙهيو الائي تہ ڇو؟

۹ فيبروريءَ تي پشاور مان جنگ اخبار خبر ڏني تہ پنجاب ۾ ولي خان جي داخلي تي پابندي وڌي وئي آهي. ڪالعدم نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي رهنما خان عبدالولي خان کي ريل، جهاز بس يا ڪار يا ڪنهن بہ ٻئي ذريعي سان پنجاب ۾ داخل ٿيڻ کان جهليو ويو هو جڏهن تہ ولي خان ۱۲ فيبروريءَ تي خيبر ميل ذريعي پشاور کان ڪراچي روانو ٿيڻو هو.

۹ فيبروريءَ تي امن اخبار خبر ڏني تہ ڪالعدم اين ڊي پي جو اڳواڻ عبدالولي خان جيڪو ۱۴ فيبروريءَ تي صبح جو خيبر ميل ذريعي ڪراچي پهچي رهيو هو، هاڻي ۱۳ فيبروريءَ تي پي. آءِ. اي جي شام واري اڏام ذريعي ڪراچي پهچندو. ولي خان پروگرام ۾ اها تبديلي حڪومت پنجاب جي حڪم نامي جي سبب ٿي جنهن ۾ ولي خان کي پنجاب ۾ ڪنهن بہ ريت داخل ٿيڻ کان روڪيو ويو هو.

۹ فيبروري تي امن ۽ استار اخبارن چام ساڪي ڪيس ۾ افضل صديقي تي جرح ۽ مجيب پيرزادي ۽ پروفيسر محمد حسن شيخ جي شاهدي جي خبر ڏني جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پوليٽيڪل سائنس جو سربراهہ هو. هن کان سوال اهو پڇيو ويو تہ ڇا حڪومت جي مخالفت کي رياست جي مخالفت چوڻ ٺيڪ آهي؟ تڏهن محمد حسن شيخ همت ڪري چيو تہ "حڪومت ۽ رياست ۾ فرق آهي، حڪومت رياست جو انتظام هلائڻ جو محض هڪ ذريعو آهي." مجيب پيرزادي ان سوال جي وضاحت ۾ چيو هو تہ

"حڪومت بدلجي وڃي ٿي پر رياست نہ ٿي بدلجي، اهوئي ٻنهي ۾ مکيہ فرق آهي." پنجاب مان پ. پ. پ اڳواڻ شيخ رفيق کي ٢٢ فيبروريءَ تي عدالت ۾ پيش ٿيڻ لاءِ چيو ويو هو پر اهو تڏهن ممڪن هو جڏهن سنڌ ۾ سندس داخلا تي پابندي باقي نہ هجي.

هن ڪيس جي بي شمار خبرن ۽ گهڻن شاهدن جي بيانن جي ڏيگهہ کان بچڻ لاءِ اڳتي فقط ڪي اهم ۽ ٻن چئن اڳواڻن سان لاڳاپيل خبرون پيش ڪجن ٿيون.

ولي خان لاءِ جڏهن ڪراچيءَ جو رستو کليو تہ جنگ اخبار ١٣ فيبروريءَ تي خفيہ ذريعن سان خبر لڳائي تہ "ڪالعدم NDP جي مرڪزي اڳواڻ ولي خان ۽ ڪالعدم پ پ جي مرڪزي اڳواڻ غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي وچ ۾ هڪ اهم ملاقات ايندڙ چئن ڏينهن ۾ متوقع آهي، جنهن ۾ ٻنهي رهنمائن سان گڏ شير باز مزاري بہ شريڪ هوندو. ٽيئي رهنما ملڪ جي سياسي صورتحال ۾ تيزيءَ سان ٿيندڙ تبديليءَ جي پيش نظر ايم. آر. ڊي جي ايندڙ لائحہ عمل تي بہ غور ڪندا. ايم. آر. ڊي جي مستقل قيادت جو فيصلو بہ ان اهم ملاقات ۾ غور هيٺ اچڻ جو امڪان آهي." اخبار ياد ڏياريو تہ ولي خان ڄام ساقي ڪيس ۾ شرڪت لاءِ ڪراچي پهچي رهيو آهي ۽ هو هتي ڪافي مصروف وقت گذاريندو.

مير غوث بخش بزنجي ۽ سيد محمد شاهہ امروٽيءَ جو مؤقف

١٢ فيبروري ١٩٨٣ع تي پاڪستان نيشنل پارٽيءَ جي اڳواڻ مير غوث بخش بزنجي ڀرين زوردار شاهدي ڏني، جيڪا جنگ، هلال پاڪستان، ڊيلي نيوز، نواءِ وقت، ڊان ۽ ٻين اخبارن ۾ ڏاڍي تفصيل سان رپورٽ ٿي، جنهن جي اهميت ان ڪري بہ هئي جو هو هڪ ئي وقت بلوچستان ۽ ترقي پسندن جي نمائندگي ڪري رهيو هو. ان کان هڪ ڏينهن اڳ پاڪستان نيشنل پارٽي پنجاب جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ جيڪا راولپنڊيءَ ۾ ٿي، ان ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ سياستدانن جي صوبي بدريءَ تي سخت تنقيد ڪئي وئي ۽ ملڪي سياست جي ڌارا ۾ شامل اهم قيدين جو

ذڪر ڪيو ويو. انهن ۾ خاص طور بينظير ڀٽو نوابزادو نصرالله خان، رٽائرڊ ايئرمارشل اصغر خان، مولانا فضل الرحمان، شير علي باچا، امتياز عالم سميت نعيم خان، بدر ابڙي، سهيل سانگي ۽ جبار خٽڪ جي ڏکي نظربنديءَ جو حوالو ڏنو ويو جنهن مان ظاهر هو تہ هاڻي جام ساقي ڪيس ۽ ايم. آر. ڊي تحريڪ پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي چڪا هئا.

بزنجي صاحب جام ساقي ڪيس ۾ شاهدي ڏيندي چيو "پاڪستان انساني بنياد جي عذر جي بهاني ٣٠ لک افغان مهاجرن کي پاڪستان ۾ داخل ٿيڻ جي موڪل ڏيئي سنگين غلطي ڪئي آهي... افغانستان ۽ ايران جي تازن انقلابن جي واقعن جو پاڪستان تي سڌو اثر پيو آهي ڇو تہ اهي اسان جا ويجهي ۾ ويجها پاڙيسري آهن ... افغانستان جو مسئلو تمام سنگين آهي... اها تاريخي حقيقت آهي تہ جڏهن مهاجر هڪ ڀيرو ڪنهن ملڪ جي سرحد ۾ داخل ٿيندا آهن تہ اهي وري پنهنجي وطن ڪڏهن بہ نہ ويندا آهن. جام ساقي محب وطن آهي ۽ مون هن کي ڪڏهن بہ وطن دشمن سرگرمين ۾ ملوث نہ ڏٺو آهي ... حڪمرانن ۽ مفاد پرستن پاڻ صوبن جي وچ ۾ عوام ۽ هٿياربند فوج جي وچ ۾ نفرتون پيدا ڪيون آهن. انهن وفاق جي حقيقي ڍانچي کي مسخ ڪيو آهي. هر حاڪم وفاقي ڍانچي کي وحداني ڍانچي ۾ بدلايو آهي ۽ اهي ان مسئلي جي بنيادي ۽ حساس نتيجن جو وقت کان اڳ تصور ڪري نہ سگهيا... اهي سبب اڳ ئي موجود هئا جيڪي صوبن جي وچ ۾ نفرتن جو سبب ٿيا ۽ نيٺ پاڪستان ٽٽڻ جو نتيجو نڪتو ... هر ماڻهوءَ کي مارشل لا جي مخالفت ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو حق آهي". پاڪستان جي نظريي بابت بزنجي صاحب چيو هو تہ "قائداعظم جي تصور ۾ هڪ آزاد، سيڪيولر ۽ جمهوري نظام هو. اپڪنڊ جو ورهاڱو يا بہ قومي تصور اپڪنڊ جي آئيني مسئلن جو حل هو جنهن جو نظريي سان ڪوبہ تعلق ڪونہ هو. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ اپڪنڊ جون ٻئي وڏيون پارٽيون مسلم ليگ ۽ انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ انهن جا اڳواڻ ١٩٤٦ع تائين اپڪنڊ کي متحد رکڻ جي حق ۾ هئا. بدقسمتيءَ سان ٻئي ڪنهن نتيجي تي پهچي نہ سگهيون ۽

ايڪنڊ جو وڌ ھاڳو اٿتر ٿي ويو... نظريه پاڪستان جو اصطلاح پهريون ڀيرو يحيٰ خان جي دؤر ۾ دريافت ڪيو ويو جيڪو جماعت اسلاميءَ جي ڪنهن رڪن گهڙيو هو... پاڪستان جو نظريو هڪ شعوري شيءِ آهي جڏهن ته پاڪستان زمين جو هڪ ٽڪرو آهي ان ڪري نظريه پاڪستان جو اصطلاح بنيادي طور غلط آهي!"

وڏي ڄمار وارو مير غوث بخش بزنجو ڏاڍي ڇيندڙ لهجي ۾ اهي سڀ تلخيون ۽ تلخين جا ڪارڻ ٻڌائي ويو جيڪي ان وقت ۾ 'ڪالعدم' پارٽيون ڪنهن به پليٽ فارم تي چئي نه ٿي سگهيون ۽ نه وري مارشل لا سرڪار ٻڌڻ پسند ٿي ڪيون. بزنجي صاحب جو بيان عدالت جي سوڙهي ڪمري ۾ جيڏي ماٺ ميٺ ۾ هليو سياسي ۽ صحافتي حلقن ۾ اوڏو ئي ٽرٽلو مچي ويو هو.

١١ فيبروريءَ تي پاڪستان جمهوريت پسند خواتين جي سيڪريٽري جنرل بيگم طاهره مظهر علي خان ۽ بيگم نسيم شميم لاهور کان ڪراچيءَ پهتيون. هنن کي به ڄام ساقي ڪيس ۾ بچاءَ جي شاهدن طور پيش ٿيڻ جو حڪم پهتو هو. سندن تنظيم تي مذهبي جماعتن ۽ حلقن کي هميشه ڏاڍي ڪاوڙ رهي آهي. سندن خيال ۾ عورتن جي حقن جي ڳالهه ڪندڙ عورتون اصل ۾ ڪردار جي لحاظ کان ٺيڪ نه هونديون آهن ۽ اهي پاڪستان ۾ يورپي ۽ اسرائيلي لابين جي چوڻ تي 'بي حيائيءَ' جي وڪالت ڪن ٿيون.

مولانا سيد محمد شاهه امروٽيءَ جيڪو جمعيت علماء اسلام جو رهنما هو جي شاهديءَ واري بيان مان اخبارن هي ٽڪرا ڪنيا:

"مارشل لا اسلام جي خلاف آهي ۽ اسلام ۾ پگهار تي فوج قائم ڪرڻ جو اسلامي تاريخ ۾ ڪوبه ثبوت ناهي ڇو ته اسلام ۾ هر مسلمان هڪ سپاهي آهي... زرعي ايراضي ۽ بنيادي سهوليتن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ اسلام جي لحاظ کان غلط نه آهي."

مولانا صاحب جي هڪ جواب ته عدالت کي ڇرڪائي وڌو. جڏهن ڄام ساقيءَ مولانا صاحب کي مخاطب ٿي پڇيو ته "اسان تي الزام آهي ته اسان سوشلزم جو پرچار ڪري اسلام جي خلاف ڪم ڪيو آهي. توهان

جي خيال ۾ ڇا اهو الزام درست آهي؟" تڏهن مولانا صاحب جواب ۾ چيو هو "نہ، سوشلزم اسلام جي خلاف نہ آهي!" عدالت کي ان جواب تي اعتبار نہ آيو هو. ڪرنل صاحب ٿي ڀيرا ورجائي چار ساڳيءَ جو سوال پڇيو ۽ مولانا صاحب هر ڀيري ساڳيو جواب ڏنو. آخر ۾ تہ ناراض ٿي چيو "مون چيو تہ سوشلزم اسلام جي خلاف نہ آهي، توهان لکو ڇو نٿا؟" ان کان پوءِ فوجي عدالت چپ ٿي وئي ۽ مولانا صاحب جو بيان اڳتي وڌيو.

چار ساقي ڪيس هن محل تائين ايم. آر. ڏيءَ جو هڪ اهڙو اڻ اعلانيل پليٽفارم بڻجي چڪو هو جتان مارشل لا حڪومت تي بيشمار سياسي حملا ٿي رهيا هئا. هر هڪ بيان ۾ انهن ۾ مارشل لا مخالف دليلن جا سلسلا فوجي حڪومت کي پريشان ڪرڻ لڳا هئا.

مير غوث بخش بزنجي جي بيان ملڪي سياست ۾ زبردست ردعمل ڏنو. ١٤ تاريخ تي ئي روزنامہ نواءِ وقت جيڪا فوجي حلقن جي اخبار سمجهي ويندي آهي، ايڊيٽوريل لکيو "نظريہ پاڪستان کان ئي انڪار" هن ڏگهي ايڊيٽوريل ۾ ڇا لکيل هوندو؟ ان جو اظهار خود ان جي عنوان مان ٿئي ٿو باقي لهجي جو اندازو هنن سٽن مان هٽي سگهجي ٿو:

... جناب بزنجي جو تعلق يا وابستگي جنهن نظريي سان آهي ان جي تہ عمارت ئي لادينيت بلڪ الحاد تي رکيل آهي جڏهن تہ پاڪستان جي نظريي جو بنياد ۽ روح اسلام نافذ ڪرڻ آهي. ان کان انحراف هن جي سياست جو حصو بلڪ ضرورت آهي. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ جنهن مملڪت جو رسمي ۽ آئيني طور تي دين ئي اسلام آهي ان ۾ جناب بزنجي جهڙا عناصر اسلام تي ٻڌل نظريہ پاڪستان کان انحراف ۽ انڪار جي کليل جرئت رکن ٿا ۽ مملڪت ۽ حڪومت جا ڪار فرما ڪاٺئن ڪابہ پڇا نٿا ڪن..."

ولي خان ڪراچي پهچي ويو

١٣ فيبروريءَ تي ولي خان جيئن ئي ڪراچيءَ جي هوائي اڏي تي لٿو صحافي ڪيس ورائي ويا. اتي هن حڪومت تي تنقيد ڪندي چيو تہ "اها ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي جو مان پنهنجي ئي ملڪ جي هن شهر ۾ تن

ڏينهن جي ويزا تي آيو آهيان ۽ اها ويزا بہ ان ڪري ڏني وئي آهي جو حڪومت کي منهنجي ضرورت هئي. اڄ اڪثر سياسي اڳواڻن تي هڪ صوبي مان ٻئي صوبي ۾ وڃڻ تي پابندي آهي. اها هن ملڪ جي شهرين لاءِ شرمناڪ ڳالهہ آهي!"

ولي خان چيو تہ "سياسي سرگرمين تي پابنديون رهيون تہ پوءِ زير زمين تحريڪون جنم وٺنديون. جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ گهرو لڙائيءَ ۾ وڪوڙجي سگهي ٿو ... اسان اصول جي سياست جا قائل آهيون. اسان جمهوريت، آئين ۽ قانون جي بالادستيءَ جي ڳالهہ ڪريون ٿا. حڪومت کي جيڪڏهن اهي ڳالهيون پسند نہ آهن، تہ پوءِ نتيجا ڀوڳڻ لاءِ تيار ٿي وڃي!" خان صاحب جو چوڻ هو تہ حڪومت ڪراچيءَ ۾ ٿيل شيعہ سني فسادن کي پاڻ هوا ڏيئي رهي آهي.

موقعي جو فائدو وٺي هن لاهور ۾ تازو عورتن جي هڪ جلوس تي ٿيل لٺ بازيءَ جي مذمت ڪئي ۽ اسلام، چادر، چارديواري جي حفاظت ڪندڙن تي خوب چوهہ چنڊيا ۽ حيرت ظاهر ڪئي "عجب تہ وري اهو آهي جو ان واقعي جو اطلاع اسان کي بي بي سي تان مليو ٿو!" ولي خان صحافين کي ايم. آر. ڊي، عدليہ ۽ ٻين معاملن تي سوالن جا جواب ڏنا. اهي خبرون روزانہ جنگ، نواءِ وقت، هلال پاڪستان ۽ ٻين اخبارن ۾ ڇپيون.

انهن خبرن جي وچ ۾ ماڻهن اها خبر بہ دلچسپيءَ سان پڙهي تہ سنڌ جي گورنر ليفٽيننٽ جنرل ايس. ايم عباسيءَ جي ڪار شاهراهہ فيصل تي اين ڊي پي اڳواڻ ولي خان جي ان جلوس ۾ ڦاسي پئي، جيڪو ڪارڪنن ولي خان کي هوائي اڏي کان شير باز مزاريءَ جي گهر تائين پهچائڻ لاءِ ڪڍيو هو. جنرل صاحب پاڻ اسلام آباد کان ڪراچي لٿو هو. پوءِ جنرل صاحب جي گاڏي نيشنل اسٽيڊيم طرف کان لاڙي وئي.

۱۴ تاريخ تي ٿي پ.پ.پ اڳواڻ غلام مصطفيٰ جتوئيءَ ولي خان کي منجهند جي مانيءَ تي سڏائي سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

ولي خان جو پڙاڏو

١٥ فيبروريءَ تي ولي خان خاص فوجي عدالت ۾ پنھنجو بيان رڪارڊ ڪرايو. ان ڏينھن تي فوجي عدالت جو رنگ ئي ٻيو ھو. اِھو پھريون ڀيرو ھو جو عدالت ھڪ پريس فوٽوگرافر کي اجازت ڏني تہ ھو پلي عدالت جي ڪمري ۾ اچي تصويرون ڇڪي. عدالت جو سربراھ ڪرنل عتيق (جنھن بابت پوءِ پتو پيو آھي تہ ھو اڳوڻي چيف آف آرمي اسٽاف جنرل عبدالوحيد جو ياءُ ھو) خوشگوار موڊ ۾ ھو. فوٽوگرافر عدالت ۾ ولي خان ۽ جوابدارن جون تصويرون ڪڍيون ۽ پوءِ فوجي عدالت ڪيس روانو ڪري پنھنجي ڪارروائي شروع ڪئي. انھن مان ھڪ تصوير جنھن ۾ ولي خان عدالت جي آڏو شاھد جي ڪرسيءَ تي ويھي ڳالھائي رھيو ھو ٻئي ڏينھن تي سيني اخبارن ۾ ڇاپي وئي. ڄام ساقيءَ جي تصوير بہ ڪن اخبارن ۾ ظاھر ٿي. ھي اھو ئي ولي خان آھي، جنھن جو حيدرآباد جيل مان آزاديءَ وقت مشھور ڪارٽونسٽ 'واءِ ايل' ھڪ ڪارٽون ناھيو ھو تہ "ولي خان... جنھن کي ڀين حڪمن تائين محب وطن قرار ڏنو ويو آھي." اخبارن ولي خان جي بيان جا جيڪي ٽڪرا ڇاپيا ھئا سي ڪجھ ھن ريت ھئا:

"جيڪو الزام ڄام ساقيءَ وارن تي نظريہ پاڪستان جي خلاف پرچار جو لڳو آھي، اھوئي مون تي بہ لڳو ھو جنھن جي ڏوھ ۾ حيدرآباد ٽربيونل ۾ منھنجي خلاف ڪيس ھلايو ويو ھو. ان ڪيس جي دوران مون ججن کان پڇيو ھو تہ نظريہ پاڪستان ڇا آھي؟ تڏھن ٽربيونل جي ججن سرڪاري وڪيل کان پڇيو ھو تہ نظريہ پاڪستان ڇا آھي؟ پر اھا وڪيل کي بہ خبر ڪونہ ھئي، جنھن ڪري ھن (وڪيل) چيو تہ اھو وفاقي حڪومت ٻڌائيندي. ان سوال جي جواب لاءِ وفاقي حڪومت پاران ھڪ اعليٰ آفيسر ٽربيونل ۾ پيش ٿيو جنھن چيو تہ ڪيس نظريہ پاڪستان جي وصف تہ معلوم نہ آھي، تنھن ھوندي بہ ان کي ۾ قومي نظريي جو نالو ڏيئي سگھجي ٿو. ان موقعي تي مون شريف الدين پيرزادي جو ڪتاب ڏيکاريو جنھن ۾ قائداعظم سان منسوب ڪيل ھڪ تقرير ڏنل ھئي، جنھن ۾ قائداعظم چيو ھو تہ 'ھاڻي ھندو، ھندوءَ جي حيثيت ۾ ۽ مسلمان، مسلمان جي حيثيت ۾

پاڪستان ۾ نہ رهندو پر سڀ پاڪستاني آهن'. قائداعظم جي ان تقرير سان بہ قومي نظريي جي نفي ٿئي ٿي. ان صورت ۾ ٽربيونل جي ججن اسان کي چيو تہ اسان ضمانت جي درخواست ڏيون پر اسان انڪار ڪري ڇڏيو!"

ولي خان ان ڳالھہ جي سختيءَ سان ترديد ڪئي تہ مارشل لا حڪومت سياسي سببن جي ڪري اهو ٽربيونل ختم ڪري کين آزاد ڪيو هو. هن صاف انڪار ڪندي چيو هو تہ "اهو الزام غلط آهي." اصل ڳالھہ اها هئي تہ اسان جي خلاف پاڪستان جي نظريي خلاف پرچار جو ڪيس ٿي ختم ٿي ويو هو. ججن، سرڪاري وڪيلن ۽ حڪومت کي بہ نظريہ پاڪستان جي خبر ڪونہ هئي. اصل ۾ جڏهن بہ ملڪ ۾ مارشل لا لڳندي آهي تڏهن عام طور تي آمريڪا جي مفادن جي حفاظت ڪئي ويندي آهي ۽ ترقي پسندن تي ڪيس هلايا ويندا آهن. هنن جوابدارن تي هلندڙ ڪيس جي نوعيت بہ ساڳي آهي. هنن تي فوج جي خلاف نفرت پکيڙڻ جو الزام بہ بلڪل غلط آهي. جيستائين جنرل ضياءَ جي مخالفت جو تعلق آهي تہ سڄي قوم ۽ ايم آر ڊي هن جي مخالفت ڪري رهي آهي. هاڻوڪي حڪومت ۽ مارشل لا تي تنقيد ڪنهن بہ صورت ۾ هٿياربند فوج تي تنقيد نہ آهي..." ولي خان پنهنجي بيان ۾ جماعت اسلامي، اسلامي جمعيت طلبہ ۽ پاڪستان جي افغانستان بابت پاليسيءَ تي بہ تنقيد ڪئي ۽ حڪومت جي پرڏيهي ۽ داخلا پاليسين کي بنھہ رد ڪري ڇڏيو هو.

ولي خان جو هيءُ بيان ملڪ جي لڳ ڀڳ هر اردو انگريزي ۽ سنڌي اخبار ۾ ڇپيو جنهن بزنجي صاحب جي بيان کان پوءِ سياسي چؤبول ۾ واڌارو آندو. پر ان سان گڏ جنهن ڳالھہ وڏيڪ چؤبول آندو سا اها هئي تہ جنهن وقت ولي خان عدالت ۾ بيان ڏيئي رهيو هو پوليس عدالت جو گهيرو ڪري اها تياري ڪري چڪي هئي تہ ولي خان کي عدالت مان نڪرڻ شرط گرفتار ڪري سنڌ مان ٻاهر دخل ڪيو ويندو. هو جيئن ئي بيان ڏئي عدالت واري عمارت مان هيٺ لٿو تہ پوليس کيس ڪنهي گاڏيءَ ۾ ويهاري هوائي اڏي جو رخ ڪيو.

حڪومت، ولي خان کي چئن ڏينهن لاءِ سنڌ ۾ ترسڻ جي اجازت ڏني

هئي پر ڪيس 48 ڪلاڪن اندر سنڌ بدر ڪيو ويو. ان اوچتي واقعي ايم. آر. ڊي جي ڏرين جي رابطن کي ڌڪ هڻي ڪڍيو. نتيجي ۾ سياستدانن سخت بيان ڏنا جيڪي اخبارن ۾ ڇپيا ۽ سياسي ماحول اجا بهتر ٿيو. روزانه جنگ، امن، نواءِ وقت، ڊان، هلال پاڪستان، ڊيلي نيوز ۽ اسٽار اخبارن ولي خان جي صوبي بدريءَ جي رپورٽ ڏاڍي تفصيل سان ڇاپي.

اخبارن لکيو ته ڪالعدم اين ڊي پي جي اڳواڻ ولي خان کي ٽپهريءَ جو ڪراچيءَ مان پي ڪي ٣٠٨ ذريعي راولپنڊيءَ رستي پشاور واپس موڪليو ويو. ولي خان ١٣ فيبروريءَ تي پشاور کان ڪراچي ڄام ساقي ڪيس ۾ بچاءَ جي شاهد طور خاص فوجي عدالت ۾ پيش ٿيڻ آيو هو. ان مقصد لاءِ حڪومت ڪيس ڇئن ڏينهن لاءِ ڪراچي اچڻ جي اجازت ڏني هئي پر هن کي فقط 48 ڪلاڪن جي اندر سنڌ مان نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو. واضح هجي ته ولي خان تي سنڌ ۾ اچڻ تي پابندي هئي. جڏهن هو خاص فوجي عدالت مان ٽين لڳي بيان ڏيئي ٻاهر آيو ته کيس پوليس پاڻ سان گڏ هوائي اڏي تي وٺي وئي جتي کيس ڇئين لڳي جهاز جي ذريعي پشاور روانو ڪيو ويو. خان ولي خان ١٦ فيبرويءَ تي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي ميمبرن کي خطاب ڪرڻ وارو هو. گذريل ڏينهن هن سردار شير باز مزاريءَ جي جاءِ تي هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪيو هو. اڳواٽ طئہ ٿيل پروگرام موجب ولي خان ١٧ فيبروريءَ تي پشاور وڃڻو هو.

’ڪالعدم‘ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي سربراهه شيرباز مزاريءَ ولي خان کي ههڙي ابهرائي ۾ سنڌ مان ڪيڻ جي سخت مذمت ڪئي. هن چيو ته ”سنڌ مان نيڪالي ته مذمت لائق آهي ئي، پر جنهن ريت کيس عدالت مان گرفتار ڪري هوائي اڏي پهچايو ويو ۽ کيس پنهنجو سامان به کڻڻ نه ڏنو ويو اهو سلوڪ حڪومت جي وائڙائپ جو اظهار آهي ۽ جيڪي به سياسي پارٽيون مارشل لا جي کلئي عام يا ماٺ ميٺ ۾ حمايت ڪن ٿيون، انهن کي کليل موڪل آهي ته اهي پنهنجا اجلاس ڪنديون وتن. حڪومت جو هي ہٹو معيار بزدليءَ جو اظهار آهي!“

ساڳئي ڏينهن تي جڏهن ولي خان عدالت ۾ بيان ڏيئي رهيو هو ته

پوليس اين. ڊي. پيءَ جي اڳواڻ ملڪ محمد عثمان ڪانسيءَ کي ٻہ صبح جو ١٠ لڳي ان ڏوهہ ۾ جهلي ورتو هو جو هو عدالتي ڪارروائي ڏسڻ لاءِ جتن ڪري اڳتي اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. پوليس ڪيس شام جو ڇئين لڳي ان مهل ڇڏي ڏنو. جڏهن ولي خان جو جهاز اڏامي چڪو هو. ولي خان جي سنڌ مان نيڪالي ۽ ڪانسيءَ جي گرفتاريءَ تي ايم. آر. ڊيءَ جي اڳواڻن سيڪريٽري جنرل خواجہ خيرالدين، ڪنوينر معراج محمد خان ۽ نفيس صديقيءَ شديد مذمتي بيان جاري ڪيا. غوث بخش بزنجي بہ افسوس ۽ ڪاوڙ ظاهر ڪئي ۽ چيو تہ ”ڪيڏي عجيب ڳالهہ آهي جو هڪ شهريءَ کي پنهنجي ئي ملڪ جي ڪنهن حصي ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيو وڃي. ان قسم جون ڳالهيون صوبن ۾ هڪ ٻئي خلاف نفرت پيدا ڪنديون آهن.“

١٦ فيبروريءَ جي اخبار ايم. آر. ڊيءَ جي هڪ جلسي جي خبر ڏني. ايم. آر. ڊي کي سرگرم ٿيڻ جو موقعو فراهم ٿي چڪو هو. تازي اجلاس ۾ جيڪو اين. ڊي. پي اڳواڻ عابد زبيريءَ جي جاءِ تي ٿيو اصل ۾ ولي خان جي دعوت جو پروگرام هو جيڪو ولي خان جي نيڪاليءَ سبب احتجاجي جلسي ۾ بدلجي ويو هو. جلسي هڪ ٺهراءُ پاس ڪيو جنهن ۾ ولي خان جي نيڪاليءَ جي مذمت ڪئي وئي. ٺهراءَ ۾ چيو ويو تہ قومي اڳواڻن تي پابنديءَ سان وفاق کي ڪارو ڌڪ لڳندو جنهن سان آخرڪار ملڪ جي سالميت کي ڪاري ڌڪ لڳندو. اجلاس ان واقعي جي بہ مذمت ڪئي تہ ”بلوچستان جي هڪ اڳواڻ (عثمان ڪانسيءَ) کي عدالت مان ڌڪا ڏيئي ڪڍيو ويو مٿس تشدد ڪيو ويو ۽ گرفتار رکيو ويو. معراج محمد خان ڪاوڙ واري لهجي ۾ چيو تہ ”رستن تي نڪري دشمنن کان بدلو وٺڻ اسان کان وڌيڪ ڪوبہ نٿو ڄاڻي!“

ان موقعي تي اين. ڊي. پيءَ جي غلام احمد بلور چيو تہ ”هاڻي ايم. آر. ڊي پروگرام ٺاهي رهي آهي تہ اسان رستن تي نڪري اچون ۽ دل جا ارمان پورا ڪريون!“ ان موقعي تي اهي لهجا ڀڏي تحريڪ استقلال جو سيڪريٽري جنرل مشير پيش امام چرڪي ويو. هن ولي خان جي سنڌ نيڪاليءَ جي مذمت تہ ڪئي پر چيو تہ اها ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي،

سياستدان ان جا عادي آهن. ايم. آر. ڊي اهڙو ڪوبہ قدم کڻڻ نٿي گهري، جنهن سان باهمي ٽڪراءُ پيدا ٿئي پر حالتون تيزيءَ سان بدلجي رهيون آهن ۽ ان مان خطرو آهي تہ خود ايم. آر. ڊي بہ ان تي ضابطو رکي نہ سگهندي. پيپلز پارٽيءَ جي عبدالرحيم بلوچ جنهن جو تعلق لياريءَ سان هو چيو تہ "آئين جي آرٽيڪل ٦ کان ڪوبہ بچي نہ سگهندو." اهو پ. پ. پ جي جوشيلن ڪارڪنن جو خاص لهجو مطالبو هو جنهن جي ڌپ کان ضياء الحق پنهنجي صاحب کي ڦاسي ڏياري ڇڏي. ان ئي ماحول ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي مولانا عبدالرزاق عزيز اعلان ڪري ڇڏيو تہ "اسلام پابندين جو نہ آزادين جو نالو آهي."

ڄام ساقي ڪيس جي اسيرن ايم. آر. ڊي جي اڏاٽل فيوز کي ٻيهر ڳنڍڻ جي جيڪا ڪوشش ڪئي هئي، ان جا نتيجا نڪرڻ لڳا هئا. پر اڃا وڏيڪ ڪم موجود هو. ڄام ساقي ڪيس جي بچاءَ جي شاهدن جي ڊگهي لسٽ ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي، ممتاز ڀٽو عبدالحفيظ لاکو رسول بخش پليجو فاضل راهو بيگم ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو جا نالا شامل هئا. پر فوجي عدالت اهي سڀ نالا رد ڪري ڇڏيا هئا. ان جي باوجود قيدين جو اصرار جاري هو تہ "اسان کي پورو حق آهي تہ پنهنجي صفائي ۾ هر اهو معتبر ماڻهو شاهد طور گهرايون، جنهن جي شاهدي اسان تي لڳل الزامن جي حقيقت پڌري ڪري." اسيرن بينظير ڀٽو کي شاهد طور گهرائڻ لاءِ ٻيهر گذارش ١٦ فيبروريءَ تي ڪئي هئي.

عدالت هوريان هوريان پڌائيندي ٿي وئي تہ فلاڻي تاريخ تي فلاڻو شاهد اچڻو آهي پر مٿي ڄاڻايل شاهدن کي بلڪل رد ڪيو ويو هو. ان هوندي بہ اسيرن همٿ نہ هاري ۽ ان سلسلي ۾ وڪيلن جي صلاحن سان نت نوان دليل عدالت آڏو پيش ڪندا رهيا.

اسيرن کي احساس هو تہ خاص فوجي عدالت ايتري، بااختيار نہ آهي جو اها بيگم ڀٽو، بينظير ڀٽو يا ولي خان جهڙن سياستدانن کي پنهنجي ليکي نوٽس موڪلي سڏائي سگهي. پڪ ئي پڪ شاهدن جي اها لسٽ سنڌ جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر، خفيہ ايجنسين ۽ خود جنرل ضياء جي آڏو

پيش ٿي هوندي هنن عدالت جي شروعاتي انڪار ڪي ايجنسين جي انڪار ان تعبير ڪيو پر پوءِ جڏهن عدالت اها خبر ڏني ته بزنجي، ولي خان، فتحياب علي خان، معراج، شيخ رشيد ۽ ڪجهه ٻين سياستدانن کي سمن اماڻيا ويا آهن. تڏهن اهو سمجهڻ ۾ دير نه لڳي ته ايجنسيون هن ڪيس ۾ سياستدانن جي ڏنل بيانن کي توڙڻ ۽ تجزيو ڪرڻ چاهينديون ۽ آمريڪا کي ٻڌائڻ چاهينديون ته "ايم. آر. ڊي جا اڳواڻ اصل ۾ ڪميونسٽن جا اتحادي آهن. جن جي پرڏيهي پاليسي افغانستان جي مسئلي تي آمريڪي خواهشن جي ابتڙ آهي ۽ ان ڪري ايم. آر. ڊي واري اتحاد ۾ شامل ڌرين تي آمريڪا کي پروسو نه ڪرڻ گهرجي."

اها ئي ڳالهه بينظير ڀٽو به محسوس ڪئي جنهن جو اظهار هن "پورب ڄائي" ڪتاب ۾ ڪيو آهي. اسيرن به سمجهيو تي ته ضياء الحق ۽ ايجنسيون هن ڪيس ۾ اينڊڙ بچاءَ جي شاهدن جا بيان پنهنجن مقصدن لاءِ استعمال ڪنديون. بيان لاءِ اينڊڙ سياستدان به ايئن سمجهي رهيا هئا پر هنن بيان ڏيڻ جو فيصلو انڪري ڪيو جو هنن به هن موقعي کي هٿان وڃائڻ نٿي گهريو. ڪيترن ئي سياستدانن جيل ۾ اسيرن ڏانهن چٺيون اماڻيون هيون ته سندن نالا به شاهدن طور ڏنا وڃن ڇاڪاڻ ته هو به مارشل لا جي خلاف ڳالهائڻ چاهين ٿا. پر، عدالت گهڻي ڊيگهه جي موڊ ۾ ڪونه هئي. ضياء الحق کي غالبا نموني طور ايم. آر. ڊي جي سيني پارٽين مان فقط هڪ هڪ عيوضيءَ جي بيان جي ضرورت هئي. بيگم ڀٽو ملڪ کان ٻاهر هئي. بينظير ڀٽو کي سڏائڻ ملڪ ۾ وڏو هل وجهڻ ۽ امن امان جي صورتحال ۾ هلچل پيدا ڪرڻ جي برابر هو. ان ڪري انهن جا نالا شروع ۾ رد ڪيا ويا. پر جڏهن اسيرن گهڻو اصرار ڪيو ۽ ممڪن آهي ته ايجنسين کي به ان اصرار ۾ ڪنهن وڏي اسرار جي اميد ٿي هجي ۽ ڪميونسٽن سان بينظير جو ڪو سڌو يا اڻسڌو تعلق ثابت ڪري پنهنجي اقتدار کي ڊيگهه ڏيڻ جي واٽ نظر آئي هجي، تڏهن بينظير ڀٽو کي ڪيس ۾ گهرائڻ جي خوشخبري اسيرن کي عدالت جي معرفت ڏني وئي.

١٧ فيبروري تي امن اخبار جي جمعه خان هيڏو سارو ڪالم لکيو.

”ولي خان ڪير آهي جنهن کي ڪراچيءَ مان ڪڍيو ويو.“ هيءَ ڪالم ان زماني ۾ ايترو ئي طاقتور سمجهيو ٿي ويو جيڏي ڪنهن عام جلسي ۾ ڪنهن مقبول سياسي اڳواڻ جي تقرير ٿي سگهي ٿي. اشاعت جي لحاظ کان بہ ان وقت امن اخبار ”جنگ“ کان پوءِ ٻئي نمبر تي هئي ۽ هر اهو ماڻهو جيڪو حڪومت جي خلاف يا حق ۾ هو، امن ضرور پڙهندو هو. اهو فقط افضل صديقي ئي هو جنهن ”امن“ ۾ جمهوريت دوست ۽ مارشل لا خلاف روح ڀريو. جمعہ خان جو قلم اصل ۾ افضل صديقيءَ جو قلم هو. ”ولي خان ڪير آهي؟“ وارو ڪالم ڪراچيءَ وارن لاءِ عجيب رهيو هوندو ڇاڪاڻ تہ ولي خان سندن خيال ۾ ملڪ دشمن ڪردار هو. باچا خان جيڪو گانڌيءَ جو دوست هو هن جو پٽ ڪهڙي طرح محب وطن ٿي سگهيو ٿي؟ بهرحال، جمعہ خان ولي خان کي جمهوريت پسند ۽ وطن دوست ثابت ڪيو. هن ايئن بہ لکيو تہ ”مون سندس باري ۾ واقفڪارن کان گهڻي معلومات حاصل ڪئي آهي جن مون کي ٻڌايو تہ هو ڪو بدنام ڏاڙيل، هسٽري شيٽر يا بدمعاش نہ آهي پر پنجاب جي ڪجهہ اخبارن خاص ڪري نواءِ وقت سندس ۽ سندس بزرگ والد خان غفار خان بابت گهڻيئي ڪهاڻيون مشهور ڪري رکيون آهن پر انهن الف ليلائي داستانن جو مطالعو ڪرڻ سان بہ اهي ثبوت نہ ملي سگهيا تہ هو مسلمان ناهن يا اسلام جا دشمن آهن ...“

ولي خان جي شاهديءَ جا پڙاڏا اڃا جاري هئا تہ طاهره مظهر علي خان ۽ فتحياب علي خان جا بيان رڪارڊ ٿيا. فتحياب علي خان جيڪو مزدور ڪسان پارٽيءَ جو سربراهہ آهي، جو بيان بہ ڏينهن اخبارن ۾ ڇپيو. ١٨ ۽ ١٩ فيبروريءَ جي اخبارن لکيو تہ فتحياب علي خان پاڪستان جي نظريي بابت عدالت ۾ چيو آهي تہ 'نظريا آفاقي هوندا آهن، سائنسي يا وري مذهبي هوندا آهن. قرآن شريف جو نظريو ڪائناتي آهي، ان ڪري نظريہ پاڪستان جو اصطلاح درست نہ آهي ڇو تہ آفاقي ۽ ڪائناتي نظريا جاگرافيائي حدن ۾ قيد ڪري نٿا سگهجن.“ فوج جي آئيني ڪردار جي باري ۾ فتحياب جو چوڻ هو تہ دستور موجب فوج جو آئيني ڪردار طئہ ٿيل آهي. هن آرٽيڪل ٢٤٥ پڙهي ٻڌايو ۽ ٽئين شيڊول ۾ فوج جو قسم بہ پڙهي ٻڌايو ۽ ان کي عدالت جي رڪارڊ ۾ شامل ڪرايو. فتحياب علي خان آرٽيڪل – ٦ بہ

پڙهي ٻڌايو ۽ ڦائداعظم جي اها تقرير به پڙهي ٻڌائي، جيڪا هن ١٩٤٨ع ۾ ڪمانڊ اينڊ اسٽاف ڪاليج ڪوئيٽا ۾ آفيسرن جي آڏو ڪئي هئي.

١٧ تاريخ جي ڊان اخبار ۾ غازي صلاح الدين 'ڪراچي ڊائري' ۾ خاص فوجي عدالت نمبر ٥ جي حوالي سان ايم. آر. ڊي ۽ جام ساقي ڪيس جي شاهدن جو ذڪر ڪندي ولي خان کي "هن هفتي جو شاهد" لکيو.

٢١ فيبروريءَ جي اخبارن ۾ منهاج برنا جو بيان فوجي راڄ جي دليلن کي لتاڙي ويو. هن چيو "اسلامي ۽ جمهوري معاشري ۾ فوج تنقيد کان مٿي نه آهي ۽ نه وري اسلام ۽ سوشلزم جو پاڻ ۾ ڪو ٽڪراءُ آهي. هر شهريءَ کي حق آهي ته هو ملڪ ۽ قوم جي وسيع تر مفاد ۾ خرابين جي نشاندهي ڪري". هن مثال ڏنو ته خلافت راشدي جي زماني ۾ مارشل لا يا هٿياربند فوج جي سربراهه جي حڪومت جو ڪوبه ذڪر مثال نه آهي. هن مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا حسرت موهاني ۽ علامه اقبال جو حوالو ڏنو جن سوشلزم جي حمايت ۾ لکيو آهي ۽ ياد ڏياريو ته خود قائداعظم اسلامي سوشلزم جو اصطلاح استعمال ڪيو هو.

ساڳي تاريخ تي اخبارن ۾ شيخ رفيق جو ڪراچيءَ مان بيان به ڇپيو جيڪو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو صدر هو. هن پنجاب ۾ فرقيواريت جي سازشن جو ذڪر ڪيو هو. هن حڪومت تي تنقيد ڪندي چيو ته حڪومت ڪيس ڪراچيءَ جو چئن ڏينهن لاءِ ويزا ڏنو آهي. پولينڊ ۾ مارشل لا جي خلاف مزاحمت ته ريگن ۽ پوپ پال جي حمايت ٿيڻ جي باوجود دم ڏيئي چڪي آهي پر پاڪستان جو عوام سختين جي باوجود جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي، هاڻي ته عام ماڻهو لبرل قسم جا فرد ۽ دانشور سيئي ان جدوجهد ۾ شامل ٿي ويا آهن. هن پنجاب ۾ سياسي قيدين جي صورتحال ٻڌائيندي چيو ته سواءِ ڪن ٿورن جي، باقي سيني قيدي ڪارڪنن ۽ عورتن کي لاهور واري قلعي ۽ بيرڪن ۾ ڪيئي ڪيئي مهينا قيد رکيو ويجي ٿو ۽ مٿن تشدد ڪيو ويجي ٿو. فيصل آباد جي ڪائونسلر زبيده ملڪ ۽ لاهور جي ڪائونسلر شاهده جبين مسلسل نظربند آهن جڏهن ته رانا منشا، زوار حسين جهانگير ۽ ٻيا ١ مئي ١٩٨١ع کان گرفتار آهن پر انهن تي ڪيس نٿو هلايو وڃي. فقط ايترو ٻڌجي ٿو ته انهن تي هاءِ

جيڪنگ دؤران قتل ٿيل طارق رحيم جي قتل جو ڪيس هلايو ويندو وغيره وغيره.

٢٨ فيبروري جي اخبارن اها خبر ڇاپي ڇڏي تہ اڄ بينظير ڀٽو شاهدي ڏيڻ ايندي پر ان ڏينهن تي نہ اسيرن کي عدالت آندو ويو ۽ نہ بينظير ڀٽو کي. شايد حڪومت کي خطرو هو تہ بينظير جي اچڻ سان امن ۾ ڪو خلل پوندو ۽ ان لاءِ اڳواٽ ڪي مناسب انتظام نہ ٿي سگهيا هئا. ان ڏينهن تي پ پ اڳواڻ غلام مصطفيٰ جتوئي، پيار علي الانہ، قاضي غني، مولانا احترام الحق ٿانوي ۽ مير هزار خان بجاراڻي ڪي. ايم. سي ڪامپليڪس ۾ پهچي ويا هئا، جتي فوجي عدالت لڳڻي هئي، هو پهچي ان ڪري سگهيا هئا جو ان ڏينهن تي ڪيس نہ هلڻو هو ۽ اسيرن توڻي شاهد کي ڪونہ آندو ويو هو. شاهديءَ لاءِ نئين تاريخ جو اعلان نہ ڪيو ويو هو.

ساڳي تاريخ جي اخبارن ۾ بينظير ڀٽو ۽ ڄام ساقي ڪيس جي حوالي سان هڪ ٻي خبر بہ لڳي، جنهن ۾ ڇاپيل هو تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قائم مقام چيئر پرسن بينظير ڀٽو ڄام ساقي ڪيس ۾ شاهدي لاءِ خاص فوجي عدالت کان هڪ هفتي جي مهلت گهري آهي. اها خبر فوجي عدالت جي هڪ رڪن جي حوالي سان هئي تہ سماعت ڪجهہ قانوني پيچيدگين سبب ملتوي ڪئي وئي آهي. جڏهن عدالت کان اهو پڇيو ويو تہ بينظير ڀٽو کي وري ڪڏهن سڏايو ويندو تہ جواب ڏنو ويو تہ اهو عدالتي راز آهي، جيڪو ظاهر نٿو ڪري سگهجي.

بينظير ڀٽو کي عدالت جو سمن ٢٧ فيبروري تي منجهند جو ٢ وڳي ڌاري پهچايو ويو هو. مس ڀٽو مؤقف اختيار ڪيو هو تہ جيئن تہ هوءَ ٻن سالن جي عرصي کان نظربند آهي ۽ ڪافي معاملن کان بلڪل بي خبر آهي، ان ڪري ڪيس وڪيل سان صلاح ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.

١٦ مارچ تي سنڌ جي هوم سيڪريٽريءَ بينظير ڀٽو کي ڄام ساقي ڪيس جي سلسلي ۾ ٻن وڪيلن سان ملڻ جي موڪل ڏيئي ڇڏي. ٻن وڪيلن مجيب پيرزادي ۽ شفيع محمديءَ کي ١٨ مارچ تي ٧٠ ڪلفٽن گهرايو ويو.

شفيع محمديءَ کي ان ڪري بہ گهرايو ويو جو هو ڄام ساقي ڪيس

جي پيروي بہ ڪري رهيو هو. ان ريت هو بينظير ڀٽو ۽ چار ساٿي ڪيس جي اسيرن وچ ۾ رابطي جو ذريعو بہ بڻجي ويو.

وڪيلن مقرر ڏينهن تي ٧٠ ڪلفٽن ۾ بينظير ڀٽو سان ملاقات ڪئي، صورتحال واضح ڪئي ۽ اهي سوال ڪيس هڏايا جيڪي پڇيا ويڻا هئا. صبح جو ١١ لڳي شروع ٿيل اها ملاقات پنج ڪلاڪ هلي.

١٩ مارچ تي بينظير ڀٽو کي عدالت ۾ شاهدي ڏيڻ لاءِ اچڻو هو پر ان ڏينهن تي بہ ڪيس نہ آندو ويو. اخبارن رپورٽ ڪيو تہ ان ڏينهن تي پوليس جي نفري گهٽ پئجي وئي هئي. ان ڏينهن تي بہ پ.پ.پ جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن مير هزار خان بجاراڻي، پيار علي الانہ مشتاق ڀٽو عثمان ٻيدا، اين ڊي خان، نسيم حيدر، رضا رباني، ايس ايم عمر، حنيف سولجر، قاضي غني، عبدالرحيم بلوچ، منيزه شاڪر، بيگم اين ڊي خان، نورجهان سومرو فريده خانم، مجيب پيرزادو ۽ ٻيا عدالت آڏو جمع ٿيا ۽ مايوس ٿي موٽي ويا.

نيٺ ٢٥ مارچ تي بينظير ڀٽو کي فوجي عدالت ۾ پنهنجو بيان بطور شاهد قلمبند ڪرائڻ لاءِ آندو ويو.

٢٥ مارچ بينظير جو ڏينهن

بينظير ڀٽو جي شاهديءَ وارو ڏينهن چار ساٿي ڪيس جي اسيرن ٻاران جمهوري اڳواڻن کي سياسي ماحول جوڙي ڏيڻ جو عروج ثابت ٿيو. نہ رڳو سياسي اڳواڻ پر عوام جا هينيان طبقا بہ هاڻي محسوس ڪرڻ لڳا هئا تہ برف پگهرڻ شروع ٿي آهي ۽ جلد ئي اها سنڌوءَ جي اجهل ڇولين جو روپ وٺي ويندي.

بينظير ڀٽو سوالن جا جواب ٻن ڏينهن تائين ڏيندي رهي. اهو پورو سچ نہ آهي تہ مس ڀٽو جو بيان ڊگهن جوابن جي ڪري ٻن ڏينهن تائين جاري رکڻ ممڪن ٿيو ۽ ايئن مس ڀٽو اڪيلي سر ڪري سگهي ٻر اهو وڌيڪ سچ آهي تہ اسيرن ۽ مس ڀٽو جي گڏيل خواهش سان ئي ايئن ممڪن ٿيو. فوجي عدالت کي قائل ڪيو ويو تہ بينظير ڀٽو جي شاهدي اسيرن لاءِ بي حد اهم ۽ سندن سياسي مؤقف جي وضاحت لاءِ تمام ضروري هئي.

اسيرن جي مرضي هئي تہ ان کان اڳ جو هن سياسي پليٽ فارم جو ڊراپ سين ٿي وڃي ان کي ڪنهن ريت ڏڱمو ۽ اثرائتو ڪجي. ڪين خبر هئي تہ بينظير ڀٽو کان پوءِ ڪوبہ اهم شاهد نہ بچيو آهي، ان ڪري چام ساقي ڪيس جو آخري منظر سياسي منظر نامي کي جيترو لوڏي سگهي اوترو بهتر! اجرڪ اوڍيل بينظير ڀٽو ڀهرين ڏينهن جيئن ئي عدالت ۾ پهتي، اسيرن عدالت کي گذارش ڪئي تہ عدالت جي ڪارروائي اڌ ڪلاڪ دير سان شروع ڪئي وڃي تہ جيئن جوابدار ۽ بچاءَ جو شاهد سوالن جوابن بابت صلاح ڪري سگهن. عدالت ڪجهہ بحث کان پوءِ درخواست قبول ڪئي. اها وٿي ڪافي هئي جنهن ۾ اسيرن ۽ مس ڀٽو ان تي متفق ٿيا تہ سوال گهٽا پڇيا وڃن ۽ انهن جا جواب تفصيل سان ڏنا وڃن تہ جيئن شاهدي هڪ ڏينهن ۾ مڪمل ٿي نہ سگهي.

هن ڏينهن کي مس ڀٽو ڪيئن ڏٺو محسوس ڪيو ۽ ڇا ڇا سو چيو؟ اهو احوال سندس ڪتاب "پورب جائيءَ" ۾ لکيل آهي. بهتر آهي تہ اسان اخبارن جي انهن رپورٽن تي نظر وجهون، جيڪي راءِ عامہ تيار ڪرڻ جو سبب بڻجي رهيون هيون. (اخبار کان اڳ بي بي سيءَ ڀهرين ڏينهن جي رپورٽ پيش ڪئي). بي بي سيءَ عدالت جي اندروني منظر ڪشي ڪئي ڇاڪاڻ تہ ان جو عيوضي ڪنهن نہ ڪنهن ريت ڪشمير تي واقع اسپورٽس ڪامپليڪس ۾ هلندڙ عدالت جي ان ڪمري ۾ داخل ٿي ويو هو جتي اسير پنهنجن ويجهن مائٽن ۽ دوستن سان موجود هئا. اين هور (Ian Hoare) کي، جيڪو بي بي سيءَ جو عيوضي هو اسيرن پنهنجو پنهنجو پناڻ دوست قرار ڏيئي مائٽن سان گڏ عدالت جي ڪمري ۾ ڪرسي ڏياري ڇڏي هئي، جيڪو هڪ ڪلاڪ تائين ڪمري ۾ موجود هو. پر پوءِ اوچتو عدالت جو در کليو ۽ هڪ شخص ڪرنل عتيق کي ڪن ۾ ڪجهہ چيو جنهن کان پوءِ عدالت ۾ ڦڙڦوٽ پئجي وئي ۽ اين هور کي سڃاڻي عدالت کان ٻاهر ڪڍيو ويو.

اين هور پنهنجي تفصيلي رپورٽ ۾ بي بي سي تان چيو "پاڪستان جي سڀ کان نامور سياسي قيدي مس بينظير ڀٽو ڪراچيءَ جي هڪ خاص فوجي عدالت ۾ صفائيءَ جي شاهد طور پيش ٿي. ڪيس سندس گهر کان

سخت پهري ۾ گاڏيءَ جي ذريعي فوجي عدالت پهچايو ويو ان موقعي تي سخت حفاظتي قدم کنيا ويا هئا. فوجي عدالت ۾ ڇهن ڪميونسٽن جي خلاف مختلف الزامن هيٺ ڪيس هلي رهيو آهي، جن ۾ غداريءَ جو الزام به شامل آهي. عدالت ۾ اخباري رپورٽرن کي وڃڻ جي اجازت نه هئي پر ڪجهه دير لاءِ اخباري فوٽوگرافرن کي تصويرون ڪڍڻ جي اجازت ڏني وئي، جن سان گڏ بي بي سي جو عيوضي اندر هليو ويو. مس بينظير جي آمد وقت غير معمولي قدم کنيا ويا هئا. جيڪي ان ڳالهه جي علامت هئا ته هن کي اجا به فوجي حڪومت لاءِ خطرو سمجهيو ٿي ويو. فوجي عدالت ڏانهن ويندڙ وڏن وڏن رستن تي پوليس مقرر ڪئي وئي هئي. مس بينظير ڀٽو روايتي پاڪستاني لباس ۾ پرسڪون نظر اچي رهي هئي. سندس صحت به نيڪ نظر ٿي آئي. عدالت ۾ مس بينظير ڀٽو چيو ته اهڙي نظام جي تبديلي اٽل آهي، جنهن ۾ قوم کي تڪرار نبيرڻ جا موقعا نه هجن. هن چيو ته مان اهو تسليم نه ٿي ڪريان ته فوجي عدالت کي ڪنهن قسم جا اختيار حاصل آهن. مس ڀٽو کان سپ کان پهرين اهو سوال ڪيو ويو ته سندس ذات ڪهڙي آهي؟ تڏهن هن جواب ۾ چيو "مسلمانن ۾ ذات پات نه هوندي آهي تنهنڪري منهنجي ڪابه ذات نه آهي!" بينظير ڀٽو تي جڏهن عدالت اهو زور پريو ته هوءَ ٻڌائي ته سندس ذات "ڀٽو" آهي. تڏهن هن چيو هو "ڀٽو منهنجو عقيدو آهي ۽ جيڪو به شهيد ڀٽي جي اصولن کان رهنمائي حاصل ڪري ٿو، اهو به 'ڀٽو' آهي". ايراني انقلاب جي باري ۾ سوال تي خيال ظاهر ڪندي بينظير پنهنجي مضمون جو حوالو ڏنو ۽ چيو "پاڪستان جي فوجي حاڪمن کي ڊپ آهي ته انقلاب هيستائين نه پکڙجي وڃي. انقلاب تي ايران جي هڪ هٽي نه آهي. انقلاب جي ضرورت ان محل پوندي آهي جڏهن حالتون تمام خراب هجن، حق حاصل ڪرڻ جا سپ رستا بند ڪيا وڃن ۽ اهڙو انقلاب هر قوم جو حق بڻجي ٿو. ان انقلاب ۾ عوام حڪمرانن جي بدعنوانين جا ڍانچا ڪيرائي ڇڏي ٿو. اهڙو نظام لازمي طرح تباهه ٿئي ٿو جيڪو معاشري کي تڪرار نبيرڻ جا موقعا نٿو ڏي". مس بينظير ڀٽو چيو "راءِ جو اختلاف رکڻ هر شخص جو پيدائشي حق آهي. انساني تهذيب جيتري پراڻي آهي، اختلاف راءِ به اوترو ئي پراڻو آهي. فوجي عدالت کي

جائز اختيار حاصل نہ آهن ۽ اها فيصلا ڪرڻ جو اختيار نٿي رکي". بينظير ڀٽو 'نظريہ پاڪستان' بابت هڪ سوال جي جواب ۾ چيو "پاڪستان جي تخليق بابت تشريح ١٩٧٣ع واري آئين جي پهرين پنجن شقن ۾ موجود آهن، جيڪو ان جي خلاف ڪم ڪندو اهو پاڪستان جي قيام جي خلاف آهي. مملڪت پاڪستان جو مذهب اسلام آهي پر ضرور ناهي تہ هتي رهندڙ هر شخص مسلمان هوندو. اسلام ۾ مارشل لا جي گنجائش بنهہ ناهي. اسلام ۾ راءِ جي اظهار جي آزادي موجود آهي، جڏهن تہ مارشل لا فوجي ڪمانڊرن آڏو جهڪڻ جي دعويٰ ڪري ٿي. مارشل لا جاري رکڻ جو سبب افغانستان آهي، پاڪستان جي حڪومت افغان عوام جي حق خود اختياري جو مطالبو تہ حڪومت ڪري ٿي، جنهن ڪان هن پنهنجي عوام کي پاڻ ئي پري رکيو آهي. ١٩٧٧ع وارين حالتن کي گهرو ويڙهہ جو بنياد سمجهي مارشل لا جو جواز ڀڏايو ويو هو. ان وقت فساد برابر ٿيا هئا پر گهرو ويڙهہ جي صورتحال ڪونہ ٿي هئي. تازو ئي فساد ٿيا آهن پر انهن کي ڪوبہ گهرو ويڙهہ ڪونہ چويا"

ڪيس جي ايندڙ ڳڌجاڻي اڳاري ڏينهن ٢٩ مارچ تي رکي وئي.

ٻئي ڏينهن تي امن اخبار سيني اخبارن تي مجموعي دٻاءُ سبب بينظير ڀٽو جي شاهديءَ وارو هي اهم بيان فقط ٻن ڪالمن ۾ ڇاپيو ۽ عنوان ڏنو تہ "سخت پهري ۾ فوجي عدالت بينظير ڀٽو جو بيان قلمبند ڪيو. ائن ڪلاڪن جي ڪارروائي ڪان پوءِ شنوائي ملتوي ڪئي وئي ... ۽ بي بي سي جي نمائندي کي عدالت جي ڪمري مان ڪڍيو ويو." امن اخبار بہ تقريبا اها ئي روئداد لکي، جيڪا بي بي سي ٻڌائي چڪي هئي. اخبارن بينظير ڀٽو جي آمد جي هڪ هڪ پَل کي قلمبند ڪيو ۽ ٻڌايو تہ هوءَ ڪيڏي محل ٧٠ ڪلفٽن تان نڪتي، ڪهڙي طرح سندس گاڏيءَ جي اڳيان پوليس جيپ ۽ پويان پوليس ٽرڪ هلي رهيا هئا، ڪهڙي طرح ٽريفڪ کي روڪي سندس گاڏي کي تيزيءَ سان منزل تائين پهچايو ويو ۽ پوءِ هوءَ ڪيئن واپس پهتي.

انگريزي اخبار روزاني 'ڊان' خبر ناهي تہ ڇو بينظير ڀٽو جو بيان ڏيڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ عدالت ۾ نڪتل تصوير سان گڏ سنگل ڪالم خبر

جيتري جاءِ ڏيندي عنوان ڏنو "بينظير، چار ساقي ڪيس ۾ شاهدي ڏني." اها تمام مختصر خبر هئي. نواءِ وقت بہ سنگل ڪالم ۾، پر تفصيل سان خبر ڏني ۽ بينظير جي بيان جا چوند حصا شايع ڪيا ۽ عنوان ڏنو "پاڪستان کي نظرياتي مملڪت چئي سگهجي ٿو. بينظير پتو جو چار ساقي ڪيس ۾ بيان." روزانہ انقلاب سنگل ڪالم ۾ مڪمل واقعاتي رپورٽ ڏني ۽ تفصيل سان ٻڌايو تہ ڪهڙا ڪهڙا پ.پ.پ اڳواڻ عدالت ڏانهن وڃڻ لاءِ واجهائيندا رهيا پر ڪين وڃڻ نہ ڏنو ويو. انهن ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي، مولانا احترام الحق، پيار علي الانہ، يوسف ٽالپر، احمد علي سومرو، حنيف سولجر، رحيم بلوچ، سينيٽر عبدالله خان، موسيٰ لاشاري، اين.ڊي خان، حفيظ لاکو، قاضي غني، نسيم حيدر، انصار برني، محمد بخش لاشاري، نثار عثماني، بيگم نورجهان سومرو سميت نالن جي ڊگهي لسٽ آهي. انهن ۾ اڪثريت انهن جي هئي، جيڪي ڪالهہ تائين ڊپ ۾ پرن ۾ لڪل هئا.

جسارت ڊبل ڪالم خبر سان گڏ تصوير بہ ڇاپي ۽ عنوان ڏنو "ماڻهن کي اختلاف راءِ جو حق استعمال ڪرڻ تي سزا نٿي ڏئي سگهجي." هن اخبار تفصيلي خبر ڇاپي. مشرق سنگل ڪالم جي جاءِ ڏني. اسٽار اخبار ٽي ڪالم تصوير ۽ چار ڪالم سرخي سان تفصيلي خبر جي هيڊنگ رکي، "پاڪستان نظرياتي رياست آهي: بينظير" ساڳي طرح ليڊر ۽ حريت بہ سنگل ڪالم خبرون ڇاپيون. ليڊر جي هيڊنگ هئي، "اسلام ۾ مارشل لا جي ڪابہ گنجائش نہ آهي."

بينظير جي شاهديءَ لاءِ پيو ڏينهن ٢٩ مارچ مقرر ٿيو هو پر ان کان اڳ ضياءُ الحق ٢٧ مارچ تي چار ساقي ڪيس ۾ بچاءَ جي شاهدن جي بيانن جو نوٽيس وٺندي هڪ بيان ڏنو ۽ چيو "پاڪستان صرف اسلام جي نالي تي حاصل ڪيو ويو آهي. ان وقت ڪوبہ معاشي نظريو سامهون ڪونہ هو. اسان اسلام تي ڇاهيو ڊرتي نہ!"

جنرل ضياء جي بيان کي عدالت تي اثر انداز ٿيڻ جي ڪوشش قرار ڏيندي بدر ابڙي جي وڪيل شفيع محمديءَ عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي ۽ گذارش ڪئي تہ صدر ضياءُ الحق کي عدالت شاهد جي حيثيت سان طلب ڪري ۽ هن سان گڏ شريف الدين پيرزادي ۽ اي ڪي بروهيءَ کي بہ

شاهد طور گهرايو وڃي ته جيئن انهن تي جرح ڪري سگهجي. عدالت اها درخواست ٢ اپريل تي رد ڪري ڇڏي، ظاهر آهي ته چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ۽ صدر مملڪت کي نوٽيس جاري ڪرڻ جو تصور ڪا فوجي عدالت ڪري ئي نٿي سگهي.

بينظير ڀٽو جي ڀرپور ڏينهن واري شاهديءَ جي رپورٽ غير ملڪي پريس به زوردار نموني ڏني. ٻين اخبارن بابت ته مان ڪجهه چئي نٿو سگهان پر مون کي خليج ٽائمز ۽ دي گارجين جا تراشا مليا. جن ۾ پاڪستان ۾ هلندڙ هن سياسي ڪيس جو پڙاڏو هو.

٢٩ مارچ ١٩٨٣ع تي خليج ٽائمز ايشيا ۽ آفريڪا وارن صفحن ۾ "بينظير عدالت ۾" جي عنوان هيٺ خبر سان گڏ تصويرون به ڇاپيون، جن مان هڪ ۾ هوءَ قيدين ۽ وڪيلن سان گڏ هئي ۽ ٻيءَ ۾ عدالت ۾ شاهديءَ واري ڪرسيءَ تي ويٺل هئي.

گارجين اخبار ٢٨ مارچ واري شماري ۾ ڪراچيءَ مان اين هور (Ian Hoare) جي رپورٽ ڇپي، جنهن جو عنوان ئي هو "پاڪستان ۾ ڪميونسٽن عدالت کي پليٽ فارم ۾ تبديل ڪري ڇڏيو." ۽ پوءِ مکيه هيڊنگ ڏني وئي ته "بينظير ڪيس کي مارشل لا تي حملي لاءِ استعمال ڪيو."

پاڪستاني ۽ انگريز صحافين ۾ اهوئي فرق آهي. اين هور اها ڳالهه محسوس ڪئي ۽ لکي، جيڪا ٻين محسوس ته ڪئي هوندي پر ان کي نظرانداز ڪري ويا هئا. تفصيلي رپورٽ جا ڀريان حصا اجهو هن ريت آهن:

پاڪستان ۾ ڪميونسٽن عدالت کي پليٽ فارم ۾ بدلائي ڇڏيو
بينظير ڪيس کي مارشل لا تي حملي لاءِ استعمال ڪيو

اين هور وٽان ڪراچي مان:

"پاڪستان جي سڀ کان نمايان سياسي قيدياڻي بينظير ڀٽو گذريل چنڇر تي ڊرامائي انداز ۾ منظر عام تي آئي ۽ مارشل لا جي جاري هجڻ تي جامع ۽ بنيادي انقلابي حملو ڪيو."

مس ڀٽو جيڪا گذريل ٻن سالن کان نظربند آهي پاڻ مٿان مڙهيل

سياسي ماٽ کي ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي، ڇاڪاڻ تہ هن کي ڪراچيءَ ۾ قائم هڪ خاص فوجي عدالت ۾ بچاءَ جي شاهد طور طلب ڪيو ويو هو ان ڪيس ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جا ڇهہ ميمبر بغاوت سميت ٻين الزامن کي منهن ڏئي رهيا آهن.

هيءَ ڪيس عدالت ۾ ڊسمبر ١٩٨١ع کان هلندڙ آهي، جنهن کي گذريل سال جوابدارن جي دٻاءَ کان پوءِ "کليل" قرار ڏنو ويو هو. جوابدارن کي ٻري ٿيڻ جي اميد تمام ٿوري هئي، تنهنڪري هنن فيصلو ڪيو تہ ان ڪيس کي سياسي پليٽ فارم طور استعمال ڪجي.

هن کان اڳ بندش پيل پارٽين جا ڪجهہ سياسي اڳواڻ بچاءَ جون شاهديون ڏيئي چڪا آهن، جن جا بيان مختلف اخبارن ۾ رپورٽ ٿي چڪا آهن پر مس ڀٽو جي آمد مهل اهڙا انتظام ڪيل هئا، جن جو اڳ ڪو مثال ڪونہ هو جنهن مان تصديق ٿئي ٿي تہ فوجي حڪومت هن کي اڃا تائين پنهنجي لاءِ سڀ کان وڏو خطرو سمجهي ٿي.

اوستائين پهچندڙ رپورٽرن کي روڊ بند هئڻ ۽ اسپورٽس ڪامپليڪس، جتي عدالت قائم ڪئي وئي هئي، جي سڀني دروازن تي بيٺل پوليس سبب رنڊڪون ٿيون.

مس ڀٽو پرسڪون هئي ۽ سندس صحت سٺي هئي ۽ هن اهڙو مظاهرو ڪيو. جنهن مان ظاهر هو تہ هن پنهنجي ذهانت يا جوشيلي فصاحتي بيان وارين خوبين مان ڪجهہ بہ نہ وڃايو آهي. اها حقيقت تہ هن ڄام ساقيءَ جي بچاءَ ۾ شاهدي ڏيڻ لاءِ راضپو ڏنو خود هڪ اشارو آهي تہ سندس سياست هاڻي ڪابہ پاسي آهي ۽ جڏهن هن ڳالهايو تہ سندس انقلابيت غلطيءَ جوڳي نہ هئي..." (اين هور ان تبصري کان پوءِ بينظير ڀٽو کان پڇيل ڪجهہ سوال ۽ انهن جا جواب مختصر طور بيان ڪيا. اهي جواب اڳ اچي چڪا آهن.)

٢٩ مارچ تي بينظير ڀٽو جا ڏنل بيان ٣٠ مارچ وارين اخبارن ۾ وڏيڪ اهميت سان ڇاپيا ويا. ان ڏينهن تي بينظير ڀٽو چيو هو:

"ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اقتدار هڪدم عوام جي چونڊيل نمائندن جي حوالي ڪيو وڃي. پر، هاڻوڪي حڪومت پاران اڻسڌين چونڊن، سياسي پارٽين جي رجسٽريشن ۽ عام چونڊن کي وري وري ملتوي

ڪرڻ سان ظاهر ٿئي ٿو ته اها اقتدار منتقل ڪرڻ نٿي چاهي. ملڪ مان بيچيني ختم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته سياسي قيدين کي غير مشروط آزاد ڪيو وڃي ۽ سڀ ڪيس سول عدالتن ڏانهن منتقل ڪيا وڃن. نااهلي وارا ٽربيونل ختم ڪرڻا پوندا. ١٩٧٣ع واري آئين هيٺ عدليه جي طاقت بحال ڪرڻي پوندي، سياسي سرگرمين تان پابندي هٽائي وڃي ۽ آزاد چونڊن جي حتمي تاريخ جو اعلان ڪيو وڃي."

مس ڀٽو چيو ته پاڪستان گڏيل قومن جي منشور تي صحيحون ته ڪيون آهن پر ان جي اصول کي آڏو نٿو رکيو وڃي. حڪومت جي پاليسي واضح ناهي. اها ڪنهن وقت چوي ٿي ته ملڪ بفر اسٽيٽ آهي ۽ ڪڏهن ان جي نفي ڪئي وڃي ٿي، اڄڪلهه معاشي حق ڏيارڻ لاءِ ملڪ مان ليڊرشپ ختم ڪئي پئي وڃي. افغانستان جو مسئلو فقط سياسي طور حل ٿي سگهي ٿو. هن هٿياربند فوجن بابت راءِ ڏني ته ان حوالي سان طبقاتي نفرت جهڙي اصطلاح جي تاريخي پهلوءَ جو جائزو وٺڻو پوندو. جيڪڏهن عوام کي ڏيارڻ لاءِ هٿياربند فوج استعمال ڪئي ويندي ته نفرت وڌندي. ١٩٧٣ع جي آئين ۾ بنيادي حقن جي ضمانت ڏنل آهي. جڏهن ته عبوري دستور ان جي نفي ڪري ٿو. ان هيٺ اعليٰ عدالتن جا اختيار ڦريا ويا آهن.

بينظير ڀٽو هڪ هڪ لفظ توري تڪي ڳالهائيندي رهي، "پاڪستان هڪ غريب ملڪ آهي. هتان جو عوام دنيا جو غريب ترين عوام آهي، جڏهن ته هت دنيا جا امير ترين ماڻهو آهن. اهو سڀ خدا جو قانون نه آهي ۽ نه ئي ان کي پاڪستان جو نظريو چئي سگهجي ٿو. چو ته اهو سڀ انسان جي ٺاهيل قانون سان ٿئي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ طبقا جنم وٺن ٿا. ١٩٧٣ع جي آئين ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي ٺهڻ تي ڪا پابندي ناهي. هاڻوڪي حڪومت غير قانوني آهي چو ته ان کي آئيني تحفظ نه آهي. مارشل لا هڪ نظام آهي جيڪو تباهي آڻي ٿو پر هٿياربند فوج هڪ اهڙو ادارو آهي، جنهن جو ڪم ملڪ جي سلامتي قائم رکڻ آهي. اهو ادارو فقط ۽ فقط ملڪي سلامتي قائم رکڻ لاءِ اڇي ٿو ۽ سول حڪومت جي مدد ڪري ٿو. افواج پاڪستان جائز ۽ حلال ادارو آهي جڏهن ته مارشل لا ناجائز نظام آهي."

اخبارن ۾ بينظير ڀٽو جي بيان جا ڀيا بہ ڪيئي تفصيل ڇپيا. بيان صبح جو ١٠ بجي کان شام جو ٥ بجي تائين جاري رهيو هو ان ڏينهن بہ ڪشمير روڊ سڄو ڏينهن ٽريفڪ لاءِ بند رهيو. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ پيار علي الانہ سميت بيشمار اڳواڻ ۽ ڪارڪن فوجي عدالت جي آڏو پهتا هئا پر انهن کي عدالت جي عمارت کان ٢٠٠ فٽ پري رڪيو ويو. هٿيارن سان ليس پوليس اسپورٽس ڪامپليڪس جي عمارت، جنهن ۾ عدالت قائم ڪئي وئي هئي، جي چئني پاسي ۽ مٿي ڇت تي ويهي پهرو ڏيندي رهي.

بينظير ڀٽو جي ان بيان جا پڙاڏا ڪراچي جي سڀني اخبارن ۾ گونجيا. جنگ هيڊنگ ڏني تہ "ملڪ کي نقصان پهچائڻ بنا اقتدار چونڊيل نمائندن کي منتقل ڪيو وڃي ۽ حڪمران سچائيءَ جو مظاهرو ڪن : بينظير" جسارت هيڊنگ هڻئي تہ "پاڪستان جو اصلي مسئلو سياسي نظام آهي. حڪومت اقوام متحده جي منشور تي عمل ڪري: بينظير ڀٽو" نواءِ وقت جي هيڊنگ هئي تہ "عبوري دستور کي آئيني تحفظ نہ آهي فوج کي دفاع لاءِ استعمال ڪيو وڃي. بينظير ڀٽو جو فوجي عدالت ۾ بيان". Dawn هيڊنگ ڏني "اقتدار جي تڪڙي منتقلي جو مطالبو بينظير جي شاهدي" اهڙي طرح اسٽار، انقلاب، ڊيلي نيوز، امن ۽ ٻين پنهنجا پنهنجا عنوان ڏنا.

سچي ڳالهہ اها آهي تہ مس ڀٽو جو بيان دليراڻو هوندي بہ تمام محتاط هو. سنڌس ڀيٽ ۾ مير غوث بخش بزنجي جو بيان نوس هو ۽ ولي خان جو ڪجهہ جارحاڻو. ان سان گڏ چار ساٿي ڪيس جي اسيرن پاڪستاني سياستدانن کي ڏکئي وقت ۾ هڪ تاريخي پليٽ فارم ڏيئي پنهنجو مقصد پورو ڪري ڇڏيو.

بينظير ڀٽو عدالت ۾ جيتري قدر محتاط انداز ۾ لفظ توري تڪي ڳالهايا ۽ پنهنجو واضح سياسي مؤقف پيش ڪري وئي، اها سنڌس ئي خوبي هئي. هن مارشل لا جي سڄي ساري وجود کي چئلينج ۽ رد ڪري ڇڏيو هو پر اهڙي طرح جو سنڌس جوش کي اهڙي ڪا بہ معنيٰ نہ ڏيئي

سگهجي، جيئن حڪومت ڏيڻ چاهيندي هجي. هيءَ بينظير ڀٽو ان بينظير کان گهڻي مختلف هئي، جيڪا ڀٽي صاحب جي حياتيءَ ۾ هئي. اها بينظير ڀٽو جنهن بابت جنرل چشتي جنوريءَ ١٩٧٩ع ۾ هي ڏا ريمارڪ جنرل ضياء کي لکت ۾ ڏنا ته، "بيگم نصرت ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو ٻئي ذوالفقار علي ڀٽي کان وڌيڪ 'متشدد' آهن" مان ائين ڪونه چوندس ته بينظير ڀٽو پنهنجي والد جي ڦاسيءَ جي ڏک کان پوءِ وڌيڪ جوشيلي يا سنجيده ٿي آهي پر ايئن ضرور چوندس ته سندس طبيعت ۾ موجود چڙ گهٽي ڪونه آهي پر هوءَ ان جوش کي عام طور قابو ڪري وٺي ٿي ۽ محتاط آهي.

بينظير ڀٽو جي احتياط جو سڀ کان چٽو مظاهرو خود سندس ان لکت مان ٿئي ٿو، جنهن جو حوالو اڳ به ڏنو ويو آهي. يعني اهو ته جام ساقي ڪيس ۾ بچاءَ جي شاهدي ڏيڻ لاءِ فوجي عدالت جو سمن ملڻ کان پوءِ هن ڇا محسوس ڪيو؟ مثال طور هن لکيو ته "آئون اڳ ڪڏهن به جام ساقي سان ڪونه ملي هيس. حقيقت ۾ هن منهنجي والد جي مخالفت ڪئي هئي ... مون کي حڪومت جي ارادن جي خبر ڪونه هئي ... شايد هنن مون کي ڪميونسٽن جي همدرد ثابت ڪرڻ ٿي گهريو."

بينظير ڀٽو جيڪي لکيو سو سچ هو پر سندس اهي "وضاحتون" بي سبب نه آهن. هن ڏنو پئي ته ڪيس ۾ شاهدي ڏيڻ سان ڪيس پنهنجا سياسي خيال پيش ڪرڻ جو وجهه ملي رهيو آهي پر هوءَ اهو به سوچي رهي هئي ته ڪنهن ڪميونسٽ جي بچاءَ ۾ شاهدي ڏيڻ سان مٿس ڪميونسٽن سان همدردين جو الزام لڳندو. ان ڪري هن وضاحت سان لکيو ته هوءَ جام ساقيءَ سان ڪڏهن به نه ملي هئي، جام ساقي ته ماڳهين ڀٽي صاحب جو به مخالف هو. انهن وضاحتن کان پوءِ هن عدالت ۾ اچڻ لاءِ جيڪو دليل ڏنو اهو هيءُ هو ته هر جوابدار کي ڪليل ۽ آزاد مقدمي جو حق حاصل هئڻ گهرجي. هن چاتو پئي ته هيءُ موقعو وڃائڻ عقلمندي نه هئي. ٻه دليو ٽيڻ سان ويل وقت موٽي نه ٿي سگهيو. ان ڪري هن درست فيصلو ڪيو ته هن موقعي کي تمام احتياط سان استعمال ڪجي ۽ مارشل لا ٿي وڌ ۾ وڌ جلهه ڪجي. اهو ڪم هن ڏاڍي خوبيءَ سان ڪيو. هن جمهوري حقن جي حد تائين

ڪميونسٽ پارٽيءَ کي رعايت ڏني پر هن سڄي بيان ۾ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ نہ چئي، جنهن سان ڪميونزم سان هم خيالي نظر اچي. بهرحال، اها اهم ڳالهہ هئي تہ هن ڪميونسٽن کي جمهوريت جي قافلي ۾ شامل ڪيو يا سمجهيو.

اصل ۾، مارشل لا جي ٻوساٽ وارن ڏينهن ۾ جمهوريت لاءِ جدوجهد يا نظام جي تبديليءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ هڪ ئي ڳالهہ هئي ۽ ٻنهي ڌرين کي ساڳين حالتن ۾ ساڳئي نموني ڪم ڪرڻو پئي پيو. لکي ٿي تہ

”مون کي خبر هئي تہ زير زمين يا ڳجهيءَ طرح ڇپيل شين جو رواج وڌي ويو هو. وڏن شهرن ۾ لڪ ڇپ ۾ فوٽو اسٽيٽ ٿيل مواد ۽ خراب ڇپيل ڪتابڙا پڙهيل لکيل ماڻهن تائين هٿئون هٿ پئي پهتا. ڪن پريسن ۾ هڪ خاص رقم جي عيوض تارچ جي روشنيءَ ۾ ڇپائيءَ جو خفيہ ڪم ٿيندو هو. منهنجي لاءِ اهو ٻهريون وجهہ هو تہ مان پنهنجي پارٽي جي وضاحت ڪيان ۽ مارشل لا کي خوار ڪريان.“

ان زماني ۾ خفيہ ڇپائي ڪا هڪ تنظيم ڪونہ ڪرائي رهي هئي. بينظير ڀٽو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو حوالو ڪونہ ڏنو آهي پر ”مساوات ڪيس“پاڪستان پيپلز پارٽيءَ تي اهڙو ئي ڪيس هو. ان دؤر ۾ فوٽو اسٽيٽ مشينن جو ڪردار ۽ اهميت بہ گهٽي وڌي وئي هئي ڇاڪاڻ تہ پرنٽنگ ۽ سائيڪلو اسٽائيل مشينن تي ”خفيہ اک“ موجود هئي. پاڪستان ۾ سياسي مواد جي پرنٽنگ جي تاريخ جڏهن بہ لکي ويندي، اهو بہ لکيو ويندو تہ ١٩٧٧ع کان پوءِ جمهوريت جي جنگ ۾ سائيڪلو اسٽائيل مشينن کان وڌيڪ فوٽو اسٽيٽ مشينن حصو ورتو.

ٻن ڏينهن ۾ بينظير ڀٽو سان گهڻئي سوال جواب ٿيا. خود سندس نظر ۾ اهي سوال ۽ جواب تمام اهم هئا. اهي حڪومت جي پرڏيهي ۽ داخلا پاليسيءَ تي زبردست حملا هئا. جيئن تہ هي فوجي عدالت ۾ ڏنل ”قانوني“ بيان هو ان ڪري ان جي ورهائڻ تي قانون حرڪت ۾ اچي نٿي سگهيو. بينظير ڀٽو جي ان بيان کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو پاليسي بيان ڪري ورتو ويو. خود مس ڀٽو جي بہ اها مرضي هئي، تنهنڪري ان جون فوٽو ڪاپيون ڪري وڏي پئماني تي ورهايون ويون.

ڇاڻ ساڻي ڪيس هلي پورو ٿيو تہ اوطاقن تائين محدود سياسي سرگرمين ۾ اجلاس شروع ٿي ويا. انهن اجلاسن تي تبصرو ڪندي اسلام آباد مان سياست تي نظر وجهندڙ جنرل عارف لکيو "ايم. آر.ڊيءَ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ کان سواءِ بيون سڀ پارٽيون تمام ننڍڙيون، علائقائي نوعيت جون ۽ وڏين پارٽين مان ٽٽل ڌڙن تي مشتمل هيون. هو پنهنجن نظرين ۾ اختلافن جي باوجود فوجي حڪومت جي خاتمي لاءِ جمع ٿيا هئا. ايم. آر.ڊيءَ کي ذميوار پريس ان جي ڊرائنگ روم گڏجاڻين کي وڏي پئماني تي ڪوريج ڏيئي جيئرو رکيو هو."

ڪراچيءَ ۾ فرقيوار فسادن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. مارچ جي مهيني ۾ ڪراچيءَ ۾ هڪ امام بارگاهہ کي باهہ لڳڻ تي گوڙ ٿيا هئا. شيعہ حضرات وڏو احتجاج ڪيو هو ۽ نيٺ پنهنجون ڳالهيون مڃايون هئائون. بس! ان ڳالهہ تان سني تحريڪن وارا چڙي پيا. هنن شيعن لاءِ سرڪاري رعايتون قبول نہ ڪيون ۽ مطالبو ڪيائون تہ اهي رد ڪيو! منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ سني تحريڪن جو گوڙ لاءِ اٿارڻ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اهم اداري جو هٿ ضرور هو. هوڏانهن، ١١ مارچ تي ڪراچيءَ ۾ جمهوريت پسند عورتن پنهنجن بنيادي انساني حقن لاءِ مظاهرو ڪيو جنهن تي لاٺي چارج بہ ٿي هئي. جنرل صاحب جيڪو اسلام رائج ڪرڻ وارو سلسلو هلايو هو ان موجب عورت جي شاهدي اڌ ماڻهوءَ جيتري رهجي وئي هئي. پنجاب جي ماحول تي نظر وجهڻ سان لڳو ٿي تہ اتي پنجاب جي يونيورسٽين ۾ جمعيت طلبہ اسلام جي چڱي گرفت هئي جيتوڻيڪ اها ڪٿي بہ مڪمل يا سادي اڪثريت حاصل ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نہ هئي.

عورتن جي مظاهري تي لاٺي چارج بعد سرڪار بهادر هميشہ وانگر اعلان ڪيو تہ "واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائبي!" پاڪستان ۾ ايئن ٿي ٿيندو آهي. دنيا تي تاثر اهو تہ عدليہ جي جاچ معنيٰ اڇا ڪارا پڌرا ڪرڻ پر حقيقت اها هوندي آهي تہ عدليہ جي جاچ جو بهانو ڪري معاملي کي اهڙي سرد خاني ۾ اڇلايو ويندو آهي جو اهو ٻيهر ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو! بس، ايترو ٿيندو آهي تہ عوام تڏو تي ويندو آهي ۽ بدمعاش کي بدمعاشي ڦبي

ويندي آهي. هتي، اهو انتظاميہ جو عام گر آهي، جڏهن ڏسندا آهن تہ عوام ڪنهن معاملي ڪي اهڙو وٺي جهليو آهي جو اصل ڪونہ ڇڏيندا ۽ ماڳهي مڇر جي ڪو امن امان جو مسئلو پيدا ڪندا. تڏهن ٻن چئن چڱن مڙسن کي اڳواڻ طور گهرائي ڪين خاطري ڏياريندا آهن بلڪ سندن سامهون حڪم نامو جاري ڪندا آهن تہ واقعي جي عدالتي جاچ هڪدم ڪرائي وڃي ۽ هيترن يا هيترن ڏينهن ۾ رپورٽ پيش ڪئي وڃي! ان کان پوءِ چڱا مڙس پنهنجي گهر هليا ويندا. مظاهرين ڪنهن هوٽل تي ويهي چانهہ پيئندا ۽ انتظاميہ وڃي ٺاهوڪي ننڊ ڪندي.

اهو مارچ جو ئي مهينو هو جڏهن ايم. آر. ڊي پنهنجا مطالبا تيار ڪري رهي هئي. ٢٣ مارچ قومي ڏينهن هو ان ڪري ٢٤ مارچ کي سياسي قيدين جو ڏينهن ڪري ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. غير جانبدار ملڪن جي ڪانفرنس مٿان بيٺي هئي ۽ انهن ۾ فوجي وردي پاتل پاڪستاني اڳواڻ کي جمهوريت جي حوالي سان ڪانہ ڪا ڳالهہ ڪرڻي هئي، جي ڪرڻي نہ هئي تڏهن بہ ڪانئس پڇاڻو ٿيڻو هو. ضياءُ الحق پاڪستان ۾ ابن الوقت قسم جا مولوي جمع ڪري رهيو هو. هو اهو تاثر ڏيئي رهيو هو تہ پاڪستان ۾ اسلامي نظام جي دائري اندر جيڪا جمهوريت ٿي سگهي ٿي، هو ان لاءِ پنهنجي جان جو پورو زور هڻي رهيو آهي. پاڪستان ۾ ان قسم جي مولوين جي اهميت افغانستان جي صورتحال سبب بہ هئي جتي پاڪستان جي باوردي سرڪار آمريڪا جي مفاد ۾ "ڪفر خلاف جهاد" ۾ مصروف هئي. آمريڪا جي پار کان پاڪستان جي فوجي سرڪار لاءِ هر قسم جي امداد جا دروازا هميشہ کان وڌيڪ کليل هئا.

پنجاب جي سياسي صورتحال

انهن ڏينهن ۾ پنجاب جا سياستدان، ڪارڪن ۽ عام ماڻهو ڪيئن سوچي رهيا هئا ۽ ڇا ڪري رهيا هئا؟ رسول بخش پليجو پنهنجي جيل جي ڊائري "ڪوٽ لکپت جو قيدي II " ۾ ڪنهن دوست جي خط جو ذڪر ڪري ٿو جيڪو اردوءَ ۾ لکيل آهي. پليجي صاحب اڪثر جاين تي ڪن

تنظيمن سان ٽيل ڳالهين ٻولين يا ڪن صاحبن سان خيالن جي ڏي، وٺ ۾ ڪافي لِڪ ڪان ڪم ورتو آهي. ممڪن آهي ته ايئن ڪرڻ ضروري هجي پر جڏهن تفصيل بدران اشارن ۾ ڳالهه ٽيل هجي يا فرضي نالا ۽ پارٽيون لڪيل هجن، تڏهن اڪثر معاملا سمجهڻ ڏکيا ٿيو پون ۽ تاثر قائم ٿئي ٿو ته شايد پليجو صاحب ايم. آر. ڊي تحريڪ جي نهڻ واري عمل ۾ ۽ ان کان پوءِ تحريڪ دوران به رهنمائي ڪري نه سگهيو. ٿي سگهي ٿو ته پليجي صاحب پنهنجين لڪٽين ۾ لڪ ڪٽي آهي ۽ آئون ان ڪري هڪ غلط راءِ قائم پيو ڪريان. يقينن هو تحريڪ جي رهنمائي ڪري رهيو هوندو.

پليجي صاحب جنهن خط جو ذڪر ڪيو آهي اهو ڪنهن اهڙي شخص جو لکيل آهي جيڪو "هتان جي شاهي ڏمر جي شڪار همراهن مان هڪ آهي." خط لکندڙ صاحب پليجي صاحب جي حوصلي، سمپ ۽ عزم جو اعتراف ڪندي کيس سنڌي قوم جي نمائندگي ڪندڙ شخص قرار ڏنو ۽ کيس سلام پيش ڪندي لکيو. "پاڻ وٽ پنجابي شاونزم ۽ بالادستيءَ جي خلاف سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جي عوام جي جدوجهد ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هيءَ صدي آزاديءَ جي صدي آهي. اوهان جهڙن ساٿين جو ثابت قدم رهڻ اسان کي حوصلو ۽ جذبو عطا ڪري ٿو. اسان توهان جهڙن انهن ساٿين کان، جيڪي عمل جي ڪري سينيئر آهن، اهو سکيو آهي ۽ سمجهيو به اٿئون ته جيستائين سمورين قومن کي برابريءَ جا حق نه ڏنا ويندا، تيستائين نه ملڪ کي گڏ رکي سگهبو ۽ نه ان ۾ خوشحالي ۽ مضبوطي ايندي. مرڪز تي پنجاب جو غلبو آهي. فوج ۽ نوڪر شاهي پنجاب سان واسطو رکي ٿي، جيستائين ادارن کي توريو نه ويندو تيستائين هڪجهڙائيءَ جا حق ملي نه سگهندا. اها ڳالهه اسين سمجهون ٿا ته پنجاب جو عوام به اُتسڏيءَ طرح هن ڦرلٽ جو ساٿ ڏيئي رهيو آهي پر هنن کي اوندهه ۾ رکيو پيو وڃي. ان جو هڪڙو ڪارڻ اهو به آهي ته پروپيگنڊا جي سخت ڪوٺ آهي ۽ پنجاب جو غريب عوام پاڪستان جي ننڍين قومن جي مسئلن کان بي خبر آهي. اسين انهيءَ نظريي جا شاگرد آهيون ۽ اسان جو تعلق پنجاب سان آهي. پنجاب جيڪا زيادتي ڪري رهيو آهي، ان لاءِ اسان شرمسار آهيون!"

هي هڪ اهڙي پنجابي دانشور جا خيال نظر اچن ٿا جنهن تاريخ کي ڏاڍي غور سان پڙهيو هوندو ۽ جنهن پنجاب جي حاڪم طبقن ۽ بيورو ڪريسيءَ جي سوچ کي ويجهي کان ڏٺو هوندو. افسوس جو پنجاب جي عوامي طبقي جي دانشور کي، جنهن جو ضمير جيئرو هجي، پنهنجي قوم جي حڪمران طبقن پاران معافي گهرڻي پوي ٿي.

رزاق جهرڻا جي ڦاسي

١٠ مئي واري ڏينهن تي لکيل ڊائريءَ ۾ پليجو صاحب وقت جي هڪ ٻئي باغيءَ جو ذڪر ڏاڍي جذباتي انداز ۾ ڪيو آهي. واقعو ئي اهڙو آهي. ان ڏينهن تي فجر مهل ذوالفقار علي ڀٽي جي هڪ شيدائي رزاق جهرنا کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو هو. سندس تعلق ٺٽڪر سان هو. هن چوڌري ظهور الاهيءَ جو خون ڪيو هو جنهن سڄي حياتي ڀٽي صاحب سان دشمني پاڙي هئي ۽ جنرل ضياءُ الحق جو ويجهو ساٿي هو. رزاق جهرنا جنهن ريت ڦاهيءَ جي سزا جو آڌر ڀاءُ ڪيو ايئن ته شايد ڀٽي صاحب به نه ڪيو هو. رزاق جهرنا جي ڦاهيءَ واري منظر نامي ۾ لکيل آهي: "... مون به، نه ته به، گذريل ويهن سالن جي نوڪريءَ ۾ به هزار ماڻهو هٿن سان "روانا" ڪيا هوندا پر واهه ڙي جوان جا پٽڻا رات ساڍي ٽين بجي منهنجي ڊيوٽي هئي. وڃان ته تيار ويٺو آهي. وهنجي سهنجي پيرن ۾ بيڙيون هٽايو ويٺو هو. باقي ڪلاڪ اڌ هو ڪونه چوندو ته هيءَ ماڻهو ڪو "ٻئي طرف" ڏانهن سنيريل آهي! چئو ته ڪو گهوٽ آهي جو ڄڃ سان وڃڻو آهي. پيرن ۾ پيل زنجيرن کي ڇڻڪائي انهن جي ساز تي ڳاياائين پئي،

"هوا لنبي لنبي عمريا ڪو ڇوڙو
پيار ڪر لو گهڙي دو گهڙي!"

پيرن ۾ بيڙيون، هٿ پير ٻڌل، مٿان هٿڪڙيون، اسان (سپاهين) جي گهيري ۾، پر تختي ڏانهن ايئن نعرا هڻندو پئي هليو ڄڻ فاتح پاڻ هو ٻيا سڀ سندس اڳيان هيٺا. ڪنهن کي اک کڻي سندس اکين ۾ نهارڻ جي همت نٿي ٿي. تختي تي بيهي وري به نعرا هنيائين: "... تنظيم زنده آباد!

ذوالفقار پتو زنده آباد. ضياءُ الحق مرده بادا" ڪارو ڪپڙو منهن تي وڌائونس تہ بہ نعرا جاري هئا. شينهن جو ٻچو جنهن شان هتي اسان وٽ آيو ان سان ئي هليو ويو!" ڳالهہ ڪندي سندس (سپاهيءَ جو) گلو ڀرجي آيو. اڪيون آليون ٿي ويس. ٻهريائين سندس مائٽن ماءُ، ڀيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ سڀني کي گرفتار ڪري ڪٽي بند ڪيو ويٺا هئا. اتان کين هتي آڻي آخري ملاقات ڪرائي لاش هٿ ۾ ڏيئي روانو ڪيائون!" جيڪو ڏس تنهن جو ڳالهہ ڪندي گلو ڀرجيو ٿي آيو. هر ڪنهن جي اکين تي آلاڻ هتي جي هزارين قيدين توڙي سپاهين جو هيرو هو. هر ڪنهن کي سندس همٿ ۽ بهادريءَ تي ناز هو ڇڻ تہ هو سندن زندگين جي سمورين بي عزتين، مجبورين، هيٺائين ۽ ذلتن جو جواب هو.

هيءُ نوجوان پڪ سان "الذوالفقار" جو ميمبر هئڻ جي الزام هيٺ قاهي ڪائي ويو هوندو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۽ پنجاب ۾ سياسي مخالفن خاص ڪري پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪن کي هيسائڻ ۽ فوجي عدالتن هٿان مارڻ جو اهوئي رستو هو.

سنڌ ۾ ايم. آر. ڊيءَ جي تحريڪ کي سرگرم ڪرڻ بابت ماٺ ميٺ ۾ رٿابندي ۽ ڊوڙ ڊڪ هلي رهي هئي. هن ڀيري پنجاب جا پيپلز پارٽي وارا اڳواڻ بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ جي موڊ ۾ هئا پر پنجاب وارن جي مشڪل اها آهي تہ ان صوبي وارن کي پنهنجن ئي حڪمران طبقن سان ويڙهہ کان روڪڻ جا ڪافي عنصر موجود رهن ٿا. باوجود ان جي تہ پنجاب جون ٻهراڙيون ۽ عام شهري سنڌ جي عوام وانگر لاوارث آهن پر اتان جي اشرافيہ ۽ سياستدان طبقو مٿين مائٽين سبب ڪنهن نہ ڪنهن ريت "راولپنڊي" جي دٻاءَ ۾ رهي ٿو ۽ خفيہ ادارا کين (ذاتي واسطن ۽ رابطن سبب) اهڙيون اهڙيون خبرون ٻڌائين جو رهنمائن جا حوصلا خطا ٿي وڃن ٿا ۽ هو ان آسري ۾ رهن ٿا تہ پلي حالتون پنهنجو رخ پاڻ طئہ ڪن. ٻين اکرن ۾ پنجاب جو سياستدان G.H.Q ۽ خفيہ ادارن جي دٻاءَ هيٺ اچي وڃ کان وڌ مصلحت پسندي اختيار ڪري ٿو ۽ ٽڪراءَ ۾ اچڻ بدران بهانا ڳولڻ ۾ وڌيڪ مصروف رهي ٿو. اها راءِ بهرحال، سڀني سياستدانن لاءِ ڏيئي نٿي سگهجي چاڪاڻ تہ پنج آڱريون برابر نہ هونديون آهن.

انهن تياريـن بابت پنجاب ۾ خبرن جي صورتحال ڇا هئي؟ ۽ ڪوٽ لکپت ۾ بند رسول بخش پليجو ڇا سوچي رهيو هو؟ ٢٠هين جون تي هو لکي ٿو "ڏسجي ٿو تہ ١٤ آگسٽ تي ماٺهو ڪجهہ ڪرڻ جون تياريون پيا ڪن، وڏيرا حضرات دستوري ڊرامي ۾ مشغول آهن. يعني تي سگهي تہ نالي ماتر ڦٽ ڦٽ بہ نہ ڪجي، پر جي ڪرٽي پوي تہ ان جي پردي هيٺ بيو ڪجهہ بہ نہ ڪجي. ڳالهہ ڪي اتلو تارپيڊوڪجي ۽ اهڙي ريت تحريڪ کي ناڪام ڪري حاڪمن وٽ جن سان ڳجهيون جيءَ جون جڙون آهن، سرخرو ٿجي. بيگم صاحبہ کي چئجي تہ عوام ڪجهہ نٿو ڪري، پٽي صاحب اجايو انهن جي آسري تي لڳي پاڻ کي هلاڪ ڪيو. توهان بہ عوام جو آسرو لاهي هيٺاهين وٺو جيئن آمريڪا بهادر ۽ سندس ڇاڙتا چون تيئن ڪري ملڪ ۽ عوام کي وڪڻي پاڻ عزت ۽ سرخروئي حاصل ڪريو ۽ اسان کي بہ اڳوٺا عيش ڪرايو. بهرحال انهن سازشن مان پس و پيش ڪين ورندو سرندو ڪونہ. پاڻ وڌيڪ اگهاڙا ۽ ڪمزور ٿيندا. عوام جي سندن خلاف نفرت وڌيڪ گهري ۽ مضبوط ٿيندي، عوام پاڻ تي وڌيڪ ڀاڙڻ سکندا!"

پليجي صاحب جو اهو تبصرو ڪافي حد تائين درست هو پر وقت ڇا ثابت ڪيو؟ اهو ان تبصري کان ڪجهہ مختلف تي سگهي ٿو. ساڳي تاريخ تي پليجو صاحب لکي ٿو تہ لاهور ڪورٽ بار جي صدر افضل حيدر ۽ سندس ٻين عهديدارن جي گڏيل پريس ڪانفرنس تي گذري. هاءِ ڪورٽ بار ملڪ جي سمورن اڳواڻن کي بار ۾ اچي ملڪي معاملن تي ويچار ۽ صلاح مصلحت جي دعوت ڏني هئي. هنن نوابزاده نصرالله خان، اصغر خان، بينظير ڀٽو، ميان طفيل، مولانا فضل الرحمان، غوث بخش بزنجي، سي. آر. اسلم، محمود اڇڪزئي، رسول بخش پليجي ۽ ڪجهہ ٻين اڳواڻن کي سڏائڻ جو فيصلو ڪيو هو جيئن تہ پليجو صاحب نظر بند هو ان ڪري بار مطالبو ڪيو هو تہ ڪيس يا تہ بلڪل آزاد ڪيو وڃي يا وري گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو ڏنو وڃي. هيءَ خبر ان ڪري اهم هئي جو پنجاب جا وڪيل ان ريت پنجاب ۾ سياسي فضا کي تيز ڪري سگهيا ٿي.

مارشل لا سرڪار ايم. آر. ڊي جا رهنما ۽ روايتي مصلحت پسند طبقا ڇا ڇا ڪري سگهيا ٿي؟ اهي سوال هر سياسي ذهن ۾ گردش ڪري رهيا هئا

۽ مختلف قسم جا خدشا ذهنن ۾ اڀري رهيا هئا. پليجو صاحب ٧ جولاءِ تي سوچي رهيو هو "ايندڙ مهيني ضياء کي پنهنجو ڏانچو ظاهر ڪرڻو آهي. ڇا هوندو؟ عوام جي حقن، آزاديءَ ۽ مفادن خلاف سازش جون اهي ساڳيون پراڻيون ڪوڙ ڪيون هونديون. بهرحال هڪڙو ٻر ڇڏي ٻئي ۾ داخل ٿيڻو پوندو، جدوجهد جاري رهي ته هي دور پس و پيش پاڪستان جي عوام کي سجاڳ ڪرڻ ۾ تاريخي رول ادا ڪري سگهي ٿو. مذهب جي آڙ ۾ صدين کان ٿيندڙ مڪر ۽ ڏاڍايون جيترو هن دور ۾ بي نقاب ٿي سگهن ٿيون ۽ ٿين پيون اوترو اڳ هن ملڪ ۾ ڪونه ٿي سگهيون آهن. هي دور مذهب جي نالي جو ناجائز طبقاتي ۽ قومي مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ تلوار طور ڪم آندو پيو وڃي، ان تلوار کي مڏو ۽ نڪمو ڪري سگهي ٿو باقي وٽن رهندو ڇا؟"

ساڳئي ڏينهن تي پنجاب ۾ راؤ رشيد، شيخ رفيق، ضياء ٻٽ وغيره جي نظر بندين جا اطلاع پهتا. غالبا کين M P O ۾ گرفتار ڪيو ويو هو. کين پڻ ڪوٽ لکپت ۾ رکيو ويو پر پليجي صاحب کان الڳ. ١٢ جولاءِ تي رمضان جي عيد هئي. ان ڏينهن به ڪيس پنجاب جي سياسي قيدين سان ملڻ نه ڏنو ويو. جيتوڻيڪ اها روايت آهي ته ان ڏينهن تي عام قيدي ڦاهي گهاٽ ۾ بند قيدين سان به ملي سگهندا آهن. ٥ جولاءِ تي به ڪي هلڪا ڦلڪا سياسي قيدي گرفتار ٿيا هئا. تن کي عيد کان هڪ ڏينهن اڳ ڇڏيو ويو پر راؤ رشيد، شيخ رفيق ۽ حامد سرفراز (تحريڪ استقلال) کي نه ڇڏيو ويو پر توقع هئي ته اهي به جلد ئي آزاد ٿي ويندا.

١٤ آگسٽ جو ميدان اچا پري پيو هو پر رسول بخش پليجو جيڪو پاڻ کي جنگي حڪمت عملي جو ماهر ڄاڻائيندو آهي ۽ شايد هو انهن ٿورن سنڌي سياسي دانشورن مان آهي جيڪي ڄاڻن ٿا ته جنگ ڪيئن وڙهجي ۽ ڪهڙا نتيجا ڪهڙين صورتن ۾ حاصل ڪري سگهجن ٿا؟ ڪوٽ لکپت ۾ بي وسيءَ وچان سوچيندو نظر اچي ٿو. ١٤ آگسٽ جا آثار تمام خراب ٿا ڏسجن ڏڍير ڏڍير ماڻهن جا نالا پيا پڙهجن. چئي، 'هي اوهان کي نئون آئين ڏيندا!' حالتون بدستور پيچيدين ۽ ڏکيون آهن. پر ڳچ عرصي جي حساب سان ملڪ جي طبقاتي طاقت جو توازن آهستي آهستي عوام دشمن قوتن جي خلاف ٿي رهيو آهي ۽ اچا به ٿيندو رهندو. وقت لڳندو

پر دشمن جي شڪست يقيني آهي. جيئن جيئن جدوجهد ۾ ڏيگهه، تيئن تيئن ملڪ جو عوام وڌيڪ تجربيڪار، ذهني طرح وڌيڪ صاف ۽ وڌيڪ محڪم ارادي وارو ٿيندو ۽ لڙائيءَ جا نوان نوان گر ۽ چالون سکندو ويندو. هن ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ جو فيصلو پڌري پٽ عوام دشمنن جي خلاف ويندو. رڳو سنڌي ادب کي ڏسجي ته به اها ڳالهه صاف پئي نظر اچي. پنج ڇهه سال اڳ واويلائي ملڪ کي وڻ ويڙهيءَ وانگر وڪوڙي ويا هئا، جنهن کي ڏسو پيڙائي گند مٿي تي رکيو وينو هوڪا ڏي، هاڻي ڳالهه ڪجهه ٻي آهي. وري ون يونٽ واري سجاڳ ادب جي خوشبوءَ اچڻ لڳي آهي. پيڙائي پنڪين جو دور چڙهي موڪلائي ويو. سياست ۾ به ايئن ئي آهي. هينئر سموري ملڪ جا جمهوريت پسند ڪيئي خيالن ۾ همخيال آهن. ڪوڙن سچن جي پرک ٿي رهي آهي، جيئن اجا اڳتي هلبو تيئن وڌيڪ ٿيندي ماضيءَ جي ڪن چڳن ڪمن جي آڙ ۾ سهڻن نعرن جي ويس ۾ جمهوري جدوجهد سان غداري ڪري لانگ بوٽ چٽڻ وارا وڌيڪ پڌرا ۽ اگهاڙا ٿيندا هلندا."

١٧ جولاءِ جي اخبار مان ڪجهه هيڊنگس ملڪ جي تازه ترين صورتحال جو عڪس پيش ڪن ٿيون:

"سردار قيوم حڪومت ۽ سياستدانن ۾ مفاهمت ڪرائيندو. رٽيل سياسي ڊانچي بابت سياسي اڳواڻن جي راءِ حاصل ڪئي پئي وڃي. وفاقي ۽ صوبائي وزارتون جلد توڙيون وينديون. ... يوم سياهه جي ڪري ئي حڪومت سياسي ڊانچو ڏيڻ تي مجبور ٿي آهي: ڪنور قطب الدين. نوراني ميان جي نالي سان نوابزاده نصرالله جو خاص پيغام".

"آئون ملڪ جي ڪنهن به حصي ۾ وڃڻ جو اختيار رکان ٿو. شير باز مزاريءَ پنهنجي نظربنديءَ جي خلاف رٽ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏي".

"نامزد حڪومت ۾ ڪوبه عهدو قبول ڪرڻ وارن جي پارٽي ميمبر شپ از خود ختم ٿي ويندي، چيئرمين جي غير حاضريءَ ۾ اسٽيئرنگ ڪميشن کي فيصلي جو اختيار ڪونهي، ڪارڪن مايوس آهن: ممتاز ڀٽو".

"سياسي جماعتن جي نمائندن تي مشتمل سياسي حڪومت جي قيام

جو امڪان: صدر ضياءُ الحق، "ان حڪومت جو غير فوجي صدر هوندو. سياسي حڪومت چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪندي" هن خبر جي آخري حصي ۾ لکيل آهي ته "انهن حلقن موجب ان تجويز هيٺ غلام مصطفيٰ جتوئي وزير اعظم جي حيثيت ۾ قسم کڻندو."

"آمريڪي سفير جي غلام محمد بلور سان ملاقات. اهو سفير سري لنڪا ۾ آمريڪا جو سفير آهي."

(مٿيون خبرون ڪوٽ لکپت جو قيدي II تان اتاريون ويون آهن. جيڪي پليجي صاحب جي نظر ۾ ان ڏينهن جون خاص ۽ حڪومت جون "دستوري آفيمي خبرون" آهن. جيڪي هٿ وٺي ڇپايون ويون هونديون ته جيئن ماڻهن کي جدوجهد جي ضرورت ۽ ان لاءِ تياريءَ کان غافل ڪري سگهجي).

انهن خبرن مان ايترو اندازو ضرور ٿئي ٿو ته هڪ طرف ايم. آر.ڊي ۾ شامل ڌريون تيارين ۾ مصروف هيون. ٻئي طرف انهن ۾ اندروني تضاد ۽ سوچن ۾ فرق موجود هئا. ٽئين طرف ضياءُ الحق جي پروپيگنڊا مشينري عجيب مونجهارا پکيڙڻ ۾ مصروف هئي. گڏوگڏ مڪاني ادارن جو شوشو ڇڏيو ويو هو جيڪو ايم. آر. ڊي جي ننڍين وڏن وڏيرن لاءِ زبردست امتحان بڻجي ويو هو. ڪي وڏيرا پاڻ کي مڪاني ادارن لاءِ چونڊرائڻ ۾ دلچسپي وٺي رهيا هئا پر سندن آڏو پنهنجي پارٽيءَ جو ڊسيپلين اچي رهيو هو. ان صورت ۾ ڪين پارٽيءَ جي عهدي تان هٿ کڻي پنهنجو سياسي مستقبل داءَ تي هڻڻو ٿي پيو. جنرل ضياءُ جي اها ئي چال خطرناڪ هئي، جنهن سان هن پارٽين ۾ ڏار وجهڻ ۽ سندن قوت ڀڃڻ جي رٿ رٿي هئي. ان امتحان مان نڪرڻ جو وڏيرن وٽ فقط هڪ رستو هو. هنن پنهنجين پارٽين تي دٻاءُ وجهڻ شروع ڪيو هو ته ڪين مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ڏني وڃي.

وڏيرڪي سياست پنهنجن ننڍڙن مفادن لاءِ هڪ وڏي جمهوري تحريڪ کي ڪمزور ڪندي نظر پئي آئي. ان صورتحال تي پليجي صاحب لکيو "اخبارن ۾ بلدياتي چونڊن جي سلسلي ۾ ايم. آر. ڊي جي اندر هڪٻئي خلاف بيان بازي ٿي رهي آهي. ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي؟ حڪومت جا ارادا خطرناڪ آهن جي هي پاڻ ۾ وڙهي پيا ته قصو ڳتڙ ٿي ويندو. پي. پي. پيءَ

جي وڏيرڪي ليبر شپ پٽي جو خون وڪٽي بلديات ۾ اچڻ گهري ٿي. ويچارا شمادت جو چيڪ ڪيش ڪرائڻ لاءِ مريو ٿا وڃن. مڙسي ڪري ھھڙو مور مڙس ڪمايو اٿن. ايتري جا بہ حقدار نہ ٿيا ڇا؟ ڇون ٿا تہ ۵ جولاءِ تي بہ اھو لڏو سڄي پاڪستان ۾ لڪو ويٺو ھو. سندن ڏوھہ ڪونھي، ميمبرن ۽ ڪرنلن جي خاڪ شوري ۽ ان جي زور تي عوام کي ٿاپڻ کان فرصت ملين تہ ٻئي پاسي ڌيان ڏيئي سگهن. ٻئي ڪندي اھو ڪم آھي بہ سياسي هارين نارين ۽ ڪاسبين يعني ڪارڪنن جو. ھي سياسي زمينداريءَ جا مالڪ آھن. اھي پاڻ تہ ڪونہ وڃي سياسي ڪاڙهن ۾ ڪڙهندا ۽ جدوجھد جون لنڊيون لتاڙيندا. اھي تہ سياسي ٻنئيءَ وقت ايندا. ان وقت ڦري چست ۽ چالاڪ ٿي ويندا. وڻ گهوڙو ٻڌڻ ڪونہ ڏيندا، مالڪ ٿاپي ماريندا.“

رٽائرڊ جنرل فيض علي چشتي زبان کولي ٿو

١٩ جولاءِ ١٩٨٣ع تي رٽائرڊ جنرل فيض علي چشتيءَ راولپنڊي فلائنگ ڪلب ۾ حڪومت جي خلاف زوردار پريس ڪانفرنس ڪئي. ھو مارچ ١٩٨٠ع ۾ فوج تان رٽائر ٿيو ھو ۽ جنرل ضياء سان مختلف اھم وزارتن ۾ رھيو ھو. ڪيس انتخابي سيل جو انچارج بہ بنايو ويو ھو. جنھن تان نيٺ جنرل ضياء جي قلابازين سبب کيس استعيفيٰ ڏيڻي پئي ھئي. ھاڻي جڏھن ملڪي صورتحال ١۴ آگسٽ ١٩٨٣ع واري تحريڪ طرف وڌي رھي ھئي، چوطرف وڏي بي چيني ھئي، رٽائرڊ جنرل چشتيءَ پنھنجي پريس ڪانفرنس لاءِ ٽل ٻڌندي چيو ”آئون ھن وقت ملڪ جي عام شھريءَ وانگر پاڪستان جي استحڪام تي نظر رکي ويٺو آھيان. اڄ آئون بہ پنھنجا خيال، جيئن بہ آھن، ھاڻوڪي صورتحال بابت ظاھر ڪرڻ چاھيان ٿو. ڇو تہ چيو پيو وڃي تہ ١۴ آگسٽ ١٩٨٣ع تي يا ان کان اڳ ملڪ جو سربراھہ اھم ۽ سنگين فيصلا ڪرڻ وارو آھي.

رٽائرڊ جنرل وقت جي چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي سوچن جي ابتڙ وڏي ھمت سان سچ ڳالھائڻ شروع ڪري ٿو ”مون ھميشہ ذھني ديانت جي تلقين ڪئي آھي ۽ ان تي وس آھر عمل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي آھي. مون نہ فقط مارشل لا سرڪار کي پر ان کان اڳوڻي حڪومت کي بہ

ڪنهن تعصب، خوف يا رک رڪاءُ کان سواءِ پنهنجي خلوص سان ۽ صحيح راءِ ڏني آهي وفاقي وزير ۽ ٻيا عملدار جن وقت بہ وقت منهنجون ڳالهيون ٻڌيون آهن. اهي منهنجي ان دعوا جي تصديق ڪندا. جيڪڏهن هنن ۾ اخلاقي جرئت آهي، پر مون کي خبر آهي تہ انهن مان اڪثريت ان گڻ کان محروم آهي."

چشتيءَ چيو "منهنجو ويساهہ آهي تہ قائد اعظم کان پوءِ پاڪستان جي سربراهن ذهني بد ديانتيءَ تي ٻڌل فيصلا ڪيا آهن. اهي سربراهہ چاهي سويلين هئا يا فوجي. بد ديانت فيصلا ارادي طور بہ ڪيا ويا ۽ غير ارادي طور بہ. ارادي طور ان صورت ۾ جڏهن سربراهہ ڪرسيءَ سان چنبڙيل رهڻ چاهيندو هجي ۽ غير ارادي طور ان وقت جڏهن سندس ساٿين ڪيس بد ديانتيءَ وارا تجزيا پيش ڪيا.

... اهو تجزيو ان ڪري بديانت ٿيندو آهي جو عام لاڙو اهو ٿي آهي تہ آفيسرن جو راضپو حاصل ڪيو وڃي ۽ اها راءِ ڏني وڃي، جيڪا کين پسند هجي يا جيڪا هنن لاءِ مؤزون هجي. هينيون عملو يا ادارا عام طور تي سچ جو اظهار ڪندا آهن پر ڳالهہ جيئن جيئن مٿي ويندي آهي، اها مسخ ٿيندي ويندي آهي ۽ ان جي غلط معنيٰ ڪڍي ويندي آهي. جنهن بابت رپورٽ ويندي آهي تہ "سخت ڪم چور" آهي مٿي پهچندي اهو "سخت محنتي" بڻجي ويندو آهي. ان ڪري فيصلا غلط بلڪ بد ديانت تي ويندا آهن. ان لاءِ بہ مثال ڪافي ٿيندا:

(١) جنرل (بعد ۾ فيلڊ مارشل) محمد ايوب خان جي ڪمانڊر انچيف جي حيثيت سان عهدي ۾ توسيع. هن کي ١٩٥١ع ۾ ڪمانڊر انچيف بڻايو ويو هو. ڪيس پنهنجي عهدي جو مدو پورو ٿيڻ تي ١٩٥٤ع ڌاري رٽائر ڪري ڇڏڻ کپندو هو پر ائين نہ ڪيو ويو ۽ هن حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو. آئون هتي ان بابت ڪجهہ بہ نٿو چوان تہ ڪيس ڪمانڊر انچيف ڪرڻ وارو فيصلو درست يا بديانت تي ٻڌل هو.

(٢) اوڀر پاڪستان ۾ فوجي ڪارروائيءَ جو فيصلو ڪرڻ کان اڳ هڪ سادو حساب ڪرڻ ضروري هو. اهو هي تہ صورتحال کي قابو ڪرڻ لاءِ ڪيترا ماڻهو مارڻا پوندا؟ (جڏهن مارڻ وارا اوڀر پاڪستان ۾ اولهہ

پاڪستاني هجن ۽ جن کي مارڻو هو اهي سڀ اوپر پاڪستاني هجن.
جڏهن توهان فقط هڪ ماڻهو ماريو ٿا تہ آلجبرا جي جدولن موجب مارجي ويل ماڻهن جي نسبت اٽڪت ٿي وڃي ٿي) جيڪڏهن توهان ان تي غور ڪيو تہ نتيجو اهو نڪرندو تہ مسئلي جو حل سياسي نڪرڻ گهرجي.
جڏهن مون سي ايم. ايل. اي جي آڏو پاڪستاني فوج جي تحقيق ۽ ترقيءَ جي ڊائريڪٽر جي حيثيت سان اها تشريح پيش ڪئي تہ مون کي جيڪو جواب مليو اهو هن وقت آئون توهان کي ڪونہ ٻڌائيندس."

جنرل چشتيءَ جو هي سچو بيان اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو فوج جي اندر جي ماڻهوءَ جي زبان سان خود مارشل لا وارن جي پاليسين تي تنقيد ۽ خدشن کي ظاهر ڪندڙ هو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ عين ان وقت جڏهن ان جي ضرورت هئي. سو چشتيءَ جو سچو بيان پڙهڻ ضروري آهي. هن چيو "اڄ پاڪستان ڏاڍي نازڪ صورتحال مان پيو لنگهي. ذهني بدديانتيءَ تي ٻڌل فيصلن سان غير متوقع نتيجا نڪرندا." "نظريہ ضرورت" جنهن تحت ١٩٧٧ع ۾ مارشل لا جي نفاذ جو جواز هو عرصو ٿيو جو ختم ٿي چڪو آهي. حڪومت کي هاڻي ان تي نہ ڀاڙڻ گهرجي. ان کي کپي تہ ١٩٧٣ع وارو دستور بحال ۽ نافذ ڪري ۽ عوام جي چونڊيل نمائندن کي پر امن طور اقتدار ڏيئي ڇڏي پاڪستان جي عوام ۽ هٿياربند فوجن ۾ دوستاڻا ناتا ۽ رابطا برقرار رکڻ لاءِ بہ قدم کڻڻ گهرجن...

... مون کي پختو يقين آهي تہ سڄي قوم کي حالتن جي نزاڪت جو احساس آهي. ماڻهو قومي سالميت استحڪام ۽ ملڪ جي خوشحاليءَ لاءِ دعائون گهري رهيا آهن. هو ١٩٧٣ع واري دستور تحت جمهوريت جي بحالي گهرن ٿا. مستقبل جا ڪهڙا بہ منصوبا ڇو نہ هجن، چاهي اهي اقتصادي شعبي ۾ هجن يا سياسي شعبي ۾ هجن، ان مهل تائين ڪامياب ۽ نتيجو ڏيندڙ نٿا ٿي سگهن جيسين عوام کي انهن جي تياري ۽ تڪميل ۾ يا عزت طور شامل نہ ڪيو وڃي ۽ رٿائن جي تڪميل جي ذميواريءَ ۾ پاڻ کي شريڪ نٿا سمجهن. اهو ان وقت ئي ممڪن آهي جڏهن عوام طاقت سان نہ پر ووٽ سان پنهنجن حاڪمن کي چونڊڻ يا رد ڪرڻ جو اختيار رکندو هجي. رٿائن جي تشڪيل ۽ تعمير مرڪزي ۽ صوبائي اسيمبلين جي

چونڊيل عيوضين جي ذريعي هٿڻ گهرجي. ان ۾ وڏيڪ دير پوڻ سان معاملا اجا بہ منجهي پوندا ۽ ناخوشگوار نتيجا نڪرندا ...

... مارشل لا کي جاري رکڻ لاءِ احتساب, معاشي استحڪام, امن امان جي بحالي ۽ چونڊن جي مثبت نتيجن جهڙن نعرن جو سهارو ورتو پيو وڃي پر نتيجا ابتا نڪتا آهن. جن ماڻهن جو احتساب ٿيڻ گهرجي انهن کي اعزاز پيا ملن, عزت بحال ڪئي پئي وڃي ۽ اهي حاڪم آهن. معيشت خراب ٿي چڪي آهي. ان تي قرضن جو ڳرو وزن ۽ مهانگائي وڌي وئي آهي. امن امان جو اندازو اخبارن مان هٽي سگهجي ٿو. ڏوهن جي رپورٽن جا ڍڳ لڳي ويا آهن, بدعنواني, رشوت, حادثا ۽ جعلسازيءَ جا معاملا وڌي ويا آهن. معاشرتي خرابيون رڳن ۾ گهڙي ويون آهن, تعصب ۽ علائقائي سوچ غالب ٿيندي پئي وڃي, جيڪا قومي سالميت لاءِ نقصانڪار آهي. قبيلا, مذهبي فرقا ۽ معاشي گروهہ هڪبئي سان وڙهي پيا آهن, جنهن سان ملڪ جا بنياد ڪمزور پيا ٿين. بي روزگاري وڌندي پئي وڃي. مهانگائيءَ پگهاردار طبقي جي حالت خراب ڪري ڇڏي آهي. قوم کي اڄ اهي حق بہ حاصل ڪونہ آهن جيڪي کين آزاديءَ وقت ١٩٤٧ع ۾ ورثي ۾ مليا هئا.“

جنرل رٽائرڊ فيض علي چشتيءَ جا حڪومت تي نشتر اجا جاري هئا. هو چئي رهيو ”گذريل ڇهن سالن جي عرصي ۾ اسلام نافذ ڪرڻ جي نالي ۾ ماڻهن کي سندن بنيادي حقن کان محروم ڪيو ويو آهي. P C O جي نفاذ کان پوءِ مارشل لا جو هر حڪم اسلامي اصولن جي نفي ڪري ٿو ۽ خدا جي بندن جي حقن جو ڪو بہ وجود ڪونهي, مارشل لا جي حڪمن آڏو ڪجهہ ڪجي ڪونہ ٿو سگهجي. اسلام جي روشنيءَ ۾ انهن حڪمن تي تبصرو بہ نٿو ڪري سگهي جيتوڻيڪ اسلام جي مطابق مارشل لا پاڻ غير اسلامي آهي. توهان ماڻهن کي ڪيئن ٿا يقين ڏياري سگهو تہ مارشل لا اسلامي نظام نافذ ڪري سگهي ٿو جڏهن تہ اها پاڻ بنيادي ۽ انساني حق بہ نٿي ڏئي. ڪابہ قوم اسلام مان فائدو نٿي ڪٺي سگهي جيستائين ان کي انساني حقن, انصاف, عمل جي آزادي ۽ تحرير ۽ تقرير جي آزادي جهڙا بنيادي حق مليل نہ هجن! اجا بہ وقت آهي جو اسلامي نظام جي نفاذ جو استحصال ختم ڪيو وڃي ۽ بنيادي انساني حق بحال ڪيا وڃن...

... آئون سيني سياسي جماعتن کي درخواست ٿو ڪريان تہ هو هڪٻئي جي ماضيءَ جي غلطين کي وساري ڇڏين. ڪين مخالفن ۽ مخالف جماعتن سان گڏجي رهڻ جو سبق سکڻ گهرجي. ڪين هڪٻئي جي ڪردار ڪشي کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ ڪلئي عام گند نہ اڇلائڻ کپي. اختلاف راءِ کي دشمني نہ بڻايو وڃي پر دوستاڻي واٽ سان طئہ ڪرڻ گهرجي. مارشل لا ۽ سيني سياسي جماعتن کي گڏجي پنهنجا اختلاف دور ڪرڻ گهرجن ۽ عمل جوڳو حل تلاش ڪرڻ گهرجي...

... ان سان گڏوگڏ هٿياربند فوجن ۽ پاڪستان جي عوام جي گڏيل رابطن کي سنئون ۽ مستحڪم ڪرڻ گهرجي. بد اعتمادي دور ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ کپن. ملڪ جي اثرائتي دفاع لاءِ هٿياربند فوج کي قوم جي مڪمل پشت پناهيءَ جي سدائين ضرورت هوندي آهي. ڪين اها ملڻ کپي. ان کي پاڪستان جي دفاع جي علامت ٿيڻ گهرجي ۽ سندن سلوڪ غير جانبدار هئڻ کپي. هنن جو صرف هڪڙو ڪردار آهي اهو ڪردار سياسي نہ، فوجي آهي ۽ اهو آهي پاڪستان جو دفاع. هٿياربند فوج ... ان وقت ڪارگر ۽ باصلاحيت ٿي سگهي ٿي جڏهن اها سپاهہ گيريءَ ۾ مصروف هجي، مارشل لا جا فرض ادا ڪرڻ ۾ نہ.

... سياستدان اسان جي ملڪ جو قيمتي اثاثو آهن پر هو ان وقت تائين ڪجهہ بہ حاصل ڪري نٿا سگهن جيستائين سندن خيالن جي عزت ۽ احترام نٿو ٿئي. حڪومت تي تنقيد سندن حق ٿي نہ پر هنن جو بنيادي انساني حق ۽ سياسي فرض آهي. سندن آواز کي دٻائڻ نہ گهرجي ... الله ڪندو تہ جلد ئي انصاف ٿيندو سياسي قيدي آزاد ٿيندا. پريس آزاد ٿيندي عدليہ آزاد ٿيندي جلد ئي حڪومت. چيف جسٽس ۽ قائم مقام چيف جسٽس جي فرق کي محسوس ڪيو ويندو. خلق جا حق بحال ٿيندا ۽ ماڻهو حقيقي اسلامي زندگي گذاري سگهندا. جيڪا هن وقت دنيا جي ۴۳ ملڪن ۾ ناپيد آهي. اهو سڀ تڏهن ٿيندو جڏهن ذهني بد ديانتيءَ تي ٻڌل فيصلا ٿيڻ بند ٿيندا.“

هي هئا رٽائرڊ جنرل چشتيءَ جا خيال، جنهن سياستدانن جي دلين کي وڏو ڌڪ ڏنو. پر ياد رهي تہ هي اهوئي جنرل چشتي هو جنهن مسٽر ذوالفقار

علي پٽي تي هلندڙ قصوري ڪيس جي امڪاني فيصلن بابت هڪ رپورٽ تيار ڪري جنرل ضياء تي واضح ڪيو هو تہ "جيڪڏهن پٽي صاحب کي ڪيس مان آزاد ڪيو ٿو وڃي تہ هو عوام جي وڏي حصي کي پنهنجي پويان ڪٺي سنگين بحران پيدا ڪري سگهي ٿو. ان سان (جنرل ضياءُ الحق جو اعلان ڪيل) چونڊن واري عمل ۾ ڏاڍي رنڊڪ پوندي... احتساب جي عمل جي حصي طور پٽي صاحب تي ٻين بدعنوانين جي بنياد تي ڪيس ضرور هلڻ گهرجن، صرف قصوري قتل جو ڪيس غير اخلاقي معلوم ٿيندو." ٻين لفظن ۾ جنرل صاحب پنهنجي چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر کي اها صلاح ڏني هئي تہ پٽي صاحب کي ڪانہ ڪا سزا ضرور ملڻ گهرجي ۽ ڪيس آزاد نہ ٿيڻ کپي.

ايم. آر.ڊي سان تعلق رکندڙ سياستدانن کي چشتي صاحب جي پريس ڪانفرنس ڏاڍو حوصلو ڏنو جو سمجهيائون پئي تہ نيٺ جنرل چشتي بہ فوج ۾ پنهنجي لابي رکندڙ طاقتور جنرل رهيو آهي.

بلدياتي چونڊون، شوشا ۽ ذهني مانڌاڻ

جنهن ڏينهن تي جنرل فيض علي چشتيءَ جي پريس ڪانفرنس ڇپي، ان ئي ڏينهن تي اها بہ خبر ڇپي تہ ايم. آر. ڊي جي مرڪزي گڏجاڻيءَ ۾ عوامي تحريڪ جي اڳواڻ فاضل راهو کي بہ شريڪ ڪيو ويو هو جنهن مان اهو اشارو واضح ٿيو تہ هاڻي عوامي تحريڪ بہ ايم. آر. ڊي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي.

ساڳئي وقت بلدياتي چونڊن جي حوالي سان پڻ سياستدانن ۾ ڪافي همخيالي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي هئي. شير محمد مريءَ چيو "حڪومت ٽوٽي سياسي پارٽيون، ملا شاهي مذهبي نظام جون هڪبئي کان وڌيڪ علمبردار آهن ان ڪري اهي مارشل لا کي ڊيگهہ ڏين ٿيون." ٻئي پاسي خبر آئي تہ شير باز مزاريءَ کي ملتان ۾ قيد ڪيو ويو هو.

هوريان هوريان سياسي پارٽين جو موقف بلدياتي چونڊن بابت واضح ٿيندو پئي ويو. ٢٦ جولاءِ تائين پهتل خبرن موجب جمعيت علماء اسلام عبيدالله انور گروپ سان ڳالهيون ڪري ايم. آر. ڊي ۾ حصو وٺڻ شروع

ڪيو. تحريڪ استقلال پڻ موٽ ڪائي ايم. آر. ڊي ۾ باقاعدي شرڪت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ٢٣ جولاءِ تي ايم. آر. ڊيءَ ۾ شامل سيني ڌرين گڏيل فيصلو ڪيو هو تہ مڪاني چونڊن ۾ حصو نہ ورتو ويندو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي بہ ان جي مخالفت نہ ڪندي. فاروق لغاريءَ چيو "اسان جو فيصلو اٽل آهي، حڪومت ان کي بدلائڻ گهري ٿي پر اسان اصل نہ مڃينداسين" پر بلدياتي چونڊن بابت پاڪستان پيپلز پارٽي پچاڙيءَ تائين وڏي مونجهاري ۾ رهي. سبب فقط اهو هو تہ ان ۾ وڏيرن جو تعداد نيڪ ناڪ هو.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ انهن وڏيرن جو دليل هو تہ جيڪڏهن مڪاني چونڊن ۾ جنرل ضياء کي ميدان کليل ڏبو تہ پوءِ مڪاني سطح تي رڳو ضيائي وڏيرا اچي ويندا ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ وارا سياسي عمل ۾ بي ڪردار ٿي ويندا. دليل تہ سوچ جي تابع هوندو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا وڏيرا اندر ئي اندر اهو سوچي رهيا هئا تہ جيڪڏهن ڪين ملڪي ۽ صوبائي سطح تي حڪومت نٿي ملي تہ نہ ملي، گهٽ ۾ گهٽ بلدياتي معتبري تہ حاصل ٿئي.

نيٺ، جولاءِ جي پچاڙيءَ ۾ خبر آئي تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اسٽيئرنگ ڪميٽيءَ بلدياتي چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو فيصلو قائم رکيو آهي. هڪ اخباري رپورٽ ۾ چيو ويو تہ بيگم نصرت ڀٽو صاحبہ کين خط لکي بلدياتي چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ پنهنجي راءِ ڏني هئي ۽ فيصلو مٿن ڇڏيو هو. پارٽيءَ جي اسٽيئرنگ ڪميٽيءَ ۾ غالبا ٻارنهن ڄڻا هئا جن مان فاروق لغاريءَ، ٽڪا خان، رانا شوڪت، محمود، مخدوم خليق الزمان ۽ آفتاب شيرپاؤ جي راءِ ابتڙ هئي.

پارٽيءَ جي ان فيصلي ايم. آر. ڊي ۾ ڪجهہ بد دلي ۽ بي اعتمادي بہ پيدا ڪئي. تحريڪ استقلال ايم. آر. ڊيءَ ۾ موٽي تہ آئي پر اعتراضن تي اعتراض وارينديرهي. هڪ موقعي تي تہ چٽي ڏناٿون ايم. آر. ڊيءَ جي تنظيم جو ڪو ضرور ئي ڪونهي. شير باز مزاري وري خار ۾ بيان ڏنو، "بلدياتي چونڊن بابت فيصلو نہ مڃڻ ڪري پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي ايم. آر. ڊيءَ مان ڪڍيو ويو آهي." جنرل ضياء جو مڪاني چونڊن وارو شوشو واقعي سنڌائتا ڌڪ هڻڻ لڳو هو. نيٺ، جڏهن غلام مصطفيٰ جتوئيءَ

ڪراچيءَ ۾ رهبر ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ چيو تہ بلدياتي چونڊون ڊونگ آهن تڏهن وچي ايم. آر. ڊيءَ جا ٻيا ميمبر بلدياتي چونڊن واري شرط تي مانا ٿيا.

ان وچ ۾ دولتانہ صاحب لنڊن ۾ ڳالهيون هلائي رهيو هو. ڳالهيون ڇا هونديون هرڪو ڇنل ڪارتوس پاڻ کي ڪارگر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هو. البت مسٽر ممتاز ڀٽي جولاءِ جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ اهڙو بيان ڏنو جنهن مان ظاهر هو تہ هن کي ايم. آر. ڊي اندر اهڙن ماڻهن جي موجودگيءَ جو شڪ هو جيڪي سندس خيال ۾ ڀٽي صاحب جي قاسي ۾ ملوث هئا. پر، هن غلام مصطفيٰ جتوئيءَ سان اختلاف نہ هجڻ جي ڳالهہ ڪئي. جيڪڏهن هو جتوئي صاحب سان اختلاف جو کلئي عام اظهار ڪري وجهي ها تہ شايد پاڪستان پيپلز پارٽي اجا ڪمزور ٿئي ها.

هوڏانهن، جماعت اسلاميءَ جي طفيل محمد هڪ نئون شوشو ڇڏيو "حڪومت ۽ سياستدانن کي گول ميز ڪانفرنس ڪرڻ گهرجي." جماعت اسلامي جي هن اڳواڻ جي جنرل ضياء سان ڪا ويجهي مائٽي بہ هئي تہ ذهني هڪجهڙائي بہ. جماعت اسلامي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان دشمنيءَ سبب ايم. آر. ڊي جي ويجهو بہ ڪونہ آئي، اها ئي صورتحال پير صاحب پاڳاري جي مسلم ليگ بابت بہ چئي سگهجي ٿي. اهي ٻئي ڌريون شروع کان جوڙ توڙ جون قائل ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کان تمام پري رهنديون آيون آهن. ياد رهي تہ "قومي اتحاد" واري نون پارٽين جي اتحاد ۾ جماعت اسلامي، پير صاحب جي مسلم ليگ، اصغر خان، اين. ڊي. پي، نوابزادي نصرالله جي پارٽيءَ، جميعت علماء اسلام ۽ جمعيت علماء پاڪستان تمام سرگرم هيون.

آگسٽ : سياسي چُرپر ۾ تيزي

جيئن ئي آگسٽ جو مهينو شروع ٿيو ايم. آر. ڊيءَ جون سرگرميون تيز ۽ انڊر گرائونڊ تي ويندڙ نظر اچڻ لڳيون. سياستدانن جي چرپر ڏاڍي محتاط هئي پر ڪين ڏاڍي تيزيءَ سان رابطا ڪرڻا هئا ۽ ايم آر ڊيءَ کي

تنظيمي صورت ڏيڻي هئي. ان دوران گرفتارين جا سلسلا بہ شروع ٿي ويا. جيئن اڪثر حالتن ۾ ڪنهن تحريڪ کان اڳ ۾ ٿيندو آهي. انهن گرفتارين جي ضرورت هوندي ته ڪونہ هئي جو ايم. آر. ڊي جي صاحبن جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ وڌ ۾ وڌ گرفتاريون ڏيڻي جيل ڀرڻ واري حڪمت عملي ٺاهي هئي، جنهن سان سنجيده طبقا بنهہ متفق ڪونہ هئا ڇاڪاڻ تہ تجربيڪار ليڊر ۽ ڪيڊر جي گرفتار ٿيڻ کان پوءِ تحريڪ کي اڳتي ڪير وڌائي ها؟ ان هوندي بہ سرڪار احتياط طور ڪجهہ گرفتاريون اڳواٽ ڪيون.

اين. ڊي. پي پنجاب جو فاروق قريشي ۽ هڪ ٻيو همراهہ گرفتار ٿي ڪوٽ لکپت پهتا. خواجہ خيرالدين ليگ جي جنرل سيڪريٽري ملڪ قاسم کي ۱۴ آگسٽ تي 'مڇ' ويڙهو ۽ اتي هڪ مهينو رهڻو هو. ۹ آگسٽ تي ايم. آر. ڊيءَ جي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ فاضل راهو بہ شامل هو. ساڳئي اجلاس ۾ ٻن پارٽين مبصر جي حيثيت ۾ شرڪت ڪئي. پي. اين. پي جي طرفان مير غوث بخش بزنجو يوسف مستي خان، شاهہ محمد شاهہ ۽ عوامي تحريڪ جي پاران فاضل راهو. ساڳئي وقت پهريون ڀيرو اها بہ وضاحت آئي تہ عوامي تحريڪ ايم. آر. ڊي جي مڪمل ميمبر جي حيثيت ۾ شريڪ ٿيندي هن ريت پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي بہ ايم. آر. ڊي ۾ اڻ سڌيءَ طرح شريڪ ٿي وئي هئي ڇاڪاڻ جو اها پي اين. پي جي اندروني ڍانچي ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ريت موجود هئي. پي. اين. پي ۾ ان وقت ڪميونسٽ پارٽيءَ جي نمائندگي ڊاڪٽر اعزاز نذير (مرحوم) ڪري رهيو هو.

هاڻي ۱۴ آگسٽ صفا سر تي سوار هئي ۽ عوام سان گڏ سياسي قيادتن ۽ خود حڪومت جو اعصابي سرشتو ڇڪجي ويو هو. ان دوران بہ ڪي سنهيون ٿلهيون اهم سرگرميون جاري رهيون پر پاڻ هڪ دفعو ٻيهر انهن ڏينهن ڏانهن موٽي ٿا هلون جڏهن ايم آر ڊي ٺاهڻ جون ڪوششون اڃا هلي رهيون. هي ۸۱-۱۹۸۰ع جا ڏينهن هئا ۽ پريس تي مارشل لا جون پابنديون سخت کان سخت هيون. حڪومت ۽ ان جا جاسوسي ادارا اهم سياسي اڳواڻن تي عقابي اکيون رکي ويٺا هئا.

مارچ ١٩٨٣ کان پوءِ

اسان ذڪر ڪري آيا آهيون تہ جڏهن، اجا ايم. آر. ڊي جي تحريڪ شروع ڪونہ ٿي هئي، ان وقت سنڌ جي جيلن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽيهہ کن قيدي هئا. ٻيا اهي قيدي هئا جن کي الذوالفقار جي نالي ۾ قيد ڪري سرسري ۽ خاص فوجي عدالتن ۾ ڪيس هلايا پئي ويا. ان خوف جي ماحول ۾ اڪثر وڏا وڪيل مارشل لا جي خوف کان فوجي عدالتن جا ڪيس کڻڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. اسان فقط يوسف لغاري ۽ شفيع محمدي ايڊووڪيٽ کي (جيڪو پوءِ شريعت ڪورٽ جو جج ٿيو) فوجي عدالتن ۾ سياسي ڪيس وڙهندي ڏٺو. ٻيا وڪيل بئريسٽر ودود (مرحوم) امجد علي ايڊووڪيٽ (مرحوم) رشيد رضوي (جيڪو پوءِ هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيو) ۽ مسٽر اختر حسين ايڊووڪيٽ هئا جن سياسي ڪيسن جي توري گهٽي پيروي پئي ڪئي. البت عدالت جي حقن لاءِ جمهوريت جي تحريڪ ۾ ڪافي سارا وڪيل گرفتار ٿيا، صحافين بہ جدا تحريڪن ۾ جيل ڀريا هئا. عوامي تحريڪ جو جناب رسول بخش پليجو انهن ڏينهن ۾ ڪوٽ لکپت جو قيدي هو ۽ عوامي تحريڪ جي عملي قيادت جناب فاضل راهوءَ جي هٿن ۾ هئي. جيلن ۾ سنڌ هاري ڪميٽي، ايس. اين. ايس. ايف (پوءِ ڊي ايس. ايف)، پاڪستان پيپلز پارٽي جا (جامع ڪلاٿ بس ڪيس واقعي وارا) نوجوان ۽ پي ايس ايف سميت جيئي سنڌ جا بہ ڪجهہ ڪارڪن موجود هئا پر افسوس تہ جيئي سنڌ سان تعلق رکندڙ انهن مان اڪثر نوجوانن تي ٻنهہ ڪرمنل چارجز هيون ۽ هونئن بہ هو جيلن ۾ پاڻ کي ايم آر ڊي يا ٻين تحريڪن جي ڪارڪنن کان پاسيرو رکي رهيا هئا.

انهن ئي ڏينهن ۾ پنجاب جو بدنام زمانہ شاهي قلعو ٽارچر ڪئمپ بڻيل هو. هتي سنڌ ۽ پنجاب جا اڪثر سياسي قيدي جيڪي گهڻو ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ڪابي ڏر سان تعلق رکندڙ هئا انٽيروگيشن لاءِ رکيا ويندا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ انساني حقن لاءِ ڪم ڪندڙ عالمي ادارو ايمنسٽي انٽرنيشنل ڪافي سرگرميءَ سان پاڪستان مان رپورٽون حاصل ڪندو هو جيڪي وقت بہ وقت شايع ڪري پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾

ورهايون ويڌيون هيون. اهي ئي رپورٽون جنرل ضياء ڏانهن بہ تشويش جي اظهار طور اماڻيون ويڌيون هيون. ايمنسٽي انٽرنيشنل وارا ان وقت لڳ ڀڳ هر سياسي قيديءَ کي "ضمير جو قيدي" قرار ڏيئي ڪين تسلين جا خط اماڻي رهيا هئا. هن اداري وٽ ڪنهن قيدي کي "ضمير جو قيدي" قرار ڏيڻ جا ڪي اصول آهن. هو انهن قيدين تي لڳل الزامن جي لسٽ ڏسن ٿا ۽ اها خاطري ڪن ٿا تہ هنن دهشت گردي ڪونہ ڪئي آهي يا سندن جدوجهد ۾ هٿيار استعمال نہ ٿيو آهي بلڪہ هو سڌا سنوان نظرياتي مخالفت جو شڪار ٿيا آهن.

عالمي سطح تي ايمنسٽي انٽرنيشنل سميت انساني حقن سان تعلق رکندڙ ٻيون تنظيمون بہ هميشہ وانگر سرگرم هيون پر مارشل لا نڪ جي پڪائي سان راڄ ڪري رهي هئي. تنظيمن جون رپورٽون شايع ٿي رهيون هيون ۽ هو سياسي قيدين ڏانهن همدرديءَ ۽ آٿت جا خط اماڻي رهيا هئا. اهي خط اڪثر ڪري جيل انتظاميائون لڪائي ڇڏينديون هيون. ڪو ٽِڙيو ٽاٻڙيو خط پهچي ويو تہ پهتو نہ تہ خير! هڪ آمريڪي خاتون ڪيٿي مرڪن جو خط مون کي بہ ڪراچي سينٽرل جيل ۾ مليو هو. جنهن ۾ هن خواهش ظاهر ڪئي هئي تہ "مون کي انصاف ۽ آزادي پلئہ پونديا" سياسي قيدي اهڙن دلاسن ۾ بہ اميد جا ڪرڻا ڳوليندا آهن ۽ سوچيندا آهن تہ اسان اڪيلا ناهيون، ملڪي ۽ عالمي سطح تي ڪي ماڻهو اسان جي مالڪي ڪري رهيا آهن.

اپريل جي مهيني ۾ ايران ۽ عراق جي جنگ جا شعلا تيز ٿي ويا، ١٠ اپريل تي ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي جا سوين ماڻهو مارڻ جي دعوي ڪئي. ان جنگ جو سيڪ پاڪستان تائين پهيو. ١١ اپريل تي ڪراچي سينٽرل جنگ ۾ سؤ سوا قيدي پهتا. ڪراچيءَ ۾ شيعہ- سني جهيڙو ٿي پيو هو. خبر ناهي تہ اهو سچ پچ ايران- عراق جنگ جو سيڪ هو يا حڪومت پاڪستان سياسي ٻوساٽ سبب پيدا ٿيل بي چينيءَ کي مذهبي ٽڪراءُ طرف موڙي سياسي ڌارا جو رخ ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. شيعہ- سني ٽڪراءُ ڪافي ڏينهن کان هلندڙ هو ٻنهي ڌرين جا لاتعداد ماڻهو مري چڪا هئا ۽ سرڪار هر هڪ مرندڙ ماڻهو لاءِ ٢٠ هزار رپين جو اگهہ مقرر

ڪري ڇڏيو هو. جيڪو بہ فرد شيعہ- سني فساد ۾ مريو، هن جو وارث ٢٠ هزار رپيا معاوضو سرڪار کان وٺي وڃي.

باقي ملڪ ۾ بہ گهڻو ڪجهہ ٿي رهيو هو ١٤ ۽ ١٥ اپريل جي وچ واري رات جو ڪراچي سينٽرل جيل ۾ اها فيڪٽري جتي "قيد بامشقت" ورتي ويندي آهي، اتي، ٺيڪ ان جاءِ تي جتي روزانو قيدين کي قرآن شريف جو درس ڏنو ويندو هو هڪ ٽڪٽڪي کوڙي وئي هئي تہ جيئن گرفتار ٿيل "مذهبي وڳوڙين" کي ڦٽڪا هنيا وڃن.

١٥ اپريل تي جمعي جو ڏينهن هو. مولوي صاحبن لاءِ احتجاج جو سٺو موقعو هو. منجهند جو ٢ وڳي ڌاري ڪراچي شهر ۾ وري وڳوڙ ٿيو. چڱي خاصي ڳوڙها گئس استعمال ٿي. جيل جي ويجهو بہ وڳوڙ ٿيو هو. گئس جي اثر ڪري قيدين جا منهن سڙي رهيا هئا ۽ هو ڳوڙها روڪي ڪونہ سگهيا هئا.

جيل ۾ "مذهبي وڳوڙين" کي ١٥ يا شايد ١٦ اپريل تي هڪ سختگير ميجر جي روبرو زوردار ڦٽڪا لڳا. انهن ۾ ١٠-١٠ ۽ ١٢-١٢ سالن جا ٻار بہ هئا. ڦٽڪا ايترا زوردار هنيا ويا جو خود سپاهين جي هٿن مان رت وهي پيو هو. ٻارڙن جون دانهون پئي پيون. نيٺ جيل جي سپرنٽينڊنٽ قاضي صاحب کي رحم اچي ويو. هن واسطيدار برگيڊيئر کي فون تي چيو "آئون ڦٽڪن جي ذريعي موت جي ذميواري نٿو کڻي سگهان" بعد ۾ هن اهو لکڻ برگيڊيئر ڏانهن ڏياري اماڻيو جنهن جا ٻئي ڇيڙا قيدين ۽ سپاهين جي رت سان ڳاڙها ٿي ويا هئا.

١٩ اپريل تي شهر اداس هو يا اسان اداس هئاسون. اها اداسي محض اداسي ڪونہ هئي. چوطرف هڪ وڏو تاهہ محسوس ٿي رهيو هو. حڪومت جي سخت گرفت، تبديليءَ جي خواهش ۽ ايم. آر. ڊي قيادت مان نااميدي بہ ٿي اهڙا عنصر هئا، جنهن سڄي ملڪ جي چٽڪ هڪ وڏي قيدخاني ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو. جيل ۾ ڦٽڪن جي سزا ١٩٧٨ع کان پوءِ روز جو معمول ٿي چڪي هئي.

١٧ اپريل ١٩٨٣ع تي ئي فجر مهل جيل جي حدن ۾ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي گهر تي ڪلاشنڪوف سان فائرنگ ۾ ٽرانسفارمر کي گوليون لڳيون ۽ سڄو علائقو ٽرانسفارمر جي ڌماڪي سان گونجي اٿيو. گوليون، جيل جي

مٿان ٽانڊڻ وانگر اڏامي رهيون هيون. ساڳئي ڏينهن ٽي خبر آئي ته ڦٽڪا هڻڻ لاءِ مقرر ٽيل هڪ سپاهي پرويز خان قتل ٿي ويو. هو ڦٽڪا هڻڻ مهل قيدين جي سٿرن تان کل اڊيڙي ڇڏيندو هو. ڊيٽيءَ جي گهر تي هليل گوليون ۽ پرويز خان جي قتل جو سبب جيل ۾ ظلم هو. شايد ڪجهه قيدين آزاد ٿيڻ کان پوءِ بدلو ورتو هو.

اخبارن تي سينسرشپ تمام سخت هئي، بي بي سي ماٺ هئي پر اسان محسوس ڪري پيا سگهون ته ڪراچي شهر، جنهن کي پاڪستان جي اقتصادي شهه رڳ جي حيثيت حاصل آهي، ۾ سانت نه آهي ۽ ڪجهه نه ڪجهه ٿيڻ وارو آهي، ايم. آر. ڊي جا ليڊر ”گم“ هئا. ڪو آمريڪا ۾ علاج پيو ڪرائي ته ڪو فرانس ۽ انگلينڊ ۾، ڪي وري ڳوٺ ۾ آرام ڪري رهيا هئا. ماڻهن ۾ اهو تاثر پڪڙجي چڪو هو ته ايم. آر. ڊي جي قيادت ڪنهن به قيمت تي ڪابه تحريڪ هلائڻ لاءِ تيار نه آهي. يا ته هنن کي عوام تي ڀروسو نه آهي يا پنهنجي قيادت تي ڀروسو ڪونه هئن يا وري آمريڪي اشاري جي انتظار ۾ هئا. پر آمريڪا سگنل ڪيئن ڏئي؟ پاڪستان جي فوج، جنرل ضياءُ الحق جي قيادت ۾ آمريڪا پاران افغانستان ۾ سوويت يونين جي خلاف جنگ ۾ مددگار هئي. اها ٻي ڳالهه هئي ته ملڪ جون اندروني حالتون انتشار ۽ ملڪي قيادت کان بيزاريءَ جي حد تي پهچي چڪيون هيون.

حالتون گنڀير ٿينديون پئي ويون. ماڻهو ڇڙوڇڙ ٿي پنهنجي منهن وڙهي رهيا هئا. ڪڏهن شاگرد، ڪڏهن وڪيل، ڪڏهن ٽرانسپورٽر، ڪڏهن ڊاڪٽر، ڪڏهن ماڻهن جا جذبا مذهبي رنگ ۾ اٿلي ٿي پيا. اپريل جي وچ ڌاري بمن جا ڌماڪا، فائرنگ ۽ ڳوڙها گئس زور جو معمول بڻجي پيا هئا. پر ڪوبه چئي نٿي سگهيو ته اهو ”عوام“ جو رد عمل هو يا ايجنسيون ايم. آر. ڊي واري اتحاد کي هيسائڻ ۽ وٺ پڪڙ لاءِ بهانا گهڙي رهيون هيون. ايم. آر. ڊي جي قيادت غالبا ان ئي خوف کان ”گم“ هئي.

پاڪستان ۾ ڪميونسٽ پارٽي سميت ٻيون ليفٽسٽ پارٽيون خاموشيءَ سان ايم. آر. ڊي جي حمايت ڪري رهيون هيون پر ٢ مئي ١٩٨٣ع تي ايران مان آيل هڪ خبر سيني کي اداس ۽ مايوس ڪري وڌو هو. تودهه پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل نورالدين ڪيانوري ٽيليويزن تي

عوام جي آڏو اقرار ڪيو هو تہ هو "غدار" آهي. هن پارٽي کي "انقلابي" ڪونہ چيو هو. ايراني ڪميونسٽن ايران جي شهنشاهہ رضا شاهہ پهلويءَ جي خلاف انقلاب ۾ مذهبي علماء سان گڏجي جيڪا جدوجهد ڪئي هئي، ان کان تہ خود ايران جا عالم سڳورا بہ انڪار نٿي ڪري سگهيا. پر وقت وقت جي ڳالهہ آهي، هنن پهرين ڪميونسٽن سان گڏجي شهنشاهہ کي ڪڍيو ۽ پوءِ ڪميونسٽن جي خلاف وٺ پڪڙ ڪئي. (جلد ئي ڪيانوريءَ کي گوليون هڻي ماريو ويو ۽ ايران مان ليفٽسٽن پاڄ ڪاڍي). ان تجربي جي روشنيءَ ۾ پاڪستان جا ليفٽسٽ اهو ضرور سوچي رهيا هئا تہ ايم. آر. ڊي جنهن ۾ مذهبي جماعتون بہ شامل آهن، سياڻي ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ ڪاپي ڏر سان ڪو تعاون وارو هٿ ڪونہ وڌائيندين. پر، اها سندن تاريخي مجبوري هئي تہ مارشل لا کي هٽائڻ لاءِ هو جمهوريت پسند ۽ اعتدال پسند مولوي صاحبن جو ساٿ ڏين. سختگير جماعت اسلامي تہ هونئن ئي ايم. آر. ڊي کان ٻاهر هئي.

ايران مان توده پارٽيءَ جي ڪارڪنن پاڄ ڪاڍي تہ انهن مان ڪي پاڪستان جي حدن مان گرفتار ٿي ڪراچي سينٽرل جيل پهتا. انهن مان ٻين جا نالا تہ مون کي ياد نہ آهن پر هڪ نوجوان جو نالو ڪوروش هو. ڪوروش ڪبير ۴۶۰ قبل مسيح ۾ ايران جي پهرين شهنشاهہ جو نالو هو جنهن عرصي جي بنياد تي ايران جي آخري بادشاهہ رضا شاهہ پهلوي ايراني شهنشاهيت جي قيام جو اڍائي هزار سالہ جشن ملهايو هو. هنن ايرانين پاڪستان کان سياسي پناهہ پئي گهري، "اسان کي پاڪستان ۾ پناهہ ڏيو اسان هتي ڊاڪٽري پڙهڻ ٿا چاهيون يا وري اسان کي ڇڏيو تہ اسان يورپ هليا وڃون ۽ اتي وڃي قسمت آزمائي ڪيون!"

ايرانين جو سلسلو پنهنجي جاءِ تي، اپريل مهيني جي پڇاڙيءَ ڌاري ٿي چار عرب اچي جيل ۾ پيا. هنن تي ڪوبہ ڪرمنل الزام ڪونہ هو. سندن تعلق پي. ايل. او سان هو. هئا تہ سيئي نوجوان پر انهن مان هڪ کان سواءِ ٻين دل لاهي وڌي هئي يا شايد ناٽڪ ٿي ڪيائون تہ اسان "سياسي" ڪونہ آهيون. مون ۽ سهيل سانگيءَ جميل جيلر کي منٿ ميڙ ڪري هنن فلسطيني نوجوانن کي "چڪر" وارڊ مان ڪڍائي پنهنجي وارڊ ۾ جدا ڪولي

وٺائي ڏني. هنن سان ڏاڍيون سٺيون ڪچهريون ٿيون. "حسام" سنجيدو ۽ بردبار نوجوان هو. پي. ايل. او جي سيني گروهن مان هنن يارن جو تعلق ياسر عرفات گروهه سان هو. سوشلزم گهٽ، فلسطين گهڻو!

سندن ڳالهين مان محسوس ٿي رهيو هو ته سندن سيني گروهن ۾ اسان وانگر هڪٻئي سان شديد اختلاف آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته حسام اها ڳالهه ورجائي چوندو هو ته "جيستائين ڪميونسٽن سان اتحاد نه ڪبو تيستائين فلسطين جي آزاديءَ جو ڪوبه امڪان ڪونه آهي. آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڇا ٿيندو ۽ اسان جو معاشي پروگرام ڇا ٿيندو؟ ان بابت اسان هن وقت ڪجهه به نٿا سوچيون!" حسام وڏي حد تائين درست پئي ڳالهايو. في الحال سندن ايجنڊا "آزادي" هئي، ان ۾ جتان جتان جيڪو سهڪاري ٿي سگهيو ٿي، هنن ان سان اتحاد پئي ڪيو.

هي هڙئي فلسطيني ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پروگريسو اتحاد جي حمايت ۽ جماعت اسلاميءَ جي شاگردن جي چغلخوريءَ جي نتيجي ۾ هٿي پهتا هئا. ڇئي "پاڪستان ۾ پڙهڻ ڪونه آيا آهن ترقي پسندن کي سياسي مدد ڏيا ڪن!" سرڪار کين واپس اردن موڪلڻ پئي چاهيو پر هو اوڏانهن وڃڻ لاءِ تيار نه هئا.

بهتر آهي ته اسان سياست ڇڏي ڏيون : نواب زادو نصرالله

جيتوڻيڪ سياسي ماحول مان برفاٽو جمود ختم ٿي چڪو هو ته به ماحول ڪنهن تحريڪ جو رخ وٺڻ کان قاصر هو. نوابزادو ان صورتحال کان به عاجز اچي ويو. نيٺ زين العابدين جي نالي هڪ خط لکي ايم. آر. ڊي ڏانهن اماڻيائين، جيڪو ايم. آر. ڊي جي مرڪزي ڪميٽيءَ ۾ پڙهيو ويو. ان خط ۾ نوابزدي صاحب ايم. آر. ڊي جي قيادت کي زوردار اکرن ۾ چيو ته "پنهنجو پاڻ کي منظم ڪيو ۽ تحريڪ هلايو!" آخر ۾ اهو به چيو ويو ته "جيڪڏهن اسان کي اها ئي سياست ڪرڻي آهي ته پوءِ بهتر آهي ته اسان سياست ڇڏي ڏيون."

هن خط اثر ڪيو. بيگم صاحبه، غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ شير باز مزاريءَ خط جي هدايتن کي اهميت جي نظر سان ڏٺو. جڏهن ڳالهين جو دور

هليو تہ بيگم پتو چيو "اچوڪي گڏجاڻيءَ ۾ ڪونہ ڪو نوس ڪم ڪري اٿنداسين." سو هن گڏجاڻي ۾ تحريڪ هلائڻ جي تاريخ ۽ طريقہ ڪار طئہ ڪرڻ لاءِ هڪ جدا ڪميٽي ناهي وئي. جنهن کي پوءِ "پاڪستان بچايو ڪميٽي" جو نالو ڏنو ويو. ان ڪميٽيءَ جو چيئرمن سردار شيرباز خان مزاريءَ کي مقرر ڪيو ويو. ان ئي گڏجاڻيءَ ۾ يا شايد بي گڏجاڻي ۾ انور عباس نقويءَ جي تجويز تي ايم. آر. ڊي جي مرڪزي ڪميٽيءَ لاءِ جنرل سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري ۽ صوبن جا سيڪريٽري جنرل مقرر ڪيا ويا. ان تجويز تي نفيس صديقي ۽ منير شاهہ لاتعلق رهيا.

اين. ڊي. پي جو چوڻ هو تہ مستقل ڍانچو رکڻ نيڪ نہ آهي پر جيڪڏهن تنظيم اتفاق راءِ سان نهي رهي آهي تہ ان ۾ حصو وٺي سگھجي ٿو. ان ريت تنظيمي ڍانچي جي تشڪيل مهل معراج محمد خان تجويز ڪيو تہ بيگم پتو کي ايم. آر. ڊي جي صدارت ڏني وڃي پر مولانا محمد شاهہ امروٽي مائيٽي لهجي ۾ مخالفت ڪئي، "اسان جي جماعت عورت جي سربراهيءَ جي مخالف آهي." ان موقعي تي جڏهن بحث وڌيو تڏهن فيصلو ڪيو ويو تہ ان عهدي کي في الحال خالي ڇڏيو وڃي. بيگم پتو سيڪريٽري جنرل لاءِ خواجہ خيرالدين جو نالو تجويز ڪيو. معراج محمد خان ۽ فتحياب علي خان بہ تائيد ڪئي، جنهن کان پوءِ خواجہ صاحب کي هڪ سال لاءِ سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو.

ايم. آر. ڊي جو صوبائي ڪنوينشن

وڏي ڏي وٺ ۽ جاکوڙ کان پوءِ نيٺ ١٠ جون ١٩٨٣ع تي ايم. آر. ڊي جو سنڌ سطح تي ڪنوينشن ڪيو ويو. اها ڏيڍ سال پراڻي تجويز هئي، جنهن تي هاڻي عمل ٿي رهيو هو. هن ڪنوينشن جو بندوبست جمعيت علماء اسلام ڪراچيءَ جي هڪ ديني اداري "دارالعلوم جامعہ ربانيہ" ۾ ڪيو هو. شايد ان ڪري تہ ايم. آر. ڊي ۾ شامل اڪثر پارٽين جون صوبائي توڙي مرڪزي آفيسون ڪراچيءَ ۾ هيون ۽ جيڪڏهن هتي ڪو اجلاس ڪيو ٿي ويو تہ ڪراچي پريس ان کي مناسب ڪوريج ڏيئي پئي سگھي.

اصل ڳالهہ هئي بہ اها تہ هن محل تائين ايم. آر. ڊي فقط بحث مباحثن ۽ گڏجاڻين ۾ مصروف هئي، باقي تحريڪ تہ پريس ۽ بي بي سيءَ تان هلي رهي هئي. بي. بي. سيءَ جي اردو سروس ۾ بہ تہ پاڪستان صحافي ويٺل هئا! ڪراچيءَ ۾ ٿيل صوبائي اجلاس ۾ ڪارڪنن جو جوش جذبو تہ چڱو هو پر ان ڪنوينشن ۾ دارالعلوم جي منتظمن، شاگردن، سي. آءِ. ڊي وارن ۽ ايم. آر. ڊيءَ جي ڪارڪنن سميت ڪل ماڻهو هڪ هزار کان مٿي ڪونہ هئا.

ڪنوينشن جو بندوبست جمعيت علماء اسلام ڪيو هو ۽ صدارت بہ ساڳي جماعت جي امير مولانا نور الهديٰ ڪئي هئي. پوليس وارن بہ پنهنجي ڊيوٽي خوب نڀائي ۽ پريس کي لکڻ لاءِ وجهہ ڏنو. اجلاس کان هڪ ڏينهن اڳ پوليس جا اعليٰ عملدار مدرسي جي انتظاميہ وٽ ويا ۽ کين 'درخواست' ڪئي تہ "هن ديني اداري کي سياسي مقصد لاءِ استعمال نہ ڪيو وڃي." اڄ تائين تہ ايئن ڪٿي بہ ڪونہ ٿيو آهي جو 'بغاوت' تي لٿل مولوي صاحب رياست جون هدايتون مڃين! جمعيت بہ هدايتون اٿڊيون ڪري ڇڏيون ۽ اجلاس پنهنجي مقرر جاءِ تي ٿيو.

پوليس جي چڙهت سان البت اهو فائدو ٿيو تہ ڪارڪنن ۾ جوش وڌي ويو ۽ هو وڌيڪ سرگرم ٿي ويا. پوليس وارن جمعي نماز کان اڳ ان مدرسي ڏانهن ويندڙ مرڪزي رستي جي ناڪا بندي ڪري ڇڏي ۽ ڪنهن بہ سياسي ڪارڪن کي اوڏانهن وڃڻ نہ ڏنو ويو. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ اجلاس ۾ گهٽ حاضريءَ جو مهڻو جيڪو اصل ۾ سياسي ڌرين تي لڳڻ کپندو هو. اها ذميداري پوليس جي کاتي ۾ اچي وئي.

چون ٿا تہ ان ڪنوينشن جو انتظام نيڪ نہ هو ۽ پوليس وارن تنبو پاڻيءَ جون ٽانڪيون، لائوڊ اسپيڪر وغيره مدرسي تائين پهچڻ ئي ڪونہ ڏنا هئا. ان ڪري اوستائين جيئن تيئن پهتل ڪارڪن ۽ اڳواڻ سخت اس ۾ وينا رهيا. اجلاس منجهند جو اذائي لڳي کان شام جو ستين لڳي تائين جاري رهيو. لائوڊ اسپيڪر نہ هئڻ ڪري اڳواڻن کي وڏي آواز ۾ ڳالهائڻو پيو.

ايم. آر. ڊيءَ پاران ۱۴ آگسٽ کان فقط ۹۴ ڏينهن اڳ اعلان ڪيو ويو هو تہ اها تحريڪ هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ان ڪري سنڌ جي

ڀرائڙين کان آيل اڳواڻن ايم. آر. ڊي جي قيادت کي پنهنجن جذبن کان آگاهه ڪندي مبارڪون ڏنيون ته هو ۱۴ آگسٽ کان سول نافرماني جي تحريڪ شروع ڪري رهيا آهن. هن ڪنوينشن ۾ به مختلف سياسي نعرا لڳڻ سبب ڪي بد مزگيون ضرور پيدا ٿيون پر انهن تي اڳواڻن پاران هلڪين ۽ سخت تنبيهن سان ڪنٽرول ٿي ويو. جذهن وڻ وڻ جي ڪاٺي موجود هجي تڏهن ايئن ضرور ٿيندو آهي. اجلاس ۾ نظم جي کوٽ به محسوس ڪئي وئي پر ايترو ضرور چئبو ته تقريرون ڪندڙ صاحبن پنهنجي اندر جي باهه چڱي طرح ڪڍي.

ايم. آر. ڊي واري تحريڪ هلائڻ جو اعلان ان جي قيام کان ٽيڪ به سال ۽ به مهينا پوءِ ڪيو ويو... ۽ ان سان گڏ سياستدان امتحان ۾ پئجي ويا ته چا هاڻي هو هن تحريڪ کي ڪامياب ڪري سگهندا؟ عام تاثر اهو هو ته ايم. آر. ڊيءَ جي قيادت پورو هوم ورڪ ڪيو ئي ناهي، ان ڪري هيءَ تحريڪ ضرور ناڪام ٿيندي ڪن صاحبن ايئن به چيو "اها خودڪشي آهي... اهو پنهنجي خلاف بليڪ وارنٽ ڪرائڻ برابر آهي."

ان مونجهاري جو ڪارڻ صرف اهو هو ته اپريل ۱۹۸۳ع تائين وڏن وڏن سياسي اڳواڻن ۽ مبصرن جي راءِ هئي ته سچي ايم. آر. ڊي ۾ فقط ٻه پارٽيون تحريڪ ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڪري سگهنديون، هڪ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ٻي NDP . هنن اهي به تبصرا پئي ڪيا ته جنهن صورت ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسي کان بچائي نه سگهي ته پوءِ اها هاڻي چا ڪري سگهندي؟ ۽ NDP جي طاقت ANP ۽ PNP کان جدا رهڻ سبب ورهائجي وئي آهي، اها به چا ڪري سگهندي؟ اهو به وڏو سچ آهي ته ايم. آر. ڊي ۾ ڪجهه پارٽين جي حيثيت "ٽانگه پارٽين" جي برابر هئي ۽ انهن جي ڪل ميمبر شپ پارٽي عهديدارن تي ٻڌل هئي، هڪ بادشاهه ٻيا وزير باقي مڙئي خير!

پر، وقت ثابت ڪيو ته ايم. آر. ڊيءَ ۾ ڪجهه پارٽين ايترو ڪجهه ڪيو جو ڪراچيءَ ۾ ويٺل مبصرن کي "الله صمد! الله صمد!" جو ورد ڪرڻو پيو. اصل ۾ اهي مبصر حضرات فقط انهن پارٽين جي رهنمائن ڏانهن ڏسي رهيا هئا جن جو بنياد ڪراچي ۾ هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪراچيءَ جو

ڪنهن به حقيقي جمهوري عمل ۾ تحريڪ ۾ ڪيترو معمولي حصو رهيو آهي؟ اها به رڪارڊ جي ڳالهه هئي. ڪراچيءَ جي پارٽين ته هميشه انهن جمهوريتن کي تباهه ڪيو هو جيڪي ٻهراڙين مان ووٽ جي طاقت سان اڀري سامهون آيون هيون. هاڻي به ڪراچيءَ ۾ وينل مبصر فقط ڪراچيءَ ۾ وينل قيادت کي سامهون رکي تجزيا ڪري رهيا هئا.

۱۹۸۳ع ۾ ڏيهي پرڏيهه صورتحال

جيئن ته عام تاثر آهي ته سنڌ ۾ ڌاڙيل ڪلچر جو ڪارڻ ۱۹۸۳ع واري ايم. آر. ڊي تحريڪ هئي. ان ڪري آئون ضروري ٿو سمجهان ته ان موقعي تي سنڌ جي سماجي حالتن تي به ٿورڙي نظر وجهندا هلون. اڃا ايم. آر. ڊيءَ ڪنهن عملي هلچل يا سرگرم تحريڪ جي صورت اختيار ڪونه ڪئي هئي پر ان وقت به سنڌ ۾ ڌاڙيل سرگرم هئا. مختلف ضلعن ۾ مختلف ٽولا سرگرم هئا. هونئن ته سنڌ ۾ ڌاڙيلن جون سرگرميون "مهاپارت" واري وقت کان وٺي انگريز جي زماني تائين ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ پوءِ پاڪستان جي وقت ۾ به وڏا نامي گرامي رهزن ڌاڙيل پيدا ٿيا پر اهو چوڻ قطعي درست نه آهي ته ڌاڙيل عنصر فقط سنڌ ۾ موجود رهيو آهي، سڄو اپکنڊ ان مرض ۾ منڍ کان مبتلا آهي.

جون مهيني ۱۹۸۳ع جي پڇاڙيءَ وارين تاريخن ۾ سنڌ جي ٻهراڙين جي حالت اها هئي ته هتي جڏهن وقت جي نامي گرامي ڌاڙيل وزير خشڪ جا يارنهن ساٿي پوليس هٿان ٽن هنڌن تي مقابلي ۾ گرفتار ٿيا ته هنن وٽان فقط ٻه رائفلون ۽ ٻه بندوقون مليون. هنن ڌاڙيلن وٽ ڪلاشنڪوف جهڙو خوني هٿيار ڪونه هو. هي ڌاڙيل ماڻهو اغوا ڪرڻ بدران اڃا ڍور ڪاهڻ جهڙن ڏوهن ۾ ملوث هئا. وزير خشڪ جي ساٿين موندر ڳوٺ تي حملو ڪري ۱۷ عدد مينهون ڪاهيون هيون.

ساڳئي ڏينهن تي حيدرآباد شهر جي حالت اها هئي جو هڪ رڪشا کي ڦريندڙ ٽن هٿيارېندن گڏجي رات جي وقت ۾ رڪشا ۽ روڪ پئسا ڦريا هئا، انهن مان به ٻه جهلجي پيا. ٽيون شخص جيڪو ڀڄي ويو (يا ڀڄايو ويو) رينجرز جو سپاهي هو. خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته هن کي هٿ سان

ڇڏيو ويو هوندو يا مٿس ڪاتي اندر ڪارروائي ڪئي وئي هوندي. اها خبر اهو پڻ تجويز ڪري ٿي تہ ان وقت نہ رڳو شهري ماڻهو ڪرائم ۾ ملوث هئا پر انهن سان رينجرز جهڙي منظم اداري جا ماڻهو بہ شامل هئا.

ساڳئي ڏينهن تي سڄي سنڌ مان 'پنگ لاءِ اغوا' جو فقط هڪ ڪيس رجسٽر ٿيو. هيءَ واقعو سيوهڻ ۾ ٿيو. جتي هڪ زميندار جي پٽ محمد علي چنہ کي چار همراهہ زوريءَ ڪار ۾ کڻي ويا هئا.

جولاءِ ١٩٨٣ع ۾ رمضان جو مهينو هلندڙ هو جڏهن مارشل لا سرڪار اهڙن ماڻهن کي ڇونڊي ڇونڊي جهلي رهي هئي، جن "روزي جو احترام" ڪونہ ٿي ڪيو. ماڻهن کي روزانو سزائون ڏيئي جيل اماڻيو ٿي ويو. مسٽر غلام اسحاق خان انهن ڏينهن ۾ خزاني جو وفاقي وزير هو. عالمي سطح تي هٿيارن جي گهٽتائي ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ دٻاءُ وڌندڙ هو. فلسطين جي تحريڪ زورن تي هئي. آمريڪا جا سفارتي ۽ دوستاڻا ناتا هندستان جي ڀيٽ ۾ پاڪستان سان بهتر هئا. ان ڪري پهرين جولاءِ ١٩٨٣ع تي دهلي آيل آمريڪي پرڏيهي وزير مسٽر شلز آمريڪا ۽ هندستان جي وچ ۾ اختلافن جي ڳالهہ ڪئي. اها ہي ڳالهہ هئي تہ جون مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ ڀارت ۽ آمريڪا جي وچ ۾ هڪ ٺاهہ تحت تارا پور ۾ ائٽمي بجلي گهر قائم ڪرڻ جون ڳالهيون مڪمل ٿيون هيون. ان هوندي بہ آمريڪي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ آمريڪا کي افغانستان سبب پاڪستان جي فوجي قوت ۽ جاگرافيائي پوزيشن جي ضرورت هئي.

هوڏانهن فلسطين جي بقا ماٿريءَ ۾ فائر بندي هلي رهي هئي. سعودي عرب ۽ الجزائر جا وفد مختلف فلسطيني ڌرين ۾ صلح ڪرائڻ جون ڪوششون ڪري رهيا هئا. PLO جي قيادت تي اختلاف جي باوجود ساڳي تنظيم جي ايگزيڪيٽو ڪميٽي ياسر عرفات تي مڪمل اعتماد ظاهر ڪري رهي هئي. ان جا اثر پاڪستان ۾ بہ ڏسڻ ۾ پئي آيا جو فلسطيني شاگردن پهرين جولاءِ تي دهليءَ سان گڏ لاهور ۾ بہ مظاهرا ڪيا ۽ ياسر عرفات تي اعتماد ظاهر ڪيو.

جولاءِ جي شروعات ۽ چوماسي جي مند هئڻ ڪري سنڌوءَ ۾ چاڙهہ ۽ ڪچو ٻڏل هو. ان ڇيڙهالي ۽ گهميل مند ۾ ڪراچيءَ جي گهٽيل آبادي

"سائوٿ ضلعي" ۾ قلم ١٤٤ لاڳو ڪيو ويو هو. ڪراچيءَ سميت حيدرآباد ۾ ٻه هڪ فوجي عدالت ڪيس هلائي رهي هئي. سينٽرل جيل ڪراچيءَ ۾ ان ڏينهن هڪ سياسي خبر گردش ۾ هئي ته ايم. آر. ڊي جو ڪنوينر شير باز مزاري اڄ اڍائي لڳي پريس ڪانفرنس ڪندو.

ايم. آر. ڊيءَ جا ٣١ نقطا سامهون اچن ٿا

مئي ١٩٨٣ع جي پڇاڙي يا جون جي شروعات مهل ايم. آر. ڊي پاران هڪ عدد پمفليٽ گردش ڪندو نظر آيو جنهن تي لکيل هو "ايم آر ڊيءَ جا ٣١ نقطا." اهي نقطا ايم. آر. ڊي جي ڪنهن تازي اجلاس ۾ هڪراءِ طور منظور ڪيا ويا هئا پر ان ۾ تحريڪ استقلال جو عيوضي يا ته موجود ڪونه هو يا وري هن اختلاف ڪيو هو. بهرحال، انهن ٣١ نقطن تي تحريڪ استقلال سخت اعتراض ڪيو. ان اعتراض ۽ ان جي اعتراض تي جواب بابت پاڻ پوءِ بحث ڪنداسين پر هتي اهو چئي سگهجي ٿو ته تحريڪ استقلال ٣١ نقطن تي اعتراض ڪري ايم. آر. ڊي کي هڪ نئون زخم رسايو. اهي ٣١ نقطا آخر ڪهڙا هئا؟ هتي پيش ڪجن ٿا:

- ملڪ جي سالميت ۽ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو تحفظ ۽ ١٤ آگسٽ ١٩٧٣ع جي متفقه آئين ۽ ان ۾ هڪراءِ طور ڪيل ترميمن (قادياڻي مسئلي سميت) کي تسليم ڪرڻ ۽ غربت، بيماري، بک، جهالت استحصال کي ختم ڪرڻ لاءِ اڻٿڪ جدوجهد.
- هر لحاظ کان دفاعي صلاحيت کي مستحڪم ۽ فوجي ادارن کي مهم پسندن کان نجات ڏيارڻ، ۽ مستقبل ۾ مارشل لا جي نفاذ کان محفوظ ڪري ڇڏڻ جي ضمانت ۽ مادر وطن جي مقدس سر زمين ۽ آئين جي حفاظت لاءِ سمورن صحتمند ۽ سگهارن پاڪستاني شهرين لاءِ لازمي فوجي تربيت.
- اسلامي نظام حڪومت جي روايتن ۽ سنت کي نظر ۾ رکي سيني پاڪستاني شهرين کي هٿيار رکڻ جي استحقاق جي ضمانت.
- پاڪستان جي وفاق جي سيني جاگرافيائي، تاريخي، ثقافتي ۽ لساني

قومن جي حڪومتي، معاملن ۾ شموليت ۽ ڪين پنهنجي سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي حقن جي واڌاري ۽ استحصال ۽ غير برابري کان تحفظ جي ضمانت تہ جيئن وفاقي يونٽن جي وچ ۾ اتحاد ۽ يڪجهتيءَ کي استحڪام حاصل ٿئي.

- سڀني وفاقي يونٽن، ننڍن ننڍن ثقافتي ۽ لساني گروهن جي آرٽ، ثقافت ۽ لساني ورثي کي تحفظ ۽ ترقي ۽ قومي زندگيءَ ۾ سندن ڀرپور شموليت کي يقيني ڪرڻ.
- جمهوري ادارن کي استحڪام ڏيڻ، سياسي نظام ۾ قانون جي بالادستي ۽ ١٩٧٣ع واري آئين جي مطابق، قانون ساز اداري، عدليہ ۽ انتظاميہ جي جدا جدا اختيارن واري اصول جي سختيءَ سان پابندي
- عدليہ جي آزاديءَ جو فروغ ۽ تحفظ
- عوام جي شهرين آزادين جو فروغ ۽ تحفظ ۽ شهري حقن جي خلاف موجود سمورن قانونن کي رد ڪرڻ.
- صحافت جي مڪمل آزادي جو فروغ ۽ پريس پبليڪشنز آرڊيننس جو خاتمو.
- ٽريڊ يونين سرگرمين لاءِ پورهيتن جي حقن جي بحالي ۽ اجتماعي سوديڪاري لاءِ هڙتالن جي حق جي ضمانت.
- امن امان جي صورتحال کي بهتر ڪري لاقانونيت جي امڪانن کي ختم ڪرڻ.
- مذهبي اقليتن جي حقن ۽ مفادن جو فروغ ۽ تحفظ
- قومي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ عورتن جي تعميري شرڪت لاءِ کين هڪجيترا معاشي ۽ معاشرتي حق ڏيڻ ۽ موقعا فراهم ڪري ڏيڻ.
- شهري ۽ فوجي ادارن ۽ قومي زندگي جي سڀني شعبن مان بدعنوانين جو خاتمو ۽ شهري ۽ فوجي ادارن ۽ شعبن ۾ بدعنوانين جي خلاف محاسبي جي مستقل نظام کي قائم ڪرڻ.
- ٽيڪس جو بار گهٽائڻ، زندگيءَ جي سڀني شعبن ۾ سادگي، ڪفايت شعاري ۽ غير پيداواري انتظامي خرچن ۾ ڪمي.

- پورهيتن، ملازمت پيشه ۽ پيشه ور طبقن جي اجرت ۽ معاوضن ۾ مهانگائيءَ مطابق اضافو.
- صنعتي پورهيتن، ڪارڪنن، هارين ۽ گهٽ آمدني وارن ماڻهن سان ٿيندڙ سماجي ۽ معاشي ناانصافين ۽ غير برابريءَ جو ازالو ۽ ضروري قدم ۽ سڌارن ذريعي سڀني شهرين کي هڪجيترا موقعا فراهم ڪري ڏيڻ.
- هارين کي بيگار ۽ بيدخليءَ جي خطرن کان بچاءَ ۽ مقامي هارين ۾ سرڪاري زمينن جي ورڇ ۽ سرڪار جي حاصل ڪيل ايراضي جي فراهمي ۽ ان قسم جا بامقصد زرعي سڌارا.
- شهرن ۾ ڪچين آبادين ۽ شهرين کي اوليت جي بنياد تي سموريون شهري سهوليتون فراهم ڪرڻ.
- خود اعتماديءَ جي بنياد تي پاڪستان جي معيشت جي ترقي ۽ پاڪستان کي اقتصادي طور آزادي ڏيارڻ. پرڏيهي قرضن ۽ امداد کان نجات ڏيارڻ ۽ گهڻ قومي ۽ اجاره دار سرمائيدارن جي ڦرلٽ کان محفوظ رکڻ جا قدم کڻڻ.
- زرعي پيداوار ۾ ممڪن حد تائين واڌاري لاءِ زراعت جو فروغ. زرعي شعبي ۾ مالياتي ادارن جي واڌاري جي ڪوشش.
- قدرتي وسيلن، مقامي ساز سامان ۽ افرادي قوت کي استعمال ڪري صنعتن ۽ مالياتي صنعتن جي ترقي.
- عيش واريون ۽ اهڙيون شيون ٻاهران گهرائڻ تي پابندي جيڪي ملڪ ۾ اڳ ئي تيار ٿين ٿيون ته جيئن مقامي سرمائيدار جي قومي مارڪيٽ جي تحفظ جي ذريعي همٿ افزائي ۽ سنڌس مفادن جي حفاظت ڪري سگهجي.
- ڳوٺاڻي آباديءَ کي روزگار فراهم ڪرڻ ۽ سنڌن خوشحاليءَ لاءِ زرعي صنعتن جي ترقي جا قدم کڻڻ.
- نجي يا سرڪاري صنعتن جي وچ ۾ واضح حد بندين جي بنياد تي مستقبل ۾ پاڪستان جي معاشي ترقيءَ جي ضمانت، سرڪاري شعبن

۾ اهي صنعتون هونديون جن کي قائم ڪرڻ نجي شعبي جي وس ۾ نہ هوندو ۽ جيڪي دفاعي نوعيت جون هونديون. سرڪاري شعبن کي رشوت، بدعنواني، زيان ۽ نوڪري شاهيءَ کان محفوظ رکڻ جا قدم کڻڻ.

- "هر ماڻهوءَ کي محنت ۽ اهليت جي بنياد تي معاوضو ڏيڻ" جي بنياد تي معاشي ۽ معاشرتي نظام قائم ڪيو ويندو ۽ ماڻهوءَ جي هٿان ماڻهو ۽ هڪ علائقي لاءِ ٻئي علائقي جي استحصال جو سلسلو مرحليوار ختم ڪيو ويندو.
- سيٽو فوجي ٺاهن کان عليحدگي ۽ وڏين طاقتن جي ڇڪتاڻ کان الڳ ٿي پاڪستان جي غير جانبدار حيثيت کي يقيني ڪيو ويندو.
- پر امن بقاءِ باهمي جي اصولن ۽ بندونگ ڪانفرنس جي پنجن اصولن جي بنياد تي دنيا جي سيني ملڪن خاص ڪري پاڙيسري ملڪن، ٽين دنيا ۽ مسلمان ملڪن سان دوستاڻا ناتا قائم ڪيا ويندا.
- ٽين دنيا جي سيني محڪوم قومن لاءِ خود اختياريءَ جو اصول.
- غير قانوني مارشل لا ٽولي جي ظلم ۽ تشدد جو نشانو ٿيندڙ ماڻهن جي نقصان جو مڪمل ازالو.
- مارشل لا ۽ ان جي حامين جو مڪمل احتساب.

٣١ نقطا ڇو؟ تحريڪ استقلال جو نئون اعتراض

انهن ٣١ نقطن ۾ ڪهڙي خرابي هئي؟ اهي اصول ڇڻ تہ جمهوريت جي بحاليءَ واري جدوجهد جي تشريح هئا پر تحريڪ استقلال جي اڳواڻ اصغر خان کي انهن نقطن تي اعتراض ٿي پيو. ايئر مارشل رٽائرڊ اصغر خان اهو ماڻهو آهي، جنهن ٦٩ - ١٩٦٨ع ڌاري سياست ۾ ان وقت پير پاتو هو جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيام جون سخت ڪوششون ڪري عوامي هلچل هلائيندي ايوب خان هٿان گرفتار ٿيو هو ڀٽو صاحب جي گرفتاريءَ کان ترت پوءِ اصغر خان اهو چئي سياست ۾ ٽپو ڏنو هو تہ "آئون ذوالفقار علي ڀٽي جو اڌ ۾ رهيل مشن پورو ڪرڻ نڪتو آهيان."

پر، وقت ثابت ڪيو تہ هو پهرين ڏينهن کان وٺي مستقل مزاجيءَ سان پيٽي صاحب جي مخالفت ڪندو آيو ۽ هر ان اتحاد ۾ بيحد سرگرم هو. جيڪو بنيادي طرح پاڪستان پيپلز پارٽي يا ذوالفقار علي ڀٽي جي خلاف هو. ايم. آر. ڊيءَ ۾ سندس شرڪت ڳالهہ ڳالهہ تي اعتراض اٿارڻ تائين محدود رهي هئي ۽ ايئن ٿي لڳو تہ اها جماعت اتحاد کي ناڪام ڪرڻ لاءِ ان ۾ شامل ٿي آهي.

تحريڪ استقلال جو اعتراض جڏهن اخبارن ۾ ڇپيو تہ سياسي ماحول ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر مايوسي داخل ٿي. هي تمام نازڪ حالتون هيون ۽ ان مهل تائين هن اتحاد جي حيثيت شيشي جهڙي نازڪ نہ سهي پر ڪافي نازڪ هئي. اتحاد مان ڪنهن بہ هڪ ڌر جي ٻاهر نڪرڻ سان، دل من هٺندڙ ٻيون پارٽيون بہ نڪري ٿي سگهيون ۽ خود حڪومت انهن ننڍن ننڍن اختلافن کي وڌائي ايم. آر. ڊي کي ٽوڙڻ لاءِ وس ڪري پئي سگهي.

۴ جون ۱۹۸۳ع تي ايم. آر. ڊي جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ جي موقعي تي سردار شير باز مزاريءَ کي اخباري عيوضين کي منهن ڏيڻو پيو. هن چيو "ايم آر ڊي ڪنهن پارٽيءَ تي ۳۱ نقطا مسلط نٿي ڪرڻ چاهي پر اسان جي خواهش آهي تہ ڪابہ جماعت محض ۳۱ نقطن کي بهانو بنائي جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ کي نقصان پهچائڻ کان باز رهي ... جيڪڏهن ڪنهن کي ۳۱ نقطن تي اختلاف آهي تہ پوءِ پليءِ هو انهن ئي چئن نقطن تي ايم. آر. ڊي جو ساٿ ڏين جن تي متفق آهن."

شير باز مزاري ساڳئي وقت تحريڪ استقلال کي بہ آڇ ڪئي تہ هنن کي ۳۱ نقطن مان جنهن بہ هڪ اڌ نقطي تي اعتراض آهي، ان کي خير خوبيءَ سان ڳالهين ۾ نبيري سگهجي ٿو تہ جيئن تحريڪ پنهنجي پوري طاقت سان شروع ڪري سگهجي. تحريڪ استقلال ان رٽ جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو پر مشير پيش امام چيو "اسان جي جدوجهد ۾ رويو مستقل مزاجيءَ وارو آهي. اسان حقيقت پسند آهيون، سچ ڳالهائڻ کان نہ مڙنداسين ۽ ايم. آر. ڊيءَ جا فيصلا قبول ڪنداسين."

ان ريت ايم. آر. ڊي هڪ ڀيو وار تاري وئي. پٺي پاسي اها حقيقت آهي تہ ايم. آر. ڊيءَ پاران جاري ڪيل ۳۱ نقطا "ايترا سادڙا" بہ ڪونہ هئا. الائي

تہ چو مولوي صاحبن انهن نقطن تي اعتراض نہ واريو پر اهي نقطا پڑهي محسوس ڪري سگهجي ٿو تہ ان ۾ ڪاپي ڏر جا مخصوص مطالبا موجود هئا. شايد مولوي صاحب پنهنجي نظريي جي حق ۾ موجود پروگرام انهن نقطن ۾ شامل ڏسي بين نقطن تي اعتراض نہ ڪيو هو.

ايم. آر. ڊيءَ پاران تحريڪ استقلال کي چنبڙ

٣١ نقطن تي شير باز مزاريءَ جي آچ ۽ مشير پيش امام جو جواب باقاعدي تنظيم ڪان ٻاهر جي سطح تي "سوال جواب" هئا. اها ڳالهہ نيٺ ايم. آر. ڊي جي سيڪريٽري جنرل خواجہ خيرالدين تائين بہ پهتي جنهن کي هڪ وضاحتي خط لکڻو پيو جنهن ۾ خود تحريڪ استقلال جي رويي تي پڻ دبيل ۽ ڪليل لفظن ۾ چوهہ چنڊيل هئا. هي خط تحريڪ استقلال جي قائم مقام صدر منير شاهہ ڏانهن اماڻيو ويو. متس واضح ڪيو ويو تہ :

"ڪراچيءَ ۾ ٣ جون تي ايم. آر. ڊي جي ڪاروباري ڪميٽيءَ جو هڪ اجلاس ٿيو هو جنهن ۾ تحريڪ استقلال ڪان سواءِ بين سيني پارٽين جي نمائندن شرڪت ڪئي هئي. اجلاس ڪان اڳ تحريڪ استقلال جي سيڪريٽري جنرل مشير پيش امام هڪ خط گڏجاڻيءَ ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو هو (جنهن جي ڪاپي منير شاهہ ڏانهن خط سان گڏ اماڻي وئي) ۽ پاڻ گڏجاڻي ۾ شريڪ نہ ٿيو هو. ان خط ۾ درج معاملن بابت ايم. آر. ڊيءَ جو موقف هن ريت آهي تہ توهان جي خط جي پهرين پئراگراف ۾ چيل آهي تہ "تحريڪ استقلال کي افسوس آهي تہ تحريڪ استقلال جي واضح موقف جي باوجود ٣١ نقطا منظور ڪيا ويا." جڏهن تہ ايم. آر. ڊيءَ ۾ موجوده بين جماعتن جو موقف آهي تہ "تحريڪ استقلال سميت ايم. آر. ڊيءَ جي سيني اتحادي پارٽين ايم. آر. ڊي نهڻ وارن ابتدائي ڏينهن ۾ ئي هڪراءِ فيصلو ڪيو هو تہ ايم. آر. ڊي ۾ سڀ فيصلا (مرڪزي ڪميٽيءَ ۾ نون رڪنن جي شموليت ڪان سواءِ جنهن لاءِ مڪمل اتفاق ضروري آهي) هڪراءِ ڪيا ويندا ۽ انهيءَ ڪري ايم. آر. ڊي جي بين پارٽين کي وڏيڪ افسوس آهي تہ تحريڪ استقلال ان فيصلي کي نظرانداز ڪيو آهي جيڪو ايم. آر. ڊيءَ

هڪراءِ طور ڪيو هو. نتيجي ۾ قومي پريس اختلافن جون خبرون ڇاپيون ۽ ماڻهن ۾ بد دلي ۽ مايوسي پکڙي...

"... توهان جي پيرا گراف ٢ ۾ ايم. آر. ڊي جي مستقل ڍانچي جي باري ۾ چيل آهي تہ "ان جي نتيجي ۾ ايم. آر. ڊيءَ جي ڪم جي رفتار تيز ٿيڻ بدران سست ٿي وئي آهي." ايم. آر. ڊيءَ جون ٻيون پارٽيون توهان جي ان راءِ سان سهمت ڪونہ آهن. مستقل ڍانچي جي اصطلاح بابت استعمال ڪيل توهان جي حوالي مان ايئن ٿو لڳي تہ ڄڻ سيڪريٽريٽ قائم ٿيڻ کان اڳ ايم. آر. ڊيءَ جو ڪو ڍانچو هيو ئي ڪونہ! تحريڪ استقلال کي ضرور ياد هوندو تہ سيڪريٽريٽ قائم ٿيڻ کان اڳ هڪ سال کان وڌيڪ عرصي تائين گڏريل طريقہ ڪار تي عمل ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي وئي پر ان ۾ ڪا خاص ڪاميابي ڪونہ ٿي هئي. جڏهن تہ سيڪريٽريٽ قائم ٿيڻ کان پوءِ تنظيمي حالتن ۾ نمايان تبديلي مثبت رخ ۾ ظاهر ٿي آهي. جڏهن جيڪڏهن سيڪريٽريٽ ابتدائي ڏينهن ۾ ئي قائم ڪئي وڃي (اها نہ وڃي ها جيڪڏهن تحريڪ استقلال مخالفت نہ ڪري ها) تہ اڄ تنظيمي صورتحال بهتر هجي ها. جيڪڏهن ڪا خامي رهجي بہ وئي هجي تہ ان کي هاڻي بہ بهتر ڪري سگهجي ٿو جيڪڏهن تحريڪ استقلال جا رهنما ۽ ڪارڪن بہ سيڪريٽريٽ جون ذميواريون سنڀالڻ لاءِ تيار ٿي وڃن...

"... سيڪريٽريٽ تہ هر حالت ۾ مرڪزي ڪاروباري ڪميٽي جي آڏو جوابدار آهي ۽ تحريڪ استقلال مرڪزي ڪميٽيءَ جي ڪارروائي ۾ حصو نہ ٿي وٺي تہ پوءِ دستور ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ تحريڪ جو قافلو تيزيءَ سان پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ بدران ظاهر آهي تہ سست رفتاريءَ جو شڪار ٿي ويندو. صوبي بدرين، سختين، پابندين ۽ گرفتارين جهڙين مشڪل حالتن ۾ بہ ايم. آر. ڊيءَ پنهنجو وجود ۽ سرگرميون جاري رکيون آهن، اهو خود هڪ وڏو سياسي معجزو آهي. هتي ٣١ نقطن جو مختصر پس منظر ڏسڻ ضروري آهي: تحريڪ استقلال جي موجود گيءَ ۾ مرڪزي ڪاروباري ڪميٽيءَ گذريل سال جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ خاص ڪميٽي ناهڻ جو فيصلو ڪيو هو. ان تي تحريڪ استقلال اهو موقف اختيار ڪيو هو تہ

"تحريڪ استقلال جيئن تہ ڪنهن بہ نئين ڊانچي ۾ حصو وٺڻ جي مخالف آهي، ان ڪري اها ان خاص ڪميٽيءَ ۾ بہ ڪا ذميواري قبول نہ ڪندي...

"... ان خاص ڪميٽيءَ ڪيئي مهينن جي محنت ۽ گڏجاڻين کان پوءِ هڪ مسودو تيار ڪيو. ان مسودي جو بنيادي مقصد اهو هو تہ چئن نقطن جي حصول لاءِ هڪ وڏي عوامي تحريڪ جي شروع ٿيڻ کان اڳ عوامي مسئلن تي پڌل هڪ مسودو مرڪزي ڪاروباريءَ ڪميٽيءَ جي منظوريءَ کان پوءِ عوام تائين پهچايو وڃي. ان مسودي تي تحريڪ استقلال جي نمائندن جي موجودگيءَ ۾ بہ ڪيئي ڀيرا غور ڪيو ويو. ٢٨ اپريل ١٩٨٣ع تي لاهور ۾ ايم. آر. ڊيءَ جي مرڪزي ڪاروباري ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ تحريڪ استقلال جي نمائندن جو موقف هو تہ جيڪڏهن ٣١ نقطن کي منشور ۽ انتخابي اتحاد نہ سمجهيو وڃي پر جيڪڏهن اهي مطالبن جي صورت ۾ پيش ٿين تہ پوءِ تحريڪ استقلال کي اعتراض نہ ٿيندو. ١٠ مئي ١٩٨٣ع تي ڪراچيءَ واري گڏجاڻيءَ ۾ تحريڪ استقلال جا نمائندا اطلاع هوندي بہ شريڪ نہ ٿيا. ان گڏجاڻيءَ ۾ ٻين پارٽين پاران اختيار ڪيل موقف جي روشنيءَ ۾ مناسب ترميمون ڪرڻ بعد ٣١ نقطن جي منظوري ڏني وئي هئي."

ان خط جي آخري پئراگراف ۾ خواجہ خيرالدين لکيو "هتي هڪ سنگين معاملي طرف توهان جو ڌيان ڇڪائڻ تمام ضروري آهي ۽ اهو تہ ماضيءَ ۾ تحريڪ استقلال جي ڪجهہ اڳواڻن ايم. آر. ڊيءَ، ان جي اڳواڻن ۽ عهديدارن جي خلاف توهين وارو رويو اختيار ڪيو ۽ بنا ڪنهن سبب جي الزام هنيا. اهو عمل مذمت جوڳو آهي. اميد آهي تہ اڳتي تحريڪ استقلال جا اڳواڻ جمهوريت جي بحاليءَ وارن اعليٰ مقصدن کي نظر ۾ رکي مستقبل ۾ ان رويي کان پرهيز ڪندا ڇو تہ ان سان غاصبن جا هٿ مضبوط جمهوري قوتون ڪمزور ۽ ايم. آر. ڊيءَ جو وقار مجروح ٿيو آهي...

"... ايم. آر. ڊيءَ جي اتحادي جماعتن پنهنجي جدا منشور ۽ موقف جي باوجود متفقہ دستور جي بحالي، مارشل لا جي خاتمي، عام چونڊن جي ٿيڻ ۽ پاڪستان جي وفاق جي سلامتي ۽ وفاقي يونٽن جي حقن جي تحفظ لاءِ

٦ فيبروري ١٩٨١ع تي جيڪو اعلان نامو جاري ڪيو هو. اهو ئي ايم. آر. ڊيءَ جو بنيادي دستاويز آهي. جنهن تي ايم. آر. ڊيءَ جون سڀ پارٽيون پنهنجي پنهنجي پوري صلاحيت ۽ توانائين سان اڏول انداز ۾ عمل ڪري رهيون آهن. جيڪڏهن توهان جي پارٽيءَ کي ٣١ نقطن تي اعتراض آهي تہ پوءِ ظاهر آهي تہ اهي ٣١ نقطا توهان جي پارٽيءَ تي مڙهي نٿا سگهجن. ايم. آر. ڊيءَ جي باقي پارٽين کي اميد آهي تہ تحريڪ استقلال ايم. آر. ڊي جي تاريخي اعلان نامي جي مقصدن جي حصول لاءِ پنهنجي عملي شرڪت سان جمهوري تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجو موثر ڪردار ادا ڪندي!"

هن خط جي پڇاڙي ۾ هدايت ڪئي وئي هئي تہ هيءُ خط قومي پريس کي نہ ڏنو ويندو.

٢ جولاءِ ١٩٨٣ع

جولاءِ جو مهينو شروع ٿيو تہ ١٤ آگسٽ واري تحريڪ جو ذڪر زور وٺندو ويو. سياسي حلقن ۾ ڳالهائڻ لاءِ ڪو بيو موضوع هيو ئي ڪونہ! حڪومت بہ محسوس ڪرڻ لڳي هئي تہ هن ڀيري سياستدان سياسي سانت ٽوڙڻ لاءِ تحريڪ هلائڻ ۾ تمام سنجيده آهن. شايد ان ڳالهہ کي ئي نظر ۾ رکي صوبائي وزارت داخلہ ٢ جولاءِ تي اعلان ڪيو تہ "پوليس جي عملي کي رهائشي سهوليتون وڌائي ڏيڻ ۽ سنڌ ۾ وڌيڪ چوڪيون قائم ڪرڻ لاءِ پوڻا ٽي ڪروڙ رپيا مخصوص ڪيا ويا آهن."

حڪومت محسوس پئي ڪيو تہ هاڻي سياسي قوتن سان ويڙهہ فقط اخباري بيانن ۽ اٽڪل بازيءَ سان ڪونہ ٿيندي پر حقيقي ٽڪراءُ بہ ٿي سگهي ٿو. ڪابہ حڪومت ٽڪراءَ جي صورت ۾ قربانيءَ جو پهريون ٻڪرو پوليس کي بڻائيندي آهي. جيڪڏهن حالتون پوليس جي قوت کان چڙهي وڃن تہ پوءِ رينجرز، پيرا ملٽري فورسز، مليشيا ۽ آخر ۾ فوج حرڪت ۾ ايندي آهي. سو پهرين مرحلي جي تياريءَ ۾ پوليس کي بهتر رهائشي سهوليتن جي لالچ ڏني وئي تہ جيئن هو حڪومت لاءِ خوشي سان سر ڏيئي سگهن.

هوڏانهن ڏاڙيل نادر جسڪاڻي پنهنجي ڦرلٽ ۾ مصروف هو. سنڌس ڪارروايون عروج تي هيون. ٢ جولاءِ تي سکر پوليس هڪ خاص اسڪواڊ مقرر ڪيو ته اهو نادر جسڪاڻي سان مهاڏو اٽڪائيندو. سنڌ حڪومت سنڌ ۾ جن نين پوليس چوڪين لاءِ پئسا منظور ڪيا هئا، انهن جي اهميت ڏاڙيل عنصر سبب به هئي.

شير باز مزاريءَ جي پريس ڪانفرنس

ساڳئي ڏينهن تي اين. ڊي. پي جي سربراهه جيڪو هلنڌڙ مهيني ۾ ايم. آر. ڊيءَ جو ڪنوينر به هو جي پريس ڪانفرنس جا تفصيل پهتا. هن حڪومت تي دٻاءُ وڌو هو ته افغانستان جي مسئلي جي حل لاءِ افغان حڪومت جي اڳواڻ ٻٻرڪ ڪارمل سان سڌيون ڳالهيون ڪري ۽ پاڪستان جي حڪومت پاڻ کي عظيم طاقتن جي جهيڙي ۾ ملوث نه ڪري. مزاريءَ جو هيءُ بيان پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ تي تنقيد هئي. ظاهر آهي ته جنرل صاحب مزاري صاحب جون تجويزون ويچار هيٺ آڻي ئي ڪونه ها ڇاڪاڻ ته افغانستان جي ويڙهه دوران ملندڙ آمريڪي ڊالر پاڪستان جي فوجي سرڪار لاءِ تمام اهم هئا. ڊالر بند ٿيڻ سان هتي گهٽو ڪجهه بند ٿي وڃي ها، جيڪو فوجي سرڪار بند ڪرڻ نٿي چاهيو. مزاريءَ جي تنقيد فقط ايترو ڪردار ادا ڪري پئي سگهي ته اها عوام کي باور ڪرائي ته ايم. آر. ڊيءَ جو اتحاد سياڻي ملڪ جي پرڏيهي پاليسي بدلائيندو.

شير باز مزاريءَ پريس ڪانفرنس ۾ اهو به اشارو ڏنو ته ڪي اتحادي پارٽيون ايم. آر. ڊي مان نڪرڻ جي ڪوشش پيون ڪن. هن انهن ڌرين کي به درخواست ڪئي ته ٻيلي! ايئن نه ڪيو ڇو ته ايئن ڪرڻ سان ايم آر ڊيءَ کي ڇيهو رسندو ۽ فائدو مارشل لا وارا کٽي ويندا. مزاري صاحب جي ڪاوڙ جو ٽارگيٽ تحريڪ استقلال ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي هيون جيڪي هن مهل تائين ان راءِ جون هيون ته انهن مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ گهرجي جيڪي جنرل ضياء ڪجهه مهينن اندر ڪرائي رهيو هو. جنرل صاحب ايم. آر. ڊيءَ جي ان مطالبي ته "عام چونڊون ڪرايون وڃن" جو زور ڀڃڻ لاءِ اعلان ڪيو هو ته هو پهرين مرحليءَ ۾ مڪاني چونڊون ڪرائيندو جيڪي غير پارٽيءَ بنيادن تي هونديون.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ تحريڪ استقلال ڪانسواءِ ايم. آر. ڊي جون سڀ پارٽيون سمجهن پيون تہ اهو بہ ضياء الحق جو ڍوڪو آهي ۽ ان ريت هو ايم. آر. ڊي کي تارپيڊو ڪري رهيو آهي. اها ئي ڳالهہ ڪٽي شير باز مزاري اتحادي جماعتن کي پريس ڪانفرنس دوران اپيلون ڪري رهيو هو. سردار مزاريءَ جو تجزيو غلط ڪونہ هو. جنرل ضياءُ الحق ايم آر ڊيءَ جو فيوز اڏائڻ لاءِ مڪاني چونڊن جو اعلان ڪري ايم. آر. ڊيءَ کي سچ پچ وڏي ڏڪيڙ ۾ وجهي ڇڏيو هو.

ايم. آر. ڊيءَ جيڪي چار نقطا ڏنا هئا، انهن موجب چونڊن جي ترتيب مختلف هئي. هنن جو چوڻ هو تہ پهرين قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جون چونڊون ٿين ۽ ان کان پوءِ مڪاني ادارن جون چونڊون ڪرائجن. پر، جنرل صاحب اها ڏاڪڻ ابتي رکي رهيو هو.

مزاري صاحب ايم. آر. ڊيءَ پاران تحريڪ جو پروگرام ڏيندي هڪ ڀيرو ٻيهر وضاحت ڪئي تہ اها هڪ پر امن ۽ بنا تشدد واري جدوجهد هوندي ۽ ان جا چار نقطا هوندا. هو چار ئي نقطا ورجائي ويو ۽ پڇاڙيءَ ۾ چيائين، "اسان پريس جي آزاديءَ ۾ يقين رکون ٿا." آخري ڳالهہ صحافين کي وڏيڪ پسند آئي ڇاڪاڻ تہ اخبارون سينسرشپ ۽ ٻين رياستي حربن کان عاجز اچي چڪيون هيون.

سياسي ڍانچو ۽ جنرل ضياء جي ڪميٽين جون تجويزون

سنڌ ڪرائم ڪنٽرو ايڪٽ بہ سرگرم هو. ننڍن شهرن ۾ ان ئي ائڪٽ هيٺ سياسي گرفتاريون ڏسڻ ۾ پئي آيون. هوڏانهن، صدر ضياء الحق ١۴ آگسٽ تي نئون سياسي ڍانچو ڏيڻ بابت ڪجهہ ڪميٽيون ٺاهيون هيون، جنهن ڪري اسلام آباد ۾ حڪمران طبقي جي حڪمت عملي ۽ جوڙ ڪٽ جا عجيب و غريب احوال اچڻ لڳا هئا. مثال: "حڪومت ملڪ جي سياسي ڍانچي کي ڪجهہ اهڙيءَ طرح رکڻ پئي چاهيو جنهن سان صدر ضياءُ الحق نہ رڳو پاڻ موجود رهي پر سندس حڪومت ڪافي عرصي تائين اڳتي هلندي رهي."

اخبارن رپورٽ ڏني تہ جنرل صاحب پاران تجويز ٿيندڙ نئين سياسي ڍانچي جا بنياد رٿڻ لاءِ جيڪي ٽي عدد ڪميٽيون مقرر ٿيل هيون، انهن جون ڪجهہ معاملن تي تجويزون هڪٻئي کان بلڪل اختلافي هيون. ڀين اڪرن ۾ جنرل صاحب جا سڀ کان بااعتماد ۽ ويجها سياسي ذهن بہ مختلف انداز سان سوچي رهيا هئا. اجا بہ سولن اکرن ۾ ائين چئبو تہ اسلام آباد جا 'think tanks' پڻ منجهيل هئا. جنرل ضياءُ يا تہ هاسيڪار ٽي ڪميٽيون ۽ مختلف ذهن رکندڙ ميمبر ان خيال سان مقرر ڪيا هئا تہ جيئن ڪوبہ نتيجو نہ نڪري يا وري ان لاءِ تہ هو سيني ڪميٽين جي تجويزن مان عمل جوڳا نقطا ڪٺي پنهنجي ذاتي پسند موجب ڪو فارمولا ناهي پيش ڪري.

ٽيهن ڄڻن تي ٻڌل مجلس شوريٰ جي ڪميٽي ان راءِ جي هئي تہ ملڪ ۾ پارليامينٽري نظام قائم تہ رکجي پر ان لاءِ الڳ چونڊون ٿيڻ گهرجن. صدر ۽ وزيراعظم جي اختيارن کي اهڙيءَ طرح رکيو وڃي جو صدر وٽ سمورا هنگامي اختيار هجن، صدر هٿيار بند فوجن جو سپريم ڪمانڊر هجي پر وزير اعظم جي مرضيءَ کان سواءِ پارليامينٽ يا قومي اسيمبلي ٽوڙڻ جا اختيار وٽس نہ هجن. ڪميٽيءَ پارٽي بنيادن تي چونڊون ڪرائڻ جي تجويز ڏني پر فقط اهي پارٽيون جيڪي قومي سطح جون هجن ۽ اهي پارٽيون پاڻ کي رجسٽر بہ ڪرائين. اها بہ تجويز ڏني وئي تہ صدر کي پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبليون چونڊين. هيءَ ڪميٽي ان ڳالهہ تي راضي هئي تہ پلي ڪا عورت وزيراعظم ٿئي پر ڪيس، مملڪت / رياست جي سربراهي ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئي.

هوڏانهن، اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي ڪميٽيءَ تجويز ڏني تہ صدارتي نظام هجي ڇاڪاڻ تہ اهو ئي اسلام کي ويجهو آهي. اها ڪميٽي الڳ چونڊن تي متفق هئي پر متناسب نمائندگيءَ تي اختلاف هئن. ان تجويز مطابق قومي اسيمبلي هڪ يا بہ ميمبر صدارت لاءِ نامزد ڪري ٻن اميدوارن جي صورت ۾ قومي سطح تي ووٽ وڏا وڃن. نظرياتي ڪائونسل توڻي شوريٰ ڪميٽيءَ هٿياربند فوجن جي ڪردار بابت ١٩٧٣ع واري آئين کان ٻاهر ڪابہ تجويز نہ ڏني.

ٿين ڪميٽي وفاقي وزير راجا سڪندر زمان جي اڳواڻيءَ ۾ قائم ٿيل هئي. ان ڪميٽيءَ کي پارليامينٽري نظام صحيح ٿي لڳو. ان ڪميٽيءَ صدر ۽ وزيراعظم جي اختيارن جي وچ ۾ توازن جي ضرورت تي زور ڏنو جيئن ١٩٥٦ع واري آئين ۾ هو. ان ڪميٽيءَ سياسي پارٽين تي بندش جاري رکڻ ۽ غير پارٽي بنيادن تي چونڊن جي تجويز به ڏني پر اهو به چيو ته چونڊن ۾ بيهڻ واري اميدوار جي اهليت پرکڻ لاءِ هڪ خاص بورڊ ناهيو وڃي.

سمورين ڪميٽين جون هي رپورٽون ١٤ آگسٽ کان چاليهه ڏينهن اڳ جاري ڪرڻ جو سبب ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو ته سياسي پارٽيون تحريڪ هلائڻ بدران هڪ ٻئين متبادل پروگرام تي سوچين. سندن ذهن ۾ مانڊاڻ مچي ۽ منجهي پون. سياسي اختلاف پيدا ٿين ته جيئن ايم. آر. ڊيءَ مان هوا نڪري وڃي.

٣ جولاءِ ١٩٨٣ع

افغان پاليسيءَ تي ٻيهر تنقيد

بندش پيل پاڪستان سوشلسٽ پارٽيءَ جو صدر سي. آر اسلم به هاڻي ماٺ رهي نه سگهيو ۽ پنهنجو سياسي وجود ظاهر ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ تي تنقيد ڪرڻ لڳو. ”حقيقت پسنديءَ جي تقاضا آهي ته پاڪستان سرڪار ببرڪ ڪارمل جي حڪومت کي تسليم ڪري ۽ هن سان سڌيون ڳالهيون ڪري افغان پناهگيرن جو مسئلو نبيريو وڃي.“ سي. آر اسلم لاهور ۾ اخبار وارن سان حال احوال اوري پنهنجي پارٽيءَ جو موقف پڌرو ڪري رهيو هو. ”سڌين ڳالهين سان ٻنهي ملڪن جا ناتا سڌرندا ۽ علائقي ۾ امن وڌندو!“

افغانستان سان ناتا بحال ٿيڻ (ان وقت) ڪابي ڏر جي حق ۾ هئا. جڏهن ته ساڄي ڌر افغانستان سان پاڪستان جا ناتا وڌيڪ کان وڌيڪ خراب ڪرڻ لاءِ هوائون هلائيندي هئي. هتي (١٩٨٣ع ۾). افغانستان کي ٻن وڏين طاقتن سوشلسٽ ۽ سرمائيدار ڪئمپن جي ويڙهه واري پس منظر ۾ ڏسڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته ان وقت افغانستان (اڳوڻي) سوويت يونين جي تابع هو ۽

سوشلسٽ بلاڪ ۾ شامل هو. جڏهن تہ جنرل ضياءُ الحق پاڪستان جي خفيہ ادارن جي معرفت نہ رڳو افغانستان پر سوويٽ يونين ۾ موجود مسلم رياستن تاجڪستان، ازبيڪستان، قازڪستان، آرمينيا وغيره ۾ اسلامي لٽريچر پکيڙي رهيو هو.

ايم. آر. ڊي جيئن تہ (اڪثريت ۾) کاٻي ڌر ۽ اعتدال پسند ڌرين جو اتحاد هو. ان ڪري اها تحريڪ پاڪستان کي افغانستان سان جنگ واري ڏٻڻ مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، هڪ اهڙي ڏٻڻ، جنهن ۾ آمريڪي حڪومت پاڪستان کي ’هٽ پير ٻڌي‘ اڇلايو هو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ پاڪستاني فوج جو جيا پو افغان جنگ لاءِ ملندڙ امداد تي هو.

ساڳئي ڏينهن، ڪجهہ سرڪاري سياستدانن بابت خبر آئي تہ هو يورپ ۽ آمريڪا روانا ٿي ويا آهن. سندن روانگيءَ کي پاڪستاني سياستدانن شڪ جي نگاهہ سان ڏٺو. پاڪستانين کي تجربو هو تہ جڏهن بہ ڪي سياستدان يورپ ۽ آمريڪا جي دوري تي وڃن، چاهي هو بيماريءَ جي تپاس يا علاج لاءِ وڃن يا موڪلون گذارڻ ٿي چو نہ ويندا هجن، ڪنهن ”ٽاسڪ“ تي هوندا آهن. ايم. آر. ڊيءَ ۾ شامل پارٽين جا ڪجهہ مکيہ اڳواڻ بہ آمريڪا ۽ يورپ جي دورن تي هئا. ڪي اڳ کان جلاوطنيءَ ۾ اتي هئا. هاڻي سرڪاري ڌر جا سياستدان اوڏانهن وڃي رهيا هئا تہ آخر ڇو؟ غلام اسحاق خان طبي چڪاس ۽ هڪ هفتي جي آرام جو بهانو ڪري لنڊن هليو ويو هو. تعليم ۽ ثقافت وارو صوبائي وزير سيد غوث علي شاهہ بہ پندرهن ڏينهن لاءِ ڪئناڊا روانو ٿيو جيڪو سنڌ ۾ پير صاحب پاڳاري جو ماڻهو سمجهيو ٿي ويو. هوڏانهن، پير صاحب پاڻ کي جي. ايڇ. ڪيو جو ماڻهو سڏائڻ ۾ ڪوبہ عار محسوس نہ ڪندو هو.

۴ جولاءِ ۱۹۸۳ع

’ڪارو ڏينهن‘ ملهائڻ کان اڳ

چوٿين جولاءِ تي سرڪار شيرباز مزاريءَ کي پنهنجي ڳوٺ ۾ نظر بند ڪري ڇڏيو. هن کان اڳ ڪيس سنڌ مان ۽ باقي ٽنهي صوبن مان نيڪالي

ملي چڪي هئي. هن کي ڪراچيءَ کان هوائي جهاز رستي ملتان آندو ويو ۽ پوءِ ڪار ذريعي ديري غازي خان ويجهو روجهاڻ ڳوٺ آندو ويو. هن نظربنديءَ جي حوالي سان هڪ ٻي خبر ۾ چيو ويو تہ ڪيس سنڌ مان نيڪالي ڏيئي لاهور پهچايو ويو هو جتي پوليس کي خبر نہ هئي تہ مٿس پنجاب جا دروازا بہ بند آهن. اها رات ڪيس مسز عابده حسين جي گهر ۾ ترسائي ٻئي ڏينهن ڳوٺ اماڻيو ويو.

ڪراچيءَ مان سندس نيڪاليءَ جو اصل ڪارڻ اهو هو تہ ايم. آر. ڊي پنجين جولاءِ ١٩٧٧ع واري ڏينهن جي حوالي سان "ڪارو ڏينهن" ملهائي رهي هئي. ان واقعي کي 1983 ۾ ڇهہ سال لنگهي ويا هئا پر اهو ڏينهن ڪارڪنن جي ذهنن تي تازو هو. ايم. آر. ڊي ان ڏينهن تي احتجاج ۽ مظاهري جو موقعو هٿان وڃائڻ نٿي چاهيو. ان ڪري هڪ مظاهري ۽ جلوس جو بندوبست ڪيو ويو هو. فيصلو ڪيو ويو تہ "٥ جولاءِ تي ڪراچيءَ ۾ ڊفينس هائوسنگ سوسائٽيءَ ۾ مزاريءَ جي گهر وٽان احتجاجي جلوس نڪرندو جيڪو شهر جي مکيہ رستن تان ٿيندو جيڪب لائنز واري مسجد تي ختم ٿيندو. ان موقعي تي احتجاجي گڏجاڻيءَ جو اهتمام پڻ هوندو. جنهن کي ايم آر ڊيءَ جا اڳواڻ خطاب ڪندا." ايم. آر. ڊيءَ سڄي ملڪ ۾ 'ڪارو ڏينهن' ملهائڻ جو سڏ ڏنو هو.

جيڪب لائنز واري مسجد قرآن شريف جي مفسر ۽ عالم مولانا احتشام الحق ٿانويءَ جو مضبوط مرڪز هو. جنهن جو جاءِ نشين مولانا احترام الحق ٿانوي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو اهم اڳواڻ هو. خود مسٽر ڀٽو مولانا احتشام الحق ٿانويءَ جي وڏي عزت ڪندو هو.

جارج شلز اسلام آباد ۾

چوٿين جولاءِ تي اسلام آباد ۾ آمريڪي پرڏيهي وزير جارج شلز ۽ پاڪستاني پرڏيهي وزير صاحبزادي يعقوب علي خان جي وچ ۾ ٽن ڏينهن کان هلندڙ ڳالهيون اڄ پوريون ٿيون ۽ گڏيل بيان جاري ڪيو ويو تہ "افغانستان ۽ ٻين ڪيترن ئي عالمي مسئلن تي پاڪستان ۽ آمريڪا جو

موقف ساڳيو آهي ... افغانستان تي سوويت يونين جي قبضي سبب خطرا وڌيا آهن ۽ ريگن انتظاميہ لاءِ ڪانگريس کان پاڪستان لاءِ امداد وٺڻ جيتوڻيڪ ڏکيو ڪم آهي پر هو اها امداد وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو.“

اها آمريڪا جي مجبوري هئي تہ هو پاڪستان کي آخري پاڪستاني سپاهيءَ تائين افغانستان سان وڙهائيندو اچي ۽ ان لاءِ پاڪستان کي هر جائز ناجائز سهوليت ۽ مدد ڏيندو رهي. ضياء الحق جي نظر ۾ پاڪستان جون اندروني سياسي حالتون cash ڪرائڻ جو پڻ هي مناسب وقت هو. باقي سڄو بار آمريڪا تي هو تہ اهو پاڪستان سرڪار کي ڪيئن ٿو خوش رکي! خود ضياء الحق بہ پنهنجي بچاءَ لاءِ آمريڪا جي هر خدمت ڪرڻ لاءِ تيار هو.

هڪ طرف ايم. آر. ڊي ۽ ٻئي طرف حڪومت، ٻئي ڌريون پنهنجو پنهنجو ڪم ڪري رهيون هيون. ٽئين پاسي عوامي تنظيمون پنهنجو ڪم ڪري رهيون هيون ۽ هوڏانهن فوجي عدالتون پنهنجي ڪم ۾ مصروف هيون.

حيدرآباد ۾ هڪ فوجي عدالت هڪ نوجوان حامد علي سهتي کي محض ان الزام ۾ ڇهہ مهينا سخت پورهئي سان سزا ڏني جو هن ”اعتراض جوڳو“ (سياسي مواد) فوٽو اسٽيٽ ڪرايو هو. ڪيس گرفتار تہ الائي ڪهڙي اداري وارن ڪيو هو پر ڪاغذن ۾ سندس گرفتاري ڪنٽومينٽ پوليس جي کاتي ۾ ڏيکاري وئي. انصاف ڏيکارڻ لاءِ ساڳي عدالت هڪ ٻئي نوجوان اڪبر ميمڻ کي ”باعزت آزاد“ ڪري ڇڏيو.

۵ جولاءِ ۱۹۸۳ع

ايم آر ڊيءَ جو ڪارو ڏينهن ۽ ضياء حمايت تحريڪ جو يوم نجات

پنجين جولاءِ آئي بہ ۽ هلي وئي پر رات وچ ۾ ڪي نيون ڳالهيون بہ ظاهر ٿيون. ڪراچيءَ جي ديوارن تي ”ضياء حمايت تحريڪ“ جا پوسٽر لڳل ڏٺا ويا، جن تي ”۵ جولاءِ يوم تشڪر ۽ يوم نجات“ لکيل هو. ٻئي طرف سڄي ملڪ ۾ ”ڪارو ڏينهن“ ملهايو ويو. خواجہ خيرالدين، معراج محمد خان، حسن فيروز ايڊووڪيٽ ۽ مولانا احترام الحق ٿانوي گرفتار ڪيا ويا.

مزاري هائوس تان جلوس ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندڙن تي پوليس لٺيون وسايون.

هين شهرن ۾ سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پنهنجن گهرن تي ڪارا جهنڊا ڦڙڪايا، جلوس ڪڍيا ۽ مظاهرا ڪيا. اڳواڻن سان گڏ ڪيئي ڪارڪن بہ گرفتار ڪيا ويا. مزاري هائوس واري جلوس ۾ عورتون بہ شامل هيون. پوليس وارن مزاريءَ جي رهائشگاهہ ڏانهن ويندڙ رستن کي گهيرو ڪيو. گرفتار ٿيل اڳواڻن کي ڊفينس ٿاڻي تي رکيو ويو ۽ جيڪب لائنز واري مسجد کي بہ گهيري ۾ ورتو ويو جتي افطار پارٽيءَ جي موقعي تي اڳواڻن کي گڏ ٿيڻو هو.

ڪراچي شهر مان ڪورنگيءَ سميت ٻين علائقن مان بہ اطلاع پهتا تہ ڪارڪنن روڊن تي رنڊڪون وڌيون. ڪراچي بار ۽ ڪراچي پريس ڪلب تي بہ ڪارا جهنڊا چاڙهيا ويا. حيدرآباد، لاڙڪاڻي، جيڪب آباد، بدين، راڌڻ ۽ ٻين شهرن ۾ بہ "ڪارو ڏينهن" ملهايو ويو. جيڪب آباد ۾ وڪيلن گڏجاڻي بہ ڪئي.

لاهور بہ پوئتي نہ رهيو ۽ سياسي ڪارڪنن رستن تي رنڊڪون کڙيون ڪيون جن کي ميونسپل جو عملو سچو ڏينهن هٽائيندو رهيو. ايم. آر. ڊي پنجاب جي سيڪريٽري جنرل راؤ رشيد گرفتاري ڏني. هن کان اڳ اتان جي پوليس شيخ رشيد سميت ٻيا ڪافي اڳواڻ گرفتار ڪيا هئا.

ڪوئيٽا مان اطلاع پهتا تہ پاڪستان پيپلز پارٽي، نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي، تحريڪ استقلال ۽ ٻين تنظيمن جي اڳواڻن امان الله گچڪي، جمال جوگيزئي، ملڪ عثمان ڪانسي، خداء نور ۽ عبدالخالق سميت ٽي شاگرد ۽ چار ٻيا اڳواڻ گرفتار ٿيا. جن جن هنڌن تي جلسا ٿيڻا هئا، اتي پوليس اڳوات گهيراءُ ڪري ڇڏيو هو.

ديري اسماعيل خان مان اطلاع مليو تہ جمعيت علماء اسلام جي سيڪريٽري جنرل مولانا فضل الرحمان کي پوليس گرفتار ڪري ڇئن ڪلاڪن کان پوءِ ڇڏي ڏنو ڪيس وڪيلن جي جلسي ۾ شريڪ ٿيڻو هو. منڊي بهاءُ الدين ۾ وڪيلن بار تي ڪارا جهنڊا ڦڙڪايا.

حيدرآباد جي مقامي ايم. آر. ڊي اڳواڻن پنهنجن گهرن تي به ڪارا جهنڊا چاڙهيا. شام جو لطيف آباد نمبر ۳ ۾ ايم. آر. ڊي جو جلسو ٿيو جنهن ۾ مخدوم خليق الزمان تقرير ڪئي. جلسي ۾ حسين شاهه بخاري، مولا بخش چانڊيئي، الاهي بخش قائم خاني، اختر شيخ، شڪيل پٺاڻ ۽ ٻين تقريرون ڪيون. جلسي گاهه جي چوڌاري پوليس بيٺي رهي. بعد ۾ پريس ڪلب ۾ الاهي بخش قائمخاني، شڪيل پٺاڻ، عبدالخالق ذيشان ۽ ٻين گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ ۱۹۷۳ع واري آئين جي بحالي، هڪدم عام چونڊون ڪرائڻ ۽ سياسي قيدين جي آزاديءَ جو مطالبو به ڪيو.

پير پاڳاري جي "ٻانگون" تحريڪ

جيتوڻيڪ سيد غوث علي شاهه جنرل ضياءُ الحق جي حڪومت ۾ پير پاڳاري جي اجازت سان وينل هو ان هوندي به حڪمران ڌرين ۾ اختلاف ڏسجي رهيا هئا. مسلم ليگ جي هڪ ڌڙي جو صدر پير صاحب پاڳارو پنجين جولاءِ تي لاهور ۾ چئي رهيو هو "منهنجي پارٽي ملڪ ۾ جمهوري راڄ جي بحالي لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي ۽ ان مقصد لاءِ ٻانگن ذريعي الله تعاليٰ کان مدد پڻ گهري وئي آهي، جيڪڏهن اهي دعائون سياسي حڪومت جي قيام لاءِ نه اگهاڻيون ته پوءِ ڪو ٻيو گر آزمائبو... پر اميد آهي ته ٻانگن واري مهم ڪامياب ويندي!"

پير صاحب جنهن علامتي انداز ۾ گفتگو ڪندو آهي ۽ پنهنجن وڏڙن جي عظيم بغاوت جو حشر ڏسي عوامي تحريڪن جي ٻي اثر هجڻ جو احساس ڪٿي جيئندڙ نسل مان آهي، ان پس منظر ۾ "ٻانگو ڏيڻ ۽ دعا گهرڻ" جي معنيٰ فقط اها هئي ته هو اختيار جي ڌڻين کي ليلائي ۽ سمجهائي رهيو هو ۽ ان ۾ هلڪي ڦلڪي ڌمڪي به ملائي رهيو هو ڇاڪاڻ ته هو بهرحال هٿياربند حرن جي غير سرڪاري لشڪر جو سرواڻ به هو.

پير صاحب پاڳارو جنرل ضياءُ الحق سان غالباً ماٺ ميٺ ۾ تعاون جو هٿ ڊگهيري چڪو هو ۽ ظاهري مخالفت ڏيکاري پنهنجو سياسي وزن سنڀالي رهيو هو. منهنجي ذاتي راءِ آهي ته پير صاحب ضياءُ الحق کي پنهنجي پاران ڪو فارمولو ڏنو هوندو جنهن جو نالو هن "ٻانگو ڏيڻ" رکيو

هو. ان فارمولا ۾ ضياءُ الحق کي چيو ويو هوندو تہ عوام جون بدليل اکيون ڏسي تون پس منظر ۾ رهي حڪومت ڪر ۽ سامهون ڪو اهڙو ماڻهو رک جيڪو فوج ۽ عوام جي وچ ۾ "ڪشن" بڻجي وڃي. پير صاحب جنرل صاحب کي اها خاطري بہ ڏياري هوندي تہ اهڙو بهترين ڪشن مسلم ليگ (پاڳارو گروپ) بڻجي سگهي ٿي.

بهرحال، هن بابت عام تاثر ۽ افواهہ گشت ڪري رهيا هئا تہ جنرل ضياءُ الحق ڪيس اقتدار آڇيو هو پر پير صاحب ان کان نابري واري. پير صاحب کان جڏهن ان آڇ بابت پڇيو ويو تہ هن چيو "اهڙن معاملن تي ڳالهيون ميز تي يعني حساب ڪتاب سان ڪبيون آهن" حساب ڪتاب مان سندس مراد غالبا شرط شروط ۽ خاطريون هونديون. ان هوندي بہ هن چيو تہ "آئون ٻين مذهبي پارٽين سان لاڳاپا قائم ڪري رهيو آهيان. سندس ڀرپور اتحادي گروپ جمعيت علماء پاڪستان هو. ان گروپ سان ڪنهن صلاح مصلحت ۾ ممتاز دولتانہ جو هٿ هو. البت پير صاحب جي "لائين" يا حڪمت عملي جماعت اسلاميءَ کان بلڪل الڳ هئي. پير صاحب قومي اتحاد ۾ جماعت اسلاميءَ سان گڏ هوندي بہ ڪافي پري نظر پئي آيو.

ايم. آر. ڊيءَ جي ڏنل تاريخ ۾ اجا ڪجهہ وقت ضرور هو پر ماحول ۾ گرمي پيدا ٿيڻ شروع ٿي وئي هئي. مزدور ڪسان پارٽيءَ جي اڳواڻ فتحياب علي خان ٧ جولاءِ واري ڏينهن تي ٥ جولاءِ وارين سرگرمين تي تنقيدي نظر وجهندي چيو هو "پنجين جولاءِ وارو احتجاج مڪمل طرح ڪامياب رهيو. هو ان وقت پشاور کان ڪراچي پهتو هو.

قائم علي شاهہ جلاوطني ختم ڪري ٿو

سياسي سرگرمين ۾ تيزي اچڻ کان پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو اڳواڻ ۽ سنڌ جو اڳوڻو وزير سيد قائم علي شاهہ اوچتو ئي اوچتو لنڊن مان ظاهر ٿيو. هو ٻہ سال روپوش هو. شاهہ صاحب اجا تائين برطانيا ۾ سياسي پناهہ جي ڪوشش پئي ڪئي. هو ١٩٨١ع ۾ پي. آءِ. اي جو جهاز اغوا ٿيڻ کان پوءِ امڪاني گرفتارين سبب ملڪ مان هليو ويو هو ۽ پوليس سندس ڪڍ هئي.

۹ جولاءِ ۱۹۸۳ع

سکر ۾ ضلعي مئجسٽريٽ هڪ مهيني لاءِ قلم ۱۴۴ هيٺ جلوس ڪڍڻ تي بندش وجهي ڇڏي

۱۰ جولاءِ ۱۹۸۳ع

ٽِڪا خان ٻيا پنڊي جيل ۾

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ايڊيشنل سيڪريٽري ٽِڪا خان کي ٻن مهينن لاءِ گرفتار ڪري راولپنڊي جَيل ۾ رکيو ويو. هيءُ ٻهريون ڀيرو هو جو هو جيل ۾ پيو هو. هن کان اڳ کيس نظر بند ڪيو ويو هو. اڳوڻي وزير ارشد چوڌري ۽ راولپنڊيءَ جي اڳوڻي ميئر رئيس السلام کي بہ ٻن مهينن لاءِ پنڊي جيل ۾ رکيو ويو هو.

سرڪاري ڌر جون تياريون

ايم آر ڊي تحريڪ جي شروع ٿيڻ کان اڳ اطلاعات وارو صوبائي وزير احد يوسف ڏاڍو سرگرم هو. هو اخبارن تي اسلام ۽ قومي نظريي کي بگاڙڻ جا الزام مڙهيندو رهيو. ٻئي طرف هو ۽ ٻيا سرڪاري سياستدان مڪاني چونڊن ۾ وڙهڻ جون وڏي پئماني تي تياريون ڪري رهيا هئا.

نئين سياسي ڍانچي، جيڪو ۱۴ آگسٽ تي جنرل ضياءُ الحق جي پار کان ميدان ۾ اچڻو هو تنهي ڪميٽين جي هڪٻئي کان مختلف سفارشن مونجهارو پيدا ڪري وڌو هو. ضياءُ الحق پاڻ مونجهاري ۾ هو؟ يا هو قوم کي مونجهاري ۾ وجهي رهيو هو؟ اهو هڪ دلچسپ بحث ٿي سگهي ٿو. جنرل صاحب جي صفن ۾ "سوچ ويچار" جي رفتار شيطاني حد تائين تيز هئي، ان ڪري هو پاڻ قوم کي مُنجهائي رهيو هو تہ نيٺ ڇا ڪجي؟ هن ٽن ڪميٽين ذريعي ٽي مختلف متبادل قوم آڏو پيهر (اَئسڏي طرح) شايع ڪرايا:

- شورا ڪميٽيءَ ۱۹۷۳ع واري آئين کي برقرار رکڻ ۽ پارليامينٽري نظام جي سفارش ڪئي آهي. (هن سفارش کي بعد ۾ شورائين جي بغاوت سڏيو ويو).

- اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي ڪميٽيءَ متناسب نمائندگيءَ بابت واضح شرط وڌا آهن. (سرڪاري ڏريون هن سرشتي جي حمايت ڪري رهيون هيون).
- وزارتي ڪميٽيءَ اهڙي پارليامينٽري نظام جي سفارش ڪئي جنهن ۾ صدر ۽ وزير اعظم جي اختيارن جي مناسب ورڇ جو ذڪر هو. وزارتي ڪميٽيءَ ڪوشش ڪئي هئي ته ان جون سفارشون وڏي حد تائين قابل قبول ٿي سگهن ۽ ١٤ آگسٽ تي جنرل صاحب پاران ٽيندڙ نئين سياسي ڍانچي جي اعلان ۾ انهن سفارشن کي قبول ڪيو ويجي. جنرل صاحب کي مستقل ڪردار ڏيڻ لاءِ سفارش ڪئي وئي ته صدر وٽ وڏيڪ اختيار هجن ۽ هٿيار بند فوجن لاءِ به ڪو ڪردار مقرر ڪيو وڃي. اها ڳالهه به ڪئي وئي ته متان ان آخري متبادل تي ريفرنڊم ڪرائڻ جي ضرورت پوي!

١١ جولاءِ ١٩٨٣ع

نئين سياسي ڍانچي لاءِ نئين ڪميشن

حڪومت نئين سياسي ڍانچي لاءِ ١۴ رڪني ڪميشن قائم ڪئي ۽ مولانا ظفر احمد انصاريءَ کي ان جو سربراهه مقرر ڪيو هن ڪميشن کي ٽاسڪ ڏنو ويو ته اها ٣١ جولاءِ تي سفارشون پيش ڪري. ان حڪم نامي سان گڏوگڏ ٢٣ جولاءِ تي اليڪشن ڪميشن جي گڏجاڻي به ڪوٺائي وئي.

سرحد ۾ مڪاني چونڊون پهرين سيپٽمبر ١٩٨٣ع تي...

سرحد حڪومت مڪاني چونڊن جو اعلان ڪري پهرين سيپٽمبر جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي. سنڌ ۾ مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ليفٽيننٽ جنرل ايس.ايم عباسيءَ سنڌ ۾ نئين فوجي عدالتن جي جوڙجڪ ڪئي. سي. آر. اسلم. ايم. آر. ڊي پاران هڪ پيرو وري جنرل ضياء کان مطالبا ڪيا ته ملڪ ۾ اعتماد واري فضا بحال ڪرڻ لاءِ سياسي نظربندن کي آزاد ڪيو وڃي. سياسي اڳواڻن جي صوبه بدرين جا حڪم واپس ورتا وڃن. اهي ڪم

۱۴ آگسٽ کان اڳ ڪيا ويندڙ سياسي ڍانچي واري اعلان سان گڏ ملڪ ۾ عام چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪيو ويو. جنرل صاحب انهن مان ڪنهن به مطالبي پوري ڪرڻ جي موڊ ۾ نه هو. هن جا پنهنجا پروگرام هئا. هونئن به سي. آر اسلم جا مطالبا ان لحاظ کان عجيب هئا جو جنرل ضياء جيڪو ڍانچو ڏيڻ وارو هو اهو جمهوريت جي بحالي، عام چونڊن ۽ سياسي پارٽين کي بحال ڪرڻ طرف ويندو نظر ڪونه ٿي آيو.

ساڳي تاريخ تي مسلم ليگي اڳواڻ هارون احمد ۽ پنج بيا غفار لطيف، ابراهيم ڪريم، آدم عبداللطيف، علي احمد، حاجي اسماعيل ۽ محي الدين کي ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي حڪمن سان ڪراچي جيل مان آزاد ڪيو ويو. غالبا هنن معافيون لکي ڏنيون هيون. هونئن به اهي صاحب ڪنهن به زاويي کان سياستدان، اڳواڻ يا ڪارڪن ڪونه ٿي لڳا. الائي ڪيئن هو سياسي چڪر ۾ ڦاسجي ويا هئا.

خبر نه آهي ته مسلم ليگي ۽ جماعتي اڳواڻن کي هن مهيني ۾ دل جا دورا ڇو پوڻ لڳا هئا؟ هن وقت ڪي بيا ته ياد ڪونه ٿا اچن پر جماعت اسلامي جو محمود اعظم فاروقي دل جي عارضي سبب لنڊن وڃڻ جي تيارين ۾ هو ۽ محمود الحق عثماني دل جي آپريشن لاءِ لنڊن هليو ويو. انگلينڊ جا حاڪم ته ۱۹۴۷ع ۾ لنڊن موٽي ويا هئا. تڏهن به لنڊن ۾ الائي ڇا آهي جو اڄ تائين پاڪستاني سياستدان پاڪستان تي اثر انداز ٿيندڙ هر فيصلو ۽ ناهه لنڊن ۾ وڃي ڪندا آهن.

ايم. آر. ڊي واري تحريڪ لاءِ ۱۴ آگسٽ جي تاريخ مقرر ٿيل هئي پر سرحد سرڪار مڪاني چونڊن لاءِ ۱ سيپٽمبر جي تاريخ مقرر ڪئي هئي. حڪومت جي اها حڪمت عمليءَ ته فقط غير سياسي ماڻهن کي مڪاني چونڊن ۾ بيهڻ ڏنو ويندو منافق سياستدانن لاءِ وڏو امتحان بڻجي وئي. هو سخت پريشان هئا ته ڇا ڪن؟ مڪاني چونڊون وڙهن يا ايم. آر. ڊيءَ جو ساٿ ڏين؟

۱۲ جولاءِ ۱۹۸۳ع

مولانا فضل الرحمان جون چار تجويزون

۱۱ جولاءِ تي مولانا فضل الرحمان ايم. آر. ڊيءَ کي وڌيڪ سرگرم ڪرڻ لاءِ لاهور مان چئن تجويزن جو اعلان ڪيو. هن خواجه خير الدين جو حوالو ڏيندي چيو ته اٺن (۸) پارٽين واري اتحاد (MRD) انهن تجويزن تي اڳي ئي غور ڪيو هوءِ سيني پارٽين انهن تجويزن جي حق ۾ هاڪاري موٽ ڏني هئي، تنهن هوندي به مرڪزي ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ انهن تجويزن تي پڪو فيصلو ڪيو ويندو.

مولانا چيو هن وقت جمعيت علماء اسلام ايم. آر. ڊي تان موڪل تي آهي، بهرحال، ايم. آر. ڊي سان ساٿ ڏيڻ يا ان کان الڳ رهڻ بابت فيصلو پارٽيءَ جي جنرل باڊي ڪندي، جيڪا آگسٽ ۾ ٿيڻي هئي. جمعيت، ايم. آر. ڊيءَ تان موڪل تي ڇو هئي؟ هن کان اڳ اهڙي ڪابه وضاحت ڪونه آئي هئي. نه ئي ڪا اهڙي خبر هئي ته جمعيت کي ايم. آر. ڊيءَ جي ڪنهن عمل کان رنج پهتو هو!

مولانا فضل الرحمان پنهنجي تنظيم جي ليٽر پيڊ تي هيٺيون تجويزون ڏنيون:

۱. ايم. آر. ڊيءَ ۾ شامل سموريون پارٽيون اسلام جو نعرو اختيار ڪن ۽ ان تي ڪنهن به پارٽيءَ کي اعتراض نه هئڻ گهرجي.

۲. ايم. آر. ڊيءَ کي مستقل تنظيمي ڍانچو ڏنو وڃي، ان ڪانسواءِ ايم. آر. ڊي ماڻهن کي پنهنجي چوڌاري جمع ڪري نه سگهندي. هر ٽن مهينن کان پوءِ قيادت ۾ تبديليءَ سان تنظيمي استحڪام ۽ پاليسي برقرار نٿي رهي. جيڪڏهن هڪ نعري ۽ مستقل قيادت وارو اصول قبول ڪيو وڃي ته اهڙي قيادت چونڊڻ آسان ٿيندي.

۳. اها ڳالهه رڪارڊ تي آندي وڃي ته ايم. آر. ڊيءَ جي جاکوڙ ڪنهن فرد جي خلاف نه پر هڪ نظام جي خلاف آهي. ايم. آر. ڊي اها ڳالهه چٽي ڪري ته اسلامي جمهوريت جي بحاليءَ تائين جاکوڙ جاري رهندي.

۴. ڪارڪنن جو حوصلو هر حالت ۾ بلند رکيو وڃي ۽ ڏين مايوسيءَ کان بچائڻ لاءِ جوڳا اپاءَ ورتا وڃن.

جڏهن مولانا صاحب جون تجويزون پڌريون ٿيون تڏهن ئي اها سڌ پئي ته سندس جماعت موڪل تي ڇو آهي؟ ايئن تي لڳو ته جمعيت علماء اسلام کي انديشو ٿيو هو ته متان اڳتي هلي ترقي پسند ڌريون ايم. آر. ڊيءَ کي هاءِ جيڪ ڪري وٺن. انڪري هن خاطري پئي ورتي ته ايئن نه ٿيندو بلڪ ايم. آر. ڊي اسلام (اسلامي جمهوريت) بحال ڪرائڻ لاءِ ڪميٽڊ هوندي

مولانا کي انديشو غالباً انڪري ٿيو هو جو ترقي پسند ڌريون پرڏيهي پاليسيءَ جي حوالي سان افغان سرڪار جي حمايت ۾ لڳي ويون هيون ۽ مولانا صاحب ڪنهن به تحريڪ ۾ عملي حصو وٺڻ کان اڳ پڪ ڪرائي رهيو هو ته جمعيت کي (اسلام مخالف تحريڪ ۾) استعمال نه ڪيو ويندو. هن لاءِ هي بهترين موقعو هو ته ۱۴ آگسٽ واري تحريڪ شروع ٿيڻ کان اڳ ئي پنهنجي شرڪت جي بدلي ۾ پنهنجي پارٽيءَ جو بنيادي نقطو قبول ڪرائي وٺي.

ممتاز ڀٽي جي آمد جو اطلاع

ساڳي تاريخ تي اطلاع پهتو ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو اڳواڻ ممتاز ڀٽو ۱٦ جولاءِ تي لنڊن کان ڪراچي پهچي رهيو آهي. هُو دل جي علاج لاءِ لنڊن ويل هو. في الحال ٻڌايو ويو ته ڊاڪٽرن هن کي ڇهه مهينا آرام جي صلاح ڏني آهي. قائم علي شاهه کان پوءِ هيءُ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو ٻيو اڳواڻ هو جيڪو تحريڪ کان اڳ پاڪستان پهچي رهيو هو. سياستدانن جي لنڊن روانگي ۽ واپسيءَ جو هيءُ سلسلو سياسي ڪارڪنن ۾ چؤٻول پيدا ڪري رهيو نيٺ هو ڇا لاءِ اچ وڃ ڪري رهيا آهن؟ ڇا ڀڄڻ وارا ڀڄي رهيا آهن ۽ واپس موٽڻ وارا ڪي ضمانتون ۽ گرين سگنل وٺي موٽي رهيا آهن؟ يا ڪين خاطري ڏياري وئي آهي ته تحريڪ سچ پچ جنرل ضياء جو تختو ابتو ڪري ڇڏيندي؟

جمعيت علماء پاڪستان جي سربراهه مولانا شاهه احمد نورانيءَ، پير صاحب پاڳاري جي ڏنل تازي بيان جي موٽ ۾ چيو: اسان جي جماعت جو مسلم ليگ (پاڳارو) سان ٻيهر اتحاد ممڪن نه آهي... پاڳاري سان اتحاد ان ڏينهن ختم ٿي ويو هو جڏهن هن ڳجهه ڳوهه ۾ ضياءُ الحق سان گڏجاڻيون ڪيون ۽ اتحاد جي بنيادي شرطن جي ڀڃڪڙي ڪئي.

ڪراچيءَ ڏانهن بنگالين جي لڏپلاڻ

هڪ طرف سياسي جوڙ توڙ جي اها صورتحال جاري هئي، ته ٻئي طرف ڪراچيءَ تي بنگلا ديشين جي يلغار جاري هئي. ان وقت جون اخبارون هن خطري کي محسوس ڪندي لکي رهيون هيون ته ايترا هزار بنگالي ڪراچي اچي چڪا آهن جو ڪراچيءَ جي ماڻهن جون معاشي سرگرميون متاثر ٿيڻ لڳيون آهن ۽ روزگار جا وسيلا گهٽبا پيا وڃن. بنگالين ڪراچيءَ کي جنت ڪري سمجهيو آهي، سرڪاري ايجنسيون هن معاملي تي خاموش آهن. بنگالين کي هندستان جي رستي کان آندو پيو وڃي. ريڪروٽنگ ايجنٽ اهڙن بنگالين کي پاڪستاني پاسپورٽ ۽ سڃاڻپ ڪارڊ تيار ڪرائي ڏيئي رهيا هئا. گهڻن ته ڊوميسائل به هٿ ڪري ورتا هئا. انهن ماڻهن ڪراچي بندر تي ڪم ڳولڻ، هٿ ڪرڻ ۽ ڪمائڻ شروع ڪري ڏنو هو. هو مقامي مزدورن جي ڀيٽ ۾ گهٽ اجرت تي ڪم لاءِ تيار هئا. ڊفينس، ڪلفٽن، گلشن اقبال ۽ ٻين شاهوڪار علائقن ۾ بنگالي ماڻهو بنگلن ۾ گهريلو نوڪر تي ڪم ڪري رهيا هئا.

هوڏانهن، جيلن ۾ بند سياسي قيدي حالتن تي تبصرو ڪندي چئي رهيا هئا، لڳي ٿو ته ايم. آر. ڊيءَ جي هلچل ۾ وڪيلن کي پهلڪاري ڪرڻي پوندي ڇاڪاڻ ته هن جدوجهد ۾ آئين ۽ عدالتي نظام گهڻو متاثر ٿيو هو ۽ انهن ورن وڪڙن کي وڪيل برادري ئي بهتر سمجهي پئي سگهي.

پاڪستان نيشنل پارٽي ميدان ۾ لهڻ جو اعلان ڪري ٿي

پاڪستان نيشنل پارٽيءَ جي اڳواڻ يوسف مستي خان اعلان ڪيو ته ۱۴ آگسٽ کان شروع ٿيندڙ سول نافرمانيءَ واري تحريڪ ۾ PNP ڀرپور حصو وٺندي، شير شاهه ۾ هڪ افطار پارٽيءَ ۾ ڳالهائيندي هو چئي رهيو هو "پاڪستان ۾ قومي جمهوري انقلاب ان مهل تائين نه ايندو جيستائين پورهيت هاري ۽ شاگرد پاڻ ۾ متحد ٿي جدوجهد نه ڪندا!" هي PNP ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو اوپن فرنٽ هو. ڪميونسٽ، جيڪي هونئن نماز ۽ روزي کان پري هوندا آهن، هاڻي افطار پارٽيءَ ۾ شريڪ هئا.

هن وقت افطار پارٽيون سياسي ميل ميلاپ ۽ گڏجاڻين جا بهانا هئا. هن افطار پارٽيءَ ۾ منصور بلوچ، زبير الرحمان، مبشر قيصراڻي، شفيع ڪلهوڙي ۽ ٻين تقريرون ڪيون هيون. اخبار ۾ اها خبر پڙهي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳواڻ ڪامريڊ جمال نقويءَ ڪراچي سينٽرل جيل ۾ اطمينان جو ساهہ کنيو "مس وجي ڪٿان ظاهر ٿيا آهن!"

مظفر ڳڙهہ مان خبر آئي تہ پنجاب بار ڪائونسل جي چوڌري محمد اشرف چتاءُ ڏنو آهي تہ هڪ وڏي رٿابنديءَ سان جمهوريت جي خلاف پرچار ڪيو پيو وڃي. اهو پرچار ڪير پيو ڪري؟ ڪابہ وضاحت موجود ڪونہ هئي پر محسوس ڪري پيو سگهجي تہ اهو اشارو سرڪار طرف هو. هن سياسي قيدين جي آزاديءَ جو مطالبو بہ ڪيو.

ساڳئي ڏينهن تي سعودي عرب ۾ رمضان شريف جو احترام نہ ڪندڙ ٣٠٠ ماڻهن کي ٤٠، ٤٠ ڦٽڪا هنيا ويا. ايتري وڏي تعدا ۾ ڦٽڪا کائي وڃڻ مان اندازو ٿي رهيو هو تہ سعودي عرب ۾ ڦٽڪا ايتري بي رحميءَ سان نہ ٿي هنيا ويا جيئن پاڪستان ۾ فوجي عملدار هاشم خان ۽ پرويز خان جهڙن سپاهين جي هٿان هڻائيندا هئا. پاڪستان ۾ مشڪل سان ڪو ماڻهو ١٥ کان ٢٠ ڦٽڪا جهلي سگهندو هو. سندن سٽرن جي کل اڌڙي ٿي وئي ۽ چٿيل گوشت مان رت وهڻ ٿي لڳو.

ڇوڪرا ڇوڪريون ڌار ڌار، بد اخلاقيون بند

پنجاب سرڪار جو هڪ حڪم ثابت ڪري رهيو هو تہ پاڪستان هاڻي ڪافي حد تائين مسلمان ٿي چڪو هو. حڪومت پنجاب سيني تعليمي ادارن ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي گڏيل تقريبن تي بندش وجهي ڇڏي هئي. سيني يونيورسٽين ۽ اسڪولن ڏانهن نوٽيس اماڻيا ويا تہ هاڻي مشاعرا، ڊراما ۽ الوداعي پارٽيون بہ الڳ ڪيون وڃن ڇو تہ بقول سرڪار، تعليمي ماحول جو تقدس برقرار نٿو رهي ۽ اها بداخلاقي آهي. اها ئي بندش سول ڊفينس ٽريننگ ۽ راندين تي بہ وڌي وئي. فلم ناچ ۽ مجرو ڊيڪارڻ تي بندش تہ نہ پئي البت ٽي وي ۽ اسٽيج تان ڪلاسيڪل رقص بند ٿي ويو.

١۵ جولاءِ ١٩٨٣ع

جماعت اسلامي مؤقف پيش ڪري ٿي

جماعت اسلاميءَ جو اڳواڻ محمود اعظم فاروقي سچ پچ دل جو مريض نڪتو. هو ١٢ جولاءِ تي لنڊن پهتو هو ۽ ١۵ جولاءِ تي دل جو آپريشن ٿي ويس. هفتو کن اسپتال ۾ آرام جو موقعو مليو هئس. هوڏانهن، پاڪستان سرڪار هڪ عجيب فيصلو به ڪيو. ان فيصلي جو تعلق جماعت اسلاميءَ سان نه سهي اسلامي ٻولي عربيءَ سان ضرور هو. پاڪستان سرڪار وفاقي شرعي عدالت جي سمورن مکيه فيصلن کي ٽن ٻولين يعني انگريزي، اردو ۽ عربي ۾ ڇپائڻ جو فيصلو ڪيو ته جيئن پاڪستاني عوام، يورپ جا باشندا ۽ عرب اهي فيصلا سولائيءَ سان پڙهي سگهن. اها ڳالهه چيف جسٽس آفتاب احمد ٻڌائي.

هوڏانهن جماعت اسلاميءَ ملڪ جي تازي صورتحال تي پنهنجو مؤقف پڌرو ڪيو. ميان محمد طفيل ڪجهه هن ريت چيو "جيڪڏهن هاڻوڪي حڪومت قوم جي اختيار کان سواءِ قبضو جاري رکيو ته ان جا اڻوڻندڙ نتيجا نڪرندا. ميان طفيل صاحب ١۴ جولاءِ تي هڪ عيد ملن پارٽيءَ ۾ تقرير ڪري رهيو هو جنهن ۾ جماعت اسلاميءَ جا به هزار ڪارڪن شامل هئا. اها ڳالهه مڃڻ جي هئي ته ان وقت تنظيمي ڊسيپلين جي لحاظ کان پاڪستان ۾ فوج کان پوءِ ٻئي نمبر تي تنظيم ڪاري فقط جماعت اسلاميءَ وٽ هئي. هتي آئون ان جماعت جي مقبوليت يا غير مقبوليت جي سببن ۾ پوڻ نٿو چاهيان!"

ميان طفيل چيو هاڻوڪي حڪومت ڇهن سالن کان اقتدار ۾ آهي جڏهن ته دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ چونڊيل حڪومت کي به چئن يا پنجن سالن کان وڌيڪ عرصو اقتدار ۾ رهڻ جو حق ڪونهي. هن ڪجهه عالمن جي ان دعويٰ کي رد ڪري ڇڏيو ته "ڪنهن اسلامي ملڪ ۾ ملڪ جي سربراهه لاءِ مدو مقرر ڪونه هوندو آهي ۽ هو سڄي حياتي سربراهه رهي سگهي ٿو." هن چيو "اها انتهائي غير اسلامي دعويٰ آهي ۽ اهو قوم تي ڇڏيل آهي ته اها مقرر مدي لاءِ پنهنجو سربراهه چونڊي ... هر پاڪستاني چاهي پڙهيل هجي يا

اٿپڙهيل، زميندار هجي يا هاري، اهو هن ملڪ جو حقيقي مالڪ آهي ۽ ملڪ تي حڪومت جو حق فقط ان ماڻهو کي آهي جيڪو انهن طرفان مقرر ٿيل معيار موجب چونڊيو وڃي... بي شمار ڏکن ۽ شڪايتن جي باوجود ماڻهن هن حڪومت کي ڇهه سال برداشت ڪيو آهي پر هاڻي ان جو جبر ختم ٿي ويو آهي ۽ حڪومت کي ان جو احساس ڪرڻ کپي!"

ميان طفيل موجوده سرڪار جي نئين سياسي ڍانچي بابت مقرر ٿيل ڪميشن جي به آجيان ڪئي ۽ چيو هر ڇئن پنجن سالن کان پوءِ نئون آئين ٺاهڻ جي ڪابه ضرورت ڪونهي. هن ڌمڪي به ڏني ته "جيڪڏهن عوام جي مرضيءَ جي خلاف ڪابه ڳالهه مڙهي وئي ته هاڻوڪو بحران وڌيڪ سنگين ٿي ويندو!"

جماعت اسلامي ۽ ٻين پارٽين کي ايم. آر. ڊي سان ڪا دلچسپي هجي يا نه هجي، ڪين ضياء الحق کان اها شڪايت ضرور هئي ته ڀٽي صاحب کي اقتدار مان ڪڍڻ کان پوءِ ضياءُ الحق کين به پاسيرو ڪري ڇڏيو هو "جيتوڻيڪ هو (ميان طفيل) پاڻ به جنرل صاحب جو ويجهو عزيز هو."

١٦ جولاءِ ١٩٨٣ع

جنرل ضياء جو جاپان روانگي کان اڳ بيان

١٥ جولاءِ تي جاپان وڃڻ کان اڳ جنرل ضياءُ الحق پاڻ کي جمهوريت دوست سڏائڻ لاءِ اعلان ڪندو ويو ته هاڻي عام چونڊن ۾ گهڻي دير نه آهي ۽ حڪومت ملڪ ۾ هڪ اهڙو سياسي سرشتو قائم ڪرڻ گهري ٿي جيڪو عوام جي مزاج ۽ تقاضائن موجب هجي. هو عالمي برادريءَ کي ٻڌائي رهيو هو ته جيسين چونڊون ٿين تيسين اسلامي اصولن موجب جمهوري عمل جاري رهندو ۽ حڪومت چاهي ٿي ته ايماندار ۽ ديانتدار عوامي نمائندا چونڊجي اچن. اهو انٽرويو هن نڪ جي ٻڪائيءَ سان هڪ جپاني اخبار کي ڏنو هو. هن اهو به چيو ته حڪومت چونڊن ۾ مثبت نتيجا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

هيءَ به هڪ دوکو هو. سندس نيت جو پتو ئي نٿي پيو پر عالمي ۽

عوامي دٻاءَ سبب هو ”چونڊن لاءِ تيار آهيان“ جو راڳ آلاپيندو پئي ويو. سندس بيان مان اهو تاثر برابر ملي رهيو هو تہ هو پنهنجين مقرر ڪيل ڪميٽين جي رپورٽن بعد سياسي ڍانچي بابت ڪو ذهن ٺاهي چڪو هو پر ڇا؟ هن کي مثبت يعني، پنهنجي مرضي جا نتيجا ڪپندا هئا ۽ هي ملڪ جي ڏيگهہ ويڪر ۾ پاڻ جهڙا 'ايماندار ۽ ديانتدار' (پنهنجا تابعدار) ماڻهو ڳولي رهيو هو.

اڪبر بگٽيءَ جي راءِ ۽ تجزيو

هوڏانهن، بلوچ اڳواڻ اڪبر بگٽي جيڪو بلوچستان جو اڳوڻو گورنر بہ هو، لاهور ۾ پنهنجي مخصوص لهجي ۾ ڳالهائي رهيو هو. ”بلوچستان ۽ ملڪ جي ٻين قوميتن کي مڪمل خودمختياري ملڻ گهرجي ... بنيادي ۽ اصل مسئلو خود مختياريءَ جو آهي ۽ جيستائين اهو مسئلو نبيريو نہ ويندو. وفاق جا معاملا نبري ڪونہ سگهندا ۽ قومي خود مختياريءَ کانسواءِ جمهوريت بہ ناڪام ٿي ويندي!“

بگٽي صاحب ايم. آر. ڊيءَ بابت چيو. ”قوميتن بابت ايم. آر. ڊيءَ جو رويو سنو آهي پر ان ڏس ۾ اجا بہ واضح مؤقف گهرجي تہ جيئن بلوچستان جا جمهوريت پسند ماڻهو جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ ۾ ڀرپور حصو وٺن!“ نواب اڪبر بگٽيءَ کي احساس هو تہ بلوچستان موجوده سياسي، جاگرافيائي ۽ عالمي صورتحال سبب گهڻي اهميت وٺي ويو آهي ۽ اها اهميت مستقبل ۾ بہ برقرار رهندي

هن چيو. ”آئون اهڙي ڪابہ تبديلي نٿو چاهيان جيڪا پاڪستاني عوام جي خواهشن موجب نہ هجي!“ سندس خيال هو تہ ”هڪ نئين راند شروع ٿيڻ واري آهي جنهن ۾ سڀ نوان رانديگر هوندا ۽ راند جو ميدان بہ نئون هوندو... ايم. آر. ڊيءَ کي پنهنجون ڪوششون جاري رکڻ گهرجن ۽ بلوچ عوام پوئتي نہ هٽندو!“

بگٽي صاحب نئين ميدان، نون رانديگرن ۽ نئين راند جي ڳالهہ ڪئي هئي. ماضيءَ ۾ بنگال، سرحد ۽ بلوچستان ۾ خوفناڪ ميدان نظر آيا

هئا. هو پري تائين ڏسي رهيو هو ۽ سندس بيان مان بلوچستان مان ڪنهن وڏي ويڙهه جي بوءِ ڪونه ٿي آئي. شايد هن جي مرضي هئي ته هن پيري پلي ته ڪنهن بئي هنڌ ويڙهه ٿئي!

ايم. آر. ڊي ڇا ڏيڻ واري هئي؟ ان بابت هر ڪنهن کي چرڪ هئا. بلوچ عوام فوج سان ويڙهه جو نتيجو ڏسي چڪو هو. پنهنجا به مزو چکي ويٺا هئا. سنڌ کي حر تحريڪ کان پوءِ ون يونٽ واري تحريڪ جون ڪاميابيون ۽ ناڪاميون ياد هيون.ڪراچيءَ تي پروسو گهٽ هو. رياستي جبر سبب سنڌ بظاهر ڊنل ڊنل هئي. پنجاب ۾ ماٺ لڳي پئي هئي. ان ڪري سيني سياسي ڌرين جي دلي خواهش هئي ته هن ڀيري پنجاب ضرور اٿي ۽ سڀ صوبا گڏجي ان طاقت سان وڙهن جيڪا جمهوريت تي گهات هڻڻ جي عادي ٿي وئي آهي.

اڪبر بگٽي بلوچن لاءِ "ڏچي ويل قوم" جو مهڻو ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونه هو. هو طوفان جو رخ به ڏسي رهيو هو. انڪري ئي هن چيو "ايم. آر. ڊي پنهنجي ڪوشش جاري رکي، بلوچ پوئتي نه رهندا!" سندس بيان مان تحريڪ لاءِ اڏوري ڪمٽمينٽ محسوس ٿي رهي هئي.

سنڌ ۾ مڪاني چونڊون ٢٩ سيپٽمبر تي

١۴ آگسٽ واري سڏ جو فيوز اڏائڻ لاءِ جنرل ضياءَ الحق سنڌ ۾ نيٺ ٢٩ سيپٽمبر تي مڪاني چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. اليڪشن اٿارٽي، کي هدايتون جاري ڪيون ويون ته اهي جلد کان جلد چونڊن واري پروگرام جي ترتيب جو اعلان ڪري ڇڏين. هي اعلان نيڪ ان وقت ٿيو جڏهن جنرل صاحب افغانستان ۽ ڪجهه ٻين معاملن تي حمايت وٺڻ لاءِ جاپان روانو ٿي رهيو هو.

مڪاني ادارن جي چونڊن جو اعلان، جيئن مون اڳ به چيو ته سنڌ جي ڏچڻي، منافق، مفادپرست ۽ موقعي پرست طبقي لاءِ سراسر امتحان جو وقت هو. هي مڪاني چونڊون غير پارٽي بنيادن تي ٿيڻيون هيون، انڪري هر اهو ماڻهو جنهن مان پاڪستان پيپلز پارٽي يا ڪنهن به ٻي سياسي پارٽيءَ سان وابستگي يا همدرديءَ جي بوءِ اچڻ ممڪن هئي، نااهل ٿي سگهيو ٿي. اقتدار

جو خواهشمند. چاهي اهو اقتدار يونين ڪائونسل سطح جو ئي ڇو نه هجي، زميندارن لاءِ اعزاز ۾ ڪُتي واري هڏي هو. تمام ٿورا ماڻهو هن موقعي تي پنهنجو ضمير بچائي ٿي سگهيا.

هوڏانهن، مجلس شوريٰ سياسي نظام بابت شوريٰ ڪميٽيءَ واري رپورٽ تي مٿا ڪٽ ڪندي رهجي وئي.

خبر ناهي ته اها خبر درست هئي يا غلط پر هڪ اردو اخبار هڪ ڇپاني اخبار جي حوالي سان خبر ڇاپي جنهن ۾ چيو ويو هو "صدر ضياءُ الحق چيو آهي ته ايندڙ چند سالن ۾ پاڪستان ۾ چونڊون ڪرائڻ ممڪن ڪونه آهي." جڏهن پاڪستاني صحافين صدر ضياءَ کان ان جي وضاحت گهري ته هُو صاف ڦري ويو ۽ چيائين، "١۴ آگسٽ پري ڪونهي، ٿورو انتظار ڪيو!"

ايم. آر. ڊيءَ ۾ مونجهارو

مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ يا نه وٺڻ جي سوال تي ايم آر ڊيءَ منجهي پئي. ايم. آر. ڊيءَ جي آڏو سوال هو ته ڇا مڪاني سطح تي جنرل ضياء کي "واڪ اوور" ڏيئي ڇڏجي؟ ان سوال تي تحريڪ استقلال وڏيڪ منجهائي وڌو هو، جنهن جو ضد هو ته اها مڪاني چونڊن ۾ حصو ضرور وٺي ۽ تحريڪ استقلال ايم. آر. ڊيءَ جي پڻ ڀرپور حمايت ڪندي.

ايم. آر. ڊيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ ١٩ جولاءِ تي رکيل گڏجاڻيءَ ۾ مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ بهرو وٺڻ يا نه وٺڻ جو فيصلو ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو. هن اتحاد جون ٻيون پارٽيون چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي خلاف هيون، جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ فيصلي لاءِ ڪجهه وقت گهريو هو. ايندڙ گڏجاڻي شيرباز مزاري جي صدارت ۾ ٿيڻي هئي.

جماعت اسلاميءَ جي ڌمڪي

جماعت اسلاميءَ جي ميان طفيل چيو "جيڪڏهن ١۴ آگسٽ تي ڪو اهڙو اعلان ڪيو ويو يا ڪو اهڙو ڍانچو تجويز ڪيو ويو جيڪو پاڪستاني عوام جي خواهشن مطابق نه هوندو ته پوءِ حالتون ڪهڙو به رخ

اختيار ڪري سگهنديون ۽ سياسي جماعتن جو وسيع تر اتحاد بہ قائم ڪري سگهجي ٿو.“ ميان طفيل اخباري نمائندن سان ڳالهائيندي چئي رهيو هو ”ملڪ ۾ دستوري زندگي جي بحالي ۽ شهري حقن جي تحفظ لاءِ مختلف مڪتبہ فڪر جا ماڻهو هڪ پليٽ فارم تان گڏجي جدوجهد ڪندا رهيا آهن. ١٩٥١ع کان وٺي اڄ تائين ايئن ڪيئي ڀيرا ٿيو آهي ۽ هاڻي بہ ٿي سگهي ٿو... جيڪڏهن زمين ۽ آسمان جي فرق وارا عنصر بہ گهٽ ۾ گهٽ مطالبن تي متفق ٿي وڃن تہ ان تي حيرت نہ ٿيندي.“ ميان طفيل سرڪاري ڪميشن مان ڪابہ اميد وابستہ ڪرڻ کانسواءِ چيو جڏهن اها رپورٽ ايندي، تڏهن ان جو جائزو وٺنداسين... ڪوبہ غلط فهميءَ ۾ نہ رهي تہ حڪمران پنهنجي مرضيءَ کي اسلام جو نالو ڏيندا تہ ماڻهو ان کي قبول ڪري وٺندا.“

مولانا طفيل غير جماعتي سياسي نظام تي تنقيد ڪئي ۽ چيو ”اهڙو سياسي نظام ۽ ٻيا منصوبا قوم سان سخت ناانصافي آهن ...جيڪڏهن سياسي پارٽيون ئي موجود نہ هونديون تہ پوءِ وجود ۾ آيل اسيمبلي يا اسيمبليون ڪهڙن مقصدن جون پورائو ڪنديون؟ اها اسيمبلي منتشر ماڻهن جو هڪ ٽولو هوندي، جنهن ۾ هر ڪو ذاتي مقصدن لاءِ پيو ڊوڙندو... پاڪستان ٨ ڪروڙ جيئرن جاڳندن ماڻهن جو وطن آهي، ڪا چراگاهہ يا تجربيگاهہ ناهي جو هر آيو ويو هڪ نئون تجربو شروع ڪري ڇڏي!“

جماعتي اڳواڻ جا دليل ٺاهوڪا ۽ سخت هئا. پڇاڙيءَ ۾ هن ڌمڪي بہ ڏني تہ ”جيڪڏهن قوم جي اجتماعي ضمير موجب معاملن کي نہ هلايو ويو ۽ عظيم تر اتفاق راءِ کي بنهہ نظر انداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ عوام اهڙي ڪوشش کي ناڪام ڪندو!“ مولانا صاحب جو لهجو تہ برابر سخت هو پر هن کي خوف بہ هو تہ جيڪڏهن ڪا تحريڪ هلي پئي تہ ان جا نتيجا تباهي آڻيندڙ بہ نڪري سگهن ٿا. ان هوندي بہ مولانا طفيل احمد چيو تہ ”اقتدار ۾ حصيداري جي خواهش ۾ جيڪڏهن حالتون خراب ٿيون تہ ان لاءِ حڪومت ئي ذميوار هوندي“

- هوڏانهن دستوري ڪميشن بنيادي طرح ١٩٧٣ع واري آئين کي مڪمل

طور بدلائڻ لاءِ ان کي مسخ ڪرڻ جا عجيب غريب دليل، بهانا ۽ ٽڪسات جوڙڻ ۾ مصروف هئي.

- ساڳي تاريخ تي پيپلز پارٽيءَ جو اڳواڻ ممتاز ڀٽو وطن موٽي آيو.

١٨ جولاءِ ١٩٨٣ع

پيپلز پارٽيءَ اسٽيئرنگ ڪميٽي مڪاني چونڊون وڙهڻ جي حق ۾

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت پنهنجي مفاد پرست ڪيڊر جي هٿ ۾ بيوس نظر پئي آئي ۽ مڪاني چونڊن ۾ بيهڻ بابت سندن خواهش کي ٺڏي ڇڏڻ پارٽيءَ جي قيادت لاءِ سولو ڪونه هو. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا ووٽر ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ جا اميدوار ظاهر ظهور ٻه جدا طبقا هئا. ٽڪيٽن جا اميدوار ڪابه پارٽي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن پر پرخلوص ووٽر ۽ ڪارڪن پنهنجي هيانءَ جي سوجهري تي ٻاهه ۾ ٽپڻ لاءِ به تيار ٿيا ويٺا هوندا آهن. "اميدوار طبقي" پنهنجا دليل ڊوڙايا ۽ پنهنجي قيادت کي قائل ڪري ورتو ته مارشل لا کي کليل ميدان نه ڏنو وڃي. ان وزن ۾ ڪجهه نه ڪجهه دليل ته برابر موجود هو اها ٻي ڳالهه آهي ته اهو دليل ٻين مضبوط دليلن جي آڏو تمام ڪمزور هو.

بهرحال، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ فيصلو ڪيو ته اها پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي ايندڙ مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ کان منع نه ڪندي اهو فيصلو ١٧ جولاءِ تي اسٽيئرنگ ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ ڪيو ويو جنهن ۾ فقط پنج ميمبر شريڪ ٿيا. بعد ۾، پارٽيءَ جي قائم مقام سيڪريٽري جنرل پريس ڪانفرنس کي ٻڌايو ته انهن پنجن ميمبرن مان هڪ هو پاڻ به هو. اهو فيصلو ايم آر ڊي جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ پارٽيءَ جي مؤقف طور پيش ٿيڻو هو.

تحريڪ استقلال، جيڪا اڳ ئي ڳالهه ڳالهه تي رسي ٿي وئي. مڪاني چونڊن تي ايم. آر. ڊيءَ جي مؤقف سان اختلاف سبب اهو سوچڻ تي مجبور ٿي پئي هئي ته هاڻي اها ڪو فيصلو ڪري هڪ پاسي ٿي وڃي. تحريڪ استقلال ٢١ جولاءِ تي پنهنجي مرڪزي ڪاروباري ڪميٽيءَ جو

اجلاس سڏائي ورتو جنهن ۾ بحث لاءِ اسم رکيو ويو ته "ايم. آر. ڊي ۾ رهجي يا ڇڏي ڏجي؟"

وڪيل برادري سرگرم نظر اچڻ لڳي. ملڪ جي وڪيلن جي قومي رابطا ڪميٽيءَ پاران اعلان ڪيو ويو ته هو ٢٦ جولاءِ تي لاهور ۾ گڏجاڻي ڪندا ۽ ايندڙ مهيني پنهنجي تحريڪ جي مقصدن جي حصول لاءِ ڪجهه حڪمت عمليون جوڙڻ جو فيصلو ڪندا. وڪيلن جي تحريڪ ظاهري طرح ايم. آر. ڊيءَ کان الڳ ٿلڳ هئي پر زمان، مڪان ۽ روح ۾ اها ايم. آر. ڊيءَ جو حصو هئي. هن ريت جيلن ۾ بند سياسي ڪارڪنن جي اڳڪٿي سچي ثابت ٿي رهي هئي ته "هن پيري شروعات وڪيل برادري ڪندي."

ممتاز ڀٽي ملڪ ۾ اچڻ شرط مطالبو ڪيو ته ١٩٧٣ع واري آئين هيٺ چونڊيون ڪرائي ملڪ جون واڳون چونڊيل نمائندن جي حوالي ڪيون وڃن. هن اهو به اعلان ڪيو "مان پاڻ ١۴ آگسٽ کان شروع ٿيندڙ سول نافرمانيءَ واري تحريڪ ۾ شامل ٿيندس!" هن سيني سياسي نظربندن جي آزاديءَ جو مطالبو به ڪيو جيڪو پڻ ايم. آر. ڊي جو مطالبو هو.

پيپلز پارٽيءَ تي مير علي احمد خان ٽالپر جي ڪاوڙ

هوڏانهن، بچاءَ وارو وفاقي وزير مير علي احمد ٽالپر جيڪو ڪنهن وقت ۾ عوام دوست سياست جو حصو هو ۽ وقت جي بيحد پُرخلوص تحريڪن ۾ شامل رهي چڪو هو هاڻي جنرل ضياء سان وفاداري نڀائڻ تي مجبور هو. منهنجي ذاتي راءِ ۾ مير صاحب جهڙي علم دوست ۽ مرحوم ڀٽي جي پراڻي ساٿيءَ جي حيثيت ۾ اها هڪ وڏي ٽريجڊي هئي جو هيءَ صاحب جنرل ضياء جي ڪئبنيٽ ۾ شامل ٿيو هو. اسلام آباد تي قابض غير جمهوري ڌريون هميشه ان ڪوشش ۾ هونديون آهن ته سنڌ مان "هيوي ويٽس" سنڌن اتحادي هجن ۽ انهن هيوي ويٽس کي نالي ماتر ۽ سونهن خاطر پاڻ سان رکجي ۽ تاثر ڏجي ته اقتدار ۾ سنڌ به شامل آهي. مير علي احمد ٽالپر برابر پاڪستان جوَ وزير دفاع هو پر هڪ فوجي راڄ ۾ ايجنسين جي حڪومت ۾ هڪ سويلين وزير دفاع جي ڇا هلندي هوندي؟ هر ڪو سمجهي سگهي ٿو.

پنهنجي صاحب ۽ مير صاحب جا اختلاف ڇو ۽ ڪيئن پيدا ٿيا؟ اها هڪ جدا ڪهاڻي آهي. ممڪن آهي ته ان قصي ۾ خود پنهنجي صاحب جي پنهنجي ڪا غلطي سامهون اچي وڃي. هاڻوڪين حالتن ۾ هو جنرل ضياء جو ساٿي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو مخالف هو ۽ هو پنهنجي سرڪاري ذميواري سياسي انداز سان نڀائڻ ۾ مصروف هو. هن چيو "ماڻهو ايم. آر. ڊي جي سنڌ تي ڏيان نه ڏيندا ... ماڻهو پنهنجن حقن کان واقف آهن ۽ ڪين بي وقوف بڻائي نٿو سگهجي!" اها ٻي ڳالهه آهي ته مير صاحب جهڙو تاريخ، اديب ۽ سياست جو ڄاڻو وقت جي رفتار کي چڱيءَ طرح سمجهي رهيو هو ۽ وزارت دفاع ۾ هئڻ سبب اهو ڪجهه ڏسي رهيو هو جيڪو گهٽن کي نظر ڪونه پئي آيو.

مير صاحب جڏهن ايئن چيو ته "ڪٿي به سنڌو ديش جو پوسٽر لڳل ڪونهي ۽ بندش پيل پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن کي گهرجي ته هو گهرن کان ٻاهر نه نڪرن" تڏهن هو جڙ اهو چئي رهيو هو ته ١٤ آگسٽ واري تحريڪ جو مرڪز سنڌ ۾ پيپلز پارٽي هوندي. مير صاحب کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان پراڻي ناراضگي هئي ۽ اها غالبا سندس وجود ۾ پڇاڙيءَ تائين باقي رهي. هتي ياد ڏيارڻ ضروري آهي ته جنهن وقت سنڌ جو گورنر مير رسول بخش خان ٽالپر هو تڏهن پنهنجي صاحب جي حڪم سان مير علي احمد خان جي گئراج تي ڇاپو هڻي عراقي هٿيار برآمد ڪيا ويا هئا. پنهنجي صاحب ۽ مير صاحب جي وچ ۾ اختلاف ڪٿان ۽ ڪيئن شروع ٿيا هئا، ان جي اندروني ڪهاڻيءَ الائي ته ڇا هئي پر هٿيارن ۽ مير صاحب جو پاڻ ۾ ڪوبه تعلق ڪونه هو. ان وقت مير صاحبن ٽوڪ هڻندي چيو هو "پنهنجو صاحب (وقت جو) بادشاهه آهي، هو اسان جي گئراج مان رڳو هٿيار ئي ڇو ٽينڪون به ڪڍي سگهي ٿو!"

مير صاحب سرڪاري ايجنسين وٽ اهڙو ئي بليڪ لسٽ هجي ها ته پوءِ جنرل ضياء مير صاحب کي هٿياربند فوجن جو سربراهه نه ڪري ها! مير صاحب پاڪستان پيپلز پارٽيءَ تان خار ڪڍندي چيو "جيڪڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي مقبول هجي ها ته ماڻهو ان جي خلاف ١٩٧٧ع ۾

تحريڪ نہ هلائين ها!“ مير علي احمد ٽالپر ١٩٧٠ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر هو ۽ ورهاڱي کان اڳ ميران محمد شاهہ جي جاءِ تي بنا مقابلي چونڊيو ويو هو.

پولينڊ مان هڪ اتساهيندڙ خبر

پاڪستان جي هہ ڙي سياسي ماحول ۾ مند ۾ پاڪستان جي ماڻهن جڏهن اها خبر ٻڌي تہ پولينڊ جو سربراهہ جنرل يروزيسڪي ٢٢ جولاءِ تي ملڪ مان مارشل لا ختم ڪرڻ جو اعلان ڪندو (جيڪو پولينڊ جو قومي ڏينهن هو) تڏهن عوام هڪ عجيب اتساهہ محسوس ڪيو. پولينڊ جي حڪومت ٽريڊ يونين ”سالي‍ڊرٽي“ ۽ عوامي دٻاءُ سبب مارشل لا هٽائي حالتون معمول تي آڻڻ لاءِ مجبور ٿي هئي. پر سالي‍ڊرٽي جا انڊر گرائونڊ ٿي ويل اڳواڻ سمجهي رهيا هئا تہ مارشل لا جي ختم ٿيڻ کانپوءِ بہ ڪين حڪومت جي خلاف ڪارروايون جاري رکڻ گهرجن ڇاڪاڻ تہ اها هڪ چال آهي.

شير باز مزاريءَ ١٤ آگسٽ کان اڳ ئي ڇڙڪ ”سول نافرمانيءَ واري جي تحريڪ“ شروع ڪري وڌي، هو پنهنجي گهر ۾ نظر بند هو پر نظربنديءَ کي نظر انداز ڪري رحيم يار خان کان وچي نڪتو. جتي پارٽي جي هڪ اڳواڻ جي وفات تي تعزيت ڪندو اتان کان ڪراچي وچي نڪتو. نتيجي ۾ پنجاب جي. آءِ. جي صاحب کي ڪوتاهيءَ جي الزام ۾ معطل ڪيو ويو ۽ ان سان گڏو گڏ راولپنڊي جي ڊپٽي ڪمشنر ايم. آر. ڊي جي سول نافرمانيءَ واري تحريڪ کي روڪڻ لاءِ اڳواٽ ئي ٻن مهينن لاءِ قلم ١٤٤ هيٺ ڇڏيو جنهن تحت لائوڊ اسپيڪر جي استعمال ۽ پنجن کان وڌيڪ ماڻهن جي گڏ ٿيڻ تي پابندي پئجي وئي.

تحريڪ استقلال جي قائم مقام صدر رانا محمد ارشد ١٧ جولاءِ تي اعلان ڪيو تہ سندس پارٽي ايم. آر. ڊيءَ ۾ شامل آهي. جيئن اها چوندي ٿيئن ڪيو ويندو ۽ ١٤ آگسٽ کان نافرمانيءَ واري تحريڪ ۾ حصو وٺندي. ايم. آر. ڊيءَ جي مرڪزي ايڪشن ڪميٽيءَ ڪراچيءَ ۾ شير باز

مزاريءَ جي صدارت هيٺ ملڪي صورتحال جو جائزو وٺڻ ۽ مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ حصو وٺڻ يا نه وٺڻ بابت گڏجاڻيءَ جو فيصلو ڪيو.

مير نبي بخش زهريءَ ضمير جي مونجهاري يا ڪنهن ٻئي اندروني دٻاءَ سبب آچ ڪئي ته هو سرڪار ۽ سياستدانن جي وچ ۾ ڳالهيون ڪرائي سگهي ٿو. سندس خيال هو ته محاذ آرائيءَ سان ملڪ کي نقصان پهچندو انڪري سرڪار ۽ سياستدان مسئلن کي ميز تي طئه ڪن. مسٽر زهري ان وقت "جيوي پاڪستان پارٽي" جو اڳواڻ ۽ "پاڪستان رابطا ڪائونسل" جو چيئرمين هو. هن پاڪ فوج ۽ سياستدانن جي لاءِ هڪ عجيب 'محبت ڀريو' بيان ڏنو "پاڪستان جون فوجون اسان جون پنهنجون آهن. ٻاهريون نه آهن ۽ سياستدان به ساڳي قوم جا آهن... صورتحال گنڀير آهي."

مسٽر زهري اعتراف ڪيو ته هو سڀ کان جهونو مسلم ليگي آهي ۽ حڪومت ۽ سياستدانن جي وچ ۾ ڳالهين لاءِ فضا تيار ڪرڻ ۾ پهل جو ڪم ڪرڻ چاهي ٿو. ان سلسلي ۾ هو شير باز مزاري، مولانا شاهه احمد نوراني، پير پاڳاري ۽ پروفيسر غفور احمد سان ڳالهائي چڪو آهي ۽ اهو تاثر قائم ڪيو آهي، ته هو سڀ ڳالهين جي ذريعي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ تيار آهن. البت هن اڪبر بگٽيءَ بابت صاف چيو ته "هُو مون سان متفق نه آهي!"

جنرل نيازي الشمس ۽ البدر تنظيمن بابت اعتراف ڪري ٿو

١٩ جولاءِ جي اخبارن هڪ اهڙي رپورٽ شايع ڪئي جيڪا اوڀر بنگال ۾ الشمس ۽ البدر تنظيمن جي سرپرستيءَ جو کليل اعتراف هئي. اهو اعتراف رٽائرڊ جنرل نيازيءَ جي حوالي سان هو.

حمود الرحمان ڪميشن (جنهن اوڀر بنگال جي جدا ٿيڻ بابت رپورٽ تيار ڪئي هئي) رپورٽ تي ڪاوڙجي رٽائرڊ جنرل امير عبدالله خان نيازيءَ جيڪو ان وقت (١٩٨٣ع ۾) پاڪستان مسلم ليگ (قيوم گروپ) جو سربراهه هو، ان (رپورٽ) کي حقيقت کان پري قرار ڏنو ۽ چيو، "مون اوڀر پاڪستان ۾ نيم فوجي تنظيمون الشمس ۽ البدر قائم ڪيون ۽ انهن کي هٿيار ۽ پگهار فوج ڏيندي هئي. ملڪ ٽٽڻ جو ذميوار آئون نه آهيان!" هن اهي تفصيل ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس دوران ڏنا هئا.

هن ملڪ جي ٽٽڻ لاءِ انهن جنرلن کي ذميوار قرار ڏنو جيڪي ان وقت جي. ايڇ. ڪيو مان ڪيس هدايتون ڏيندا هئا. سندس چوڻ هو تہ مرڪزي ڪردار جنرل يحيٰ، شيخ مجيب ۽ ڀٽي صاحب جو هو. هنن ٽن اهم سياسي ڪردارن تي چوهہ چنبڙ جا ڪارڻ ڪي پيا بہ تي سگهن ٿا پر هن ڀٽو دشمنيءَ ۾ ڀٽي صاحب جو نالو بہ شامل ڪري ڇڏيو. اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ رٽائرڊ جنرل صاحب هاڻي سياسي ميدان ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. البتہ هن صاف لفظن ۾ چيو تہ "ڪنهن بہ سياسي تنظيم الشمس ۽ البدر ڪونہ ٺاهيون هيون."

هن ڏاڍي بي شرميءَ سان بنگالين تي الزام هنيو تہ "اهي ئي هندو عورتن جي بي حرمتيءَ جا ذميوار هئا ۽ فوج تي اهو الزام درست نہ آهي! عوامي ليگ جي ٦ نقاطي پروگرام بابت سندس راءِ هئي تہ "عوامي ليگ کي چونڊن ۾ بيهڻ جي اجازت ئي نہ ڏيڻ کپندي هئي ۽ پٺرٽي جو اصول بہ ختم ٿيڻ نہ کپندو هو ۽ ون يونٽ بہ نہ ٽٽڻ کپندو هو... پر جيئن تہ اهو سيڪجهہ ٿي ويو انڪري، پوءِ حڪومت شيخ مجيب کي ڏيڻ کپندي هئي ۽ ڀٽي کي حزب اختلاف ۾ ويهارجي ها!" جنرل صاحب ايئن ئي سوچيندا ۽ ڳالهائيندا آهن ڄڻ شطرنج جون چالون مقرر ڪندا هجن. "فلاڻي مهري کي اڳتي وڌائجي، فلاڻي کي مارائي ڇڏجي ۽ فلاڻي کي رِزرو ۾ رکجي!"

هن پنهنجو پارٽي منشور بہ ڏنو "مسلم ليگ اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ موجوده صوبائي حدن کي ٽوڙي ننڍن انتظامي يونٽن ۾ ورهائيندي تہ جيئن صوبائي تعصب ختم ٿئي، صنعتون قومي ملڪيت ۾ نہ ورتيون وينديون... نوجوانن ۾ جهاد جو جذبو پيدا ڪبو پي. آءِ. اي، روڊ ٽرانسپورٽ، بجلي، پاڻي ۽ گئس جو انتظام خانگي ڪمپنين کي ڏنو ويندو ۽ محب وطن محصورين (بهارين) کي پاڪستان آڻبو!"

رٽائرڊ جنرل نيازي جي هنن خيالن تي جيل ۾ بند سياسي قيدين مٿس وڏي ڦٽڪار وڌي.

٢٠ جولاءِ ١٩٨٣ع

ايم. آر. ڊيءَ جي بي نتيجه گڏجاڻي ۽ مزاريءَ جي گرفتاري

سردار شير باز خان مزاري، جيڪو ايم. آر. ڊي جو ڪنوينر هو. کي سندس ساٿي ۽ NDP جي سيڪريٽري اطلاعات عابد زبيريءَ جي گهر مان گرفتار ڪري سول لائيز ٿاڻي تي رکيو ويو. هو ١۴ جولاءِ تي نظربندي ٽوڙي راڄڻ پور مان ڪراچي پهتو هو. هن کي ۴ جولاءِ تي نظربند ڪيو ويو هو. حڪومت شير باز مزاريءَ تي ڪيس به داخل ڪيو ته هن نظربندي ٽوڙي آهي.

معاملو ڊسٽرڪٽ سيشن جج ڪراچي تائين پهتو ته هن گذريل رات جو ٿيل گرفتاري جي سلسلي ۾ گهربل ڪاغذ گهرايا. مزاريءَ جي وڪيل عدالت ۾ ضمانت جي درخواست وڏي هئي. هوڏانهن، گذريل ڏينهن مقرر ٿيل ايم. آر. ڊيءَ جي مرڪزي ڪاروباري ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ جيڪا عابد زبيريءَ جي گهر ۾ ٿي هئي، ڪو فيصلو ٿي نه سگهيو هيو. ايم. آر. ڊيءَ جي قائم مقام ڪنوينر غلام محمد بلور پڌرو ڪيو ته "اڪثر پارٽيون مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ نٿيون چاهين پر پڪو فيصلو ٻن چئن ڏينهن ۾ ٿيندو."

غلام محمد بلور جي خيال ۾ مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ ايم. آر. ڊي جي چار نڪاتي پروگرام جي خلاف هو. ان گڏجاڻيءَ ۾ تحريڪ استقلال ۽ جمعيت علماء اسلام، پاڪستان پيپلز پارٽي، قومي محاذ آزادي، مزدور ڪسان پارٽي ۽ پاڪستان ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي عيوضين کي شريڪ ٿيڻو هو پر انهن مان ڪي شريڪ ٿي نه سگهيا.

٢١ جولاءِ ١٩٨٣ع

- سنڌ حڪومت "ايم. آر. ڊي" نالي ڪتابڙي تي بندش وجهي ڇڏي جيڪو ڊيمو ڪريٽڪ فورم ڇاپيو هو. حڪومت ان جون سڀ ڪاپيون ضبط ڪرڻ جو حڪم ڏنو.
- پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪجھ حلقن سخت مؤقف ورتو ته مڪاني چونڊن ۾ حصو نه وٺجي. اهڙو هڪ بيان بدين مان اڳوڻي صوبائي اسيمبلي ميمبر ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ نبي بخش پرگڙيءَ ڏنو. هن پنهنجي قيادت کي اپيل ڪئي ته ان فيصلي تي نظر ثاني ڪئي وڃي.

- ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنز جج ڪراچي، شير باز مزاريءَ واري درخواست کي اهو چئي خارج ڪري ڇڏيو تہ "درخواست گذار کي عدالت جي اختيارن کان ٻاهر موڪليو ويو آهي، ان ڪري درخواست خارج ڪئي وڃي ٿي."

٢٢ جولاءِ ١٩٨٣ع

- سردار شير باز مزاريءَ کي ٽن مهينن لاءِ نيو سينٽرل جيل ملتان ۾ نظر بند ڪري "بي" ڪلاس ڏنو ويو.
- پي. اين. پي جي سيڪريٽري جنرل سيد قصور گرديزيءَ تنقيد ڪندي چيو تہ مسئلا ايئن حل ڪونہ ٿيندا ۽ سندس پارٽي ٥ آگسٽ تي ملڪي صورتحال تي سوچ ويچار ڪندي. قصور گرديزيءَ کي بہ چار پنج ڏينهن اڳ گرفتار ڪري ملتان موڪليو ويو هو.
- جمعيت علماء اسلام درخواستي گروپ ۽ فضل الرحمان گروپ کي ٻيهر ملائي هڪ ڪرڻ واريون ڪوششون ناڪام ٿينديون نظر آيون ڇو تہ درخواستي گروپ مولانا حبيب گل جي سربراهيءَ ۾ ناهہ ڪرائيندڙ ڪميٽيءَ جي فيصلي کي رد ڪري ڇڏيو جڏهن تہ ٻئي گروپ جي اڳواڻن سراج الدين پوري ۽ مولانا محمد شاهہ امروٽيءَ درخواستي گروپ طرفان ڪميٽيءَ واري فيصلي کي رد ڪندڙ گروپ تي سخت ڇوهہ ڇنڊيا. هنن چيو "درخواستي گروپ جو رويوان تہ ا پسند هو."
- لاڙڪاڻي ۾ شاگردن جي ٻن گروپن ۾ ٽڪراءُ جون خبرون پهتيون تہ سياسي حلقن ۾ ڳڻتي پکڙجي وئي. هوڏانهن لاڙڪاڻي جي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ پريس نوٽ جاري ڪيو تہ چانڊڪا جي هاسٽل نمبر ١ ۾ جيئي سنڌ ۽ بلوچ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (BSO) جي شاگردن ۾ ڇڪري لڳي، آتشي هٿيار استعمال ٿيا. ٽي شاگرد زخمي ٿيا ۽ ٽي ڄڻا گرفتار ڪيا ويا.
- پولينڊ ۾ مارشل لا ختم ڪئي وئي ۽ سياسي قيدين لاءِ عام معافيءَ جو اعلان ڪيو ويو. هي واقعو تہ پولينڊ ۾ ٿيو هو پر پاڪستان جي سياسي

پارٽين ۾ ڪارڪنن کي ڏاڍي خوشي ٿي. دنيا جي ڪنهن نہ ڪنهن ڪنڊ مان تہ مارشل لا ختم ٿي ۽ عوام سوپارو ٿيو. هو سوچي رهيا هئا تہ سڀاڻي دنيا ۾ اها خبر بہ اچي سگهي ٿي تہ "پاڪستان مان مارشل لا ختم ڪئي وئي!"

٢٤ جولاءِ ١٩٨٣ع

مسلم ليگ مڪاني چونڊن ۾ بيهڻ جو فيصلو ڏنو

- ٢٣ تاريخ تي تحريڪ استقلال فيصلو ڪيو تہ اها ٢٤ جولاءِ واري ايم. آر. ڊي اجلاس ۾ شريڪ ٿيندي. مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ بابت هڪراءِ فيصلو ڪندي ۽ هلچل ۾ حصو وٺندي.
- مسلم ليگي اڳواڻ محمد خان جوڻيجي مڪاني ادارن ۾ حصو وٺڻ جو اعلان ڪيو ۽ ٻڌايو تہ "ان فيصلي بابت پارٽي ڪارڪنن کي هدايتون ڏنيون ويون آهن." سندس دليل هو تہ "چونڊن ۾ حصو وٺڻ کان روڪيندڙ پارٽيون ۽ اڳواڻ عام ماڻهن کي سندس حق کان محروم ڪرڻ گهرن ٿا."
- ٻئي طرف مسلم ليگي اڳواڻ نواب يامين چيو "مسلم ليگ پارٽي بنيادن تي حصو نہ وٺندي پر همخيال ماڻهن جي حمايت ڪندي" هن جو ايم. آر. ڊي بابت تجزيو هو تہ "ان جو حشر 5 جولاءِ تي ڪارو ڏينهن ملهائڻ جهڙو ٿيندو." يعني ناڪام ٿيندي.

مسلم ليگ پنهنجن 'همخيال ماڻهن جي حمايت' واري حڪمت عملي تہ برابر ڏني پر ان وضاحت جو مطلب سڌيءَ طرح اهو هو تہ مسلم ليگ پنهنجي پارٽيءَ جي ماڻهن کي ٽڪيٽ ڏيندي ڇاڪاڻ تہ جنرل صاحب جي ڏنل پروگرام ۾ ڪنهن بہ سياسي پارٽيءَ جو وجود ڪونہ هو. سياسي پارٽين وٽ ان حڪمت عمليءَ کانسواءِ ٻي واٽ ئي ڪونہ هئي تہ هو پارٽيءَ جي رڪنن کي 'همخيال ماڻهو' سڏين. اها ئي حڪمت عملي پوءِ ٻين پارٽين بہ اختيار ڪئي ۽ پنهنجي پنهنجي پارٽيءَ جي ماڻهن کي "همخيال ماڻهو" سڏيو ۽ هر هڪ همخيال گروپ پنهنجي سڃاڻپ لاءِ پنهنجي گروپ جو هڪ جدا نالو رکي ڇڏيو.

- ايس. ڊي ايم سول لائين گل محمد عمراڻيءَ سياسي اڳواڻن تي هلنڊڙ ڪيس ٢۴ سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏيو. انهن اڳواڻن تي غير قانوني ميڙ ڪرڻ جو الزام هو. اهي صاحب خواجه خيرالدين، معراج محمد خان، احترام الحق ٿانوي، حسن فيروز ۽ ٻيا اٺ (٨) ڄڻا هئا. پوليس کين 5 جولاءِ تي مزاري هائوس جي ٻاهران جلوس ڪڍڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪرڻ بعد ضمانت تي آزاد ڪري ڇڏيو هو.

اسلام آباد

وفاقي ڪائونسل جي خاص ڪميٽيءَ جي رپورٽ

٢٣ جولاءِ تي ئي وفاقي ڪائونسل جي خاص ڪميٽيءَ حڪومتي سرشتي جي تجويز لاءِ هڪ ڊگهي رپورٽ پيش ڪري ڇڏي ۽ سفارشون ڏنيون ته:

- ملڪ ۾ پارليامينٽري سرشتو هئڻ گهرجي.
- ١٩٧٣ع وارو آئين اسلامائيزيشن جي عڪاسي ڪري ٿو.
- صدر ۽ وزير اعظم جي اختيارن ۾ توازن لاءِ ترميم ڪئي وڃي.
- عام چونڊون متناسب نمائندگيءَ بدران بالغ راءِ دهيءَ جي بنياد تي ڪيون وڃن.

اُن رپورٽ ۾ ڪن ميمبرن اختلافي نوٽ به هنيا ته صدارتي ۽ خلافت ۽ امارت واري طرز تي حڪومت قائم ڪجي. هن ڪميٽيءَ ۾ علماء به شامل هئا. مولوي صاحبن کي به شاباس هجي جو هنن رپورٽ ۾ چيو ته اسلام ڪنهن به نموني بنيادي حق معطل ڪرڻ جي سفارش نٿو ڪري. ڪميٽيءَ اهي سفارشون به ڪيون ته قومي (وفاقي سوچ رکندڙ) بنياد واريون پارٽيون مستحڪم ڪجن. چونڊيل ميمبر پارٽيون بدلائي نه سگهندا. پارٽيون پوليٽيڪل پارٽيز ايڪٽ ١٩٦٢ هيٺ رجسٽر ٿين ۽ سندس منشور واضح طور ملڪي سالميت ۽ اسلامي نظام جو حامي هجي.

٢٥ جولاءِ ١٩٨٣ع

- ٢٤ جولاءِ تي سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جو پروگرام جاري ڪري ٻڌايو ويو تہ ٣ آگسٽ کان 7 آگسٽ تائين نامزدگيءَ جا فارم داخل ڪيا ويندا.
- ساڳي تاريخ تي وفاقي ڪائونسل واري خاص ڪميٽيءَ جي رپورٽ تي خود سرڪاري حلقن ۾ بحث شروع ڪيو ويو جنهن ۾ بحث ڪندڙن جي اڪثريت پارليامينٽري سرشتي جي حق ۾ ڳالهايو ۽ دليلن سان چيو تہ "هاڻي ملڪ ۾ اها سگهہ ڪونہ آهي تہ اهو آئين ۾ تبديليون برداشت ڪري سگهي."

جماعت اسلاميءَ پاران گول ميز ڪانفرنس جي تجويز

- جماعت اسلاميءَ جي امير ميان طفيل محمد حيدرآباد مان گول ميز ڪانفرنس جي تجويز ڏني. اها تجويز ڪجهہ ڏينهن اڳ بلوچ اڳواڻ نبي بخش زهريءَ جي ڏنل تجويز جو تسلسل هئي. ميان طفيل دليل ڏيندي چيو. "محاذ آرائيءَ سان قومي ٻڌي ٽٽي پوندي" خبر ناهي تہ هن کي قومي ٻڌيءَ جي صورت ڪٿي نظر آئي هئي؟ هو غالبا فوجي راڄ ۽ ان جي اتحادين جي ٻڌيءَ جو ذڪر ڪري رهيو هو جنهن کي ايم. آر. ڊيءَ مان خوف هو. ڪنهن بہ عوامي هلچل سان ملڪ ۾ انتشار تہ برابر پيدا ٿيندو آهي پر ان انتشار لاءِ ذميوار ڪير هو؟

ميان طفيل جڏهن اها تجويز عوامي حلقن ۾ پيش ڪئي تہ ان جو مطلب اهو هو تہ هو فوج جي سربراهہ کي راضي ڪرڻ بدران سياستدانن تي ڪم ڪري رهيو هو. يا وري سندس خواهش هئي تہ اقتدار جو مسئلو سياسي دباءَ سان حل ٿي وڃي ۽ تحريڪ هلائڻي نہ پوي. هن هڪ ٻيو دليل ڏنو "جيڪڏهن افغانستان جو مسئلو روس سان ڳالهين ذريعي حل ڪري سگهجي ٿو تہ پوءِ حڪومت ۽ سياستدان گڏجي ڇو نتا ڳالهائي سگهن؟" هن قبول ڪيو تہ "هن وقت قوم سجاڳ آهي ۽ اها حڪومت جي هر عمل کي ڳڻتيءَ سان پرکي رهي آهي.

مڪاني چونڊن ۾ ايم. آر. ڊيءَ جو فيصلو

نيٺ ايم. آر. ڊيءَ فيصلو ڪيو تہ ان جون اتحادي جماعتون مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ حصو نہ وٺنديون. مرڪزي ائڪشن ڪميٽيءَ هڪراءِ طور اهو فيصلو ڪيو هو. هيءَ گڏجاڻي مولانا احترام الحق ٿانويءَ جي رهائش گاهہ تي سڏائي وئي هئي. گڏجاڻيءَ ۾ سيني (٨) ميمبر پارٽين جي عيوضين شرڪت ڪئي جن ۾ عابد زبيري (NDP)، انور عباس نقوي (PDP)، مولانا فضل الرحمان (JUI)، مولانا محمد بنوري، مشير پيش امام (T.I)، مولانا احترام الحق (PPP)، معراج محمد خان (QMA)، خواجہ خيرالدين (ML)، فتحياب علي خان (MKP)، مبشر قيصراڻي (PNP) ۽ سنڌي عوامي تحريڪ پاران فاضل راهو مبصر طور شامل هئا.

فيصلو ڪيو ويو تہ ١٤ آگسٽ تي ايم. آر. ڊيءَ پاران قائد اعظم جي مزار تي ميڙاڪو ڪيو ويندو. ساڳي طرح لاهور ۾ مينار پاڪستان، پشاور ۾ چوڪ يادگار وٽ ۽ ٻين شهرن ۾ گڏجاڻيون ڪيون وينديون.

سِگا تان پابندي هٽائڻ جو مطالبو

صوبائي ڪائونسل جي ميمبر عبدالحڪيم بلوچ ڪراچيءَ ۾ سرڪار کي اپيل ڪئي تہ سنڌ گريجئيٽس ايسوسيئيشن بابت ڪيل فيصلي تي نظر ثاني ڪئي وڃي. ڪجهہ وقت اڳ مرڪزي حڪومت جي اسٽيبلشمينٽ ڊويزن سرڪاري ملازمن تي بندش وڌي هئي تہ اهي سگا جا ميمبر ٿي نٿا سگهن.

”سگا“ تي پابندي جو ڪارڻ ڪو ٻيو ڪونہ پر سرڪاري ايجنسين جون کي رپورٽون هيون جيڪي سراسر وهم تي ٻڌل هيون. ايجنسين جو معمول هو تہ جتي بہ چار سنڌي گڏجن، ان جي خلاف هڪ رپورٽ تيار ڪئي وڃي. انهن چالبازين سان هو سنڌي ادبي سنگت جون سرگرميون ڪافي متاثر ڪري چڪا هئا جو قومپرست ۽ ترقي پسند اديب بار بار چڙو چڙ ٿيندا رهيا هئا.

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جيئن تہ پڙهيل ڪڙهيل سنڌين جي

اهڙي غير سرڪاري سماجي تنظيم هئي جيڪا حقيقي معنيٰ ۾ سماجي سطح تي سنڌين لاءِ خدمتون انجام ڏيئي رهي هئي ۽ ان جا اڪثر ميمبر سرڪاري ملازم هئا. انڪري اها ڳالهہ ايجنسين کان برداشت نہ ٿي هئي ۽ ان جي خلاف رپورٽون موڪلڻ شروع ڪيون هئائون. سو سرڪار سنڌي آفيسرن تي پابندي وجهي ان تنظيم کي ڏک رسائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

- اسلام آباد مان مارشل لا ايڊمنسٽريٽر زون "A" پاران هڪ اخباري پڌرائيءَ ۾ چيو ويو تہ "لاهور جي هڪ وڪيل آفتاب گل جي گهر تي ڇاپو هڻي ٢ سامر ميزائل هٿ ڪيا ويا آهن جيڪي زمين تان هوا ۾ مار ڪندڙ آهن. وڌيڪ جاچ جاري آهي" سياسي حلقن هن خبر کي ايم. آر. ڊيءَ کي ڇيهو رسائڻ جي هڪ ڪوشش طور ڏٺو.

اسلامي سزا تي عمل

ملڪ جي اخبارن ۾ هڪ اهڙي خبر آئي، جنهن عوام جي دلين ۾ ضياءُ الحق واري اسلامي نظام بابت ٿوري گهڻي حمايت بہ ختم ڪري ڇڏي. ٿيو هيئن تہ ساهيوال ۾ ايڊيشنل سيشن جج هڪ نوجوان نابين ڇوڪري صفيہ کي ٽي سال قيد ١٥ ڦٽڪا ۽ هڪ هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي. حڪم ٿيو تہ هن کي فواره چوڪ تي ڦٽڪا هنيا ويندا.

ساڳئي ڪيس ۾ ملزم مقصود کي شڪ جي بنياد تي آزاد ڪيو ويو جنهن سان ڪيس موجب صفيہ جا ناجائز ناتا هئا. ڪيس هڪ ٻار بہ هو جيڪو پوءِ مري ويو.

هڪ انڌي ڇوڪريءَ سان ٿيل ڏاڍائيءَ جو ذميوار ڪير هو؟ ڇوڪريءَ (شايد) پنهنجي ٻار جي ناجائز پيءُ جو نالو ڪنيو هوندو پر ثابت نہ ڪري سگهي. هڪ انڌي ڇوڪري ڪيئن تي ثابت ڪري سگهي؟ جوابدار ڪير هو؟ ڇا گنهگار فقط هڪ انڌي ڇوڪري هئي يا سڄو معاشرو ۽ مقصود بہ ڏوهاري هئا؟

- بدين جي ڊپٽي ڪمشنر ڇهن ماڻهن جي خلاف ڍل نہ ڏيڻ سبب وارنٽ جاري ڪيا. اهي، مير علي بخش ٽالپر، مير شاهد ٽالپر، مير زبير ٽالپر، مير يوسف ٽالپر ۽ مير علي نواز ٽالپر هئا. ڍل وارو حساب درست هو يا

نہ؟ عام تاثر اهو پکڙيو تہ جنرل ضياء هن ريت وڏيرن کي ڏمڪائڻ جو سلسلو شروع ڪرڻ جو اشارو ڏنو آهي.

٢٧ جولاءِ ١٩٨٣ع

- وفاقي وزير ميجر جنرل راؤ فرمان عليءَ اسلام آباد ۾ وفاقي ڪائونسل جي اجلاس ۾ ٻڌايو تہ ١٩٧٧ع کان وٺي اڄ تائين هٿياربند فوجن جي ٤٣ آفيسرن کي اسٽيبلشمينٽ ڊويزن تحت سول سروسز ڏانهن ١٩ يا ان کان مٿين گريڊن ۾ موڪليو ويو هو.
- وفاقي وزير داخلہ محمود هارون ٻڌايو تہ ٣٠ جون ١٩٨٣ع تائين رجسٽر ٿيل افغان پناهہ گيرن جو تعداد ٢٨ لک ٦٤ هزار ۽ ٦٦٨ آهي، جڏهن تہ ملڪ ۾ ٣٠ هزار ماڻهو هيروئن جا عادي ٿي چڪا آهن.
- سنڌ جي گورنر ليفٽيننٽ جنرل ايس. ايم عباسيءَ سورجاڻي ٽائون اسڪيم جو افتتاح ڪندي فتويٰ ڏني تہ ڪراچيءَ ۾ ايندڙن کي آباد ٿيڻ جو حق آهي ۽ هر سال ملڪ جي ٻين صوبن مان هڪ کان ٻہ لک ماڻهو ڪراچي اچي رهيا آهن. جيڪو سندن قانوني حق آهي. شهر ۾ ٣٠٠ ڪچيون آباديون آهن، جن ۾ ڪل آباديءَ جو ٣٣ سيڪڙو رهي ٿو. (واضح هجي تہ ڪچين آبادين ۾ رهندڙ اڪثر ماڻهو ٻين صوبن کان لڏي آيل هوندا آهن)
- پشاور يونيورسٽي ۾ خيبر ميڊيڪل ڪاليج جي ٣٦ شاگردن کي ٽن سالن لاءِ ريسٽيڪيٽ ڪيو ويو. مٿن امن امان جي صورتحال پيدا ڪرڻ جو الزام هو.

٢٨ جولاءِ ١٩٨٣ع

وري ساڳيو پراڻو حربو

- ٢٧ جولاءِ تي ٽنڊي ڄام جي پوليس هڪ سوزوڪيءَ تي ڇاپو هڻي ٨ دستي بم ۽ زرعي يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي شاگرد اڳواڻ پير سليم سرهنديءَ سميت ٨ ڄڻن کي گرفتار ڪيو.

- آفتاب گل وارو ڪيس جنهن جي خبر ٻه چار ڏينهن اڳ جاري ڪئي وئي هئي، ان جي نئين ڪهاڻي هن ريت آهي ته (وفاقي وزير داخله مجلس شوريٰ کي ٻڌايو) ملڪ ۾ دهشتگرديءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ هڙني صوبن ۾ اينٽي ٽيررسٽ اسڪواڊ مقرر ڪيا ويا آهن ۽ ڊويزنل سطح تي پڻ ساڳيا اسڪواڊ مقرر ڪيا پيا وڃن." ٢٥ جولاءِ تي لاهور جي هڪ گهر مان روسي ميزائلن بابت هن چيو "آفتاب گل سان سندس پيءُ، جيڪو هڪ رٽائر ٽيل فوجي آفيسر آهي ۽ سندس ڪٽنب جا ٦ ڀاتي به شامل هئا. آفتاب گل جي پيءُ ۽ ٻن ساٿين کي گرفتار ڪيو ويو آهي." وزير چيو ته "الذوالفقار جي ميمبرن کي گرفتار ڪري ڪانئن پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي. آفتاب گل ٻه مهينا اڳ ملڪ کان ٻاهر نڪري ويو هو."
- مڪاني چونڊن جي حوالي سان اها خبر دلچسپ هئي ته سڄي ملڪ ۾ هر هڪ تڪ تي ٢٥-٢٥ اميدوار بيهڻ جي تيارين ۾ هئا. سياسي ڌريون به نظر پئي آيون. خضدار مان غوث بخش بزنجي جو پٽ به بيهڻ جي تيارين ۾ هو.

٢٩ جولاءِ ١٩٨٣ع

- ڪراچيءَ ۾ هڪٻئي پويان ٻه تمام زبردست ڌماڪا ٻڌا ويا ۽ سڄو شهر هراسجي ويو. ڌماڪا صبح جو ساڍي يارهين لڳي ٿيا هئا. انهن ڌماڪن جا آواز گلشن اقبال، جوهر آباد، فيڊرل بي ايريا، فيروز آباد، لياقت آباد ۽ ٽي. وي اسٽيشن جي علائقي ۾ ٻڌايا ويا. اهي ڌماڪا ڇو ٿيا؟ ڪٿي ٿيا ۽ ڪنهن ڪيا؟ ڪوبه سبب ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ ڪونه آيو. ڇا هي خوف پکيڙڻ جي ڪا شعوري ڪوشش هئي؟ حڪومت توڙي سياسي پارٽين وٽ ڪابه وضاحت ڪونه هئي. ڪنهن چيو ته اهو ڪو ارضياتي واقعو هو. ڪنهن چيو ته آواز کان تيز رفتار جهاز لنگهي ويا هوندا.
- وفاقي ڪائونسل ۾ گهر ڪئي وئي (يا ڪرائي وئي) ته "حڪومتي نظام تي عوام کان ريفرينڊم ذريعي فيصلو ورتو وڃي ۽ اهو به پڇيو

وڃي تہ ڪنهن عورت کي ملڪ جو سربراهہ ٿيڻ ڏنو وڃي يا نہ؟

- لاهور ۾ اسپيشل پوليس ميزائلن جي حوالي سان جاچ شروع ڪرڻ جي بهاني ٻين شهرن ۾ بہ سرگرم ٿي وئي. ايم. آر. ڊي ۽ قومي محاذ آزاديءَ جي مقامي اڳواڻن فاروق محمود عرف اصغر سعودي جي گهر تي ڇاپو هنيو ويو پر هو موجود ڪونہ هو. بدلي ۾ سندس والد کي گرفتار ڪيو ويو.
- ٽنڊي ڄام بم ڪيس ۾ زرعي يونيورسٽيءَ جي اسسٽنٽ ريسرچ آفيسر برڪت علي ڳوري کي گرفتار ڪري مٿس بم ڦاهڻ جو الزام مڙهيو ويو.

٣٠ جولاءِ ١٩٨٣ع

- سرڪار بهادر لنڊن مان نواءِ وقت جي نمائندي جي معرفت شوشو ڇڏيو تہ ضياءُ الحق ١٤ آگسٽ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ نئين سياسي ڍانچي جو اعلان ڪندو ۽ ١٩٧٣ع واري آئين ۾ ڪابہ ڦير ڦار ڪرڻ بدران ان کي جيئن جو تيئن بحال ڪندو البت آئين هيٺ صدر کي وڏيڪ اسلامائيزيشن جا اختيار ڏنا ويندا. صدر آئين جي ان حصي ۾ ترميم ڪندو ۽ ان نظام هيٺ چونڊون ڪرايون وينديون. مڪاني چونڊن کانپوءِ مارچ ١٩٨٤ع ڌاري صوبن ۾ صوبائي چونڊون ڪرايون وينديون. ان کان پوءِ جنوري ١٩٨٥ع ۾ قومي اسيمبليءَ لاءِ چونڊون ٿينديون. نواءِ وقت ۾ اهو بہ ڇپيو ويو تہ ٢١ سالن کان وڏي عمر واري ماڻهوءَ کي ووٽ وجهڻ جو حق هوندو ۽ اهي چونڊون غير جماعتي بنيادن تي ٿينديون. چونڊن ۾ هر اميدوار فقط ان ئي علائقي مان بيهي سگهندو جتان جو هو پاڻ ووٽر هوندو.
- سنڌ حڪومت بہ وفاق جي نقش قدم تي هلندي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ۾ موجود سرڪاري آفيسرن کي حڪم ڏنو تہ اهي سگا جي عهدن تان استعيفائون ڏين.

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ١٩٧٢ع ۾ ٺاهي وئي هئي ۽ هن وقت تائين ان جي ٥٥ شاخن ۾ ڪل ٤٧٢٣ ميمبر هئا. هڪ غير سرڪاري سماجي تنظيم تي هن ريت سختي ڪرڻ مان پڻ حڪمران جي حلقي ۾ موجود سياسي خوف جو اندازو ٿي رهيو هو. سگا وارن مجبور ٿي سرڪار

جي حڪمن تي عمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اهڙي طرح سگا جي ميمبر شپ ۾ ۴۰۰۰ رڪن گهٽجي سگهيا تي جيڪي سرڪاري ملازم به هئا.

- تندبو چام بم ڪيس ۾ پير سليم جان سرهندي کي تمام سوڙهو ڪيو پئي ويو. ساڳئي وقت هن ڪيس جي بهاني مختلف پوليس پارٽيون مختلف هنڌن ڏانهن ڇاپا هڻڻ جي ڪم تي لڳايون ويون ۽ چيو ويو ته انهن "ڏوهارين" جو ڪيس فوجي عدالت ۾ هلايو ويندو.

۳۱ جولاءِ ۱۹۸۳ع

افواهه سازيءَ ۾ تيزي

ملڪ ۾ 'آئنده طرز حڪومت' تي بحث دوران وفاقي ڪائونسل جا اجلاس به عام چونڊن جي وڪالت ۽ فوج کي بئرڪن ڏانهن واپس اماڻڻ جا مطالبا ڪرڻ لڳا هئا.

معاشي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وئي. جيئن جيئن چوڏهين آگسٽ ويجهي ايندي پئي وئي مختلف حلقن مان عجيب غريب رايا، افواهه بيان ۽ اڳڪٿيون اچڻ شروع ٿي ويون. ايئن پئي لڳو ڄڻ سول نافرماني جي تحريڪ شروع ٿيڻ کان اڳ هڪ وڏي نفسياتي جنگ هلي رهي هئي.

لاهور مان خبر اڏائي وئي ته ضياءُ الحق نئون سياسي ڍانچو ڏيڻ کان اڳ مختلف سياسي اڳواڻن کان صلاحون وٺندو. جن ۾ مسلم ليگ، جماعت اسلامي، تحريڪ استقلال، جمعيت علماءِ اسلام، پيپلز پارٽي ۽ جمعيت علماءِ پاڪستان شامل هونديون. اهو به چيو ويو ته حڪومت انهن پارٽين سان گڏ پير پاڳاري سان به رابطي ۾ آهي ۽ اهي گڏجاڻيون ۳ آگسٽ کان شروع ٿي وينديون.

پاڪستان پيپلز پارٽي گڏيل فيصلن تان هٽي وئي؟

اها افواهه ايم. آر. ڊي ۾ اندر شڪ شبها پيدا ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي، حڪومت جي خواهش به اها هئي. هوڏانهن بيگم يٽو پاران پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي هدايت سامهون

آئي جيڪا ڪجهہ وقت اڳ ايم. آر. ڊيءَ جي اجلاس ۾ ٿيل هڪراءِ فيصلي جي خلاف هئي.

بيگم صاحبہ مسٽر غلام مصطفيٰ جتوئيءَ کي اختيار ڏنو تہ هو مڪاني ادارن جي چونڊن جو جهيڙو نبيرڻ لاءِ پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان رابطا ڪري کين يقين ڏياري تہ سمورا فيصلا سندن مفاد ۾ ڪيا ويندا.

غلام مصطفيٰ جتوئي ملڪ ۾ موجود ڪونہ هو. سندس واپسي ۵ يا ٦ آگسٽ تي متوقع هئي. هن فرانس ۾ بيگم صاحبہ سان ٻہ ڏينهن گڏجاڻيون ڪيون جيڪا اوڏانهن علاج لاءِ ويل هئي.

- جي. ايم. سيد ۽ بينظير ڀٽو قيد ۾ هئا. هوڏانهن خوراڪ ۽ زراعت واري وفاقي وزير مير ظفر الله جماليءَ سندن گرفتارين بابت سوال جي جواب کان جند ڇڏائڻ لاءِ وڏي بي نيازيءَ سان چيو. "هنن جي نظر بندي وزارت داخلہ جو معاملو آهي." پر، جمالي صاحب ان اطلاع جي سختيءَ سان ترديد ڪئي تہ "پاڪستان بلوچستان ۾ ڪنهن هنڌ ايٽمي تجربو ڪيو آهي." شايد ايٽم بم محڪمہ زراعت ۽ خوراڪ جي ڪنهن ذيلي شعبي ۾ شامل هو. (ياد رهي تہ پاڪستان گهٽ ۾ گهٽ پوءِ ۲۸ مئي ۱۹۹۸ع تي بلوچستان جي چاغي ضلعي ۾ تجرباتي طور هڪ ٻئي پويان ڇهہ ائٽمي ڌماڪا ڪيا).
- سرڪاري وزير پنهنجي پنهنجي ڪم کي لڳا پيا هئا. آخر پگهار ڇا جو ٿي کنيائون؟ مڪاني ادارن جي وفاقي وزير سيد فخر امام کان چوايو ويو تہ "ايم. آر. ڊي طرفان ۱۴ آگسٽ تي ملڪ ۾ شروع ٿيندڙ تحريڪ ناڪام ٿي ويندي... اها تحريڪ عوام جون همدرديون حاصل ڪري نہ سگهندي... ۽ ضياءُ الحق جو مڪاني ادارن وارو سرشتو تمام ڪامياب ٿيو آهي. هن صاحب اهي تجزيا اخباري عيوضين جي آڏو ڪيا هئا.

پهرين آگسٽ ۱۹۸۳ع

شوريٰ ۾ بحث

شوريٰ ڪميٽيءَ پارليامينٽري نظام جي سفارش ڪئي ۽ دليل ڏنائون تہ اهو نظام اسلام جي خلاف نہ آهي. ساڳي ڪميٽيءَ ۱۹۷۳ع واري آئين جي

حمايت ڪئي پر چيو تہ ان ۾ ڪجهہ ترميمون ڪيون وڃن. ان رپورٽ تي ٨ ڏينهن بحث هليو ويو جنهن دوران ١٤٨ ميمبرن حڪومت جي چونڊ جي طريقي يا وزير اعظم جي اختيارن ۾ توازن بابت خيالن جو اظهار ڪيو. ان رپورٽ تي بحث جا تفصيل اچا جنرل صاحب جي روبرو پيش ٿيڻ باقي هئا.

مزدورن جي خلاف سرگرميون

- ڪراچي پوليس ٣١ جولاءِ تي لٺ بازيءَ ڪانپوءِ گرفتار ڪيل ١٤ پورهيتن کي ١٣ آگسٽ تائين عدالتي تحويل ۾ موڪلي ڇڏيو. انهن ۾ گلزار بيگم ۽ بيا شامل هئا.
- بچاءَ واري وفاقي وزير اسلام آباد ۾ وفاقي ڪائونسل واري اجلاس ۾ ٻڌايو تہ پي. آءِ. اي ۾ ٽريڊ يونين سرگرمين تي ٣١ ڊسمبر ١٩٨٣ع تائين پابندي پيل آهي، جنهن کي ان مدي جي پڄاڻيءَ مهل وري وڌايو ويندو.

مڪاني چونڊن جي پروگرام ۾ تبديليءَ واري چال

١٤ آگسٽ کان شروع ٿيندي ايم. آر. ڊي هلچل کي ناڪام ڪرڻ لاءِ حڪومت هڪ ٻي چال هلائي. سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جي پروگرام کي تبديل ڪيو ويو. نئين شيڊول ۾ نامزدگيءَ جا ڪاغذ وصول ڪرڻ جي تاريخ ١٥ آگسٽ کان ١٧ آگسٽ مقرر ڪئي وئي. ٢١ آگسٽ تي اعتراض وارڻ جي تاريخ مقرر ڪئي وئي ۽ اهڙي طرح باقي پروگرام اڳتي ڌڪيو ويو. هن چال ذريعي ايم. آر. ڊيءَ سان تعلق رکندڙن کي هڪ پاسي هيڏانهن يا هوڏانهن ٿيڻ جو موقعو ڏنو ويو. ١٤ آگسٽ کان شروع ٿيندڙ هلچل ۾ هر ڪنهن کي ظاهر ٿيڻو هو تہ هو ڪهڙي پاسي آهي.

- لاهور مان PPA نيوز ايجنسيءَ اطلاع ڏنو تہ ڪراچي ۾ ٣ آگسٽ تي ايم. آر. ڊيءَ جي مرڪزي گڏجاڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ايم. آر. ڊي جي مستقبل وارن لاڳاپن تي غور ڪيو ويندو. اها گڏجاڻي NDP جي سيڪريٽري جنرل غلام محمد بلور جي صدارت ۾ رکي وئي. گڏجاڻيءَ جو اصل مقصد هو تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي مڪاني

چونڊن ۾ حصو وٺڻ کان جهليو وڃي ... ۽ جيڪڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي انڪار ڪري ته پوءِ ايم. آر. ڊي ان کي اتحاد مان خارج ڪرڻ بابت سوچي.

اها صورتحال بيگم ڀٽو جي هڪ تازي اشاري ڪانپوءِ پيدا ٿي هئي جنهن ۾ هن هڪ طرف ڪارڪنن کي تياري ڪرڻ جي هدايت ڏني هئي ته ٻئي پاسي مسٽر جتوئيءَ کي معاملو نبيرڻ لاءِ چيو هو. ايم. آر. ڊي جون باقي سڀ پارٽيون مڪاني چونڊن خلاف هڪراءِ ٿي چڪيون هيون ۽ ان راءِ ۾ سڀني جي سرواٽي شير باز خان مزاري ڪندو نظر ٿي آيو.

٣ آگسٽ ١٩٨٣ع

ريفرنڊم واري تجويز جي مخالفت

نيوز ايجنسيءَ جي رپورٽ شايد درست نه هئي. ان ڪري ايم. آر. ڊي جي سيڪريٽري جنرل خواجه خيرالدين وضاحت ڪئي ته تنظيم جي ورڪنگ ڪميٽي ۴ آگسٽ تي گڏبي ۽ ١۴ آگسٽ واري هلچل جي پروگرام کي آخري شڪل ڏني ويندي ۽ ان ئي گڏجاڻيءَ ۾ مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ يا نه وٺڻ بابت آخري فيصلو ڪيو ويندو. هن صاحب ملڪ ۾ حڪومتي سرشتي بابت ريفرنڊم ڪرائڻ واري رٿ به رد ڪري ڇڏي چاڪاڻ ته هن چڱيءَ طرح سمجهيو پئي ته هڪ فوجي راڄ ۾ ٿيندڙ ريفرنڊم سراسر نڳيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ٿي نٿي سگهيو.

خواجه صاحب جمعيت علماء پاڪستان جي رهنما مولانا شاهه احمد نورانيءَ سان ملڪي حالتن تي ڊگهيون ڳالهيون ڪيون ۽ هڪٻئي کي پنهنجي پنهنجي موقف تي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. اصولي طور تي ٻئي صاحب مارشل لا جي خاتمي تي همخيال هئا پر ان هوندي به مولانا نورانيءَ کي ڪجهه هٻڪون هيون. ان هوندي به خواجه صاحب چيو "جمعيت علماء پاڪستان ۽ ايم. آر. ڊي پاڻ ۾ وڌيڪ ويجهيون ٿيون آهن ... آئون مولانا نورانيءَ سان ڪيل ڳالهين مان مڪمل طور مطمئن آهيان. باقي جماعت اسلاميءَ مان اهڙي سهڪار جي ڪابه اميد ڪونه اٿم ۽ نه ئي وري پير صاحب پاڳاري سان ڳالهين جو ڪو ارادو اٿم."

شير باز مزاريءَ جو اخلاقي دٻاءُ

هوڏانهن، شير باز خان مزاريءَ ملتان جيل مان نياپو موڪليو تہ جيڪڏهن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ وارو فيصلو نہ مٽايو تہ پوءِ ايم. آر. ڊي مان ان جي نيڪاليءَ تي غور ڪيو ويندو. هن ڌمڪي بہ ڏني تہ جيڪڏهن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پنهنجي فيصلي تي نظر ثاني نہ ڪئي تہ هو پاڻ ايم. آر. ڊيءَ جي قيادت تان استعيفا ڏيئي ڇڏيندو. شير باز مزاريءَ جي نيت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي ايم. آر. ڊي مان خارج ڪرڻ جي ڪونہ هئي پر هو پنهنجي استعيفا جي ڌمڪي ڏيئي هڪ قسم جو اخلاقي دٻاءُ وجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. چاڪاڻ تہ جيڪڏهن پنهي مان ڪا هڪ ڌر ايم. آر. ڊيءَ مان ٻاهر نڪري وڃي ها تہ ايم. آر. ڊي ٻي اثر ٿي وڃي ها. ان تجزئي جو بنياد ان حقيقت تي رکيو پيئي ويو تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو اثر رسوخ سنڌ ۽ پنجاب ۾ هو جڏهن تہ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۽ ان جون همخيال تنظيمون پاڪستان نيشنل پارٽي ۽ عوامي نيشنل پارٽي سرحد ۽ بلوچستان ۾ اثر رکندڙ هيون.

- اطلاع پهتا تہ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جو صدر غلام مصطفيٰ جتوئي ڏينهن ٻن ۾ وطن ورڻ وارو آهي ۽ هو پاڻ سان بيگم نصرت ڀٽو جو اهم پيغام کنيو پيو اچي. ان پيغام جي روشنيءَ ۾ باقي فيصلا ڪيا ويندا. جتوئي صاحب پنهنجي پارٽيءَ جي پاران ڪهڙو پيغام کڻي ايندو؟ ڪي سياسي حلقا سمجهي رهيا هئا تہ هو مڪاني چونڊن بابت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت جو مؤقف پيش ڪندو. ٻيا حلقا سوچي رهيا هئا تہ ڀڪ ٿي پڪ آمريڪي ڪانگريس جي ڪجھ اهم ميمبرن بيگم ڀٽو کي تحريڪ هلائڻ جو گرين سگنل ڏيئي ڇڏيو آهي ۽ اهو ئي پيغام مسٽر غلام مصطفيٰ جتوئي کڻي اچي رهيو آهي.

سرڪاري سرگرميون

مجلس شوريٰ هر شيءِ کي مسلمان ڪرڻ سان گڏ يوم مئي کي بہ "مسلمان" ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. وفاقي ڪائونسل ۾ ٢ آگسٽ تي هڪ

نعراءُ پيش ڪيو ويو تہ جنھن ڏينھن تي نبي ڪريم سڳوري صلعم مسجد نبويءَ جو بنياد وڌو. ان کي (يوم مئي بدارن) پورهيتن جو ڏينھن ڪري ملهايو وڃي. دليل اهو ڏنو ويو تہ اسلام ڪان وڏو پورهيتن جو ٻيو ڪھڙو مذهب آهي، جنھن جو بنياد نبي ڪريم سڳوري صلعم وڌو! ان دليل تي تاريخ دان ڪجھ بہ ڪچي نہ سگھيا. جڏهن "يوم مئي" واري تاريخ (شڪاگو جي مزدور تحريڪ کي) ان ريت مذهب جي نالي ۾ بي دخل ڪيو وڃي تڏهن شوري جي عقل کي بي لغام ڇڏي ڏيڻ ئي بهتر سمجھيو ويو هوندو.

پير خالد جان سرهندي جيڪو حيدرآباد ضلع ڪائونسل جو چيئرمين بہ هو صحافين کي عيد ملن پارٽي ڏني ۽ پڪائيءَ سان صحافين کي سندن پيشہ ور ذميوارين بابت صلاح ڏني، "ڏسو! صحافين جو قلم قوم جي امانت آهي. ان کي ايمانداري ۽ سچائيءَ سان استعمال ڪرڻ گھرجي. صحافي ملڪ ۽ قوم کي صحيح رستي تي گامزن ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگھن ٿا!" واضح هجي تہ انهن ڏينھن ۾ اخبارون لانگ بوٽ جي چيپٽ هيٺ هيون ۽ انهن ڏينھن ۾ جيڪو بہ شخص اخبارن کي ملڪ ۽ قوم جي خدمت لاءِ زور ڀري سگھيو ٿي، سو سرڪاري ڏرمان ئي تي سگھيو ٿي.

جنرل ضياء الحق ملڪ لاءِ سياسي ڍانچي بابت پنھنجن رفيقن سان صلاح مشورا ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا. ان مقصد لاءِ هن چئني صوبن جي گورنرن کي اسلام آباد گھرائي ورتو. جنرل صاحب اقتدار ۾ ڀاڱي ڀائيوارن کي سڏيندو هو "رفقاء ڪار!" هن پهرين مرحلي ۾ صوبائي گورنرن سان بيٺڪ ڪئي ۽ ٻئي مرحلي ۾ گورنرن وزيرن ۽ ڪور ڪمانڊرن کي سڏايو.

۴ آگسٽ ۱۹۸۳ع

ايندڙ حڪومت مسلم ليگ جي هوندي: پاڳارو

سرڪار پنھنجي حڪمت عملي هلائي رهي هئي ۽ ايم. آر. ڊي پنھنجي حڪمت عملي تي هلي رهي هئي. پر پير صاحب پاڳارو پنھنجي مخصوص سياست، ڪري رهيو هو. هُو نہ هيڏانھن نظر تي آيو ۽ نہ هوڏانھن. هُو پنھنجي مخصوص انداز سان ڏر بندي ۾ مصروف هو. ۴ آگسٽ تي جڏهن ڪي صحافي پير صاحب سان ڪراچيءَ جي ڪنگري هائوس ۾

مليا تہ هن دعوي ڪئي. "ايندڙ حڪومت مسلم ليگ جي هوندي... جمعيت علماء پاڪستان سان اسان جو ناتو برقرار آهي... ج. ع. پ جي اڳواڻن سان پيھر ملاقات ڪونہ ٿي اٿم... ايم. آر. ڊي تحريڪ ھلائڻ جي اھليت نٿي رکي... ١۴ آگسٽ تي مخالفن پاران شروع ٿيندڙ تحريڪ جي سلسلي ۾ اسان ساڻن رابطو نہ ڪيو آهي."

پير صاحب جي حڪمت عملي سمجھ ۾ اچي رهي هئي. هن جي مرضي هئي تہ پلي ايم. آر. ڊي پنهنجو زور ڏيکاري، طاقت جو مظاهرو ڪري وٺي. جڏهن اها پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪري وٺندي، تڏهن مارشل لا سرڪاران جو نوٽيس تہ ضرور وٺندي پر کين اقتدار ڏيڻ لاءِ هرگز تيار ڪونہ ٿيندي. پير صاحب سوچي رهيو هو تہ جنرل صاحب کي ڪا وچ واري واٽ وٺڻي پوندي ان ڪري ڪو اهڙو سياسي حلقو يا اتحاد قائم ٿيڻ گھرجي جيڪو حقيقي معنيٰ ۾ وچ واري واٽ تي هلي، اهو گروپ مارشل لا سان ٽڪراءَ ۾ بہ نہ هجي. مارشل لا وارن سان ٺهيل بہ هجي ۽ اهو بہ نظر اچي تہ اهو جنرل ضياءُ الحق ۽ سندس پاليسين سان سهمت نہ آهي. پير صاحب جون بہ خوبيون تمام زبردست آهن. اول تہ هن ۾ صبر جو مادو آهي ۽ ڏِگھي ڪان ڏِگھو انتظار ڪري سگھندو آهي ۽ بيو تہ هو سياسي ميدان ۾ ڪڏهن بہ اشتعال ۽ احتجاج ۾ سڌيءَ طرح شريڪ نہ ٿيندو آهي. هُو پاڻ وزير اعظم ٿيڻ بہ نہ چاهيندو آهي ۽ نہ وري پاڻ لاءِ ڪنهن بئي عهدي جي طلب ڪندو آهي. انهن ذميوارين لاءِ هُو ڪنهن بئي کي مقرر ڪندو آهي. ان ڪري ڪي سياستدان هن کي king maker سڏيندا هئا (شايد اڃا بہ چوندا هجن).

بينظير ڀٽو: پرڏيھہ وڃڻ جي درخواست

- خبر پھتي تہ مِس بينظير ڀٽو حڪومت کان اجازت گھري آهي تہ کيس ملڪ کان ٻاهر وڃي علاج ڪرائڻ جي موڪل ڏني وڃي. ڊاڪٽرن کيس اهڙي صلاح ڏني هئي جو سندس ڪَنَ جي سور واري بيماريءَ جو علاج پاڪستان ۾ ڪونہ هو. ڪجھ وقت اڳ مس ڀٽو جي ڪَنَ جي آپريشن ڪراچيءَ جي مڊ ايسٽ اسپتال ۾ ٿي هئي. ڪجھ ڏينهن اسپتال ۾ رکڻ کان پوءِ کيس ڪلفٽن واري پنهنجي اباڻي گھر ۾ نظر بند ڪيو ويو هو.

بينظير ڀٽي جي ڳچيءَ ۾ تڪليف هئي. اها خبر ته عام ۽ خاص کي هئي جو وڏن ماڻهن جون تڪليفون ۽ الميه سيني تائين پهچندا آهن پر هن موقعي تي بينظير ڀٽو بابت ان خبر ته هوءَ ڳچيءَ جي آپريشن لاءِ پرڏيهه وڃڻ چاهي ٿي، عوام کي شڪ ۾ وجهي ڇڏيو. ڇا بينظير ڀٽو کي سياسي منظر تان هٽائڻ لاءِ مارشل لا سرڪار ايئن زوري ڪري رهي آهي؟ يا مس ڀٽو پاڻ ٻاهر وڃڻ چاهي ٿي؟ هو قيد کان بيزار ٿي وئي آهي يا هوءَ ملڪ کان ٻاهر رهي پاڪستان جي اندروني سياست تي اثر انداز ٿيڻ چاهي ٿي ... جيئن اڪثر اڳواڻ ڪندا آهن؟

- سرڪاري طرح اعلان ڪيو ويو ته جنرل ضياء الحق ١٢ آگسٽ تي قوم کي خطاب ڪندو ۽ نئين آئيني ڍانچي جو اعلان ڪندو.
- هوڏانهن هڪ نئون سياسي معاملو سرجندو نظر آيو. مولانا نورانيءَ قومي اهميت جي معاملن بابت سياسي ڌرين ۾ خيالن جي هڪجهڙائي پيدا ڪرڻ لاءِ ٻن ڏينهن جو ڪل پاڪستان ڪنوينشن ٥ آگسٽ کان شروع ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. اجلاس جي ميزبانيءَ لاءِ "شهري آزادين لاءِ قومي ڪنوينشن" جو پليٽ فارم رٿيو ويو. اجلاس لاءِ ناظم آباد جو هنڌ مقرر ڪيو ويو. ان ڪائونسل جو سيڪريٽري جنرل نفيس صديقي هو. هن جي دعويٰ هئي ته ان گڏجاڻيءَ ۾ سمورين سياسي پارٽين جا اهم اڳواڻ ۽ پورهيت، شاگرد، هاري، عورتون، صحافي ۽ وڪيل تنظيمن جا اڳواڻ به ايندا. ان گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ جن اڳواڻن جا نالا لسٽ ۾ پڌرا ڪيا ويا، تن ۾ ايم. آر. ڊي جا اڳواڻ ۽ ٻيا قانوندان شامل هئا.
- مظفر ڳڙهه مان خبر پهتي ته ملتان ۾ هاءِ ڪورٽ جي جج صاحب شيرباز مزاريءَ واري درخواست کي غير مؤثر قرار ڏيئي نيڪال ڪري ڇڏيو. ان درخواست ۾ مارشل لا ايڊمنسٽريٽر زون "A" ۽ گورنر پنجاب جي حڪمن هيٺ نظربنديءَ کي چئلينج ڪيو ويو هو.

آفتاب گل اسان جو ناهي: پاڪستان پيپلز پارٽي

- ايڊووڪيٽ آفتاب گل وارو ڪيس پاڪستان پيپلز پارٽيءَ لاءِ

تڪليف ڏيندڙ ٿيندو پئي ويو ان ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي کي مجبور ٿي اعلان ڪرڻو پيو تہ آفتاب گل جو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان نہ ڪڏهن واسطو هو ۽ نہ وري هاڻي آهي ۽ نہ وري پارٽي سندس سرگرمين سان پڌل آهي. ٻئي طرف سرڪار جي حڪمن تي پوليس جي ڪرائم برانچ آفتاب گل جي گهر مان هٿ آيل ٻن ميزائلن جي بنياد تي الرٽ تي وئي هئي ۽ ان کي چئني صوبن ۾ موتمار هٿيارن جي موجودگيءَ جي واقعن خلاف سرگرم ٿيڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو هو. لڳ ڀڳ ان ئي قسم جي هڪ واقعي جا پڙاڏا ٺٽڊي ڄام جي ڀرپاسي کان اٿاريا ويا هئا ۽ سياسي ڌريون خطرو محسوس ڪري رهيون هيون تہ ايم. آر. ڊي کي سوڙهو ڪرڻ لاءِ هڪ ڀيرو وري دهشتگرديءَ جو ناٽڪ رچايو ويندو.

- عوامي تحريڪ ١٤ آگسٽ کان شروع ٿيندڙ سول نافرماني واري تحريڪ ۾ حصو وٺڻ ۽ مڪاني چونڊن ۾ فارم نہ ڀرائڻ جو فيصلو ڏنو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي. جي قيادت تي بہ زور وڌو تہ اها پنهنجو فيصلو واپس وٺي. اهو فيصلو ٺٽي ۾ يوسف ڪيڙاني جي صدارت هيٺ هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ڪيو ويو.

پرو چانڊئي جا ڏينهن

- ايم. آر. ڊي اڃا تائين عمل جي ميدان ۾ سرگرم ڪونہ ٿي هئي. فقط زباني جنگ جاري هئي. هوڏانهن، پرو چانڊيو ڌاڙن ۾ سرگرم هو. هن ۴ آگست تي ڇئن سپاهين ۽ هڪ جمعدار کي اغوا ڪري ورتو. هن ڪارروائيءَ دوران سندس ٽولي ۾ ٢٠-٢٥ ڌاڙيل هئا. پرو چانڊيو ميهڙ جي ڀرپاسي ۾ سرگرم هو. هن هيءَ تازي واردات ٽاڪ منجهند جو شاهہ پنجو لڳ ڪئي ۽ هڪ آئوٽ پوليس پوسٽ تي حملو ڪيو هو.

عوام پرو چانڊئي کان بي حد خائف ضرور هو پر اها ڏاڍي عجيب ڳالهہ هئي تہ سندس سمورين رهزنين جي باوجود عام ماڻهو هن کي "بي خوف ۽ بهادر" سمجهڻ جي غلطي ڪري رهيا هئا. پوليس تي تازو حملو

ماڻهن جي نظر ۾ وڏي بهادريءَ جو ڪم هو. شايد ان ڪري ته عام ماڻهو جنهن رياستي مشينريءَ جي آڏو ٻنل، هيسيل ۽ بي وس هئا. پرو چانڊيو ان مشينري ۾ استعمال ٿيندڙ باوردي ماڻهن لاءِ چئلينج بڻجندو پئي ويو. سنڌ ۾ موجود جبر واري حالت ۾ جيڪو به شخص رياستي مشينريءَ کي چئلينج ڪري سگهيو ٿي هڪ قسم جو "هيرو" نظر ٿي آيو.

جيئن ته ڪابه سياسي تنظيم رياستي جبر خلاف ٺيڪ طرح سان محاذُ اتڪائڻ جي پوزيشن ۾ ڪونه هئي ان ڪري پرو چانڊيو ڪچن ذهنن تي پنهنجي ٻي ڊپائي ۽ بهادريءَ جا ڪوڙا نپا هڻندو ٿي ويو. ٻئي طرف ماڻهو ڏسي رهيا هئا ته قانون ٽوڙيندڙن جو هٿيار بند ٽولو ڪيڏو نه طاقتور ٿي سگهي ٿو جنهن کي نه رڳو رياستي طاقت جهلي نه ٿي سگهي پر هو ڏاڍي سولائي، سان دولت ڦري رهيو هو. اهي ٻئي ڳالهيون ڪچن ۽ هوڏي ذهنن کي هرڪائڻ لڳيون هيون ته هو به پرو چانڊئي سان شامل ٿين يا هن جهڙا ٿي وڃن.

۵ آگسٽ ۱۹۸۳ع

- مولانا انصاري ڪميشن پنهنجي رپورٽ ۴ آگسٽ تي مڪمل ڪري ورتي.
- عام ماڻهن جو هڪ چڱو خاصو طبقو مڪاني چونڊن ۾ زبردست دلچسپي وٺي رهيو هو. اميدوارن جا هشام نامزدگي فارم وصول ڪندا رهيا. ايئن ٿي محسوس ٿيو ڄڻ جنرل ضياء سياسي پارٽين ۾ ڦوٽ وجهڻ سان گڏ هيٺين سطح کان ٻنهه نئين قيادت اڀارڻ جي ڪوشش ڪئي هجي.
- وفاقي بجيٽ تي بحث ڪندي مجلس شوريٰ جي هڪ ميمبر تنقيد ڪئي. "قوم تي ۱۸ سيڪڙو سڌا ۽ ۸۲ سيڪڙو اڻسڌا ٽيڪس مڙهيا ويا آهن ... هيڏا وڏا ٽيڪس ماڻهن کي ماري وجهندا ... سرمائيدار پنهنجي دولت ملڪ مان ڪڍي چڪا آهن."

ممتاز دولتانه جي سادگي يا مجبوري؟

مسلم ليگي اڳواڻ ممتاز دولتانه لنڊن ۾ ڳالهايو. "جمهوريت ڪانسواءِ ملڪ نٿو رهي سگهي ان ڪري حڪمران جمهوريت جي قيام لاءِ اڳتي

اڄ... ضياءُ الحق چاهي ٿو تہ سيني سياستدانن کي گڏ ڪري جمهوريت ڏانهن قدم وڌائي... ننڍن صوبن ۾ محروميءَ جو احساس وڌي رهيو آهي... جيڪڏهن ضياءُ الحق واقعي جمهوريت آڻڻ گهري ٿو پوءِ سڄو ملڪ اها ضمانت ڏيڻ لاءِ تيار هوندو تہ جمهوريت جي اچڻ کان پوءِ ڪنهن جي بہ خلاف انتقامي ڪارروائي نہ ٿيندي"

ملڪ ۾ مسلم ليگ جو هڪ عدد نہ پر ٽي چار ڌڙا مصروف هئا. جن مان فقط هڪ ڌڙو (خواجہ خيرالدين ۽ ملڪ قاسم وارو) ايم. آر. ڊي سان هو. باقي ٻيا پير صاحب پاڳاري وانگر وچون رستو ڳولڻ ۾ ئاهي رهيا هئا. ممتاز دولتانہ جڏهن ايئن چيو تہ "سڄو ملڪ ضمانت ڏيڻ لاءِ تيار آهي تہ جمهوريت ملڻ کان پوءِ ڪنهن کان بہ انتقام نہ ورتو ويندو." تڏهن ان مان مراد فقط اها هئي تہ اسان جنرل ضياءُ الحق ۽ سندس رفيقن جي خلاف آئين جي اها شق استعمال نہ ڪنداسين جنهن تحت آئين ٽوڙڻ يا معطل ڪرڻ "وڏي غداري" آهي.

مسٽر دولتانہ لنڊن جي هڪ اخبار کي ڏنل انٽرويوءَ ۾ چئي رهيو هو "فوج جو ڪردار صرف ملڪ جي سرحدن کي بچائڻ تي سگهي ٿو... جمهوريت جي ناڪاميءَ جو سبب هي آهي تہ ملڪ ۾ فوجي حڪومتون قائم ٿيون ۽ ماضيءَ ۾ فوج ۽ حڪومت شاهيءَ جو تعلق اڪثر ڪري پنجاب سان هو جنهن ڪري بنگال ۽ ٻين صوبن ۾ محرومي پيدا ٿي." دولتانہ صاحب ڏاڍيون چڱيون ڳالهيون ڪيون ۽ وچٽري لائين وٺڻ جي ڪوشش ڪندي مجموعي طور جمهوريت جي بحاليءَ تي زور پئي ڏنو.

هن چيو "جمهوريت اسان جي ضرورت آهي. پيچ ٻاهہ جي سياست سان ڪڏهن بہ سٺي حڪومت اچي نہ ٿي سگهي... پاڪستان آمريت هيٺ نٿو رهي سگهي... حڪمرانن جو مفاد بہ ان ۾ آهي تہ پاڪستان قائم هجي." هنن جملن ۾ هن ايم. آر. ڊي واري ايندڙ هلچل کي "پيچ ٻاهہ واري سياست" قرار ڏيئي رد ڪيو ۽ آمريت جي بہ مخالفت ڪئي. اها لائين اختيار ڪندي اڪثر وڏا سياستدان اهو وساري ٿي ويٺا تہ جڏهن آمريت ملڪ کي ڪنهن اوڙاهہ ۾ اڇلي چڪي هوندي آهي، تڏهن خود آمر ۽ عوام

بئي حالتن جي تانڊن تي ڪباب ٿيندا آهن. ڪو معجزو ئي ڪين بنا سڙڻ جي اوڙاهہ مان ڪڍي سگهيو ٿي. ڪيترن بہ وچٽري واٽ وٺڻ جي ڪوشش چو نہ ڪجي ۽ ڪيترا بہ چيندا چو نہ هٽجن. لڳل باهہ ڏاڍي مشڪل سان وسامندي آهي.

دولتانہ صاحب پڻ اقرار ڪيو "جنرل ضياء، جنرل جيلاني ۽ ڪجهہ ٻين صاحبن سان منهنجو لاڳاپو آهي پر هو منهنجين صلاحن کي اهميت ڪونہ ٿا ڏين ... جنرل ضياء تمام شريف مسلمان، مومن، نمازي ۽ پرهيز گار انسان آهي ... ڪنٽرولڊ ڊيموڪريسي، غير جماعتي چونڊون ۽ اميدوارن جي غير ضروري تپاس جمهوريت سان مشڪريءَ جي برابر آهي." مسٽر دولتانہ آفيسر شاهيءَ تي الزام مڙهيو تہ "اهي جمهوريت جي راهہ ۾ رنڊڪ ٿا وجهن ۽ جنرل ضياءُ الحق کي غلط صلاحون ڏيئي جمهوريت ڏانهن اچڻ کان جهلين ٿا."

اها دولتانہ صاحب جي سادگي هئي يا مجبوري جو هو چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي غلطين ۽ غلط پاليسين جو بار بہ بيورو ڪريسيءَ تي وجهي رهيو هو. ڇڙڪ جنرل صاحب (جيڪو نيڪ نمازي شريف ۽ مومن پرهيزگار انسان هو) ڪنهن ابهم ٻار وانگر سول بيورو ڪريسيءَ جي آڱر جهلي هلي رهيو هو! بهرحال، مسٽر دولتانہ اڳڪٿي ڪئي تہ "١٤ آگسٽ کان شروع ٿيندڙ ايم. آر. ڊي تحريڪ مان ڪوبہ نتيجو نہ نڪرندو ۽ نہ ئي جنرل صاحب جي ان اعلان سان ڪو فرق پوندو. جيڪو هو ڪرڻ وارو هو."

- پاڪستان نيشنل پارٽي ڪراچيءَ جي صدر يوسف مستي خان، حافظ محمود، ايس. پي لوڏي، سليم بلوچ، عثمان بلوچ، زبيرالرحمان ۽ ٻين هڪ عيد ملن پارٽيءَ ۾ تقريرون ڪيون. "جمهوريت لاءِ جدوجهد جاري رهندي ۽ اسان مزدورن جي اڳواڻيءَ ۾ تحريڪ هلائڻ لاءِ تيار آهيون."

٦ آگسٽ ١٩٨٣ع

- جمعيت علماء اسلام جي سيڪريٽري جنرل ١٩٧٣ع واري آئين جي موجودگيءَ ۾ ڪنهن بہ نئين سياسي ڍانچي کي رد ڪري ڇڏيو ۽ چيو

غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي واپسي

غلام مصطفيٰ جتوئيءَ وطن موٽڻ مهل ڪراچيءَ جي هوائي اڏي تي اخباري نمائندي کي چيو "١۴ آگسٽ واري تحريڪ ڪنهن به ٻئي مسئلي کان وڌيڪ اهم آهي ... بيگم ڀٽو سان مڪاني چونڊن بابت ڳالهه ٻولهه اندکري ڪونه ٿي جو اهي ڳالهيون ايتريون اهم ڪونه آهن." جتوئي صاحب جي ڳالهين مان صاف ظاهر هو ته مڪاني چونڊن بابت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ وڏي لچڪ هئي. هوڏانهن، حڪومت پنجاب جتوئي صاحب تي اڳ کان پيل پابنديءَ جو مدو وڌائي ڇڏيو ته هو پنجاب ۾ داخل ٿي نٿو سگهي.

- ملڪ جي بي روزگار نوجوانن نوڪريون حاصل ڪرڻ جو هڪ نئون گر ڳولي ورتو هو. اها ڳالهه نوٽ ڪئي وئي ته بي روزگار نوجوانن ڏاڙهيون رکي مسجد اسڪولن ۾ نوڪريون وٺڻ کان پوءِ ڪوڙائي ٿي ڇڏيون. هاڻي، ڏاڙهي، نوڪريءَ جي ضمانت نه سهي، وڏي سفارش ضرور ٿي وئي هئي.

جمعيت علماء پاڪستان جو سخت مؤقف

جمعيت علماء پاڪستان جي اڳواڻ مولانا شاهه احمد نورانيءَ سکر جي دوري وقت مارشل لا ۽ جماعت اسلاميءَ تي ڏاڍا چوهه چنبيا. چيائين، "عام چونڊون ڪنهن به ٻئي سرشتي هيٺ نه پر ١٩٧٣ع واري آئين مطابق ٿيڻ گهرجن. مارشل لا ختم ٿئي. آئين ۾ ترميم فقط چونڊيل اسيمبلي ڪري سگهي ٿي ۽ ڪنهن به ٻئي اداري يا طريقي سان ان کي بدلائي نٿو سگهجي... گذريل ڇهن سالن اندر ملڪ ۾ بدعنوانيون ان حد تائين وڌيون آهن جو اهڙو مثال ٣٦ سالن ۾ نٿو ملي...

"... اسان هر نئين سياسي ڊانچي کي رد ڪيون ٿا ۽ ايم. آر. ڊيءَ جي ڀرپور حمايت ڪرڻ گهرجي ... جماعت اسلامي ملڪ ۾ مارشل لا کي اينگهائڻ لاءِ ڪم پئي ڪري... جڏهن ملڪ ۾ مڪاني ادارن جون چونڊون

ڪرائي سگهجن ٿيون ته عام چونڊون به ٿي سگهن ٿيون. عام چونڊون آڪٽوبر ۾ ٿيڻ گهرجن ... جماعت اسلامي ملڪ ۾ گهرو ويڙهه ڪرائڻ چاهي ٿي.“

مولانا نورانيءَ جو لهجو اتحادي پير پاڳاري کان تمام مختلف ٿي ويو هو. تازي بيان ۾ ته هن نه رڳو ايم. آر. ڊيءَ وارن چئن نقطن جي هڪ هڪ ڪري حمايت ڪئي پر ايئن به چيو ته ايم. آر. ڊيءَ جي حمايت ڪرڻ گهرجي. خبر ناهي ته پوءِ به پير صاحب پاڳاري جمعيت علماء پاڪستان کي سڀ کان وڌيڪ همخيال ڇو ٿي سمجهيو!

۷ آگسٽ ۱۹۸۳ع

جمعيت علماء اسلام جي سيڪريٽري جنرل مولانا محمد شاهه امروٽي پنهنجي پارٽيءَ جي مرڪزي مجلس شوريٰ ۾ هڪراءِ ٿيل فيصلو ٻڌايو ته ايندڙ هفتي کان شروع ٿيندڙ ايم. آر. ڊي واري هلچل ۾ ڀرپور حصو ورتو ويندو ۽ جمعيت جمهوريت جي بحالي وارن چئن نقطن جي حمايت ڪري ٿي ... سياسي پارٽين جي مرضي کانسواءِ جنرل ضياء جو ڪوبه سياسي ڍانچو قبول نه ڪيو ويندو. هن هڪ مختلف ڳالهه به ڪئي، ”اسان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان نه. پاڪستان پيپلز پارٽي اسان سان گڏ آهي!“ هن شايد اهو پئي چوڻ چاهيو ته جمعيت علماء اسلام پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪمت عمليءَ اشارن تي ڪونه پئي هلي پر پاڪستان پيپلز پارٽي جمعيت جي حڪمت عمليءَ کي قبول ڪيو آهي. پر ان بيان سان ڪهڙو فرق ٿي پيو ۽ هن اها ڳالهه ڪنهن تي واضح ڪرڻ پئي چاهي؟ شايد هو پنهنجي تنظيم جي ڪارڪنن کي مطمئن ڪري رهيو هو ۽ جمعيت جي خواهش هئي ته ان جا ڪارڪن جوش ۽ جذبي سان تحريڪ ۾ سرگرم ٿي سياسي وايو منڊل کي پنهنجي حق ۾ ڪري ڇڏين!

- جنرل ضياءَ الحق جي ڪئبنيٽ جي رڪن سيد فخر امام جنهن وٽ مڪاني ادارن ۽ ٻهراڙي ترقيءَ جو قلمدان هو ملتان ۾ ڳالهايو ۽ مڪاني ادارن جي هڏيءَ تي لالچ جو گوشت چاڙهيو. ”مڪاني ڪائونسلرن کي وڌيڪ اختيار ۽ فنڊ ملندا!“ سياستدان ۽ وڏيري لاءِ

اختيار ۾ فنڊ ملڻ ڪان وڏيڪ ٻي ڪهڙي لالچ ٿي سگهي ٿي؟ اڄ ڪو سياستدان قبول ڪري يا نہ ڪري پر پاڪستان جي سياست ۾ ڪرپشن جو بنياد تڏهن کان پيو آهي جڏهن کان سياستدانن قانون سازيءَ بدران اختيارن ۽ فنڊن جي حصول جي سياست ڪئي آهي. پلاٽ ۽ پرمٽ وارو دور بہ ان خرابيءَ جو حصو هو.

- تحريڪ استقلال مڪاني چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ تي وري تنقيد ڪئي. تحريڪ استقلال جي قائم مقام اڳواڻ منير شاهہ چيو "مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ حصو وٺڻ ان ڪري ممڪن نہ آهي جو سرڪاري طرح سياسي پارٽين طرفان مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي گنجائش موجود ئي ناهي. ان ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي چونڊن ۾ حصو وٺي وڏي سياسي غلطي پئي ڪري!"

اها ڳالهہ اصولي طرح برابر درست هئي پر تحريڪ استقلال جي نيت ڪجهہ ٻي هئي. هنن ڄاتو پئي تہ جيڪڏهن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ مڪاني چونڊن ۾ پنهنجا "هم خيال" ماڻهو بيهاريا تہ اهي سموريون سيٽون کٽي ويندا. هوڏانهن تحريڪ پاڻ اهڙي ڪنهن بہ "فتح" بابت سوچي ئي نہ پئي سگهي جو وٽس ووٽر ۽ عوام جي مقبول حمايت ڪونہ هئي. اصل ڳالهہ فقط ايتري هئي تہ تحريڪ استقلال پاڪستان پيپلزپارٽيءَ کي بنهہ اڪيلو ڪرڻ لاءِ پروپيگنڊا ڪندي پئي آئي. مڪاني چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي بيهڻ جو مطلب هو تہ ٻيون ڌريون وچي گهر ويهن!

٨ آگسٽ ١٩٨٣ع

اخبارن ۾ وڏي پئماني تي اندازا لڳايا ويا تہ جنرل ضياءُ الحق ١۴ آگسٽ تي عبوري آئيني حڪم جاري ڪري نئون سياسي ڍانچو ڏيندو ۽ هن وقت حڪومت جا اعليٰ سطحي ماهر انصاري ڪميشن جي رپورٽ تي متا جوڙي وينا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ ممڪن آهي تہ مارچ ١٩٨۴ع ۾ صوبائي چونڊون ٿين. هن خبر کي سياسي حلقن حڪومت جي ڊس انفارميشن مهم طور ڏٺو.

غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي پريس ڪانفرنس

۷ آگسٽ تي پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ غلام مصطفيٰ جتوئي ڪراچي پريس ڪلب پهتو. سياسي حلقن کي سندس آمد جو انتظار هو ۽ هنن ٻڌڻ پئي چاهيو تہ آمريڪي سينيٽرن پاران ڊنل گرين سگنل جو اظهار ڪهڙن لفظن ۾ ٿئي ٿو؟

ڪراچي پريس ڪلب ۾ غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي آمد کي حيثيت برابر هئي پر هو پهريون سياستدان ڪونہ هو جيڪو پريس ڪلب ۾ پنهنجي پارٽيءَ جو موقف پيش ڪرڻ آيو هجي. هن کان اڳ لڳ ڀڳ سمورا اهم سياستدان واري واري سان پنهنجو پنهنجو موقف پيش ڪري چڪا هئا. سبب هڪڙو ئي هو. ڪليل سياسي سرگرمين تي پابندي هئي ۽ عام سياسي جلسا ڪرڻ ممڪن ڪونہ هو. هاڻي، ۱۴ آگسٽ ۾ فقط هڪ هفتو باقي هو.

غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جنرل صاحب جي عبوري آئيني انتظامن واري تجويز کي يڪسر رد ڪري ڇڏيو. هن چيو "۱۹۷۳ع وارو آئين چونڊيل نمائندن هڪراءِ منظور ڪيو هو ۽ ملڪ جي هر سياسي پارٽي ساڳئي آئين جي بحاليءَ جو مطالبو پئي ڪري... جيڪڏهن مڪاني ادارن جون چونڊون تي سگهن ٿيون تہ پوءِ قومي چونڊون نہ ڪرائڻ جو ڪوبہ سبب ڪونہ آهي. ان ڪري اهوئي ڪرڻ گهرجي جيڪو قومي مفاد ۾ هجي ... ڪنهن بہ طاقت جو پوئلڳ نہ ٿيڻ گهرجي ... آئون مڃان ٿو تہ اقتدار واري دور ۾ مون وڏيون غلطيون ڪيون آهن پر اهو فيصلو عوام تي ڇڏيو وڃي تہ هو مون کي چونڊين ٿا يا نہ؟"

صحافين جتوئي صاحب کان ڏاڍا ڏکيا سوال ڪيا ۽ گهٽي کان گهٽي تنقيد اها ڪئي تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي دور ۾ بلوچستان تي فوجي آپريشن ڇو ڪيو ويو ۽ بلوچستان ۾ چونڊيل حڪومت کي ڇو بر طرف ڪيو ويو؟ جتوئي صاحب ان سوال کان پاڻ کي ڏاڍي سولائي سان بچائي ويو "اهو فيصلو اصولي طرح ڪرڻ نہ گهربو هو!" صوبائي خودمختياريءَ بابت سوال تي جواب ڏيندي چيائين، "هن وقت اهو مسئلو نہ اٿارڻ گهرجي."

مرحوم شيخ مجيب الرحمان جي ٦ نقاطي پروگرام تي ڪيس اعتراض هو پر هن اهو بہ چيو تہ "جيڪڏهن اوڀر پاڪستان جي عوام کي اقتدار ڏنو وڃي ها تہ انهن منجهہ ملڪي معاملن ۾ شرڪت جو احساس ٿئي ها!"

ممتاز ڀٽي جو مؤقف

ساڳئي ڏينهن تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻ ممتاز ڀٽي لاڙڪاڻي ۾ پنهنجو مؤقف پيش ڪيو. "پارٽيءَ کي مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ حصو وٺڻ نہ گهرجي ڇو تہ ان سان پارٽيءَ کي نقصان رسندو." ممتاز صاحب ان نقصان جا سبب مختصر طور بيان ڪيا.

وقت گذرڻ سان ممتاز ڀٽو ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي هڪ ئي پارٽيءَ ۾ موجود هئڻ جي باوجود ذهني طور هڪبئي کان گهڻو پري ٿي چڪا هئا. هن راولپنڊيءَ واري اسٽيئرنگ ڪميٽيءَ ۾ شرڪت نہ ڪرڻ جا سبب بہ واضح نہ ڪيا البت هن اهو چيو تہ "ڪميٽيءَ جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ انهن پارٽي ورڪرن جو نقطہ نظر بہ ٻڌڻ گهرجي جيڪي مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي مخالفت پيا ڪن."

سندس چوڻ هو تہ مڪاني چونڊن ۾ ڀرو وٺڻ سان هڪ طرف ايم آر ڊيءَ کي ڌڪ لڳندو ۽ ٻئي پاسي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حمايت سان چونڊجندڙ ماڻهو ايندڙ حڪومت جا حامي ٿي ويندا. سندس راءِ هئي تہ ملڪ جي سيني ترقي پسند پارٽين کي گڏجي جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ تحريڪ هلائڻ طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي.

- ١۴ آگسٽ واري تحريڪ جي تياري رڳو سنڌ ۾ ئي نہ پر لاهور ۾ بہ هلي رهي هئي. جمعيت علماء اسلام (فضل الرحمان گروپ) پنجاب جي سربراهہ امير حسين جيلانيءَ لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪري ايم. آر. ڊي وارا مطالبا ورجايا ۽ ڪنهن بہ ڪميشن جي سفارشن کي اڳوات رد ڪري ڇڏيو.
- سرڪاري طرح اعلان ڪيو ويو تہ جنرل ضياءُ الحق ١٢ آگسٽ تي شوريٰ کي خطاب ڪندو.

- ايم. آر. ڊي کي جماعت اسلاميءَ پاران ڪنهن قسم جي سهڪار يا نرمي گوشي بدران مخالفت نصيب ٿي هئي. ان ڪري خود سندس اتحادي بہ مٿس چڙيل هئا. ٦ جولاءِ تي پاڪستان ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي قائم مقام صدر محمد ارشد چوڌريءَ جماعت اسلاميءَ تي چوٽ ڇنڊيا، "ايم. آر. ڊي هلائڻ لاءِ اسان کي جماعت اسلاميءَ جي سهاري جي ضرورت ناهي." چوڌري صاحب کي پڪ هئي تہ هن جي سڏ تي عوام گهٽين ۾ نڪري ايندو. هن خار ۾ چيو "هيءَ مذهبي تحريڪ ناهي، جيڪڏهن سياستدان جماعت اسلاميءَ جي آسري ۾ آهن تہ پوءِ بهتر آهي تہ پاڻ رٽائر ٿي وڃون!"

حقيقت بہ اها هئي تہ مسلم ليگ ۽ جماعت اسلاميءَ کانسواءِ هر پارٽيءَ ايم. آر. ڊيءَ کي خاطري ڏني هئي تہ هو تحريڪ سول نافرمانيءَ ۾ حصو وٺندا.

٩ آگسٽ ١٩٨٣ع

- ڪراچيءَ ۾ جمعيت مشائخ پاڪستان جي صاحبن ١٩٧٣ع واري آئين جي بحاليءَ جو مطالبو ڪيو ۽ ايم. آر. ڊيءَ وارا سمورا مطالبا ورجايا.

ولي خان جدوجهد ۾ شريڪ نہ ٿيندو

ولي خان بابت خبر آئي تہ هو ۽ سندس زال بيگم نسيم ولي خان جيڪا پارٽيءَ جي نائب صدر بہ هئي، ايم. آر. ڊيءَ واري جدوجهد ۾ شريڪ ٿي نہ سگهندا. ولي خان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان شايد ڪڏهن بہ گڏجي نہ هلي سگهندو. ١٤ آگسٽ ۾ باقي ڪي ڏينهن بچيا هئا پر ولي خان پنهنجي ڪتاب جي سلسلي ۾ مواد جمع ڪرڻ لاءِ لنڊن ۾ ترسيل هو. کيس ١٤ آگسٽ کان اڳ موٽڻو هو پر هن پنهنجو پروگرام ملتوي ڪري ڇڏيو. سبب يا بهانو اهو ڏنو ويو تہ کين پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ تي اختلاف آهي ڇو تہ ايم. آر. ڊي بہ ان فيصلي جي خلاف هئي.

ڪيڏانهن رهيو ڪتاب لکڻ لاءِ مواد جمع ڪرڻ جو دليل ۽ ڪٿي

رهيو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو مڪاني چونڊن بابت پنهنجو اندروني تنظيمي فيصلو ۽ ڪٿي رهيو جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد جو گڏيل پروگرام ولي خان جي 'نـا' اصل ۾ 'نـا ڪي نو (۹) ڪوٽ' واري ڳالهه هئي.

پيپلزپارٽيءَ مجبوري ۾ فيصلو بدلايو

ولي خان جو بهانو پنهنجي جاءِ تي بي اثر ٿي ويو ڇاڪاڻ تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ مجبور ٿي مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ وارو فيصلو واپس وٺي ڇڏيو. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پنهنجين اتحادي پارٽين جي دٻاءَ هيٺ اهو فيصلو ڪونہ ڪيو هو پر ان ڏنو تہ بلوچستان ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي "همخيال" اميدوارن جا نامينيشن فارم وڏي پئماني تي رد ڪيا ويا آهن.

اها صورتحال پارٽيءَ جي اسٽيئرنگ ڪميٽيءَ ۾ سوچ ويچار لاءِ پيش ڪئي وئي. گڏجاڻي جتوئي صاحب جي گهر ۾ ٿي، جنهن جي صدارت رٽائرڊ جنرل ۽ پارٽيءَ جي اهم اڳواڻ ٽڪا خان ڪئي. ان رٿ تي فاروق لغاري، رانا شوڪت محمود ۽ جمال جوگيزئي بہ متفق هئا.

بلوچستان مان پيپلز پارٽيءَ جي ۱۲۰۰ اميدوارن جا نالا پارٽيءَ سان تعلق جي بهاني سان رد ڪيا ويا هئا. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي توقع هئي تہ ٻين صوبن ۾ بہ ائين ئي ٿيندو انڪري بهتر ايئن ٿيندو تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت ۽ ڪارڪن پنهنجو ڌيان ايم. آر. ڊيءَ تي مرڪوز رکن.

هوڏانهن، سياسي قيدي ۽ آزاد ڪارڪن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هن فيصلي کي پنهنجي دٻاءَ جو حصو سمجهي رهيا هئا.

۹ آگسٽ تي ئي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اسٽيئرنگ ڪميٽيءَ پنهنجو عزم ورجايو تہ "پارٽي ۱۴ آگسٽ کان تحريڪ ۾ ڀرپور حصو وٺندي پر اها هٿيارٻند جنگ بدران سياسي جنگ ۾ يقين رکي ٿي!" ڪميٽيءَ چيو "ڪارڪنن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن تہ جيئن عام ڪارڪنن کي پارٽيءَ کان پري رهڻ تي مجبور ڪيو وڃي." ڪميٽيءَ آمريڪا، روس ۽ چين سان سٺا تعلقات قائم ڪرڻ جو سڏ بہ ڏنو ۽ ايران عراق جنگ تي افسوس بہ ظاهر ڪيو.

- حيدرآباد ۾ سٽي پوليس سنڌي ليڪڪ، پبلشر ۽ "سهڻي" رسالي جي ايڊيٽر طارق اشرف کي سندس پريس مان گرفتار ڪري ورتو.

ظهور ڀوپالي قتل ڪيس جو پڙاڏو

حڪومت ظهور الحسن ڀوپاليءَ جي ٻن قاتلن کي ڳولي رهي هئي. هن کان اڳ ٻه قاتل ملزم گرفتار ڪيا ويا هئا جڏهن ته هڪ ڇهون اڳ ئي پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو هو. ڀڳل جوابدارن جا نالا نه ٻڌايا ويا ۽ چيو ويو ته اهي ملڪ کان ٻاهر ويل آهن جيڪي ٿي سگهي ٿو ته موٽي به آيا هجن. اهي تفصيل مجلس شوريٰ ۾ وفاقي وزير محمود هارون ڏنا. ڀوپالي ڪيس جا ڪجهه ٻيا پهلو به آهن جيڪي جاچي واٽي لڪايا ويا.

ظهور الحسن ڀوپاليءَ کي سندس آفيس ۾ دهشت گرديءَ واري ڪارروائيءَ ۾ ماريو ويو هو. قاتل اڄ تائين نامعلوم آهن. واقعي دوران جيڪو نوجوان مارجي ويو هن جو نالو الياس هو جنهن جو تعلق پاڪستان پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان هو. پي. آءِ اي هائجيڪنگ واري واقعي وقت اهو نوجوان ڪراچي جيل ۾ قيد جو آخري هفتو گذاري رهيو هو پر ڪيس هائجيڪرن واري مطالبي جي لسٽ موجب زوريءَ جهاز ۾ چاڙهي ملڪ بدر ڪيو ويو هو.

حڪومت ڀوپالي ڪيس "الذوالفقار" جي کاتي ۾ وجهي ڇڏيو هو. چون ٿا ته الياس ڪنهن ريت لڪي ڇپي پاڪستان آيو ۽ ظهور الحسن ڀوپاليءَ سان ملي ڪيس منٽ ميڙ ڪري رهيو هو ته هو سندس اها مدد ڪري ته ڪيس سرڪاري عتابن واري لسٽ مان ڪڍيو وڃي. واقعي وقت به هو ان ڪم سان آيل هو پر نامعلوم ماڻهن جي فائرنگ ۾ ڀوپاليءَ سان گڏ هو به مارجي ويو ۽ سرڪار سڄي معاملي کي ابتو رخ ڏيئي ڇڏيو.

الياس، دهشت گرد ڪونه هو ۽ نه وري "الذوالفقار" سان واسطو هئس. هو ته ١٩٨٠ع ۾ نذير عباسيءَ جي شهادت کانپوءِ احتجاجي مظاهرن ۾ نعرا هڻندي گرفتار ٿيو هو ۽ ڪيس سرسري فوجي عدالت سزا ڏيئي ڪراچي جيل موڪلي ڇڏيو هو.

- اسلامي جمعيت طلبہ اسلام آباد ۾ مظاهرن ۽ جلسن جي تياريءَ جو اعلان ڪيو پر اهي مظاهرا سرحد صوبي ۾ شاگرد تنظيمن تي بندش جي خلاف رٿيا ويا هئا. تاريخ جو اعلان نہ ڪيو ويو ۽ انهن جلسن جو ايم. آر. ڊي سان ڪوبہ تعلق ڪونہ هو.

١٠ آگسٽ ١٩٨٣ع

اڪبر بگٽي مطمئن نٿو ٿئي

بلوچستان جو اڳوڻو گورنر اڪبر بگٽيءَ نہ ايم. آر. ڊيءَ مان مطمئن نظر ٿي آيو ۽ نہ حڪومت مان. آخر هن ڇا ٿي چاهيو؟ ١٠ آگسٽ واري ڏينهن تي هن ڪوئيٽا ۾ هڪ پريس ڪانفرنس ڪئي ۽ پنهنجو مؤقف واضح ڪيو "مون ايم. آر. ڊي هاءِ ڪمان کي ڪيئي پيرا چيو آهي تہ اها قومي خودمختياري ۽ ملڪ ۾ قوميتن جي حقن بابت واضح پاليسن جو اعلان ڪري پر اڃا تائين ڪابہ وضاحت نہ ڪئي وئي آهي ... اهڙي واضح پاليسي بلوچستان جي جمهوري قوتن لاءِ ڏاڍي اهم آهي ... جيڪڏهن ائين ڪيو وڃي تہ پوءِ بلوچستان جون جمهوري قوتون ايم. آر. ڊيءَ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪنديون."

نواب اڪبر بگٽي بلوچستان جي تجربن ۽ پنهنجي سياسي اثر رسوخ واري حلقي جي بنيادن تي ضمانتون گهري رهيو هو. اڪبر بگٽي وٽ جمهوري جنگ لاءِ ڪيتري سياسي قوت هئي؟ ان جي وضاحت ضروري نہ آهي البت وسيع تر اتحاد لاءِ ضروري هو تہ وڏ ۾ وڏ اڳواڻن کي ايم. آر. ڊيءَ جي چؤگرد آڻجي. بلوچستان هوندي بہ ايراضيءَ جي لحاظ کان تمام وڏو ۽ آباديءَ جي لحاظ کان بنهہ ڇڊو آهي، ان ڪري اهو ويتر ضروري هو تہ اڪبر بگٽي سميت سيني بلوچ اڳواڻن کي مطمئن ڪجي تہ جيئن بلوچستان جمهوريت جي بحاليءَ واري جدوجهد ۾ خاموش ۽ لاتعلق نظر نہ اچي.

اڪبر بگٽيءَ پنهنجي پريس ڪانفرنس ۾ مڪاني چونڊن بابت خيال ظاهر ڪيو "اها محض سليڪشن هوندي!" هن حڪومت کان ڪجهہ مطالبا بہ ڪيا، "آزاد پرڏيهي پاليسي اختيار ڪئي وڃي ۽ سياسي

نظر بندن کي غير مشروط آزاد ڪيو وڃي!“

- ايم. آر. ڊي بلوچستان جي سيني شاخن جي گڏجاڻي ١١ آگسٽ تي رکي وئي، جنهن ۾ هلچل لاءِ حڪمت عمليءَ کي قطعي شڪل ڏيڻ جو اهم ڪم ايجنڊا تي رکيو ويو.

١١ آگسٽ ١٩٨٣ع

پنجاب ۾ سرگرم اڳواڻ ۽ ڪارڪنن جون گرفتاريون

ساهيوال ۾ پوليس ايم. ايل. او هيٺ ايم. آر. ڊي جي چئن اڳواڻن رانا راشد، سردار خالد ضياء ۽ ميان قاسم کي گرفتار ڪري ورتو. هوڏانهن، لاهور ۾ سيد مقصود احمد شاهه(خواجه خير الدين گروپ)، سردار ظفر اقبال، چوڌري نذير ۽ فاروق قريشي کي گرفتار ڪيو ويو. ائين ٿي لڳو ته حڪومت مختلف شهرن ۽ صوبن ۾ گرفتارين جو فيصلو ڪري ورتو هجي ته جيئن ايم. آر. ڊي واري تحريڪ هلائڻ ۾ سنجيده ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جون سرگرميون اڌوريون رهجي وڃن ۽ سندن باهمي رابطا ٽٽي پون.

ملڪ ۾ سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گرفتارين جي وڏي لهر نظر ۾ آئي، هڪ سؤ کان وڌيڪ سرگرم ماڻهو گرفتار ٿي ويا ۽ بي شمار گهرن تي ڇاپن جي رپورٽ آئي. اها صورتحال ڏسي ايم. آر. ڊي جا اهم اڳواڻ ٽڪا خان ۽ ملڪ قاسم روپوش ٿي ويا.

پنجاب ۽ سرحد ۾ جن ١٠٠ کان مٿي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جون گرفتاريون ٿيون، انهن ۾ تحريڪ استقلال جو قائم مقام صدر منير شاهه، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو آفتاب شيرپائو ۽ نصير الله بابر به شامل هئا. يقينا هي گرفتاريون ١٤ آگسٽ جي سلسلي ۾ هيون. لاهور مان جهانگير بدر، مسلم ليگ جو سيد مقصود شاهه، جمعيت علماء پاڪستان جو سيد عباس عابدي ۽ مزدور ڪسان پارٽيءَ جو ضياء بٽ به گرفتار ٿيا. گجرات مان تحريڪ استقلال ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جا عهديدار ۽ راولپنڊيءَ مان به ساڳين پارٽين جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن جهليا ويا.

ڪراچي انتظاميہ جو پريس نوٽ

١۴ آگسٽ مٿان اچي بيٺي هئي ۽ ايم. آر. ڊيءَ وارن پنهنجي حڪمت عمليءَ ۾ قائد اعظم جي مزار وٽ مظاهرا ڪرڻ ۽ گرفتاريون ڏيڻ جي رٿ رٿي هئي. جيتوڻيڪ اهڙو ڪو پرپور ۽ زوردار اظهار اجا ڪونہ ڪيو ويو هو پر سرڪار کي اندازو هو تہ ايم. آر. ڊيءَ وارا ايئن ئي ڪندا. ان رٿ جي ٽوڙ ۾ ڪراچي جي انتظاميہ سرڪاري طرح هڪ پڌرائي جاري ڪئي.

"ڪراچي انتظاميہ جي ڌيان تي اها ڳالهہ آئي آهي تہ بندش پيل سياسي پارٽين جا ڪجهہ ميمبر ١۴ آگسٽ تي قائد اعظم جي مزار وٽ سياسي سرگرميون ڪرڻ چاهين ٿا. قائد اعظم جي مزار قومي اهميت رکندڙ ماڳ آهي ۽ ان جو تقدس رکيو وڃي. ان تقدس کي برقرار رکڻ لاءِ قائد اعظم مزار پروٽيڪشن اينڊ مينٽيننس آرڊيننس تحت هڪ قانون اڳ ئي لاڳو ٿيل آهي. آرڊيننس هيٺ قائد اعظم جي مزار اندر ۽ چوڌيواريءَ جي پرپاسي ۾ ڪنهن قسم جو جلسو ڪرڻ، مظاهرو ڪرڻ ۽ جلوس ڪڍڻ يا ٻي ڪنهن سياسي سرگرميءَ تي بندش پيل آهي. اهڙي طرح قائد اعظم جي مزار جو تقدس پائمال ڪرڻ ڏوهہ آهي. اميد ڪجي ٿي تہ ان ڏينهن تي مزار جي تقدس کي برقرار رکيو ويندو ۽ آرڊيننس جي خلاف ورزي نہ ڪئي ويندي"

غوث بخش بزنجو پريس ڪلب ۾

پاڪستان نيشنل پارٽيءَ جي اڳواڻ مير غوث بخش بزنجي ڪراچي پريس ڪلب ۾ ايم. آر. ڊيءَ جا مطالبا ورجايا ۽ اهو بہ چيو تہ "اقتدار عوام جي چونڊيل نمائندن کي ملڻ کانپوءِ آئين ۾ ترميم ڪري سگهجي ٿي ... صوبن کي ١٩۴٠ع واري نعراءَ موجب حق ڏنا وڃن جيڪي آل انديا مسلم ليگ بحال ڪيا هئا ... مون ١٩٧٧ع ۾ مارشل لا جي آجيان ڪونہ ڪئي هئي ... پاڪستان کي افغانستان سان سڌيون ڳالهيون ڪرڻ گهرجن ۽ ببرڪ ڪارمل جي حڪومت کي تسليم ڪرڻ گهرجي ... پي اين پي

مطالبو ڪري ٿي تہ صوبن کي خود مختياري ڏني وڃي."

- طارق اشرف ١٠ هزار رپين جي ضمانت تي آزاد ٿي ويو. ڪيس هڪ ڪتاب ڇاپڻ جي الزام ۾ A-١٥٣ هيٺ گرفتار ڪيو ويو هو (ان ڪتاب جو نالو معلوم نہ ٿي سگهيو).
- تحريڪ استقلال جي نائب صدر جي. اي رحيم پنهنجي پارٽيءَ جو منشور ١١ آگسٽ تي ڏنو جو ١٤ آگسٽ کان هلچل شروع ٿيڻي هئي. هن ان منشور کي ترقي پسند ۽ جمهوري منشور سڏيو. هن موقعي تي ان منشور جي ڪابہ اهميت ڪونہ هئي سواءِ ان جي تہ تحريڪ استقلال ايم.آر.ڊي واري هلچل دوران هٿين خالي وڃڻ بدران پنهنجو اليڪشني ورڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ چاهيندي هوندي

ممتاز ڀٽي پاران ڪنفيڊرل نظام جي تجويز

ممتاز ڀٽي دادو بار ايسوسيئيشن ۾ خطاب ڪيو تہ سياسي وايو منڊل ۾ چوڌول مچي ويو. هاڻي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ ممتاز ڀٽو هڪ باغي اڳواڻ طور نظر اچڻ لڳو هو. مسٽر جتوئي ۽ پارٽيءَ جي مکيہ قيادت بيگم ڀٽو ۽ مس ڀٽو سان سندس اختلاف اڳ ئي سامهون اچي چڪا هئا. هن مهل تائين پاڪستان پيپلز پارٽي وفاق جي سياست ۾ مصروف هئي پر ممتاز ڀٽي ڪنفيڊرل نظام جو نعرو هنيو جيڪو نہ رڳو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت هضم ڪري نہ پئي سگهي ۽ نہ وري ٻيون وفاقي سياست ڪندڙ پارٽيون هن سان سهمت ٿي پئي سگهيون. مذهبي جماعتون ۽ ڪميونسٽ بہ ڪنفيڊرل نظام جي نعري تي ڀڙڪي پيا. ڪميونسٽ پارٽيءَ جي حلقن ۾ سرڀات ٿيا ۽ پوءِ اهو دليل ڏيئي خاموش ٿي ويا تہ "جيتوڻيڪ ننڍين قوميتن جي ڳالهہ ڪرڻ جاگيردار طبقي جو مفاد آهي پر جيئن تہ قوميتون بہ پورهيت ۽ مظلوم عوام ئي آهن، ان ڪري ممتاز ڀٽي جي تجويز اسان جي سوچ سان هر و پرو ٽڪراءَ ۾ ڪونہ ٿي اچي!"

ممتاز ڀٽي هن پريس ڪانفرنس ذريعي بينل پاڻيءَ ۾ پهريون پٿر اڇلايو هو. ممڪن آهي تہ هن رد عمل ڏسڻ چاهيو هجي! هن چيو "هاڻي

وقت اڇي ويو آهي تہ ملڪ ۾ ڪنفيڊريشن جو نظام رائج ٿئي تہ جيئن صوبن کي وڌ ۾ وڌ صوبائي خود مختياري ملي." هن سنڌ سان ٿيندڙ ڏاڍاين جو ذڪر ڪندي چيو "سنڌو درياهہ تي مختلف بندن جي اڏاوت سنڌ کي بنجر ڪري ڇڏيو آهي!"

عين ان وقت جڏهن ايم. آر. ڊي تحريڪ شروع ٿيڻ واري هئي. ممتاز ڀٽي جي هيءَ تجويز ڏاڍي مشڪل پيدا ڪري پئي سگهي. اول تہ ان خيال جي پنپرائيءَ مهل خود پاڪستان پيپلز پارٽيءَ مان هڪ حصو ڇجي ڌار ٿيڻ جو خطرو هو ۽ ٻيو تہ ان سان وفاق پرست پارٽين جي ٿهڻ جو پورو امڪان هو. پر ممتاز ڀٽي هڪ چڱو ڪم اهو ڪيو جو هن ان نظام جي تجويز کي خالص پنهنجي تجويز طور پيش ڪيو ۽ ٻيو تہ هن موڙ تي هن پيپلز پارٽي کان جدائي اختيار نہ ڪئي.

سياسي ڌر بنديءَ جي صورتحال

هن مهل تائين سياسي وايو منڊل ۾ ٽي چار اهم ڌريون نظر اچڻ لڳيون هيون. عادي تنقيد نگارن هن وايو منڊل کي سياسي بيان بازيءَ جي طوفان کان وڌيڪ اهميت ڪونہ پئي ڏني. سندن چوڻ هو تہ ١٤ آگسٽ ڪانپوءِ ڦوڪڻي مان هوا نڪري ويندي. انهن نقادن مان اڪثريت جو تعلق ڪراچيءَ سان هو يا وري هي اهي حلقا هئا جيڪي ظاهري طور صحافت جي شعبي ۾ هئا پر اندروني طرح خفيہ ادارن جا پگهاردار هئا.

ڌر بنديءَ ۾ هڪ حصو قومي ۽ صوبائي خود مختياريءَ تي زور ڏيئي رهيو هو جن مان ممتاز ڀٽو اڪبر بگٽي ۽ غوث بخش بزنجو وڌيڪ دباءُ وجهي رهيا هئا. ڌربنديءَ جي ٻئي حصي ۾ اهي پارٽيون ۽ فرد هئا جن فقط جمهوريت ۽ ١٩٧٣ع واري آئين جي بحاليءَ تائين پاڻ کي محدود رکڻ ٿي چاهيو هنن ۾ جتوئي ۽ اصغر خان نمايان هئا.

ٽين ڌر ۾ مذهبي جماعتون هيون جيڪي ايم. آر. ڊي ۾ اندر رهندي ٽوٽي ٻاهر رهي اسلامي نظام جي نفاذ لاءِ سرگرم هيون. چوٿين ڌر پير صاحب پاڳاري جي صورت ۾ جنرل ضياءُ الحق سان اندر گرائونڊ جوڙ ٽوڙ

ڪري رهي هئي. ترقي پسند ڏريون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي وڏي ۾ اجهل قوت کي انقلابي واٽ ڏانهن چئنلائز ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هيون پر اها ڏاڍي عجب ڳالهه هئي تہ سنڌ جي سڀ کان وڏي قوم پرست اڳواڻ سائين جي. ايم. سيد پنهنجن پوئلڳن کي ايم. آر. ڊي هلچل کان لاتعلق رهڻ جي صلاح ڏني هئي. هن جو خيال هو تہ "ايم. آر. ڊي اصل ۾ پاڪستان کي بچائڻ جي ڪوشش آهي."

- ايم. آر. ڊي هيل تائين تعلقہ سطح تي رابطہ ڪميٽيون مقرر ڪري چڪي هئي. جيڪا هڪ اهم تنظيمي ڳالهہ هئي. هاڻي عوامي تحريڪ جون سرگرميون بہ نظر اچڻ لڳيون هيون. توڙي جو اها ايم. آر. ڊيءَ جي باقاعدي ميمبر ڪونہ هئي.
- نواب اڪبر بگٽيءَ ڪوئيٽا ۾ اعلان ڪيو تہ هو آخري پيرو اردو ۾ پريس ڪانفرنس پيو ڪري ۽ ١٤ آگسٽ کانپوءِ اردو ۾ نہ ڳالهائيندو. نہ لکندو ۽ نہ پڙهندو. البت انگريزي، بلوچي، سنڌي يا پاڪستان جي ٻي ڪابہ ٻولي کيس قبول هوندي.

صوبائي خود مختياريءَ کان چڙڪڻ جو ڪارڻ

صوبائي خود مختياريءَ جو سوال، جنهن کي وفاق پرست سياستدان 'صوبائيت' سڏيندا آهن، هنن لاءِ جڏهن هڪ گٿو لفظ يا گار بڻجي وئي هئي. مسئلو اهو هو تہ هر طبقو هر هڪ سوال کي پنهنجي پنهنجي مفاد واري زاويي سان ڏسي ان مان پنهنجون معنائون ۽ تشريحون پيش ڪري رهيو هو. جنهن حق کي قومپرست 'قومي حق' چون ٿا، وفاق پرست ان ئي حق کي 'صوبائيت' چئي رهيا هئا.

جهوني مسلم ليگي ممتاز دولتانہ (هلندڙ مهيني ۾ ئي) جيڪي تجويزون ڏنيون هيون انهن ۾ 'صوبائيت' کان خوف واضح هو. ان ئي خوف وچان هن صلاح ڏني هئي تہ جمهوريت قائم ڪريو! هن ضياءَ الحق جي ان تجويز کي بہ رد ڪيو هو تہ غير جماعتي بنيادن تي چونڊون ٿين ۽ اميدوارن جي ڪا اهليت مقرر ٿئي. ايئن پئي محسوس ٿيو تہ ممتاز دولتانہ توڙي ٻيا

وفاق پرست جمهوري گروهہ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ فقط ان ڪري پريشان هئا تہ متان "صوبائيت" زور نہ وٺي وڃي!

ممتاز دولتانہ ان ڳالهہ تي حيران هو تہ جنهن قوم جدا ملڪ وٺڻ جي ڪامياب جدوجهد ڪئي هئي. اها ايترو جلد ۾ اوچتو "نالائق" ڇو ٿي وئي هوندي جو هاڻي ڪو غلط فيصلو ڪندي ۽ ضياء الحق "مثبت" فيصلي جي چڪر ۾ پئجي ويو آهي. هو مارشل لا جي خلاف جوش ٻدران هوش سان ڳالهائيندو رهيو. هن تجويز پئي ڏني تہ سياسي پارٽين تان پابندي هٽائي ڪين پنج ڇهہ مهينا عوام ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي ۽ پوءِ عام چونڊون ڪرايون وڃن.

دولتانہ ڪي اها ڳالهہ بہ سمجهہ ۾ نٿي آئي تہ ضياء الحق ڪي صوبائي چونڊون اڳ ۾ ڪرائڻ جي تجويز ڪهڙي عقلمند ۽ ڇو ڏني هئي؟ سندس چوڻ هو تہ "جيڪڏهن جمهوريت ڏيڻي آهي تہ صوبن ۾ نہ پر پاڪستان ۾ ڏيڻ گهرجي جتي ملڪ جون پاليسيون ٺهن ٿيون." سندس خيال ۾ ملڪ ڪي وڏي ۾ وڏو خطرو صوبي پرستيءَ مان هو ۽ جنرل ضياء الحق جيڪا سياسي وات ڏيڻ پئي ويو. اها سندس خيال ۾ صوبي پرستيءَ جو لاڙو وڌائڻ لاءِ ڪافي هئي.

سياسي شطرنج جو اهم مهرو جتوئي

ان دوران غلام مصطفيٰ جتوئي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو سڀ کان اهم ماڻهو ٿيا ڪري رهيو هو؟ هن پاڻ لنڊن ۾ قيام دوران هڪ انٽرويو ۾ ٻڌايو هو تہ ڪافي بااثر ماڻهن سان سندس ڪجهہ ڳالهيون ٿيون هيون. هو آمريڪي سينيٽ جي ٽن ممتاز سينيٽرن سان مليو هو جن سان سندس ڏاڍيون ڪارائتيون ڳالهيون ٿيون هيون. جتوئي صاحب پڇاڙيءَ تائين اهي نالا ۽ ڪارائتيون ڳالهيون ظاهر نہ ڪيون. ان ئي بنياد تي سياسي حلقا چئي رهيا هئا تہ "جتوئي صاحب لائن وٺي آيو آهي!"

صوبائي خود مختياريءَ بابت جتوئي صاحب جو خيال هو تہ "جيڪڏهن ١٩٧٣ع واري آئين ۾ ترميم ڪئي وئي تہ پوءِ صوبائي خودمختياري جا سوال اٿندا ... ١٩٨٣ع ۾ آئين کي ڏهہ سال پورا ٿيا آهن.

انهيءَ آئين تحت هاڻي صوبن کي وڏيڪ اختيار ملڻا هئا. وزير اعظم جا اختيار گهٽڻا ۽ سينيٽ جا اختيار وڌڻا هئا."

هن اهو بہ اقرار ڪيو تہ ٽي سال اڳ ڪيس وزير اعظم ٿيڻ جي آڇ ٿي هئي پر ان ڪانپوءِ اهڙي ڪابہ آڇ نہ ٿي آهي. هن چيو تہ مارشل لا جي موجودگيءَ ۾ ڪنهن بہ حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿئي ۽ سيني مسئلن جو حل عام چونڊن ۾ آهي.

١٢ آگسٽ ١٩٨٣ع

جنرل ضياءُ الحق خطاب ڪري ٿو

هي جنرل ضياء الحق جو ڏينهن هو. جنرل صاحب وفاقي ڪائونسل ۾ خطاب ڪندي قرآن شريف جون آيتون پڙهي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ "خدا، رسول ' ۽ امير جي اطاعت نہ ڪندڙ نافرمان هوندو آهي. ان ڪري أمير ۽ حڪومت جي اطاعت ڪرڻ هر ڪنهن جو فرض آهي ۽ آئيني قانوني حڪومت جي اطاعت لازمي آهي."

ساڳئي ڏينهن تي ريڊيي ۽ ٽيليويزن تان خطاب ۾ جنرل صاحب اعلان ڪيو تہ "چونڊن جو عمل ٢٣ مارچ ١٩٨٥ع تائين مڪمل ٿيندو ۽ چونڊون ٻن مرحلن ۾ مڪمل ڪرايون وينديون. پهرين مڪاني پوءِ صوبائي، ۽ پوءِ ترتيبوار قومي اسيمبليءَ ۽ سينيٽ جون چونڊون ٿينديون... وفاقي حڪومت نهڻ ڪانپوءِ مارشل لا کي هٽايو ويندو."

جنرل صاحب خطرو ڏيکاريو "ڪجهہ عناصر (ايم. آر. ڊيءَ وارا) اقتدار جي پُر امن منتقلي کي سبوتاز ڪرڻ گهرن ٿا". هن انهن ماڻهن جون غلط فهميون بہ دور ڪري ڇڏيون جن کي ١٢ آگسٽ واري اعلان مان اميدون هيون. هن چيو "جمهوري عمل مڪمل ٿيڻ تائين مارشل لا ۽ مجلس شوريٰ قائم رهندي ... منهنجي اعلان کي منشور سمجهيو وڃي ... ١٩٧٣ع واري آئين کي ڪجهہ ترميمن سان نافذ ڪيو ويندو."

اها ڳالهہ جنرل ضياء پاڻ بہ چڱي طرح سمجهي رهيو هو تہ نئون آئين ناهڻ سان ايڏو وڏو بحران پيدا ٿيندو جو سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويندو. جنرل

صاحب هن کان اڳ بہ پيرا چونڊون ملتوي ڪري چڪو هو. هن جو دليل هو تہ ان وقت حالتون نيڪ ڪونہ هيون.

هاڻي بہ سندس تقرير مان صاف ظاهر هو تہ ١٩٨٥ع تائين جنرل ضياءُ الحق جو اهڙو ڪوبہ ارادو ڪونہ هو تہ مارشل لا کڻي! ايتري ڊگهي عرصي تائين سياستدان انتظار ڪري نٿي سگهيا. ١٨ مهينا وڏو عرصو هو. هن کان اڳ جنرل صاحب ٽن ٽن مهينن جي واعدن تان بہ ڦري ويو هو. هن نئين ۽ ڊگهي ٽائيم ٽيبل تي ڪنهن کي بہ ويساهہ اچي نہ ٿي سگهيو.

جنرل صاحب ڊگهو مدو ڇاڻي واڻي ڏيئي ڇڏيو هو. سندس خيال هو تہ مڪاني چونڊن ۾ مفاد پرست سياستدان پنهنجيون پارٽيون ڇڏي ويندا. هو تمام سياڻو شخص هو. هن ڪافي ڳالهين جو ذڪر نہ ڪيو ۽ چيائين، "پيا اعلان ١۴ آگسٽ تي ۽ هفتي ڏيڍ کانپوءِ ڪندس!"

جنرل ضياء پنهنجي تقرير کي منشور سڏي پنهنجا ارادا واضح ڪري ڇڏيا هئا. هن واعدا ڪيا تہ "معيشت سڌاري ويندي، امن امان بهتر ڪبو ۽ بدعنوانيءَ جي پاڙ پٽي ويندي، عوام کي سستو انصاف ڏبو اوليت جي بنياد تي "نظام مصطفيٰ لاڳو ڪرڻ جو عمل جاري رکبو. چادر ۽ چؤديواريءَ جو تحفظ ڪبو. جهالت جو خاتمو آڻبو ۽ عورتن کي تعليم ڏياربي!"

قائداعظم جي ڊائريءَ جو حوالو

ٻن ڪلاڪن جي ڊگهي تقرير ۾ ضياءُ الحق، قائداعظم جي هڪ ذاتي ڊائريءَ جو حوالو ڏنو جنهن ۾ بقول سندس قائد اعظم پارليامينٽري حڪومت جي خطرن بابت لکيو هو ۽ اهو بہ لکيو هو تہ پاڪستان لاءِ صدارتي نظام مناسب آهي. قائداعظم جي ڊائريءَ واري ڳالهہ جنرل صاحب نڪ جي پڪائيءَ سان چئي ويو هو. خبر ناهي تہ اها ڊائري هن کي ڪهڙي آرڪائيول گدام مان ملي هئي؟ ملي بہ هئي يا اهو بہ هڪ شوشو هو؟ بهرحال، ضياءُ الحق پنهنجي من جي مراد قائد اعظم جي ڊائريءَ جي بهاني ظاهر ڪري ويو هو.

جنرل صاحب پنهنجن همنوا حلقن کان ان تقرير تي وڏي واهہ واهہ

ڪرائي ۽ آجياڻي جا ڪافي بيان جاري ٿيا پر ان تقرير تي عوامي رد عمل اهو ٿيو جو سياسي ڪارڪنن ۽ عام ماڻهن جنرل صاحب جي شان ۾ ڪافي گٿا لفظ ڳالهايا. ڳالهه مختصر تہ ضياء الحق جي تقرير سان ايم. آر. ڊي پنهنجي ارادي تي وڌيڪ مضبوط ٿي وئي ۽ جنرل ضياء کي هڪ اهڙو ڄڻ سمجهڻ لڳي، جنهن قيامت تائين ڪرسي ڇڏڻ جو ارادو نٿي رکيو!

تحريڪ جي شروعات کان اڳ آخري سرگرميون

- ايم. آر. ڊيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو اجلاس غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي گهر ۾ ٿيو. صدارت نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي اڳواڻ عابد زبيريءَ ڪئي ۽ ۱۴ آگسٽ واري هلچل هلائڻ واري فيصلي تي عمل جو عزم ورجايو ويو ۽ تحريڪ جي رٿابنديءَ بابت هڪٻئي کي احوال ڏنا ورتا ويا.

عابد زبيريءَ ٻڌايو تہ بيگم نسيم ولي خان ۽ ولي خان پنهنجو فيصلو بدلائي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي هو ۱۴ آگسٽ تي لنڊن کان اسلام آباد موٽي ايندا.

- ۱۳ آگسٽ واري رات تي عابد زبيري (ايم. آر. ڊي جو قائم مقام ڪنوينر) سميت سيني سياستدانن روپوش رهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. سيئي اڳواڻ گرفتاريون ڏيڻ لاءِ ذهني طور تيار هئا پر رٿابنديءَ جي لحاظ کان سندس روپوش ٿي وڃڻ وڌيڪ اهم هو ڇاڪاڻ تہ ٻئي ڏينهن تي ڪين جلسن، جلوسن، مظاهرن ۽ رابطن جي رٿابندي ۽ اڳواڻي ڪرڻي هئي. اڳواڻن جي گرفتاريءَ کان وڌيڪ اهم سندن روپوش رهڻ هو. بهرحال، ڪنهن بہ اڳواڻ پاڻ کي نہ لڪايو.

عابد زبيريءَ تہ ڪنهن دوست آفيسر کي فون ڪري اطلاع بہ ڏنو تہ آئون گهر ۾ ويٺو آهيان، اچي مون کي گرفتار ڪر!" پر ڪيس اهو چيو ويو تہ تون ان لسٽ ۾ شامل ڪونہ آهين جن کي گرفتار ڪرڻو آهي. تون آرام سان سمهي پئہ!" يا تہ هن آفيسر عابد زبيريءَ جي بيان کي مذاق سمجهيو هو يا زبيريءَ آفيسر سان مذاق تي ڪيو! هن کي ائين نہ ڪرڻ کپندو هو ڇاڪاڻ تہ هو في الوقت ايم. آر. ڊي جو قائم مقام اڳواڻ هو.

- غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جهڙو محتاط سياستدان جڏهن پاڻ گرفتاريءَ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو تڏهن اڪثر ڊڄڻا سياستدان بہ جوش ۾ اچي ويا هئا، ڪين پڪ ٿي وئي هئي تہ حڪومت جو تختو ضرور اونڌو ٿيندو. پلا! جتوئي صاحب جهڙو سمجهدار سياستدان ڏسي وائسي کوهہ ۾ ٽپو ڇو ڏيندو؟
- ڪراچيءَ جا سياستدان خاص ڪري جماعت اسلامي، جمعيت علماء پاڪستان، مسلم ليگي ۽ اردو ڳالهائيندڙ ڳچ طبقو ايم. آر. ڊي کان لاتعلق محسوس ٿي رهيو هو. سندن خيال ۾ اها تحريڪ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي اقتدار ڏيارڻ جي واٽ ڪيندڙ هئي. ڪراچيءَ جي اردو ڳالهائيندڙ توڙي پنجابي ۽ پشتون آبادي بہ پري بيٺل هئي. اردو ڳالهائيندڙ تہ پنهنجو دشمنيءَ ۾ هڪ قدم بہ ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. هونئن بہ ڪراچيءَ هميشہ سنڌ جي مفادن جي ابتڙ تحريڪن ۾ حصو ورتو آهي ۽ هنن بار بار غير جمهوري قوتن کي مدد لاءِ سڏيو آهي. پاڪستان قومي اتحاد واري تحريڪ دوران پنهنجو حڪومت خلاف سڀ کان اڳرو اهوئي ڪراچيءَ جو غير سنڌي طبقو هو.

هيءَ طبقو ڪوٽا سسٽم جي خلاف هو ۽ سندن چوڻ هو تہ ڪراچيءَ کي سرڪاري ملازمتن ۽ ترقياتي فنڊن ۾ فقط بہ سيڪڙو حصو ملي ٿو. ان ڪري تحريڪ ۾ بہ هو فقط ٢ سيڪڙو حصو وٺندا. (اها ٻي ڳالهہ آهي تہ عملي طرح ڪراچيءَ تحريڪ ۾ فقط هڪ سيڪڙو يا شايد اجا بہ گهٽ حصو ورتو هجي!)

- هوڏانهن ضياءَ حمايت تحريڪ (جيڪا هاڻي پاڪستان حمايت تحريڪ بڻجي چڪي آهي) جو چيف آرگنائيزر عبدالخالق پير جي سرڪاري شهہ ۽ پئسي تي شهر جا پيشہ ور بدمعاش جمع ڪرڻ ۾ مصروف هو تہ جيئن ١٤ آگسٽ تي انهن کي ايم آر ڊي جي ڪارڪنن سان ٽڪرائي وجهي ۽ سندن جلسا سبوتاز ڪري. اها داداگيري هن کي ٥ جولاءِ ١٩٨٣ع تي ريگل چوڪ وٽ ڦٻي چڪي هئي.

۱۴ آگسٽ ۱۹۸۳ع
تحريڪ جي عملي ابتدا

نيٺ اهو ڏينهن اچي ويو جنهن ڏينهن لاءِ اڳڪٿين جي ڀرمار هئي. ڪنهن ٿي چيو تہ "اها تحريڪ 'جر جو ڦوٽو' ثابت ٿيندي" تہ ڪنهن ٿي چيو تہ "ان مان وڏيون اميدون آهن!" مولانا نورانيءَ جي راءِ سٺين اميدن جو تاثر ڏيئي رهي هئي پر پير صاحب پاڳاري جو خيال هو تہ "اها تحريڪ ڊرائنگ رومن تائين محدود رهندي" ان کان اڳ جو اسان ڪراچيءَ سميت سڄي سنڌ ۽ باقي پاڪستان ۾ تحريڪ جي تفصيلن ۾ وڃون، چو نہ جنرل ضياءَ الحق جي ان اعلان تي نظر وجهندا هلون جيڪو هن ۱۴ آگسٽ تي جاري ڪيو هو:

آئون ايئن ڪونہ ويندس: ضياءُ الحق

جنرل ضياءَ ۱۴ آگسٽ تي هڪ ڀيرو وري عوام جا ڪن پڇايا. "ملڪ جو صدر ۱۹۷۳ع واري آئين تحت چونڊيو ويندو... رشوت جي پاڙ پٽي ويندي... سڄي ملڪ ۾ قاضي عدالتن جو ڄار وڇايو ويندو... صوبائي ۽ قومي اسيمبلين جي چونڊن ۾ سياسي پارٽين جي شرڪت جو فيصلو في الحال معطل رکيو ٿو وڃي!"

ايم. آر. ڊيءَ جنرل صاحب جي سيني اعلانن ۽ نئين سياسي ڍانچي کي رد ڪري ڇڏيو. پر جنرل ضياء بي بي سي جي نمائندي کي انٽرويو ڏيندي چيئي ويو. "آئون پاڻ کي پڌائڻ جو قائل ڪونہ آهيان... عوام منهنجي سياسي ڍانچي جي حمايت ڪئي آهي." ساڳئي ڏينهن جنرل صاحب عرب نيوز کي انٽرويو ڏيندي چيو "عام چونڊن ۾ رڳو رجسٽرڊ جماعتون حصو وٺي سگهنديون ۽ مان جيتوڻيڪ سياسي ارادا نٿو رکان ان هوندي بہ اهو چوڻ درست نہ ٿيندو تہ آئون سياڻي اهو سيڪجهہ ڇڏي هليو ويندس... عوام جو چونڊيل ۽ مناسب جانشين ملڻ کانسواءِ حڪومت نہ ڇڏيندس... مون کي يا منهنجي حڪومت کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ مان ڪوبہ خطرو ڪونہ آهي!"

عوامي هلچل جي شروعات

ايم. آر. ڊيءَ جي حڪمت عملي هئي تہ سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن پاڻمراديون گرفتاريون ڏين ۽ گرفتاريون ان حد تائين ڏنيون وڃن جو سرڪار جيل ڀري ڀري ٿڪجي پوي! پر، سياسي قيدي ان حڪمت عمليءَ کي حيرت سان ڏسي رهيا هئا. سندن خيال هو تہ ان حڪمت عمليءَ سان جدوجهد منظم ٿي نہ سگهندي، جيڪڏهن ليڊر ۽ ڪيڊر گرفتار ٿي ويا تہ پوءِ هلچل جي رهنمائي ڪير ڪندو؟ هيءَ حڪمت عملي ڪجهہ ايئن هئي جيئن ڪنهن منهن زور گهوڙي تي چڙهي لغام مان هٿ ڪڍرا ڪري ڇڏجن! ان ڪري اٿندي ئي خطرو پيدا ٿي پيو هو تہ اها تحريڪ يا تہ اٿندي ئي ويهي رهندي يا وري بي لغام ٿي ويندي!

- پاڪستان نيشنل پارٽيءَ جو اڳواڻ مير غوث بخش بزنجو ١١ آگسٽ تي ئي ڪنن ۾ سور جي بهاني جناح اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾ داخل ٿي ويو هو. هوڏانهن، ايم. آر. ڊيءَ جي اڳواڻن ١۴ آگسٽ تي قائداعظم جي مزار آڏو ٢٠ هزار ماڻهن جي هجوم کي خطاب ڪيو ۽ ميڙ ۾ واضح ڪيو تہ ايم. آر. ڊيءَ واري تحريڪ ڇو شروع ڪئي وئي آهي، ملڪ کي مارشل لا مان ڪهڙا خطرا آهن ۽ ايم. آر. ڊيءَ جا مطالبا ڪهڙا آهن؟ هنن ڪارڪنن تي زور ڏنو تہ تحريڪ هر حالت ۾ جاري رکي وڃي.

هن ميڙاڪي ۾ حڪومتي اهلڪارن، ضياءَ حمايت تحريڪ ۽ ايم. آر. ڊيءَ جي ڪارڪنن جي وچ ۾ چڱي خاصي لڪ لڪوتي ٿي هئي. جيتوڻيڪ سرڪاري ڌر مزار ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ چڱيون رنڊڪون وڌيون هيون تنهن هوندي بہ غلام مصطفيٰ جتوئي، خواجہ خيرالدين، عابد زبيري، مشير پيش امام، فتحياب علي خان، اقبال حيدر، مولانا احترام الحق ٿانوي، معراج محمد خان، قاري شير افضل ۽ ٻيا رنڊڪون ٽپي اندر پهچي ويا هئا.

جتوئي صاحب پنهنجي تقرير ۾ چيو "هيءَ جدوجهد ١٩٧٣ واري دستور ۽ جمهوريت جي بحاليءَ تائين جاري رهندي" خواجہ خيرالدين ۽

معراج محمد خان بہ تقريرون ڪيون. جڏهن، ايم. آر. ڊيءَ جا اڳواڻ مزار ڏانهن ويا تہ چوڏاري وڏي تعداد ۾ پوليس مقرر ٿيل هئي. هي اڳواڻ رڪشائن ۾ چڙهي مزار جي حدن ۾ داخل ٿيا هئا، جنهن جي توقع پوليس کي ڪونہ هئي.

پروگرام موجب اڳواڻن کي ساڍي يارهين لڳي پهچڻو هو پر ان کان اڳ فائر برگيڊ جون گاڏيون ۽ مختلف ادارن جا فلوٽ مزار جي احاطي ۾ انهن جاين تي بيهاريا ويا هئا جتان داخل ٿيڻ جا رستا مقرر آهن. انهن رستن کي بند ڪيو ويو هو تہ جيئن سياسي اڳواڻن جون گاڏيون پهچي نہ سگهن.

جتوئي صاحب، مولانا احترام الحق، معراج محمد خان ۽ خواجہ خيرالدين رڪشائن تي چڙهي آيا هئا. منجهند مهل ريگل چوڪ ۽ مزار قائد وٽان ٢٣ اڳواڻ ۽ ڪارڪن جن ۾ چار عورتون بہ شامل هيون، گرفتار ڪيا ويا. اهي عورتون نورجهان سومرو، بيگم شميم اين. ڊي خان، فريده خانم ۽ بيگم ثريا پٽيل هيون.

ڪراچيءَ ۾ جلسي جي هن لڪ لڪوٽيءَ جا پيا بہ تفصيل آهن. ڪراچيءَ جي ڪجھ صحافين جو خيال تعصب تي ٻڌل ٿو لڳي تہ مزار قائد وٽ ايم. آر. ڊيءَ جي اڳواڻن کي جلسو ڪرڻ جي رعايت ڏني وئي ۽ پوليس وارن پنهنجي ڪارروائيءَ جو طريقہ ڪار بدلائي ڇڏيو هو ڇاڪاڻ تہ پوليس جي خيال ۾ مزار وٽان گرفتارين سان مزار جو تقدس مجروح ٿئي ها!

ضياء حمايت تحريڪ جون جهڙپون

ان ڏينهن تي پوليس جي حڪمت عمليءَ ۾ طريقہ ڪار جو فرق چڱيءَ طرح محسوس ٿئي ٿو. سرڪار جي اها نيت بالڪل واضح هئي تہ ضياء حمايت تحريڪ جي ڪارڪنن کي ايم. آر. ڊيءَ سان ٽڪرائي ڇڏجي. ان رٿ تي ڪجھ ڏينهن کان تياريون ۽ پرتيون هلندڙ هيون.

مسٽر جتوئي ١٤ آگسٽ تي نہ رڳو تقرير ڪرڻ جي ارادي سان مزار قائد پهتو هو پر تقرير ڪرڻ کانپوءِ گرفتاريءَ کان بہ بچي نڪري هليو ويو. هو اتان ڪيئن نڪتو؟ ان حصي تي پوءِ ٿا اچون. پهرين ڏسون تہ مزار تي ڇا ٿيو؟ مزار تي جلسي جي شروعات سان ئي ضياء حمايت تحريڪ جي ڪارڪنن جيڪي لٺين سان مسلح هئا، ايم آر ڊيءَ جي ڪارڪنن تي

لٺيون وسائڻ شروع ڪيون. نتيجي ۾ ايم. آر. ڊيءَ جا ڪارڪنن ٽڙ پکڙ ٿي ويا. ٿوري دير ڪانپوءِ ٻيهر جلسو ٿيو جنهن تي ٻيهر حملو ٿيو. هن ڀيري عابد زبيري ۽ قاري شير افضل ٻہ لٺيون کاڌيون ۽ مزار قائد جو وقار لٺين، بوٽن، گارين ۽ رت سان ڳاڙهو ٿي ويو.

هنگامي جي ان رائونڊ ۾ ايم آر ڊيءَ جا ڪارڪن جلسي گاهہ کي بچائي نہ سگهيا ۽ ضياءَ حمايت تحريڪ وارا جلسي گاهہ تي قابض ٿي ويا. اتي رقص ڪيائون ۽ ضياءُ الحق زنده آباد جا نعرا هنيائون. ان شڪست کان اڌ ڪلاڪ پوءِ ايم. آر. ڊيءَ جو هڪ ٻيو جلوس قائد جي مقبري تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جنهن جي اڳواڻي خواجہ خيرالدين، غلام مصطفيٰ جتوئي، مشير امام، معراج محمد خان، فتحياب علي خان، مشتاق مرزا ۽ مولانا احترام الحق ٿانوي ڪري رهيا هئا. ان جلوس ٽڙ پکڙ ٿيل ڪارڪنن کي حوصلو ڏنو ۽ جلسو ٻيو ڀيرو شروع ٿيو.

جنهن هنڌ جلسو ٿيو اتي موجود ماڻهن جو تعداد بي بي سي موجب ٢٠ هزار هو پر اردو پريس جي اندازي موجب ماڻهو پنج يا ڇهہ هزار هئا. جلسي جي ٻئي مرحلي ۾ قائد اعظم جي قبر تي گلن جي چادر چاڙهي وئي. ان ڪانپوءِ چاليهہ پنجاهہ نوجوانن جو هڪ ٽولو مزار جي حدن ۾ بيٺل وڻن مان لٺيون ڀڃي آيو ۽ ضياء حمايت تحريڪ جي ٽئين حملي کي ناڪام ڪري کين پٺڀرو ٿي مجبور ڪري ڇڏيائون. ان ڪانپوءِ ان ئي مڇريل ماحول ۾ جلسو ٿيو. جمهوريت جي بحاليءَ جو مطالبو ٿيو ۽ ١٩٧٣ واري آئين ۾ ترميم جي اجازت نہ ڏيڻ جو وچن ڪيو ويو. هڪ رپورٽ موجب خفيہ پوليس جو هڪ ڪارڪن سڄي ڪارروائيءَ جي فلم ٺاهيندو رهيو.

جلسي ڪانپوءِ غلام مصطفيٰ جتوئي سنڌ پيپلز پارٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري قاضي عبدالغني سان مزار جي حدن مان ٻاهر نڪتو ۽ هڪ ٽيڪسي کي هٿ ڏنائون پر ٽيڪسي ڊرائيور پوليس جي وڏي نفري ڏسي نہ بيٺو. هنن هڪ پرائيويٽ گاڏيءَ کي بہ هٿ ڏنو پر اها بہ نہ بيٺي. نيٺ هڪ واقف ڪار جي گاڏي سندن ويجهو آئي، جنهن ۾ هو چڙهي پيا. اها گاڏي

سپر هاءِ وڃ طرف هلي پئي. پوليس سندن پيچو ڪيو پر ڊرائيور هوشياري سان گهٽين مان گهٽيون مٽائي بهادر آباد چورنگيءَ کان وڃي نڪتو. منجهند جو ٻي بجي ڌاري جتوئي صاحب ان گاڏيءَ تان لهي هڪ ٽيڪسيءَ ذريعي نور احمد شاهه (جيڪو پوءِ قومي اسيمبلي ميمبر ٿيو) جي گهر ڊفينس سوسائٽي پهتو. هتي هن ٻئي ڏينهن تي ريگل چوڪ تان گرفتاري ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. جتوئي صاحب ١٥ آگسٽ تي گرفتاري ڏني.

ڪراچيءَ جي صورتحال بابت پريس نوٽ

ڪراچيءَ جي انتظاميه مزار قائد وٽ ٿيل جلسي ۾ جهڙپن ۽ گرفتارين بابت پريس نوٽ ۾ چيو "مختلف پارٽين جا ڪارڪن ۽ حامي ريگل چوڪ تي ٣ وڳي ڌاري جمع ٿيا. نعرا هنيائون ۽ ايجنسين ١٤ ماڻهو گرفتار ڪري ورتا. هوڏانهن قائد اعظم جي مزار ۽ گرو مندر وٽ ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ جي ڏوهه ۾ ٩ ماڻهو گرفتار ڪيا ويا آهن."

سرحد بلوچستان ۽ پنجاب ۾ جلسا

- راولپنڊيءَ ۾ مري روڊ تان پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايڊيشنل سيڪريٽري جنرل ٽڪا خان ۽ ١٢ عدد ٻين ڪارڪنن گرفتاريون ڏنيون جن ۾ ٻه عورتون به هيون. هن هڪ گڏجاڻيءَ کي خطاب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر پوليس ڪافي چؤڪس ۽ رٽائرڊ جنرل ٽڪا خان جي ڳولا ۾ هئي.
- لاهور ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو قائم مقام سيڪريٽري جنرل فاروق لغاري، رانا شوڪت محمود ۽ ١٦ ٻيا يادگار پاڪستان وٽان گرفتار ٿيا.
- پشاور مان به اڳوڻا وزير ۽ ٦ ٻيا گرفتار ٿيا. پشاور مان ئي خبر آئي ته باچا خان (خان غفار خان جنهن جي عمر ان وقت ٩٥ ورهيه هئي) پختونن کي جهليو آهي ته هو ايم. آر. ڊيءَ ۾ حصو نه وٺن. هن جو چوڻ هو ته ايم. آر. ڊي هلچل پختونن جي مفاد ۾ ناهي ۽ اها پنجاب جي سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جي حق ۾ آهي انڪري پشتون ان هلچل ۾ حصو نه وٺن. لڳ

پڳ اهائي سوچ سنڌ ۾ سائين جي. ايم. سيد جي هئي.

- ڪوئٽا مان ١٢ ماڻهو گرفتار ٿيا.
- ١٥ آگسٽ تي ڪوئٽا ۾ هڪ عام جلسي ڪان پوءِ ٻيون گرفتاريون ڏنيون ويون جن سان اتان جي گرفتارين جو تعدا ٣٣ تي ويو.

جماعت اسلاميءَ جو پاليسي بيان

جماعت جي مرڪزي ڪميٽيءَ لاهور مان پنهنجو پاليسي بيان جاري ڪيو. اهو بيان گهڻو ڪري صدر ضياء الحق جي ١٢ آگسٽ ١٩٨٣ع واري اعلان جي حوالي سان هو. جماعت پنهنجي مرڪزي ڪميٽيءَ ۾ جنرل صاحب جي بيان تي ڪافي سوچ ويچار ڪانپوءِ چيو:

"مختلف سببن جي ڪري حڪومت جي واعدن تي قوم جو ڀروسو گهٽجي ويو آهي، تنهن ڪري ضروري آهي ته هاڻي جيڪو واعدو ڪيو وڃي ان تي بنا دير جي عمل ڪيو وڃي ۽ ان لاءِ ضروري ٿي پيو آهي ته هڪدم سياسي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ٿئي; سياسي عمل ۽ پارٽيون جلد بحال ڪيون وڃن ۽ مڪاني چونڊن ڪان هڪدم ڪانپوءِ قومي ۽ صوبائي چونڊن جي مڪمل پروگرام جو اعلان ڪيو وڃي. چونڊون اليڪشن ڪميشن ۽ عدليه جي نگراني ۾ ٿين!"

هن پاليسي بيان ۾ عام چونڊون هڪ سال اندر مڪمل ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي ۽ اٿسڏيءَ طرح ايم. آر. ڊيءَ تي تنقيد ڪئي وئي.

١۴ کان ١٧ آگسٽ ١٩٨٣ع

سنڌ جي شهرن ۾ هلچل جو پهريون ۽ ٻيو ڏينهن

- سکر مان اطلاع پهتو ته پيپلز پارٽيءَ جو مير هزار خان بجاراڻي ۽ جمعيت علماء اسلام جو اڳواڻ مولانا محمد شاهه امروٽي گرفتار ڪيا ويا. پوليس ۽ ايم. آر. ڊي جي ڪارڪنن ۾ ڇڪري لڳي جنهن ۾ ڪجهه پوليس وارا ۽ ڪجهه ڪارڪن زخمي ٿي پيا. يوسف جکراڻي، صديق کرل، عاشق علي پتو عبدالرزاق پتو ۽ ٻيا سکر مان گرفتار ٿيا.
- حيدرآباد مان عثمان ڪينيڊي (پاڪستان پيپلز پارٽي) ۽ ١٠ عدد ٻين

ڪارڪنن ۱۴ آگسٽ تي گرفتاريون ڏنيون. ۱۵ آگسٽ تي حيدرآباد مان ٿي پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جو نائب صدر مخدوم خليق الزمان، سيد علي نواز شاهه، حسين شاهه بخاري، عبدالستار بچاڻي، غازي صلاح الدين، پيرل شاهه، سرفراز راڄڙ، ذوالفقار بلوچ، فتح الدين شاهه، محمد شريف قريشي، خالد نظاماڻي، ايوب جروار، ولي عباسي، مختيار سيال ۽ فاضل راهو گرفتار ٿيا يا گرفتاريون ڏنائون.

- ٺٽي ضلعي مان وزير ميمڻ، قاسم پٽر سنڌي، صاحب ڏني ڳاهي، شڪور عباسي، اڳوڻي وزير محمد خان سومري، عبدالله شاهه بخاري ۽ ستار عباسي جون گرفتاريون ٿيون. قاسم پٽر کي صبح جو ۱۰ وڳي ڏاري ان مهل گرفتار ڪيو ويو جڏهن هو ڪراچي کان بنوري پهتو هو. کيس بس اسٽاپ تان ئي جهليو ويو. ٺٽي ضلعي جي ننڍن ننڍن شهرن مان گرفتاريون اڳوات ئي شروع ٿي ويون هيون. هه تي ڏينهن اڳ ميرپور بٺوري مان اعجاز خواجه کي به گرفتار ڪيو ويو هو جيڪو ايم. آر. ڊيءَ کي سرگرم رکڻ لاءِ رابطن ۾ مصروف هو. (اعجاز خواجه پنهنجي جيل جي ڊائريءَ ۾ ٺٽي ضلعي ۾ ايم. آر. ڊي تحريڪ ۽ ڪارڪنن جي حوالي سان هڪ ڪتاب شايع ڪرائي چڪو آهي جيڪو وڌيڪ تفصيلن لاءِ پڙهڻ گهرجي).
- شهداد پور مان عبدالسلام ٿهيم، خادم حسين پناڻ، عمر رند، ابراهيم کوسو ۽ جمعيت علماءِ اسلام جا پنج ڪارڪن گرفتار ٿيا.
- لاڙڪاڻي ۾ وطن دوست مزدور فيڊريشن جلوس ڪڍيو. عبدالوهاب، نظام الدين، مختيار ۽ ستار ابڙي سميت ۳۰ ماڻهو گرفتار ٿيا.
- دادوءَ مان عاشق جتوئي ۽ ٻن ٻين گرفتاري ڏني.
- سيوهڻ مان ۸ شاگرد گرفتار ٿيا.
- راڻي پور ۾ ۱۵ هزار ماڻهن سيد عبدالقادر جيلانيءَ جي اغواڻيءَ ۾ جلوس ڪڍيو ۽ خيرپور پهتا جتي عبدالقادر جيلاني، سميت ۲٦ ماڻهن گرفتاري ڏني.
- ميهڙ، راڌڻ ۽ خيرپور ناٿن شاهه مان به گرفتاريون پيش ڪيون ويون.
- جوهي پوليس بشير ٿهيم کي پٽين تي نعرا لکڻ جي ڏوهه ۾ جهليو.

- بدين ۾ نڪتل جلوس تي لاٺي چارج ٿي. ٣٠ ماڻهو گرفتار ٿيا.
- مورو ۾ غلام مجتبيٰ جتوئي جي اڳواڻيءَ ۾ جلوس نڪتو پر گرفتاري نہ ٿي.
- گهوٽڪيءَ لڳ ريلوي اسٽيشن کي ١٤ آگسٽ تي نقصان پهچائڻ جي خبر آئي. ان حرڪت سبب ١٥ ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو. قومي شاهراهہ تي پنج گاڏيون بہ ساڙيون ويون.

١٧ آگسٽ تي ڇا ٿيو؟ ان سوال کان اڳ گڏريل ٻن ڏينهن ۾ ايم. آر. ڊيءَ جي سرگرمين، گرفتارين ۽ جلوسن تي نظر وجهندا هلون. پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان ۾ ٿيل گرفتاريون ممڪن آهي تہ پنهنجي ضرورت آهر مناسب هجن پر جڏهن سنڌ جي ڀراڙين ۽ ننڍن شهرن سان هنن تنهي صوبن جي پيٽ ڪجي ٿي تہ صاف نظر اچڻ لڳو هو تہ پنجاب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي پوري ڪوشش جي باوجود پارٽي جا ڪي بہ ٿي اهم اڳواڻ ۽ ڪجهہ ڪارڪن ئي گرفتاريون ڏيڻ لاءِ راضي ٿيا هئا. ساڳي صورتحال سرحد ۽ بلوچستان ۾ نظر آئي، جنهن ڪري عوامي نيشنل پارٽي، پاڪستان نيشنل پارٽي ۽ نيشنل ڊيمو ڪريٽڪ پارٽي پهرين ئي ڏينهن کان پنهنجي ساک سنڀالي نہ سگهيون. مجموعي طرح پنڊيءَ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان ۾ ايم. آر. ڊي سنئي ابتدا جو مظاهرو ڪري نہ سگهي هئي. ڪراچيءَ ۾ جهڙپون ۽ گرفتاريون سيني ڌرين جي نمائندگي ڪري رهيون هيون پر عوام نظر ڪونہ آيو.

هوڏانهن، سنڌ جون ڀراڙيون ڄڻڪ ان ڏينهن جي انتظار ۾ هيون، گڏريل ٻن ڏينهن ۾ سڀ کان وڌيڪ گرفتاريون ترتيبوار پيپلز پارٽي، عوامي تحريڪ ۽ جمعيت علماء اسلام جي ڪارڪنن جون نظر آيون. سنڌ مان ٿيل گرفتاريون نہ رڳو تعداد ۾ گهٽيون هيون پر اهي گهٽن ئي ننڍن ننڍن شهرن مان ٿيون هيون ۽ انهن ۾ جوش ۽ ولولو موجود هو. گهوٽڪيءَ لڳ ريلوي اسٽيشن ۽ قومي شاهراهہ تي گاڏين کي نقصان رسائڻ جي ڪوشش پُر امن تحريڪ هلائڻ واري خواهش رکندڙ سياستدانن لاءِ ڳڻتي جو ڪارڻ بڻجي پئي هئي.

گرفتاريون ڏيندڙ حلقن ۾ هونئن تہ سڀ پارٽيون موجود هيون پر مجموعي طرح اها تحريڪ پهرين ٻن ڏينهن اندر سنڌ ۾ 'ڌماڪو' ثابت ٿي

هئي. سنڌ کان ٻاهر وڏيڪ موت نہ ملڻ سبب سياسي حلقن ۾ ڪجهہ پريشاني محسوس ڪئي وئي پر هڪڙئي کي اهو چئي تسلي ڏني وئي تہ "اڃا ٻہ ڏينهن ٿيا آهن. ٻيا صوبا بہ ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندا!"

لاهور ۾ بم ڌماڪو

جيتوڻيڪ پنجاب ۾ تحريڪ ڪو زور ورتي نہ سگهي هئي پر ١٥ آگسٽ واري ڏينهن تي لاهور ۾ هڪ بم ڌماڪو ٿيو. هن ڌماڪي جو ڪارڻ ڇا هو؟ ۽ ڇا ان جي پويان ايم. آر. ڊي وارن جو ڪردار هو؟ ڪجهہ بہ واضح نہ ٿيو. اهو واقعو باغبان پوره جي قذافي مارڪيٽ ۾ ٿيو هو جنهن جي ترت ئي جاچ شروع ٿي وئي.

- لاهور ۾ پي ڊي ايف جو قائم مقام صدر محمد ارشد چوڌري ۽ ٻيا ١١ ڄڻا گرفتار ڪيا ويا.

بيگم ولي خان ۽ باچا خان جي گڏيل پريس ڪانفرنس

بہ ٽي ڏينهن اڳ باچا خان جي حوالي سان ايم. آر. ڊيءَ بابت ڏنل بيان پٺاڻن کي منجهائي وڌو هو. خاص ڪري ولي خان ۽ سندس پارٽيءَ جي پوزيشن ڏاڍي خراب ٿي پئي هئي. خبر ناهي تہ باچا خان جي ڪٽنب ۾ اندروني طور ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون. جنهن ڪانپوءِ بيگم ولي خان ۽ باچا خان جي هڪ گڏيل پريس ڪانفرنس سامهون آئي. جنهن ۾ باچا خان چيو اسانجو ايم. آر. ڊي سان ڪوبہ تعلق نہ آهي. ان ڪري مون ڪنهن کي بہ استعيفائون ڏيڻ لاءِ ڪونہ چيو آهي ۽ پنجابي اسان جا وڏا ٻاڻر آهن.

بيگم ولي خان چيو "اين. ڊي. پي هلچل ۾ شامل آهي ۽ ١٨ آگسٽ تي يادگار چوڪ وٽ جلسو ڪري ايم. آر. ڊي ۾ شموليت جو اظهار ڪيو ويندو. باچا خان جي تڪراري بيان ڪانپوءِ يا شايد ان کان بہ اڳ پشتون عوام منجهي پيو هو. اهو هڪ وڏو نقصان هو. بيگم نسيم ولي خان پنهنجي پارٽيءَ جي اهم اڳواڻ حاجي غلام احمد بلور جي استعيفيٰ ۽ باچا خان جي حڪمن جي تعبيداريءَ تي تبصرو ڪندي چيو "جيڪڏهن بلور جي جاءِ تي آئون هجان ها تہ آئون بہ باچا خان جو حڪم مڃيان ها!"

بيگم ولي خان پنهنجي پارٽي (اين. ڊي. پي) جي مرڪزي ڪاروباري ڪميٽيءَ جو اجلاس پشاور ۾ سڏايو جنهن ۾ حاجي غلام احمد بلور ۽ عبدالخالق خان جي استعيفائن سميت ملڪ جي تازي صورتحال جا اسم ايجنڊا تي رکيا ويا. هنن اڳواڻن پارٽيءَ جي تنظيمي عهدن تان استعيفائون ڏنيون هيون. بيگم ولي خان لنڊن ۾ ٻه مهينا رهڻ کان پوءِ واپس پهتي هئي. ولي خان ڪونہ موٽيو. بيگم صاحبہ اڇڻ شرط سرخپوش اڳواڻ سان ملي هئي ۽ پنهنجي تنظيم جي اندروني مونجهارن کي نبيرڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين.

شايد، بيگم نسيم ولي خان مڙس کي ڇڏي ڪونہ موٽي ها پر جيئن تہ باچا خان جي سخت پاليسي ۽ وڏي سياسي اثر ۽ احترام سبب اين. ڊي. پي جا سرگرم اڳواڻ ڪجھ ڪجي نٿي سگهيا ۽ مجبور ٿي ايم. آر. ڊي کان ڪنارو ڪري رهيا هئا. ان ڪري بيگم ولي کي وطن موٽڻو پيو هو ۽ خان غفار خان کان پريس ڪانفرنس ۾ وضاحت ڪرائي هئي تہ هن پشتونن کي ڇا چيو آهي ۽ ڇا نہ چيو آهي؟

ڪراچيءَ ۾ سرگرميون

- مسٽر غلام مصطفيٰ جتوئيءَ کي ٩٠ ڏينهن لاءِ سنڌس گهر ۾ نظر بند ڪيو ويو. ١٥ آگسٽ تي ڪيس گرفتار ڪرڻ کانپوءِ جيل موڪليو ويو هو. جتان کيس ١٦ آگسٽ تي گهر آماڻيو، سنڌس گهر کي سب جيل قرار ڏنو ويو. جتوئي صاحب کي ٻين سياسي اڳواڻن سان گڏ ڪراچي سينٽرل جيل ۾ ڇو نہ رکيو ويو؟ سياسي جوان ۽ پوڙها ان سوال تي سوچيندا ئي رهجي ويا.
- نيشنل عوامي پارٽي پختونخواھ جي صدر محمود خان اڇڪزئي ڪراچيءَ ۾ اعلان ڪيو تہ نعپ ايم. آر. ڊيءَ جي حمايت ڪري رهي آهي. ڪراچيءَ ۾ هڪ پريس ڪانفرنس ڪندي هن چيو چئني قومن کي هڪ جيترا موقعا ۽ حق ڏنا وڃن، جيڪا ڳالھ پاڪستان جي بقا لاءِ تمام اهم آهي. محمود خان اڇڪزئي جو خاندان شهيدن جي

ڪتنب ۾ شامل آهي. سندس والد عبدالصمد اڇڪزئي سياسي مخالفتن سبب قتل ٿيو هو.

- ڪراچيءَ ۾ ١٦ تاريخ تي ايم آر ڊيءَ جي پليٽ فارم تان گرفتاريون پيش ڪرڻ مهل مظاهرو ڪندڙن هڪ اومني بس کي باهه ڏيئي ڇڏي اهو واقعو رنڇوڙ لائين ۾ پيش آيو. پوليس لاٺي چارج ڪئي ۽ ١٦ ڄڻا گرفتار ڪيائون.
- ڪراچيءَ ۾ ئي بندر روڊ جامع ڪلاٿ وٽان اين. ڊي خان، علمدار حيدر ۽ ٻن ٻين گرفتاريون ڏنيون. پوليس ڏهه ٻيا ڪارڪن به گرفتار ڪيا جيڪي موقعي تي نعرا هڻي رهيا هئا.
- پاڪستان شيعه پوليٽيڪل پارٽي هڪ پڌرائيءَ جي ذريعي ايم. آر. ڊيءَ جي حمايت جو اعلان ڪيو.
- جنرل ضياء جي قائم ڪيل ضياء حمايت تحريڪ ايم. آر. ڊيءَ جي ڏاڍ مڙسيءَ خلاف قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو.

حيدرآباد ۾ فوجي عدالت ۽ گرفتاريون

سرسري سماعت واري فوجي عدالت ڇئن ڄڻن مان جمال ولد عرس کي ٻه سال، عرس ولد جمال، الياس ولد امير بخش ۽ بهرام ولد سمون زرداريءَ کي هڪ هڪ سال سخت پورهئي سان سزا ٻڌائي کين ٽنبڊي الهيار سنجهوري ۽ شهدادپور مان گرفتار ڪيو ويو هو. هنن تي ناجائز هٿيار رکڻ جو الزام هو.

- حيدرآباد ۾ ئي ٢٢ ڪان وڌيڪ ڪارڪنن گرفتاريون ڏنيون. سياسي اڳواڻن حيدرآباد جي سيشنس ڪورٽ واري ! حاطي کي گرفتاريون ڏيڻ جو گرائونڊ بڻائي ڇڏيو هو. ان ڏينهن تي مير اعجاز علي ٽالپر، مير ممتاز علي ٽالپر، مشتاق علي ٽالپر، آفتاب شاهه جيلاني، ڪامريڊ حمزو هاري بليدي، اميد علي شاهه، مير عالم نوتڪاڻي، محمد يعقوب ميمڻ، حاجي مسعود پٺي، پير لطيف جان نظاماڻي، يعقوب پنهور، حافظ عبدالرحمان پنهور، سراج سيال، حافظ غلام نبي رند، غلام رسول ڳاهوٽي، پير محمد

شاهہ ونجهيري، عبدالوارث، سيد سليم شاهہ، فيض محمد ابڙي، مير عنايت ٽالپر، امين لاکي ۽ سيد روشن شاهہ گرفتاريون ڏنيون.

دادوءَ ۾ جوش

دادوءَ ۾ ١٦ آگسٽ واري ڏينهن تي سيشن ڪورٽ، ريلوي اسٽيشن ۽ بسن کي باهيون ڏنيون ويون. پوليس ۽ مظاهرو ڪندڙن ۾ دويدو چڪريون لڳيون. ستن سياسي ڪارڪنن گرفتاريون ڏنيون جن جا نالا عبدالعليم قاضي، غلام سرور ميمڻ، غلام رضا ڪوسو رسول بخش، لياقت ڪوسو شمس الدين ناريجو ۽ شهاب الدين شاهہ آهن. شهر ۾ ايم. آر. ڊي وارن جلوس ڪڍيو. هنن بہ سرڪاري بسون ساڙيون، ٨ سرڪاري جيپن، سرڪاري آفيسن، ريلوي اسٽيشن ۽ پٽڙيءَ کي نقصان پهچايو. پوليس ڳوڙها گئس استعمال ڪئي ۽ هوائي فائرنگ بہ ڪئي. مظاهرو ڪندڙن سارا ڏينهن ڪلاڪ شهر ۾ ڌڌڪو مچائي رکيو.

پوليس سان چڪرين دوران دادوءَ جو ڊي ايس پي حيدر زمان ۽ ٽي پوليس وارا ديدار احمد، علي شير ۽ محمد جمن زخمي ٿي پيا. اهڙي طرح هڪ شاگرد ذوالفقار پنهور گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو. ٽي پيا عبدالغفور، عبدالعزيز ۽ شمس الدين ڳوڙها گئس جي شيلنگ ۾ ڦٿجي پيا.

روهڙيءَ کان دادو ويندڙ پئسنجر ٽرين کي ڦلجي اسٽيشن تي روڪيو ويو ۽ اتي ماڻهن گاڏيءَ تي پٿراءُ ڪرڻ سميت هڪ جلوس بہ ڪڍيو.

هڪ ٻئي واقعي ۾ ڪوٽڙي کان دادو پهتل هڪ ٻي پئسنجر ٽرين کي دادوءَ مان پوئتي خدا آباد موٽائي نقصان کان بچايو ويو. پوليس سٺ (٦٠) ماڻهو گرفتار ڪيا ۽ ضلعي انتظاميہ ٻئي حڪم تائين تعليمي ادارا بند ڪري ڇڏيا. دادوءَ جو سڄو شهر صبح جو ١٠ وڳي کان شام تائين بند رهيو.

لاڙڪاڻي ۾ بمن جا ڌماڪا

لاڙڪاڻي ۾ هڪ فوجي عدالت ڇهن سياسي ڪارڪنن کي سزا ڏيئي ڇڏي، ڪين هڪ هڪ سال، ڏهہ ڏهہ ڦٽڪا ۽ ٢٠ هزار رپيا ڏنڊ جي سيڪت ڏني وئي. هي نوجوان عبدالستار ابڙو، مختيار علي ميمڻ، نظام الدين

راجپوت ڳيريلي جا هئا ۽ عبدالوهاب جتوئي رسول آباد جو وينل هو. هنن ۱۴ آگسٽ تي جلوس ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو هو ۽ سندن هٿن ۾ فوج جي خلاف بئنر هئا.

ان ڏينهن تي شهر ۾ بمن جا ٻه ڌماڪا ٿيا. هڪ جناح باغ جي گيٽ تي ۽ ٻيو امپائر روڊ تي. ڌماڪن ۾ ڪوبه جاني نقصان ڪونه ٿيو. شهر مان ٻن ڄڻن گرفتاري پيش ڪئي. گرفتاريءَ مهل چوطرف بيٺل ماڻهن نعرا هنيا. گرفتاريون ڏيندڙ بشير احمد (عوامي تحريڪ) ۽ سڪندر علي آريجو (پاڪستان پيپلز پارٽي) هئا. پر ان کان اڳين رات جو پوليس مختلف هنڌن تي چڙهايون ڪري غلام الله ماهوتي. اياز سوسري ۽ احمد نواز اعوان کي گرفتار ڪري ورتو.

مٿين بم ڌماڪن جي ذميواري ڪنهن به قبول نه ڪئي. ساڳئي ڏينهن تي لاڙڪاڻي جي انتظاميه ٻن مهينن لاءِ قلم ۱۴۴ لاڳو ڪري ڇڏيو.

سنڌ جي ٻين شهرن ۾ سرگرميون ۽ گرفتاريون

- ممتاز ڀٽي ۲۴ آگسٽ کان سانگهڙ ضلعي جي دوري ۽ جلسن جو پروگرام ظاهر ڪيو.
- جيڪب آباد مان واحد بخش بنگلاڻي، محمد علي جکراڻي، محمد خان کوسي، عابد حسين ڀٽي ۽ عبدالله کوسي گرفتاريون ڏنيون. هن کان اڳين رات پوليس ٽن شاگرد اڳواڻن سيد محبوب علي شاهه. محمد انور خواجه ۽ نيڪ محمد قريشيءَ کي گرفتار ڪري ورتو.
- نوابشاهه جيل ۾ پوليس ۽ قيدين جي جهيڙي ۾ پوليس فائرنگ سبب هڪ قيدي مري ويو ۽ ڇهه ڄڻا زخمي ٿي پيا. اهو واقعو ۱٦ آگسٽ تي پيش آيو. اهو معلوم ٿي نه سگهيو ته ڇا ان واقعي ۾ متاثر قيدي ايم. آر. ڊي سان تعلق رکندڙ هئا يا نه؟ گهٽ ڪري ته ايئن ڪونه هو. باقي اهو ممڪن آهي ته ٻاهر هلندڙ تحريڪ جي نتيجي ۾ جيل اندر جوش وڌي ويو هجي. ان قسم جي سياسي ماحول دوران جيلن ۾ جوش وڌي ويندو آهي. هونئن به سياسي قيدي جيل ٽوڙڻ جي نه. جيل ڀرڻ جي تحريڪ هلائي رهيا هئا.

نوابشاهہ مان پنجن ڪارڪنن گرفتاري ڏني جن ۾ اڳوڻو قومي اسيمبلي ميمبر نور احمد شاهہ بہ شامل هو.

- شهدادپور ۾ لطيف پارڪ آڏو جلسو ٿيو. جتان ڇئن ڄڻن خير محمد بگٽي، ننگر باگراٽي دين محمد کوکر ۽ علي احمد انڙ گرفتاري ڏني جڏهن تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو عبدالسلام ٿهيم ۽ جمعيت علماء اسلام جو مولانا محمد حسين عباسي آزاد ٿيا.
- ميرپور خاص ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي خادم علي شاهہ محمد بخش، ڪامريڊ محبوب ۽ عوامي تحريڪ جي مير مشتاق گرفتاري ڏني.
- ٺٽي ۾ صبح ويل پنجن نوجوانن مڪلي تي سرڪاري آفيسن آڏو نعرا هنيا ۽ پاڻ گرفتاري ڏني جن تي سرڪاري اهلڪارن شديد لٺ بازي ڪئي. هي نوجوان مينهن وسايو رشيد ۽ ٻيا هئا. ٺٽي جي ايس. پيءَ سندن مٿا ڪوڙائي کين ويران علائقي ۾ ڇڏي ڏنو ايس. پي صاحب کين جيل اماڻڻ جي تڪليف نہ ڪئي ۽ مارشل لا وارن جو بار پنهنجي سر تي کڻي نوجوانن کي جمهوريت جي بحاليءَ جو شوق رکڻ جي ڏوهہ ۾ سيکت ڏيئي آزاد ڪري ڇڏيو هو.
- بدين ۾ مارڪيٽ چوڪ تي علي احمد جوکئي ۽ عطا محمد دل تقريرون ڪيون. ٻنهي سميت ٣٠ ڄڻن گرفتاري ڏني پر پوليس ٻين کي ڇڏي ڏنو. هنن کان هڪ ڏينهن اڳ گرفتاريون ڏنل ماڻهن کي پوليس رات جو ١٢ وڳي ڊاري تر ۾ ڏانداري وٽ وڃي ڦٽو ڪيو هو. ٻئي پاسي نجم الدين سريوال ۽ حاجي عبدالله هاليپوٽي کي ماتلي ٽنڊو محمد خان روڊ تي لاٿو ويو. جتان اهي ماتلي پهتا.

١٨ آگسٽ ١٩٨٣ع

- جتوئي صاحب پنهنجي نظر بنديءَ دوران بيگم نسيم ولي خان جي تازي بيان ۽ سرگرمين جي آجيان ڪئي تہ سندس پارٽي ايم. آر. ڊي ۾ فعال ڪردار ادا ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي. هن صاحب مولانا نوراني جي بيان جي بہ آجيان ڪئي ۽ زور ڀريو تہ جمعيت علماء پاڪستان بہ

ايم. آر. ڊيءَ ۾ شامل ٿي ويجي. هن سيني محب وطنن کي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جي اپيل ڪئي.

- پر هوڏانهن، بيگم نسيم ولي خان جيڪا هلندڙ عرصي دوران ايم. آر. ڊي جي ڪنوينر هئي، کي چئن ساٿين دلبر خان، ارباب فيض ۽ ٻين سميت گرفتار ڪيو ويو. پوليس بلور هائوس تي ڇاپا هنيا پر غلام احمد بلور روپوش ٿي ويو ته جيئن ٻئي ڏينهن تي گرفتاري پيش ڪري سگهي.

سنڌ ۾ هلچل جون خبرون

- حيدرآباد مان خبر آئي ته مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ۽ پير غلام رسول جيلاني به گرفتاريون ڏيندا، پر ڪڏهن؟ اهڙي تصديق ٿي نه سگهي.
- ممتاز ڀٽو تنبدي الهيار مان گرفتار ٿي ويو ۽ کيس سينٽرل جيل حيدرآباد پهچايو ويو. هو تنبدي الهيار ۾ عبدالرزاق سوناري جي پيءُ جي وفات تي عذر خواهي لاءِ ويل هو جو کيس نصرپور ناڪي تان گرفتار ڪيو ويو. ممتاز ڀٽي کي اصل ۾ هڪ ڏينهن اڳ ڪوٽڙي ۾ هڪ عام جلسو ڪرڻ جي ڏوهه ۾ جهليو ويو هو. ساڳئي جلسي جا انتظام ڪرائڻ جي ڏوهه ۾ حاجي محمد صديق شوري کي به جهليو ويو.

دادو ضلعو ميدان جنگ

- دادوءَ ۾ پوليس ۽ مظاهرو ڪندڙ ڪارڪنن ۾ شديد ڇڪريون لڳيون جنهن ۾ ايس.ڊي.ايم ۽ ڊي. ايس. پي زخمي ٿي پيا. ڊسٽرڪٽ جيل دادوءَ تي پڻ حملو ٿيو جتان (خبرن موجب) لڳ ڀڳ هڪ سؤ قيدي فرار ٿي ويا. سياسي ڪارڪنن صبح جو ١٠ وڳي کان ٽڪراءُ شروع ڪيو سرڪاري گاڏين، آفيسن ۽ ريلوي پٽڙي کي باهيون ڏنيون ۽ پوءِ ڊسٽرڪٽ جيل ۾ گهڙي آيا.

جيئن ته هنن جيل جو مکيه در پيجي وڌو هو. ان ڪري ١٠٢ قيدي ٻاهر نڪري آيا ۽ جيل جو عملو به بي وس ٿي ٻاهر نڪري آيو. پر پوءِ فرنٽيئر ڪانسٽيبلري اچي پهتي، جنهن جي فائرنگ سان سنڌ ڪانسٽيبلري جو

سپاهي غلام اڪبر جوڻيجو گولي لڳڻ سبب ٿڏي تي زندگي وڃائي ويٺو ۽ سندس ڀاءُ گل محمد جوڻيجو سخت زخمي ٿي پيو. ان فائرنگ ۾ لائن آفيسر محمد رمضان جيڪو سادن ڪپڙن ۾ هو، گولي لڳڻ کان بچي ويو جنهن کي مارڪيٽ ڪري ٽاٽي تي آندو ويو. ان واقعي کان پوءِ هڪ مڇريل هجوم لنيون ڪٽي نروار ٿيو جنهن لنيون هٽي ايس. ڊي ايم محمد رمضان چاچڙ ۽ ڊي ايس. پي حيدر زمان کي زخمي ڪري وڌو.

- دادو شهر ۾ فرنٽيئر ڪانسٽيبلريءَ جي سپاهي غلام عباس تي نامعلوم ماڻهوءَ گولي هلائي پر هو بچي ويو. ضياء حمايت تحريڪ وارن ايم. آر. ڊيءَ جي ڪارڪنن جي نڪاڻن تي حملا ڪيا. لاني چارج جي واقعن ۾ ٽيهارو کن ماڻهو زخمي ٿي پيا هئا ۽ ١٥٠ ڄڻا گرفتار ٿيا.

جيل مان نڪتل سياسي ڪارڪنن پڇڻ بدران مظاهرو ڪندڙن سان گڏجي احتجاجي ڪاروايون جاري رکيون جن کي پيهر گرفتار ڪري حيدرآباد اماڻيو ويو. ٻئي طرف سرڪاري پريس نوٽ ۾ فائرنگ جي ذميواري هجوم تي وڌي وئي ۽ چيو ويو تہ جوابي فائرنگ ۾ غلام اڪبر ۽ گل محمد جوڻيجو فوت ۽ زخمي ٿي پيا. پريس نوٽ ۾ ٻنهي ڀائرن جي سرڪاري حيثيت ڪونہ ٻڌائي وئي.

- مخدوم بلاول وٽ انڊس هاءِ وي تي اين. ايل. سي جي ڇئن وڏن ٽرالرن کي باهہ ڏيئي ساڙيو ويو.
- خيرپور ناٿن شاهہ ۾، جيڪو دادو کان ٢٥ ميل اتر ۾ آهي، ڏيڍ هزار ماڻهن جلوس ڪڍيو ۽ رٽرننگ آفيس تي حملو ڪيائون. هنن سب جيل ٽوڙڻ جي ڪوشش بہ ڪئي. پوليس سان ٽڪراءُ بہ ٿيو ۽ ٿڏي تي بہ ڄڻا گرفتار ٿيا.
- پيارو ڳوٺ ۾ ٧٠ ماڻهن شگرمل کي باهہ ڏيئي ساڙڻ ۽ ريلوي پٽڙين کي نقصان ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. هن موقعي تي پوليس ٽڪراءَ کانپوءِ ملڪيتون نقصان پهچڻ کان بچي ويون.
- قلجي ريلوي اسٽيشن تي ١٥٠ ماڻهن يونين ڪائونسل جي عمارت، ٽيليفون ايڪسچينج، ريلوي ملڪيتن ۽ ٽپال گهر کي نقصان پهچايو ۽ ٩ ڄڻا گرفتار ٿيا.

- دادوءَ جي صورتحال جو نوٽيس وٺندي ڊي ايم. ايل. اي حيدرآباد ۾ آءِ. جي (جيل) هڪدم دادو پهچي ويا ۽ قانون نافذ ڪندڙن جا جٿا انهن علائقن لاءِ روانا ڪيا ويا.
- دادوءَ جي ضلعي مئجسٽريٽ هنگامن دوران فوت ٿيل سپاهي غلام اڪبر جوٽيجي جي موت جي عدالتي جاچ جو حڪم ڏيئي ڇڏيو.

سنڌ جا ٻيا شهر

- موري ۾ بئنڪن کي باهيون هنيون ويون ۽ جيل تي حملو ٿيو. پوليس کي فائرنگ ڪرڻي پئي جنهن ۾ هڪ شخص فوت ۽ ٻه زخمي ٿي پيا. قومي شاهراهه کي ٽي ڪلاڪ بند رکيو ويو. جن بئنڪن تي حملا ٿيا انهن ۾ الائيڊ بئنڪ، يونائيٽڊ بئنڪ، مسلم ڪمرشل بئنڪ ۽ قومي بچت مرڪز شامل هئا. ايس. ڊي ايم جي آفيس ۽ رهائشگاهه سميت سب جيل تي به حملا ٿيا ۽ فرنيچر ساڙيو ويو. ان ريت مورو شهر انتظاميه جي هٿن مان بالڪل نڪري ويو هو.
- سجاول ۾ جلوس ڪڍيو ويو جنهن تي پبلڪ پارڪ وٽ لاٺي چارج ٿي. هن احتجاجي جلوس سان پير گال شاهه، پير قطب علي شاهه، پير الله بخش، محمد شاهه، سڪندر علي هگورجو، محمد عيسيٰ خاصخيلي ۽ منظور پٽي گرفتاريون ڏنيون.
- ٽنڊي محمد خان ۾ عورتن جلوس ڪڍيو ۽ پنهنجيون چوڙيون لاهي انهن ماڻهن کي هنيون جيڪي مڪاني ادارن جي چونڊن لاءِ نامينيشن فارم ڀري رهيا هئا. شهر ۾ ٨ چڻن گرفتاريون ڏنيون.
- حيدرآباد، ٺٽي،جيڪب آباد، محراب پور، شهداد پور، بدين، ٽنڊي غلام علي ۽ ڪنڊياري ۾ به جلوس نڪتا ۽ هر هنڌان گرفتاريون ٿيون. ڪنڊياري ۾ بلدياتي ڪائونسلرن پنهنجن عهدن تان استعيفائون ڏيئي ڇڏيون. مظاهرو ڪندڙن قومي شاهراهه بلاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، محراب پور- پڊعيدن فيڊر ٽرين تي پٿراءُ ڪيو ۽ باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

- وارهہ ۾ جلوس ڪڍيا ويا. مظاهرو ڪندڙن ۽ پوليس جي وچ ۾ لڳل چڪرين دوران ٻن ماڻهن جي مري پوڻ جي خبر آئي ۽ ڇهہ پوليس وارا زخمي ٿيا. اصل ۾ پوليس تي ان محل فائرنگ ٿي جڏهن هنن شام جو گرفتاريون ڪرڻ لاءِ ڪجهہ مظاهرين جي گهرن تي چڙهائي ڪئي. پوليس تي فائرنگ ۾ سپاهي اعتبار خان اديو ۽ هڪ ڄڻ چوڪرو مري پيو هو.

١٨ آگسٽ تي سڄي سنڌ ۾ زبردست بارش پئي هئي. ان هوندي بہ تحريڪ جي گرميءَ تي ڪو خاص فرق ڪونہ پيو. ان ڏينهن تي سنڌ ۾ ڇا ڇا ٿيو؟ ان کان اڳ باقي ملڪ جي خبرن تي هڪ نظر وجهندا هلون! سڄي ملڪ ۾ ڪل خير لڳو پيو هو. فقط راولپنڊي مان هڪ خبر آئي. وفاق آگر وڌائي شهيدن ۾ شامل ٿيو هو.

- راولپنڊيءَ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڊويزنل نائب صدر فاروق عرف بابا هيرو ۽ ايم. آر. ڊي جي ٻين ڪارڪنن گرفتاريون ڏنيون. ان وقت ماڻهن حڪومت خلاف نعرا هنيا ۽ پوليس تي پٿراءُ ڪيو هو.
- مير غوث بخش بزنجي ڪراچيءَ جي اسپتال مان نياپو موڪليو تہ هو جيئن ئي تندرست ٿيندو ايم. آر. ڊيءَ ۾ حصو وٺندو وڏي چمار واري هن اڳواڻ سنڌ جي ماڻهن کي تحريڪ ۾ زوردار حصو وٺڻ تي مبارڪون بہ ڏنيون ۽ چيو تہ آئون نظر بنديءَ جي حڪم جي باوجود بلوچستان ضرور ويندس ۽ منهنجو رستو ڪوبہ روڪي نہ سگهندو!
- تحريڪ استقلال جي قائم مقام اڳواڻ جي اي رحيم پريس ڪلب ۾ خطاب ڪندي چيو "ايم. آر. ڊيءَ جي جدوجهد justified آهي.

سنڌ جا ٻيا شهر

- قاضي احمد ۾ ١٨ آگسٽ تي بہ ڳڙٻڙ رهي ۽ باهين جا اطلاع مليا. بي قابو هجوم نيشنل بئنڪ، الائيڊ بئنڪ ۽ حبيب بئنڪ تي حملا ڪيا ۽ باهيون ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. بئنڪ ملازم غلام نبي، جنهن هجوم کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، مارجي ويو. ٽيليفون ايڪسچينج کي باهہ ڏيئي ايڪسچينج بورڊ کي ساڙي رک ڪيو ويو.

- خيرپور ۾ سردار امتياز حسين ڦلپوٽي جي رهائشگاهہ تان هڪ وڏو جلوس نڪتو جنهن ۾ ٣٠٠ ماڻهو شامل هئا. اهو جلوس مختلف رستن تان ٿيندو پوليس اسٽيشن پهتو ۽ ١١ ماڻهن گرفتاري ڏني. انهن ۾ غلام اڪبر، الله ورايو شاهہ ڏنو رحيم بخش پيو غلام حسين، حضور بخش، عبدالڪريم، رفيق احمد، تاج محمد ۽ غلام قاسم شامل هئا. جلوس جي اڳواڻي امتياز ڦلپوٽي ڪئي هئي. جلوس واپسيءَ مهل اينٽي ڪرپشن آفيس، سنڌ سمال انڊسٽريز جي آفيس، خيرپور ميونسپل ڪميٽي، ٽيليفون ايڪسچينج، خزانہ آفيس ۽ ڊي. سي آفيس تي زبردست پٿراءُ ڪيو جنهن جي موٽ ۾ پوليس مٿن چڙهائي ڪئي، ١٨ پيرا ڳوڙها گئس اڇلائي ۽ لاٺي چارج ڪئي، جنهن ۾ ڪجهہ ماڻهو زخمي ٿي پيا. امتياز ڦلپوٽي سميت ٣٥ ماڻهو گرفتار ٿيا. هڪ ڏينهن اڳ بہ ڳوٺ خوش خير محمد کان خيرپور تائين ڊگهو جلوس نڪتو هو.

دادوءَ ۾ سرڪاري پريس نوٽ موجب سڄي ضلعي ۾ صورتحال مجموعي طور تي ٺاپر واري هئي. ڀان سيد آباد ۽ خيرپور ناٿن شاهہ ۾ معمولي واقعا ٿيا.

- ڀان سيد آباد ۾ ١٥٠ ماڻهن جلوس ڪڍيو ۽ هنن ريلوي اسٽيشن سميت بئنڪ کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي. خيرپور ناٿن شاهہ ۾ ٦٠ ماڻهن جلوس ڪڍيو ۽ ضياء حمايت تحريڪ جي آفيس کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي. ان موقعي تي پوليس لاٺي چارج ڪئي ۽ معاملو ختم ٿي ويو.
- هوڏانهن دادوءَ کان پير مظهر الحق وڪيل، قربان علي سومري، گل محمد جويي، علي بخش سولنگي ۽ پير بخش هاڪر گرفتاريون ڏنيون. شهر ۾ هٿياربند فوجي دستا گشت ڪندا رهيا.
- ميهڙ مان رفيق احمد مهيسر، عبدالجبار علي حسن ۽ رياض علي پنهور گرفتاريون ڏنيون. ان کان پوءِ ڪارڪنن شهر ۾ جلوس ڪڍيو ۽ ضياء حمايت تحريڪ جي آفيس کي باهہ ڏنائون.
- لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان چوڪ تي بدرالدين سنڌي (عوامي تحريڪ)

غلام مصطفيٰ (پاڪستان پيپلز پارٽي) ۽ علي مردان (جمعيت علماءِ اسلام) گرفتاريون ڏنيون. پوليس جلوس تي ڳوڙها گئس اڇلائي.

- نوشهروفيروز ۾ هڪ وڏو جلوس نڪتو جنهن پوليس سان ڇڪريون کاڌيون، پوليس ڳوڙها گئس استعمال ڪئي، لٺبازي ڪيائون ۽ گرفتاريون ٿيون.
- حيدرآباد ۾ سيشنس ڪورٽ جي حدن اندر ڇهن ڄڻن هر هڪ نظر حسين بالادي، امام بخش، مختيار، نبي بخش مير جت، حافظ مير حسن ۽ رنجيت سنگهه گرفتاريون ڏنيون. گرفتارين کان اڳ هنن هڪ ميڙاڪي آڏو تقريرون به ڪيون هيون.

بئي پاسي فوجي عدالت نمبر ٢٠ پنجن جوابدارن مان عثمان ڪينيڊي ۽ چوڌري بشير کي هڪ هڪ سال ٽيپ ۽ ٥٠-٥٠ هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي. جڏهن ته لال بخش ميمڻ، عبدالمجيد خانزادي ۽ فاروق الحسن جيلاني کي هڪ هڪ سال ۽ ٢٠-٢٠ هزار رپيا ڏنڊ ٻڌايو هنن ايم. آر. ڊي جي سلسلي ۾ به چار ڏينهن اڳ گرفتاريون ڏنيون هيون.

- ڪراچيءَ ۾ ايم. آر. ڊي اڳواڻن فتحياب علي خان (مزدور ڪسان پارٽي) ۽ قاري شير افضل (جمعيت علماءِ اسلام) ايمپريس مارڪيٽ وٽان گرفتاريون ڏنيون. هو جيئن ئي هتي پهتا سندن انتظار ۾ بيٺل پوليس دير ئي ڪونه ڪئي ۽ کين گرفتار ڪري وين ۾ ويهاريو ويو هو. مزدور ڪسان پارٽيءَ جي ڪارڪنن سندن گرفتاريءَ جو لقاءُ خاموشيءَ سان ڏٺو. هي صاحب ١٤ آگسٽ تي مزار جي قائد وٽان گرفتار ڪونه ٿيا هئا ۽ غالباً روپوش ٿي ويا هئا.
- بدين ۾ سمري ملٽري ڪورٽ انور ڪنيار، اسماعيل ملاح ۽ بخشو چانڊئي کي هڪ هڪ سال قيد، ڏهه ڏهه ڦٽڪا ۽ ٢٠ هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي، احمد خان جماليءَ کي هڪ سال، ويهه ڦٽڪا ۽ هڪ لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي. هوڏانهن، ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ بدين مسٽر عبدالرحيم لاکي، ايم. آر. ڊي ڪارڪن يار محمد خاصخيلي ۽ الله ڏني چانڊيي کي هڪ هڪ سال لاءِ نظر بند ڪري ڇڏيو.

- شهداد پور ۾ ايم. آر. ڊيءَ جو پر امن جلوس مخصوص نعرا هڻندو لطيف باغ پهتو جتي چئن ڄڻن هر هڪ غلام قادر ڏاهري، مير حسن درس، رمضان ڏاهري ۽ قل ٿهيم گرفتاريون ڏنيون. نور محمد ڏاهري جلسي کي خطاب ڪيو جيڪو پوءِ جلوس جي شڪل ۾ ٿاڻي تائين وڌيو تہ پوليس ان تي لاٺي چارج ڪئي. ٻئي پاسي پوليس وارن عبدالسلام ٿهيم ۽ غلام رسول انڙ (وڪيل) کي گرفتار ڪري هڪ مهيني لاءِ حيدرآباد جيل موڪلي ڇڏيو.
- شڪارپور مان ١٦ آگسٽ کان ١٨ آگسٽ تائين شهباز ميراڻي، الطاف پيو، عبدالحق، هدايت الله، عبدالخالق، حاجي گل محمد جعفري ۽ عبدالقادر شر گرفتاريون پيش ڪري چڪا هئا. فوجي عدالت شهباز ميراڻيءَ ۽ الطاف پيي کي هڪ هڪ سال قيد ۽ ١٥ هزار رپيا ڏنڊ جون سزائون ڏيئي ڇڏيون. الطاف کي ڏهہ ڦٽڪا بہ ٻڌايا ويا.

(نوٽ هن خبر ۾ هڪ نالي جو مونجهارو آهي تہ گرفتاري ڏيندڙ شخص شهباز ميراڻي هو يا اهو آفتاب شعبان ميراڻي هو؟)

- بدين مان ٿي هڪ ٻئي اطلاع مطابق اقبال ساريجي جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو جنهن ۾ ٢٥ ڪارڪنن گرفتاريون ڏنيون پر کين رات جو آزاد ڪيو ويو.
- ٽنڊي غلام عليءَ ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو جيڪو چنبڙ ناڪي تي ختم ٿيو. محمد عمر سهتو، رضا حسين شاهہ، رستم چانڊيو ۽ پير بخش ٻبر گرفتار ٿيا. ٽنڊي غلام علي مان راڻو ميگهواڙ، اقبال نظاماڻي ۽ ماتلي مان شفيع لوهار، قيوم ڪاسائي ۽ اياز ٽنبراڻيءَ کي گرفتار ڪيو ويو.
- ٺٽي ۾ نيشنل بئنڪ آف پاڪستان جي آڏو پنجن ڄڻن قربان علي، جمن مير بحر، پير بخش، محمد هارون ۽ بچل شاهہ گرفتاري ڏني. فوجي عدالت گرفتار ٿيل ماستر محمد يوسف ڪيڙاني کي، جيڪو عوامي تحريڪ جو صدر هو، هڪ سال قيد ۽ هڪ لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي. ٻئي شخص آبو ملاح کي هڪ سال قيد ۽ ڏهہ ڦٽڪا سزا ٻڌائي. هنن ١٤ آگسٽ تي حڪومت جي خلاف نعرا هنيا هئا.

۲۰ آگسٽ ۱۹۸۳ع

سنڌ ۾ ۱۹ آگسٽ تي بہ مينهن پوندا رهيا. سياسي ماحول ۾ چوماسو بہ پنهنجو زور ڏيکاري رهيو هو. هي مينهن ماحول کي ٺڏو ڪري رهيا هئا يا سرڪاري ڏر جي حق ۾ ايم. آر. ڊيءَ جي ڪارڪنن کي پريشان ڪري رهيا هئا؟ بهرحال، ڪارڪنن جو جوش ۽ جذبو چؤماسي کان وڌيڪ هو.

جماعت اسلاميءَ کي اجرڪ ٽوپيءَ جي ڳالهہ نہ وڻي!

جماعت اسلاميءَ جو سيڪريٽري جنرل ايم. آر. ڊيءَ جو رخ ڏسي خاموش رهي نہ سگهيو. سندس تجزيو هو تہ اها پيچ ڊاهہ قومپرستي تي ٻڌل ۽ منفي تحريڪ آهي. هن چيو "جماعت اسلامي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جي ڳالهہ ڪندڙن کان ڌار تحريڪ هلائيندي... اسان ڪنفيڊريشن وارو نظريو رکندڙن سان شامل نہ ٿينداسين!"

ڪراچي پريس ڪلب ۾ ميٽ دي پريس ۾ ڳالهائيندي هن چيو "ايم. آر. ڊي پيچ ڊاهہ ۽ انتشار جي تحريڪ آهي... تحريڪ جي پويان جمهوريت جي بحالي ۽ سياسي نظريي جي قيام جي ڪابہ سوچ ڪونہ آهي پر ان جو بنياد شخصي دشمنيءَ تي رکيل آهي... ڪنهن وٽ سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جي ڳالهہ آهي تہ ڪو ڪنفيڊريشن جي ڳالهہ ٿو ڪري... جماعت اسلامي خاموش تماشائي بڻجي نٿي رهي سگهي ۽ اسان پنهنجو متبادل پروگرام پيش ڪنداسين!"

جماعت اسلاميءَ جي مخالفت جا سبب پڌرا هئا پر هتي اها وضاحت ضروري آهي تہ "سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ" جي ڳالهہ فقط ممتاز ڀٽو ئي ڪندو هو ۽ ٻي ڪابہ قومپرست يا ترقي پسند قيادت اهي لفظ استعمال نہ ڪندي هئي. ان ريت جماعت اسلاميءَ جي تنقيد جو نئون محور فقط ممتاز ڀٽو ۽ سنڌ ۾ هتن مان نڪرندڙ سياسي صورتحال هئي.

- پاڪستان نيشنل پارٽي بہ ايم. آر. ڊيءَ ۾ باقاعدي شامل ٿي وئي. اهڙو اعلان ڪوئٽا مان پارٽيءَ جي ضلعي صدر مولوي نصرالله جناح روڊ ريگل چوڪ تان گرفتاري ڏيندي ڪيو. هن مهل تائين ڪوئٽا مان ۴۹ ماڻهن گرفتاري ڏني هئي.

- وزير داخلہ محمود هارون اسلام آباد کان لنڊن پهچڻ مهل چيو. "ايڪڙ ٻيڪڙ واقعن کان پوءِ ايم. آر. ڊيءَ جو اثر ختم ٿي ويو آهي. محمود هارون اوڏانهن ٻن هفتن لاءِ علاج خاطر ويو هو. هن ريت هن عالمي ميڊيا کي اهو تاثر ڏيڻ پئي چاهيو تہ پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ ناڪام ٿي رهي آهي.

سنڌ ۾ گرفتارين ۽ احتجاجي سرگرميون

- ڪراچيءَ ۾ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي امين خٽڪ ۽ پاڪستان ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي منور عباس نقويءَ کي منجهند جو آرام باغ مسجد وٽ مظاهرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي گرفتار ڪيو ويو. اهو جمعي جو ڏينهن هو. هنن موقعي جو فائدو وٺي جمعي نماز کان پوءِ نمازين کي خطاب ڪيو. پوليس هنن سان گڏ پنجن ٻين ڪارڪنن کي بہ گرفتار ڪري ورتو.
- سڪرنڊ ۾ اڳوڻي صوبائي اسيمبلي ميمبر غلام رسول انڙ، فيض محمد انڙ ۽ مولانا الله ڏني چنہ کي گرفتار ڪيو ويو. پوليس کي خبر هئي تہ اهي اڳواڻ سڪرنڊ کان ست ميل پري ڪڏهر مان وڏو جلوس وٺي سڪرنڊ پهچندا ۽ جمعي نماز کان پوءِ گرفتاريون پيش ڪندا.
- حيدرآباد ۾ جامع مسجد صدر جي ٻاهران سٽن ڄڻن، جن ۾ ٻہ صحافي بہ شامل هئا، گرفتاريون ڏنيون. اهي زاهد سمو محمد خان، اظهار نبي شاهہ، عوامي تحريڪ جو محمد بخش جلالاڻي، قادر بخش مير جت، عبدالشڪور، عبدالغني ۽ عبدالولي هئا. هنن پهرين نماز ادا ڪئي، نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ هو جيئن ئي ٻاهر نڪتا، ماڻهن کين گل پارايا ۽ نعرا هنيا.
- بدين مان خبر پهتي تہ حيدر چانڊئي جي اڳواڻيءَ ۾ المهراڻ هوٽل وٽان هڪ جلوس نڪتو، جنهن ۾ ماڻهن مارشل لا جي خلاف نعرا هنيا. پوليس وارن کين ننڙ پکڙ ڪرڻ لاءِ لٺبازي ڪئي، موٽ ۾ ماڻهن پٿر بازي ڪئي ۽ پيٽرول پمپ جا شيشا ڀڃائون. انهن ٽڪراءَ دوران حيدر بخش چانڊئي کي گرفتار ڪيو ويو.

- تلهار ۾ جيئي سنڌ. جساف (جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن) ۽ باواني شگرمل جي مزدورن غلام علي کهيڙيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ گڏيل جلوس ڪڍيو. هنن بہ مارشل لا جي خلاف نعرا هنيا. جنهن جي موٽ ۾ مٿن لاٺي چارج تي ۽ ڳوڙها گئس استعمال ڪئي وئي. لاٺي چارج کان پوءِ مچرجي پيل ماڻهن پٿراءُ ڪيو ۽ زرعي بئنڪ جي رڪارڊ ۽ فرنيچر کي باهہ ڏنائون. ڪجھ پوليس وارا زخمي بہ ٿي پيا. ۽ ڇهہ گرفتار ٿيا. هن معرڪي ۾ پوليس جو وڏو اثالو گهرايو ويو هو. تلهار جي هن جلوس جي خاص ڳالھ جيئي سنڌ وارن جي شرڪت هئي جن جي پارٽي ايم. آر. ڊي تحريڪ جي خلاف هئي. پر هتي ثابت ٿيو تہ ماڻهوءَ جي اندر ۾ موجود باغيءَ کي پارٽي جا حڪم جهلي نہ سگهندا آهن.
- ماتليءَ ۾ نظاماڻي پاڙي مان جلوس ڪڍيو ويو. جنهن جي اڳواڻي عبدالحميد نظاماڻي ڪري رهيو هو. هن موقعي تي ڇهن ڄڻن عبدالحميد نظاماڻي، عزيز نظاماڻي، شبو پتافي، انور پرڳڙي ۽ ٻين گرفتاري ڏني.
- ٽنڊي غلام عليءَ ۾ هزار ماڻهن جو جلوس ڊاڪٽر حسين بخش ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ نڪتو. ڊاڪٽر حسين بخش جلوس کي خطاب بہ ڪيو جنهن کان پوءِ هن ۽ جاويد خاصخيليءَ گرفتاريون ڏنيون.
- سکر ۾ شام جو ٦ وڳي ڏاري انڊس هوٽل کان هزارها ماڻهن جو جلوس نڪتو پوليس جي ڄڻن نصرت هوٽل وٽ سندن رستو روڪيو ۽ ڇهن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو جن ۾ عوامي تحريڪ (چانڊڪا) جو غلام مرتضيٰ شيخ، جمعيت علماء پاڪستان جا ٽي ڄڻا قلندر بخش، محمد علي ڪلهوڙو، عبدالله ڪلهوڙو، سيد الله ورايو شاهہ (ڪنڌرا) ۽ غلام قادر پنهور شامل هئا.
- لاڙڪاڻي ۾ هڪ موٽر سائيڪل تي سوار ٽن نامعلوم ماڻهن زرعي ڪاتي جي آفيس جي چوڪيدار کي آفيس ۾ بند ڪري، ڪاتي جي چئن گاڏين کي باهہ ڏيئي ڇڏي.
- ٺٽي ۾ شاهجهان مسجد وٽان چئن ڄڻن خميسي، محمد خان، علي ملاح ۽ شفيع محمد مينڌري گرفتاريون ڏنيون.

- گهوٽڪيءَ ۾ ضلعي مئجسٽريٽ پڌرو ڪيو تہ ١٨ ۽ ١٩ آگسٽ جي وچ واري رات جو ڪجهہ "شرپسندن مفيسر ۽ گهوٽڪي ريلوي اسٽيشن جي وچ ۾ ريلوي جون فش پليٽون ڪڍي ڇڏيون هيون. جنهن ڪري پائلٽ ريلوي جا اڳيان ڦيٿا پٽڙي تان لهي ويا ... پر خير تي ويو ۽ ريلوي لائين جي مرمت ڪئي وئي.
- دادوءَ ۾ هڪ ننڍڙو جلوس نڪتو جنهن ۾ هاري گل حسن برهماڻي ۽ شاگرد محمد يونس جسڪاڻي نئين چوڪ وٽان گرفتاري ڏني، هن جلوس ۾ نعري بازي بہ ڪئي وئي.
- هڪ ڏينهن اڳ غريب آباد دادو ۾ زخمي ٿيل بار ڪالو مير بحر (١٩ آگسٽ تي) اسپتال ۾ گذاري ويو. ان ڏوهہ ۾ پوليس ڇٽن ڄڻن نذير، نيازو عالمگير ۽ هڪ ٻئي جي خلاف خون جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو.
- مير علي شاهہ چاموٽ کي مٽياريءَ مان ۽ لال خان کي سٽيزن ڪالوني حيدرآباد مان گرفتار ڪيو ويو. جنهن کي پروگرام موجب ٻئي ڏينهن تي گرفتاري ڏيڻي هئي.
- حيدرآباد ۾ پوليس پٺاڻ ڪالونيءَ لڳ عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ۽ مزدور ڪسان پارٽيءَ جي جوائنٽ سيڪريٽريءَ جي گهرن تي ڇڙهايون ڪيون. هو تازو گرفتار ٿيا هئا.

فاضل راهو جو پيغام

- نارا جيل مان فاضل راهو پيغام اماڻيو جنهن ۾ لکيل هو تہ هو نوشهري فيروز وارهہ ۽ دادوءَ ۾ فوت ٿيل ڪارڪنن کي خراج عقيدت پيش ڪري ٿو. پيغام ۾ چيو ويو "هلچل جمهوريت جي بحاليءَ تائين جاري رهندي... عوامي تحريڪ جا ڪارڪن پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪن!"
- پاڪستان پيپلز پارٽي نوابشاهہ جي صدر قاضي محمد بخش ڏامراهہ نوشهري فيروز ۾ پوليس فائرنگ سبب (بيان موجب) ٥ ڄڻن جي فوت ٿيڻ تي ڏک جو اظهار ڪيو ۽ عدالتي تحقيق جو مطالبو ڪيو.
- ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ نوابشاهہ پڌرو ڪيو تہ ١٧ ۽ ١٨ آگسٽ تي نوشهري فيروز ۾ ٿيل واقعن جي عدالتي جاچ ٿيندي.

راولپنڊيءَ ۾ سزائون ۽ گرفتاري

راولپنڊيءَ ۾ هڪ فوجي عدالت ڪمپني چوڪ وٽ مظاهرو ڪرڻ ۽ نعرا هڻڻ جي ڏوهہ ۾ ايم. آر. ڊي جي ٩ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي هڪ هڪ سال ۽ ڏهہ ڏهہ ڦٽڪا سزا ٻڌائي ڇڏي. انهن ۾ جمعيت علماءِ پاڪستان جو آفتاب احمد مغل، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا سيد ظفر الحق شاهہ ۽ قاضي محمد ظفر عالم. قومي محاذ آزاديءَ جا جهانگير اختر ۽ تنوير اقبال پاشا، جمعيت علماء اسلام جو قاري عبدالملڪ، جمعيت علماء پاڪستان جو محمد ڪمال الدين، تحريڪ استقلال جا گلزار احمد ۽ فاروق جنجوعہ شامل هئا.

ساڳي تاريخ تي ايم. آر. ڊي جي ڊاڪٽر حامد جاويد (پاڪستان پيپلز پارٽي) ڪميٽي چوڪ تي گرفتاري ڏني. هن جلوس ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ حڪومت جي خلاف نعرا هنيا هئا.

٢١ آگسٽ ١٩٨٣ع

لاهور ۾ ايم. آر. ڊيءَ جا ڪجھہ فيصلا

ايم. آر. ڊي اڳواڻ ۽ قومي محاذ آزادي جي قائم مقام چيئرمين پرويز صالح ايم. آر. ڊيءَ جي ڪجھہ فيصلن جو اعلان ڪيو جيڪي جيلن ۾ بند يا آزاد صوبائي ۽ مرڪزي اڳواڻن جي گڏيل راءِ سان ڪيا ويا هئا. اهي فيصلا سنڌ کان ٻاهر ايم. آر. ڊيءَ جي ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪيا ويا هئا. فيصلي ۾ چيو ويو تہ :

١. پنجاب جي سيني ضلعن مان روزانو ٻہ يا ٽي ڪارڪن گڏجي گرفتاريون ڏيندا.

٢. اڳوڻي قوميءَ اسيمبلي جا ميمبر جيڪڏهن گرفتاريون پيش نہ ڪندا تہ کين ايم. آر. ڊيءَ جي ڪا بہ پارٽي (سزا طور) پارٽي ٽڪيٽ نہ ڏيندي.

٣. مڪاني ادارن جي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو ويندو ۽ عوام کي بہ مڪاني چونڊن ۾ ووٽ استعمال ڪرڻ کان جھليو ويندو.

- پشاور کان جمعيت علماء اسلام جي ٻن ڪارڪنن محمد دين ۽ علي اڪبر چوڪ يادگار تان گرفتاريون ڏنيون ۽ پختون اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران اعلان ڪيو ويو تہ سندن ڪارڪن سياڻي کان گرفتاريون ڏيڻ شروع ڪندا.
- ڊيري اسماعيل خان ۾ حفاظتي اپاءَ سخت ڪيا ويا ڇاڪاڻ تہ هڪ اطلاع موجب ايم. آر. ڊيءَ جي گرفتار ٿيل اڳواڻن کي پشاور کان اوڏانهن منتقل ڪيو پئي ويو. انهن اڳواڻن ۾ آفتاب شير پاؤ رٽائرڊ جنرل نصير الله بابر ۽ حاجي غلام احمد بلور شامل هئا. عام ماڻهن کي بہ جيل جي ويجهو اچڻ يا ملاقاتون ڪرڻ کان جهليو پئي ويو.

ڪراچيءَ جون خبرون

- پاڪستان ڇتائي ڪانفرنس نالي هڪ تنظيم، جنهن ٿورو وقت ڪراچي صوبي جي ڳالهہ ڪئي هئي، هڪ پيرو وري پنهنجي حڪمت علي، تي ڳالهايو تنظيم جي ڪنوينر سيد مختيار علي ڪنهوري ڪراچي صوبي جي حمايت ۾ دستخطي مهم جاري رکڻ جي هدايت ڏيندي چيو جيڪڏهن اسان جي دستور ڪميشن جون سفارشون حڪومت قبول نہ ڪيون تہ پوءِ ڪراچي صوبو ٺهرائڻ لاءِ تحريڪ جي شروعات ڪئي ويندي... سنڌ کي متحد رکڻ لاءِ ان ۾ بہ صوبا ٺاهيا وڃن.

هيءَ تنظيم ڪنهنجي اشاري تي ڪم ڪري رهي هئي؟ في الحال واضح ڪونہ هو پر صاف ظاهر هو تہ ڪي طبقا يا پراسرار ادارا سنڌ جي ورهاڱي جو ٻج پوکڻ ۾ مصروف ٿي ويا هئا.

- شام جي پهر ۾ ٻڙا بورڊ منگهو پير روڊ تان اڳوڻي وزير عبدالله بلوچ ۽ رشيد طارق گرفتاريون ڏنيون.
- عوامي تحريڪ پاران هڪ جلوس ڪڍي تقريرون ڪيون ويون، جنهن کانپوءِ سڪندر علي چانڊيو گرفتار ٿيو.

مڪاني ادارن تان استعيفائن جو سلسلو

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻ غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي پٽ غلام مرتضيٰ جتوئيءَ ضلع ڪائونسل نوابشاهه جي چيئرمين شپ، نوابشاهه جي ضلعي رابطہ ڪاميٽي ۽ سکر جي ڊويزنل رابطي ڪميٽي جي عهدن تان هڪ ئي وقت استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي. هن ڪراچي پريس ڪلب ۾ انهن عهدن تان استعيفائن جو اعلان ڪندي ٻين سياستدانن کي اپيل ڪئي تہ هو بہ ايئن ئي ڪن ۽ ايم. آر. ڊي هلچل ۾ شامل ٿي وڃن.

مرتضيٰ جتوئيءَ دعويٰ ڪئي تہ "هن مهل تائين هن هلچل دوران ١٥ ماڻهو مارجي چڪا آهن ۽ ٣٠ هزارن کان وڌيڪ قيد آهن."

سنڌ جا ٻيا شهر ۽ ٻهراڙيون

- دادوءَ ۾ پريس نوٽ موجب صورتحال قابو ۾ رهي پر ان ڏينهن تي بہ شهر ۾ هڪ جلوس نڪتو ۽ حاڪم علي ڪابوريءَ گرفتاري ڏني هئي.
- خيرپور ناٿن شاهہ ۾ ٢٠٠٠ ماڻهن جلوس ڪڍيو جنهن جي اڳواڻي اڳوڻي صوبائي اسيمبلي ميمبر امير بخش جوڻيجي ڪئي. جلوس کي منتشر ڪرڻ لاءِ لٺبازي ۽ ڳوڙها گئس استعمال ڪئي وئي، پر مظاهرين پيهر گڏ ٿي ويا ۽ هڪ جيپ سميت هڪ بئنڪ ۽ ٿاڻي کي سخت نقصان رسايائون.

هي جلوس پوءِ جيل ڏانهن وڌيو جتي رڪارڊ ۽ فرنيچر تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. جلوس کي جهلڻ جون سموريون ڪوششون ناڪام ٿيڻ ڪانپوءِ پوليس فائرنگ ڪئي، جنهن ۾ بہ ماڻهو زخمي ٿي پيا. ٽي ڏينهن اڳ زخمي ٿيل ديدار پنهور گذاري ويو.

- ميهڙ ۾ هڪ وڪيل سياسي ڪارڪنن سان گڏ ٿاڻي تي گرفتاري ڏني. ٤٠٠ ماڻهن تي لٺبازي ٿي، جن مان ١٥ ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو.
- هالا ۾ چاليهہ هزار ماڻهن جلوس ڪڍي قومي شاهراهہ کي ڏيڍ ڪلاڪ بند رکيو. ان ڏينهن تي صبح جو ساڍي اٺين لڳي ڌاري درگاهہ مخدوم نوح تان جلوس شروع ٿيو. جلوس ايس.ڊي.ايم آفيس آڏو نعرا هڻيا ۽

تقريرون ڪيون. پنجن ماڻهن علي بخش انڙ، دريا خان راهو بخشل انڙ، محمد وريل انڙ ۽ نظام الدين انڙ گرفتاريون ڏنيون.

ڏيڍ ڪلاڪ تائين ٽريفڪ بند رهڻ سبب هالا شهر جي ڀرسان پاسي قومي شاهراهه تي سوين گاڏيون بيهجي ويون. ان دوران پٽ شاهه مان هڪ ٻيو جلوس پهتو جيڪو بعد ۾ مخدوم طالب المولي جي بنگلي تي پهتو جتي مخدوم سعيد الزمان هڪ پرجوش تقرير ڪئي.

- حيدرآباد ۾ ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جي آڏو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي الاهي بخش قائمخاني، پير علي غلام، منير رنڌاوا، قومي محاذ آزاديءَ جي شڪيل پٺاڻ، عوامي تحريڪ جي شفيع مگسي، رسول بخش مگسي ۽ پيرل ڪوسي گرفتاريون ڏنيون.
- لاڙڪاڻي ۾ ڇهن ماڻهن (نالا معلوم ٿي نه سگهيا) هزارها ماڻهن جي آڏو گرفتاري ڏني. هن موقعي تي پوليس ڳوڙها گئس استعمال ڪري هجوم کي منتشر ڪيو.
- نوابشاهه مان اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر عبدالفتاح ميمڻ ۽ رحيم بخش جماليءَ سيشنس ڪورٽ آڏو گرفتاريون ڏنيون. گرفتاريون ڏيڻ کان اڳ هنن تقريرون ڪيون ۽ هزارين ماڻهن مارشل لا جي خلاف نعرا هنيا. جلسي کي منتشر ڪرڻ لاءِ پوليس ۽ فوج موقعي تي آندي وئي.
- سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي صدر غلام رسول سهتي ۽ سيڪريٽري تاج مريءَ چيو ته "هن تحريڪ ۾ هاري ڪميٽي برابر موجود ۽ سرگرم آهي ... ۽ هن وقت تائين ان تنظيم جي ٻاران ڳنبٽ، خيرپور، ٽري مير واهه، نوابشاهه، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي مان مرڪزي اڳواڻ واحد بخش بنگلاڻي سميت چوڏهن ڄڻن گرفتاريون ڏنيون آهن.
- بدين مان خبر آئي ته ضلعي ڪائونسل جي اڳوڻي ميمبر عبدالغفور نظاماڻيءَ جي ڳوٺ ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو. ان جلوس يونائيٽڊ بئنڪ، مسلم ڪمرشل بئنڪ ۽ هڪ سرڪاري بس تي پٿراءُ ڪيو ۽ ان کي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي.
- ٽنڊي باگي ۾ جلوس ڪڍيو ويو جنهن کي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن

خطاب ڪيو. هن کان اڳ اڳوڻي صوبائي اسيمبلي ميمبر نبي بخش پرهڙيءَ کي اڌ رات جو گرفتار ڪيو ويو هو.

- ڪنڊياري ۾ بہ هڪ جلوس ڪڍيو ويو جنهن دوران ۹ ڄڻن غلام سرور جتوئي، واحد بخش مغل، اقبال کوسي، گل شير کوسي، الياس کوسي، خالد حسين کوسي، محمد اشرف رند، يار محمد خاصخيلي ۽ هڪ ٻئي شخص گرفتاريون ڏنيون. اهي سڀ ڪارڪن هاري، شاگرد ۽ مزدور هئا.
- شهدادپور ۾ سانگهڙ بس اسٽينڊ وٽ هڪ وڏو ميڙ جمع ڪيو ويو جتي سياسي ڪارڪنن تقريرون ڪيون ۽ گرفتاريون ڏنيون. اهي ڪارڪن ميرو خان باگراڻي، حسين بخش، نورمحمد لاکو سليم ۽ قربان لغاري هئا.
- سرهاڙي، ٽنڊي آدم، سانگهڙ، کپري ۽ ٻين هنڌن تي پڻ مظاهرا ٿيا ۽ گرفتارين جون خبرون آيون پر ٻيا تفصيل معلوم ٿي نہ سگهيا.
- نئي ۾ ٽن ڄڻن يار محمد، عبداللطيف لاشاري ۽ هڪ ٽئين شخص گرفتاريون ڏنيون. جڏهن تہ بابو غلام حسين ميمڻ، مامو خان ملڪاڻي ۽ فيض محمد قريشيءَ کي تيهن ڏينهن لاءِ نظر بند ڪيو ويو.
- ٽنڊي جام ۾ ڪورٽ جي حدن مان ۸ ڄڻن (نالا معلوم نہ ٿيا) گرفتاريون ڏنيون. ان کان اڳ هنن جلوس ڪڍيو ۽ جنرل ضياءُ الحق جو پتلو ساڙيو هو.
- چنبڙ ۾ شاگردن جلوس ڪڍيو ۽ نعرا هنيا ست ڄڻا گرفتار ٿيا.
- ٽنڊي محمد خان ۾ سب جج جي عدالت آڏو پنجن ڄڻن دودو خان حاجاڻو يعقوب سولنگي، رحيم نوناري، علي محمد ۽ رسول بخش نوناري، گرفتاريون ڏنيون. پوليس وارن رات جي پهر ۾ ڇاپو هڻي معصوم شاهہ کي گرفتار ڪري ڇڏيو هو.
- ملاڪاتيار ۾ پڻ جلوس نڪتو ۽ شهر ۾ مڪمل هڙتال رهي.
- شڪارپور ۾ ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي ۽ آغا غلام نبي خان پٺاڻ جلوس جي شڪل ۾ گهنٽا گهر پهتا. هنن هزارن جي تعداد ۾ جمع ٿيل ماڻهن آڏو تقريرون ڪيون، نعرا هنيا ۽ گرفتاري ڏني. هن موقعي تي هجوم پوليس تي پٿراءُ ڪيو. جنهن جي موٽ ۾ پوليس وارن هوائي

فائرنگ ڪئي ۽ ڳوڙها گئس استعمال ڪئي. هن ٽڪراءَ ۾ فائر برگيڊ جي ٽن گاڏين ۽ يونائيٽڊ بئنڪ کي باهه ڏني وئي. پوليس ۽ ڪارڪنن جي وچ ۾ اڌ رات تائين جهڙپون هلنديون رهيون.

٢٢ آگسٽ ١٩٨٣ع

سرحد، بلوچستان ۽ پنجاب

- راولپنڊي ۽ ڪوئٽا مان ١٤ ڄڻا گرفتار ٿيا. ان ريت ڪوئٽا مان هيل تائين گرفتار ٿيل ماڻهن جو تعداد ٥٥ ٿيو.
- ڪوئيٽا مان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڇهن ڄڻن گرفتاريون ڏنيون. هو سڀ ڪانسي قبيلي جا هئا. هڪ ٻي خبر ۾ ٻڌايو ويو ته پاڪستان نيشنل پارٽي ۽ ايم. آر. ڊيءَ جي ٻين پارٽين بلوچستان ۾ هلچل بابت هڪٻئي سان صلاح ڪرڻ تي راضپو ڏيکاريو آهي. ٻنهي ڌرين ۾ گهڻي وقت کان ڳالهيون هلندڙ هيون ۽ هاڻي فيصلو ڪيو ويو آهي ته پي. اين. پي جا ڪارڪن به روزانو گرفتاريون ڏيندا.

اها خبر جتي اتساهه پيدا ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي، اتي اها مايوسي پکيڙڻ لاءِ به ڪافي هئي ته پي. اين. پي هن مهل تائين ايم. آر. ڊي سان نالي ماتر شامل رهي آهي ۽ اڃا به اهو چوڻ مشڪوڪ هو ته پي. اين. پي حقيقي معنائن ۾ تحريڪ ۾ شامل ٿيندي.

- لاهور ۾ وڪيلن واري قومي رابطا ڪميٽي جي چيئرمين عابد حسين منٽو ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ بار جي صدر سيد عبدالحيدر سياسي ڪارڪنن کي سزائون ڏيڻ واري عمل تي تنقيد ڪئي. خاڪسار تحريڪ جي اڳواڻ بيگم سعديه المشرقي به تنقيد ڪئي.
- لاهور مان ٽن ڄڻن، جن جو تعلق پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ قومي محاذ آزادي سان هو، گرفتاريون ڏنيون.

ڪراچيءَ ۾ سرگرميون

پاڪستان نيشنل پارٽي (PNP) جي سينئر نائب صدر پارٽيءَ جي پاران باقاعدي سڏ ڏنو ته سڄي سنڌ پرڳڻي ۾ مڪمل هڙتال ڪئي وڃي.

سندس پارٽيءَ ساڳئي ڏينهن تي بلوچستان ۾ به هڙتال جو سڏ ڏنو. شاهه محمد شاهه ڪراچي پريس ڪلب ۾ چيو "گرفتاريون ڏيڻ جو وقت گذري چڪو آهي. هاڻي مقابلي جو وقت آهي ... هيءَ وڏيرن ۽ جاگيردارن جي تحريڪ نه آهي پر عوام جي تحريڪ آهي ... وڏيرا ذميواري سان اڳتي نه وڌيا آهن پر هنن محسوس ڪيو آهي ته سندن ذميواريون ڪمزيون آهن ... ڪنهن به وڏيري يا جاگيردار دوکو ڪيو ته عوام هن کي ڪونه بخشيندو!"

- تحريڪ جي ائين ڏينهن به جلوس جلسن ۽ گرفتارين جو سلسلو جاري رهيو. ڪراچيءَ ۾ بنارس چوڪ منگهوپير روڊ تي چئن ڄڻن جن ۾ عوامي تحريڪ جا به سنڌي ڪارڪن مولا بخش ۽ مظهر علي شاهاڻي شامل هئا، گرفتاريون ڏنيون.
- تحريڪ استقلال جي مشير پيش امام سياسي ڪارڪنن کي سخت سزائون ڏيڻ تي تنقيد ڪندي چيو "طاقت جي استعمال سان نه ڪڏهن ڪو مسئلو حل ٿيو آهي ۽ نه ٿيندو ... حڪومت حالتن جي نزاڪت کي سمجهي ۽ ملڪ کي وڏيڪ ڏار پوڻ کان بچائي ۽ انهن نتيجن کان محفوظ رکي، جتان واپس موٽڻ ناممڪن ٿي پوي!"

سنڌ جا ٻيا شهر

- حيدرآباد ۾ سول اسپتال وٽان ١٢ ڄڻن مولا بخش مشوري، غلام رسول، عبدالڪريم، امتياز علي، الله بخش ڪانڌيري، غلام قادر پٽي ۽ ٻين گرفتاريون ڏنيون.
- هالا ۾ ٢٥ هزار ماڻهن جو جلوس نڪتو ۽ شهر ۾ ڪاروبار بند رهيو. ٥ ڄڻن رفيق ڏاهري، ارباب علي، بلال، غلام قادر ۽ مولا بخش گرفتاريون ڏنيون. قومي شاهراهه ڏيڍ ڪلاڪ بند رهيو.
- خيرپور ناٿن شاهه ۾ پوليس چڪرين دوران زخمي ٿيل عبدالعزيز لاکو گذاري ويو.
- لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان چوڪ تي محمد بخش جويو (عوامي تحريڪ) نور الدين (پاڪستان پيپلز پارٽي) محمد صالح (جمعيت علماء اسلام)

گرفتاري ڏني. سندن گرفتاريءَ کان اڳ جلوس نعرا هنيا ۽ پوليس وارن جلوس تي ڳوڙها گئس اڇلائي ۽ بعد ۾ ٻيا ڏهه ڄڻا گرفتار ڪري ورتا. هڪ ڏينهن اڳ لاڙڪاڻي مان، صاحب ڏني (پاڪستان پيپلز پارٽي)، ارباب علي (عوامي تحريڪ) ۽ علي خان (جمعيت علماء اسلام) گرفتاريون ڏنيون هيون. هاڻي شهر روزانه منجهند جو ٣ وڳي بند ٿي پئي ويو.

- باڊهه ۾ ڇهن ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو.
- نصير آباد مان يار محمد انڙ ۽ ڏني بخش انڙ گرفتاريون ڏنيون.
- وارهه مان غلام مصطفيٰ ڳاهيجي ۽ عبداللطيف گرفتاري ڏني.
- جيڪب آباد مان پوليس مير بکن خان بجاراڻي، عبدالستار ڏومبڪي ۽ مختيار احمد مرياڻي کي گرفتار ڪري سکر اي سيڪشن ٿاڻي تي آندو.
- بدين ۾ مهراڻ هوٽل وٽان هڪ جلوس نعرا هڻندو نڪتو جنهن تي پوليس لٺبازي ڪئي. ٻن ڄڻن الله ڏني ۽ محمد صالح جوڻيجي گرفتاري ڏني. بدين ۾ فوج ۽ پوليس جو گشت ۽ سرڪاري عمارتن تي پهرو وڌايو ويو. ان هوندي به بدين کان اٺ ميل پري ريلوي اسٽيشن تي پيچ ڏاهه جو واقعو پيش آيو. ٻئي طرف بدين ۾ پير علي بهادر شاهه صديقي به گرفتاري ڏني.
- ٽنڊو باگو سب جيل ۾ گرفتار قيدين منجهند جو ١٢ لڳي کان بک هڙتال ڪئي، جن ۾ ڊاڪٽر اسماعيل اديجو اظهر خواجو عبدالله ملاح، نادر خواجه، نواز جتوئي، عرس خاصخيلي، غلام علي ٽيٻو جبار ڪرايو خادم ڪنير، جمن جمالي، شبير ميگهواڙي ۽ احمد خان پيان شامل هئا.
- گاجي کهاوڙ ۾ صبح جو ڏهين لڳي ٢٠٠ ماڻهن جلوس ڪڍيو نعرا هنيا، حبيب بئنڪ تي حملو ڪري رڪارڊ ۽ فرنيچر کي باهه ڏيئي ڇڏي، جلوس يونين ڪائونسل آفيس تي به حملو ڪيو ۽ رڪارڊ ۽ فرنيچر کي ساڙي ڇڏيو. هنن پوليس پوسٽ تي به حملو ڪيو. فائرنگ جو واقعو به پيش آيو ۽ صوبيدار جي ڪوارٽر تي به حملو ڪيو ويو. هنن هيلٿ سينٽر تي به حملو ڪيو ۽ پيچ ڏاهه ڪئي.
- ميهڙ ۾ جلوس ڪڍيو ويو جنهن کان پوءِ چار ڄڻا غلام نبي، بهادر

کوسو ذوالفقار ۽ شبير مهيسر گرفتار ٿيا. لعل بخش ٽيهي گرفتاري ڏني. بعد ۾ پوليس محمد سليمان ۽ پير عبدالحميد (سنڌ جي اڳوڻي وزير پير الاهي بخش جي پٽ) کي بہ گرفتار ڪري ورتو.

- شهداد پور ۾ وڏو ميڙ ۽ تقريرون ٿيون. جنهن ڪانپوءِ غلام ٿهيم، محمد اختر ڪلوئي کي گرفتار ڪيو ويو. جڏهن تہ محمد يوسف ڏاهري گرفتاري ڏني.
- ماتليءَ ۾ عورتن جلوس ڪڍيو. عورتن جلوس دوران شهيد ٿيل ڪارڪنن کي سلام پيش ڪيا. بينظير ڀٽو جي آزادي لاءِ ۽ مارشل لا جي خلاف نعرا هنيا. پوليس جلوس کي ڇڙوڇڙ ڪيو. ساڳئي شهر مان نڪتل هڪ ٻئي جلوس تي پوليس لٺبازي ڪئي ۽ محمد علي نظاماڻي سميت محمد صالح شيديءَ کي گرفتار ڪري ورتو.
- سکر ۾ هزارين ماڻهن جي جلوس ۽ نعرن ۾ مولانا عطا محمد انيڙ ۽ مولانا عبدالحڪيم گرفتاريون ڏنيون.
- ڪنڊياري مان هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو جنهن ڪانپوءِ ستن ڄڻن سڪندر خاصخيلي، مظهر سهتي، طالب مگسي، ابراهيم خاصخيلي، رحيم الله ڪوسي ۽ شبير ڪوسي گرفتاريون ڏنيون.
- گهوٽڪي ريلوي لائين تي نامعلوم ماڻهن فائرنگ ڪري ريل جي ڊرائيور کي زخمي ڪري وڌو.
- ٺٽي ۾ نظر علي پليجي ۽ هڪ ٻئي شخص گرفتاري ڏني.
- شڪارپور مان بہ عورتن جي جلوس جي خبر پهتي.

سڀ خير آهي!

هوڏانهن اسلام آباد ۾ صدر ضياءُ الحق جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ ملڪ جي صورتحال کان اڪيون ٻوٽي وفاقي وزارت امن امان جي حالت تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ ان نتيجي تي پهتي تہ "ايڪڙ ٻيڪڙ تخريبي ڪارواين ڪانسواءِ مجموعي طرح ملڪ ۾ امن امان آهي!

٢٢ آگسٽ ١٩٨٣ تي سرڪاري حلقا ڇا ڪري رهيا هئا؟

- صدر ضياءُ الحق مسلم ليگي اڳواڻ ممتاز دولتاني سان ٽيليفون تي ملڪي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. هنن پاڻ ۾ ڇا ڳالهايو؟ اها خبر عوام کي ڪونه آهي پر ممتاز دولتاني جون تجويزون اڳ ئي پريس ۾ اچي چڪيون هيون ۽ جنرل صاحب هٿيار ڦٽا ڪرڻ سکيو ئي ڪونه هو. يقينن هو هٿي ڪنهن هڪ راءِ تي اچي ڪونه سگهيا هوندا پر هڪٻئي لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ضرور ڪيو هوندائون.
- پير صاحب پاڳارو ايم. آر. ڊيءَ هلچل جو خاموشيءَ سان جائزو وٺي رهيو هو. سندس ارادو هو ته ڪجهه ڏينهن کان پوءِ لاهور وڃي پنهنجي پارٽيءَ وارن سان صلاح مشورا ڪري. پير صاحب في الحال پير ڳوٺ ۾ هو.
- جماعت اسلاميءَ جي اڳواڻ قاضي حسين احمد هڪ اردو رسالي کي انٽرويو ۾ چيو "پيچ ڊاهه جي ڪاروايئن کي روڪائڻ لاءِ چونڊن جو اعلان ڪيو وڃي ... سنڌ ۾ عليحدگيءَ جي ڪابه تحريڪ ڪونه آهي ۽ حڪومت کي اهڙو رستو ڳولڻ گهرجي جو سڀ ماڻهو محسوس ڪن ته هو ملڪ ۽ حڪومت جي معاملن ۾ برابر جا شريڪ آهن."

جماعت اسلامي (انهن ڏينهن ۾) پاڪستان کي اسلامي جمهوري رياست بنائڻ لاءِ سمورين مذهبي جماعتن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ جي دعوت ڏيئي رهي هئي.

- واشنگٽن ۾ ڪانگريس جي ڪجهه مبصرن کي ايم. آر. ڊي بابت شڪ هو ته اها هلچل پاڪستان جي مخالفن هاءِ جيڪ ڪري ورتي آهي ڇاڪاڻ ته سندن خيال ۾ سنڌ ۾ تخريبي سرگرميون ۽ ٽاڻن تي ٽيندڙ حملا پاڪستان ۾ تعصبي سياست جو حصو هيون. اها خبر نيوز ايجنسي پي. پي. آءِ رليز ڪئي هئي پر ان ۾ ڪنهن حوالو ڪونه ڄاڻايو ويو هو. ايئن ٿي لڳو ته اها 'ٽيبل نيوز' نيم سرڪاري ايجنسيءَ ڄاڻي واڻي جاري ڪئي هئي.

٢٢ آگسٽ ١٩٨٣ع تي سرحد بلوچستان ۽ پنجاب ۾ سرگرميون

- پشاور ۾ يادگار چوڪ وٽان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٻن ڪارڪنن گل رحمان ۽ معصوم شاهه نعرا هڻندي گرفتاريون ڏنيون.
- راولپنڊيءَ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن ڪاميٽي چوڪ تي گرفتاري ڏني. ان ڏينهن تي ماڻهن جو هجوم گذريل ڏينهن کان گهٽ هو.
- لاهور مان جمعيت علماء اسلام جي محمود اشرف گرفتاري ڏني. ڪوئيٽا ۾ ايم. آر. ڊي جي ڪارڪنن مظاهرن جي ڪوشش ڪئي جنهن کي هلڪي لاٺي چارج ناڪام ڪري ڇڏيو ۽ پوليس ٽن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو.
- ملتان مان هن مهل تائين ايم. آر. ڊيءَ جا فقط ١٢ سرگرم ماڻهو گرفتار ٿيا هئا. ڪين ايم. ايل. او ١٦ تحت ٻن مهينن لاءِ اندر ڪيو ويو هو.

٢٢ آگسٽ ١٩٨٣ع تي سنڌ جي صورتحال

- بدين ۾ سياسي ڪارڪنن جلوس ڪڍيو ۽ مظاهرا ڪيا. جنهن جي نتيجي ۾ شهر بند ٿي ويو. سرڪاري اهلڪارن کي لاٺي چارج ڪرڻي پئي. جنهن کان پوءِ ٽي ڪارڪن عبدالقادر ملاح، عبدالغني جوکيو ۽ عبدالڪريم ميمڻ عرف منو گرفتار ٿي ويا. ضلعي انتظاميه تعليمي ادارن کي اڻچاتل مدي تائين بند ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. شهر جي هڪ ميونسپل ڪائونسلر ايم. آر. ڊيءَ جي حق ۾ استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي.
- ماتليءَ ۾ ڇئن هزار ماڻهن جو جلوس نڪتو جنهن آڏو اڳواڻن تقريرون ڪيون ۽ پوءِ عطاءُ الرحمان نظاماڻي، زمان سومرو، ڪامريڊ گل محمد سومرو، فقير پناڻو جت ۽ خميسو سومرو گرفتار ٿيا. احتجاجي مظاهرن سبب ماتلي شهر بند رهيو.
- سيريءَ ۾ مڪمل هڙتال رهي، جلوس ڪڍيو ويو ۽ سرڪاري بسن تي پٿراءُ ٿيو.
- هوسڙي، مٽياري ۽ خيبر ۾ به هڙتال ٿي.

- خيرپور ۾ ٽيهن ڪائونسلرن ايم. آر. ڊيءَ جي حمايت ۾ استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي
- لاڙڪاڻي مان ڪائونسلرن ضلعي ڪائونسل تان استعيفائون ڏنيون.
- ٺٽي ۾ ١۴ آگسٽ تي جلوس ڪيڍڻ جي ڏوهه ۾ نظام ۽ محمد يوسف کي هڪ هڪ سال ۽ هڪ لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي. ابو ميربحر کي هڪ سال ڏهه ڦٽڪا ۽ ويهه هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي.
- دادوءَ ۾ فوجي عدالت نون (٩) ڄڻن کي هڪ هڪ سال، ڏهه ڏهه ڦٽڪا ۽ ڏهه ڏهه هزار رپين جي سزا ٻڌائي. اهي ڪارڪن انور، غلام مصطفيٰ، بخشل، ڪريم بخش، شاهنواز، محمد ياسين، لطيف، گاهي خان ۽ نور احمد هئا. هنن تي ١٦ آگسٽ واري ڏينهن تي گڙٻڙ جو الزام هو.
- دادوءَ مان ٿي ٢٢ آگسٽ تي ٩ ڄڻن گرفتاريون ڏنيون. ان ڏينهن تي نئين چوڪ وٽان امام بخش گهرياڻي (وڪيل)، سيد منل شاهه (زميندار)، سيد ڇٽل شاهه (ميمبر ضلعي ڪائونسل) ۽ ٻن هارين شبير لنڊ ۽ حبيب الله سولنگي گرفتاريون ڏنيون ۽ ميونسپل ڪائونسلر ظفر لغاريءَ استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي.
- ميهڙ مان هڪ جلوس ڪڍيو ويو.
- ٽرڙي محبت مان موسيٰ سولنگي، عبدالمجيد، محمد سليمان ۽ علي بخش جهتيال گرفتاريون ڏنيون. انهن مان ڪي ڪائونسلر هئا.
- حيدرآباد جي ضلعي مئجسٽريٽ موجب صبح جو ١١ لڳي ڏاري ايل. ايم. سي جام شورو جي ٽن شاگردن ايل. ايم. سي اسپتال سٽي برانچ وٽ گرفتاريون پيش ڪيون. ڪين حراست ۾ وٺڻ مهل ماڻهن جي انبوهه ڊيوٽي ڏيندڙ هڪ مئجسٽريٽ ۽ پوليس تي پٿراءُ ڪيو. هڪ بئنڪ ۽ پيٽرول پمپ کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن ڪري پوليس کي ڳوڙها گئس استعمال ڪرڻي پئي ۽ ٨ ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو. ٻين ذريعن موجب ١٩ ڄڻا گرفتار ٿيا جڏهن ته گرفتاريون ڏيندڙن جا نالا عرس نظاماڻي ۽ نور محمد ڪوسو هئا. هيءَ ٽڪراءُ هڪ ڪلاڪ جاري رهيو هو.

هوڏانهن، سيشن ڪورٽ مان پنجن ڄڻن مير عالم شاهه بخاريءَ، امير بخش هاليپوٽي، گوهر علي شاهه، آفتاب رضا مغل ۽ علي مراد گرفتاريون ڏنيون. هن موقعي تي نعرا هڻڻ جي ڏوهه ۾ ٻين ٽن ڪارڪنن صاحب خان، محمود خان ۽ محمد صديق کي به گرفتار ڪيو ويو.

- هالا ۾ جلوس ڪڍيو ويو ۽ اسڪول بند ڪرايا ويا. بعد ۾ محمد سليم ميمڻ، مختيار علي ارباب، سومار چنڊ، ڏاهو مل ۽ علي بخش گرفتار ٿيا.
- هالا ۽ ٽنڊي محمد خان جي ٨ ڪائونسلرن استعيفائون ڏيئي ڇڏيون.
- راڻي پور ۽ خيرپور مان پهتل خبرن مطابق هڪ زبردست جلوس علي تقي شاهه، منظور وساڻ ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ نڪتو جنهن کان پوءِ هنن گرفتاريون ڏنيون. هن موقعي تي سرڪاري آفيسن تي حملا ٿيا ۽ باهيون ڏنيون ويون. راڻي پور ۾ مظاهرين تي گوليون هلايون ويون، جن ۾ ڏهه ڄڻا زخمي ٿيا. انهن مان ڇهن جي حالت نازڪ هئي، بعد ۾ زخمين مان محمد مراد نالي هڪ همراهه گذاري ويو.

"ڇرڪڻ جي ضرورت ناهي": جنرل ضياءُ الحق

چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل ضياءُالحق ڪراچيءَ ۾ صحافين سان ڳالهايو "اسان ملڪ جي صورتحال خراب ڪرڻ جي اجازت هرگز نٿا ڏيئي سگهون ... ايم. آر. ڊي تحريڪ جي پويان پرڏيهي هٿ جي امڪان کي رد ڪري نٿو سگهجي ... اندروني سنڌ جا واقعا افسوس ناڪ آهن پر انهن کان ڇرڪڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي ... ملڪ ۾ ڪوبه سياسي خال موجود ڪونه آهي!"

جنرل صاحب ايم. آر. ڊي بابت پنهنجي راءِ ته ڏني پر هن تحريڪ ۾ ڪهڙي پرڏيهي قوت جو هٿ ٿي سگهيو ٿي؟ ان جي وضاحت ڪونه ڪيائين. پر ٽن ڏينهن اندر جنرل صاحب جا ايم. آر. ڊي بابت به ٽي بيان تجويز ڪري رهيا هئا ته هاڻي هن ان تحريڪ جو نوٽيس وٺڻ شروع ڪري ڇڏيو هو ۽ ممڪن هو ته هو اهو سياسي خال پرڻ جي ڪوشش وٺي، جيڪو سنڌس ڇوڙ موجب موجود ئي ڪونه هو!

هوڏانهن هڪ غير اهم وفاقي وزير بيان ڏنو تہ "ايم. آر. ڊي جي ڦوڪڻي مان جلد هوا نڪري ويندي... سنڌ ۾ سنڌو ديش ۽ جيئي سنڌ جي تحريڪ هلائي پئي وڃي ۽ ڪنفيڊريشن جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن، جن مان ثابت آهي تہ ايم. آر. ڊي ملڪ دشمن تحريڪ آهي!"

سرڪاري ڌر جا بيانَ ڪٽي ڪمزا بہ هجن پر اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي هئي تہ ايم. آر. ڊيءَ ۾ جيئي سنڌ ۽ سنڌو ديش وارا هئا ئي ڪونہ! البت ممتاز ڀٽي جي ڪنفيڊريشن واريءَ تجويز سرڪاري ڌر کي ڳالهائڻ جو بهانو ڏيئي ڇڏيو هو. ان تجويز تي خود ايم. آر. ڊيءَ جا ڪافي حلقا ناراض هئا تہ هي ان قسم جي تجويز ڏيڻ جو موقعو ڪونہ هو جو جنرل صاحب ۽ سندس رفيقن يا ايم. آر. ڊي جي ٻين مخالفن کي ڪجھہ ڳالهائڻ جو موقعو ملي وڃي!

هوڏانهن، ممتاز ڀٽي ڪنفيڊريشن واري تجويز پنهنجي حساب ۾ بلڪل ٺيڪ موقعي تي ڏني هئي جو تحريڪ ۾ ٻين صوبن خاص ڪري پنجاب جي ڪارڪردگي تمام مايوس ڪندڙ هئي ۽ اها مايوس سياسي ڪارڪنن کي ڪنهن متبادل ڏانهن نهارڻ تي مجبور ڪري رهي هئي. حقيقت بہ اها هئي جو ان تجويز ڪافي سياسي قيدين جي ذهنن ۾ ابتدائي منظوري وٺڻ شروع ڪري ڏني هئي.

سنڌ ۾ تحريڪ جو ڏهون ڏينهن

- يوسف لغاريءَ سنڌ ۾ هلندڙ هلچل دوران انساني حقن جي ٿيندڙ لتاڙ کي ڏسندي احتجاج طور بار ڪائونسل جي ميمبر شپ تان استعيفا ڏيئي ڇڏي. يقيناً، وڪيل برادري مارشل لا ڪورٽن ۾ سياسي ڪارڪنن جو دفاع ڪرڻ کان قاصر هئي ڇاڪاڻ تہ انساني حقن جي حفاظت ڪندڙ آئين جا اهم حصا معطل هئا.
- مير پور خاص ۾ هڪ احتجاجي جلوس ڪڍيو ويو، جنهن جي پڇاڙيءَ تي الله بخش کوسي ۽ يوسف ڪولاچيءَ گرفتاريون ڏنيون.
- حيدرآباد ضلعي جا اسڪول اڻڄاتل مدي تائين بند ڪيا ويا. يونيورسٽيءَ جون بسون بہ بند ڪيون ويون تہ جيئن شاگردن جون

سرگرمين متاثر ٿين. ان ڏينهن تي حيدرآباد ضلعي جي ڏهن ڪائونسلرن استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي. حيدرآباد سان گڏ ٽنڊي الهيار جي تعلقہ سطح جي چيئرمنن بہ استعيفائون ڏنيون.

حيدرآباد ۾ ٿي شاگردن جي هڪ جلوس پوليس تي پٿراءُ ڪيو. هنن شاگردن تحريڪ دوران شهيد ٿيل ڪارڪنن جي غائباڻي جنازي نماز پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جيڪا پوليس وارن ناڪام ڪري ڇڏي.

حيدرآباد مان ڇهن ڄڻن گرفتاريون ڏنيون جن ۾ ابوبڪر زرداري، علي اڪبر چانڊيو، منير چانگ، جان محمد نوحاڻي، قاسم عرف طالب ابڙو شامل هئا. هن موقعي تي پوليس لٺبازي بہ ڪئي ۽ هڪ ڪافي هائوس ۾ ويٺل ٽن ڄڻن: جان محمد، ياسين ۽ شوڪت کي گرفتار ڪري ورتو.

ان صورتحال سبب ڇڪتاڻ پيدا ٿي، جنهن جي موٽ ۾ شاگردن بئنڪن تي پٿراءُ ڪيو ۽ پوليس ڳوڙها گئس استعمال ڪري کين ڇڙو ڇڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن موقعي تي ٽي ڄڻا ارشاد خاصخيلي، سڪندر ميراڻي ۽ هڪ ٻيو شخص گرفتار ٿيا. ان ڏينهن تي پوليس وارن اهڙو جوڳو بندوبست بہ ڪري رکيو هو تہ ڪوبہ شخص سيشنس ڪورٽ ۾ داخل ٿي گرفتاري ڏيڻ جي ڪوشش نہ ڪري.

- هالا ۽ ٽنڊي ڄام مان بہ جلوس نڪرڻ جون خبرون آيون. هالا ۾ هزارين ماڻهن جلوس ۾ شرڪت ڪئي ۽ نعرا هنيا. هن موقعي تي مير محمد ڇڄڙي، ڏاٽي بخش، جيئندو ارباب، خميسي ارباب ۽ غلام رسول ارباب گرفتاريون ڏنيون.
- دادوءَ ۾ فوجي عدالت ٢٦ ڄڻن تي ڪيس هلايا ۽ کين ٽيپ ۽ ڦٽڪن جون سزائون ڏنيون. ٢٣ ڄڻن کي هڪ هڪ سال ۽ ڏهہ ڏهہ ڦٽڪا ٻڌايا ويا. انهن ۾ امام علي ملاح، عبدالوحيد جوڻيجو خدا بخش جوڻيجو امام بخش، الله جڙيو نائچ، عرس ٻبر، غلام حيدر، غلام سرور مير بحر، علي انور نائچ، شاهنواز نائچ، روشن نائچ، صالح جوڻيجو جميل سيال، شمس الدين ساند، اعجاز رسول، حاجي علي ساند، غلام محمد جوڻيجو عرس عالماڻي، احمد چنو عرس نائچ، صالح ڪنبر، باقر نائچ ۽ جان محمد نائچ شامل هئا. ڪريم بخش جوڻيجي، قائم موچي ۽ حاجي

خميسي نائچ کي هڪ هڪ سال ٽيپ ڏني وئي. هنن سڀني تي ٢٠ آگسٽ واري ڏينهن تي فساد ڪرڻ جو الزام هو.

- بدين ۾ فوجي عدالت ١٩ آگسٽ واري ڏينهن تي گڙٻڙ ڪرڻ جي الزام ۾ مشتاق ٽالپر کي هڪ سال قيد ۽ ڏهه عدد ڦٽڪا هڻڻ جي سزا ٻڌائي جڏهن ته عبدالشڪور کي هڪ سال جي سزا ڏني.
- سکر ۾ مچريل ماڻهن گاڏين تي پٿراءُ ڪيو ۽ بئنڪن کي باهه ڏني، مشتاق سرهئي. ابراهيم ابڙي، سراج مگرئي ۽ شاهد فقير گرفتاريون ڏنيون. غلام محمد پٽي، غلام رسول، حافظ محمد قاسم به گرفتاريون ڏنيون ۽ ڪجهه ڪائونسلرن پڻ استعيفائون ڏنيون.
- خيرپور واري جلوس ۾ فائرنگ سبب زخمي ٿيل پنجن ڄڻن مان ٽي دلدار وساڻ، غلام سرور شاهاڻي ۽ مهتاب گذاري ويا. ٻن جي حالت اڃا نازڪ هئي. شهر ۾ فسادن دوران اگ زخمي ٿيل به ڄڻا اڳ ئي گذاري چڪا هئا. راڻيپور ۾ وري جلوس ڪڍيو ويو.
- چانڊڪا ۾ ٢٥ ماڻهن تحريڪ دوران شهيد ٿيل ڪارڪنن جي غائباڻي جنازي نماز پڙهي، لاڙڪاڻي ۾ ٺي هڪ فوجي عدالت ٨ ڄڻن کي هڪ هڪ سال قيد ۽ ٽيهه هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي.
- شهداد پور ۾ نڪتل جلوس مان خير محمد، ميوو خان، باغ علي جاگيراڻي ۽ گل شير ٿهيم گرفتاريون ڏنيون. گرفتارين کان اڳ اڳواڻن تقريرون به ڪيون. هڪ ٻئي جلوس ۾ ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا ڪارڪن هئا، جنهن تي پوليس لٺ بازي ڪئي، ان جلوس مان غلام نبي ملاح ۽ عبدالستار ٿهيم گرفتاري ڏني.
- بدين ۾ نڪتل جلوس مان اياز ابڙي، علي مراد چانڊيئي، قاضي مختيار رزاق شاهه بچايي شاهه گرفتاريون ڏنيون جڏهن ته بدين شهر مان ستار ميمڻ کي گرفتار ڪيو ويو.
- ماتليءَ ۾ نڪتل جلوس پوسٽ آفيس کي باهه ڏيئي ڇڏي، جنهن ڪانپوءِ پوليس وارن ڳوڙها گئس اڇلائي جلوس کي منتشر ڪيو ۽ ڪجهه گرفتاريون ڪيون.
- موري شهر مان پڻ جلوس نڪتو جنهن مان ٤٥ ڄڻا گرفتار ٿيا.

ڪوٽڏجي مان ٨٥ ۽ خيرپور مان ١٢٠ ڪارڪنن جي گرفتارين جي خبر آئي، پر انهن جا تفصيل معلوم ٿي نہ سگهيا.

- گنبٽ ۾ عام هڙتال ڪئي وئي ۽ شهيد ٿيل ڪارڪنن جي غائباڻي جنازي نماز پڙهي وئي.
- پان سيد آباد ۾ بہ هڙتال ٿي، راڏڻ ۾ جلوس تي گوڙها گئس ۽ لٺبازيءَ جون خبرون آيون ۽ ڪنڊياري ۾ بہ هڙتال ٿي.

٢۴ آگسٽ ١٩٨٣ع

منحرف ڪائونسلرن کي جنرل ضياء جي ڌمڪي

- جنرل ضياءُ الحق اعلان ڪيو تہ "مڪاني چونڊون پنهنجي پروگرام تي ٿينديون ۽ حڪومت مٺ جيترن تخريبڪارن کي منهن ڏيڻ جي اهل آهي." جنرل صاحب انهن منحرف ڪائونسلرن جو بہ ذڪر ڪيو جن هلچل دوران استعيفائون ڏيڻ شروع ڪيون هيون. هن چيو "جن ماڻهن استعيفائون ڏنيون آهن اهي ايندڙ چونڊن ۾ بيهي نہ سگهندا. انهن کي نااهل قرار ڏنو ويندو ... انهن ماڻهن جي نالن جي لسٽ تيار ڪئي پئي وڃي."

هلچل جو يارهون ڏينهن

- لاڙڪاڻي ۾ وڪيلن هڪ جلوس ڪڍيو جنهن کي خالد اقبال ميمڻ ۽ ضياء جلباڻي، خطاب ڪيو. هنن قاضي ڪورٽ آرڊيننس تي تنقيد ۽ جمهوريت جي بحاليءَ سان گڏ عام چونڊن جا مطالبا ڪيا.

لاڙڪاڻي ۾ ئي هڪ فوجي عدالت سڪندر ۽ بشير پنيءَ کي هڪ هڪ سال تيهہ تيهہ هزار رپيا ۽ ڏهہ ڏهہ ڦٽڪن جي سزا ٻڌائي. ساڳئي ڏينهن تي لاڙڪاڻي مان پاڪستان پيپلز پارٽي، عوامي تحريڪ ۽ جمعيت علماء اسلام جي ڇهن ڪارڪنن نظير ٻگهئي، قاضي محمد اڪرم، يوسف شاهہ لعل محمد، غلام مرتضيٰ (جيئي سنڌ) ۽ ٻين گرفتاريون ڏنيون.

- شڪارپور ۾ فوجي عدالت ظفر شاهہ ۽ نذير کي هڪ هڪ سال، پنجويهہ پنجويهہ هزار رپين ۽ ڏهہ ڏهہ ڦٽڪن جي سزا ٻڌائي.

- سکر سان تعلق رکندڙ ڪجھ ڪائونسلرن مڪاني ادارن تان استعيفائون ڏيئي ڇڏيون.
- سکر کان ١٢ ڪلو ميٽر پري سانگي ريلوي اسٽيشن وٽ تيل جي ٻن گدامن کي هڪ هجوم باھ ڏيئي ڇڏي، جنهن سبب ريلوي جي آمدورفت معطل ٿي وئي. بعد ۾ باھ وسائڻ لاءِ سکر کان گاڏيون روانيون ٿيون. جن وچي اها باھ اجهائي.
- ٺٽي شهر ۾ ڪا بہ گرفتاري ڪونہ ٿي، البت ٺٽو سيمينٽ فيڪٽريءَ ۾ ڪارخاني جي ملازمن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌيون، ڪارا جهنڊا کنيا ۽ هڪ جلوس ڪڍيو. ان جلوس کي روڪڻ لاءِ انتظاميہ مداخلت ڪئي ۽ سنڌي عوامي تحريڪ ڀاران عبدالله ملاح ۽ يوسف ملاح گرفتاريون ڏنيون.
- دادوءَ مان پنجن ڄڻن (نالا معلوم ٿي نہ سگهيا) گرفتاريون ڏنيون.
- حيدرآباد سان تعلق رکندڙ ڪجھ ڪائونسلرن استعيفائون ڏيئي ڇڏيون. ساڳئي ڏينهن تي حيدرآباد مان مختلف هنڌن تان ١٣ ڄڻن گرفتاريون ڏنيون جن ۾ نور نبي پليجو علي احمد لغاري، سيد سليمان شاھ رسول بخش ڪلهوڙو لڪانو حسين، يار محمد ڪلهوڙو امير بخش نوحاڻي، قادر بخش خاصخيلي، ميهار ماڇي ۽ عرس شامل هئا.
- ميهڙ ۾ جلوس ڪڍيو ويو ۽ شهر جو ڪاروبار بند رهيو. عباس ناريجي ۽ اعجاز سومري گرفتاريون ڏنيون.
- خيرپور ناٿن شاھ ۾ بہ جلوس ڪڍيو ويو جنهن مان ٽن ڄڻن محمد صفر، محمد عباس ۽ غلام شبير گرفتار ٿيا.
- سيوهڻ مان عبدالله شاھ جي پاءُ سيد ابراهيم شاھ ۽ ٺلٽي جي علي شير راهو پوٽي گرفتاريون ڏنيون.
- پٽ شاھ ۾ هزارين ماڻهن جلوس ڪڍيو جن جي هٿن ۾ جهنڊا ۽ بئنر هئا. بعد ۾ پنجن ڄڻن گل محمد ملاڻو منظور ڇچڙو سليم ڪاڪا، ولي محمد ڪاڪا ۽ يوسف ڪاڪا هالا ۾ گرفتاريون ڏنيون.
- شهداد پور ۾ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو جنهن مان ڇئن ڄڻن (نالا معلوم ٿي نہ سگهيا) گرفتاريون ڏنيون.

- ترڙيءَ مان ڪائونسلرن جي استعيفائن جي خبر آئي.
- سانگهڙ مان هڪ جلوس ڪڍيو ويو جنهن مان غلام قادر انڙ، غلام نبي ڏاهري، محمد قاسم درس ۽ محمد يوسف گرفتاريون ڏنيون.
- گهگهر ۾ سرڪاري اهلڪارن هڪ درزيءَ جي دڪان تي ڇاپو هڻي ۹ ڄڻا گرفتار ڪري ورتا جن مان ٦ ڄڻا عوامي تحريڪ جا ڪارڪن، ٻه ڄڻا هڪ اسڪول جا ماستر ۽ هڪ هيڊ ماستر هو.
- محراب پور ۾ ٻه هڪ جلوس ڪڍيو ويو جنهن مان محبت ٻانڀڻ غلام فريد ٻانڀڻ، نظر محمد ڪوسي، رمضان ڪلهوڙي، عبدالستار رند ۽ ڪريم ڪوسي ڪنڊياري ٽاڻي تي گرفتاريون ڏني.
- بدين مان قمرالدين چانگ، احمد ڪوڙ ۽ سلام اوڍي گرفتاريون ڏنيون پر اهلڪارن سندن گرفتاريون قبول نه ڪيون. بدين جي اقبال ساريجي، زاهد ميمڻ ۽ عزيز جوڻيجي کي گرفتار ڪيو ويو. وڪيلن عدالتن جو بائيڪاٽ ڪيو.
- شهداد ڪوٽ ۾ جوش جي ڏِکَ وڌيڪ رهي. شهر مان نڪتل هڪ جوشيلي جلوس کي ڳوڙها گئس ۽ هوائي فائرنگ ڪري منتشر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر مظاهرو ڪندڙن پاور هائوس، ميونسپل آفيس ۽ ريلوي گدام کي باهه ڏيئي ڇڏي ۽ بئنڪن تي پٿراءُ ڪيو. هن موقعي تي مير عرض محمد خان بروهي، مير روشن علي بروهي، غلام مصطفيٰ مگسي، ڄام نور نبي جوڻيجي ۽ خادم لانگاهه گرفتاريون ڏنيون.
- ... ۽ هوڏانهن بي بي سي رات جو خبرن ۾ چيو ته ايم. آر. ڊي سنڌو ديش جي تحريڪ جو تاثر ڏيئي رهي آهي!

٢٥ آگسٽ ١٩٨٣ع

سياسي شطرنج تي مهرن جي چرپر

- بچاءَ واري وفاقي وزير مير علي احمد ٽالپر چيو هڪ بندش پيل پارٽيءَ جا اڳواڻ پاڙيسري ملڪ ۾ ويهي حالتون خراب ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪن! اها بندش پيل پارٽي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ هن جو اشارو غالبا پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ڏانهن هو جيڪا تحريڪ دوران وڌ ۾ وڌ

سرگرم هئي. البت اهو پاڙيسري ملڪ ڪمزور هو جنهن کي ايم. آر. ڊي تحريڪ ۾ ملوث ڪيو ويو؟ مير صاحب ان جي ڪا به وضاحت ڪونه ڪئي. سياسي حلقن مير صاحب جي ان بيان کي ڪا خاص اهميت ڪونه ڏني ۽ هڪ رسمي بيان سمجهيو.

- جهوني سياستدان ممتاز دولتانه پريس ڪلب ۾ چيو "سنڌي ماڻهو اڄ به اسان کان وڌيڪ محبت وطن آهن پر اهي مطمئن ڪونه آهن ڇو ته کين ورهين کان وٺي محروم رکيو ويو آهي ... اهو ان ته اتي نازڪ مسئلو آهي جيڪو تڏهن حل ٿيندو جڏهن حڪومت ساڻن ڳالهائيندي. دولتانه صاحب اڻسڌيءَ طرح حالتن جي ذميواري مارشل لا سرڪار تي وجهي رهيو هو ۽ اها ڪوشش ڪندو نظر ٿي آيو ته ڪنهن ريت مارشل لا سرڪار ڳالهين تي اچي ۽ ان کان اڳ جو سنڌ ۾ هلندڙ هلچل ڪو بيو رخ اختيار ڪري وڃي، ان کي جهلي وڃي.
- پير صاحب پاڳارو بهاولپور، لاهور ۽ اسلام آباد جي دوري تي روانو ٿي ويو.
- خبر پهتي ته پاڪستان نيشنل پارٽي ۽ نيشنل عوامي پارٽي (پختون خواه) پاڻ ۾ اتحاد ڪيو آهي جنهن کي هاڻي پاڪستان نيشنل ڊيموڪريٽڪ فرنٽ سڏيو ويندو. ان نئين اتحاد جا اڳواڻ مير غوث بخش بزنجو ۽ محمود اڇڪزئي هوندا.

حياتين جي نقصان جو اندازو

ايم. آر. ڊي تحريڪ دوران حياتين جي نقصان جا انگ اکر واضح ڪونه هئا. انڪري مختلف ذريعا مختلف انگ پيش ڪري رهيا هئا. بي بي سي، موجب نقصان جو اندازو ۳۰ هو. وائس آف آمريڪا جو اندازو ۱۸ هو. غير سرڪاري خبرن مطابق هن معل تائين ۸۶ ماڻهو شهيد ٿي چڪا هئا. هوڏانهن ريڊيو ماسڪو ۽ آل انڊيا ريڊيو ۲۹ جو انگ ڏنو.

سنڌ ۾ سياسي هلچل جا تفصيل

- ٽنڊي الهيار جي زميندار ستار لغاري کي گرفتاري ڏيڻ کان اڳ گرفتار ڪيو ويو. هن مڪاني ادارن تان تازو استعيفيٰ ڏني هئي.

- مورو ميونسپل جي ستن ميمبرن پنهنجن عهدن تان استعيفي ڏيئي ڇڏي.
- ميرو خان ۾ احتجاجي مظاهرو ڏاڍي شدت اختيار ڪري ويو، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ سپاهيءَ سميت چار شهري فوت ٿي ويا. پوليس وارن جلوس تي ڳوڙها گئس استعمال ڪئي هئي جنهن سبب وڌو اشتعال پيدا ٿيو ۽ هجوم ٿاڻي جو رخ ڪيو. هڪ اطلاع مطابق پوليس ۽ هجوم هڪٻئي تي فائرنگ ڪئي ۽ گولين جي ڏي وٺ سبب سپاهي الله بخش بروهي ۽ ٽي شهري مري پيا.
- لاڙڪاڻي ۾ هزارين ماڻهن جو هڪ جلوس پاڪستان پيپلز پارٽي، جمعيت علماء اسلام ۽ عوامي تحريڪ جي گڏيل انتظامن هيٺ نڪتو ۽ ٽنهي تنظيمن پاران ڪل ڇهن ڪارڪنن گرفتاريون ڏنيون. جن ۾ حسين بخش ناريجو ڪامريڊ حمزو هاري بليدي، حافظ عبدالرحمان پنهور، ذوالفقار راهوجو مرتضيٰ شيخ، اصغر پٺو شامل هئا. هنن جو تعلق عوامي تحريڪ سان هو. ضلعي جا اڳواڻ ۽ پارٽي جا مکيه ورڪر هئا. (بعد ۾: پوليس حافظ عبدالرحمان پنهور ۽ حسين بخش ناريجي کي خاص سخت تشدد جو نشانو بڻايو. حافظ عبدالرحمان پنهور کي ١٥ ڏينهن ابتو ٽنگيو ويو هن جي هٿن ۽ پيرن جا ننهن ڪڍيا ويا. ٽنڊي پاڙيءَ ۾ ڪيس هوڙيو ويو. حسين بخش ناريجي کي ڪوڙا هنيا ويا. انهن ٻنهي اڳواڻن کان سخت پڇا ڪئي وئي، ته اوهان جو ڪهڙيءَ پارٽيءَ سان تعلق آهي، اوهان سان ٻيا ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو شامل آهن. اوهان جي پارٽيءَ جا ڪهڙا ڪهڙا يونٽ سرگرم آهن. ايم. آر. ڊي هلچل دوران عوامي تحريڪ جي اڳواڻي فاضل راهو ڪري رهيو هو).
- ٺٽي ۾ سنڌي عوامي تحريڪ جي ٽن ڪارڪنن نعرا هڻندي گرفتاري ڏني.
- نوابشاهه ۾ ٻه هزار ماڻهن جي جلوس جي اڳواڻي ڪندي امداد علي ڏامراهه، قاضي محمد بخش ڏامراهه، پير شهاب الدين ۽ پير واحد بخش گرفتاريون ڏنيون. جلوس تي لاٺي چارج ڪانپوءِ پنج ٻيا ڪارڪن به گرفتار ڪيا ويا.
- شهدادپور مان هڪ پر امن جلوس نڪتو جنهن مان محمد آچر، لعل بخش باگراڻي ۽ عزيز ڏاهري گرفتاريون ڏنيون.

- شڪارپور مان ڪريم داد ۽ محمد يوسف گرفتاري ڏني، هنن ڪارڪنن سميت شڪارپور مان هيل تائين ١٧ ڄڻن گرفتاريون ڏنيون هيون.
- بدين ۾ هڪ پرامن جلوس نڪتو جيڪو شهر جي مکيه رستن کان ٿيندو پنهنجو پاڻ منتشر ٿي ويو.
- حيدرآباد مان عوامي تحريڪ جي ٽن ڪارڪنن عبدالرحيم ڪوسي، عبدالخالق ۽ مختيار موريي فقير جي پڙ وٽان گرفتاري ڏني. هو صبح جو ١١ وڳي ڏاري جيئن ئي ظاهر ٿيا سادن ڪپڙن ۾ بيٺل پوليس ڪين ڪنيي ورتو. شهر ۾ عورتن جي جلوس جا افواهه گرم رهيا پر ڪوبه جلوس نه نڪتو.
- حيدرآباد ۾ قلم ١٤٤ لاڳو ڪيو ويو.
- هالا ۾ هڪ جلوس دوران غلام قادر سولنگي، فقير وريام ٻرڙو ۽ محمد آدم ٻرڙو گرفتاريون ڏنيون. ان موقعي تي مخدوم خليق جو موڪليل بيان پڙهي ٻڌايو ويو.
- ميهڙ مان نڪتل جلوس آڏو غلام اصغر ڪلو يار محمد ڪائونسلر ۽ غلام حسين ڪوسي تقريرون ڪيون ۽ گرفتاريون ڏنيون. اڄ ميهڙ شهر ڇهون ڏينهن به بند رهيو. ميهڙ پوليس اڳوڻي ميمبر محمد صالح ڀٽ کي گرفتار ڪري حيدرآباد موڪلي ڇڏيو.
- سکر بئراج روڊ تي غلام حسين لاشاري، الله داد پناڻ ۽ نور حسين پٽي گرفتاريون ڏنيون. هن موقعي تي نڪتل جلوس نعرا هنيا ۽ پٿراءُ ڪيو جنهن جي موٽ ۾ ان کي پوليس سان ڇڪريون ڪاٽيون پيون.
- سيوهڻ مان خبر آئي ته يونين ڪائونسل ڇنه جي چيئرمين سرڪاري عهدن تان استعيفا ڏيئي، درگاهه قلندر شهباز وٽ پين ڇئن ڪارڪنن سان گڏ گرفتاري ڏني، انهن جا نالا غلام رسول پنهور، غلام قادر ابڙو، محمد صديق مڪراني ۽ مراد پنهور هئا. هنن گرفتارين دوران هڪ جلوس به ڪڍيو ويو جنهن نعري بازي ڪئي. شهر ۾ پوليس ۽ فوج جو گشت جاري رهيو.

سيد عبدالله شاهه جي پاءُ سيد ابراهيم شاهه ۽ ٽلٽيءَ جي علي شير کي سرڪار آزاد ڪري ڇڏيو.

٢٦ آگسٽ ١٩٨٣ع

ڀارتي پرڏيهي وزير نرسمها رائو جو بيان

پاڪستان جي وزير دفاع هڪ ڏينهن اڳ هڪ پاڙيسري ملڪ تي سنڌ ۾ مداخلت جو الزام هنيو هو. شايد ان ئي بيان جي موٽ ۾ يا پاڪستان ۽ هندستان جي روايتي دشمنيءَ سبب هندستاني پرڏيهي وزير نرسمها رائو هندستاني پارليامينٽ ۾ چيو: پاڪستان جي وفاق، سنڌ ۾ وڏيڪ فوج اماڻي آهي! ... پاڪستان ۾ پيش ايندڙ واقعن کي هندستان ڏاڍي ڳڻتي ۽ بي چينيءَ سان ڏسي رهيو آهي.

نرسمهاراؤ جي ان بيان تي حڪومت پاڪستان چڙي پئي ۽ بچاءَ واري وزارت جي ترجمان ان بيان کي شر انگيز قرار ڏنو. پاڪستاني سياستدان ممتاز دولتاني به چيو "اها پاڪستان جي اندروني معاملن ۾ مداخلت آهي!"

مڪاني چونڊون ۽ سنڌ

- هوڏانهن مارشل لا جي پاڇي ۾ ڪم ڪندڙ وفاقي وزير ايم. آر. ڊي جو توڙ مڪاني چونڊن ۾ ڳوليندا رهيا. وفاقي وزير فخر امام ملتان ۾ اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيو سنڌ ۾ مڪاني چونڊن لاءِ وڏو جوش خروش آهي ۽ ڪوبه بائيڪاٽ ڪونه ٿي رهيو آهي ... سنڌ ۾ ٣٣ هزار اميدوارن فارم ڀريا آهن جڏهن ته اڳين چونڊن ۾ ٢٨ هزار فارم داخل ٿيا هئا!

ان بنياد تي سيد فخر امام چيو ضياءُ الحق طرفان سياسي سرشتي ۽ چونڊن ڪرائڻ واري اعلان کانپوءِ ايم. آر. ڊي هلچل هلائڻ جو ڪوبه جواز ڪونه بچيو آهي! صوبائي وزير هي بيان ڏيڻ لاءِ شايد انڪري مجبور ٿيو هو جو هلندڙ تحريڪ دوران سنڌ ۾ مڪاني ادارن جا ميمبر احتجاج طور استعيفائون ڏيئي رهيا هئا.

- هوڏانهن وفاقي وزير جي دعوي هرويرو غلط به ڪونه هئي. نوٽ ڪيو ويو ته فقط ٿرپارڪر ضلعي ۾ ١٠٦٠ سيٽن لاءِ ٤٦١٠ اميدوارن فارم ڀريا هئا. اها بي ڳالهه آهي ته ڪي سيٽون اهڙيون به هيون، جتي ڪنهن به فرد فارم نه ڀرايو هو.

بلوچستان ۾ سرڪاري ۽ غير سرڪاري سرگرميون

- ڪوئيٽا ۾ پاڪستان نيشنل پارٽيءَ ايم. آر. ڊي تحريڪ جي خلاف پوليس جي سخت رويي ۽ اپائن جي مذمت ڪئي ۽ مطالبو ڪيو تہ هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جي بنياد تي جمهوريت بحال ڪئي وڃي.
- بلوچستان بزگر پارٽيءَ ايم. آر. ڊيءَ سان يڪجهتيءَ جو اعلان ڪيو.
- ڪوئيٽا سميت بلوچستان جي ٻين ضلعي هيڊ ڪوارٽرن ۾ خطيبن نماز جمعہ جي خطبن ۾ پاڪستان جي نظريي کي بچائڻ جو سڏ ڏنو ۽ چيو "ايم. آر. ڊي تشدد واري سياست آهي، اسان ان جي مذمت ڪيون ٿا ... هلچل جو ڪوبہ جواز ڪونہ آهي."
- بلوچستان شيعہ ڪانفرنس عوام تي زور ڏنو "ايم. آر. ڊي واري سڏ تي ڌيان نہ ڏيو!" هوڏانهن، سڄي بلوچستان ۾ مڪاني ادارن جي چونڊ واري مهم ٻئي ڏينهن کان شروع ٿي رهي هئي.
- پاڪستان نيشنل پارٽي، نعپ (پختون خواهہ) ۽ ايم. آر. ڊي ۲۹ آگسٽ تي عام هڙتال جو سڏ ڏنو. هن کان اڳ اها هڙتال پروگرام مطابق ۲۳ تاريخ تي ٿيڻي هئي.

سنڌ جا ٻيا شهر

- سکر ۾ هنگاما ٿيا. پوليس سان چڪريون لڳيون. مظاهرو ڪندڙ پوليس تي پٿراءُ ڪندا رهيا ۽ گرفتاريون عمل ۾ آيون. شهر جي مکيہ چوڪ گهنٽا گهر وٽان منجهند جو ساڍي ٽين لڳي ڊاري صديق کرل (وڪيل) ۽ انور حسين گرفتاريون ڏنيون. بعد ۾ ماڻهن پوليس تي سروٽا اڇلايا جنهن جي موٽ ۾ پوليس لاٺي چارج ڪئي ۽ ڳوڙها گئس اڇلائي. مظاهرو ڪندڙن ٻنهي ڪن تي بہ پٿراءُ ڪيو.
- راڻيپور ۾ ۲۲ آگسٽ واري فائرنگ ۾ فوت ٿيل ماڻهن جي وارثن راڻيپور پوليس جي خلاف سيشنس ڪورٽ ۾ سڌو فرياد داخل ڪيو.
- ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ خيرپور جي حڪم تي اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر پير عبدالقادر شاهہ جيلاني کي هڪ مهيني لاءِ نظر بند ڪيو

ويو. گرفتاري کان اڳ پير صاحب هڪ پريس ڪانفرنس ۾ عام چونڊن جو مطالبو ڪيو هو.

- ڪراچيءَ ۾ گرومندو وٽ قومي محاذ آزاديءَ جي امير حسين شاهه ۽ عوامي تحريڪ جي محمد شريف گرفتاريون ڏنيون ۽ نعرا هنيا.
- سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ايم. آر. ڊي هلچل دوران ٿيل جاني نقصان تي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ تعزيتي ٺهراءُ پاس ڪيو ۽ فاتحه خواني ڪئي.
- سڄاول ۾ جمعي نماز کانپوءِ محمد صديق سرويچ ۽ ارشاد شاڪر جتوئي گرفتاري ڏني هن موقعي تي جمع ٿيل ميڙ نعرا هنيا ۽ جلوس ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي پر کين ڪاميابي نه ٿي.
- بدين جي جامع مسجد وٽان عوامي تحريڪ جي ٽن ڪارڪنن بچل سولنگي، علي محمد راهو ۽ محمد حسن ڦل گرفتاريون ڏنيون.
- راڌڻ ۽ ميهڙ مان جلوس جون خبرون آيون. مدد علي شاهه ۽ شاهه مراد گرفتاريون ڏنيون. جلوس ۾ شريڪ ڪارڪن بعد ۾ جيل تائين ساڻن گڏجي ويا ۽ پوءِ نعرا هڻندا منتشر ٿي ويا.
- بدين ضلعي جي شهرن کور واهه ڪڙيو گهنور، گولاڙچي، ماتلي، ٽنڊي باگي، ٽنڊو پنگريو ڏيئي ۽ ڪيڙ مان جلوسن يا جلسن جون خبرون آيون.
- پٽ شاهه ۾ مظاهرو ٿيو جنهن دوران قادر بخش، عيسيٰ شاهه، غني ڏاهري ۽ قادر گرفتاريون ڏنيون. اڄ هتي غير ملڪي صحافين جي هڪ ٽيم به پهتل هئي. هن موقعي تي مخدوم زاده عاطف زمان تقرير ڪئي ۽ ماڻهن کي پرامن رهڻ جي اپيل ڪئي. قومي شاهراهه تي ڪلاڪ بند رهي.
- خيرپور ۾ امير بخش شيخ ۽ صفر سولنگي، گرفتاريون ڏنيون. سنڌن هٿن ۾ بئنر هئا ۽ نعرا هنيائون.
- حيدرآباد ۾ ٽن ڄڻن گرفتاري ڏني. گرفتارين دوران جمع ٿيل ماڻهن کي چڙوچڙ ڪرڻ لاءِ لاٺي چارج ۽ ڳوڙها گئس استعمال ڪئي وئي. انهن مان هڪ گرفتاري نوجوان علي حيدر مسان روڊ ٽنڊو ولي محمد وٽان ڏني. ٻن ڄڻن شير محمد ٽالپر ۽ يوسف ملاح سلاوٽ مسجد جي ٻاهران جمعي نماز کانپوءِ نعرا هڻي گرفتاريون ڏنيون. منجهند جو ۳ وڳي ڊاري مسان روڊ تي

تائرن کي باهہ ڏني وئي، ان محل ۾ چئن کي گرفتار ڪيو ويو.

- لاڙڪاڻي ۾ ٽن ڄڻن (نالا معلوم ٿي نہ سگهيا) عوامي تحريڪ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي پليٽ فارم تان گرفتاريون ڏنيون.

٢٧ آگسٽ ١٩٨٣ع

پارٽي بيانن تي وزارت خارجہ جو احتجاج

ايم. آر. ڊيءَ جي حوالي سان پاڪستان جي حڪمرانن تي پارٽي پرڏيهي وزير نرسمها راؤ جي تنقيد پاڪستان جي اميرن ۽ سفيرن کي موقعو ڏيئي ڇڏيو هو تہ ايم. آر. ڊي کي ملڪ دشمن تحريڪ قرار ڏين، پاڪستان سرڪار حڪومتي سطح تي هندستان جي آڏو احتجاج ڪيو ۽ چيو "نرسمها راؤ جو بيان، بين الاقوامي قانون، اقوام متحده جي چارٽر ۽ شملہ ٺاهہ جي ڀڃڪڙي آهي. نرسمها راؤ ۽ هن کان اڳ اندرا گانڌي جي بيانن سان پاڪستان جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ٿي رهي آهي." اهو احتجاج هندستاني سفير کي پاڪستان جي وزارت خارجہ ۾ سڏائي رڪارڊ ڪرايو ويو.

پنجاب ۽ بلوچستان

- بهاولپور ۾ جامع مسجد صادق چوڪ وٽان ٻن ڪارڪنن نعرا هڻندي گرفتاريون ڏنيون. جيتوڻيڪ هيءُ ڪو وڏو واقعو ڪونہ هو پر بي بي سي ان واقعي جي مختصر رپورٽنگ ڪئي. ساڳئي شهر ۾ هڪ ڏينهن اڳ ٽن ڄڻن کي آزاد ڪيو ويو هو جن گرفتاريون ڏنيون هيون.
- لاهور ۾ (بي بي سي مطابق) پنجن ڄڻن گرفتاري ڏني، هن موقعي تي زبردست برسات ٿي رهي هئي پر تڏهن بہ ٻہ هزار ماڻهو جمع ٿي ويا هئا جن نعرا هنيا ۽ بسن تي پٿراءُ ڪيو.
- ڪوئيٽا ۾ ايم. آر. ڊي جو وجود بس ان حد تائين نظر آيو جو اتي لياقت بازار ۽ جناح روڊ تي دڪان بند رهيا. سرڪاري پريس نوٽ ۾ چيو ويو تہ حالتون معمول موجب رهيون ۽ ڪوبہ واقعو پيش نہ آيو.

سنڌ جي صورتحال

سنڌ جي مختلف علائقن ۾ مڪاني ادارن جي عمدن تان استعيفائن ۽ گرفتارين جو سلسلو جاري رهيو ماڻهن غائبانہ جنازي نمازن ۽ جلوسن جو سلسلو بہ جاري رکيو.

- ڪراچيءَ ۾ شير شاهہ جي علائقي مان ٻن ڪارڪنن غير ملڪي صحافين جي موجودگيءَ ۾ گرفتاري ڏني ۽ نعرا هنيا. پوليس وارن احتجاجي ميڙ مان بہ هڪ ڪارڪن کي گرفتار ڪري ورتو.

سنڌ ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن بہ جلوس ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هڪ بس تي پٿراءُ ڪيو.

- دادوءَ مان عوامي تحريڪ جي ذوالفقار سرهيي ۽ غلام رسول ٿهيم نعرا هڻي گرفتاريون ڏنيون. شهر منجهند تائين بند رهيو.
- خيرپور ناٿن شاهہ ۾ سياسي ڪارڪنن هڪ مظاهرو ڪيو. گرفتار ٿيل ڪارڪنن تي فوجي عدالتن ۾ هلندڙ ڪيسن کي نظر ۾ رکي قانوني مدد لاءِ وڪيلن جون ڪاميٽيون ٺاهيون ويون. فاتح خواني بہ ڪئي وئي ۽ سياسي ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا.
- ميهڙ ۾ جلوس ڪڍيو ويو جنهن مان ذوالفقار علي (هاري) ۽ غلام مرتضيٰ عرف گڏو گرفتاري ڏني. هن جلوس جون ڪڪول واهہ وٽ پوليس سان چڪريون لڳيون. پوليس ڳوڙها گئس، لاٺي چارج ۽ هوائي فائرنگ بہ ڪئي. هن ٽڪراءَ ۾ هڪ سب انسپيڪٽر، بہ سپاهي ۽ چار شهري زخمي ٿي پيا.
- حيدرآباد مان ڪابہ گرفتاري پيش نہ ڪئي وئي.
- پٽ شاهہ ۾ جلوس ڪڍيو ويو جتان گرفتاري ڏيندڙ ستن ڪارڪنن مان بہ صحافي هئا. گرفتاريون پيش ڪندڙ علي اڪبر ساند، شيخ ذوالقرنين، حاڪم علي شاهہ، مشتاق علي راهو نجف علي ٻگهيو لعل محمد ۽ محمد حسين راهو هئا.
- هالا ۾ نڪتل جلوس مان ٽن ڄڻن علي حسن لاشاري، قاسم آريجو ۽ فقير ڪالو ڪوريءَ گرفتاريون ڏنيون.

- ٽنڊي ڄام جي زرعي يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري جلوس ڪڍيو ۽ شهيد ڪارڪنن لاءِ غائبانه جنازي نماز پڙهي.
- ماتليءَ ۾ نڪتل جلوس مان ٽن ڄڻن محمد ملاح، خان محمد ۽ هڪ نامعلوم شخص گرفتاري ڏني.
- ٺٽي ۾ نيشنل بئنڪ چوڪ وٽان محمد طالب ميربحر ۽ الهه ڏني خشڪ گرفتاريون ڏنيون.
- سجاول ۾ ٢٥٠ ماڻهن جلوس ڪڍيو. جنهن مان عبدالصمد بالادي، عبدالغفور شيخ ۽ محمد يوسف ميمڻ گرفتاريون ڏنيون. ميڙ بعد ۾ نعرا هڻندو منتشر ٿي ويو ۽ پوليس گشت ڪندي رهي.
- لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان چوڪ وٽ هزارن جي تعداد ۾ جمع ٿيل ماڻهن جلوس ڪڍيو. ڇئن ڄڻن گرفتاريون ڏنيون جن مان ٽي ڄڻا پاڪستان پيپلز پارٽي جا ۽ هڪ عوامي تحريڪ جو هو. بعد ۾ ڪارڪنن پوليس تي پٿراءُ ڪيو ۽ پوءِ جلوس منتشر ٿي ويو.
- شهدادپور ۾ ماڻهن جي هڪ ميڙ عيدگاهه ۾ غائبانه جنازي نماز ادا ڪئي، تقريرون ڪيون ۽ پوءِ جلوس جي شڪل ۾ لطيف باغ پهتا ۽ پٿراءُ ڪيائون. مشتعل هجوم، دڪانن، ڪاروباري مرڪزن ۽ بئنڪن تي پٿر بازي ڪئي ۽ اسٽيشن روڊ وٽ ضياء حمايت تحريڪ جي آفيس کي تباهه ڪري ڇڏيائون. هن ٽڪراءُ دوران پوليس لاٺي چارج ڪئي ۽ ٣٩ ماڻهن کي گرفتار ڪيائون. بعد ۾ ڪجهه ماڻهن (غالبا ضياءُ حمايت تحريڪ وارن) پاڪستان پيپلز پارٽي جي آفيس تي حملو ڪيو ۽ ٻه موٽر سائيڪلون ساڙي ڇڏيون. گرفتار ٿيل سياسي ڪارڪنن ۾ محمد عالم ٿهيم، غلام رسول ٿهيم منور علي ٿهيم، جبار کوکر، محمد خان، محمد الياس، لونگ، ننگر، علي محمد بروهي، متيرو شاهه ارباب، غلام رسول، گل محمد خميسو موهن، لال چند، محمد عالم، محمد يوسف، اڪن، الطاف رند ۽ ظهور عالم شامل هئا.
- محراب پور ۾ نڪتل جلوس مان پنجن ڄڻن هر هڪ نثار ملاح، غلام محمد چنه، منو شيدي، امام بخش ساڪاڻي ۽ محمد مريد لنڊ گرفتاريون ڏنيون.

- مورو شهر ۾ يونين ڪائونسل چيئرمين غلام رسول ڏيپر، احمد نواز ٻھڻ ۽ محمد رمضان عرف حاجن عباسيءَ موري ۾ ٽاٽي تي وڃي گرفتاري ڏني. مورو شهر بند رهيو.
- سکر ۾ انڊس هوٽل وٽ شام جو ڇهين وڳي غلام حسين مهر، عبدالرحيم سيوڙو ۽ محمد اسماعيل ميمڻ گرفتاري ڏني. هن موقعي تي هزارين ماڻهو جلوس ۾ شريڪ هئا. جلوس جي اڳواڻن جلوس آڏو تقريرون ڪيون ۽ مارشل لا جي خلاف نعرا هنيا. هڪ ڏينهن اڳ گهنٽا گهر وٽ هڪ جلوس تي پوليس تشدد جي سخت مذمت ڪئي وئي.
- نوابشاهه ۾ نڪتل جلوس مان ڇهن ڄڻن عبدالعليم رند، بخش علي جمالي، علي اڪبر پٽي، محمد رحيم پٽي، اعجاز پنهري ۽ سائينداد گرفتاريون ڏنيون. هنن نعرا هنيا ۽ سڪرنڊ روڊ تي بئنڪن تي پٿراءُ ڪيو. بعد ۾ ضياء حمايت تحريڪ وارن جلوس ڪڍيو ۽ ماڻهن کي ڌمڪايو.

٢٨ آگسٽ ١٩٨٣ع

ساڄي ڌر جي ڇئن پارٽين جو اتحاد

لاهور ۾ ساڄي ڌر جي ڇئن پارٽين جماعت اسلامي، پاڪستان مسلم ليگ (پاڳارو گروپ)، جمعيت علماء اسلام (درخواستي گروپ) ۽ خاڪسار تحريڪ (اشرف گروپ) پاڻ ۾ گڏجي هڪ نئون اتحاد ناهي ورتو. هنن ڏرين هڪ ڏينهن اڳ مدرسه قاسم العلوم شيران والا گيٽ ۾ مولانا عبيدالله انور جي صدارت ۾ هڪ گڏجاڻي ڪئي، جنهن ۾ جماعت اسلامي پاران ميان محمد طفيل (امير)، قاضي حسين احمد (سيڪريٽري جنرل)، اسلم سليمي (ڊپٽي سيڪريٽري جنرل)، مسلم ليگ جي پاران ايس. ايم ظفر (سيڪريٽري جنرل)، جمعيت علماء اسلام پاران عبيدالله انور (سيڪريٽري جنرل) ۽ مولانا زاهد الرشدي ۽ خاڪسار تحريڪ پاران خان محمد اشرف (امير) ۽ حبيب الله سعدي شريڪ ٿيا.

هنن پنهنجي گڏجاڻي ۾ فيصلو ڪيو ته هو ان اتحاد ۾ ٻين همخيال

ڏرين کي بہ شامل ڪندا. هنن اتحاد جوڙڻ جو اعلان ڪندي چيو اسان اسلامي ۽ جمهوري عمل ۾ يقين رکون ٿا پر اسان اتحاد ۾ فقط انهن جماعتن کي شريڪ ڪنداسين جيڪي پاڪستان قومي اتحاد (پٽي صاحب واري حڪومت خلاف ٺاهيل ۹ جماعتن جو اتحاد) ۾ شامل هيون.

هن اتحاد مطالبا ڪيا تہ "مارشل لا ختم ڪئي وڃي سياسي پارٽين تان بندش هٽائي وڃي، سياسي سرگرميون بحال ڪيون وڃن ۽ مارچ ۱۹۸۴ع تائين عام چونڊون ڪرايون وڃن."

حڪومت ۽ سياستدانن جي وچ ۾ ڳالهين جو امڪان

ان افواهہ ۾ صداقت موجود هئي تہ گرفتار ٿيل اڳواڻن کي ڪنهن هڪ جاءِ تي گڏ ڪري حڪومت هنن سان ڳالهين جو سلسلو شروع ڪرڻ بابت سوچيو آهي. ڪراچيءَ جي جيل انتظاميا مان بہ اها ڪڙڪ پئي هئي تہ حڪومت وٽان کين گهارو ريسٽ هائوس ۾ ان قسم جو بندوبست ڪرڻ جي هدايت ملي آهي.

افواهہ چئي رهيا هئا تہ حڪومت ۽ سياسي اڳواڻن جي وچ ۾ ابتدائي ڳالهين جو مرحلو شروع ٿي چڪو آهي ۽ في الحال سرڪار جي ايجنڊا آهي تہ ايم. آر. ڊي اڳواڻن کي ڳالهين جي ميز تي آڻجي. ڪي سياسي حلقا اهو بہ چئي رهيا هئا تہ ڳالهين ۾ في الحال پير پاڳارو، ممتاز دولتانہ، عبدالغفور پرڳڙي، قاضي فضل الله شامل هوندا جو حڪومت تائين سندن پهچ هئي ۽ هو جنرل ضياءِ الحق جي سٺن حلقن ۾ شامل هئا. اهو بہ چيو ٿي ويو تہ جيڪڏهن ابتدائي ڳالهيون ڪامياب ٿي ويون تہ پوءِ ان صورت ۾ ڳالهين ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ کي شامل ڪري سگهجي ٿو.

ايم. آر. ڊيءَ جي اڳواڻن مان ڳالهين ۾ ڪنهن ڪنهن کي شامل ڪري پيو سگهجي؟ ايم. آر. ڊي جي ڪنوينئر شير باز مزاري ۽ نوابزاده نصرالله خان جا امڪان وڌيڪ هئا. امڪان هو تہ کين گهارو ريسٽ هائوس آندو ويندو جتي جنرل ضياءِ پاران ڪي بيا جنرل اچي ساڻن ڳالهيون ڪندا، ڪي آڇون ڏيندا ۽ ڪنهن فارمولي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪندا.

ڪجهہ حلقن جو خيال هو تہ ايم. آر. ڊي جي اڳواڻن کي اسلام آباد بہ منتقل ڪري ٿو سگهجي، ڇاڪاڻ تہ فيصلو ڪندڙ قوتون اتي هيون ۽ اتي ايم. آر. ڊي تحريڪ جو وجود ڏورانهن پڙاڏن کان وڌيڪ ڪونہ هو.

هڪ خبر اها بہ هئي تہ ڪراچيءَ ۾ ڪي جنرل صاحب هلچل جي شروعاتي ڏينهن ۾ غلام مصطفيٰ جتوئيءَ سان ان وقت حال احوال ڪري ويا آهن، جڏهن جتوئي صاحب کي ڪراچي سينٽرل جيل جي حدن ۾ قائم ريسٽ هائوس ۾ رکيو ويو هو. اهي ڳالهيون شايد اڳتي ڪونہ وڌيون هيون.

هڪ اطلاع اهو بہ هو تہ پير صاحب پاڳاري جي پٽ پير صبغت الله هالا ۾ مخدوم طالب المولىٰ سان ملاقات ڪري ڪيس هڪ اهم پيغام پهچايو آهي، اها ڳالهہ بہ گردش ۾ هئي تہ نظر بند سياستدانن کي سهالہ ريسٽ هائوس آندو پيو وڃي، جتي ڪا مکيہ شخصيت هنن سان رابطو ڪندي

هوڏانهن پير صاحب پاڳارو جنهن کي پروگرام مطابق واپس موٽڻو هو. ڪجهہ وڌيڪ عرصي لاءِ اسلام آباد ۾ ترسي پيو هن بہ ڏينهن اڳ جنرَل صاحب سان ملاقات ڪئي هئي. بہ ڏينهن اڳ هن کي پشاور بہ وڃڻو هو پر سندس ان دوري جا تفصيل ڪونہ آيا هئا.

هڪ افواهہ اهو بہ ٻڌڻ ۾ آيو تہ سهالہ ريسٽ هائوس ڏانهن جن سياستدانن کي منتقل ڪيو ويندو انهن ۾ اصغر خان، مس بينظير ڀٽو نصرالله خان، شير باز مزاري، بيگم نسيم ولي خان، ممتاز ڀٽو غلام مصطفيٰ جتوئي، معراج محمد خان ۽ خواجہ خيرالدين شامل هوندا. مولانا فضل الرحمان بابت خبرون هيون تہ هن کي اڳواٽ ئي اوڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي. انهن سڀني امڪانن، افواهن يا تجزين جي باوجود ايم. آر. ڊي جا حلقا اهو فيصلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا تہ "جيڪڏهن حڪومت ڳالهين تي راضي ٿئي ٿي تہ پوءِ ايم. آر. ڊي جا اڳواڻ ڪو گڏيل فيصلو ڪندا."

چوندون تڏهن ٿينديون جڏهن جنرل صاحب جي عمر ٨٥ سال ٿيندي: پاڳارو

هوڏانهن، پير صاحب پاڳاري صدر ضياء الحق سان ملاقات واري خبر

جي چيڄڻ کان پوءِ هيڪر تہ ٺپ انڪار ڪري ڇڏيو "نہ آئون هن سان ملڻ چاهيان ٿو ۽ نہ وري هو مون سان ملڻ چاهي ٿو!"

پير صاحب پشاور وڃڻ واري خبر کان بہ انڪار ڪيو ۽ جنرل صاحب جي ارادن بابت هڪ دلچسپ اڳڪٿي ڪئي. "جنرل صاحب جڏهن ٨٥ سالن جو ٿيندو تڏهن چونڊون ڪرائيندو! ... توهان کي سياسي ڍانچي بابت پڇڻو آهي تہ وڃي ميان طفيل وارن کان پڇو! (جيڪو جنرل ضياء الحق جو مامو آهي!)"

ايم. آر. ڊي تحريڪ ۽ ملڪ جي خراب حالتن بابت جڏهن پير صاحب کان سوال ڪيو ويو تہ هن ڏاڍي ڌيرج سان چيو "ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟"

اخباري حلقن پڪين ۽ تصديق ٿيل رپورٽن جي آڌار تي چيو "نظر بند اڳواڻن کي گهارو ريسٽ هائوس ۾ منتقل ڪيو ويو آهي جتان ڪين سهالہ اماڻيو ويندو." گهارو ريسٽ هاؤس ۾ آخري خبرون اچڻ تائين هنن اڳواڻن سان ڪوبہ اهم ماڻهو ڳالهائڻ ڪونہ ويو هو.

٢٨ آگسٽ ١٩٨٣ع

حڪومت سان ڳالهيون نہ ڪنداسين مولانا امروٽي

هڪ طرف ايم آر ڊيءَ جي حلقن ۾ اها ڳالهہ گردش ڪري رهي هئي تہ حڪومت قيد ڪيل سياستدانن سان ڳالهيون ڪرڻ تي آمادہ ٿي آهي تہ ٻئي طرف آزاد بچيل سياستدانن پنهنجن سياسي بيانن ۾ سختي پيدا ڪرڻ شروع ڪئي.

ايم. آر. ڊيءَ جي قائم مقام سيڪريٽري جنرل مولانا محمد شاهہ امروٽيءَ لاڙڪاڻي جي دودائي روڊ تي هڪ پريس ڪانفرنس سڏائي ۽ خطاب ڪيو جنهن ۾ هن چيو تہ "مارشل لا وارن سان ڪابہ ڳالهہ ٻولهہ هرگز نہ ڪئي ويندي!"

ايم. آر. ڊيءَ جو صوبائي اجلاس

ايم. آر. ڊي هلچل کي وڌيڪ طاقتور ڪرڻ ۽ ماڻهن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ سنڌ جي عوام کي ٣ سيپٽمبر واري ڏينهن تي عام هڙتال ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي. ايم. آر. ڊيءَ جي صوبائي اجلاس ۾ چيو ويو ته. "حڪومت ۽ سياستدانن جي وچ ۾ ڳالهين جو شو شو ڇڏڻ جو مقصد سياستدانن ۾ اختلاف وجهڻ جي ڪوشش آهي!"

هن اجلاس پارٽي مداخلت واري روج پٽڪي تي پاڪستان سرڪار کان مطالبو ڪيو ته فقط اندرا (پارٽي وزير اعظم) وٽ ئي ڇو؟ آمريڪا وٽ به احتجاج ڪيو وڃي جيڪو پاڪستان جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ڪري رهيو آهي!"

ايم. آر. ڊيءَ جي هن صوبائي اجلاس ۾ آمريڪي مداخلت جو حوالو افغانستان جي پس منظر ۾ جنرل ضياء جي حمايت متعلق هو ۽ اجلاس مٿي جو جواب مٽي سان ڏنو هو. ٻئي طرف ڳالهين جي شوشي سان ايم. آر. ڊيءَ جي اڳواڻن ۾ اختلاف پيدا ڪرڻ وارو خدشو بالڪل درست هو. اسان ڪراچي سينٽرل جيل ۾ ڏنو (۽ ٻين جيلن مان پڻ ساڳئي قسم جون خبرون آيون) ته سياسي اڳواڻ ٻن حصن ۾ ورهائجڻ لڳا هئا. هڪ ڌر جو تجزيو هو "آخري فتح تائين جنگ هلڻ گهرجي ڇو ته حڪومت هلچل جون اکيون ڏسي بتال تي چڪي آهي!" ٻي ڌر جو چوڻ هو ته. "ڳالهين مان جيڪي ملي سو ضرور وٺڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته هلچل هٿن مان نڪرندي پئي وڃي!"

اسان اهو به ڏٺو ته سياسي قيدين کي جيل ۾ ٻن واضح طبقن ۾ ورهايو ويو هو. هڪڙا اسپيشل وارڊ وارا اسپيشل قيدي ۽ ٻيا عام سياسي قيدي. سياسي اڳوڻ اهو به نوٽ ڪري رهيا هئا ته حڪومت سان ڳالهين لاءِ جيڪي نالا ٻڌڻ ۾ پيا اچن سي اسپيشل طبقي جا هئا. ڪوبہ سياستدان ڪنهن به ٻئي کي پاڻ کان معتبر سمجهڻ لاءِ تيار ڪونہ هو.

جيلن ۾ بک هڙتالن جو فيصلو

ايم. آر. ڊيءَ جي هڪ پڌرائيءَ ۾ چيو ويو ته گرفتار ٿيل اڳواڻ ٧ سيپٽمبر کان سنڌ جي سيني جيلن ۾ بک هڙتال ڪندا ۽ اهو به پڌرو ڪيو ويو ته هن مهل تائين ڪل ١٠١٥٥ ڪارڪن ۽ اڳواڻ گرفتاريون ڏيئي چڪا آهن. جيلن ۾ بک هڙتالن جو اعلان هن موقعي تي هڪ طرف هڪ سٺو سياسي دٻاءُ ٿي سگهيو ٿي ٻئي طرف جيل کان ٻاهر سياسي ڪارڪنن کي هلچل لاءِ اتساهي سگهيو ٿي ته ٽئين طرف خود قيدي ڪارڪنن ۾ اهو احساس پيدا ڪرڻ ضروري هو ته گرفتاريون ڏيڻ کان پوءِ سندن ذميواري ختم ڪونه ٿي آهي پر هو جيلن ۾ هوندي به حڪومت تي دٻاءُ وجهي سگهن ٿا. جيلن ۾ وڏي پئماني تي بک هڙتالن جو هي فيصلو پنهنجي نوعيت ۾ پهريون هو.

جنرل ضياءُ الحق ترڪي هليو ويو

سياسي هلچل ۾ شدت کان پوءِ سياسي اڳواڻن سان ڳالهيون اتي ئي رهجي ويون ۽ سياستدان ان وقت حيران ٿي ويا جڏهن اها خبر پهتي ته جنرل ضياءُ الحق ٦ ڏينهن لاءِ ترڪيءَ جي دوري تي هليو ويو آهي جتي هو افغانستان، ايران، عراق جنگ ۽ وچ اوير جي مسئلن تي ترڪيءَ جي صدر ڪنعان ايورن سان ڪچهريون ڪندو!

جنرل صاحب شايد اهو تاثر ڏيئي رهيو هو ته "مون کي ايم. آر. ڊيءَ سبب پيدا ٿيل هن صورتحال جي ڪا به ڳڻتي ڪونه آهي. آئون ڪو به دٻاءُ قبول ڪونه ٿو ڪيان ۽ ڏسو! هنن حالتن ۾ به آئون پرڏيهه ۾ هڪ هفتو رهڻ جو فيصلو ڪري سگهان ٿو بلڪ ايئن ڪري ڏيکاريان ٿو!"

منتقل ڪيو ويندو انهن ۾ اصغر خان مس بينظير ڀٽو نصر الله خان، شيرباز مزاري، بيگم نسيم ولي خان، ممتاز ڀٽو غلام مصطفيٰ جتوئي، معراج محمد خان ۽ خواجه خيرالدين شامل هوندا. مولانا فضل الرحمان بابت خبرون هيون ته هن کي اڳ ئي اوڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي.

انهن سيني افواهن، امڪانن يا تجزين جي باوجود ايم. آر. ڊي جا

حلقا اهو فيصلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا تہ جيڪڏهن حڪومت ڳالهين لاءِ راضي ٿئي ٿي تہ پوءِ ايم. آر. ڊي جا اڳواڻ ڪو گڏيل فيصلو ڪندا.

مجلس محبان ملت، هڪ پُر امن فورم

لاهور ۾ مجلس محبان ملت جي نالي سان هڪ پليٽ فارم سامهون آيو. جنهن هڪ اجلاس ڪيو ۽ ملڪي صورتحال کي نازڪ قرار ڏنو. ان اجلاس لڳ ڀڳ اهي سڀ مطالبا ڪيا جيڪي ايم. آر. ڊيءَ وارا ڪري رهيا هئا. ان فورم تان ممتاز دولتانہ، ملڪ محمد اڪبر ۽ ٻين تقريرون ڪيون.

دولتانہ صاحب چيو "ملڪي صورتحال کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ حڪومت جيڪي قدم کنيا آهن، انهن ۾ غلطيون ڪيون ويون آهن ۽ اهي قدم ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندا ... ملڪ اندر ٻڌي پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ مختلف صوبن جي عوام ۾ عملي شرڪت جو احساس پيدا ڪيو وڃي ۽ ان جي حصول جو طريقو فقط جمهوريت آهي ... جيستائين ملڪ ۾ جمهوريت هئي، عوام ۾ قومي ٻڌي بہ هئي ۽ هاڻي آمريت جي ڪري محروميءَ جو احساس پيدا ٿيو آهي!"

پنجاب وارا پنهنجي مفاد ۾ تحريڪ جو ساٿ ڏين: ڊاڪٽر مبشر

ڊاڪٽر مبشر حسن جيڪو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي دور ۾ خزاني جو وزير هو پنجاب ۾ ايم. آر. ڊي جي سرگرميءَ کي محسوس ڪري چيو "جيڪڏهن پنجاب جو عوامي اجوڪي بحران ۾ پنهنجو جوڳو ڪردار ادا ڪري نہ سگهيو تہ پوءِ ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ پاڪستان جو وجود برقرار رهي ڪونہ سگهندو ... پاڪستان ۾ پنجاب جي رهڻ جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ اهو (صوبو) سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان سان ڪيئن هڪجهڙائيءَ وارو سهڪار ڪري ٿو ... پنجاب جي ترقيءَ جو دارومدار بلوچستان جي گئس، سرحد ۽ آزاد ڪشمير مان بجليءَ جي فراهمي ۽ سنڌ جي ڪراچي بندر تي آهي ... ۽ پنجاب جو جياپو انهن سيني علائقن سان خشڪي ۽ ريلوي مواصلات تي آهي!"

ڊاڪٽر مبشر پنجاب جي عوام ڪي اهي اقتصادي سبب ٻڌايا جن تي پنجاب ٽڪي رهيو هو ۽ هن اهو بہ واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سياڻي جيڪڏهن ٻيا صوبا پنجاب جي سرد مهري ۽ جمهوري تحريڪ سان لاتعلقيءَ سبب جدا ٿي ويا تہ پوءِ پنجاب جو معاشي جياپو ڏکيو ٿي پوندو. هن اهو بہ چيو تہ "سنڌ ۾ ميرن، پيرن ۽ وڏيرن جي هلچل ۾ شموليت حيرت انگيز ۽ پنجاب لاءِ توجهہ جوڳي آهي..."

ڊاڪٽر مبشر تاريخي حوالا ڏيئي بہ سمجهايو "اها تاريخي حقيقت آهي تہ سنڌ هميشہ مرڪز سان سهڪار ڪيو آهي ... شهنشاهہ شير شاهہ سُوري جو زمانو ارڙهين صديءَ جي ٻرنڌڙ مغل شهنشاهيت جو زمانو هو جنهن ۾ سنڌ جي حاڪمن نڀايو... ۽ هاڻي سنڌ ۾ هڪ وڏي تاريخي تبديلي آئي آهي، جنهن جا ڪي وڏا سبب ٿي سگهن ٿا ۽ انهن سببن جي ڪري سياسي توازن ڊانوان ڊول ٿي ويو آهي!"

پنجاب جو عوام سنڌ کان گهڻو پوئتي رهجي ويو آهي! ان ڳالهہ جو احساس رڳو ڊاڪٽر مبشر کي ئي نہ، ٻين کي بہ ٿي رهيو هو. پاڪستان پيپلز پارٽي پنجاب جي جنرل سيڪريٽري ملڪ حڪيم خان کي پريس ڪانفرنس ۾ چوڻو پيو "پنجاب جو عوام ايم. آر. ڊي هلچل ۾ ڀرپور حصو وٺي، پنجاب ملڪ جو سڀ کان وڏيو حصو آهي تنهنڪري ملڪ جي سلامتيءَ جو تحفظ ڪرڻ بہ هتان جي عوام جي ذميواري آهي!"

٢٨ آگسٽ ١٩٨٣ع

پنجاب ۽ بلوچستان

- لاهور ۾ عورتن جي مختلف تنظيمن هڪ ڊيموڪريٽڪ ڪميٽي جوڙي مطالبو ڪيو تہ گرفتار ٿيل سمورين عورتن کي جلد آزاد ڪيو وڃي! ان ڪميٽيءَ پاران رضيہ بيگم، بيگم امتياز علي شاهہ ۽ بيگم منصور ملڪ هڪ پريس ڪانفرنس ڪئي ۽ گرفتار ٿيل عورتن جا نالا ڄاڻايا ... بيگم نسيم ولي خان، بينظير ڀٽو امينہ اصغر خان، زرينہ بلوچ، مهہ ناز رفيع، بيگم عابد حسن منٽو وغيره.

- عورتن ايم. آر. ڊي هلچل دوران فوت ٿيل ڪارڪنن لاءِ قرآن خواني بہ ڪئي.
- ڪوئيٽا ۾ جمعيت علماء اسلام جي ڪارڪنن گرفتاري ڏني.
- گجرانوالا مان خبر آئي تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٻن ڪارڪنن هتي سيالڪوٽي چوڪ وٽ گرفتاريون ڏنيون.
- پاڪستان جي اندروني صورتحال تي تحريڪ استقلال ۽ بلوچستان جي سردار غوث بخش رئيساڻي ۽ ڪجهہ ٻين مسلم ليگي اڳواڻن ڪاوڙ ڏيکاري، ملڪ ۾ انتشار پيدا ڪري ان جو الائي ڪهڙو حشر ڪيو ويندو!

سنڌ جي صورتحال

- حيدرآباد جي ڊي. ايم. ايل. اي سياسي پارٽين کي چتاءُ ڏنو تہ ٻيچ ڏاهہ واري صورتحال کي قطعي طور برداشت نہ ڪيو ويندو... ڪجهہ عرصي کان خاص طور تي سنڌ ۾ چند جماعتون جمهوريت جي نالي ۾ ٻيچ ڏاهہ ڪري رهيون آهن جڏهن تہ انهن جماعتن پر امن رهڻ جي دعوي ڪئي هئي... جن ماڻهن کي گرفتاري ڏيڻي آهي، اهي پر امن طور ڊي.ايس.پي يا انسپيڪٽر وٽ گرفتاري ڏين!"
- ڊي.ايم.ايل.اي جي چتاءَ جي باوجود حيدرآباد ۾ شاگردن پٿر بازي ڪئي ۽ چئن ڪارڪنن انور سومري، رب ڏني نوحاڻي، گل محمد پنيري ۽ نور احمد ميمڻ سلاوت پاڙي مان گرفتاريون ڏنيون. بعد ۾ هڪ ٻئي شخص کي بہ گرفتار ڪيو ويو.

گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ رستن تي نڪري جلوس ڪڍيائون. اهو جلوس جڏهن ماڊل هاءِ اسڪول وٽ پهتو تڏهن پوليس ان جو رستو روڪيو. جلوس جواب ۾ پٿر بازي ڪئي ۽ هڪ سرڪاري بس کي باهہ ڏنائون. ان صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس ڳوڙها گئس استعمال ڪئي.

- ضلعي بار ڪائونسل حيدرآباد ان تشدد جي مذمت ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو

۽ چيو ته وڪيل برادري هلچل ۾ شامل آهي.

- ٽنڊي الهيار ۾ هڪ جلوس نڪتو ۽ ڇهن ڄڻن علي حسن قريشي، محمد عثمان جروار، غلام مصطفيٰ ٻهراڻي ۽ عبدالجبار عرف پپو گرفتاريون ڏنيون.
- چڪي، شيخ پرڪيو گلاب لغار ۽ چنبڙ ۾ به جلوس نڪتا جن ۾ مقامي اڳواڻ شامل هئا. بڪيرا ۾ زميندار حاجي محمد پريل جروار جلوس ۾ شامل ٿي ٽاڻي تائين پهتو ۽ گرفتاري ڏنائين.
- ٽنڊي جام ۾ شاگردن جلوس ڪڍيو ۽ ميرپورخاص حيدرآباد روڊ به ڪلاڪ بند رکيو. زرعي يونيورسٽيءَ جي شاگردن نعرا هنيا ۽ جنرل ضياء الحق جو پتلو ساڙيو. پوليس ڳوڙها گئس ۽ هوائي فائرنگ ڪري جلوس کي منتشر ڪري ڇڏيو.
- لاڙڪاڻو شهر بند رهيو ۽ اتي فوج ۽ پوليس گشت ڪندي رهي. پاڪستان چوڪ وٽان ستن ڪارڪنن گرفتاري ڏني جن ۾ پنج ڄڻا غلام حسين شر، علي اڪبر راجپوت، بشير احمد، گلاب مگسي ۽ غلام حسين لغاري پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا ۽ ٻيا حافظ رجب علي (وطن دوست مزدور فيڊريشن) ۽ منل سولنگي (عوامي تحريڪ) شامل هئا. هجوم پٿراءُ ڪيو جنهن کان پوءِ پوليس ڳوڙها گئس اڇلائي. منجهند کان پوءِ شهر بند ٿي ويو ۽ شهر ۾ پوليس سان گڏ فوج به گشت ڪرڻ لڳي.
- نئين ديري ۽ ڳڙهي خدا بخش ۾ جلوس ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن تي پوليس ڳوڙها گئس اڇلائي. پنجن ڄڻن مشتاق علي ڀٽي، سعيد احمد ڀٽي، غلام حيدر ناريجي، گدا حسين قريشي ۽ هڪ صحافي غلام عباس ڏوڪيءَ گرفتاريون ڏنيون. پوليس رستن جي ناڪابندي ڪري ڇڏي هئي ۽ سواريون غير موجود هيون. هڪ ٻئي جلوس آبپاشي بنگلي کي باهه ڏني ۽ ڪاغذ ساڙي ڇڏيا.
- سجاول ۾ جلوس نڪتو جنهن وڳوڙ ۽ پٿر بازي ڪئي. موٽ ۾ پوليس اهلڪارن لٺبازي ڪئي ۽ ڳوڙها گئس اڇلائي. هي جلوس صبح جو ١١ وڳي جامع مسجد کان شروع ٿيو جنهن ۾ پنجن کان ڇهه سؤ ماڻهو هئا.

جلوس شروع ۾ پر امن هو پر جيئن تہ ان کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان ڪري هجوم مشتعل ٿي پيو ۽ هڪ دڪان تان لٺيون کڻي پوليس سان مقابلو ڪرڻ لڳي ويو.

مڇريل جلوس هڪ بئنڪ تي پٿراءُ ڪيو ۽ بئنڪ جي حفاظت ڪندڙ سيڪيورٽي پوليس لٺيون جهليون. ان صورتحال سبب پوليس هوائي فائرنگ ڪئي ۽ ڳوڙها گئس استعمال ڪئي. ٽي پوليس وارا لٺين سان زخمي ٿي پيا. بعد ۾ فوج پهچي وئي ۽ شهر بند ٿي ويو.

- ڪراچي ۾ لياقت آباد ٽائي وٽ ٻن ڄڻن گرفتاري ڏني. سندن هٿن ۾ پلي ڪارڊ هئا. گرفتاريءَ جي موقعي تي ماڻهن نعرا هنيا.
- نوشهري فيروز ۾ جلوس ڪڍيو ويو جنهن ۾ شامل قائم الدين پيرزادي ۽ وحيد ميمڻ پبلڪ پارڪ وٽ گرفتاري ڏني.
- شهداد پور ۾ ڪاروبار ڪليل رهيو. ڇهن ڄڻن گرفتاري ڏني ۽ پوءِ انتظاميہ قلم ۱۴۴ لاڳو ڪري ڇڏيو.

۲۸ آگسٽ ۱۹۸۳ع

- مورو گرلس هاءِ اسڪول ۽ پرائمري اسڪول جي شاگردياڻين ۽ شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو. سياسي ڪارڪنن مختلف ٽولين ناهي شهر ۾ نعري بازي ڪئي ۽ سڪندر لانگاهہ علي نواز پٽي، وڏيري عثمان، جمعيت علماء اسلام جي دائم ڪورائي ۽ ڏٽي بخش ڪورائيءَ گرفتاريون ڏنيون.
- ڪنڊيارو شهر مان ستن ڄڻن غلام قادر ماڇي، غلام اڪبر ماڇي، اسحاق چنہ الله بخش، حاڪم علي، نصر الله ۽ محمد اڪرم گرفتاريون ڏنيون جنهن سان ڪنڊياري مان گرفتارين جو تعداد ۷٦ ٿي ويو. انهن مان اڪثر ڪارڪنن خيرپور، نوابشاهہ ۽ ڪنڊياري ۾ ٿاڻن تي يا جيل ۾ بند ڪيا ويا هئا.
- شهداد ڪوٽ ۾ تعلقہ ڪائونسل جي چيئرمين غلام مصطفيٰ مگسي ۽ عرض محمد بروهيءَ گرفتاريون ڏنيون.

- دادوءَ ۾ وڪيلن عدالت جي چؤديواريءَ اندر جلوس ڪڍيو تقريرون ڪيون ۽ ڦٽڪن واري سزا جي مذمت ڪئي. نئين چوڪ وٽ پنجن ڄڻن محمد عرس، مختيار علي شاهه، حاجي خان، غلام مصطفيٰ ۽ تراب عليءَ نعرا هڻندي گرفتاريون ڏنيون.
- خدا آباد ويجهو هڪ ڳوٺ جي ڪائونسل ميمبر محمد پريل استعيفا ۽ گرفتاري ڏني. يونين ڪائونسل ڇنه جي چيئرمين عبداللطيف قريشي وڪيل ۽ فتح محمد ڪابوري گرفتاريون ڏنيون.
- ميهڙ ۾ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو جنهن جي اڳواڻي شاگردن ڪئي. ٻن هارين پورو خان ڪلهوڙي ۽ مولا داد ناريجي گرفتاريون ڏنيون. ساڳئي ڏينهن تي هجوم نعرا هنيا ۽ عمر پاڙهيري سميت چانڊيا ۽ ماڇي قبيلن سان واسطو رکندڙ ڪل ڇهن ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو.
- ٺٽي جي شاهي بازار ۾ خميسي پليجي ۽ عبدالنبي گرفتاري ڏني.
- سکر ۾ انڊس هوٽل وٽان ميونسپل ڪارپوريشن سکر جي ميڊيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين سيد خورشيد شاهه ۽ ڪاظم علي شاهه وڪيل هزار کن ماڻهن جي ميڙ مان گرفتاريون ڏنيون. هن موقعي تي ميڙ حڪومت خلاف نعرا هنيا.

سياستدانن کي آئون سياست سيکاريندس : جنرل ضياء

جنرل ضياء الحق ترڪي تہ روانو ٿي ويو پر ٻئي ڏينهن تي اخبارن جنرل صاحب سان هوائي اڏي تي ٿيل ڳالهه ٻولهه ڇاپي، جنرل صاحب چيو "آئون سياستدانن کي سيکاريندس تہ سياست ڪيئن ڪبي آهي؟" ايم. آر. ڊي بابت چيو "اها پل وجود ئي ڪونہ ٿي رکي جيڪا ايم. آر. ڊي ٺپڻ چاهي ٿي ... اها تحريڪ وهندڙ پاڻيءَ ۾ ان اميد تي ڪنيپ اڇلائڻ جي ڪوشش آهي تہ هو اتي ڪا پُل ناهي وٺندا ... آئون ان کي هلچل نہ ٿو سمجهان، جيڪڏهن اها جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ تحريڪ آهي تہ پوءِ سياستدانن لٺ جو غلط ڇيڙو هٿ ۾ جهليو آهي!"

جڏهن جنرل کان پڇيو ويو تہ "ڇا سياستدانن سان ڪي ڳالهيون

هلي رهيون آهن؟" تڏهن جنرل ضياء لڙ ٿپ چيو "سياستدانن سان ڳالهيون نہ ٿينديون ... پرڏيهي اشاري تي ٿيندڙ تشدد کي سختيءَ سان دٻايو ويندو ... آئون دوري تان واپسيءَ کان پوءِ سنڌ جو دورو ڪندس!"

- هوڏانهن صحافي حضرات اها خبر ڪيڏي آيا تہ جنرل ضياء الحق ساڳي تاريخ تي جماعت اسلاميءَ جي امير ميان طفيل، مولانا جان محمد عباسي ۽ چوڌري رحمت الله سان بہ ڪلاڪ ملاقات ڪئي هئي. ان ملاقات مهل هڪ ليفٽيننٽ جنرل بہ موجود هو. صحافين، ميان طفيل سان ملاقات ڪئي تہ ميان صاحب چيو هو "ضياءُ الحق اسان کان اڳ ڪجهہ اڳواڻن سان ملي چڪو آهي ۽ ٻين سان بہ ملندو!"
- ... ۽ هوڏانهن اسلام آباد ۾ ٿي وفاقي ڪائونسل جي چيئرمين خواجہ محمد صفدر تجويز ڏني تہ "حڪومت ۽ سياستدانن کي گهرجي تہ هو ملڪ کي خطرناڪ سياسي صورتحال مان ڪڍڻ لاءِ ڳالهيون ڪن ڇو تہ سياست ۾ ڳالهين جا دروازا بند نہ ٿيندا آهن!"

جنرل صاحب تہ واضح لفظن ۾ چئي ويو هو تہ سياستدانن سان ڳالهيون نہ ٿينديون، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هن ڪجهہ سياستدانن سان ڳالهيون بہ ڪيون هيون. اها اجا بہ دلچسپ پوزيشن اها هئي تہ جنرل صاحب جي پنهنجي ٽيم ڳالهين لاءِ دٻاءُ وجهي رهي هئي. جنرل ضياء ڪافي اعتماد سان ڳالهائڻ لڳو هو. هاڻي، هن سياستدانن کي سياست ڪرڻ جو طريقو سيکارڻ جي دعوي ڪئي هئي!

انهن ابتين سبتين خبرن سياستدانن کي نہ رڳو منجهائي پر محتاط بہ ڪري وڌو تہ ڪٿي هو جنرل صاحب جي چالن ۾ ڦاسي نہ پون. جنرل صاحب هاڻي سياسي ويڙهہ ۾ پنهنجيون اهي سموريون صلاحيتون استعمال ڪري رهيو هو جيڪي ميدان جنگ ۾ ڪبيون آهن. هو سياستدانن سان بهترين انداز ۾ نفسياتي ويڙهہ ڪري رهيو هو.

هو ڳالهين کان ٿپ انڪار ڪرڻ جي باوجود پنهنجن ماتحتن (سول ٽيم) کان ڳالهيون ڪرڻ جا بيان بہ ڏياري ويو هو. سندس سيئي انتظامي ۽ سياسي شعبا پروگرامن مطابق ٺيڪ ٺيڪ عمل ڪري رهيا هئا.

نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي پوئتي ڇو رهجي وئي؟

گذريل صفحن ۾ حاجي غلام احمد بلور، باچا خان ۽ بيگم نسيم ولي خان جي حوالي سان ڪجهه واقعن جو ذڪر اچي چڪو آهي جن ايم. آر. ڊي تحريڪ ۾ پٺاڻن جي دلچسپي گهٽائي ڇڏي هئي. بيگم ولي خان اين. ڊي. پي کي سرگرم ڪرڻ لاءِ باچا خان کان هڪ پريس ڪانفرنس به ڪرائي هئي، پر اهي تفصيل ڪهڙا هئا ۽ پٺاڻ قيادت جي سوچن جا باهمي تضاد ڪهڙا هئا؟ اچو ته هتي انهن حالتن جو پس منظر ڏسندا هلون.

خان غفار خان جي ١٠ آگسٽ ١٩٨٣ع واري پريس ڪانفرنس

اها پشاور هئي، شام جو پهر ۽ غلام احمد بلور جي رهائشگاهه ! خدائي خدمتگار خان غفار خان اخباري نمائندن سان ڳالهائي رهيو هو 'بنون ٺهراءُ' کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ جدوجهد ڪئي ويجي... اهو بنون ٺهراءُ جيڪو ١٤ جون ١٩٤٧ع تي بنون ۾ منظور ٿيو هو.

ان وقت اتي (پريس ڪانفرنس وقت) غلام احمد بلور، عبدالخالق خان، فريد طوفان، جهانزيب صديق ۽ اين. ڊي. پي جا ٻيا اڳواڻ به موجود هئا.

خان غفار خان بنون ٺهراءَ جي تشريح ڪندي چيو "اسان جو مؤقف هو ته جڏهن بنگال ۽ پنجاب جي ورهاڱي وقت اتي ريفرينڊم نه ٿيو ته پوءِ سرحد ۾ جتي هڪ سال اڳ اسان جي پارٽي اڪثريت سان ڪامياب ٿي آهي. ريفرينڊم ڇو پيو ڪرايو وڃي؟ تنهن ڪري اسان بنون ٺهراءَ جي ذريعي مطالبو ڪيو ته سرحد ۾ ريفرينڊم پاڪستان يا ڀارت جي بنياد تي نه پر پاڪستان ۽ پختونستان جي بنياد تي ڪرايو وڃي!"

خان غفار خان کان هڪ سوال ڪيو ويو جنهن جي جواب ۾ باچا خان چيو "مون ١٩٧٧ع ۾ ضياءُ الحق سان ملاقات وقت هن صوبي جي نالي بابت ڳالهايو هو ڇو ته ان جو ڪوبه نالو ڪونه هو. جنهن کان پوءِ مون تاريخ جي روشنيءَ ۾ ان جو نالو 'پختون خواه' تجويز ڪيو هو پر چونڊن کي نظر ۾ رکندي ان کي ملتوي ڪيو ويو... ان ڏس ۾ آئون پنهنجن ماڻهن کي اپيل ٿو

ڪيان ته هو ۱۴ آگسٽ کان شروع ٿيندڙ تحريڪ سان ڪو به واسطو نه رکن ۽ گڏو گڏ آئون ڏاڍي ڏک سان چوان ٿو ته ۱۹۴۷ع ۾ منظور ڪيل 'بنون ٺهراءَ' ۾ جن حالتن ۽ سياست جو تجزيو ڪيو ويو هو اڄ ۳٦ سالن کان پوءِ اهي درست ثابت ٿي رهيون آهن!"

غلام احمد بلور جي استعيفيٰ

باچا خان جي ان پريس ڪانفرنس جي موٽ ۾ ايم. آر. ڊي جي ڪنوينر حاجي غلام احمد بلور، ايم. آر. ڊيءَ جي مرڪزي ڪنوينر شپ تان استعيفا ڏيئي ڇڏي هئي. هن اين. ڊي. پي جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل شپ ۽ ٻين سيني عهدن تان به استعيفا ڏيئي ڇڏي، جڏهن ته ايم. آر. ڊي جي صوبائي ڪنوينر عبدالخالق خان به جيڪو اين ڊي پي جو صوبائي صدر به هو پنهنجن عهدن تان هٿ ڪڍي ويو. اين. ڊي. پي جي هنن ٻنهي اڳواڻن اهو اهم پر ايم. آر. ڊي لاءِ سخت هاڃيڪار فيصلو خان غفار خان جي ان واضح مؤقف کان پوءِ ڪيو. هنن چيو "پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پنجاب جي سڀ کان وڏي پارٽي آهي ۽ اهڙي پارٽي تي اعتماد نٿو ڪري سگهجي، جنهن محض مڪاني چونڊن لاءِ هڪ وڏو مقصد قربان ڪندي به دير نه ڪئي جڏهن ته تحريڪ جي ڪاميابيءَ لاءِ پنجاب جو اڳتي اچڻ ضروري آهي!"

غلام احمد بلور جو مؤقف

جڏهن صحافين غلام احمد بلور جو گهيراءُ ڪيو تڏهن هن چيو هو "مڪاني چونڊن جي بائيڪاٽ جي سلسلي ۾ هاڻي آئون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مؤقف مان بلڪل مطمئن آهيان پر بادشاهه خان کي مطمئن ڪرڻ منهنجي وس ۾ ناهي." اهو احساس بلور کي به هو ته سندس استعيفيٰ سان ايم. آر. ڊي تحريڪ کي نقصان ٿيندو پر هن چيو "آئون صدر ضياءُ الحق سان ته وڙهي سگهان ٿو پر باچا خان سان وڙهي نٿو سگهان." بلور باقي فيصلا ولي خان تي ڇڏي ڏنا هئا جيڪو ان وقت بيگم نسيم ولي خان سان گڏ لنڊن ۾ هو.

تڪرار جو اصل سبب ڇا هو؟

پاڪستان جي جهوني قومپرست قيادت جنهن ۾ باچا خان ۽ سائين جي ايم سيد شامل هئا پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ هلچل کي پاڪستان پيپلز پارٽي لاءِ اقتدار جي راهه هموار ڪرڻ هلچل سمجهي رهيا هئا ۽ هنن کي ڊپ هو تہ سندن جدوجهد جو ڦل پيپلز پارٽي ڪٽي ويندي. هڪ لحاظ کان اهو پيپلز پارٽيءَ سان قومپرستن جو ٽڪراءُ هو. ان ٽڪراءَ ايم. آر.ڊيءَ ۾ شامل ترقي پسند حلقن کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو. فتحياب علي خان چئي ڏنو "غفار خان پراڻي نسل جو نمائندو آهي ۽ غلام احمد بلور پاڪستان جي نئين نسل ۾ موقعي پرستن جو نمائندو آهي!"

بهرحال، ايم. آر. ڊيءَ کي هڪ وڏو ڌڪ رسيو جنهن جو ازالو باچا خان ۽ بيگم نسيم ولي خان جي گڏيل پريس ڪانفرنس سان بہ ٿي ڪونہ سگهيو. هي ايم. آر. ڊيءَ کي ٻيو وڏو ڌڪ هو جيڪو عين تحريڪ جي شروعات وقت لڳو هو. هن کان اڳ پهريون ڌڪ سردار عبدالقيوم خان ان وقت هنيو هو جڏهن پي. آءِ. اي جو جهاز هاءِ جيڪ ٿيو هو.

ان بحران کي حل ڪرڻ لاءِ هڪدم اين. ڊي. پي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا ٻيا اڳواڻ سرگرم ٿي ويا ۽ لنڊن ۾ خان ولي خان ۽ سندس زال سان رابطو ڪيو هئائون. مسٽر جتوئيءَ هڪدم ولي خان سان لنڊن ۾ رابطو ڪيو ۽ گڙٻڙ ٿيل صورتحالَ جو اطلاع ڏنو. ڪيس موٽ ۾ جواب مليو تہ هو پهرين فلائٽ ذريعي واپس اچي رهيو آهي. بعد ۾ ولي خان تہ نہ، البت بيگم ولي خان اچي پنهنجو ڪردار ادا ڪيو پر شايد تير ڪمان مان نڪري چڪو هو.

قومپرست اڳواڻ سائين جي ايم سيد جو مؤقف

سائين جي. ايم. سيد، ايم. آر. ڊي بابت پنهنجو مؤقف ڏيڍ بہ مهينا اڳ ٢٧ جون ١٩٨٣ع تي ئي ڪليءَ طرح جاري ڪري ڇڏيو هو ۽ اتحاد جي تحريڪ کان الڳ رهڻ جو فيصلو ڏنو هو. سبب؟ سائينءَ جو خيال هو تہ "ايم. آر. ڊي مختلف

ذهن رکڻ وارن جو اتحاد آهي جيڪو جمهوريت لاءِ متحد ٿيو آهي جڏهن تہ جمهوريت مان سنڌين کي ڪڏهن بہ فائدو نہ پهچندو ڇو تہ جڏهن بہ ملڪ ۾ جمهوريت ايندي سنڌي اقليت ۾ اچي ويندا."

جي. ايم. سيد چيو هو "منهنجو سياست سان ڪوبہ تعلق ڪونهي، آئون عملي سياست کان پري آهيان پر سياسي صورتحال جو جائزو وٺندو رهندو آهيان... بيگم نصرت ڀٽو بہ ملاقات ۾ مون کان تعاون گهريو هو ھوءَ پنهنجي مڙس جو انتقام وٺڻ چاهي ٿي پر منهنجي پاليسي لڪل ڪونهي ... آئون ايم. آر. ڊيءَ جي حمايت ڪري نٿو سگهان ڇو تہ هنن جا ارادا سنڌين جي خواهشن مطابق ناهن!"

جي. ايم. سيد جو دليل هو تہ "پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ واري مختصر تاريخ ۾ اسان جو مظلوم صوبو لاڳيتي آمريت، ظلم ۽ زيادتين جو شڪار ٿيو آهي ... سنڌ ۾ اصل ناانصافي قديم ۽ اصلي قومن جي وجود ۽ سڃاڻپ کان انڪار ۽ انهن جي پائمالي آهي ... حڪومت جي مختلف طريقن ۾ اصلي قومن جي وجود تي سڀ حڪمران متفق رهيا آهن ... سول حڪومتون ۽ فوجي حڪومتون اقتدار جي حصول لاءِ قومي حقن کي تسليم ڪرڻ کان انڪاري رهيون آهن ... هن وقت بہ جيڪا سياسي راند هلي رهي آهي، اها اقتدار جون ڪٺ پتليون ڪيڏي رهيون آهن ... اهي قومن جا حق نہ پر اقتدار چاهين ٿيون ... اهي طاقتون اصلي قومن جي خلاف هڪبئي کان اڳ ڪيڏڻ جون ڪوششون ڪنديون رهيون آهن ... جيستائين مارشل لا جو تعلق آهي، ان کي ڪير بہ پسند نٿو ڪري پر اسان سنڌي قوم سان تعلق رکندڙن جو مؤقف آهي تہ ١٩٧٣ع واري آئين هيٺ تقدس جو سوال، اقتدار جي حصول لاءِ جمهوريت جو حوالو ۽ اسلامي نظام جي نفاذ جي دعوي اسان لاءِ ڪشش نٿا رکن!"

سائين جي. ايم. سيد جو خيال هو تہ "ويجهي مستقبل ۾ عالمي طاقتن جي ڊوڙ يا امڪاني ٽڪراءَ سبب هن علائقي ۾ جاگرافيائي تبديليون پيدا ٿي سگهن ٿيون." هن کي يقين هو تہ سنڌو ديش قائم ٿيندو ۽ ان باري ۾ کيس (غالبا) روس مان اميد حاصل هئي (جيڪو آمريڪا سان ٽڪراءَ ۾ هو

۽ جنگ عظيم واري ٽڪراءَ وانگر غلام ملڪن کي ان ٽڪراءَ مان فائدو ٿيڻ جي اميد هئي).

(نوٽ: سائين جي. ايم. سيد جا اهي خيال روزانہ نواءِ وقت جي عيوضيءَ سان سن ۾ ڪيل ڳالهہ ٻولهہ تان کنيل آهن. اهو بهرحال نٿو چئي سگهجي تہ ان گفتگوءَ ۾ سائين جي. ايم. سيد جي اصل خيالن کي ٺيڪ طرح پيش ڪيو ويو آهي يا نہ؟)

جي. ايم. سيد جي اها راءِ بهرحال عام جام ٻڌي وئي تہ "پاڪستان ۾ فوج جيترو عرصو وڌيڪ اقتدار ۾ رهندي، اوتريون وڌيڪ غلطيون ڪندي، جنهن سان اسان جو ڪم سولو ٿي ويندو!" سائين جي ايم سيد غالبا فوجي راڄ جي پاپن جو گهڙو ڀرجڻ جي انتظار ۾ هو.

٢٩ آگسٽ ١٩٨٣ع

آمريڪي ميڊيا ۽ ايم. آر. ڊي

- واشنگٽن پوسٽ اخبار آمريڪي پاليسيءَ کي اڳتي وڌائيندي اهو ئي مؤقف اختيار ڪيو جيڪو جنرل ضياء جو هو. اخبار لکيو "ضياء حڪومت کي ڪوبہ خطرو ڪونہ آهي ۽ جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ ناڪام ٿي وئي آهي ... ايم. آر. ڊي پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان ۾ ناڪام ٿي وئي آهي."
- نيويارڪ ٽائمز لکيو، "جيڪڏهن (سنڌ تائين محدود) علائقائي ڇڪريون ملڪ جي ٻين صوبن ۾ نٿيون پکڙجن تہ پوءِ جنرل ضياء الحق کي ڪوبہ خطرو ڪونہ آهي!"

جنرل ضياء : پاڪستان جو اوليور ڪراموبل!

- آمريڪي رسالي ٽائيم ايراني انقلابي حڪومت ۽ جنرل ضياء الحق جي مارشل لا کي هڪٻئي سان ڀيٽيندي لکيو "پاڪستان ۽ ايران ۾ فرق آهي ڇاڪاڻ تہ پاڪستان ۾ مولوين جو راڄ ڪونہ آهي ... جنرل ضياء الحق واري حڪومت ايئن ڪري رهي آهي، جيئن ڪڏهن انگلينڊ جو اوليور

ڪراموبل عيسائيت لاءِ سوچيندو ۽ معاشري کي نئين راهہ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪندو هو!“

سنڌ کان ٻاهر هلچل جي صورتحال

- ملتان مان پهتل هڪ تجزئي ڏيان ڇڪايو تہ ملڪ ۾ هلندڙ ريل گاڏيون بنا ڪنهن سبب جي پنهنجين منزلن تي ۱۵،۱۵ ڪلاڪ دير سان پهچي رهيون هيون. ان ڳالهہ جو نوٽيس ورتو ويو ۽ انهن امڪانن تي سوچيو وڃڻ لڳو تہ ڪٿي اها بہ ڪا سوچيل سمجهيل مهم تہ ڪونہ آهي.
- لاهور ۾ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي قائم مقام سيڪريٽري جنرل سجاد چوڌريءَ چيو تہ هلچل لاءِ ڏنل قربانيون ضايع ڪونہ ٿينديون ۽ ڪارڪن هلچل ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺن.
- لاهور ۾ شام جي وقت نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي هڪ ڪارڪن لڪشمي چوڪ وٽان نعرا هڻي گرفتاري ڏني.
- مير غوث بخش بزنجي (پاڪستان نيشنل پارٽي) حڪومت سان ڳالهين جي ڪنهن بہ امڪان کي رد ڪري چيو ”اسان اقتدار جي مڪمل منتقلي چاهيون ٿا!“
- راولپنڊيءَ مان ڪنور قطب الدين (مسلم ليگ پاڳارو گروپ) ان خبر جي ترديد ڪئي جنهن موجب ٽنهي پارٽين جو اتحاد نهي رهيو هو.

سنڌ جون خبرون

- سنڌ وطن دوست پارٽيءَ پڌرو ڪيو تہ ان پاڪستان نيشنل پارٽي ۽ پختون خواهہ جي گڏيل محاذ ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جنهن کي پاڪستان نيشنل ڊيموڪريٽڪ فرنٽ سڏيو وڃي ٿو. وطن دوست پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر ارباب کهاڙو ۽ مير غوث بخش بزنجي اهڙي ناهہ تي صحيون ڪيون.
- سکر جيل ۾ ٽيل فائرنگ جي جاچ جو مطالبو ڪيو ويو.
- ميرپور خاص ۾ قلم ۱۴۴ لاڳو ڪيو ويو.

- نوابشاهہ ۾ ضياء حمايت تحريڪ جون آفيسون بند ڪيون ويون ۽ ان جا بورڊ لاٿا ويا.
- حيدرآباد جي سب مارشل لا ايڊمنسٽريٽر (SMLA) سيوهڻ مان گرفتاريون ڏيندڙ ڪارڪنن کي صلاح ڏني تہ هو سيوهڻ بدران دادو يا ڪنهن ٻئي شهر مان گرفتاريون ڏين.
- حيدرآباد ۾ شهاب سئنيما چوڪ وٽ ڏومڻ واهہ روڊ تي پنجن ڪارڪنن گرفتاريون ڏيڻ لاءِ مظاهرو ڪيو. هجوم پٿراءُ ڪيو جنهن تي پوليس لٺ بازي ڪئي. معاملو ختم ٿيڻ ۽ پوليس جي وڃڻ کانپوءِ ماڻهن وري هڪ جلوس ڪڍيو ۽ نعرا هنيا. پوليس وڏي اتالي سان موٽي آئي، جنهن تي ٻيهر پٿر بازي ڪئي وئي. پوليس ڳوڙها گئس استعمال ڪرڻ کانپوءِ ٨ ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو. حيدرآباد شهر جو ڪجهہ حصو بند رهيو.
- ٽنڊي ڄام ۾ پوليس ۽ شاگردن جي وچ ۾ ٽي ڪلاڪ ڇڪريون هليون، ڳوڙها گئس ڦٽي ڪئي وئي. چار شاگرد زخمي ٿي پيا.
- شهدادپور ۾ سول ڪورٽ آڏو رسول بخش، عبدالستار، فتح خان ۽ رحيم خان گرفتاريون ڏنيون. عيدگاهہ ۾ غائباڻي جنازي نماز ۾ شامل ٿيندڙ ٽنڊي آدم جي شاهنواز جوڻيجي، ضلعي ڪائونسل ميمبر فدا حسين ڏيري، تحريڪ استقلال جي پير خالد جان سرهنديءَ مخدوم صاحب جي خليفي سلطان ۽ ٻين ۴۵ ڄڻن کي گرفتار ڪري مٿن مارشل لا هيٺ ڪيس داخل ڪيا ويا.
- ٺٽي ضلعي ۾ ڪائونسلرن جون استعيفائون جاري رهيون.
- نوابشاهہ ۾ جلوس تي لٺبازيءَ سبب ڪيئي ڪارڪن زخمي ٿي پيا، هن جلوس ۾ هزارين ماڻهو شامل هئا. لٺبازي ان جلوس کي روڪڻ جي ڪوشش دوران ڪئي وئي هئي. ريگل چوڪ وٽان عبدالرزاق چنہ مولا بخش سيال ۽ ٻن ٻين ڪارڪنن گرفتاريون ڏنيون.
- سڪرنڊ ۾ هڪ پرامن جلوس نڪتو.
- سکر ۾ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر عبدالحليم پيرزاديءَ مدد

علي شاهه وڪيل، محمد اسماعيل سومري ۽ عبدالمجيد کي گرفتار ڪيو ويو. اهي سڀ وڪيل يا سياسي ڪارڪنن هئا. هنن گرفتارين جي خبر پوڻ تي ضلعي بار ۾ هڪ هنگامي اجلاس ٿيو. جنهن ۾ اعلان ڪيو ويو تہ ۳ سيپٽمبر تي ضلعي بار سکر آفيس مان هڪ جلوس ڪڍندي

سکر مان ئي محمد پريل ٻرڙي، محمد عمر ٻرڙي، ڏٽي پرتو گهانگهري ۽ مولوي عبدالله چٽي گرفتاريون ڏنيون. ان موقعي تي هزارين ماڻهو موجود هئا.

- بدين ۾ مارڪيٽ چوڪ تي هڪ بجي ڏاري ستن ڄڻن امير لغاري، دليل نوتڪاڻي، علي حسن نوتڪاڻي، علي اڪبر هاليپوٽي، غلام محمد هاليپوٽي، اسلم، اسير حسيني ۽ احمد ڪنيار سون ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ گرفتاريون پيش ڪيون. سندن تعلق عوامي تحريڪ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان هو.

هڪ ڏينهن اڳ ٽن ڄڻن علي نواز جوڻيجي، ڪامريڊ لکاني ملاح ۽ عبدالعظيم جوڻيجي گرفتاريون ڏنيون هيون. جيڪي سڀ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا هئا.

ايم. آر. ڊي جي سرگرم ڪارڪنن غلام مرتضيٰ ميمڻ ۽ عثمان سنڌيءَ کي هڪ مهيني لاءِ حيدرآباد جيل ۾ نظر بند ڪيو ويو.

فوجي عدالتن مان سزائون

- حيدرآباد ۾ سرسري سماعت واري فوجي عدالت نمبر ۲۰، پنجن ڄڻن هر هڪ حاجي مسعود پٽي، سراج سيال، حافظ غلام نبي، پير عبداللطيف جان سرهندي ۽ محمد عالم کي هڪ هڪ سال قيد جون سزائون ٻڌايون.
- نوابشاهه ۾ سرسري سماعت واري فوجي عدالت نمبر ۵ ستن ڄڻن هر هڪ عبدالواحد گهانگهري، محمد يوسف، جاڙل ولد آچر گهانگهرو، عبدالشڪور، ممتاز علي ۽ محمد رمضان بروهيءَ کي ۹، ۹ مهينا ۽ ڏهه ڏهه ڦٽڪا سزا ٻڌائي.

۳۰ آگسٽ ۱۹۸۳ع
ايم. آر. ڊيءَ جو ۱٦هون ڏينهن
سنڌ ۾ گرفتاريون ۽ مظاهرا

- ڪراچي: شفيع احمد ۽ يوسف لالو ڪيت ۾ گرفتاري ڏني. ان موقعي تي اٽ پرڏيهي صحافي موجود هئا. ڪن ماڻهن حڪومت جي حمايت ۾ نعرا هنيا ۽ پرڏيهي صحافين سان بدسلوڪي ڪئي، جن کي پوليس گرفتار ڪيو.

لياقت آباد ٽائي وٽ بم جو ڌماڪو ٿيو جنهن ۾ ۲۰ ماڻهو زخمي ٿيا. انهن مان ٽن جي حالت ڪافي نازڪ هئي.

- سڄاول: سياسي ڪارڪنن جلوس ڪڍيو ۽ تقريرون ڪيون. ان موقعي تي مارو شوري گرفتاري ڏني. هن جلوس ۾ هزارين ماڻهو جمع ٿي ويا. سڄاول جي ماحول ۾ هڪ ڏينهن اڳ ڪان ئي ڪافي هل هو تہ اڄ هتي وڏو ميڙ ٿيندو انڪري هن موقعي تي پري پري ڪان ماڻهو آيا هئا. جامع مسجد وٽ شير علي شاهہ جو پٽ بابو شاهہ هجوم مان اوچتو ظاهر ٿيو. مختصر تقرير ڪيائين ۽ پرامن رهڻ جي اپيل ڪيائين. تقريبا ۱۲ وڳي جلوس پارڪ وٽ پهتو تہ ٻنهي ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو. شهر مڪمل بند رهيو.
- محراب پور: ڪنديارو مان پاڪستان نيشنل پارٽي، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ عوامي تحريڪ جو گڏيل جلوس نڪتو ۽ ڏهن ڪارڪنن گرفتاري ڏني ۽ نعرا هنيائون. مجاهد چوڪ وٽ ماڻهن جو ميڙ موجود هو جتي ولايت حسين نوناري، مختيار حسين لاشاري، غلام قادر سومري، محبوب علي نوناري ۽ غلام حسين راهو گرفتاري ڏني.
- ٽي ڏينهن اڳ گرفتاري ڏنل ڪافي ماڻهن کي اهو چئي ٿاڻن تان واپس ڪيو ويو تہ جيلن ۾ جاءِ ڪونہ آهي.
- محبت ديرو: هلندڙ تحريڪ دوران شهيد ٿيل ڪارڪنن جي غائباڻي جنازي نماز ادا ڪئي وئي.

- دادو: خير پور ناٿن شاهہ ۾ مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ ٽن ڄڻن علي اصغر، ارباب ڪوسي ۽ محمد ڇٽل جيسر گرفتاري ڏني. دادوءَ ۾ هلچل ۾ ماڻهن جي مفت قانوني مدد لاءِ وڪيلن جو هڪ پئنل جوڙيو ويو جنهن جو چيئرمين علي احمد قريشي ۽ ميمبر شمس الدين ملڪاڻي، غلام نبي سومرو ۽ غلام اڪبر قريشي ڪيا ويا. شهر منجهند جي وقت اوچتو بند ٿي ويو ۽ شام تائين بند رهيو.
- راڌڻ: سياسي ڪارڪنن جلوس ڪڍيو. جنهن مان ٻن هارين حب علي ۽ زوار حسين گرفتاريون ڏنيون.
- مورو: نوان جتوئيءَ ۾ عورتن جو هڪ پرامن جلوس هڪ ڪلاڪ تائين شهر ۾ نعرا هڻندو رهيو. صابر شاهہ جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي وئي ۽ قرآن خواني ڪئي وئي. مظاهرو ڪندڙن بينظير ڀٽو ۽ ٻين قيدين جي آزديءَ جو مطالبو ڪيو. موري شهر مان علي گوهر چانڊيئي، محمد لائق سيال ۽ يعقوب ڀٽي پوليس ٿاڻي تي پهچي گرفتاريون ڏنيون.
- نوان جتوئيءَ کان آيل هڪ جلوس مورو دادو چوڪ تي پهتو. جتي پنجن ڄڻن جعفر خان بگٽي، نواب ابڙي، مولابخش بلوچ، شيوو خان جسڪاڻي ۽ مستي خان ڀرڳڙيءَ گرفتاريون ڏنيون.
- نيڙهي: رحيم بخش وساڻ کي خيرپور پوليس صبح جو ۴ وڳي سندس گهر مان گرفتار ڪيو. سندس ننڍو ڀاءُ منظور وساڻ اڳ ئي جيل ۾ هو.
- گنبٽ: مقامي پوليس تاج محمد پنهور وڪيل، فقير محمد، عثمان اڄڻ ۽ علي ڏني ناريجي کي جلوس ڪڍڻ کان اڳ ئي گرفتار ڪري ورتو.
- لاڙڪاڻو: پاڪستان چوڪ تان ڇهن ڪارڪنن (ٻہ پيپلز پارٽيءَ جا هڪ عوامي تحريڪ جو ۽ هڪ جمعيت علماء اسلام جو) گرفتاري ڏني ۽ مظاهرو ڪندڙن پوليس تي پٿراءُ ڪيو. نئين ديري ۾ ڪارڪنن جلوس ڪڍيو ۽ پوليس تي پٿراءُ ڪيو. ٻنهي شهرن ۾ پوليس ڳوڙها گئس استعمال ڪئي. نئين ديري ۾ گذريل ڏينهن تي آبپاشي بنگلي ۽ ٽپال گهر کي ڏنل باهہ جي ڏوهہ ۾ ١٨ ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو.
- ٽنڊو آدم: سياسي ڪارڪنن تحريڪ جي شهيدن جي غائباڻي جنازي

نماز جو پروگرام شاهہ لطيف هاءِ اسڪول ۾ رٿيو هو پر پوليس اسڪول جو گهيراءُ ڪري ورتو. مچريل شاگردن پوليس تي پٿراءُ ڪيو جواب ۾ پوليس انهن تي ڳوڙها گئس ۽ لاٺي چارج ڪئي. هوڏانهن، عبدالله ورياهہ، عبدالرزاق سومري، فيض علي شاهہ، بابو سومري ۽ محمد خان پنهور شاگرد اڳواڻ گرفتاري ڏني.

- ماتلي: ڳوٺ غريب اديجي (ماتليءَ کان ١٠ ڪلو ميٽر پري) مان هڪ جلوس ماتلي پهتو ۽ نعري بازي ڪئي. جلوس جڏهن گول چڪري وٽ پهتو تہ چئن ڄڻن محمد اديجي، غلام محمد اديجي، محمد عثمان اديجي ۽ لائق لنجواڻيءَ گرفتاري ڏني.

جتوئي عنصر

غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي تر يعني نوان جتوئيءَ ۾ عورتن جي جلوس ايم. آر. ڊي ۾ جتوئي عنصر طرف ڏيان ڇڪايو. هوڏانهن ڪراچيءَ مان اعلان ڪيو ويو تہ جتوئي صاحب جو پٽ غلام مرتضيٰ جتوئي بہ تحريڪ ۾ سرگرم ٿيو آهي. هن مڪاني ادارن ۾ سرڪاري عهدن تي موجود سياستدانن کي استعيفائون ڏيڻ جي اپيل ڪئي. مرتضيٰ جتوئيءَ، قاضي غنيءَ جي آفيس ۾ هڪ پريس ڪانفرنس ڪري چيو "هيءَ سنڌو ديش جي تحريڪ نہ آهي ۽ هن وقت جيڪڏهن تحريڪ ۾ سنڌ اڳيري آهي تہ ڪجهہ ڏينهن ۾ پنجاب بہ اٿي پوندو. سرحد ۽ بلوچستان ۾ بہ هلچل جاري آهي!" مرتضيٰ جتوئي دعويٰ ڪئي "هن وقت تائين تحريڪ ۾ ٤٠ ماڻهو مارجي ويا آهن ۽ جلد ئي آئون بہ گرفتاري ڏيندس!"

مرتضيٰ جتوئي جيڪو هن مهل تائين بلڪل غير سياسي شخص هو هاڻي عملي سياست ۾ پير وجهي رهيو هو. هن ان تہ ائي گرم ۽ سازگار ماحول ۾ قدم وڌايو هو پر هي پنڌ ڪيترو ڏکيو آهي؟ کيس اجا اندازو ڪونہ هو. تحريڪ ۾ ٤٠ ماڻهن جي مارجڻ واري دعويٰ جيتوڻيڪ مبالغو ٿي لڳو، پر جيئن تہ في الحال ڪنهن بہ ذريعي کان ڪابہ تصديق ممڪن هئي، انڪري ان دعويٰ کي ڪوبہ چئلنج ڪري نہ ٿي سگهيو. -

٣١ آگسٽ 1983 : تحريڪ جو سترهون ڏينهن
پروفيسر غفور آمريڪا وڃڻ کان اڳ

ايم آر ڊي جي تحريڪ پنهنجي ٽئين هفتي ۾ ڪافي شدت وٺي چڪي هئي ۽ هلچل جو گراف ڪافي اوچو هو. ان صورتحال ڪجهه سياسي حلقن کي ڪافي پريشان ڪري وڌو هو. خاص ڪري جماعت اسلامي جيڪا حڪومت کي تمام ويجهي هئي، ان جا اڳواڻ تحريڪ تي تنقيد ڪرڻ لڳا هئا. پروفيسر غفور احمد چيو "ايم آر ڊيءَ تي سنڌو ديش جا حامي غلبو ڪري ويا آهن. سنڌ جي عوام ۾ تلخي پيدا ٿي آهي. انڪري ان تلخيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ان جا سبب معلوم ڪرڻ گهرجن!" هن پارٽي حڪومت جي بيان تي به ٽڪٽي ڏيکاري چيو "پارٽي حڪومت جو رويو اکيون کولڻ لاءِ ڪافي آهي ۽ پارٽ اندروني حالتن جو فائدو وٺي پنهنجو اڳوڻو (بنگله ديش ٺهڻ واري وقت جو) ڪردار ادا ڪرڻ چاهي ٿو!"

پروفيسر صاحب هلچل جي هنن ڏينهن ۾ ڪو جمهوري ڪردار ادا ڪرڻ بدران پنجن هفتن لاءِ آمريڪا ۽ برطانيه ۾ تبليغ تي روانو ٿيڻ کان اڳ ڳالهائي رهيو هو. هن صاحب صدر مملڪت تي به هلڪي ڪاوڙ ڇنڊي، صدر صاحب ڪجهه وقت اڳ چيو هو ته "مون کي تيل ڪيڻ اچي ٿو!" پروفيسر صاحب جو چوڻ هو ته "ڪيس تيل ڪيڻ ته اچي ٿو پر هو پارٽي مداخلت جو نوٽيس نه ٿو وٺي!"

پروفيسر غفور قبول ڪيو "اڄ سڄي ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ ۾ وڏي ناراضگي آهي ۽ جيڪڏهن هو ان صورتحال کي ضابطي ۾ آڻڻ چاهين ته ايئن ڪري نه ٿا سگهن ڇاڪاڻ ته (بقول سندس) سنڌ ۾ اهي چند ماڻهو سامهون اچي ويا هئا جيڪي اصل ۾ سنڌو ديش جا ڪارڪن هئا." هن چيو "سنڌ جي بعض علائقن ۾ انهن کي هينئين سطح تان ايري منظر عام تي اچڻ جو موقعو ملي ويو آهي، هاڻي سنڌو ديش جي حامين ان تي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ ان کي تشدد ۽ تخريبڪاريءَ جي رستي تي وجهي ڇڏيو آهي انڪري باقي صوبن کي گهرجي ته اهي انهن حالتن جو سبب ڳولهين جنهن

ڪري سنڌي ماڻهن جو مزاج بدليو آهي!" هن صلاح ڏني ته سبب ڳولهي مسئلا دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي.

هلچل جو احوال

- ڪراچي: تحريڪ استقلال جي اڳواڻ جي ايم. رحيم پارٽي ڪارڪنن کي هدايت ڪئي ته اهي ايم. آر. ڊي تحريڪ ۾ حصو وٺن. ان تحريڪ کان پاسو ڪندڙ جمهوريت جي ڪاب خدمت ڪري نٿا سگهن. هن لکم هائوس ۾ تحريڪ استقلال ڪراچي ڊويزن جي هنگامي اجلاس ۾ پنهنجي پارٽيءَ جو موقف ظاهر ڪيو. ان اجلاس ۾ ٻين چڱن مڙسن به ڳالهايو. ان اجلاس مان صاف ظاهر هو ته تحريڪ استقلال ايم. آر. ڊي ۾ سرگرم ڪونه هئي ۽ ان جا اڳواڻ به پري هئا.
- سرگوڌا: پنجاب جي اڳوڻي وزير قانون چوڌري مختيار احمد کي ڇهه مهينا قيد ۽ پنجاهه هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي. هن تي حڪومت جي خلاف نعرا هڻڻ جو الزام هو. ڇهن ٻين ڪارڪنن کي به سزائون ٻڌايون ويون.
- پشاور: سرحد صوبي جي گاديءَ واري شهر ۾ جلوس نڪتو جنهن جي اڳواڻي خدائي خدمتگارن جا ٽي جهونا اڳواڻ ڪري رهيا هئا.
- ڪراچي: ٻهرين سيپٽمبر کان ايم. آر. ڊيءَ جي اڳواڻي پاڪستان ڊيموڪريٽڪ پارٽي ڏانهن منتقل ٿيڻ جو اعلان ٿيو جنهن جو ڪنوينر چوڌري اشرف کي ڪيو ويو. چوڌري اشرف تي سنڌ ۾ داخل ٿي بندش هئي.
- ملتان: پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي محمد علي ٻُچ گرفتاري ڏني.
- لاهور: خاڪسار تحريڪ جي خان اشرف ايم. آر. ڊيءَ تي چٽ ڏيڪاريندي پريس ڪانفرس ۾ چيو "صدر جو آئيني سرشتو وقت جون ضرورتون پوريون نٿو ڪري، اهو آئين اسلامي نظام تي عمل لاءِ مناسب نہ آهي ... ايم آر ڊي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بيو نالو آهي، انڪري اسان ان تحريڪ ۾ شامل نہ ٿينداسون ... هيءَ تحريڪ انهن ماڻهن

هلائي آهي جن جو اسلام سان ڪوبہ واسطو نہ آهي!"

- لاهور: پختون خواه ۾ پروگريسو الائنس جي شاگردن ايم. آر. ڊيءَ جي حمايت ڪئي ۽ هڪ هجوم مان ٻن ڄڻن گرفتاريون ڏنيون. گرفتاريءَ وقت هنن ١٩٧٣ع واري آئين ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ نعرا هنيا. پوليس ڪارڪنن کي گاڏيءَ ۾ وجهي هلي وئي ۽ ڪابہ نا خوشگواري نہ ٿي.
- ڪوئيٽا: پختون خواه اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن پنهنجي اجلاس ۾ شاگردن جي گرفتاريءَ تي نڪ تہ چيني ۽ سندن آزاديءَ جو مطالبو ڪيو. ساڳي طرح پاڪستان پروگريسو اسٽوڊنٽس هڪ بيان ذريعي ايم. آر. ڊي هلچل سان ساٿ ۽ پڌيءَ جو اعلان ڪيو.

پوليس ڪوئيٽا ۾ هڪ ڏينهن اڳ گرفتار ٿيل جمعيت علماء اسلام جي ڪارڪن عبدالخالق کي اهو چئي آزاد ڪري ڇڏيو تہ هن اصل ۾ "نعره تڪبير، الله اڪبر!" چيو هو جيڪو اعتراض جوڳو عمل ڪونہ هو. هي ڪارڪن قيد مان نڪرڻ لاءِ راضي نہ هو پر جڏهن کيس ڌمڪي ڏني وئي تہ آزاديءَ کان انڪار جي صورت ۾ توکي ميانوالي يا ملتان موڪليو ويندو، تڏهن هو جيل ڇڏڻ تي راضي ٿي ويو.

ڪوئيٽا شهر ۾ ايم. آر. ڊيءَ جي حوالي سان ٣١ آگسٽ تي ڪنهن بہ ڪارڪن گرفتاري نہ ڏني، انڪري لياقت بازار تي جمع ٿيل شهري مايوس موٽي ويا.

- مظفر ڳڙهہ : پنجاب جي اڳوڻي گورنر غلام مصطفيٰ کر جي ننڍي ڀاءُ کي سندس ڳوٺ کر ڳڙهي مان مارشل لا آرڊر ١٢ هيٺ گرفتار ڪري ٽن مهينن لاءِ مقامي جيل امالٽيو ويو.

سنڌ جي صورتحال

- حيدرآباد ڊويزن ۾ تحريڪ جي حوالي سان ڪافي سرگرمي نظر آئي. حيدرآباد شهر ۾ ٽنڊي ڄام ۾ گرفتاريون ٿيون. پٽ شاهہ ۾ هالا طرف جلوس ڪڍيا ويا. پوليس ڳوڙها گئس استعمال ڪئي. مظاهرين پٿراءُ ڪيو. ٨ ڄڻا زخمي ٿيا ۽ قومي شاهراهہ پنج ڪلاڪ مڪمل بند رهي. ٽنڊي ڄام واري

زرعي يونيورسٽيءَ جي هاسٽل خالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو.

- حيدرآباد: چئن ڪارڪنن غلام رسول ڪنيار، غلام محمد ڪوسو محمد يعقوب ڪوسو ۽ عبدالرزاق نظامائيءَ تلڪ چاڙهيءَ وٽان گرفتاري ڏني. حيدرآباد انتظاميه پنهنجي حساس جاين سان گڏو گڏ آمريڪن سينٽر تي به پوليس جو پهرو قائم ڪري ڇڏيو. حيدرآباد مان ٽي ٻيا چار ڄڻا به گرفتار ٿيا، جن نعرا هڻي جلوس ڪڍڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. پوليس ڪجهه اخباري فوٽوگرافن سان به بد سلوڪي ڪئي. ڳوٺ الله داد چنڊ ۾ ٻارن اسڪول بند ڪرايا. ڪٿي ڪامياب ۽ ڪٿي ناڪام ٿيا. سادن ڪپڙن ۾ پوليس وارن هڪ نوجوان کي ان مهل گرفتار ڪيو جڏهن هو هلچل جون خبرون ڪٺي پريس ڪلب ۾ داخل ٿي رهيو هو.
- ٽنڊو ڄام: شاگردن جلوس ڪڍيو ۽ نعرا هڻندو اڳتي وڌيو ته پوليس جي وڏي اٽالي کين جهليو. پوليس اٽالو صبح کان ئي هاسٽل ويجهو موجود هو ۽ گشت ڪري رهيو هو. جلوس پرامن نموني ڇڙوڇڙ ٿي ويو. گذريل ڏينهن جي واقعن بعد يونيورسٽي انتظاميه يونيورسٽيءَ کي اڻڄاتل مدي تائين بند ڪري ڇڏيو ۽ هاسٽل خالي ڪرڻ جو حڪم ڏيئي ڇڏيو. صبح جو سوير لائوڊ اسپيڪرن جي ذريعي شاگردن کي انن ڪلاڪن جو نوٽس ڏيئي ڇتاءَ ۾ چيو ويو ته ڏنل وقت کان پوءِ پوليس ڇاپا هڻندي.
- پٽ شاهه: هالا ۾ قومي شاهراهه پنج ڪلاڪ بند رهي. شهر ۾ مڪمل هڙتال رهي ۽ پوليس ۽ عوام وچ ۾ چڪريون لڳيون. صبح جو ١٠ وڳي واپڊا آفيس وٽان جلوس نڪتو ۽ مختيارڪار جي آفيس تائين پهتو. مظاهرين اتي جلسو ڪيو. تقريرون ڪيون ۽ پنجن ڄڻن علي مراد، محمد بخش، گل شير، علي نواز ۽ محمد سوڍڙي گرفتاري ڏني. بعد ۾ جلوس ۾ شامل ماڻهو نعرا هڻي قومي شاهراهه تي پهتا. ان موقعي تي هڪ سرڪاري جيپ ماڻهو ڇيپاٽيا ته اشتعال وڌي ويو. ان واقعي ۾ هڪ شخص خادم حسين جي ڄنگهه ڀڄي پئي هئي. اشتعال کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس ڳوڙها گئس استعمال ڪئي ته هجوم جواب ۾ پٿر بازي شروع

ڪئي. هجوم شاهراهہ تي ڪاٺ ۽ ٽائر ساڙيا. پٿراءُ ۽ شيلنگ ۾ چار پنج ڄڻا زخمي ٿيا. حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر شفيق الرحمان پراچہ عوام کي ٿڌو ڪيو. بعد ۾ جلوس واپس موٽيو ۽ نعرا هڻيا. هالا ۾ درگاهہ نوح وٽ جلوس جي پڄاڻي تي. اخبارن ۾ رات جو دير سان اطلاع پهتو تہ هالا ۾ هوائي فائرنگ تي هئي ۽ مخدوم طالب المولىٰ جو پيغام ماڻهن کي پڙهي ٻڌايو ويو جنهن ۾ هن ماڻهن کي پرامن رهڻ لاءِ چيو هو.

- ڪراچي: سيشن ڪورٽ اڄ گلزار بيگم ۽ حسن فيروز گرفتاري ڏني. ان وقت وڪيلن ۽ سياسي ڪارڪنن عدالت جي حدن اندر ايم. آر. ڊي هلچل جي حق ۾ نعرا هنيا. سوين ماڻهو ٻن ڪلاڪن تائين بندر روڊ تي ڪي. ايم. سي بلڊنگ آڏو جمع رهيا. ان وقت پوليس جو وڏو اثالو موجود هو. سوين وڪيل، سياسي پارٽين جا عهديدار ۽ پرڏيهي صحافي موجود هئا. هو عام ماڻهن کان تاثرات وٺندا رهيا. حسن فيروز منجهند ڌاري بندر روڊ تي بينر کڻي اوچتو ظاهر ٿيو ۽ پوليس کيس جهٽ پٽ گرفتار ڪري ورتو. گلزار بيگم جي گرفتار ٿيڻ کان اڳ، وڪيل ڪيس عدالت جي حد ۾ وٺي ويا هئا جتي وڪيلن، شاگردن، پورهيتن ۽ سياسي ڪارڪنن نعري بازي ڪئي. بعد ۾ هوءَ جلوس جي شڪل ۾ بندر روڊ تي آئي ۽ گرفتاري ڏنائين. ان وقت ڪجهہ دير لاءِ بندر روڊ تي ٽريفڪ معطل رهي. ماحول پرامن رهيو ۽ تشدد جو ڪوبہ واقعو پيش نہ آيو. اڌ ڪلاڪ اندر هجوم پرامن طور منتشر ٿي ويو.
- محراب پور: ڪنڊياري ۾ پُر امن جلوس نڪتو ۽ گرفتاري عمل ۾ آئي. ڪلهہ وانگر اڄ بہ عورتن جو جلوس نڪتو. ماڙي جلباڻي ۾ بہ مردن ۽ عورتن جا بہ جدا جدا جلوس نڪتا.
- نئون: نيشنل بينڪ چوڪ وٽ ڪانڊيري، هارون ۽ ابراهيم گرفتاري ڏني. انتظاميہ شهر ۾ قلم ۱۴۴ لاڳو ڪري ڇڏيو.
- سجاول: ٻن ڪارڪنن منو اوڊڙو ۽ سليمان ماڇيءَ گرفتاري ڏني.
- چوهڙ جمالي: جلوس ڪڍيو ويو جنهن مان ڇهن ڄڻن عبدالرحمان ميمڻ، ڪمال شاهہ بخاري، جمن ميراثي ۽ رمضان درس گرفتاري ڏني.

- ٽنڊو آدم: ڇهن ڄڻن محمد موسيٰ ڏيرو، لال بخش ڪوري، علي نواز بروهي ۽ وريام حاجاڻي پر امن طور ٽاڻي تي گرفتاري ڏني. انهن سڀني جو تعلق پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان هو.
- سڪرنڊ: شهر ۾ ٻه جلوس نڪتا جن مان هڪ شاگردن جو هو. انهن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ نعرا هنيا. ضياء حمايت تحريڪ وارن انهن تي حملو ڪيو پر پڇي نه سگهيا ۽ ڀڄي ويا. پوليس وارن شاگردن تي لٺ بازي ڪئي. ٻيو جلوس ايم. آر. ڊي طرفان ڪڍيو ويو. جنهن ۾ پنجن ڄڻن گرفتاري ڏني.
- شهدادپور: ٻن ڄڻن لونگ خاصخيلي ۽ ابراهيم ڪوسي گرفتاري ڏني.
- دادو: خيرپور ناٿن شاهه ۾ بس اسٽينڊ ويجهو مظاهرو ڪيو ويو. جنهن ۾ ٻن ڄڻن منظور احمد خاصخيلي (هاري) ۽ بخشل لنڊ (شاگرد) گرفتاريون ڏنيون.
- ميهڙ: شهر ۾ وڏو جلوس ڪڍيو ويو. جنهن ۾ ادريس مهيسر نعرا هڻندي گرفتاري پيش ڪئي.
- ڪراچي: پاڪستان پروگريسو اسٽوڊنٽس الائنس احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ ناظم آباد ۾ رستن تي رنڊڪون وجهي سرڪاري بسن تي پٿراءُ ڪري ٽريفڪ بند ڪئي وئي. الائنس وارن گورنمنٽ ڪاليج ناظم آباد ۾ گڏجاڻي ڪئي ۽ ايم. آر. ڊي جي شهيدن جي جنازي نماز پڙهي. هنن بعد ۾ جلوس ڪڍيو. روڊ بلاڪ ڪيو سرڪاري بسن تي پٿراءُ ڪيو ۽ ٽائر ساڙي ٽريفڪ بند ڪرائي ڇڏي.
- جيل اختياري وارن چيو ته سنڌ ۾ ۴۰۰۰ ماڻهو گرفتار ٿيا آهن. جيلن ۾ اجا ۱۰۰۰ قيدين جي گنجائش آهي. سنڌ جي سڀني جيلن ۾ ۶۸۳۰ قيدي رکڻ جي گنجائش آهي پر ان کان به وڌيڪ ٻيا هڪ هزار قيدي رکي سگهجن ٿا. هن وقت جيلن ۾ ۸۳۰ قيدي موجود آهن. جڏهن ته ۱۴ آگسٽ تي قيدين جو تعداد ۲۵۰۰ هو. هوڏانهن، سياسي حلقن جي دعويٰ مطابق ۸۹۹۵ ماڻهو گرفتار ٿيَ چڪا آهن (ٻيا ٿاڻن ۾ آهن).

گذريل ڏينهن لياقت آباد ٿاڻي وٽ ٿيل بم ڌماڪي ۾ لياقت آباد

پوليس ايم. آر. ڊي جي انهن ٻن اڳواڻن تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جن ان موقعي تي گرفتاري پيش ڪئي هئي. هڪ ٻئي شخص فاروق احمد کي گرفتار بہ ڪيو هو. جنهن کان دهشت گرديءَ خلاف جوڙيل خاص شعبو پڇا ڳاڇا ڪري رهيو هو.

- مير پور بٺورو: سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري صوفي حضور بخش جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو. پوليس حضور بخش، اسماعيل سوهي، غلام رسول زنگيجي، آدم چانڊيئي ۽ الله رکئي کي گرفتار ڪري ورتو. جلوس تي لٺبازي ڪئي وئي ۽ موت ۾ سياسي ڪارڪنن پٿراءُ ڪيو. ان واقعي ۾ ٽئي جوايس. پي معمولي زخمي ٿيو.

استعيفائون

- ڪراچي: محمد شفيع ڄاموٽ پنهنجن سمورن عهدن تان استعيفا ڏيئي ڇڏي هن وٽ ضلعي ڪائونسل ڪراچي، سنڌ ڪائونسل، ڊويزنل رابطا ڪميٽي ڪراچي، ڪي. ڊي اي، مرڪزي فلم سينسر بورڊ جي ميمبر شپ ۽ حج ڪميٽيءَ جا عهدا هئا. هن هڪ پريس ڪانفرنس ۾ مطالبا ڪيا تہ ١٩٧٣ واري آئين تي ٻنا ترميم جي عمل ٿئي، عام چونڊون ڪرايون وڃن. ڄاموٽ صاحب چيو "هلندڙ هلچل تي خاموش تماشائي بڻجي نٿو ڏسي سگهجي، هر ماڻهوءَ کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو فرض آهي!" هن مختلف واقعن دوران پوليس تشدد جي مذمت ڪئي ۽ شهرين کي خراج عقيدت پيش ڪيو.
- حيدرآباد: ضلعي ڪائونسل بدين جي ٣٠ ميمبرن استعيفائون ڏيئي ڇڏيون. حيدرآباد مان وڏيڪ ٽن استعيفائن جا اطلاع پهتا. ان ريت هن مهل تائين حيدرآباد مان ٣٨ ميمبرن جي استعيفيٰ رپورٽ ٿي.
- پنو عاقل: سنڌ هاري ڪميٽي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن هڪ وڏو گڏيل جلوس ڪڍيو جنهن ۾ ٢٠ هزار ماڻهو شريڪ هئا. مظاهرين غائباڻي جنازي نماز ادا ڪئي ۽ پوءِ جلوس جي صورت ۾ قومي شاهراهہ تي پهتا. هن موقعي تي پوليس سان گڏ فوج بہ مظاهرين کي

روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. گهوڙها گڏس ۽ لٺ بازي بہ ناڪام ٿي وئي. ڪارڪنن جواب ۾ سروٽي بازي ڪئي. ان ويڙهہ ۾ ست ڪارڪن زخمي ۽ ۹ ڄڻا گرفتار ٿيا. باقي مظاهرين رستي تي سرڪاري بسن تي پٿراءُ ڪيو. هن جلوس ۽ احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي اڳواڻ رشيد انيڙ دعوي ڪئي تہ هلندڙ هلچل دوران هاري ڪميٽيءَ جا ٽي ڪارڪن شهيد ۽ ۴۱ گرفتار ٿيا آهن.

- مينگهو فقير: سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ جلوس نڪتو. جنهن تي پوليس لٺ بازي ڪري ڪافي ڪارڪن زخمي ڪري وڌا ۽ ۱۱ ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتارين لاءِ پوليس گهرن ۾ ڪاهي پئي ۽ عورتن سان بدسلوڪي سان پيش آئي. گرفتار ڪارڪنن ۾ بهادر علي شر، ۱۱، ۱۱ سالن جي عمر جا ٽي ڇوڪرا ۽ پيا شامل هئا. ان تڪرار ۽ گرفتارين مهل تشدد جي موٽ ۾ ۴ پوليس وارا بہ زخمي ٿي پيا. پوليس وارن رات جي بيگاهہ وقتن ۾ گرفتارين لاءِ ناڪام ڇاپا بہ هنيا.

سزائن جو سلسلو

سنڌ ۾ سزائن جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو هو. سرسري سماعت، جي فوجي عدالتن ڪارڪنن کي سخت ۽ بي رحماڻيون سزائون ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيون. انهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ سزا ۹ مهينا قيد بامشقت، ۱۰ ڦٽڪا ۽ ۳۰ هزار رپيا ڏنڊ مقرر ڪيو ويو هو. فوجي عدالتن جي پرزائيڊنگ آفيسر هڪ بن پيشين ۾ ئي فيصلو ٻڌائي ٿي ڇڏيو.

- نوابشاهہ: سرسري سماعت جي فوجي عدالت هڪ ئي وقت ويهارو کن ڪارڪنن کي ۹، ۹ مهينا قيد، ۱۰، ۱۰ ڦٽڪا ۽ ۳۰، ۳۰ هزار رپيا سزا ٻڌائي جيل روانو ڪري ڇڏيو. انهن ڪارڪنن جا نالا هن ريت آهن: حاڪم علي رند، محمد حسن رند، محمد ابراهيم ٻانيڙ، عبدالغفور ٻانيڙ، عزيزالله گوپانگ، لطف علي گهانگهرو محمد وارث گوپانگ، الهہ ورايو گهانگهرو، گلاب، هاديءَ ڏنو جاڙل، سليمان، غلام فريد ٻانيڙ، غلام قنبر، محبت ٻانيڙ، حاڪم علي، نظر محمد ڪوسو عبدالستار رند ۽ محمد عرف رحمت الله ڪلهوڙو.

- ڪنڊيارو: سرسري سماعت واري فوجي عدالت ستن ڄڻن عبدالواحد گهانگهري، محمد يوسف گهانگهري، محمد آچر گهانگهري، عبدالشڪرو گهانگهري، محمد هاشم اڄڻ، ممتاز علي اڄڻ ۽ محمد رمضان بروهيءَ کي نو نو (٩، ٩) مهينا قيد ڏهه ڏهه ڦٽڪا ۽ ٻه ٻه هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي.
- سکر: سرسري جماعت واري فوجي عدالت محمد صديق ڪرل (وڪيل) کي قيد، ڦٽڪن ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي. هن تي بنا اجازت جلوس ڪڍڻ، تقرير ڪرڻ ۽ نفرتون پکيڙڻ جا الزام هنيا ويا. ڪيس هڪ سال قيد، ١٠ ڦٽڪا ۽ ١٥ لک رپيا ڏنڊ جي سزا، ڏني وئي ۽ ڊپٽي ڪمشنر کي خاص هدايت ڪئي وئي ته ڪرل صاحب جي ملڪيت نيلام ڪري ڏنڊ وصول ڪيو وڃي.

پير پاڳاري گروپ جو دٻاءُ

ڪراچيءَ ۾ مسلم ليگ وارن نئين سياسي ڍانچي جو جائزو وٺندي ان ڍانچيءَ بابت پنهنجي بي اطمينانيءَ جو اظهار ڪيو. پير پاڳاري گروپ جي سيڪريٽري جنرل ايس. ايم ظفر هڪ پريس ڪانفرنس ذريعي حڪومت تي دٻاءُ وڌو ته سال ١٩٨٤ع کي چونڊن جو سال قرار ڏيئي مارچ کان ئي چونڊن جو عمل شروع ڪيو وڃي. ايس. ايم ظفر ان پريس ڪانفرنس کان اڳ جمعيت علماء پاڪستان جي مولانا شاهه احمد نورانيءَ سان به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي هئي.

پير پاڳاري گروپ ۽ مولانا نورانيءَ جي ان عدم اطمينان سان حڪومت تي ڪو به اثر پئجي نه ٿي سگهيو. ان ريت هنن ڏرين ايم. آر. ڊي سان لاتعلق ۽ مخالفاڻو رويو رکي حڪومت کي باور ٿي ڪيو ته ايم. آر. ڊيءَ جو متبادل پير پاڳارو ۽ ان جا اتحادي آهن.

١ سيپٽمبر ١٩٨٣ع

ايم. آر. ڊي هلچل ۾ انهن سياستدانن جي پيچ ڊڪ ڏاڍي عجيب هئي،

جيڪي هلچل ۾ تہ شامل نہ هئا پر ان هلچل کي پنهنجي حق ۾ ڪيش ڪرائڻ لاءِ آتا هئا. جڏهن اهي خبرون آيون تہ پير صاحب پاڳاري مخدوم طالب المولئ سان رابطو ڪيو آهي، تڏهن ڪان ڪارڪنن ۾ شڪ پيدا ٿيڻ لڳا. هي مرحلو خود سياستدانن جي آزمائش جو هو. پير ۽ وڏيرا سياڻي ڪانءَ وانگر ٻہ ٽنگا اچي ڦاٿا هئا. هنن لاءِ هيءَ سياسي زندگي ۽ موت جو ٻہ واٽو هو.

جڏهن پير پاڳاري ۽ مخدوم طالب المولئ جي خبر ۽ گڏوگڏ تحريڪ جو هالا ۾ زور ڏنو ويو تڏهن مونجهارو پيدا ٿي پيو تہ ضرور مخدوم طالب المولئ تي دٻاءُ وڌو ويو هوندو ۽ پچاڙو ڪيو ويو هوندو. موت ۾ طالب المولئ انهن خبرن جي ترديد ڪري ڇڏي تہ ڪو هن پير پاڳاري سان ملاقات ڪئي آهي. يقينا هنن روبرو ملاقات ڪونہ ڪئي هئي. مخدوم صاحب وضاحت ڪئي تہ پير پاڳاري سان سندس آخري ملاقات ٢٤ فيبروريءَ تي مخدوم رفيق الزمان جي شاديءَ جي موقعي تي ٿي هئي. هن ان ڪان بہ انڪار ڪيو تہ ڪو سندس ملاقات پير صاحب جي پٽ راجا سائينءَ سان ٿي آهي. بهرحال، هن ايئن بہ ڪونہ چيو تہ فون يا ڪنهن ٻئي ذريعي سان ٻنهي پيرن ۾ ڪو حال احوال بہ ڪونہ ٿيو آهي.

ساڳئي ڏينهن يعني ٣١ آگسٽ تي پير پاڳاري لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي زور ڀريو تہ "مسلم ليگ جي سربراهيءَ ۾ سياسي حڪومت قائم ڪئي وڃي ڇو تہ ملڪ جي اڄوڪين ۾ حالتن ۾ انهن جو حل سياسي طور ئي ممڪن آهي ۽ انهن مسئلن کي غير سياسي حڪومت حل ڪري نہ سگهندي!" پير صاحب مخدوم زاده سيد حسن محمود جي جاءِ تي ڪيل پريس ڪانفرنس ۾ سنڌ جي صورتحال کي افسوس ناڪ قرار ڏيندي چيو تہ هن جنرل ضياءُ الحق سان ملاقات دوران سنڌ جي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون.

پير صاحب ٻڌايو "مون صدر کي چيو تہ اڄ سنڌ ۾ جيڪي ماڻهو تحريڪ هلائي رهيا آهن، سي اهي ئي ماڻهو آهن جن حڪومت پاڪستان جي قيام کان اڄ تائين تحفظ ڏنو آهي ۽ انهن کي اڳتي وڌائيندي آئي آهي."

پير صاحب چيو "ان ملاقات جو مقصد توازن قائم ڪرڻ هو. هن پنهنجي مخصوص انداز ۾ چيو تہ مون جنرل صاحب تي واضح ڪيو تہ هاڻي اهي ئي 'اوهان جي ٻلي، اوهان کي مياؤ!' ٽا ڪن. جنهن سان اسان جو ڪوبہ واسطو نہ آهي، اهو اسان جي مٽي جو سور نہ آهي ... پر اسان ايترو ضرور چيو آهي تہ جمهوريت جي بحاليءَ جي تحريڪ ۾ اسان جون همدرديون انهن سان گڏ آهن. پر احتجاج جا مختلف طريقا هوندا آهن. اسان 'ٻانگون ڏيئي' احتجاج ڪري ٽا ونون ۽ سمجهون ٿا تہ اها صحيح پاليسي آهي ... هو پيچ ڊاهہ ٿا ڪن ۽ ان کي ئي درست ٿا سمجهن ڇو تہ اهي هر حڪومت جا لاڏلا آهن!"

پير صاحب چيو "اسان واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ اها ختم ٿيڻ واري ڳالهہ نہ آهي، جيڪڏهن تحريڪ هينئر ختم ٿي وئي تہ وري ٻيهر ان کان ڪيئي ڀيرا شدت سان نمودار ٿيندي!" هن چيو "١٩٧٧ع ۾ مون صدر سان پهرين ملاقات ۾ واضح ڪيو هو تہ سنڌ جي حالت درست نہ ڪئي وئي تہ اهي حالتون سڄي پاڪستان ۾ پکڙجي وينديون. اهي حالتون مسلم ليگ لاءِ نيون نہ آهن، اسان تہ ١٩٧٧ع کان انهن ڏينهن جي انتظار ۾ ويٺا هئاسون. هاڻي اهي ڏينهن اچي ويا آهن ... مون پهرين ملاقات ۾ ئي هن کي چئي ڇڏيو هو تہ جيتوڻيڪ پاڙي ۾ اهڙيون حالتون نہ هيون تڏهن بہ هي مسئلو نبيرڻ گهرجي. هاڻي بہ انهن مسئلن جو حل ملڪ ۾ سياسي حڪومت جو قيام آهي!"

پير صاحب پاڳاري پنهنجو موقف رکندي چيو سنڌ جي تحريڪ ۾ ماڻهو دين تہ دنيا گهري رهيا آهن، پنهنجا پيدائشي ۽ سياسي حق گهري رهيا آهن ... ۽ مسلم ليگ ئي اهي مسئلا حل ڪرڻ جي اهل آهي ... آئون حڪومت ۽ سياستدانن جي وچ ۾ ڳالهين لاءِ رابطي جو ڪم ڪونہ پيو ڪريان، آئون سياسي ۽ خاص شخص آهيان ... پير جو مرتبو ۽ مقام اهو آهي تہ هو پنهنجو پيغام پهچائيندو رهي ... آئون پير آهيان، ڪنهن کي بہ پاڻ وٽ گهرائي سگهان ٿو ڪنهن جي گهر نٿو وڃي سگهان ... جڏهن مون کي صدر مانيءَ تي گهرائيندو آهي تہ مان هليو ويندو آهيان ... جيڪڏهن علائقي جو ٿاڻيدار گهرائيندو تڏهن بہ هليو ويندس ... هو تہ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر آهي ... سنڌ جون ٽي ڊويزنون تازي تحريڪ ۾ متاثر ٿيون آهن

۽ ماڻهن ۾ ڪامرادو اهو سڀ ڪجهه ڪري رهيا آهن ۽ حق گهري رهيا آهن پر گهرڻ جو اهو طريقو غلط آهي!"

پير صاحب سنڌ جي صورتحال تي اجا به ڳالهائيندو رهيو "اندرا گانڌيءَ کي سنڌ جي مهاجرن جو انتظار آهي ته انهن مان ڪنهن کي به اوڏانهن واپس وڃڻو نه آهي ... پاڪستان تي هندستان جي حملي جا امڪان ڪونه آهن. ان جو فيصلو هندستان کي نه پر وڏين طاقتن کي ڪرڻو آهي. سنڌ جون حالتون هر حالت ۾ افسوس ناڪ آهن. انڪري جو اهي پاڻ حڪومت جون ئي پيدا ڪيل آهن. حالتون خراب ڪندڙن کي به خود حڪومت ئي پناهه ڏني آهي!"

پير صاحب ملڪ ۾ سياسي حڪومت بابت جيڪا ڳالهه ڇيڙي ان مان محسوس ٿي رهيو هو ته شايد جنرل ضياءُ الحق هن کي پنهنجو اصلي پروگرام ٻڌائي ڇڏيو هو. هن چيو "سياسي حڪومت ۾ اهي سياسي جماعتون شامل هونديون جن ١٩٧٠ع ۾ ڪا به هڪ سيٽ حاصل ڪئي هجي ۽ هن کي ڪتان نه ڪتان عوام جي پٺڀرائي ٿي هجي ۽ جيڪي جماعتون ذميواري کڻڻ لاءِ تيار هونديون. انهن کي شامل ڪيو ويندو؟ تنهن هوندي به هن چيو سياسي حڪومت مارشل لا تحت قائم ڪئي ويندي جيڪا ملڪ ۾ عام چونڊن ۽ موجود مسئلن کي سياسي طور حل ڪندي!"

اديب ۽ دانشور

هڪ طرف پير پاڳارو پنهنجي جوڙ توڙ ۾ مصروف ٿي ويو هو ۽ غالبا جنرل صاحب کيس ڪجهه پڪو آسرو ڏيئي موٽايو هو. ٻئي طرف سکر ۾ سنڌ جي بي حد معتبر ۽ جهوني اديب رشيد ڀٽيءَ کي سندس گهر مان گرفتار ڪري سينٽرل جيل سکر موڪليو ويو ۽ ٻين معتبر ماڻهن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا ويا. سکر ۾ ٻن ڏينهن دوران ٣٠ ڄڻن کي ڇاپا هڻي گرفتار ڪيو ويو هو. سنڌ جا جيل فقط سياسي ڪارڪنن سان ئي نه، پر اديبن ۽ صحافين سان به ڀرجي رهيا هئا.

جنهن ڏينهن تي سائين رشيد ڀٽي گرفتار ٿيو ان ئي ڏينهن تي لاهور

مان ۴۵ ليکڪن، شاعرن ۽ صحافين جي صحين سان هڪ بيان جاري ڪري چيو ويو تہ موجوده گهوٽالي کي عوام جي خواهشن مطابق حل ڪرڻ وقت جي اٽر ضرورت آهي. ان بيان ۾ ذڪ جو اظهار ڪيو ويو ڪي مستقل مفاد رکندڙ ماڻهو جمهوريت سان سنڌ جي عوام جي لڳاءُ ۽ قربانين کي بين الاقوامي سطح تي غلط رنگ ڏيئي رهيا آهن. هنن چيو تہ پر امن جدوجهد ۾ تشدد جو رنگ شامل ڪرڻ جا ذميوار بہ خود اهي ئي مستقل مفاد آهن. جيڪي جمهوريت جا ويري آهن. بيان ۾ پاڪستان جي شهرين کي اپيل ڪئي وئي تہ اهي پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ پنهنجيون ذميواريون پوريون ڪن. ان بيان تي استاد دامن، حبيب جالب، فخرالزمان، قتيل شفائي، اخلاق احمد دهلوي، انور سجاد، اي مسعود، صفدر مير، منو ڀائي، آءِ اي رحمان، شفقت تنوير مرزا، نذير ناجي ۽ ٻين جون صحيون هيون.

پاڪستان جا اديب ۽ دانشور پاڪستان جي حڪومت تي تنقيد ڪري رهيا هئا پر ٺيڪ ان ڏينهن تي انقره يونيورسٽيءَ جنرل ضياءُ الحق کي سندس خدمتن جي مڃتا ۾ عقل ۽ ڏاهپ جي سڀ کان وڏي ڊگري 'ڊاڪٽريٽ آف فلاسافي' اعزازي طور عطا ڪئي. ڄڻڪ پاڪستاني اديبن جي دستخطي مهم جي جواب ۾ وڏي چٽر طور ائين ڪيو ويو هو.

جنرل ايس. ايم عباسيءَ جو بيان

هوڏانهن، سنڌ جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ليفٽيننٽ جنرل گورنر ايس. ايم عباسيءَ اکيون پوري بيان ڏنو تہ "ماڻهن کي گرفتاريون ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو پيو وڃي!" فوجي سربراهہ کي شايد اها ڳالهہ بريف نہ ڪئي وئي هئي تہ هن ڀيري خلق اڳواڻن کان اڳتي نڪري وئي هئي. ماڳهي اڳواڻ عوامي اپار سبب پنهنجي گرفتاري ڏيڻ تي مجبوري تي پيا هئا ۽ هي سنڌ جي ماڻهن لاءِ مڙس تي ملهائڻ جو وقت هو. ڪوبہ سياسي ڪارڪن سمجهي سگهيو ٿي تہ هيءَ محل ملهائڻ جي هئي. پر گورنر عباسيءَ جو چوڻ هو تہ زميندار، پير ۽ ٻيا با اثر ماڻهو عام ۽ سندن ماتحت ماڻهن کي گرفتاريون ڏيڻ تي زور ڀري رهيا هئا. جنرل صاحب جي اها دعوي بہ غلط هئي ڇو تہ جيڪي

ماڻھو پنھنجي لاءِ زور تي ووٽ وٺي نہ تي سگھيا، اھي ماڻھن کان گرفتاريون ڪيئن تي وٺي سگھيا؟ ھو تہ پاڻ گرفتاريون ڏيڻ تي مجبور ھئا. اھو سنڌن سياسي مستقبل جو سوال بڻجي ويو ھو. گورنر عباسي سياسي ڪارڪنن کي ملنڊڙ بي رحماڻين سزائن تي تبصرو ڪندي چيو "ڦتڪن جي سزا سياسي ڪارڪنن کي نہ پر پيچ ڍاھہ ڪندڙن کي ڏني پئي وڃي ... سياسي پارٽين کي حڪومت سان سھڪار ڪرڻ کپندو ھو... فقط ١٦٠٠ ماڻھن کي گرفتار ڪيو ويو آھي."

گورنر عباسيءَ دادوءَ ۾ اعليٰ سطحي گڏجاڻي ڪري امن امان جي صورتحال ڏني ۽ ھدايتون ڪيون.

ھلچل جو ارڙھون ڏينھن

- ميرپور ماٿيلو: رات جو ٢ وڳي ڌاري ١٠ ھٿيار بندن مسلم ڪمرشل بينڪ کي باھہ ڏني ۽ ڀڄي ويا.
- دادو: ٽن ڄڻن رمضان گوپانگ، حاجي قبول پنھور ۽ فدا مگريجي کي دادو پوليس گرفتار ڪري ورتو.
- خيرپور ناٿن شاھہ : سياسي ڪارڪنن مظاھرو ڪيو جنھن کان پوءِ ستن ڄڻن: بشير ڀڳھئي، خورشيد جوڻيجي، ممتاز نائچ، رفيق جوڻيجي (چارئي شاگرد)، صديق چانڊئي (زميندار)، صديق سولنگي (ھاري) ۽ حاجي ابراھيم (آبادگار) گرفتاريون ڏنيون.
- ميھڙ: شھرين جلوس ڪڍيو جنھن بعد ھڪ شاگرد الاھي بخش ٻرڙي گرفتاري ڏني. انتظاميہ ١٥ ڄڻن تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو.
- حيدرآباد: ٻن ڪارڪنن ڏٽي بخش ۽ نھال گرفتاري ڏني. ھو ٻئي ريشم گليءَ جي پڪا پير چاڙھيءَ تان نعرا ھڻندا لٿا ۽ ڪوھہ نور سئنيما وٽ گرفتاريون ڏنائون. پوليس رسول بخش پليجي جي پٽ اياز لطيف کي بہ گرفتار ڪيو.
- ڳوٺ موري منگر: ماڻھن جو ھڪ ميڙ ڪٺو ٿيو جن تحريڪ جي شھيدن جي غائباڻي جنازي نماز پڙھي ۽ پرامن طور منتشر ٿي ويا.

- ٽنڊو محمد خان: اسڪولي شاگردن جلوس ڪڍيو.
- هالا: سياسي ڪارڪنن مارڪيٽ چوڪ کان جلوس ڪڍيو ۽ گشت ڪيائون. ٽن ڄڻن خان محمد سولنگي، صالح سولنگي ۽ الله بخش سولنگيءَ گرفتاري ڏني.
- پنج موري: سياسي ڪارڪنن جلوس ڪڍيو ۽ ٽن ڄڻن علي اڪبر راهو حميد ڏيٿو ۽ ستار راهو گرفتاريون ڏنيون. نيو سعيد آباد ۾ شاگردن اسڪولن جو بائيڪاٽ ڪيو.
- نوشهرو فيروز: پنجن ماڻهن کي قتل ڪرڻ جي الزام ۾ پوليس خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو. غلام محمد عباسي وڪيل اهڙو سڌو فرياد ايس. ڊي. ايم نوشهرو وٽ داخل ڪيو. ١٨ آگسٽ تي پوليس جي فائرنگ ۾ مبينہ طور پنج ڄڻا مارجي ويا هئا. نوشهري ۾ ٻئي اَج صبح جو ١٠ وڳي پنجن ڄڻن احمد، حمزي فقير، امام علي، عبدالستار ۽ هڪ ٻئي شخص گرفتاري ڏني. گڏريل ڏينهن غلام سرور ابڙي ۽ فيروز راڄپر جلوس ۾ گرفتاري ڏني هئي. ان موقعي تي ماڻهن شهيدن ۽ تحريڪ جي لاءِ دعائون بہ گهريون.
- سڪرنڊ: سياسي ڪارڪنن هر هڪ امير بخش مگسي، عبدالغني مگسي، حافظ عبدالحق خاصخيلي، موسيٰ چانڊئي ۽ رحمت الله مگسيءَ گرفتاريون ڏنيون. هاءِ اسڪول جي شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ رستن تي نڪري آيا. پوليس لاٺي چارج ڪئي. هيل تائين سڪرنڊ مان ويهن ڄڻن جون گرفتاريون رڪارڊ تي آيون هيون.
- محراب پور: عورتن جلوس ڪڍيو.
- لاڙڪاڻو: پاڪستان چوڪ تي پنجن ڄڻن جلوس جي شڪل ۾ گرفتاري ڏني. انهن مان بہ ڄڻا پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جا، هڪ جمعيت علماء اسلام جو هڪ عوامي تحريڪ جو ۽ هڪ وطن دوست مزدور تحريڪ جا هئا. ان سان گڏ نصيرآباد، وارهہ، ڏوڪري، قنبر، شهدادڪوٽ، رتي ديري، نئين ديري ۽ لاڙڪاڻي مان ڪل گرفتارين جو تعداد ٧٦ ٿي ويو.

- نصير آباد: انبوهہ جلوس جي شڪل ۾ رستن تي نڪري آيو ۽ شهر ۾ پيچ ڊاهہ شروع ڪري ڏنائين. هنن ٽيليفون ايڪسچينج کي باهہ ڏني ۽ ٻن آپريٽرن کي زخمي ڪري وڌائون. پوليس جلوس کي منتشر ڪرڻ لاءِ ڳوڙها گئس استعمال ڪئي ۽ گرفتاريون ڪيون.
- ڪراچي: ملير سٽيءَ وٽ شاهد رضا ۽ وجدل خان بلوچ هجوم آڏو گرفتاري ڏني ۽ نعرا هنيا.
- ٽنڊو آدم: ٽن ڄڻن هر هڪ الهہ جڙيو ڏيرو، محمد قابل ڏيرو ۽ خدا بخش لاکو نعرا هڻندا نڪري پيا ۽ محمد چوڪ وٽ گرفتاريون ڏنائون.
- ڪپرو: ڇهن ڄڻن پرامن طور گرفتاريون ڏنيون. شير محمد هگوري، اسماعيل هگوري، رحمت الله چانهيي سميت هڪ ٻئي شخص جي گرفتارين کانپوءِ ڪپري مان گرفتارين جو تعداد ١٦ تي ويو.
- شاهہ پور چاڪر: امن ۾ خلل وجهڻ جي ڏوهہ ۾ ايوب ڏامراهہ، عطاءَ الله انڙ، رفيق انڙ، چنگل ڏاهري، ارباب لاکي، محمد حسن ڏاهري، فقير محمد لاکي، گل بيگ ڏاهري ۽ غلام نبي انڙ کي گرفتار ڪيو ويو.
- نئون آباد: پر امن جلوس مارچ ڪندو ٿاڻي تي پهتو جتي ڇهن ڄڻن مير محمد مجيداڻي، حاجي واحد بخش، سوائي پنيري ۽ ماڻڪ پنيري گرفتاريون ڏنيون.
- شهداد ڪوٽ: ڇهن ڪارڪنن هر هڪ چنيسر ڪوسي، علي حيدر ڪوسي، فيروز رند ۽ قوتي رند گرفتاريون ڏنيون.
- ڪنديارو: پرامن جلوس ڪڍيو ويو، جنهن ۾ ڇهن ڄڻن نور محمد، علي گل، اصغر علي، دادن خان، سائينءَ ڏني ۽ منظور حسين گرفتاريون ڏنيون.
- سجاول: شهر ۾ مڪمل هڙتال رهي. سيد بابو شاهہ (پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو) گرفتاري ڏني.
- بدين: سياسي ڪارڪنن قاضي واهہ موريءَ وٽ جمع تي جلوس ڪڍيو جنهن ۾ عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن وڪيو خاصخيلي ۽ يار محمد پنهور هجوم جي آڏو گرفتاري ڏني.
- ڏيئي: عوامي تحريڪ طرفان هڪ وڏو جلوس نڪتو جنهن ۾ مقامي اڳواڻن تقريرون ڪيون.

- ڪڙيو گمنور: عوامي تحريڪ وارن جلوس ڪڍيو جيڪو بازار ڏيئي ميل ڪن هليو.
- مورو: دولت پور ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن هاشم پٽو مير محمد اونوءِ حبيب الله ڏاهري جلوس جي صورت ۾ ٽاٽي تائين پهتا ۽ گرفتاريون ڏنائون. گذريل شام پنج ڄڻا محمد خان پٽو حاجي نورالدين پٽو علي مراد پٽو الطاف پٽو ۽ ارباب پٽو ساڳي جاءِ تان گرفتاري ڏيئي چڪا هئا.
- حيدرآباد: درگاهہ قلندر لعل شهباز جي سجاده نشين سيد صادق علي شاهہ سبز واري ايڊووڪيٽ ايم. آر. ڊي جا مطالبا ورجايا.
- سانگهڙ: قلم ١۴۴ لاڳو ڪيو ويو.
- ڪراچي: هاءِ ڪورٽ بار ۽ ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي سينيئر وڪيل صديق ڪرل کي ٻڌايل هڪ سال، ڏهہ ڦٽڪن ۽ ١۵ لک رپين جي ڏنڊ جي سزا تي تنقيد ڪندي هڪ وفد چيف جسٽس سنڌ سان مليو. وفد ۾ امام علي قاضي، رشيد آخوند، حسين شاهہ راشدي، مجيب پيرزادو، فتاح ميمڻ، رشيد رضوي، نسيم فاروقي، عزيزه شيخ، راجا حق نواز ۽ غلام حسين عباسي شامل هئا.
- سرگوڌا: سرسري فوجي عدالت پاڪستان پيپلز پارٽي جي هڪ ڪارڪن کي هڪ سال قيد، هڪ لک رپيا ڏنڊ ۽ ٻن ڪارڪنن کي هڪ سال ۽ ۵٠، ۵٠ هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي.
- راولپنڊي: فوجي عدالت پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي خواجہ ناصر احمد، حسن جاويد ۽ طاهر احمد کي هڪ هڪ سال قيد ۽ ڏهن ڏهن ڦٽڪن جي سزا ٻڌائي، هنن ڪميٽي چوڪ تي نعرا هنيا هئا.
- ملتان: جناح هال وٽ ٽن ڄڻن کي گرفتاري پيش ڪرڻ کان اڳ پوليس کين گهرن مان ئي کڻي وئي. پنجاب جي سمورن جيلن تي پهرو سخت ڪيو ويو ۽ جيل جي عملي ۾ اضافي لاءِ پرتين جو حڪم ڏنو ويو.
- ڪراچي: لياقت آباد ۾ بم ڌماڪي جي الزام هيٺ ڪيئي ماڻهو شڪ ۾ گرفتار ڪيا ويا.

٢ سيپٽمبر ١٩٨٣ع

سياستدانن سان ڳجهن رابطن جي ترديد

سرحد جي گورنر ليفٽيننٽ جنرل فضل الحق پشاور ۾ ڪن سياسي جماعتن سان ڳجهي رابطي يا مفاهمت جي ترديد ڪئي. هن چيو "آئون سڀني سان ملندو رهندو آهيان، صدر صاحب اسيمبلي سياستدانن سان ڳالهيون ڪندو رهندو آهي. هي هڪ لاڳيتو عمل آهي." جنرل صاحب سياسي مسئلي جي حل لاءِ ڪنهن رسمي گول ميز ڪانفرنس جي امڪان کي رد ڪري ڇڏيو ۽ چيو تہ "اهڙيون ڪانفرسون ماضيءَ ۾ ناڪام ٿيون آهن، انڪري اسان چاهيون ٿا تہ سول مشينري معاملات طئہ ڪري." جنرل صاحب فوج جو نالو بدنام ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ چيو "... ۽ انڪري آئون مارشل لا ڏانهن آيل ٩٠ سيڪڙو ڪيس رد ڪري ڇڏيندو آهيان!"

ڇا تشدد سان جمهوريت اچي ويندي؟ ميان طفيل احمد

جماعت اسلاميءَ جي سربراهہ ميان طفيل احمد لاهور ۾ هڪ آجياڻي ۾ جنرل ضياءُ الحق تي زور وڌو تہ هو رجسٽر ٿيل جماعتن کي بحال ڪري انهن کي محدود سياسي سرگرمين جي اجازت ڏيئي ڇڏي. هن اسلامي جميعت جي وڪيلن کي خطاب ڪري جماعت جي تاريخ جاگرافي ٻڌائي ۽ چيو "اڄ ملڪ ۾ جيڪي ماڻهو جمهوريت جا چئمپين ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن انهن جي ليڊر (ڀٽي صاحب) کي گرفتار ڪري ڊگهو ڪيس هلائي ڦاهي ڏني وئي ... پورهيتن، وڪيلن ۽ شاگردن لٺيون جهليون پر انهن ساڍن پنجن سالن ۾ جمهوريت ڪونہ آئي (۽ خاموش رهيا) پر هاڻي جڏهن ضياءُ الحق ڪنهن چڱي يا خراب سياسي خاڪي جو اعلان ڪيو آهي تہ هنن کان ڏيڍ سال انتظار نٿو ٿئي ۽ يڪدم جمهوريت ياد آئي اٿن!"

هن ڇڙ مان سوال پڇيو "ڇا تشدد سان جمهوريت اچي ويندي؟" ميان طفيل مطالبو ڪيو تہ ٢٣" مارچ ١٩٨٤ع تائين اقتدار منتقل ٿيڻ گهرجي ۽ اسان کي نظر انداز نہ ڪرڻ گهرجي چو تہ سياسي جماعتن جي دٻاءَ جي

نتيجي ۾ ئي ضياء الحق اعلان ڪرڻ تي مجبور ٿيو آهي تہ ملڪ جو آئندو نظام ١٩٧٣ع واري آئين تي هوندو جيتوڻيڪ هو ان آئين جي ذڪر سان ئي بيچين ٿي ويندو هو.“ ميان طفيل صاحب صلاح ڏني تہ ”سياستدانن کي اهڙو ماحول ناهڻ گهرجي جو حڪمران کي چونڊن جي پروگرام کان پڇڙ جو بهانو نہ ملي. پيج ڊاهہ سان بهانا هٿ اچن ٿا!“ هن ياد ڏياريو تہ هن کان اڳ بہ پيرا چونڊن جو اعلان ملتوي ٿيو آهي. ميان طفيل چيو ”تازو ئي ضياءَ الحق سان ملاقات ڪرڻ کان پوءِ آئون چئي سگهان ٿو تہ ائين شايد ئي ڪڏهن ٿيو هجي جو فوج سولائيءَ سان اقتدار ڇڏي... انڪري بہ ان لاءِ وڏي حڪمت عملي هلائڻي پوندي, تشدد سان هڪ مارشل لا متان ٻي تازي مارشل لا لڳندي... صوبائي خود مختياري آئين ۾ طئہ ٿيل آهي, اهو مسئلو وري اٿارڻ خطرناڪ ٿيندو!“

قومي حڪومت قائم ڪريو: تاج محمد جمالي

مسلم ليگ بلوچستان جي صدر ۽ اڳوڻي وفاقي وزير تاج محمد جماليءَ پاڪستان جي صدر کي اپيل ڪئي تہ ”سياستدانن سان غير مشروط ڳالهيون ڪري ۽ ١٨ مهينن جي مناسب مدي اندر قومي حڪومت ٺاهي ڪو غير فوجي گورنر مقرر ڪري عام چونڊون ڪرايون وڃن.“ هن وڳوڙن تي ڳڻتي ظاهر ڪري ١٩٧٣ع واري آئين ۾ موجود صوبائي خودمختياريءَ تي عمل جو مطالبو ڪيو.

هوڏانهن, پاڪستان رابطا ڪائونسل جي صدر نبي بخش زهريءَ بہ ننڍن صوبن ۽ سينيٽ جي اختيارن ۾ اضافي جي ضرورت تي زور ڏنو. هن چيو تہ ”آئين ڪميشن جي چيئرمين انصاريءَ جي ٢٢ صوبن واري تجويز تمام وڏيڪ آهي, انڪري صوبن ۾ موجود تفاوت بہ ختم ڪرڻ ضروري آهي... پنجاب کي چئن صوبن ۾ ورهايو وڃي, ڪل يارنهن يا ٻارنهن صوبا قائم ڪيا وڃن ... حڪومت, ايم. آر. ڊي ۽ ٻيون جماعتون گڏجي حل ڳولهين ۽ اهي اسان جي ذريعي پنهنجون خاميون دور ڪن ڇو تہ اسان غير جانبدار آهيون.“ زهري صاحب هن بيان جي ذريعي اصل ۾ جنرل ضياءَ الحق جو اعتماد وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

محمود هارون ۽ يحيٰ بختيار بي بي سيءَ تي

بي. بي. سي ريڊيو تان ايم. آر. ڊي جي حوالي سان روزانو خبرون ۽ سياسي تجزيا اچي رهيا هئا ۽ ماڻهن جا ذهن انهن راين مان اثر بہ وٺندا ٿي ويا. گڏريل ڊينمن جڏهن بي بي سي تان پاڪستان جي وزير داخلہ محمود هارون کان پڇيو ويو تہ "ڇا مارشل لا حڪومت تحت صوبن ۾ محروميءَ جو احساس وڌي ويو آهي؟" تہ جواب ۾ هن ورائيو "صوبائي حڪومتون ١٩٧٣ع واري آئين تحت هلي رهيون آهن." محمود هارون مارشل لا ۽ جمهوريت تي ٻين سوالن جا جواب بہ ڏنا. جڏهن هن کان پڇيو ويو تہ "ڇا بيگم ڀٽو ڪيس جي سلسلي ۾ اهو نہ چيو ويو هو تہ صدر ضياءُ الحق کي آئين ۾ محدود مدي ۽ مخصوص مقصدن لاءِ ترميم جو حق حاصل هوندو!" تڏهن هن چيو "سپريم ڪورٽ مارشل لا سرڪار لاءِ ڪوبہ مدو مقرر نہ ڪيو هو!"

هوڏانهن، يحيٰ بختيار انٽرويوءَ ۾ اقرار ڪيو تہ "پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کان اها وڏي غلطي ٿي هئي جو ان ڊگهو وقت ايمرجنسي قائم رکي... ڀٽو صاحب منهنجي ان تنقيد تي ڪاوڙيو بہ هو... ۽ مرڪز ايمرجنسيءَ تحت صوبن ۾ مداخلت ڪري سگهندو هو." هن جو اشارو ١٩٧٤ع واري زماني ڏانهن هو. يحيٰ بختيار بي. بي. سيءَ جي انٽرويوءَ ۾ چيو "ممڪن آهي تہ بلوچستان جي حڪومت ختم ڪرڻ وارو ڀٽي صاحب جو فيصلو دانشمنديءَ وارو نہ هجي پر حڪومت وٽ اهڙو اختيار هو!"

روزاني برسات ڪراچي جي ٿورن سان

ڪاڇو پبليڪيشن جا ڇپيل ڪتاب

1.	ڏرتيءَ جا ٻار (شاعري) محمد علي ماجد	30 رپيا
2.	ٻتين واري ناني (بايو گرفيڪل ناوليٽ) اڪبر جسڪاڻي	50 رپيا
3.	رمون پيٽي (ڪهاڻيون) اڪبر جسڪاڻي	40 رپيا
4.	خيرو حجم (ڪهاڻيون) اڪبر جسڪاڻي	40 رپيا
5.	مٽيءَ جا رانديڪا (شاعري) ادل سومرو	30 رپيا
6.	سنڌ ۽ هند جون ٻاراڻيون ڪهاڻيون مرتب: محمد علي ماجد	30 رپيا
7.	جيجل منهنجي ماءُ (ڪهاڻيون) امر جليل	200 رپيا
8.	پڳل رانديڪو (ناول) انور ابڙو	60 رپيا
9.	اندرا (ڪهاڻيون) امر جليل	180 رپيا
10.	چنڊ وسامي ويو (ڪهاڻيون) امر جليل	150 رپيا
11.	ڌهنڌڙ ليڪا (ڪهاڻيون) رزاق مهر	100 رپيا
12.	آچر جا احوال (ڪهاڻيون) ادل سومرو	20 رپيا
13.	بندر بازاريون (سفر نامو) الطاف شيخ	150 رپيا
14.	ادب ۽ سياست (ڪهاڻيون / ڪالم) امر جليل	270 رپيا
15.	وايون وڻجارن جون (سفرنامو) الطاف شيخ	200 رپيا
16.	پنهنجي گهر ۾ اجنبي (ناول) قبول ابڙو	120 رپيا
17.	سرد لاش جو سفر (ڪهاڻيون) امر جليل	220 رپيا
18.	خواب خوشبو ڇوڪري (ناول) ماهتاب محبوب	190 رپيا
19.	لهندڙ سج جي لام (قصا، ڪٿائون) امر جليل	220 رپيا
20.	سنڌنامو (تاريخ جا نوان ۽ پراڻا ورق، اولڙا ۽ عڪس) امر جليل	220 رپيا
21.	گلڙن جهڙا ٻار (ڪهاڻيون) اڪبر جسڪاڻي	20 رپيا
22.	نئين دور جا نوان سبق (ٻارن لاءِ طنزيه سبق) ادل سومرو	40 رپيا
23.	ڏونگر سي ڏورينديون (خط)، سهيڙيندڙ: سيد ضيا / منير شاهه	220 رپيا
24.	چيني ۽ چريٽ جون ڪهاڻيون، امر جليل	200 رپيا
25.	آتم ڪٿا، امر جليل	350 رپيا
26.	فدا حسين ڦودني ڏٽي بخش ڏني ۽ ڦنڊڻ جا ڪالم، امر جليل	200 رپيا
27.	پيهي منجهه پاڻ، بدر ابڙو	200 رپيا
28.	امر جليل جي سنڌ، امر جليل	200 رپيا
29.	هيءَ منهنجي سنڌ ته ناهي امر جليل	340 رپيا
30.	سنڌ بقا، مان فنا آهيان، امر جليل	220 رپيا
31.	آتم ڪٿا آڌي پچائن ۾ ـ امرجليل	350 رپيا
32.	جمود – امر جليل	200 رپيا
33.	هي حسن.... ماهتاب محبوب	220 رپيا
34.	اڌ صديءَ جو اوجاڳو ـ انور ابڙو	250 رپيا
35.	منهنجي نصيب ۾ تون نه آهين – امر جليل	220 رپيا

بينظير صاحبہ کي سياسي صدمو

’مون کي اميد آهي تہ تنهنجو پٽ ضياءَ جي آجيان ڪونہ ڪندو!‘ مون پنهنجو اهو زباني پيغام سنڌ پيپلز پارٽي جي سربراهہ کي موڪليو. جنهن جو پٽ ڪائونسلر هو. ’... اوهان ڄاڻو ٿا تہ اها ڳالهہ پارٽي پاليسيءَ جي خلاف آهي. مهرباني ڪري اهو پيغام هين تائين پهچايو،‘ مون هڪڙو پيغام لاڙڪاڻي ۾ پيپلز پارٽي جي ڪائونسلر کي پڻ موڪليو. ’تون ۽ ٻيا وڃي اسپتال داخل ٿيو يا اوهين لاڙڪاڻي مان هليا وڃو ۽ ڪنهن جي بہ هٿ نہ چڙهو!‘ مون هن کي چيو ’... پر اوهين ضياءَسان ڪڏهن بہ ملاقات نہ ڪريو.‘ پوءِ مون جڏهن ٽيليويزن ڏٺو ۽ هنن مان ڪن کي ضياءَ سان ملندي ڏٺو تہ آئون ڪاوڙ ۾ بيوس ٿي ويس. لڳو ٿي تہ هنن هڪ گڏجاڻيءَ ۾ فيصلو ڪيو هو تہ پارٽي هنن سڀني جي خلاف ڪارروائي ڪري ڪين سگهندي مون کي تمام گهڻو صدمو پهتو. هڪ پيرو وري سياستدان پنهنجي ذاتي لالچ جي پورائي لاءِ پارٽيءَ جي اتحاد کي نقصان رسائي رهيا هئا!

بدر ابڙو

ISBN: 978-969-9544-26-2
Facebook.com/kachhopublication

پڙھندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏھاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏھاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙھندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنھنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏھاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آھي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو ھوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

ھر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙھندَڙ، ڪَڙھندڙ، ڪُڙھندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَھندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگھجي ٿو، پَر اسان اِنھن سيني وِچان ”پڙھندڙ“ نسل جا ڳولائو آھيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيُوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناھي ورھائڻ جي وسيلي پڙھندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجھڻ ۽ ھِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَھڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙھندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناھي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُھديدار يا پايو وِجھندڙ نہ آھي. جيڪڏھن ڪو بہ شخص اھڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُھو ڪُوڙو آھي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏھن ڪو اھڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُھو بِہ ڪُوڙو آھي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَڻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڙهيندڙن ۽ پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ، چالاڪي ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو ته ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)